ينابيع الحياة الابديه
في
طريق طلاب النقشبنديه

(جلد ٽيون)

تصنيف:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري

سنڌيڪار:

مولانا شعيب الرحمٰن کهڙو

محقق ۽ شارح

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

سنڌي ادبي بورڊ



سنڌي ادبي بورڊ

ينابيع الحياة الابديه

في

طريق طلاب النقشبنديه

(جلد ٽيون)

تصنيف

مولانا ابوالحسن ڏاهري

سنڌيڪار

مولانا شعيب الرحمٰن ڪهڙو

تحقيق ۽ نظرثاني

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2014ع

ڇاپو پهريون | اپريل 2014ع | تعداد 1000

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي ساليانيءَ ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 2005-06ع جي بجيٽ مان فراهم ڪيا ويا.

قيمت: پنج سؤ سٺ رپيا
(Price: Rs. 560-00)

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب ميشرز پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي مان الهڏتو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

ڇپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب "ينابيع الحياة الابديہ في طريق طلاب النقشبنديہ" ٻارهين صدي هجريءَ جي تصوف بابت ناياب ۽ هڪ ضخيم تصنيف آهي، جنهن جو مصنف سنڌ جو مانائتو عالم، مفڪر ۽ شاعر مخدوم ابوالحسن ڏاهريؒ آهي، جيڪو ٻارهين صدي هجريءَ جي نامور عالمن ۽ شاعرن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ، مخدوم محمد معين ٺٽويؒ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ ۽ نقشبندي سلسلي جي سرواڻ خواجه محمد زمان لواريءَ واري جو همعصر ٿي گذريو آهي.

هيءُ ڪتاب تصوف جي تدريجي ارتقا ۽ تاريخ تي ٻارهين صدي هجريءَ جي هڪ ناياب تصنيف آهي، جنهن کي سنڌ ۾ وڏي مقبوليت حاصل آهي. هيءُ ڪتاب مخدوم ابوالحسن ڏاهريؒ جو فارسي ۾ لکيل آهي، جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو محترم ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب پنهنجي نگرانيءَ ۾ مولانا شعيب الرحمٰن کهڙو صاحب کان ڪرائي تصوف سان دلچسپي رکندڙن وٽ هن ڪتاب کي متعارف ڪرايو.

هيءُ ڪتاب "ينابيع الحياة الابديہ في طريق طلاب النقشبنديہ" تصوف بابت 12هين صدي هجري ۽ 18هين صدي عيسوي جي هڪ ضخيم تصنيف آهي. جنهن کي بورڊ ٽن جلدن ۾ تقسيم ڪري پهريون جلد فيبروري 2012ع ۾ ۽ ٻيو جلد اپريل 2014ع ۾ سهڻي ۽ ديده زيب نموني سان شايع ڪيو ۽ هاڻي هيءُ هن ڪتاب جو ٽيون جلد آهي، جيڪو آئون پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ اداري طرفان شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. آئون سنڌي ادبي بورڊ جي مانائتي چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو نهايت ئي شڪر گذار آهيان، جنهن جي رهنمائيءَ هيٺ هن ڪتاب جي ضخيم ٽن جلدن جي اشاعت پايہء تڪميل تي پهتي آهي.

اميد آهي تہ اسان جي هِن ڪاوش کي تصوف جي پارکن ۽ پڙهندڙن وٽ ساراهيو ويندو.

15- جمادي الثاني 1435هه

16- اپريل 2014ع

الهڏتو وگهيو

سيڪريٽري

اپريل 2014ع

ٿلهڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www.sindhiadabiboard.org

فهرست

مهاڳ	- ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو	7
پيش لفظ		8
باب ڇهون:	طريقت جي شرطن ۽ سالڪن جي قدمن جي بيان ۾......................	10
فصل پهريون	علم شريعت مطهره محمديہ جي بيان ۾......................................	10
فصل ٻيو	مرشد جي ڳولا ۽ ان جي اهليت بابت ڄاڻ جي بيان ۾.........................	14
فصل ٽيون	مرشد جي صحبت جي ادبن جي بيان ۾.....................................	21
فصل چوٿون	ننڍي وڏي کي نصيحت ڪرڻ جي بيان ۾.....................................	25
فصل پنجون	حلال ڪمائيءَ جي طلب جي بيان ۾..	33
فصل ڇهون	عوام الناس جي توبہ جي بيان ۾..	43
فصل ستون	حقوق الله ۽ حقوق العباد بابت توبہ جي بيان ۾................................	61
فصل اٺون	ظلم ۽ ان جي حقيقت جي بيان ۾..	72
فصل نائون	خواص ۽ اخص الخاص جي توبہ جي بيان ۾..................................	80
فصل ڏهون	طريقت جي وڏن رڪنن مان هڪ اهم رڪن جي بيان ۾........................	83
فصل يارهون	عملن جي حسن اخلاص، ڏيکاءُ ۽ پاڻ پڏائڻ جي بيان ۾........................	86
فصل ٻارهون	حرص طمع ۽ سوال جي نقصان ۽ توڪل تفويض قناعت ۽صبر جي نفعن جي باري ۾..	98
فصل تيرهون	عيب جوئي ۽ طعنا هڻڻ جي خرابين جي بيان ۾............................	114
فصل چوڏهون	طريقت جي ٿنڀي يعني مرشد کان ورتل ذڪر تي هميشگي ڪرڻ جي بيان ۾	120
فصل پندرهون	هميشہ وضو سان رهڻ جي بيان ۾..	126
فصل سورهون	طريقت جي وڏن رڪنن مان هڪ اهم رڪن پنج ئي نمازون جماعت سان پڙهڻ ۽ ڪثرت نوافل جي بيان ۾..	130
فصل سترهون	هن بيان ۾ تہ طريقت ۾ روزي جا بي شمار فائدا ۽ مصلحتون آهن ۽ بک جا گهڻائي فائدا آهن..	158
فصل ارڙهون	بڇڙن جي صحبت ڇڏڻ ۽اجاين ڳالهين کان پرهيز جي بيان ۾.....................	165
فصل اڻويهون	هن بيان ۾ تہ جڏهن سالڪ کي جمع جي حصول ۽ تفرقہ جي زوال ۾	

	مشڪل اچي تہ ان لاءِ خلوة يعني اڪيلائپ اختيار ڪرڻ جائز آهي...............	177
فصل ويهون	رڪنن جي ترتيب ۽ يارنهن ڪلمن جو ذڪر جيڪي نقشبندين جي عرف ۾ مشهور آهن..	183
بابت ستون:	فقير راقم الحروم جي پير روشن ضمير مرشد جي ذڪر جي بيان ۾................	188
فصل پهريون	الله تعاليٰ جي ذاتي اسم جي تلقين جي بيان ۾..............................	188
فصل ٻيو	نفي ۽ اثبات جي بيان ۾ جيڪي دراصل ڪلمہ طيبہ جو حصو آهن ۽ الله تعاليٰ جي ستن صفتن جو بيان..	192
فصل ٽيون	انوار حاصل ٿيڻ جي بيان ۾..	198
باب اٺون:	ڪجھہ متضاد معاملن مثال طور ننڊ، جاڳ، دعا، ترڪ دعا، شادي، ڇڙائپ، صحبت ۽خلوة وغيره جي باري ۾..	201
فصل پهريون:	ننڊ ۽ جاڳ جي بيان ۾..	201
فصل ٻيو	دعا ۽ ترڪ دعا، قرآن مجيد جي تلاوت ۽ پاڪ سونهارن ﷺ جن تي درود پڙهڻ جي بيان ۾..	208
فصل ٽيون	شادي ۽ ڇڙائپ جي بيان ۾...	220
فصل چوٿون	صحبت ۽ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ جي بيان ۾..................................	227
فصل پنجون	مئل جيئرن جو آواز ٻڌن ٿا يا نہ ۽ قبرن جي زيارت جو بيان.....................	232
باب نائون:	سرود سماع ۽ ساز وڄائڻ جي بيان ۾.....................................	247
فصل پهريون	راڳ جي تعريف جي بيان ۾...	247
فصل ٻيو	عام بازاري راڳ جي بيان ۾...	255
فصل ٽيون	بانسري ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي ٻين سازن جي بيان ۾............................	263
فصل چوٿون	اهڙي ڳائڻ وڄائڻ جي بيان ۾ جيڪوڪراهيت ۽ حرمت ۾ نٿو اچي................	268
فصل پنجون	ڪن صوفين جو راڳ جي باري ۾ عجيب مسلڪ................................	277
فصل ڇهون	ڪن باطل مذهبن ۽ جاهل صوفين جي رد جي بيان ۾...........................	290
فصل ستون	شعر ۽ ان بابت حڪم جي بيان ۾...	298
خاتمہ	علم حديث جي اصولن جي بيان ۾...	311
ضميمو	ربع مسڪون (آباد دنيا) ۽ اهڙين شين جي بيان ۾ جيڪي انسان تہ نہ آهن پر صورت انسانن جهڙي اٿن..	320

مهاڳ

ينابيع الحياة جو پهريون ڀاڱو 2012ع ۾ شايع ٿيو. جيڪو اصل ڪتاب جي صرف هڪ باب تي مشتمل هو. جنهن ۾ ڪل چوويهہ فصل هئا. سمورو ڪتاب ڪل نون بابن تي مشتمل آهي، ٻئي جلد ۾ باب ٻئي کان باب پنجين تائين ڪل چار باب آهن ۽ انهن چئن بابن ۾ فصلن جو ڪل تعداد ستيتاليهہ آهي. اهڙيءَ طرح ٽئين ۽ آخري جلد ۾ پڻ چار باب ، ڇهين کان نائين تائين آهن. موجوده ڪتاب ٽئين جلد تي مشتمل آهي جنهن ۾ فصلن جو ڪل تعداد پنجٽيهہ آهي. سنڌي ۾ ترجمي جو ابتدائي ڪم مولانا شعيب الرحمان کهڙي جو ڪيل آهي، ليڪن ان تي نظرثاني، سوڌ سنوار ۽ آخري صورت راقم طرفان آهي.

پهرين جلد جي اشاعت وقت ڪتاب جي مصنف مولانا ابوالحسن ڏاهري (وفات: 1181هہ/1767ع) جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندس علمي ڪارنامن تي روشني وڌي وئي آهي. ان ڪانسواءِ سنڌ جي برک عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مولانا ابوالحسن ڏاهري جي سوانح بابت مقالو بہ شامل ڪيو ويو هو.

ينابيع الحياة جو پهريون جلد ڊبل ڪرائون سائيز جي 307 صفحن تي مشتمل هو ۽ هينئر هي ٽيون جلد 326 صفحن تي شامل آهي. ٻيو جلد جنهن جو ڪم پڻ آخري مرحلن ۾ آهي، اندازاً 400 صفحن تي ڦهليل آهي، ان لحاظ کان ڏسجي تہ سنڌ ۾ تصوف جي موضوع تي هيءَ وڏي ۾ وڏي تصنيف آهي جنهن جي هن مهل تائين خبر پئجي سگهي آهي.

درحقيقت 'ينابيع الحياة الابدية في طريق طلاب النقشبندية' يعني 'ابدي حياتيءَ جا سرچشما نقشبندي طريقي جي طالبن لاءِ' تصوف ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن بابت هڪ معجم يا انسائيڪلوپيڊيا جي حيثيت رکي ٿو ان لحاظ کان سهوليت خاطر تہ جيئن عام پڙهندڙن تائين مصنف جو مقصد ڪتاب جي عنوان مان ظاهر ٿئي، ڪتاب جو نالو 'تصوف ۽ ان جي حقيقت' رکيو ويو آهي، تاهم اصل نالو پنهنجي جاءِ تي برقرار رهندو.

هن جلد جي اشاعت ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي انتظاميہ ۽ سيڪريٽري بورڊ جناب الهڏتو وگهيو خاص دلچسپي ورتي ٿوري عرصي ۾ ان کي پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو جنهن لاءِ آءٌ سندن شڪرگذار آهيان.

ڪراچي **عبدالغفار سومرو**

2- نومبر 2012ع

پيش لفظ

ينابيع الحياة سنڌ جي عالم صوفي مولانا ابوالحسن ڏاهري جو نهايت شاندار علمي ڪارنامو آهي، جيڪو ڪيس سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ ۾ منفرد علمي مقام عطا ڪري ٿو. هن ڪتاب جي خصوصي اهميت ان ڪري بہ آهي جو اهو ٻارهين صديءَ جي وچ ڌاري يعني 1156ھ ۾ مڪمل ٿيو. ياد رهي تہ ان لحاظ ڪان ابوالحسن ڏاهري شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو همعصر هو يعني ٻنهي جو ساڳيو زمانو آهي. شاھ عبداللطيف 1165هجريءَ ۾ وفات ڪئي تہ ابوالحسن سورهن سال پوءِ 1181هجريءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو.

جيئن ابوالحسن جي سوانح مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن ابتدائي تعليم سنڌ جي شهر هالاڻيءَ ۾ حاصل ڪئي، ليڪن ان ڪان پوءِ ڪافي عرصو سنڌ ڪان ٻاهر ڪاٺياواڙ، احمد آباد ۽ سورت جي طرف گذاريائين ۽ اتي ئي نقشبندي سلسلي سان وابستہ رهيو. پنهنجي ٻن استادن ۽ مرشد جا نالا هن ڪتاب ۾ ڏنا اٿس.

ينابيع الحياة سندس ابتدائي تصنيف آهي جنهن ۾ هن پنهنجي عالمانہ ۽ فاضلانہ صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ڪيو آهي سڀ ڪان پهرين هن ڪتاب ۾ سندس وسيع مطالعي جي خبر پوي ٿي جو ان ۾ سوين ڪتابن جا حوالا موجود آهن، ٻي ڳالهہ تہ سنڌ هند ۾ ان وقت تصوف ڪهڙي حالت ۾ هو يا تصوف وارن ڪي ڪهڙا مسئلا درپيش هئا، ۽ عام ماڻهن وٽ تصوف جو ڪهڙو تصور هو، ان بابت علمي ڇنڊڇاڻ ٿيل آهي.

اسان جو اندازو آهي تہ مصنف پنهنجو هي ڪتاب امام غزاليءَ جي شاهڪار تصنيف 'احياءُ علوم الدين' ڪان متاثر ٿي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ائين ڪرڻ لاءِ وٽس هڪ ڪان وڌيڪ سبب هئا. احياءُ علوم الدين پنجين صديءَ جي آخري حصي ۾ تصنيف ٿيل ضخيم ڪتاب آهي جنهن ۾ شريعت ۽ طريقت، اخلاق ۽ تصوف، فلسفہ ۽ مذهب جي بنيادي مسئلن بابت علمي مگر دلنشين انداز ۾ سمجهاڻي ڏنل آهي. ڇهين صدي ڪان ٻارهين صدي هجري يعني ابوالحسن ڏاهري جي زماني تائين وچ واري عرصي ۾ خاص طور سنڌ هند ۾ تصوف جي حوالي سان تمام وڏين شخصيتن جنم ورتو ۽ انهن جي اثرات دنيا جي هن حصي ۾ تصوف ڪي هڪ جدا ۽ مستقل روايت جو حامل بنائي ڇڏيو. اهو پس منظر هو جنهن ۾ ابوالحسن هن تصنيف جو آغاز ڪيو ۽ بنيادي طور هڪ عالم ۽ صوفي جي حيثيت ۾ اهو لازمي ڄاتو تہ قرآن ۽ حديث ۽ ان ڪان پوءِ اسلامي تصوف جي مڃيل هستين جي حوالي سان تصوف ۽ ان سان لاڳاپيل سمورن مسئلن تي نئين سر روشني وجهي، اهوئي سبب آهي جو هي ڪتاب عالمانہ تحرير جو انداز رکي ٿو. جنهن ۾ عقائد ۽ ڪلام، فلسفي ۽ حڪمت جو بحث بہ آهي تہ خالص قرآن، تفسير، حديث ۽ فقہ جي روشنيءَ ۾ پڻ انهن مسئلن جو جائزو ورتل آهي، ان لحاظ ڪان ڏسجي ٿو تہ سنڌ هند جي تصوف جي تاريخ ۾ پڻ هن ڪتاب جو خاص مقام آهي.

قرآن ۽ حديث ڪان علاوه ابوالحسن تصوف جي جن مڃيل عظيم مفڪرن ڪي سند طور آڻي ٿو، اهي چار هستيون آهن. ڪشف المحجوب جو مصنف علي هجويري، مثنوي روميءَ جو مولانا جلال الدين رومي، گلشن راز جو مصنف محمود شبستري ۽ لوائح جو مصنف مولانا عبدالرحمان جامي، ليڪن انهن سڀني مان وڌيڪ مولانا روميءَ جي مثنوي ڪي حوالي طور آڻي ٿو ۽ ان مان بار بار ڪيترا اشعار سمجهاڻي خاطر ڏئي ٿو. هتان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻارهين صديءَ تائين سنڌ هند جي علائقي ۾ مولانا روميءَ تصوف جو عظيم فڪري رهنما تسليم ٿي

چڪو هو جنهن جو اظهار شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري ۾ پڻ ملي ٿو جو هن پڻ روميءَ جو هڪ ڪان وڏيڪ پيرا نالو ڪٺي سندس عظمت جو اعتراف ڪيو آهي، جيئن سُر ڪلياڻ جو هڪ بيت آهي:

طالب قصر، سونهن سر، ايءَ روميءَ جي رهاڻ،

پهرين وڃائڻ پاڻ، پسڻ پوءِ پرين کي.

ڏنو وڃي ته ٽئين ۽ هن آخري جلد جي ڇٺن بابن ۾ تصوف ۽ ان سان لاڳاپيل ڪيترن مسئلن بابت نهايت تفصيلي روشني وڌي وئي آهي. باب ڇهين جا اهم موضوع شريعت جي بنيادي اهميت، طريقت ۾ مرشد جي اهليت ۽ ڪردار، تصوف جو سفر شروع ڪندڙ طالب لاءِ توبهه جي خصوصي اهميت، اهڙيءَ طرح عبادتن نماز ۽ روزي جي باري ۾ پڻ وڏو بحث ٿيل آهي. نقشبندي سلسلي جي امتيازي وصفن ۽ اصطلاحن ۽ ذڪر اذڪار جي فضيلت واضح ڪئي وئي آهي.

باب ستين ۾ مصنف پنهنجي مرشد ڪان ورتل ذڪر اذڪارجي ٻين طريقن، نفي ۽ اثبات جي مرحلن ۽ ان جي نتيجي ۾ سالڪ کي جيڪي انوار حاصل ٿين ٿا، انهن جو تفصيلي بيان ملي ٿو.

باب اٺين ۾ متضاد معاملن جهڙوڪ ننڊ ۽ جاڳ، شادي ۽ ڇڙائپ، صحبت ۽ اڪيلائپ وغيره جهڙن عام تصورات جي تصوف جي نقطئہ نظر ڪان ڇنڊڇاڻ ٿيل آهي جيڪو پنهنجي جڳهه تي دلچسپ بحث آهي.

باب نائين ۾ سماع ۽ راڳ جهڙي متنازع مسئلي تي وڏو بحث ملي ٿو، جيڪو نهايت اهم آهي، حقيقت تي مبني هجڻ ڪان سواءِ صوفين جي نقطئہ نظر کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڪري ٿو. باب نائين جي ٺئي هڪ فصل ۾ شعر و شاعري جي اصولن جي سمجهاڻي ۽ ان سان گڏ شاعري ۾ تصوف جي اصطلاحن جي وضاحت پڻ ملي ٿي.

آخر ۾ اهو چوڻ ضروري آهي ته مصنف جو انداز نهايت عالمانه ۽ فاضلانه آهي، هو پهريائين قرآن ۽ حديث ڪان رهنمائي وٺي ٿو ۽ ان ڪان پوءِ تصوف جي تاريخي ۽ تدريجي ارتقا کي مدِنظر رکي بحث ڪري ٿو ۽ پوءِ پنهنجي راءِ قائم ڪري ٿو يا ان ڪان واقف ڪري ٿو.

مطلب ته هي ڪتاب سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ ۽ تدريجي ارتقا ۾ سمجهڻ لاءِ هڪ اهم دستاويز جي حيثيت رکي ٿو ۽ جڏهن به اها تاريخ لکي ويندي ته ان ۾ هن ڪتاب جو ذڪر لازمي ايندو.

باب ڇهون

طريقت جي شرطن ۽ سالڪن جي قدمن جي بيان ۾ جنهن مان مراد مقامات آهن ۽ طريقت جا ارڪان جيڪي حقيقت جا شرط آهن.

هن باب ۾ ويهه فصل آهن.

فصل پهريون

علم شريعت مطهره محمديه جي سکڻ جي بيان ۾ جيڪو طريقت جي شرطن مان پهريون شرط آهي.

ڄاڻ ته جنهن به علم شريعت جي ڄاڻ کان سواءِ طريقت جي رستي تي پير رکيو آهي، سو گمراهي جي کُن ۾ پيو آهي، ۽ تمام گهڻ ائين ٿيو آهي جو شرعي علم کان سواءِ هن رستي ۾ شيطان جي ڄار ۾ نه ڦاٿو هجي. جيئن باب اول جي اٺويهين فصل ۾ گذري آيو آهي ته ڪيترائي ماڻهو حلول، اتحاد، شبيهه ۽ تجسيم جي مصيبتن ۾ ڦاٿا آهن، ان ڪري جو ڪتاب، سنت ۽ اجماع امت جي ڄاڻ ڪانسواءِ سلوڪ اختيار ڪيائون، بس گمراهه ٿيا.

ڄاڻ ته طريقت مان مراد اهل سنت والجماعت جي سلوڪ جي ڪتابن مان محمد ﷺ وارو طريقو آهي، جو صراط مستقيم (سڌو رستو) آهي. "اَللّٰهُمَّ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ. (اي الله سائين! اسان کي سڌو رستو ڏيکار.) پوءِ رسول الله ﷺ جن سڌو ليڪو ڪڍيو ۽ ان جي ساڄي پاسي ۽ کاٻي پاسي ٻاهر ليڪا ڪڍيائون ۽ فرمايائون:

وَاَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا فَاتَّبِعُوْهُ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِيْلِهٖ (سورة الانعام : آيت 153)

ترجمو: ۽ هي تہ اهوئي منهنجو سڌو طريقو آهي، پوءِ ان جي پيروي ڪريو ۽ (ٻيا) طريقا اختيار نہ ڪريو، نہ تہ اهي توهان کي الله جي طريقي کان هٽائي ڇڏيندا“

اهڙيءَ طرح تفسير مدارڪ ۾ آهي تہ ان کان پوءِ فرمايائون:

سَتَفْتَرِقُ اُمَّتِيْ عَلٰى ثَلَاثٍ وَسَبْعِيْنَ مِلَّةً كُلُّهُمْ فِي النَّارِ اِلَّا مِلَّةً وَاحِدَةً قَالُوْا وَمَنْ هِيَ يَا رَسُوْلَ اللهِ؟ قَالَ مَا اَنَا عَلَيْهِ وَاَصْحَابِيْ

ترجمو: منهنجي امت ٽيهتر فرقن ۾ ورهائجي ويندي، سڀ جهنمي آهن، مگر هڪ ٽولو نجات وارو آهي ۽ اهو ٽولو آهي جيڪو محمدي رستي تي هليو.

محمدي رستي تي هلڻ وارن جو مقصود جهنم جي باهہ کان ڇوٽڪارو آهي ۽ مقربن جي مقام کي رسڻ آهي ۽ ان رستي تي ان جي علم سکڻ کان سواءِ هلڻ ممڪن نہ آهي. ڄاڻڻ گهرجي تہ اهل طريقت وٽ مڪاشفات ۽ مشاهدات کي مقصود سمجهڻ بت پرستيءَ کان گهٽ نہ آهي. مڪاشفات ۽ مشاهدات تي مغرور نہ ٿيءُ ڇو تہ اهي شيطان ۽ دجال کي بہ حاصل هوندا آهن. اها شيءِ اختيار ڪر، جيڪا جهنم جي عذاب کان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ اها طريقت محمدي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي. ان رستي تي هلڻ موقوف آهي علم محمدي تي. علم محمدي مان مراد آهي ڪتاب، سنت ۽ اجماع جو علم. ڪيترائي ماڻهو ڪرامتن ۽ ڪشفن جا شيدائي آهن ۽ نہ ٿا ڄاڻن تہ آخرت ۾ ڪهڙي شيءِ ڪم ايندي.

ڄاڻ تہ آخرت ۾ ڪا بہ شيءِ ڪم نہ ايندي، مگر اها شيءِ، جنهن ۾ الله جَلَّ جَلَالُهُ ۽ الله جي رسول الله ﷺ جي رضا هجي. اها آهي الله جي رسول الله ﷺ جي پيروي، جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللهُ(سورة البقره آيت: 31)

ترجمو: چؤ جيڪڏهن توهان الله سان محبت رکو ٿا تہ پوءِ منهنجي پيروي ڪريو، الله توهان سان محبت رکندو.

ان آيت جو شرح متي گذري چڪو آهي ۽ الله جَلَّ جَلَالُهُ جي پيرويءَ مان مراد آهي صراط مستقيم (يعني سڌو رستو)، جنهن تي نجات وارو ٽولو هلندو. پاڻ سونهارن ﷺ باقي فرقن کي جهنمي چيو آهي ”کلهم في النار الا ملة واحدة.“ جدا فصل ۾ ذڪر ڪيو ويو تہ نبي سائين ﷺ جن جي امت جي ٽيهتر فرقن مان نجات وارو ٽولو هڪ ٽولو آهي. باقي ٻاهتر ٽولا هن امت مان جهنمي آهن.

بيت

رهي ديدم بہ هفتاد وسه هنجار

يکي زان گل شده باقي همه خار

ترجمو: ”هڪڙي واٽ تي ٽيهتر رستا يعني شاخون ڏٺم. جن مان گل رڳو هڪڙو ٿيو ۽ باقي سڀ ڪنڊا ٿيا.“

تنهن ڪري نجات ان رستي تي هلڻ تي موقوف آهي. ان جي علم تي، ۽ جيڪي دعويٰ ڪندا آهن تہ اسان رسمي علمن کان بي پرواهہ آهيون، اسان جو مدار ڪشفن ۽ الهامن تي آهي، جيڪو لدني علم آهي. اها

ڳالھ باطل آهي بالاجماع. چو تہ علم لدني، جيڪو ڪشفن ۽ الهامن سان حاصل ٿيندو آهي، سو بہ قسم آهي. هڪ "من لدن الرحمٰن" ٻيو "من لدن الشيطٰن" تنهن ڪري اهل سنت والجماعت جي مشائخ صوفين، فقيهن، محدثن ۽ متڪلمن جو هن ڳالھ تي اتفاق آهي تہ ڪشفن ۽ الهامن کي ڪتاب الله، سنت رسول الله ﷺ ۽ اجماع امت آڏو پيش ڪبو. جيڪڏهن انهن جي مطابق نڪتو تہ معلوم ٿيو "من لدن الرحمٰن" (رحمٰن وٽان) [3] آهي، نہ تہ "من لدن الشيطان" (شيطان وٽان) آهي، ۽ تلبيس ابليس لعين آهي. اهو سچو پوري تحقيق ۽ تفصيل سان پنهنجي جاءِ تي ذڪر ڪيو ويندو تہ شريعت ۽ طريقت ۾ فرق آهي. بلڪل بي بنياد ۽ غلط ڳالھ آهي. جيڪي چون ٿا تہ طريقت جدا آهي ۽ شريعت جدا آهي، اسان کي شريعت جي ضرورت نہ آهي، اسان رڳو طريقت جي طلب رکون ٿا، اسين جدا فصل ۾ قطعي نصن سان، ان جو باطل هجڻ ثابت ڪنداسين ۽ جدا فصل ۾ ذڪر ڪنداسين تہ محمد ﷺ جي تابعداري کان سواءِ ڪو بہ قول، فعل، عمل ۽ عقيدو قيامت جي ڏينهن نفعو نہ ڏيندو، بلڪ سخت عذاب ٿيندو. نبوي نص ان باب ۾ آيل آهن، جيئن ذڪر ڪيل آهي.

بيت

مزن بي رضاے محمد نفس
زهي رستگاري همين است بس

ترجمو: "پنهنجو هڪ دم (ساھ) بہ حضرت محمد ﷺ جي رضا کان سواءِ نہ کڻ، چو جو اهو ئي ڇوٽڪارو آهي جيڪو اسان لاءِ ڪافي آهي."

تنهن ڪري ڪشف ۽ الهامن کي حاصل ڪرڻ موقوف آهي، علم محمدي ﷺ جي پڙهڻ تي، "ڪما لايخفيٰ" جيئن مخفي نہ آهي. ان فصل ۾ هي بہ ذڪر ٿيل آهي تہ علم دين اسلام جو شرط آهي. طريقت ۾ علم کان سواءِ الله تعاليٰ کي نہ ٿو سڃاڻي سگهجي. پهرين شيءِ جيڪا سالڪ ۽ هر مڪلف تي فرض آهي، سا عقيدي کي صحيح ڪرڻ آهي، جيئن حديث شريف ۾ آهي:

طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيْضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ

ترجمو: علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان مرد تي فرض آهي.

شارحن هن حديث جي باري ۾ چيو آهي: "پهريون علم، جنهن جي طلب هر مسلمان تي فرض آهي، سو علم عقائد آهي." طريقت جي مشائخن چيو آهي تہ: "سلوڪ جي سالڪن لاءِ پابندي ٻن شين جي آهي هڪ عقيدي جي فساد کان ٻيو شهوات ۾ گم ٿيڻ کان." ٻئي باب جي فصل ٻارهين ۾ گذري آيو آهي تہ عمل، علم کان سواءِ جائز نہ آهي. ان فصل ۾ سچو تفصيل گذري چڪو آهي. دافع الملحدين، ۾ چيل آهي تہ حديث ۾ آهي: "من تزهد بغير علم مات كافرا او جن فى آخر عمره" قال امام المسلمين مالك بن انس رضي الله عنه: "من تصوف بغير فقه فقد تزندق ومن تفقه بلا تصوف فقد تفسق ومن تفقه ثم تصوف فقد تحقق."

ترجمو: "جنهن شخص بغير علم جي زهد اختيار ڪيو، اهو ڪافر ٿي مرندو يا پنهنجي آخري عمر ۾ پاڳل ٿيندو." امام المسلمين مالڪ بن انس رضي الله عنه فرمائي ٿو: "جنهن فقه کان سواءِ تصوف حاصل ڪيو اهو زنديق ٿي ويندو، ۽ جنهن تصوف کان سواءِ فقه حاصل ڪيو، سو فاسق ۽ فاجر ٿيندو، پر جنهن پهريائين فقه (جو علم) حاصل ڪيو، پوءِ تصوف حاصل ڪيائين اهو محقق ٿيندو.

اهي سمورين ڳالهيون ڪيترائي ڀيرا ذڪر ٿيل آهن. مجمع البحار جي پڇاڙي ۾ مقاصد شرح بخاري کان آندو اٿس ته حديث:

ما اتخذ الله ولياً جاهلا ولو اتخذه ولياً لعلمه

ترجمو: "الله تعاليٰ ڪنهن به جاهل کي ولي نه بڻائيندو آهي، جيڪڏهن ان کي ولي بڻائي ها ته جيڪر ان کي علم سيکاري ها."

منهنجي مرشد وٽ اها حديث (صحيح) ثابت نه آهي، ليڪن ان جي معنيٰ صحيح آهي. معنيٰ ان جي هيءَ آهي ته جڏهن **الله** تعاليٰ چاهيندو آهي ته جاهل کي پنهنجو دوست ۽ محبوب بڻائي ته پهريان ان کي علم دين جو عطا ڪندو آهي. ان کان پوءِ ان کي پنهنجو دوست بڻائيندو آهي. پورو مطلب ان جو دافع الملحدين ۾ قطب الاقطاب شيخ شهاب الدين سهروردي جي وصيت ۾ آهي:

يا بنى ارجع الى القرآن فى جميع الاحكام فأن القرآن حجة الله على الخلائق ولا تعدله عن العلم خطوة وتعلم الفقه ولا تكن من جهال الصوفية وعوامهم وقراءِ الاسواق فانهم لصوص الدين وقطاع الطريق على المسلمين.

ترجمو: "اي پٽڙا! سيني علمن ۾ قرآن ڏانهن رجوع رک، ڇاڪاڻ ته قرآن مخلوق تي **الله** جل جلاله جي حجت آهي ۽ هڪ قدم به ان کان ٻاهر نه رک ۽ فقه جو علم حاصل ڪر، جاهل ۽ عام صوفين ۽ بازاري قارين مان نه ٿيءُ ڇو جو بيشڪ اهي دين جا چور ۽ مسلمانن لاءِ ڌاڙيل آهن."

اهو ئي سبب آهي جو وڏا مشائخ صوفي پنهنجن مريدن کي جاهل صوفين جي صحبت کان منع ڪندا آهن، انهن جي هجو ۽ مذمت ڪندا آهن، انهن کي شيطان جي جماعت چوندا آهن. اهو سڀ ڪجهه انهن جي وصيتن ۽ رسالن ۾ لکيل آهي، ان جاءِ تي ڏسڻ گهرجي. اهي مشائخ جيڪي پنهنجن مريدن کي جاهل صوفين جي صحبت کان منع ڪندا آهن، [4] اهي شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني قدس سره شيخ جنيد بغدادي شيخ ابي سعيد خراز ۽ شيخ نوري ۽ سهل بن عبد**الله** تستري وغيرهم قدس **الله** اسرارهم آهن. سالڪن جي علمن مان هڪ علم ترتيب مقامات سلوڪ آهي. جنهن موجب شروعات ۽ انتها جو ڄاڻڻ ضروري آهي. ڇو ته صحيح شروعات ڪانسواءِ انتها تي نه پهچي سگهبو. قوة القلوب ۾ چيو اٿس:

انما حرموا عن النهاية لعدم تصحيح البداية.

ترجمو: "انهن کي نهايت تي پهچڻ کان هن ڪري منع ڪئي اٿن، جو انهن جي شروعات ئي صحيح ڪونه هئي."
والله اعلم بالصواب.

فصل ٻيو

مرشد جي ڳولا ۽ ان جي اهليت بابت ڄاڻ جي بيان ۾

اها ڳالهه طريقت جي شرطن مان ٻيو شرط آهي ۽ بزرگن جي اصطلاح ۾ مرشد ڪنهن کي چوندا آهن؟ اهو بيان جدا فصل ۾ گذريو. هاڻي سمجهه ته مريد تي لازم آهي ته جڏهن مرشد وٺي ته پهريائين ان جي اهليت جي جاچ ڪري ته رهنمائي ڪرڻ ۽ شيخ ٿيڻ جي اهليت حقيقت ۾ اٿس يا نگ آهي؟

باب اول جي فصل يارهين ۾ هن زماني جي مرشدن ۽ مريدن جي مذمت گذري، جيڪي پيري مريدي جي رسم عزت ۽ مال حاصل ڪرڻ لاءِ ڪن ٿا. جو گهڻو ڪري هن زماني جي پيرن ۾ اهليت نه آهي.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَاِنۡ تُطِعۡ اَكۡثَرَ مَنۡ فِي الۡاَرۡضِ يُضِلُّوۡكَ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ اِنۡ يَّتَّبِعُوۡنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنۡ هُمۡ اِلَّا يَخۡرُصُوۡنَ (الانعام آيت: 116)

ترجمو: "۽ جيڪڏهن تون زمين وارن (ماڻهن) مان گهڻن (يعني ڪافرن) جو چيو مڃيندين ته توکي الله جي واٽ کان ڀلائيندا. اهي رڳو گمان تي هلندڙ آهن. ۽ اهي رڳو ڏڪا هڻندا آهن."

هن باب ۾ حديثون ڪافي آيل آهن. انهن مان هڪ حديث مسلم شريف جي آهي:

عَنۡ اَبِيۡ هُرَيۡرَةَ يَقُوۡلُ قَالَ رَسُوۡلُ اللّٰهِ ﷺ يَكُوۡنُ فِيۡ اٰخِرِ الزَّمَانِ دَجَّالُوۡنَ كَذَّابُوۡنَ يَاۡتُوۡنَكُمۡ مِنَ الۡاَحَادِيۡثِ بِمَا لَمۡ تَسۡمَعُوۡا اَنۡتُمۡ وَلَا اٰبَاؤُكُمۡ فَاِيَّاكُمۡ وَاِيَّاهُمۡ لَا يُضِلُّوۡنَكُمۡ وَلَا يَفۡتِنُوۡنَكُمۡ

ترجمو: حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: "آخري زماني ۾ دجال ڪوڙا پيدا ٿيندا. اوهان کي اهڙيون حديثون ٻڌائيندا، جيڪي اڳ نه اوهان ٻڌيون هونديون نه اوهان جي ابن ڏاڏن. پوءِ پاڻ کي انهن کان بچايو ته اوهان کي گمراهه نه ڪن ۽ فتني ۾ نه وجهن."

قوله دجالون الخ "اي جماعة يقولون نحن علماء ومشائخ ندعوكم الي الدين وهم كذابون كذا في مجمع البحار في مادة دجل"

ترجمو: "دجالن" جو مطلب آهي ته هڪڙي جماعت وارا چوندا ته اسان عالم ۽ مشائخ آهيون، توهان کي دين ڏي سڏيون ٿا، حالانڪ اهي ڪوڙا هوندا. اهڙيءَ طرح مجمع البحار ۾ ماده "دجل" ۾ آهي

اهڙين حديثن مان مسلم شريف جي ٻي حديث آهي:

عَنۡ حُذَيۡفَةَ رضي الله عنه قَالَ قَالَ رَسُوۡلُ اللّٰهِ ﷺ سَيَكُوۡنُ بَعۡدِيۡ اَئِمَّةٌ لَا يَهۡتَدُوۡنَ بِهُدَايَ وَلَا يَسۡتَنُّوۡنَ بِسُنَّتِيۡ وَسَيَقُوۡمُ فِيۡهِمۡ رِجَالٌ قُلُوۡبُهُمۡ قُلُوۡبُ الشَّيَاطِيۡنِ فِيۡ جُثۡمَانِ اِنۡسٍ (الحديث)

ترجمو: "حذيفه رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "مون کان پوءِ اهڙا اڳواڻ پيدا ٿيندا جيڪي هدايت نہ ڪندا مون واري هدايت موجب ۽ نہ هلندا منهنجي سنت تي انهن ۾ دجال پيدا ٿيندا جن جون شيطانن واريون دليون هونديون ۽ جسم انهن جا انسانن وارا هوندا." جثمان جيم ڪي پيش ان ڪان پوءِ ثاءِ معنيٰ الجسم.

انهن حديثن مان مسلم شريف جي هيءَ حديث بہ آهي:

عَنْ عَيَاضِ بْنِ صِمَارِ الْمَجَاشِعِيِّ وَهُوَ حَدِيْثٌ طَوِيْلٌ وَفِيْ اِثْنَائِهٖ وَاِنَّهُمْ اَتَتْهُمُ الشَّيَاطِيْنُ فَاجْتَالَتْهُمْ عَنْ دِيْنِهِمْ

ترجمو: عياض بن صمار المجاشعي رضي الله عنه کان ڊگهي روايت نقل ٿيل آهي، ان جي وچ ۾ آهي: "تحقيق ايندا انهن وٽ شيطان جيڪي ڦيڙيندا انهن کي دين کان."

هن باب ۾ ڪيترين ئي حديثون آهن. مطلب ڳالهہ جو تہ شيطان جا بہ قسم آهن. هڪ شيطان جنّ، ٻيو شيطان انسان. جيئن الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي:

شَيٰطِيْنَ الْاِنْسِ وَالْجِنِّ يُوْحِيْ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ (الانعام آيت: 112)

ترجمو: "(اهڙيءَ طرح اسان هر نبيءَ لاءِ بنايا دشمن) شيطان انسانن مان ۽ جنن مان، ٻڌائن ٿا بعضي بعض کي."

هر اهو شخص، جيڪو ماڻهن کي محمدي رستي کان ڦيري، سو شيطان آهي، انسان هجي يا جن. نبي سائين ﷺ جي حديثن مبارڪن مان ائين سمجهہ ۾ اچي ٿو، جيڪو مٿي گذري چڪو آهي تہ شيطان نبين جي شڪل نٿو وٺي سگهي. باقي نيڪ ماڻهن جي صورت ۾ اچي نبين تي ڪوڙ هڻي ۽ ماڻهن کي گمراهہ ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري مريد کي گهرجي تہ مرشد جي اهليت پرکيان ڪتاب الله، سنت ۽ اجماع جي مطابق جاچي، ان کان پوءِ ان جو مريد ٿئي نہ تہ دين جي رستي کان ڀٽڪي ويندو. جيئن ابن سيرين فرمايو آهي:

اِنَّ هٰذَا الْعِلْمَ دِيْنٌ فَانْظُرُوْا عَمَّنْ تَأْخُذُوْنَ دِيْنَكُمْ

ترجمو: "هي علم دين آهي، پوءِ جاچي ڏسو تہ اوهين ڪنهن کان دين سکو ٿا."

جيڪڏهن **ڪو** چوي تہ مبتدي (سيکڙاٽ طالب) منتهيٰ جو امتحان ڪيئن وٺي سگهي ٿو؟ ان جو جواب هي آهي تہ امتحان مان مراد ظاهري افعال ۽ احوال آهن ۽ وري جيتري ڄاڻ اٿس. باقي ظاهري ۽ باطني ۾ استخارو ڪري جيڪو سنت آهي. پوءِ جيڪو ان کي اشارو ملي، مرشد هجڻ جي اهليت نہ هوندس تہ الله تعاليٰ ان کي ان کان بچائيندو.[5] الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا (العنكبوت آيت: 69)

ترجمو: "۽ جن اسان جي واٽ ۾ ڪوشش ڪئي تن کي ضرور پنهنجون واٽون ڏيکاريندا سون."

اهو وعدو الله تعاليٰ جو آهي:

اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ (آل عمران آيت: 9)

ترجمو: "بيشڪ الله (پنهنجي) انجام کي نہ ڦيرائيندو آهي."

۽ قوة القلوب ۾ چيو اٿائين تہ مرشد کي مريدن جا احوال ۽ عقائد معلوم ڪرڻ گهرجن ۽ راسخ عالمن

وٽ مريد کي پڻ مرشد جا حالات معلوم ڪرڻ گهرجن ۽ تحقيق ڪرڻ گهرجي ته جيڪڏهن ڪنهن کي مرشد صادق جي طلب هوندي ته اهو ضرور ان ۾ ڪامياب ويندو.
هڪ بزرگ چيو آهي ته:

گر دولت دردين ترا دست دهد
تا باز ارادت و طلب برتو جهد
آن موئي ڪشان ترا بر تو شيخ برد
يا او بدولت رخ بسوئي تو نهد

جڏهن طالب صادق الله تعاليٰ جي حڪم سان مرشد جي ڳولا ۾ مضطرب هوندو آهي ۽ خالص نيت سان جستجو ڪندو آهي ته مرشد کي الله تعاليٰ جي حڪم سان مريد جي طلب پيدا ٿيندي آهي. تنهنڪري چيو اٿائون ته مريد جي طلب مرشد جي طلب جو فرع آهي. مرشد جي طلب اصل ۽ جاذب آهي ۽ مريد جي طلب ان جاذبيت (ڪشش) جو اثر آهي ۽ مثنويءَ جو ڪلام ان ڳالهه تي گواهه آهي.

شعر

بيدلان را دلبران جسته بجان
جمله معشوقان شڪار عاشقان
تشنه گر آب جويد درجهان
آب هم جويد بعالم تشنگان

مَنْ طَلَبَ شَيْئًا وَجَدَّ وَجَدَ وَمَنْ قَرَعَ بَابًا وَلَجَّ وَلَجَ

ترجمو: ”جنهن ماڻهو ڪنهن شيءِ جي طلب ڪئي ۽ ڪوشش ڪئي ته اُهو اُها شيءِ حاصل ڪندو. جنهن ماڻهوءَ دروازو کڙڪايو ۽ کڙڪائيندو رهيو ته نيٺ اهو اندر داخل ٿيندو“

چاڻ ته جماعت اهل سنت والجماعت جو عقيدو آهي ته قيامت تائين اولياء الله ايندا رهندا ۽ هاڻي به هر ملڪ ۾ موجود آهن. معتزله ۽ حشويه ولين جي وجود جو انڪار ڪن ٿا. اهو سڄو بحث پنهنجي جاءِ تي ايندو. اهل سنت والجماعت ان عقيدي کي قرآن ۽ سنت مان ثابت ڪيو آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ (الرعد آيت: 7)

ترجمو: ”هر قوم لاءِ هدايت ڪندڙ هوندو آهي.“

وَّلٰكِنْ يُّضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ (النحل آيت: 93)

ترجمو: ”پر الله تعاليٰ جنهن کي چاهي گمراه ڪري ٿو ۽ جنهن کي چاهي ٿو هدايت ڪري ٿو.“
حديث ۾ آهي:

اِنَّ اللهَ يَبْعَثُ لِهٰذِهِ الْاُمَّةِ عَلٰى رَأْسِ كُلِّ مِائَةِ سَنَةٍ مَنْ يُجَدِّدُ لَهَا دِيْنَهَا

ترجمو: "الله تعاليٰ هر سؤ سالن کان پوءِ هن امت لاءِ هڪ مجدد موڪليندو آهي، جيڪو ان جي دين جي تجديد ڪندو آهي."

ان روايت کي ابودائود آندو آهي. شارحن چيو آهي تہ لفظ "من" عام آهي. هڪ لاءِ نہ آهي، پوءِ جائز آهي جو مجدد هڪ هجي يا گهڻا هجن. پڻ حديث ۾ آهي:

لَا تَزَالُ طَائِفَةٌ مِنْ أُمَّتِي مَنْصُورِينَ لَا يَضُرُّهُمْ مَنْ خَذَلَهُمْ حَتّٰى تَقُومَ السَّاعَةُ

ترجمو: "منهنجي امت مان هڪڙو ٽولو هميشہ مدد ڪيل رهندو انهن جا مخالف بہ ڪين نقصان نہ ڏئي سگهندا تانجو قيامت اچي ويندي." ان حديث کي ابو دائود ۽ ترمذي روايت ڪيو آهي.

بي حديث ۾ آهي:

لَا يَزَالُ طَائِفَةٌ مِنْ أُمَّتِي ظَاهِرِينَ حَتّٰى يَأْتِيَهُمْ اَمْرُ اللهِ وَهُمْ ظَاهِرُونَ

ترجمو: "قيامت تائين منهنجي امت جو هڪ ٽولو هميشہ حق تي رهندو، انهن جا دشمن انهن کي ڪنهن بہ قسم جو نقصان نہ پهچائي سگهندا."

بي حديث ۾ آهي:

لَا تَزَالُ طَائِفَةٌ مِنْ أُمَّتِيْ يُقَاتِلُوْنَ عَلَى الْحَقِّ ظَاهِرِينَ عَلٰى مَنْ نَاوَأَهُمْ حَتّٰى يُقَاتِلَ آخِرُهُمُ الْمَسِيحَ الدَّجَّالَ

ترجمو: "منهنجي امت جو هڪ ٽولو هميشہ حق لاءِ لڙندو رهندو ۽ دشمن تي غالب ايندو رهندو، تانجو انهن مان آخري شخص دجال سان وڙهندو."

هن ڪان اڳ گذري چڪو آهي تہ جهان جي پيدائش جو مقصد عارفن عابدن جو وجود آهي، جو اهي سمورا وجود جو گلزار آهن، باقي سڄو جهان ڪندا آهن. ان مقدمي ۾ هيءَ حديث آيل آهي:

هَلْ تُنْصَرُوْنَ وَتُرْزَقُوْنَ إِلَّا بِضُعَفَائِكُمْ

ترجمو: "ڪمزورن جي ڪري توهان جي مدد ڪئي وڃي ٿي ۽ توهان کي رزق ڏنو وڃي ٿو."

ابْغُونِي ضُعَفَاءَكُمْ فَإِنَّمَا تُرْزَقُونَ وَتُنْصَرُونَ بِضُعَفَائِكُمْ

ترجمو: "مون کي پنهنجن ڪمزورن ۾ ڳوليو. بيشڪ توهان کي رزق ڏنو ٿو وڃي ۽ توهان جي مدد ڪئي ٿي وڃي توهان مان ڪمزورن جي ڪري."

جڏهن هي سمورا گل وجود جي باغ مان نابود ٿيندا تہ هي جهان بہ پڇاڙيءَ تي پهچندو.

بيت

"حافظ از کران تا بکران لشکر ظلم است ولي
از ازل تا بابد فرحت درويشان است

حافظ از آب حيات ابدي مي طلبي
منبعش خاک در خلوت درويشان است

ترجمو: "اي حافظ! هن ڪناري کان هُن ڪناري تائين ظلم جو لشڪر آهي، پر ازل کان ابد تائين درويشن لاءِ فرحت آهي. اي حافظ! جيڪڏهن تون ابدي حياتي واروپاڻي (آب حيات) گهرين ٿو تہ ان چشمي جي جاءِ درويشن سان گڏ اڪيلو مٽيءَ ۾ ويهڻ اٿئي."

مختصر ڳالهہ تہ جاهل حشويہ جي عقيدي مطابق (شل الله تعاليٰ انهن کي خوار ڪري) اهي ولي اڳ هئا، پر هاڻي انهن مان ڪو ڪونهي.[6] اهو عقيدو بالاجماع باطل آهي، جيئن مٿي ڪيئي دفعا گذري چڪو آهي.

هيو طالب لاءِ ڄاڻڻ ضروري آهي تہ مرشد ڪامل کان سواءِ ڪوئي مقصود تائين نہ پهچي سگهيو آهي ۽ نہ ذڪر ۽ سلوڪ ۾ ڪو مقام حاصل ڪري سگهندو آهي. سمورا مشائخ ان ڳالهہ تي متفق آهن، جيئن تہ پنهنجي ڪتابن ۾ ان ڳالهہ جي صراحت ڪئي اٿن تہ ڪو هڪڙو بہ مرشد کان سواءِ مقصود تائين نہ پهتو آهي. باقي جيڪي چون ٿا تہ اويسي طريقي وارا روحن جي روحانيت ذريعي مقصد ماڻن ٿا، اهو سڀ ان قسم کان آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو مرشد جي تلقين ۽ اجازت کان سواءِ مليل ذڪر ڪندو يا مشائخ جي ڪتابن مان ڏسي مشغول ٿيندو تہ ان کي ڪو بہ فائدو حاصل ڪونہ ٿيندو، سواءِ اجائي محنت ۽ تڪليف جي. جو جو ذڪر اجازت کان سواءِ هڪڙو آهي ۽ اجازت سان هيو. بي اجازت عقيم (سنڍي) آهي اجازت وارو منتج (نتيجو ڏيندڙ) آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن مرشد ناقص هوندو تہ ان واري اجازت ڪوئي فائدو ڪونہ ڏيندي. الله تعاليٰ جو ذڪر مثل ٻج جي آهي، اجازت مثل پوکڻ جي آهي، اهو ٻج، جيڪو مريد جي زمين ۾ خراب ۽ ڪچو هوندو، سو نہ ڦٽندو، جيڪڏهن ڦٽندو تہ ڦل نہ ڪندو. تمام امڪان گهٽ آهي جو ڦل ڏئي سوبہ هميشہ جي سخت محنت ۽ وڏي تڪليف، رڪاوٽن جي دور ڪرڻ، تمام گهڻي عبادت ۽ ڪافي وقت کان پوءِ شايد ٿي سگهي. پر اهڙو مرشد ناقص جنهن کي مرشد ٿيڻ ۽ رهنما ٿيڻ جي محبت پيدا ٿي ۽ ماڻهن دعوت ڪيس ۽ ڏانهنس رجوع ڪن تہ مشائخن (بزرگن) وٽ اهو طريقت وارن جو چور ۽ ڏاڙيل آهي. بس سزا ان جي هن دنيا ۾ اها آهي تہ الله تعاليٰ ان کي وصول کان بي نصيب بڻائيندو، جو تہ پاڻ کي ڀلارو سمجهڻ جو خيال ان لاءِ وڏو حجاب (پردو) آهي، مگر جڏهن ان خيال کان توبہ تائب ٿئي.

"من عجل شيئاً قبل اوانه عوقب بحرمانه"

ترجمو: "جنهن ماڻهوءَ وقت کان اڳ ڪنهن شيءِ لاءِ تڪڙ ڪئي تہ اهو ان جي حاصل ڪرڻ کان محروم رهندو."

ائين چيو اٿن. هن فقير جي مرشد فرمايو تہ اهو سڀ ناموس ۽ پاڻ کي ڀلارو سمجهڻ جي محبت ڪري آهي. پر جيڪڏهن سالڪ ناقص جي دل ان بيماريءَ کان پاڪ هوندي، ان جي باوجود سچو مريد الحاح (زاريءَ) سان مريد ٿيڻ جي طلب ڪري، تہ ان ۾ ڪا خرابي نہ آهي تہ ان طالب کي پنهنجي طاقت آهر ذڪر ڏسجي، بلڪ جيڪڏهن ذڪر نہ ڏسيائين تہ اهو طالب صادق تي ظلم آهي. نااهل کي علم ڏسڻ ناجائز آهي، اهڙيءَ طرح اهل کان بخل ڪرڻ منع آهي. جيڪڏهن اهو سالڪ ناقص ڪمال تي پهتو تہ اهو طالب صادق بہ ان جي تابعداري جي ڪري

ڪمال تي پهچندو، ان شاءَ الله تعاليٰ پر ناموس جي محبت مان ڇٽڻ ان لاءِ پهريون شرط آهي نہ تہ محروم رهندو. مشائخ ائين تا فرمائن.

هيو چاڻ تہ بي دين صوفي حلوليہ، اباحيہ ۽ ٻيا فرقا بدعتين جا جاهل صوفين جي فرقن مان آهن، انهن جي گمراهيءَ جو سبب هي آهي رهنمائي مرشد ڪامل جي رهنمائيءَ ڪانسواءِ، رياضت جو رستو اختيار ڪن تا ۽ اندر جي صفائي حاصل ڪن تا، چو تہ اندر جي صفائي رياضت ڪي لازم آهي. ليڪن ڪتاب الله، سنت رسول الله ﷺ ۽ اجماع جي چاڻ نہ اٿن. تنهنڪري شيطان انهن کي معائنات جي مختلف قسمن، عجيب فريبن سان گمراهہ ڪري ٿو، هي قاعدو قانون آهي تہ شيطان جڏهن ڏسي ٿو تہ هڪ جاهل ماڻهو رياضت ڪري اندر جي صفائي حاصل ڪئي آهي ۽ ڪو رهبر مرشد ڪامل نہ اٿس تہ ان کي هزارين حيلن ۽ بهانن سان گمراهہ ڪري ٿو. ان ڪري فرمايو اٿن: جيئن قوت القلوب ۾ آهي:

"من لم يكن له شيخ فالشيطان شيخه"

ترجمو: "جنهن جو ڪو مرشد نہ آهي، پوءِ شيطان ان جو مرشد آهي."

بيت

خواجگي بي پير بودن كار نادانان بود

هركه او پيري ندارد پير اوشيطان بود

ترجمو: خواجگي بنا مرشد جي ڪم بي عقلن جو آهي. هر اهو شخص جنهن جو ڪو بہ مرشد نہ آهي، شيطان ان جو مرشد آهي.

بيت

بي واسطه وسيله گرراه روي

گمراه شوي شتاب درچاه روي [7]

ترجمو: بنا واسطي ۽ وسيلي جي جنهن بہ رستي ويندين تہ جلد، گمراهہ ٿيندين ۽ کوهہ ۾ ڪرندين

چاڻ تہ رياضت ڪندڙ جيڪڏهن سواءِ مرشد جي آهي تہ شيطان ڪيس دوکو ٿو ڏئي ۽ اهڙي ذاڪر کي جيڪو سواءِ مرشد جي آهي ان جي ذڪر جو ڏيئو ڇڪي ٿو، جڏهن تہ شيطان ذاڪر جي لاءِ ڪارو نانگ آهي. خاصيت ڪاري نانگ جيْ هي آهي تہ ان جي اکين آڏو ڏيئو اونداهو لڳي ٿو ليڪن مرشد مثل زمرد جي آهي ۽ خاصيت زمرد جي هيءَ آهي تہ ان جي آڏو ڪارو نانگ انڌو ٿي ويندو آهي. جيستائين ڪاري نانگ آڏو زمرد هوندو، انڌو هوندو. اي طالب صادق! جڏهن گهرين تہ دل جي ڏيئي کي ذڪر جي نور سان روشن ڪرين تہ پهريائين زمرد شيخ جي منهن مبارڪ جي زيارت ڪرءِ ان مان ڏيئو روشن ڪر ڇو تہ تنهنجو گهر نانگن جي گذرڻ جي جاءِ آهي. مثنوي

بيت

ديوچون ماري است باصد زور فن
روي شيخ اورا ديده زمرد وحده كن
دست زن درپير زين پستي برآ
ورنداري چشم دستي بركشا

چون تا نہ اهو كارو نانگ اهڙي دل جيكا الاهي رازن جو خزانو آهي، ان تي نگهبان وانگر آهي نہ جيئن نامحرم ان كان واقف نہ ٿين.

گنج بي مار و گلي خار نيست
شادي بي غم دراين بازار نيست

ترجمو: كوبہ خزانو نانگ بلائن ۽ كوبہ گل كنڊن كانسواءِ ناهي، انهيءَ بازار ۾ ڏک كانسواءِ سک نہ آهي.

خلاصو كلام جو تہ بنا پير جي ان عالي مقصد تي پهچڻ ممكن نہ آهي.

هيچكس را از خود انگيزي نشد
هيچ چيز از نفس خود چيزي نشد
تا برون نہ آرند آهن را از سنگ
هيچ آهن خنجري تيزي نشد
هيچ حلوائي نشد استاد كار
تاكہ شاكرٌ شكر ريزي نشد
تاكہ دهقاني نكارد تخم كشت
هيچ زرد سبز آميزي نشد
نام مولانا نشد سلطان عشق
تا غلام شمس تبريزي نشد

فصل ٽيون

مرشد جي صحبت جي ادبن جي بيان ۾

ڇو تہ صحبت ادب جي لحاظ کانسواءِ فائديمند ثابت نہ ٿيندي.

ڄاڻ اي طالب صادق! جڏهن مرشد جي اهليت جاچڻ کان پوءِ ان جو مريد ٿيو آهين ۽ ان جي مريدي ۾ داخل ٿيو آهين ۽ ان جو دامن پڪڙيو اٿئي. ست ادب پاڻ تي لازم سمجهہ. نہ تہ فيض کان محروم رهندين. ڪوئي نفعو حاصل نہ ٿيندئي.

ادب پهريون: نيت خالص ۽ اندر صاف رکي پنهنجي مرشد جي حق ۾ فاسد خيالن، اجاين وهمن کي دل مان ڪڍي ڇڏي. جڏهن مرشد کي مرشد ٿيڻ جو اهل لڏائين تہ ان کان پوءِ ان جي فرمانبرداري ۽تابعداري ڪجي. امتحان اڳ تي ڇڪو. هاڻي هيءَ مقام توسل يعني وسيلو وٺڻ جو آهي.

ادب ٻيو: مرشد جي ڳالهہ فرمانبرداري سان ڪن ڏئي هوش سان ٻڌي، پورو سوچ ويچار ڪري ۽ ان جي ڳالهائڻ بابت غور ڪري تہ هو، ڇا چوي ٿو. مرشد جا اشارا ڪهڙا آهن ان جي ڪلام ۾ ڪهڙو مقصد سمايل آهي. ائين ڪرڻ سان ان ڪلام جي تکي تيرجو اثر مريد جي دل تي پهچندو ۽ دل ان جي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿي پوندي.

بيت

پنبه اندر گوش هوش چون بر نهي
تازکري گوش دل در دم رهي
تا نہ گردد اين کرآن باطن کراست
گوش سري غير اين گوش سراست
گوش جان و چشم آن جز اين حس است
گوش عقل و هوش او زين مفلس است

ترجمو: غفلت ڇڏ الله تعاليٰ جي راهہ ۾ پنهنجي دل جي ڪَن کي تازو توانو ڪر تہ جيئن اهو نہ ڦري، جيڪڏهن ان جو اندر (ڦرنڊڙ) آهي. اندر جو ڪَن، هن ڪن کان سواءِ ٻيو آهي. دل ۽ جسم جو ڪَن، هن ظاهري ڪَن کان سواءِ ٻيو آهي. عقل ۽ هوش جي ڪَن جي آڏو، هيءَ ظاهري ڪَن مفلس (سڃو ۽ محتاج) آهي.

ادب ٽيون: پنهنجي پير جا راز لڪائڻ. اسرار الٰهي غيرن وٽ بالاجماع ظاهر ڪرڻ حرام آهن. ائين هي بہ ظاهر ڪرڻ جائز نہ آهن.

بيت

عارفان که جام حق نوشيده اند
رازها دانسته و پوشيده اند

ترجمو: "عارفن جڏهن الله جي محبت جو پيالو پيتو تہ ان کي راز سمجهي. پوءِ ڇپائي ڇڏيائون."

هر که اسرار حق، حق آموختند
مهر کردند و دهانش دوختند

ادب چوٿون: دل جي خوشيءَ سان پير جي حڪم کي برداشت ڪرڻ ۽ طريقت جي ذڪر ۽ تڪليفن تي صبر ڪرڻ. مراد حاصل ڪرڻ ۾ تڪڙ نہ ڪجي ڇو تہ هي ڪم آهستگي ۽ ذڪر تي صبر ڪرڻ ۽ مرشد جي فرمان تي هميشگي ڪرڻ سان حاصل ٿيندو آهي:

بيت

چون گرفتي پير همين تسليم شو
همو موسيٰ زير حکم خضر رو
صبر کن برکار خضر اي بي نفاق
تا نگويد خضر رو هٰذا فراق
چون گزيدي پير نازک دل مباش
سست وافسرده چو آب وگل مباش
زير محمل چست رو بخشي وار
رام شو آهستہ رو اندر قطار
چون بمنزل مي رسي بنهد بار
علف ودا نه تاخوري از دست يار

ترجمو: "جڏهن مرشد ورتو اٿئي تہ ان کي هر لحاظ کان تسليم ڪر، جهڙي ريت حضرت موسيٰ عليه السلام حضرت خضر عليه السلام جي حڪم جي ماتحت هو. اي منافقيءَ کان پاڪ (سالڪ)! تون خضر جي ڪم تي صبر ڪر تہ جيئن خضر نہ چوي تہ هي (تنهنجي ۽ منهنجي درميان) وڇوڙو آهي. جڏهن مرشد ور تئي تہ نازڪ (حساس) دل نہ ٿيءُ، پاڻي ۽ مٽيءَ وانگر سست ۽ ملول نہ ٿيءُ. ڪجاوي جي هيٺان ڦڙتيلو اُٺ ٿيءُ ۽ فرمانبردار ٿي قطار ۾ آهستي آهستي (ٻين اُٺن وانگر) هل. جڏهن منزل تي رسين تہ بار لاهي رک تڏهن ڪان. گاهہ ۽ داڻو دوست جي هٿ سان کاءُ."

ادب پنجون: پير جي قول ۽ فعل تي اعتراض نہ ڪجي. جيڪي ڪجهہ قصدًا وعمدًا ان کان صادر ٿئي، ان سموري جي فرمانبرداري واجب آهي. تون نہ ٿو ڄاڻين: "قول الحکيم لا يخلوعن الحکمة"
يعني "حڪيم جو قول حڪمت کان خالي نہ آهي."

بيت

بمي سجاده رنگين کن گرت پيري مغان گويد
کہ سالک بيخبر نبود ز راه و رسم منزلها

ترجمو: ”جيڪڏهن توکي تنهنجو پير مرشد چوي تہ مصلي کي شراب سان رنگين ڪر تہ ائين ٻہ ڪر، ڇو جو سالڪ پنهنجي منزل جي رستن ۽ طريقن کان اڻ ڄاڻ نہ هوندو آهي.“

جيڪڏهن ان جا فعل اختياري قسم جا خواص وارا آهن. يعني اهڙا ڪم، جيڪي مخصوص آهن، منتهين لاءِ تہ ان صورت ۾ بس فرمانبرداري ۽ ماٺ ڪرڻ واجب آهي. اهڙن ڪمن ۾ تابعداري ان جي حڪم کان سواءِ جائز نہ آهي.جيڪڏهن ان قسم جا نہ هجن، تڏهن ٻہ تابعداري ان جي حڪم کان سواءِ جائز ڪونهي. پر جيڪڏهن اهي ڪم مريد جي سمجهہ مطابق ناجائز ۽ شريعت جي خلاف آهن تہ سمجهڻ خاطر پڇا ڪري تہ هنن ۾ ڪهڙي حڪمت آهي، اعتراض نہ ڪري. جيڪڏهن خطا ۽ نسيان هوندو تہ اصلاح ڪندو نہ تہ حڪمت بيان ڪندو. پڇڻ جو سبب هيءُ آهي تہ مريد کي مرشد بابت غلط خيال نہ ٿئي نہ تہ ان جي ضرورت نہ آهي. تاهم جيڪڏهن مرشد کان ڪو شهوت ۽ نافرمانيءَ جو اهڙو ڪم جيڪو طبيعت بشري جي ڪري صادر ٿيو آهي تہ ان لاءِ ڪائي تاويل ڪرڻ صحيح نہ آهي. بهرحال مرشد جي مرشدي ختم نہ ٿي، جيستائين ان تي بار بار اصرار نہ ٿو ڪري. باربار اصرار ڪرڻ مرشدي لاءِ خلل وارو آهي. تاهم معصوم هجڻ مرشد ٿيڻ لاءِ شرط نہ آهي. اهو شرط نبوت لاءِ آهي. ان جو بيان پنهنجي جاءِ تي گذري چڪو.

ادب ڇهون: مريد کي نہ ٿو ڄڃائي جو مرشد جي عيبن جي ڳولا ڪري، يا ان جو دين جي رستي ۾ امتحان وٺي. مريد ٿيڻ کان پوءِ اهي ڪم حرام آهن. مشائخ مريدن جي امتحان خاطر ڪڏهن ڪڏهن ڄاڻي واڻي اهڙا ڪم ڪندا آهن، جيڪي بظاهر قبيح (برا) هوندا آهن، ان جو مقصد هوندو آهي تہ مريد شيخ جي حق ۾ آزمايل هجي.

مثنوي

امتحان همچون تصرف دان درو

رو تصرف در چنين شاهي مجو

ترجمو: امتحان وٺڻ ان (مرشد) جي ڪم ۾ مداخلت سمجهہ ۽ تون مرشد جي ڪمن ۾ مداخلت ڪرڻ جو نہ سوچ.

(امتحان وٺڻ جو مطلب آهي تہ اڳلي جي آزمائش ڪجي، ان ڪري ناقص يعني مريد کي ڪامل يعني مرشد جي آزمائش جي مجال نہ آهي.)

مثنوي

چون خدا خواهد کہ پرده کس درد

ميلش اندر طعنہ پاکان برد

امتحانش گر کني در راه دين

هم توکردي ممتحن اي بي يقين

ترجمو: ”جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن جو پردو چاڪ ڪرڻ گهرندو آهي تہ ان جي اندر جو لاڙو نيڪن تي طعنا ڪرڻ ڏي ٿيندو آهي. الله تعاليٰ جي پيارن ٻانهن جو دين جي باري ۾ امتحان وٺڻ،ان لاءِ اي بي پتيا، تون پاڻ کي ڪيئن امتحان وٺڻ وارو بڻايو آهي!

عيبن بابت تجسس ڪرڻ ۾ طعنا هڻڻ مريد جي بدبختيءَ جو سبب آهن.

ادب ستون: سمورا ظاهري ادب جيئن ڏاڍيان نه ڳالهائڻ، نالو نه وٺڻ، نالو وٺي سڏ نه ڪرڻ، اڳيان نه هلڻ، کائڻ پيئڻ ۾ اڳ ۾ شروعات نه ڪرڻ وغيره، سندس مسند ۽ مصلي تي نه ويهڻ، انهن جو تفصيل سلوڪ جي ڪتابن ۾ عام جام آهي.

چاڻ ته بزرگن جي مجلس مان اٿڻ ڪان پوءِ پوئين پير موٽڻ يعني پٺي نه ڏيڻ ٽن صدين تائين متعارف نه هو . اهڙي صراحت محدثن ڪئي آهي.

قال الشيخ عبدالحق "اما الرجوع من المجلس قهقهرىٰ فليس بسنة"

شيخ عبدالحق رحمة الله فرمائي ٿو ته: "مجلس مان پوئين پير موٽڻ سنت نه آهي."

پر ائين ٿو معلوم ٿئي ته جيڪڏهن ادب خاطر ڪري ته صحيح آهي. چو ته طواف وداع ۾ پوئين پير موٽڻ ثابت آهي. دراصل اها عادت عجمين جي آهي پر شريعت ۾ به ايترو آيل آهي. ڳالهائڻ جمع جي صيغي سان جيتوڻيڪ عجمين جي عادت آهي، عربن ۾ ٽن صدين تائين متعارف نه هو . جيئن اهڙي صراحت علامه تفتازاني ﷫ شرح تلخيص المفتاح ۾ ڪئي آهي. پر شريعت ۾ آيل آهي: قال الله تعالىٰ حتىٰ اذا جاءَ احدهم الموت قال رب ارجعون وقال ايضا امراة فرعون قرة عين لي ولک لا تقتلوه. متاخرين جي زماني ۾ خطاب بجمع ادب خاطر متعارف ٿيو "وما راي المؤمنون حسنا فهو عندالله حسنا" جنهن ڪي مؤمن سهڻو سمجهن ٿا، اهو الله وٽ به سهڻو آهي، والله اعلم بالصواب.

فصل چوٿون

نندي وڏي کي نصيحت ڪرڻ جي بيان ۾

نيڪي جو حڪم ڪرڻ، برائي کان روڪڻ، چڱو اخلاق رکڻ، وڏن جي عزت ڪرڻ، ننڍن سان پيار ڪرڻ، نوڙت ڪرڻ، بي ديني ۽ ريا کان سواءِ نرمي ڪرڻ، الله خاطر محبت رکڻ، الله خاطر دشمني رکڻ، الله جي رضا جي لاءِ اهي سموريون شيون طريقت جون ٽيون شرط آهن. ان سان گڏ عين طريقت آهن. هڪ لحاظ کان مقاصد مان آهن. ٻي لحاظ کان شرائط ۽ وسائل مان آهن.

ڄاڻ اي طالب صادق! نصيحت جي معنيٰ خير خواهي (ڪنهن لاءِ ڀلائي گهرڻ) آهي. طيبي مشڪوٰة جي شرح ۾ چيو آهي ته نصيحت جامع ڪلمو آهي، ان جون سموريون معنائون موٽن ٿيون هڪ ڏي اها معنيٰ آهي ڀلائي جو ارادو ڪرڻ.

وفي المشڪوٰة في باب الشفقة علي الخلق عن تميم الداري ان النبي ﷺ قال "الدين النصيحة ثلاثا. قلنا لمن؟ قال لله ولڪتابه ولرسوله ولائمة المسلمين وعامتهم (رواه مسلم)

ترجمو: مشڪوٰة شريف جي باب "مخلوق تي شفقت ڪرڻ" جي بيان ۾ تميم داري کان روايت آهي، تحقيق نبي ﷺ فرمايو ته دين نصيحت آهي. ٽي دفعا فرمايائون. اسان عرض ڪيو ته ڪنهن لاءِ سائين! فرمايائون: الله لاءِ، ان جي ڪتاب لاءِ، ان جي رسول الله ﷺ لاءِ، مسلمانن جي اڳواڻن ۽ عام مسلمانن لاءِ (ان حديث کي مسلم شريف روايت ڪيو)

پوءِ نصيحت آهي الله لاءِ، معنيٰ ان تي عقيدو رکڻ، ۽ ان جي وحدانيت ۾ ۽ ان جي سمورين صفتن ۾ ان کي پاڪ سمجهڻ نقصان جي صفتن کان، ان جي حڪم جي فرمانبرداري ڪرڻ. ان جي روڪيل ڪمن کان رڪجي پوڻ. نصيحت ان جي ڪتاب لاءِ معنيٰ ايمان آڻڻ ان تي ان جي تلاوت ڪرڻ، ان تي عمل ڪرڻ، هنن ٻن نصيحتن جو نفعو ٻانهي کي ملندو باقي الله تعاليٰ ۽ ان جو ڪتاب بي پرواهه آهن. نصيحت جي نفعي کان، نصيحت ان جي رسول الله ﷺ لاءِ تصديق ڪرڻ آهي، جيڪو آندائين پنهنجي رب وٽان ۽ ان جي تابعداري ڪرڻ ۽ ان سان محبت رکڻ. نصيحت مسلمانن جي اڳواڻن لاءِ معنيٰ حق ڳالهه تي انهن جي فرمانبرداري ڪرڻ. ڪن چيو آهي ته ائمة المسلمين مان مراد عالم سگهورا آهن. پوءِ نصيحت انهن لاءِ معنيٰ انهن جي تقليد ڪرڻ. انهن جي روايتن کي قبول ڪرڻ ۽ انهن جي عزت ڪرڻ آهي. عام مسلمانن لاءِ نصيحت جو مطلب آهي انهن کي دين دنيا جا چڱا ڪم ڏسڻ قولاً وفعلاً. انهن کان تڪليفون ٽارڻ. انهن جا عيب ڍڪڻ، اهو سمورو دين آهي. اهڙيءَ طرح شرحن ۾ لکيل آهي:

عَنْ اَنَسٍ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يُحِبَّ لِاَخِيهِ مَا يُحِبُّ لِنَفْسِهِ

ترجمو: "انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته فرمايو رسول الله ﷺ جن، مون کي قسم آهي، ان ذات جو جنهن جي هٿ

۾ منهنجو ساھ آهي، تہ ٻانهو ايستائين مؤمن نہ ٿو ٿئي جيستائين پسند ڪري پنهنجي ڀاءُ لاءِ اها شيءِ جيڪا پسند ڪري ٿو پنهنجي لاءِ"

عَنْ جَرِيرِ بْنِ عَبْدِاللّٰهِ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهم عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا يَرْحَمُ اللّٰهُ مَنْ لَا يَرْحَمُ النَّاسَ

ترجمو: جرير بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي چيائين تہ فرمايو رسول الله ﷺ جن تہ نہ رحم ڪندو الله ان تي جيڪو نہ ٿو رحم ڪري ماڻهن تي.

عن انس وعبد الله بن مسعود رضي الله عنهما قالا قال رسول الله ﷺ الخلق عيال الله فاحب الخلق الي الله من احسن اليٰ عياله

ترجمو: "انس رضي الله عنه ۽ عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي چيائون تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ مخلوق الله جو عيال آهي ۽ الله کي وڌيڪ پيارو اهو ماڻهو آهي، جيڪو ان جي عيال سان ڀلو هلندو.

عن ابن عباس رضي الله عنه قال قال رسول الله ﷺ ليس منا من لم يرحم صغيرنا و يوقر كبيرنا ويامر بالمعروف وينه عن المنكر (رواه الترمذي وقال هٰذا حديث غريب)

ترجمو: "ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي چيائين تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو اهو ماڻهو اسان مان نہ آهي، جيڪو اسان جي ننڍن تي رحم نٿو ڪري، ۽ اسان جي وڏن جي عزت نہ ٿو ڪري. نيڪيءَ جو حڪم نہ ٿو ڪري، برائيءَ کان نہ ٿو روڪي." (ان حديث کي ترمذيءَ روايت ڪيو آهي ۽ چيائين تہ هيءَ حديث غريب آهي.)

شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي بعض شارحن وٽ سَنَدَ هن حديث جي جيد آهي، ۽ اڪر "لم" جو ٽن معطوفن تي مقدر آهي، عطف جي ڪري، پيءُ ماءُ جي حقن، پاڙي وارن جي حقن، متن مائٽن جي حقن جي باري ۾ ڪافي حديثون آهن، جيڪي مشهور آهن، اهل علم وٽ انهن جي ذڪر ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي.

چاڻ تہ واجبن مان هڪ نيڪي جو حڪم ڪرڻ برائي کان روڪڻ آهي، ان جا ٽي درجا آهن، هٿ سان، زبان سان، دل ۾.

عن ابي سعيد الخدري رضي الله عنه عن رسول الله صلي الله عليه وصحبه وسلم قال من رآيٰ منكرا فليغيره بيده وان لم يستطع فبلسانه وان لم يستطع فبقلبه وذٰلک اضعف الايمان (رواه مسلم)

ترجمو: "ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ماڻهو ڏسي برائي، تنهن کي گهرجي تہ روڪي ان کي هٿ سان، نہ تہ زبان سان، نہ تہ ان کي برو سمجهي دل ۾ ليڪن اهو آهي ڪمزور ايمان." (ان حديث کي مسلم روايت ڪيو)

قوله فبقلبه اهو ناپسند سمجهڻ آهي دل ۾، اهو نہ آهي روڪڻ[10] پر ناپسند سمجهڻ قائم مقام روڪڻ جي آهي، ڇو تہ ناهي ان جي وس ۾. باقي جڏهن هن کي طاقت آهي، هٿ سان روڪڻ جي يا زبان سان روڪڻ جي، پر نہ روڪي ۽ رڳو دل ۾ برو سمجهي تہ اهو ايمان جو ڪمزور درجو آهي، ۽ نہ آهي ان کان پوءِ ڪو درجو ايمان جو. تحقيق هڪ ٻي حديث ۾ آيو آهي تہ: ليس من ورائه خردلة من الايمان "يعني نہ آهي ان کان پوءِ ڪو درجو ايمان جو" صحيح مسلم باب الاعتصام ۾ حديث آهي:

"فمن جاهد بيده فهو مؤمن ومن جاهد بلسانه فهو مؤمن ومن جاهد بقلبه فهو مؤمن وليس وراءَ ذٰلک من الايمان حبة خردل"

ترجمو: "جنهن ماڻهوءَ جهاد ڪيو هٿ سان پوءِ اهو مؤمن آهي، جنهن ماڻهو جهاد ڪيو زبان سان پوءِ اهو مؤمن

آهي، جنهن ماڻهو جهاد ڪيو دل سان پوءِ اهو مؤمن آهي. ناهي ان کان پوءِ سرنهن جي داڻي جيترو بہ ايمان.

مطلب ڳالهہ جو تہ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر فرض ڪفايه آهي. ان ڳالهہ جي عبدالحق ۽ طيبيءَ صراحت ڪئي آهي. وڌيڪ مضبوط درجو هٿ سان جهاد ڪرڻ آهي، جيڪڏهن هٿ جي جهاد تي قادر آهي. ان کان پوءِ زبان سان آهي. انهيءَ طاقت هجڻ جي باوجود ڪراهت قلبي ڪارگر نہ آهي. بس مصيبتون ۽ هلاڪتون، جيڪي منڪرات ۽ ترڪ واجبات جي ڪري نازل ٿين ٿيون، اهي هن ڪي بہ شامل ٿينديون. ان باري ۾ بہ حديثون آهن:

"ان الناس اذا روا منكرا فلم يغيروه يوشك ان يعمهم الله بعقابه" (رواه ابن ماجه والترمذي وصححه.)

ترجمو: "تحقيق ماڻهو جڏهن ناجائز ڪم ڏسن، پوءِ نہ روڪيائون ان ڪي تہ قريب آهي تہ الله تعاليٰ انهن تي عذاب عام ڪري." (روايت ڪيو ان حديث کي ابن ماجه ۽ ترمذي ان کي روايت ڪيو آهي. صحيح چيو اٿن.)

"مامن قوم يعمل فيهم بالمعاصي ثم يقدرون عليٰ ان يغيروا ثم لا يغيرون الا يوشك ان يعمهم الله بعقابه" (رواه ابوداٸود)

ترجمو: "جنهن قوم ۾ گناهہ جا ڪم ڪيا وڃن، ۽ انهن کي روڪڻ جي طاقت بہ آهي، پرروڪيائون ڪونہ. قريب آهي هي ڳالهہ تہ انهن ڪي الله تعاليٰ عام عذاب ڪري." (ان حديث کي ابو دائود روايت ڪيو آهي.)

"ان الله لا يعذب العامة بعمل الخاصة حتيٰ يروا منكر بين ظهرانيهم وهم قادرون ان ينكروا فلا ينكرونه فاذا فعلوا ذٰلک عذب العامة والخاصة." (رواه في شرح السنة)

ترجمو: "الله تعاليٰ عذاب نہ ڪندو سمورن کي ڪن ماڻهن جي گناهن ڪرڻ جي ڪري، تانجو عام جام ٿين انهن ۾ گناهہ انهن کي طاقت بہ آهي، روڪڻ جي، پر روڪن نٿا، پوءِ جڏهن ائين ڪندا تہ عذاب ڪندو هر عام ۽ خاص کي." (ان کي شرح السنة روايت ڪيو)

"مامن رجل يكون في قوم يعمل فيهم بالمعاصي يقدرون عليٰ ان يغيروا عليه ولا يغيرون اذا اصابهم الله منه بعقاب قبل ان يموتوا" (رواه ابو دائود وابن ماجه)

ترجمو: "جيڪو ماڻهو ڪنهن قوم ۾ رهي ٿو ۽ ان قوم ۾ گناهہ جا ڪم ڪيا وڃن ٿا ۽ اهي طاقت بہ رکن ٿا انهيءَ برائي کي روڪڻ جي، پر روڪن نہ ٿا تہ الله تعاليٰ انهن کي مرڻ کان اڳ عذاب ڪندو." (ان حديث کي ابودائود ۽ ابن ماجه روايت ڪيو آهي.)

ان قسم جون حديثون ڪافي آهن. چوڻڪاري جو طريقو هي آهي تہ جيڪڏهن جهلڻ ۽ روڪڻ جي طاقت نہ آهي تہ بدڪارن جي جماعت کان جدا ٿي وڃي.

عن عبدالله بن مسعود رضي الله عنه قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم: "لما وقعت بنو اسرائيل في المعاصي نهتهم علماءهم فلم ينتهوا فجالسوهم في مجالسهم واكلوهم وشاربوهم فضرب الله قلوب بعضهم ببعض فلعنهم عليٰ لسان داود و عيسيٰ بن مريم ذٰلک عصوا وكانوا يعتدون" الحديث (رواه الترمذي وابوداٸود)

ترجمو: "عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي، چيائين فرمايو رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جڏهن بني اسرائيل گناهہ ڪرڻ لڳا، تہ انهن ڪي عالمن روڪيو، پر اهي گناهن ڪرڻ کان نہ مڙيا، پوءِ اهي عالم انهن جي مجلسن ۾ ويهڻ

لڳا ۽ انهن سان گڏ کائڻ پيئڻ لڳا. پوءِ لعنت ڪئي انهن تي الله تعاليٰ دائود عليه السلام ۽ عيسيٰ بن مريم جي زباني. هن ڪري جو نافرماني ڪيائون ۽ اهي حد کان ٽپندڙ هئا." (ترمذي ۽ ابوداؤد)

عن ابي ثعلبة في قوله تعاليٰ يَاَيُّهَاالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا عَلَيۡكُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ‌ۚ لَا يَضُرُّكُمۡ مَّنۡ ضَلَّ اِذَا اهۡتَدَيۡتُمۡ فقال اما والله لقد سئلت عنها رسول الله ﷺ فقال بل ائتمرو ا بالمعروف وتناهوا عن المنكر حتيٰ اذا رئيت شحا مطاعًا وهوي متبعًا ودنيا موثرة واعجاب المرؤ برايه ورئيت امرا لابد لک منه اي من وقوعک في الفتنة فعليک نفسک ودع امر العوام فان وراءکم ايام الصبر فمن صبر فيهن قبض علي الجمر للعامل فيهن اجر خمسين رجلا يعملون مثله عمله قالوا يا رسول الله اجر خمسين منهم؟ قال اجر خمسين منكم. (رواه ترمذي وابن ماجه)

ترجمو: "**الله تعاليٰ جو قول:** يَاايها الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا عَلَيۡكُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ‌ۚ لَا يَضُرُّكُمۡ مَّنۡ ضَلَّ اِذَا اهۡتَدَيۡتُمۡ (المائدة آيت: 105) "اي مؤمنو! اوهين پنهنجن نفسن جي ڪريو. جيڪڏهن اوهين هدايت وارا ٿيو. تڏهن اهو اوهان کي ضرر نه رسائيندو. جيڪو ڀليو (گمراهه) ٿيو."جي باري ۾ ابو ثعلبه کان روايت آهي ته الله جو قسم! ان آيت جي باري ۾ مون رسول الله ﷺ کان سوال ڪيو. پاڻ سونهارن ﷺ فرمايو بلڪ نيڪي جو حڪم ڪندا رهو. برائي کان روڪيندا رهو. تانجو جڏهن ڏسين تون بخل جي اطاعت، خواهشن جي تابعداري، دنيا کي پسند ڪرڻ ۽ پسند ڪرڻ هر راءِ واري جو پنهجي راءِ کي، تڏهن معاملو جيڪو ضروري آهي، تنهنجو فتني کان بچڻ ۽ ان لاءِ لازم آهي توتي تنهنجي نفس(نگهباني)، ۽ ڇڏ عوام جي معاملي کي. پوءِ جيڪو ماڻهو صبر ڪندو، ڇڻ ته ٽانڊا هٿ ۾ ڪنيائين ائين ڪرڻ واري لاءِ ثواب هوندو ان جهڙن پنجاهه ڄڻن جو. چيائون اي الله جا رسول ﷺ! پنجاهه ڄڻا فرمايائون ثواب توهان جهڙن پنجاهه ڄڻن جو." (روايت ترمذي ۽ ابن ماجه)

تنهن ڪري امر ۽ نهي هميشه واجب آهي، جڏهن جهان ۾ فتنو ۽ فساد پيدا ٿئي، بخل جي اطاعت، خواهشن جي تابعداري، دنيا کي پسند ڪرڻ، پسند ڪرڻ هر راءِ واري جو پنهنجي راءِ کي،اهڙي وقت ۾ امر ۽ نهي نفعو نه ڏيندي. [11]

وقوله تعاليٰ يَاَيُّهَاالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا يَضُرُّكُمۡ الآيه

تنهن ڪري فساد ۽ فتني جي زماني ۾ جدائي واجب آهي، ۽ اوڏانهن هجرت ڪرڻ جنهن ملڪ ۾ فساد نه هجي. جاڻ ته جڏهن تنهنجا پنهنجا برائي ڪن، توکي روڪڻ جي طاقت نه آهي، هي دعا پڙهندو ڪر: اللهم هٰذا منک ولا استطيع ان انکره.

اي الله! هي ناجائز ڪم ٿين ٿا، پر مون کي روڪڻ جي طاقت ڪونهي، بنا روڪڻ جي ان دعا پڙهڻ جي ڪري انهي جو ثواب ملندو. اهڙيءَ طرح فقيه ابو الليث سمرقندي جي ڪتاب تنبيه الغافلين ۾ آهي.

جاڻ ته سٺو اخلاق ۽ نوڙت طريقت جي شرطن ۽ مقصدن مان آهي. بداخلاقي ۽ وڏائي ٻنهي جهانن ۾ نقصان ڪار آهي. الله تعاليٰ پنهنجي رسول سڳوري جي باري ۾ فرمايو آهي: "انک لعليٰ خلق عظيم - تحقيق تون اخلاق جي وڏي درجي تي آهين."

عن جابر رضي الله عنه ان النبی ﷺ قال "ان الله بعثنی لتمام مکارم الاخلاق و کمال محاسن الافعال" (رواه شرح السنه)

ترجمو: "جابر رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي ﷺ جن فرمايو ته مون کي سهڻن اخلاقن جي تڪميل لاءِ موڪليو ويو آهي." (شرح السنة)

"عن ابي ذر رضي الله عنه قال امرني خليلي يعني رسول الله ﷺ بسبع امرني بحب المساكين والدنو منهم امرني ان انظر اليٰ من هو دوني لاثم انظر اليٰ من هو فوقي وامرني ان اصل الرحم وان ادبرت اي اصحاب الرحم وامرني ان لا اسئل شيئا وامرني ان اقول بالحق وان كان مراً اي وامرني الا اخاف في الله لومة ولائم وامرني ان اقول من قول لاحول ولا قوة الا بالله فان هن اي الخصال السبع من كنز تحت العرش" (رواه احمد)

ترجمو: "ابوذر رضي الله عنه كان روايت آهي چيائين تہ حكم كيو مون كي منهنجي دوست يعني رسول الله ﷺ جن، حكم كيائون مون كي ستن كمن جو. حكم كيائون مون كي مسكينن سان محبت كرڻ جو ۽ حكم كيائين مون كي تہ مان پاڻ كان گهٽ حيثيت واري تي نظر كيان، پاڻ كان مٿي حيثيت واري تي نظر نہ كيان ۽ حكم كيائون مون كي مٽن مائٽن سان ڀلو سلوڪ كرڻ (صله رحمي) جو. توڙي جو اهي مون سان ڀلو نہ هلن ۽ حكم كيائون مون كي تہ مان چوان حق. توڙي جو كوڙو هجي ۽ حكم كيائون مون كي تہ الله جي باري ۾ مان كنهن ملامت كندڙ جي ملامت كان نہ ڊڄان. ۽ حكم كيائون مون كي تہ چوان لاحول ولا قوة الا بالله. يعني: "ناهي ڦرڻ گناهن كان، ناهي طاقت نيكي جي مگر الله سان. پوءِ بيشڪ اهي ست شيون عرش جي هيٺان كاڻ مان آهن." (روايت كيو ان كي احمد)

"عن ابي هريرة قال قال رسول الله ﷺ امرني ربي بسبع خشية الله في السر والعلانية وكلمة العدل في الغضب والرضاءِ والقصد اي الاعتدال في الفقر والغناءِ وان اصل من قطعني و اعطي من حرمني واعفو من ظلمني وان يكون همتي فكرا ونطقي ذكراً ونظري عبرةً وامرا بالمعروف." (رواه رزين)

ترجمو: "ابوهريره رضي الله عنه كان روايت آهي، چيائين تہ فرمايو رسول الله ﷺ جن تہ حكم كيو مون كي منهنجي رب ستن كمن جو. الله جو خوف هجي لڪ ۾ توڙي ظاهر ۾. كلمو انصاف جو چوڻ كاوڙ ۾ توڙي رضا ۾. وچٿرائپ هجي سڃائيءَ ۾ توڙي آسودائپ ۾. مٽي مائٽي جنهن مون سان ڇني آهي. مان ان كي ڏيان، جنهن مون كي نہ ڏنو. مان معاف كريان، جنهن مون تي ظلم كيو، منهنجي همت فكر هجي، منهنجو ڳالهائڻ ذكر هجي، منهنجو ڏسڻ عبرت ۽ امر بالمعروف هجي." (روايت حديث رزين.)

"وعن عبدالله بن عمر رضي الله عنهما ان من خياركم احسنكم خلقا." (متفق عليه)

ترجمو: "عبد الله بن عمر رضي الله عنهما كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ توهان مان ڀلارو ماڻهو اهو آهي، جنهن جا اخلاق چڱا هجن." (روايت بخاري ۽ مسلم)

"وعن ابي الدرداءِ عن النبي ﷺ قال ان اثقل شيء يوضع في ميزان المؤمن يوم القيٰمة خلق حسن وان الله يبغض الفاحش البذي." (رواه الترمذي)

ترجمو: "ابودرداءِ رضي الله عنه كان روايت آهي تہ نبي كريم ﷺ جن فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن مؤمن جي ميزان ۾ سڀ كان وزني شيءِ جيكا وڌي ويندي، سا سهڻو اخلاق آهي ۽ بيشڪ الله جل جلاله خراب اخلاق واري، بيهودي ماڻهوءَ سان دشمني ركندو آهي." (روايت الترمذي)

"فاحش" هن جاءِ تي بمعنيٰ وڏيڪ برو ۽ "بذي" بيهودو ماڻهو.

هڪ ٻي حديث ۾ آهي، جنهن كي جامع الاصول، ابودائود، بيهقي ۽ شرح السنه روايت كيو آهي تہ فاحش ۽ بذي جنت ۾ داخل نہ ٿيندا.

"وعن حارثة بن وهب قال قال رسول الله صلي الله عليه وآله وصحبه وسلم لا يدخل الجنة الجواظ والجعظري."

ترجمو: "حارثه بن وهب رضي الله عنه کان روايت آهي، چيائين تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ نہ داخل ٿيندو بهشت ۾ سخت طبيعت ۽ بخيل."

الجواظ الغليظ الفظ رواه ابودائود وفي شرح السنه والبيهقي في شعب الايمان وصاحب جامع الاصول فيه عن حارثه. وکذا في شرح السنة ولفظه قال لا يدخل الجنه الجواز الجعظري الفظ الغليظ"

ترجمو: "الجواظ" طبيعت جو سخت، اهي لفظ ابودائود جا آهن. شرح السنة ۽ شعب الايمان بيهقي ۽ جامع العلوم جي مصنف ان حديث کي حارثة جي حوالي سان آندو آهي. شرح السنة ۾ ائين آهي ۽ ان ۾ لفظ آهن:"جنت ۾ سخت طبيعت ۽ بخيل ماڻهو داخل نہ ٿيندو" جواز يعني سخت طبيعت وارو ماڻهو.

اهڙي طرح "شرح السنہ" ۾ ان جا لفظ آهن. نہ داخل ٿيندو بهشت ۾. الجواظ الجعظري الفظ الغليظ مصابيح جي نسخي ۾ آهي. عکرمه بن وهب کان الجواظ الذي جمع ومنع. جواظ اهو آهي، جيکو گڏ ڪري ۽ روڪي رکي، معنيٰ بخيل. الجعظري الغليظ الفظ جواز بروزن قهار ظاءِ نقطي واري سان معنيٰ متڪبر (وڏائيءَ وارو) فظ غليظ جي معنيٰ ۾ بہ آيو آهي. فظ معنيٰ زشت خو (بدعادت) ودرشت خو (بداخلاق) توڙي جو فربہ ٿلهو متارو ۽ جعظري بمعنيٰ بدخو (بدعادت) وزشت خو (بي حيا) وزشت گو (بداخلاق) تنهن ڪري جواظ ۽ جعظري قريب المعنيٰ آهن.

چاڻ تہ نوڙت، حياءَ، هيناهين اختيار ڪرڻ، شفقت ۽ نرمي سڀ ڀلا اخلاق آهن. نيڪ اخلاق انهن سيني کي شامل آهي.

بس ٿورڙو اختصار سان حديثن مان انهن سيني جو ذڪر ڪنداسين.

"ان الله يحب الرفق ويعطي علي الرفق مالا يعطي علي العنف ومالا يعطي عليٰ ما سواه. الرفق لا يکون في شيءٍ الا زانه ولا ينزع من شيءٍ الا شانه. من يحرم الرفق يحرم الخير.

ترجمو: "الله تعاليٰ نرميءَ کي پسند ڪندو آهي، ۽ جيترين نرميءَ تي بخششون عطا ڪندو آهي، اوترين بخششون ٻي ڪنهن بہ شيءِ تي عطا نہ ڪندو آهي ۽ جنهن شيءِ ۾ نرمي هوندي، اها ان کي سينگاريندي ۽ جنهن کان نرمي جدا ڪبي، ان کي بگاڙيندي. جيڪو نرميءَ کان محروم رهيو، گوياڪ اهو هر ڀلائيءَ کان محروم رهيو."

شرح السنه جي حديث ۾ آهي :

من اعطي حظه من الرفق اعطي حظه من خير الدنيا والاُخرة ومن حرم حظه من الرفق حرم حظه من خير الدنيا والاُخرة.

ترجمو: "جنهن ماڻهوءَ کي نرميءَ مان حصو مليو تہ ان کي دنيا آخرت جي ڀلاين مان حصو مليو ۽ جيڪو ماڻهو نرميءَ جي حصي کان محروم ڪيو ويو چڻ تہ اهو دنيا آخرت جي ڀلاين کان محروم ڪيو ويو."

صحيحين (بخاري ومسلم) جي حديث ۾ آهي:

"ان الحياءَ والايمان قرناءَ جميعا فاذا رفع احدهما رفع الاُخر."

ترجمو: "بيشڪ حياءَ ۽ ايمان گڏ آهن. جڏهن هڪ ختم ٿي ويو تہ ٻيو خودبخود ختم ٿي ويندو. ابن عباس رضي

الله عنهما جي روايت ۾ آهي تہ اذا سلب احدهما، تبعه الأخر جڏهن ڪسيو ويندو هڪڙو تہ ڪڍ لڳندو ان جي ٻيو."
ترمذي ۽ ابودائود جي حديث ۾ آهي:

من كظم غيظا وهو قادر عليٰ ان ينفذه دعاه الله عليٰ رؤس الخلائق يوم القيٰمة حتيٰ يخيره في الحور اي اشاءَ" وفي رواية ابي دائود: "وملاءَ الله قلبه امنا وايمانا."

ترجمو: "جنهن ماڻهوءَ ڪاوڙ ڪاڌي، حالانڪ اهو ڪاوڙ ڪڍي پيو سگهي تہ الله تعاليٰ ان کي سڀني مخلوق جي سامهون گهرائيندو، چوندو ان کي جيڪا حور وڻئين سا وٺ." ۽ ابودائود جي روايت ۾ آهي تہ "ڀريندو الله تعاليٰ ان جي دل کي امن ۽ ايمان سان."

مسلم شريف جي حديث ۾ آهي:

"ثلاثه لا يكلمهم الله يوم القيٰمة ولا يزكيهم وفي رواية ولا ينظر اليهم ولهم عذاب اليم: شيخ زان وملک كذاب وعائل متكبر."

ترجمو: "ٽي اهڙا ماڻهو آهن، جو انهن سان قيامت جي ڏينهن الله نہ ڳالهائيندو، نہ انهن کي پاڪ ڪندو. هڪ روايت ۾ آهي تہ انهن ڏي (رحمت) جي نظر سان ڏسندو بہ نہ. انهن لاءِ آهي عذاب دردناڪ: پوڙهو زاني، بادشاهہ ڪوڙو ۽ سڃو وڏائي ڪندڙ."

بيهقي شريف جي حديث آهي:

"من تواضع لله رفعه الله فهو في نفسه صغير وفي اعين الناس عظيم ومن تكبر وضعه الله فهو في اعين الناس صغير وفي نفسه كبير حتيٰ لهو اهون عليهم من كلب او خنزير."

ترجمو: "جنهن ماڻهو نوڙت ڪئي الله خاطر، الله تعاليٰ ان جو مانُ مٿانهون ڪندو، هو پنهنجو پاڻ کي گهٽ سمجهندو آهي، پر ماڻهن جي نظر ۾ اهو وڏو ماڻهو هوندو آهي، ۽ جنهن وڏائي ڪئي الله تعاليٰ ان کي خوار ڪندو آهي، پوءِ اهو ماڻهن جي نظر ۾ تمام گهٽ هوندو آهي، ۽ اهو پاڻ کي وڏو سمجهندو آهي، ايتري تائين جو ماڻهو ان کي ڪتي ۽ سور کان بہ خراب سمجهندا آهن."

مسلم شريف جي حديث ۾ آهي:

"لا يدخل الجنة احد في قلبه حبة خردل من كبر."

ترجمو: "نہ داخل ٿيندو بهشت ۾ جنهن جي دل ۾ سرنهن جي داڻي جيتري وڏائي آهي."

ترمذي شريف جي حديث ۾ آهي:

"يخرج عنق من النار يوم القيٰمة لها عينان يبصران واذنان تسمعان لسان ينطق ويقول اني وكلت بثلاثه بكل جبار عنيد وبكل من دعٰي مع الله الهًا آخر وبالمصورين."

ترجمو: "قيامت جي ڏينهن باهہ مان هڪ ڳچي ظاهر ٿيندي، جنهن کي ڏسندڙ اکيون، ٻڌندڙ ڪَن ۽ ڳالهائيندڙ زبان هوندي ۽ چوندي مون کي ٽن قسمن جي ماڻهن جي لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. هر ضدي سرڪش لاءِ ۽ الله سان گڏ ٻئي کي پائيوار ڪندڙ جي لاءِ ۽ صورتون ٺاهيندڙن جي لاءِ."

هن باب ۾ ڪيترين حديثون آهن، جيڪي مختلف جاين تان اختصار سان مشڪوٰة شريف مان آندل آهن. انهن جون سندون حذف ڪيون ويون آهن. جاڻ تہ سڀ شريعتون، دينَ ۽ ڪافر بہ ان ڳالهہ تي متفق آهن، تہ نوڙت، نرمي، شفقت ۽ هيناهين سهڻا ۽ سٺا اخلاق آهن، ان جي ابتڙ عادتون قبيح ۽ مذموم آهن. پر اسان وٽ معيار انهن

سيني جو شريعت ۽ عقل ۾ٺي آهن. بس ريا ۽ مداهنت خراب آهي. محبت الله خاطر ۽ دشمني الله خاطر پلي ڳالهه آهي. توڙي جو بظاهر ريا ۽ مداهنت نيڪ اخلاق مان لڳن ٿا ۽ دشمني الله خاطر بداخلاقي لڳي ٿي. ذڪر ريا ۽ ڏيکاءَ جو صدق ۽ اخلاق جي بيان ۾ ايندو ان شاءَ الله تعاليٰ. مدارات ۽ مداهنت ۾ فرق هي آهي تہ مدارات جو لفظ جائز ڪمن ۾ استعمال ٿئي ٿو. جيئن دشمن جي دل خوش ڪجي، ان جي شر کان بچاءَ لاءِ. قول يا فعل يا مال سان. مداهنت جو لفظ حرام ڪمن ۾ استعمال ٿئي ٿو. جيئن امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر کي ڇڏي ڏيڻ، ڪنهن جي دل خوش ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ان جي ناجائز ۽ غلط ڪم کي صحيح چوڻ. اهو فرق شرعي آهي. باقي لغت ۾ مدارات ۽ مداهنت ۾ فرق نہ آهي، جيئن جي صراحت ڪئي وئي آهي، ان ڳالهه جي عبدالحق رحمة الله عليه مشڪوٰة شريف جي شرح ۾.

مداهنت معنيٰ چرب زباني كردن (سٺيي زبان ڪرڻ) يكديگر روغن ماليدن (هڪ ٻئي کي تيل هڻڻ) بدله كردن در احسان كسي (ڪنهن جو احسان جو بدلو ڏيڻ) لاءِ آيل آهي. ٻيو محبت خدا خاطر ديانت، امانت، احسان ۽ ڪنهن جي چڱي ڪم کي پسند ڪرڻ.

دشمني الله خاطر: ڪنهن جي بي ديني ۽ برن ڪمن جي ڪري، ان سان دشمني رکڻ. خدا خاطر محبت رکڻ ۽ خدا خاطر دشمني رکڻ، ايمان ڪامل جي نشاني آهي.

عن ابي امامة رضي الله عنه قال قال رسول الله صلي الله عليه وآله وصحبه وسلم من احب لله وابغض لله واعطي لله ومنع لله فقد استكمل الايمان.

ترجمو: "جنهن ماڻهوءَ محبت رکي الله خاطر ۽ دشمني رکي الله خاطر، ڏنائين الله خاطر، روڪيائين الله خاطر تہ بيشڪ ڪامل ڪيائين ايمان کي." روايت ڪيو. ان حديث کي ابودائود ۽ روايت ڪيو ان حديث کي ترمذي معاذ بن انس رضي الله عنه کان پر ترمذي جي روايت ۾ لفظ ڪجهه اڳي پوءِ آهن:

"فقد استكمل ايمانه وعن ابي ذر رضي الله عنه قال قال رسول الله صلي الله عليه وسلم الحب في الله والبغض في الله." (رواه ابو دائود)

ترجمو: "ابو ذر غفاري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: پهلي ۾ پهلو عمل محبت رکڻ الله خاطر ۽ دشمني رکڻ الله خاطر آهي."

وايضًا:

عن ابي ذر رضي الله عنه قال خرج علينا رسول الله صلي الله عليه وسلم قال اتدرون اي الاعمال احب الي قال قائل الصلوٰة والزكوٰة وقال قائل الجهاد قال النبي صلي الله عليه وسلم الحب في الله والبغض في الله (رواه احمد ورواه ابوداٸود في الفصل الاخير والله اعلم بالصواب)

ترجمو: "ابو ذر رضي الله عنه کان روايت آهي چيائين تہ اسان وٽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن آيا فرمايائون تہ ڇا توهان کي خبر آهي تہ الله تعاليٰ کي سيني عملن مان وڌيڪ پيارو عمل ڪهڙو آهي؟ ڪنهن چيو تہ سائين نماز ۽ زڪوٰة ڪنهن چيو تہ جهاد. نبي صلي الله عليه وسلم جن فرمايو سيني عملن مان الله کي وڌيڪ پيارو عمل الله خاطر محبت رکڻ ۽ الله خاطر دشمني رکڻ آهي." (رواه احمد ۽ ابوداٸود).

فصل پنجون

حلال ڪمائيءَ جي طلب جي بيان ۾

حلال ڪاڌو شيطاني وسوسن کي ختم ڪندڙ آهي. ۽ حلال روزي جي طلب شريعت جي اهم رڪنن مان هڪ اهم رڪن آهي. حلال ڪاڌي کان سواءِ پريشانين کان بچڻ ممڪن نہ آهي ۽ آخرت ۾ سخت نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. اهي ڳالهيون قطعي دليلن مان ثابت آهن. حلال ڪاڌي بابت الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي:

يَاۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ وَاشْكُرُوْا لِلّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ (البقر آيت: 172)

ترجمو: "اي مؤمنو! جيڪا اوهان کي روزي ڏني سون، تنهن مان سٺيون شيون کائو ۽ جيڪڏهن اوهان رڳو الله جي عبادت ڪندڙ آهيو تہ سندس شڪرانو ڪريو."

هڪ ٻي جڳهہ تي الله تبارڪ وتعاليٰ جو ارشاد آهي:

وَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۠ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْۤ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ (المائدة آيت: 88)

ترجمو: "۽ جيڪي الله اوهان کي پاڪ حلال رزق ڏنو آهي، تنهن مان کائو ۽ ان الله کان ڊڄو جنهن کي اوهين مڃيندڙ آهيو."

هڪ ٻي جڳهہ تي الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان آهي:

يَاۤاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا مِمَّا فِي الْاَرْضِ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ۭ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ (البقره آيت: 168)

ترجمو: "جيڪي شيون زمين ۾ آهن، تن مان پاڪ حلال شيون کائو ۽ شيطان جي وکن تي نہ هلو."

طيب، سيد ۽ ميت جي وزن تي آهي. معنيٰ اهڙي پاڪ شيءِ، جيڪا سليم الفطرت طبيعت کي وڻندڙ هجي ۽ شرعي طريقي سان حاصل ڪئي وئي هجي.هي شرعي اصطلاح آهي لغت ۾ طيب مطلق پاڪ شيءِ کي چئبو آهي. تنهن ڪري غصب ڪيل مال کي شريعت ۾ پاڪ ۽ طيب نہ چئبو جيتوڻيڪ لغت ۾ ان کي پاڪ چئي سگهجي ٿو.

حديث شريف ۾ پڻ حلال روزي حاصل ڪرڻ جي وڏي فضيلت آيل آهي. حضرت مقداد بن معديڪرب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

"ما اكل احد طعاما خيرا من ياكل من عمل يديه وان نبي الله داؤد عليه السلام كان ياكل من عمل يديه" (رواه البخاري)

ترجمو: "هٿ جي ڪمايل ڪاڌي جهڙو ٻيو ڪوبہ پلو ڪاڌو ٿي نہ ٿوسگهي. بيشڪ الله جو نبي (حضرت) داؤد عليه السلام بہ هٿ جي ڪمائي کائيندو هو."

حضرت ابو هريره رضي الله عنه كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ان الله طيب لايقبل الا طيبا وان الله امر المؤمنين بما امر به المرسلين فقال يٰاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَاعْمَلُوْا صَالِحًا وقال وَيٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ."

ترجمو: "الله تعاليٰ پاڪ آهي ۽ پاڪ شيون ئي قبول ڪندو آهي ۽ الله تعاليٰ مؤمنن کي بہ ان ڳالهہ جو حڪم ڪيو، جنهن ڳالهہ جو رسولن کي حڪم ڪيائين. فرمائي ٿو: اي پيغمبرو! سٺين شين مان کائو ۽ چڱا ڪم ڪريو ۽ (مؤمنن کي) فرمايائين: "اي مؤمنو!سٺيون شيون کائو."

ان کان پوءِ رسول الله ﷺ جن هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو ذڪر ڪيو: جيڪو ڊگهو سفر ڪري ٿو: (مسافر جي دعا جلد قبول پوندي.) پريشان حال آهي. پنهنجا هٿڙا آسمان جي طرف کڻي پنهنجي رب کي سڏي چوي ٿو: يارب! يارب! اي منهنجا پالڻهار! اي منهنجا پالڻهار! حالانڪ ان جو کاڌو حرام جو آهي. ان جو پيئڻ حرام جو آهي. ان جو لباس حرام جو آهي. ان جي جسم جي غذا حرام جي آهي. پوءِ الله اهڙي ماڻهوءَ جي دعا ڪيئن قبول ڪندو." (مسلم)

تنهن ڪري اهڙي ماڻهوءَ جي دعا قبول نہ ٿيندي. نہ ان جي ذڪر ۾ اثر هوندو ۽ ان جي دل شيطاني وسوسن ۾ مبتلا هوندي. خوراڪ، ٻج جي مثل آهي جيڪڏهن ٻج پليت هوندو تہ ان مان "سَلو" بہ پليت ٿي نڪرندو. مشائخ طريقت وٽ اهو قاعدو مُقرر آهي.

هڪ ٻي حديث شريف ۾ حلال ڪمائيءَ جي فضيلت هن ريت بيان ٿيل آهي. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

طلب كسب الحلال فريضة بعد الفريضة

(رواه البيهقي في شعب الايمان)

ترجمو: "ٻين فرضن کان پوءِ حلال روزيءَ جي طلب ڪرڻ بہ فرض آهي."

"نفحات السالڪين" ۾ آهي تہ عبادت جا ڏهہ حصا آهن. انهن مان نو حصا حلال ڪمائيءَ سان تعلق رکن ٿا. هڪڙو حصو ٻين سمورين عبادتن سان تعلق رکي ٿو: مثنوي معنوي ۾ لکيل آهي:

بيت

علم و حکمت زاید از لقمہ حلال
بحر عشق ازوي بجو شد بي ملال
لقمہ تخم است و برش اندیشها
لقمہ بحر و گوهرش اندیشها
چون زلقمہ توحسد بیني دوام
جهل و غفلت زاید آنرا دان حرام

ترجمو: علم ذاهپ حلال جي گرھ (کائڻ) سان آهي. عشق جو سمنڊ ان کان ملول ٿيڻ بغير جوش ۾ ايندو آهي. گرھ (حلال) انهن خيالن جو ٻج آهي ۽ گرھ انهن خيالن جو سمنڊ ۽ گوهر آهي. ڪڏهن ڪٽڪ مان جَوَ ڦٽيا آهن ۽ ڪڏهن گهوڙيءَ مان گڏھ پيدا ٿيو آهي؟ حرام جي گرھ مان حسد پيدا ٿئي ٿو تہ غفلت ۽ جهل وڌڻ لڳن ٿا. تنهنڪري انهن کي حرام سمجهہ.[14] بزرگن فرمايو آهي تہ

لقمہ کامد زراہ شبہ ناک
خاک خوردہ بهتر است زان لقمۂ خاک
لقمۂ کامد از طریق مشتبہ
خاک خور خاکی برآن دندان منہ
کآن تر ادر راہ دین مفتون کند
نور عرفان از دلت بیروں کند
عاقبت زاں نقص دیں ظاهر شود
نفس تو زان لقمۂ قاهر شود
در رہ طاعت ترا بیجان کند
خانہء دین ترا ویران کند

ترجمو: (حرام جي) شبهي جي هڪ گرھ کائڻ کان مٽيءَ جو گرھ کائڻ وڌيڪ بهتر آهي. انهيءَ حرام (حرام جي شبهي جو) جي گرھ جي مقابلي ۾ مٽي کي پسند ڪر ان تي پنهنجي ڏندن کي نہ هيراءِ. اهو گرھ توکي (دين ۾) طعن وارو ڪري ڇڏيندو ۽ تنهنجي دل کان معرفت واري نور کي هٽائي ڇڏيندو. جنهن جي نتيجي ۾ تنهنجي دين ۾ نقص پيدا ٿيندو. جڏهن تنهنجي نفس ان گرھ کي ڪاڏو تہ نفس توکي الله تعاليٰ جي فرمانبرداريءَ ۾ پست (نيچ) ڪري ڇڏيندو ۽ تنهنجي دين جي گهر کي تباھ ۽ برباد ڪري ڇڏيندو.

جيڪي چون ٿا تہ صاحب ڪمال بزرگ کي حرام ڪاڏو نقصان نہ ڏيندو ان قول کي ڪجهہ جاهل صوفين حجت ڪري ورتو آهي. اهو اباحين ۽ شمراخين ۽ ان جهڙن بين باطل فرقن خذلهم الله تعاليٰ (الله تعاليٰ انهن کي خوار ڪري) جو مسلڪ آهي. اهو مذهب باطل آهي. ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله ﷺ ۽ امت جو اجماع ان جي باطل هجڻ تي گواھ آهن. ڪامل ۽ اڪمل انسان الله تبارڪ و تعاليٰ جا موڪليل سچا رسول آهن. انهن کي بہ الله تبارڪ و تعاليٰ حلال ڪاڏي کائڻ جو حڪم ڏنو آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان آهي:

يَاأَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَاعْمَلُوا صَالِحًا ۚ (المؤمنون آيت: 51)

ترجمو: "اي پيغمبرؤ! سٺين شين مان کائو ۽ چڱا ڪم ڪريو."

ان ڪري الله تبارڪ و تعاليٰ جي موڪليل سمورن رسولن مزدوري ڪئي آهي. اها ڳالهہ حديث شريف مان پڻ ثابت آهي. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"مابعث الله نبيا الا رعي الغنم فقال اصحابه وانت؟ فقال نعم كنت ارعيٰ علي قراريط لاهل مكة" (رواه البخاري)

ترجمو: "الله تبارڪ و تعاليٰ جي موڪليل هر نبيءَ ٻڪريون چاريون آهن. صحابه ڪرام عرض ڪيو تہ اوهان بہ ! (اي الله جا رسول ﷺ!) تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو! هائو! مون بہ ڪجهہ ٽڪن تي مڪي وارن جون ٻڪريون چاريون آهن."

حديث شريف جي شارحن ٻڪرين چارڻ جي حڪمت بابت ڪيترائي اهم نڪتا لکيا آهن. جيڪي حديث جي ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

نبين ۽ رسولن کان پوءِ سڀ کان وڏيڪ درجو خلفاءِ راشدين جو آهي. اهي بہ حلال ڪاڏي ڪائڻ جا مامور آهن، تنهن ڪري بي خبريءَ ۾ جڏهن اهي حرام ڪاڏو ڪائي ويندا هئا تہ خبر پوڻ تي اهو ڪاڏو الٽي ڪري ڪڍي ڇڏيندا هئا. حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي فرمائي ٿي:

"کان لابي بکر رضي الله عنه غلام يخرج له الخراج (وهو الضربة علي العبد بما يکسبه) وکان ابوبکر رضي الله عنه ياکل من خراجه فجاءَ يوما بشي فاکل منه ابوبکر رضي الله عنه فقال له الغلام اتدري ما هٰذا؟ فقال ابوبکر رضي الله عنه ما هو؟ قال کنت تکهنت لانسان في الجاهلية وما احسن الکهانة الا اني خدعت فلقيني فاعطاني بذٰلک فهذا الذي اکلت منه فادخل ابوبکر يده فقاءَ کل شيءُ في بطنه" (رواه البخاري)

ترجمو: "حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جو هڪ ٻانهو هو. جيڪو پنهنجي ڪمائي مان ڪجهہ حصو حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کي ڏيندو هو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ان جي خراج مان ڪائيندو هو. هڪ ڏينهن ان ٻانهي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کي ڪاڌي جي ڪا شيءِ آڻي ڏني. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ان مان ڪجهہ ڪاڌو. ان کان پوءِ ان ٻانهي چيو: اي ابوبڪر رضي الله عنه ڇا توکي معلوم آهي تہ مون هي ڪاڌو ڪٿان آندو؟ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه پڇا ڪيس ڪٿان آندئي؟ چيائين: مان جاهليت واري دور ۾ ماڻهن کي ٽڳڻ جي لاءِ "ٽوٽڪا ڦيٽا" ڪندو هيس. انهن پراڻن مريدن مان هي نذراني طور تي مليو آهي. حضرت عائشه رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه وات ۾ آڱر وجهي ۽ اهو ڪاڌو الٽي ڪري ڇڏيو.

حضرت زيدبن اسلم رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائي ٿو:

"شرب عمر بن الخطاب رضي الله عنه لبنا فاعجبه قال للذي سقاه من اين لک هذا اللبن؟ فاخبره أنه ورد عليٰ ماءٍ قوم فاذا النعم من النعم الصدقة وهم يسقون فحلبوا لي من البانها فجعلته في سقاي وهو هذا فادخل عمر رضي الله عنه يده فاستقاء" (رواه البيهقي في شعب الايمان)

ترجمو: "هڪ ڀيري حضرت عمر رضي الله عنه کير پيتو، اهو کير حضرت عمر رضي الله عنه کي پسند آيو. پيارينڌڙ کان پڇا ڪيائين تہ تو هي کير ڪٿان آندو؟ ان ٻڌايس تہ آئون پاڻي جي هڪ چشمي تي ويس اتي صدقي جا جانور چري رهيا هئا، انهن مان منهنجي لاءِ کير ڏڌو ويو. مون اهو کير ٿانوَ ۾ وجهي ڪٺي آيس. هي ان مان آهي. اهو ٻڌي حضرت عمر رضي الله عنه پنهنجو هٿ وات ۾ وڌو ۽ الٽي ڪري ڇڏيائين.

مثنويءَ واري فرمايو آهي:

هرکہ ويرا لقمہ شد نور جلال
هرج خواهد آن خورُد او را حلال

ترجمو: "جيڪو گهري ٿو تہ الله تعاليٰ کيس پنهنجي حلال وارو گرهہ نصيب ڪري، ان کي گهرجي تہ حلال روزي جو گرهہ کائي." مثنوي ۾ ٻي جڳهہ تي لکيل آهي:

لقمہ شبہ است کامل را حلال
گر تو کاملُ نیستي مي باش لال
هر چہ گیرد علتي علت شود
کفر گیرد کاملي ملت شود

ترجمو: ”ڪامل کي شبهي وارو گرهہ (حلال آهي) جڏهن تون ڪامل نہ آهين تہ پوءِ ڳاڙهو ٿيءُ جيڪو پاڻ بيمار آهي اهو جيڪي وٺندو تنهن سان پاڻ بيمار ٿي پوندو. پر ڪامل ڪفر وٺندو تہ اهو ملت (دين) ٿي پوندو“

هي شرعي حلال ۽ حرام جو بيان نہ آهي. بلڪ مريد جي گهٽي نہ ڪائڻ جو بيان آهي. مريد کي اجايو گهٽو نہ ڪائڻ گهرجي تہ جيئن جسماني غذا روحاني غذا کان ٽپي نہ وڃي، ڇو تہ ان لاءِ جسماني غذا جي گهٽائي روحاني غذا کان مانع آهي. تنهن ڪري ان کي گهٽو ڪائڻ منع آهي. بخلاف ڪامل جي جو ان کي ڪاڏو مانع نہ آهي. تنهن ڪري ان لاءِ حلال آهي. مثنوي جو سياق سباق ان معنيٰ تي چٽي دلالت ڪري ٿو: جيڪو پنهنجي حماقت جي ڪري ان کي ٻي معنيٰ ۾ استعمال ڪندو تہ اهو پاڻ کي نقصان ۽ خساري ۾ وجهندو ڪفر گيرد ملت شود وارو مثال مناسڪ حج وغيره لاءِ آهي. مثال طور: احرام جا احڪام، صفا ۽ مروه جي درميان ڊوڙڻ، طواف جي دوران اضطباع ڪرڻ، جمرن کي پٿريون هڻڻ، مٿو ڪوڙائڻ يا ڪترائڻ، انهن سڀني ڪمن جي حڪمت الله تبارڪ و تعاليٰ پاڻ ئي ڄاڻي ٿو تہ انهن ۾ ڪهڙو راز رکيل آهي؟ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪوجاڻي نہ ٿو سگهي. جيڪڏهن شارع عليه السلام کان اهي ڳالهيون ثابت نہ ٿين ها تہ اهي شيون مشروع ۽ مروج نہ ٿين ها. جيڪڏهن عقل انهن ڳالهين کي تسليم نہ ڪري تہ پوءِ عقل تي نہ هلبو ڇو تہ انسان جو عقل اسرار الٰهي تائين پهچي نہ ٿو سگهي. تنهن ڪري حضرت عمرؓ کان منقول آهي تہ هڪ ڀيري حضرت عمرؓ ”حجر اسود“ کي چمي ڏني. ان کان پوءِ ان کي مخاطب ٿي چيائين: آئون! ڄاڻان ٿو تہ تون هڪ پٿر آهين. تنهنجي هٿ ۾ نہ نفعو آهي ۽ نہ نقصان. جيڪڏهن مان رسول الله ﷺ جن کي توکي چمي ڏيندي نہ ڏسان ها تہ مان توکي ڪڏهن بہ چمي نہ ڏيان ها. (بخاري و مسلم)

اهڙي ريت عيدين جون تڪبيرون حضرت حسنؓ ۽ حضرت حسينؓ جي رُاند ڪيڏڻ جي ڪري واجب ٿيون. ”ترغيب الصلٰوة“ ۾ اهو قصو ذڪر ٿيل آهي.

رمضان المبارڪ ۾ رات جو ڪائڻ، پيئڻ ۽ جماع حضرت عمرؓ جي ڪري جائز ٿيو. ”هر چہ گيرد علتي علت شود“ مان مراد اهڙا مباح ڪم آهن. جيڪي ڪافرن سان مشابهت رکڻ جي ڪري ممنوع ڪيا ويا آهن.

سڀ کان ڀلو ڪاڏو اهو آهي، جيڪو پنهنجي هٿ جي محنت سان ڪمايو ويو هجي. پر جيڪڏهن ڪنهن شرعي سبب جي ڪري هٿ جو پورهيو نہ ٿو ڪري سگهي تہ جيڪڏهن اهومستحق آهي تہ ان کي ”بيت المال“ مان ڏنوويندو. پر جيڪڏهن اهڙي علائقي ۾ رهي ٿو، جتي بيت المال جو پيسو مستحقن تائين نہ ٿو پهچي تہ ان وقت مسلمانن جي مٿان لازم آهي تہ ان سان همدردي ڪندي، ڪاڌي پيتي ۽ پوشاڪ وغيره ۾ ان سان تعاون ڪن.

دين جو ڪم ڪندڙ اهڙو معلم ۽ متعلم، جنهن کي ”بيت المال“ ۽ عام مسلمانن جي مالن مان ڪجهہ نہ ٿو ملي ۽ ان جي ڪري هو تعليم ۽ تعلم جو ڪم جاري رکي نہ ٿو سگهي تہ بالاجماع بنا ڪنهن اختلاف

جي، ان کي بقدر ضرورت سوال ڪرڻ جائز آهي. البتہ ضرورت کان وڌيڪ جي باري ۾ اختلاف آهي. ڪنز الدقائق ۽ ان جي شارحين جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص وٽ هڪ ڏينهن ۽ رات جو کاڌو موجود آهي تہ ان کي سوال ڪرڻ حرام آهي ۽ ٻين عالمن جو چوڻ آهي تہ جيڪو ماڻهو الله تبارڪ و تعاليٰ جي رضا جي لاءِ دين جي ڪم ۾ مشغول آهي ۽ ان جي ڪري ٻيو ڪو ڪم ڪار ڪري نہ ٿو سگهي. اهڙي ماڻهوءَ وٽ جيڪڏهن سڄي سال جو کاڌو موجود آهي. پوءِ بہ ان کي سوال ڪرڻ جائز آهي، ڇو تہ ان ماڻهوءَ کي ان کان سواءِ ٻي ڪا مستقل آمدني نہ آهي. تنهن ڪري اهو زڪوٰة جي نصاب جو مالڪ هئڻ جي باوجود زڪوٰة جو مصرف آهي. ان ڳالهہ جي تشريح شيخ عبدالحق مشڪوٰة جي شرح ۽ علامه حموي شرح الاشباه ۾ ڪئي آهي.

گهڻيون حديثون ڪنز الدقائق واري قول جون تائيد ڪن ٿيون ۽ ڪي حديثون پوئين قول جي تائيد ڪن ٿيون. البتہ محققين وٽ هيءَ ڳالهہ وڌيڪ پسند آهي تہ ضرورت کان اڳ سوال ڪرڻ نہ گهرجي. ڇو تہ ضرورت متوقع جو ڪوئي اعتبار نہ آهي ۽ سوال ڪندڙن جي لاءِ سخت وعيد آيل آهي. تنهن ڪري ضرورت تي ئي بند آهي. وڌيڪ سوال نہ ڪجي. ڪن عالمن وٽ جيڪڏهن ڪنهن شخص وٽ پنجاهہ درهم موجود آهن تہ اهڙي ماڻهوءَ کي سوال ڪرڻ جائز نہ آهي. بهرحال جيترو ٿي سگهي تہ سوال کان بچجي. حديث شريف ۾ پڻ سوال ڪرڻ جي مذمت ڪئي وئي آهي. حضرت زبير بن العوام رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: (16)

"لان ياخذ احدکم حبله فياتي زمة حطب عليٰ ظهره فيبيعها فيکف الله بها وجهه خيرا له من ان سئل الناس فاعطوه او منعوه" (رواه البخاري)

ترجمو: "جيڪڏهن اوهان مان ڪوئي پنهنجي سواريءَ تي ڪاٺين جي ڀري ڪٺي اچي، وڪڻي تہ اهو ان جي لاءِ هن ڳالهہ کان وڌيڪ ڀلو آهي، جو ماڻهن کان سوال ڪندو وتي. ڪي ڪجهہ ڏينس ۽ ڪي خالي موٽائي ڇڏينس ۽ ان سوال ڪرڻ جي ڪري منهن ڀر وجي جهنم ۾ ڪري."

حرام مال مان صدقو ڏيڻ بہ جائز نہ آهي. جيڪو شخص حرام مال کي ثواب سمجهي صدقو ڏيندو، اهو ڪافر ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن فقير کي خبر آهي تہ صدقي ۾ ڏنل مال حرام آهي، پوءِ بہ ان جي لاءِ خير جي دعا گهري ٿو تہ اهو بہ ڪافر ٿي ويندو. نعوذ بالله منها.

فقيهن وٽ هي قاعدو مسلم آهي تہ:

"اذا اجتمع الحلال والحرام غلب الحرام علي الحلال"

ترجمو: جڏهن حلال ۽ حرام گڏ ٿين تہ حرام حلال تي غالب اچي ويندو.

"فتاويٰ قنيہ" ۾ لکيل آهي تہ جيڪڏهن غالب گمان آهي تہ بازار ۾ وڪامجندڙ شيون حرام آهن تہ انهن جي خريداريءَ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ڪا شيءِ خريد ڪيائين ۽ ان کي ان جي حلال يا حرام هجڻ جو يقين نہ آهي تہ اها شيءِ ان جي لاءِ حلال ۽ طيب شمار ڪبي. علامه حموي ان بابت لکيو آهي تہ جيستائين ڪنهن شيءِ جي حرام هجڻ جو يقين نہ آهي، تيستائين ان کي حلال شمار ڪبو.

جيڪڏهن غالب گمان هي آهي تہ بازار ۾ وڪامجندڙ شيون حلال آهن تہ ان وقت انهن جي حلال ۽ حرام هئڻ بابت سوال، جواب ۽ تحقيق ڪرڻ لازم نہ آهي. پر جيڪڏهن اهڙي ماڻهوءَ کان خريد ڪري ٿو، جيڪو حلال

۽ حرام جي تميز نہ رکندو آهي تہ پوءِ تحقيق ڪجي تہ سٺو آهي. مطلب هي تہ پهرين صورت ۾ تحقيق ڪرڻ واجب نہ آهي پر پوءِ بہ تحقيق ڪري تہ بهتر آهي ۽ ٻي صورت ۾ تحقيق ڪرڻ لازم آهي.

عام قاعدو هي آهي تہ "ما ثبت باليقين لايزال الا باليقين" جيڪا شيءِ يقين سان ثابت ٿي آهي. اها يقين سان ئي ختم ٿيندي. احناف وٽ جڏهن اصل جي اعتبار سان هر مال "مباح" آهي. بازار ۾ حلال ۽ حرام جي گڏجي پوڻ جي ڪري حرام هئڻ جو شڪ پيدا ٿيو.

هاڻي جيستائين انهن شين جي حرام هئڻ جو يقين پيدا نہ ٿئي، انهن شين جي حلت ۽ حرمت بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ هڪ قسم جي "جرح" آهي. ان صورت ۾ انهن شين بابت سوال جواب ڪرڻ لازم نہ آهي. جيڪڏهن بنا تحقيق جي اهڙي قسم جون شيون خريد ڪري ٿو، يا تحفه يا صدقه ۾ ملن ٿيون تہ هن لاءِ اهي شيون حلال شمار ڪبيون، ڇو تہ صرف شڪ جي ڪري حرمت ثابت نہ ٿيندي. ڇو تہ شين ۾ اصل حلال آهي. البتہ بزرگن ۽ "تقويٰ" وارن وٽ مشتبه مال کان پرهيز ڪرڻ واجب آهي. مگر اهڙي سخت مجبوريءَ وقت استعمال ڪري سگهجي ٿو جيڪا مشتبه مال کي "مباح" بڻائي. جيئن مسلم قاعدو آهي: "الضرورات تبيح المحظورات" مجبوري ممنوع شين کي مباح بڻائيندي آهي.

جيڪڏهن خود "نقود" (پيسن) ۾ شڪ پوي تہ اهي حلال طريقي سان حاصل ڪيا ويا آهن، يا حرام طريقي سان ميڙيا ويا آهن، جيئن بادشاهن جا انعام اڪثر حرام هوندا آهن. انهن کي "مباح" بڻائڻ جو حيلو هي آهي تہ پهريائين بطور ادار جي واپاريءَ کان کي شيون خريد ڪجن، بعد ۾ ٻي مجلس ۾ واپاريءَ کي اهي قرض وارا پيسا ادا ڪجن. امام ابو يوسف امام ابو حنيفہ کان اهڙي روايت آندي آهي ۽ اهڙي صراحت الاشباه والنظائر ۾ جتي حلال ۽ حرام جي ملي وڃڻ جو ذڪر آهي، اتي پڻ ملي ٿي. هن قاعدي مان معلوم ٿيو تہ ورثي وارو مال ورثي ملڻ کان پوءِ وارث جي حق ۾ ۽ اهي پئسا جيڪي قرضدار قرضيءَ کان ورتا آهن، قبضي کان پوءِ وارث ۽ قرضدار جي حق ۾ حلال ٿي ويندا. توڙي جو مورث ۽ قرضيءَ جي حق ۾ حلال نہ هجن.[17]

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو:

"مايزال الرجل يسئل الناس حتيٰ ياتي يوم القيامة ليس في وجهه مزعة لحم" (رواه البخاري و مسلم)

ترجمو: "هڪ انسان ماڻهن کان سوال ڪندو رهندو، تانجو قيامت جي ڏينهن اهڙي حال ۾ ايندو جو ان جي منهن ۾ گوشت جو هڪ ٽڪر بہ نہ هوندو."

اهڙي ريت حضرت سهل بن حنظلهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو:

"من سئل الناس وعنده ما يغنيه فانما يستكثر النار"

ترجمو: "جنهن ماڻهوءَ بقدر ڪفايت موجود هئڻ جي باوجود سوال ڪيو، جڻ تہ اهو پنهنجي لاءِ باهہ ڪٺي ڪري رهيو آهي."

علماءَ جو فرمان آهي تہ جنهن وٽ صبح ۽ شام جو کاڌو موجود آهي. ان کي سوال ڪرڻ جائز نہ آهي. ڪن وٽ جنهن ماڻهوءَ وٽ ڏينهن ۽ رات جو کاڌو موجود آهي، اهڙي ماڻهوءَ کي سوال ڪرڻ جائز نہ آهي.

حضرت عبدالله بن مسعودؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو:

"من سئل الناس وله ما يغنيه جاءَ يوم القيامة ومسئلته في وجهه خموش او خدوش او كدوح قيل يا رسول الله وما يغنيه؟ قال خمسون درهما اوقيمتها" (رواه ابوداؤد، والنسائي، وابن ماجه)

ترجمو: "جنهن بقدر ڪفايت هوندي، ماڻهن کان سوال ڪيو، اهو قيامت جي ڏينهن اهڙي حال ۾ ايندو جو ان سوال جي ڪري ان جي منهن ۾ رانيوتا يا رهنديا يا رهڙ هوندا. صحابه ڪرام عرض ڪيو: قدر ڪفايت ڇا آهي. پاڻ ﷺ جن فرمايائون: پنجاهه درهم يا ان جي قيمت جيترو مال.

علماءَ جي هڪ جماعت جو چوڻ آهي تہ جنهن ماڻهوءَ کي سوال ڪرڻ جائز آهي. ان لاءِ مسجد ۾ سوال ڪرڻ جائز نہ آهي. پر انهن عالمن جو اهو قول صحيح نہ آهي. شيخ جلال الدين سيوطي رحمة الله عليه مسجد ۾ سوال ڪرڻ جي جواز ۾ "بذل المسائل في السوال في المساجد" جي نالي سان هڪ مدلل رسالو لکيو آهي. ان جي جواز ۾ حديثون پڻ پيش ڪيون اٿائين.

هيءَ ڳالهہ بہ معلوم هئڻ گهرجي تہ اميرن ۽ بادشاهن کان وظيفن ۽ تحفن جي قبول ڪرڻ ۾ اختلاف آهي. علماءِ محققين جو اهو اختلاف فقيه ابو الليث بستان ۽ فتاويٰ جي ٻين ڪتابن ۾ مذڪور آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص جي ڪجهہ ڪمائي حلال جي آهي ۽ ڪجهہ حرام جي آهي، حلال ۽ حرام ڪي گڏي ڇڏي ٿو تہ ان صورت ۾ جمهور طريقت وارن جو چوڻ آهي تہ اهڙي ماڻهوءَ جو نہ هديه قبول ڪرڻ جائز آهي، نہ ئي ان جي گهر جو کاڌو کائڻ جائز آهي ۽ نہ ئي ان کان ڪا شيءِ خريد ڪرڻ جائز آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن طريقي سان معلوم ٿي وڃي تہ اها شيءِ حلال طريقي سان حاصل ٿيل آهي. ان وقت اها شيءِ قبول ڪرڻ جائز آهي. البتہ ڪن جو چوڻ آهي تہ خريد ڪندڙ جي حق ۾ ان جون سڀ شيون حلال ۽ جائز آهن. حرمت جو وبال ان جي مالڪ تي هوندو، ڇو تہ وٺندڙ کي خبر نہ پوندي تہ هيءَ شيءِ حرام آهي. ڇو تہ شين ۾ اصل حل (حلال هئڻ) آهي. شڪ جي ڪري ان جي "حلت" ختم نہ ٿيندي. ڇو تہ يقين شڪ سان ختم نہ ٿيندو آهي. "بستان" ۾ لکيل آهي:

حضرت عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ان السلطان يصب من الحلال والحرام فما اعطاک فخذه فانما يعطيک من الحلال"

ترجمو: "بادشاهہ وٽ حلال بہ هوندو آهي تہ حرام بہ ۽ اهو جيڪا شيءِ توکي ڏي، تون اها قبول ڪر! ڇو تہ اهو حلال مان ئي ڏيندو."

هن قسم جي حديث حضرت علي رضي الله عنه کان بہ منقول آهي. هنن حديثن جي معنيٰ هن ريت بيان ڪئي اٿائون تہ جيڪو شخص مخلوط ۽ مشتبه مال "خيرات" ڏيندو، اها حلال مان واقع ٿيندي. ان مسئلي ۾ محقق فقيهن جي تحقيق هيءَ آهي تہ غالب کي حڪم ڪل جو آهي. جيڪڏهن گهڻائي اهڙي مال جي آهي، جنهن کي حرام طريقي سان حاصل ڪيو ويو آهي تہ ان کي حرام شمار ڪبو. پر جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي باري ۾ يقين سان معلوم ٿئي تہ هي حرام مان نہ آهي تہ ان کي حلال شمار ڪبو.

جيڪڏهن گهڻائي اهڙي مال جي آهي، جنهن کي حلال طريقي سان حاصل ڪيو ويو آهي تہ ان کي حلال شمار ڪبو. پر جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي باري ۾ يقين سان معلوم ٿئي تہ هي حرام مان آهي تہ ان کي حرام شمار ڪبو. پر سلامتي ۽ تقويٰ هن ڳالهہ ۾ آهي تہ هر مشتبه شيءِ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي، جيئن حديث شريف ۾ آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"الحلال بين والحرام بين وبينهما شبهات لايعلمهن كثير من الناس فمن اتقي الشبهات استبرا لدينه ومن وقع في الشبهات وقع في الحرام كالراعي يرعي حول الحميٰ يو شک ان يرتع فيه"

ترجمو: "حلال ۽ حرام ظاهر آهن. حلال ۽ حرام جي درميان ڪي مشتبه شيون آهن. پوءِ جيڪو شخص انهن مشتبه شين کان بچيو، ان پنهنجو دين محفوظ رکيو ۽ جي ڪو مشتبه شين ۾ واقع ٿيو اهو حرام ۾ وجي پوندو. جيئن ڌنار "چراگاهه" جي پرسان مال چاريندو آهي. قريب آهي جو ان "چراگاهه" ۾ واقع ٿئي."

بازار ۾ وڪروٽيندڙ شين جو حڪم اڪثريت تي آهي. جيڪڏهن بازار ۾ اڪثريت حرام مال جي آهي ته ان کي حرام شمار ڪبو. تنهن ڪري اتان ڪا شيءِ خريد ڪرڻ نه گهرجي.[18]

اسان جيڪو مٿي قاعدو بيان ڪيو آهي ته جيڪڏهن ڪو مشتبه مال مان خيرات ڪندو ته اها حلال مان واقع ٿيندي. ان قاعدي مان هي سمجهڻ نه گهرجي ته واپاريءَ کي دوکي سان حرام شيون ڏيڻ جائز آهي ته بلڪ ائين ڪرڻ ناجائز آهي والله اعلم بالصواب.

امام ابو حنيفه رحمة الله عليه کان منقول آهي ته جيڪڏهن ڪو بادشاهي ڪاڌي تي حاضر ٿئي ته پنهنجي دل کان مشورو وٺي. جيڪڏهن ان جي دل تسليم ڪري ته هي ڪاڌو حلال جو هوندو ته "کائي" نه ته نه کائي. جيئن حديث شريف ۾ آهي: استفت قلبک. يعني تون پنهنجي دل کان مشورو وٺ.

امام صاحب جو هي قول اهڙن دل جي صاف ۽ متقي انسانن جي لاءِ آهي. جيڪي نور الٰهي ۽ دل جي فراست سان حلال ۽ حرام معلوم ڪري وٺن ٿا. والله اعلم بالصواب.

هيءَ ڳالهه پڻ ياد رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص جو اڪثر مال•حرام جو آهي ته ان جو هديه قبول نه ڪبو ۽ نه ئي ان جو ڪاڌو کائبو، پر جيڪڏهن چيائين ته هي حلال مان آهي، يا ورثي مان مليل آهي يا بطور قرض جي ورتل اهي ته ان صورت ۾ ان کي حلال شمار ڪبو. اتان معلوم ٿيو ته ورثو ۽ قرض حلت جو سبب آهن. ڪن وٽ اها روايت معتبر آهي. البته شارح حموي لکيو آهي ته: المرتاشي ڪتاب الڪراهية جي باب مسائل متفرقه ۾ هيءَ ڳالهه لکي آهي ته: جيڪڏهن ڪنهن شخص وٽ حلال مال آهي ۽ اهو ڪنهن حرام مال مثلاً رشوت جي مال يا ڌوکي سان هٿ ڪيل مال يا غصب ڪيل مال يا چوريءَ جي مال يا خيانت واري مال يا وياج واري مال سان خلط ملط ٿي ويو آهي ته ان جو سڄو مال مشتبه ليکبو. ڪنهن به شخص کي جائز نه آهي جو ان سان ڏيتي ليتي يا واپار ڪري ۽ نه اهڙي ماڻهو کان قرض وٺي سگهجي ٿو ۽ ان جا هديا وغيره قبول نه ڪبا ۽ ان جي گهر جو ڪاڌو نه کائبو ۽ اهڙيءَ طرح ان کي خير و خيرات ۽ زڪوٰة وغيره کان روڪبو. ڇو ته هين جو مال ملائڻ جي ڪري ان جو مال مشتبه ٿي چڪو آهي. اتان معلوم ٿيو ته مشتبه مال قرض وٺندڙ جي حق ۾ منجي نٿو بلڪ ساڳيو ئي مشتبه رهي ٿو.

شارح بزازيه لکيو آهي ته جيڪڏهن مورث ڪا شيءِ رشوت يا بطور ظلم جي حاصل ڪئي هئي ۽ وارث بعينه ان شيءِ جي باري ۾ ڄاڻي ٿو ته هيءَ ناجائز طريقي سان حاصل ڪيل آهي ته وارث کي ورثي ۾ اها شيءِ وٺڻ جائز نه آهي، پر جيڪڏهن بعينه ان شيءِ بابت ان کي ڄاڻ نه آهي ته ان صورت ۾ وٺي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن ديانتاً ان شخص جي نالي صدقه ڪري ڇڏي، جنهن کان ورتي وئي آهي ته سٺو آهي.

باقي شرح وقايه جي "بيوع فاسده" جي بيان ۾ جيڪو لکيل آهي ته عرف ۾ حلت ۽ حرمت ۾ هٽن جي منجهڻ کي دخل آهي، اهوڄاڻ نه هئڻ جي صورت تي محمول آهي. [19]

علامه الحموي"الحظر والاباحة" ۾ شيخ عبدالوهاب الشعراني کان پڻ اهڙي قسم جي تشريح نقل ڪئي آهي، جنهن احناف جي ڪن فقيهن کان نقل ڪيو آهي ته "ان الحرام لايتعدي ذمتين" يعني حرام ٻن دفعن جي متنجڻ سنجڻ کان اڳتي نه وڌندو آهي. يعني ٽئين جي حق ۾ حرمت ختم ٿي ويندي. هي علم نه هئڻ جي صورت تي محمول آهي. يعني جيڪڏهن ڪنهن شخص بطور رشوت يا غصب يا ظلم سان مال حاصل ڪيو. ان شخص اهو مال ٻئي شخص کي واپار ۾ يا تحفه ۾ يا خيرات ۾ ڏنو. هن اهو مال ٽئين شخص کي ڏنو. هاڻي جيڪڏهن اهو ٽيون شخص ان مال جي حقيقت ڄاڻي ٿو ته ان ٽئين شخص کي ان مال مان نفعو وٺڻ جائز نه آهي، پر جيڪڏهن ان ٽئين شخص کي ان مال جي حقيقت جي خبر نه آهي ته ان کي ان مان نفعو وٺڻ جائز آهي. فقيه ابو جعفر جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ان ٽئين شخص کي ان مال جي حقيقت جي خبر آهي، پوءِ به ان کي ان مان نفعو وٺڻ جائز آهي. ڇو ته جڏهن هڪ کان ڦري ٻئي وٽ آيو ۽ ٻئي کان ٽئين وٽ آيو ته ان ڦير ڦار جي ڪري ٽئين جي حق ۾ حلت ثابت ٿيندي. هي ڳالهه وڌ ۾ وڌ فتويٰ تائين موقوف آهي. البته تقويٰ هن ڳالهه ۾ آهي ته اهڙي مال کان پرهيز ڪري.

اهڙي طرح جيڪڏهن مرد پنهنجي گهر واريءَ کي حرام مال مان خرچ ڏئي ٿو، يا ان کي حرام پوشاڪ ڍڪائي ٿو ته زال کي اهو کاڌو کائڻ جائز آهي. ان جو گناهه مڙس تي آهي. علامه حموي پڻ اهڙي قسم جي ڳالهه ذڪر ڪئي آهي.

اڄوڪي هن دور ۾ مشتبه مال کان بچڻ ممڪن نه آهي، ڇو ته سڀ علائقا مشتبه مال سان ڀريا پيا آهن. حلال وجي ٿورو بچيو آهي. هن دور ۾ حرام کان بچڻ وڏي غنيمت آهي.

باقي جيڪو عرف ۾ مشهور آهي "تسمية الله بر حرام گفتن کفر است" حرام شيءِ تي "بسم الله" پڙهڻ ڪفر آهي. اهو حرام "لعينه" سان خاص آهي. مثال طور زنا ڪرڻ، يا شراب پيئڻ، يا مردار کائڻ وقت بسم الله پڙهڻ ۽ حرام لغيره عارضي جيئن مثال چوري ڪيل مال ۽ غصب ڪيل مال تي بسم الله پڙهڻ ڪفر نه آهي. "مواهب الرحمٰن" ۾ پڻ ان جي وضاحت ٿيل آهي.

ڄاڻڻ گهرجي ته حرام ٻه قسم آهي. هڪ حرام لعينه مثلاً زنا، شراب وغيره ۽ ٻيو حرام لغيره مثلاً چوري ڪيل مال ۽ غصب ڪيل مال. پهرين قسم جي شروعات ۾ بسم الله پڙهڻ ڪفر آهي ۽ ٻئي قسم جي کاڌي کائڻ وقت بسم الله پڙهڻ ڪفر نه آهي. عقائد سنيه ۾ لکيل آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص ڪنهن جو مال غصب ڪيو ۽ ان جي کائڻ وقت "بسم الله" پڙهيائين ته ان سان ڪافر نه ٿيندو. البته بعض مشائخ کان منقول آهي ته ان جي ڪري اهو شخص ڪافر ٿي ويندو، ڇو ته ان الله تبارڪ و تعاليٰ جي نالي جي توهين ڪئي آهي.

شرح عقائد نسفيه ۾ پڻ اهڙي قسم جو مسئلو لکيل آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص حرام کي حلال ڪيو، پوءِ جيڪڏهن اهو حرام، حرام لعينه آهي ۽ دليل قطعي سان ثابت آهي ته اهو شخص ڪافر ٿي ويندو. پر جيڪڏهن حرام لغيره آهي ۽ ظني دليل سان ثابت آهي ته اهو شخص ڪافر نه ٿيندو. البته ڪن عالمن وٽ حرام لعينه ۽ حرام لغيره جو فرق نه آهي. والله اعلم بالصواب. [20]

فصل ڇهون

عوام الناس جي توبه جي بيان ۾

توبه "طريقت" جي وڏن مرتبن مان هڪ مرتبو ۽طريقت ڏانهن وڌڻ جي لاءِ پهريون قدم آهي. البت ڪن وٽ طريقت ڏانهن گامزن ٿيڻ لاءِ پهريون قدم، دل جي بيداري آهي. دل کي غفلت مان ڪڍڻ توبه کان مقدم آهي. پهريون قول جمهور جو آهي، ڇو ته دل جي بيداري الله تبارڪ و تعاليٰ جي توفيق سان ٿيندي آهي. ان ۾ ٻانهي جو ڪو ئي دخل نه آهي. البت توبه ٻانهي جي فعل سان ٿيندي آهي. ۽ طريقت به ٻانهي جي "اڪتساب" سان حاصل ٿيندي آهي.

عوام الناس جي توبه ٽي قسم آهي. هڪ قولي معنيٰ زبان سان توبه ڪرڻ، ٻيو جناني معنيٰ دل ۾ گناهه کي ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪرڻ. ٽيون عملي معنيٰ عملي طور تي به انهن گناهن کي ڇڏي ڏجي. انهن ٽن قسمن مان پهرين قسم (يعني صرف زبان سان توبه ڪرڻ) جو ڪوئي اعتبار نه آهي. البت پويان ٻئي قسم معتبر آهن. هن فصل ۾ توبه جو پهريون ۽ ٻيون قسم بيان ڪيو ويندو ۽ توبه جو ٽيون قسم علحده فصل ۾ بيان ڪبو انشاءَ الله تعاليٰ. خواص ۽ اخص الخاص جي توبه علحده فصل ۾ بيان ڪئي ويندي.

اي هدايت جا پانڌيئڙا ! توکي معلوم هئڻ گهرجي ته توبه، اوبه ۽ انابه لغت ۾ انهن ٽنهي لفظن جي معنيٰ رجوع آهي. يعني باز اچڻ. شرعيٰ عرف ۾ انهن ٽنهي لفظن جي معنيٰ آهي. شيطان جي تابعداري ڇڏي، رحمان جي تابعداري ڪرڻ. ڄاڻڻ گهرجي ته قرب ۽ دوري ظاهري اعتبار سان آهي. حقيقي نه آهي. ڇو ته هر انسان کي حقيقي قرب جو حق ان ڏينهن کان حاصل آهي. جنهن ڏينهن ان رب جي دربار ۾ رب جي ربوبيت جو اقرار ڪيو هو. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَاِذْ اَخَذَ رَبُّكَ مِنْۢ بَنِيْٓ اٰدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَاَشْهَدَهُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ ۚ اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ۭ قَالُوْا بَلٰى

(الاعراف آيت: 172)

ترجمو: "۽ (اي پيغمبر ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار آدم جي اولاد مان (يعني) پٺين مان سندن اولاد کي پيدا ڪيو ۽ سندن وجود کي مٿن شاهد ڪيائين. (۽ پڇيائين) ته (آءُ) اوهان جو پالڻهار نه آهيان ڇا؟ چيائون ته هائو (آهين)"

هر انسان ان اقرار جي ڪري اسلام واري فطرت تي پيدا ٿيو آهي، جيئن الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان آهي:

فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا ۚ لَا تَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ ۚ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ (سورة الروم آيت: 30)

ترجمو: "الله جي دين جي (پيروي ڪر) جنهن تي ماڻهن کي پيدا ڪيائين الله جي خلقت کي ڪا مٽا سٽا نہ آهي. اهو سڌو دين آهي."

هن آيت سڳوريءَ جي تفسير ۾ مفسرن هيءَ حديث آندي آهي:

"ما من مولود الا يولد علي الفطرة فابواه يهودانه او ينصرانه او يمجسانه" (رواه البخاري ومسلم)

ترجمو: "هر نئون ٻار (اسلام واري) فطرت تي ڄمندو آهي. پوءِ ان جا پيءُ ماءُ ان کي يهودي بڻائيندا آهن يا عيسائي بڻائيندا آهن، يا مجوسي بڻائيندا آهن."

هر انسان صحيح فطرت تي ڄمندو آهي. پوءِ دنيا ۾ هو نفساني خواهشن جي ڪري يا شيطان جي برغلائڻ جي ڪري بارگاه الهي کان پري ٿي ويندا آهن. ليڪن ڪي ٻانها پشيمان ٿي ان کان باز ايندا آهن ۽ حسرت ۽ پشيمانيءَ جا ڳوڙها ڳاڙيندا آهن. ان جو نالو آهي "توبه" يعني شيطان جي چنبي مان نڪري رحمان جي پناهہ ۾ اچڻ، تنهن ڪري تہ چيو ويو آهي:

"التائب من الذنب كمن لا ذنب له" (الحديث)

ترجمو: "گناهن کان توبه ڪندڙ ائين آهي جڻ تہ ان گناهہ ڪيو ئي نہ هو."

توبه تائب ٿيڻ جي ڪري اها "دوري" ختم ٿي ويندي آهي ۽ ٻانهي کي اهو قرب اصلي حاصل ٿيندو آهي.

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا ! توکي معلوم هئڻ گهرجي تہ توبه ٻہ قسم آهي. هڪ صرف گناهن کان توبه ڪرڻ، ٻيو حق غصب ڪرڻ کان توبه ڪرڻ، پوءِ حق ٻن قسمن جا هوندا آهن: هڪڙا جاني ۽ ٻيا مالي ۽ مالي حق ٻن قسمن جا آهن، اهي ظلم سان تعلق رکن ٿا، تنهن ڪري ان کي توبه عمليءَ ۾ بيان ڪنداسين. انشاءَ الله تعاليٰ. توبه جو پهريون قسم يعني صرف گناهن کان توبه ڪرڻ مثلاً : ڏيکاءُ، وياج، ڪوڙ، وڏائي، تڪبر، حسد، شراب جي پيئڻ ۽ دنيا جي محبت کان توبه ڪرڻ. ياد رکڻ گهرجي تہ اها زنا جيڪا زانياڻيءَ کي پئسا ڏئي ڪئي ويندي آهي، اها بہ هن ۾ شامل آهي، ڇو تہ هن مخلوق جو ڪو حق ضائع نہ ڪيو آهي، بلڪ پنهنجي نفس جي مٿان ظلم ڪيو آهي. انهن سمورن گناهن کان توبه ڪرڻ جا ٽي قسم آهن. پهريون توبه "قولي" يعني صرف زبان سان گناهن جي بخشش گهرڻ ۽ "استغفرالله، استغفر الله" چوڻ ۽ انهن گناهن کان باز نہ اچڻ ۽ سچائيءَ سان رجوع نہ ڪرڻ ۽ دل ۾ پشيمان نہ ٿيڻ اها "منافقن" جي توبه آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

يَقُوْلُوْنَ بِاَفْوَاهِهِمْ مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۗ (آل عمران آيت: 167)

ترجمو: "پنهنجن واتن سان اهي (ڳالهيون) چوندا آهن جيڪي سندين دلين ۾ نہ آهن."

ان توبه جو ڪوئي اعتبار نہ آهي. اهڙي توبه ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ برابر آهي. بلڪ اهو پنهنجي رب سان "استهزاء" (مسخري ڪرڻ) آهي. فتاويٰ برهم ۾ هن حديث شريف بابت آهي:

"المستغفر بلسانه المصر عليٰ ذنبه مستهزئة بربه." [21]

ترجمو: "صرف زبان سان توبه جا لفظ اچاريندڙ ۽ گناهن تي اصرار ڪندڙ پنهنجي رب سان مسخري ڪندڙ آهي."

تنهن ڪري اهڙي قسم جي توبه معتبر نہ آهي. توبه اها معتبر آهي، جيڪا دل جي سچائيءَ سان ڪئي وڃي. اهڙي توبه جي لاءِ جمهور مشائخ ۽ فقهاءِ وٽ ٽي رڪن آهن: پهريون: پنهنجي ڪيل گناهن تي پشيمان ٿيڻ. ٻيو: گناهن کي بلڪل ڇڏي ڏيڻ. ٽيون اڳتي لاءِ گناهہ نہ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪرڻ، يعني پشيمانيءَ جي

وقت ان جي دل ۾ گناهن کان نفرت هجي، ۽ ان جي دل ۾ الله جو خوف هجي ۽ دل ۾ هي پڪو ارادو ڪري تہ اڳتي ڪڏهن بہ گناهہ نہ ڪندس، پوءِ جيڪڏهن ڪجهہ وقت کان پوءِ ان کان ڪو گناهہ ٿي ويو تہ، ان گناهہ ڪرڻ جي ڪري ان جي اڳين توبہ تي ڪو فرق نہ پوندو. بلڪ اڳئين توبہ صحيح هوندي ۽ اڳيان گناهہ ميٽيل هوندا، باقي هن گناهہ کان ان کي نئين سر توبہ ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن ڪوئي شخص گناهن کان عاجز ٿي چڪو آهي، گناهہ ڪرڻ تي قادر نہ رهيو آهي. هاڻي ان لاءِ اڳين گناهن تي پشيمان ٿيڻ ڪافي آهي يا نہ ان ۾ اختلاف آهي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ صرف گناهن تي پشيمان ٿيڻ ڪافي نہ آهي. ڇو تہ ان ۾ توبہ جا ٻيا ٻہ رڪن هڪ گناهہ ڇڏڻ ٻيو اڳتي لاءِ گناهہ نہ ڪرڻ جو پڪوارادو ڪرڻ گم آهن. ڇو تہ توبہ اها آهي جو طاقت جي هوندي گناهہ ڇڏي ڏي. ۽ طاقت جي هوندي گناهہ نہ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري، تنهن ڪري چون ٿا تہ "سڪرات" واري حالت يعني اهڙي حالت ۾ جڏهن زندگيءَ کان مايوس ٿي چڪو هجي ۽موت جا آثار چٽا نظر اچن ان وقت واري توبہ معتبر نہ آهي. ڇو تہ اها صرف پشيماني آهي. قدرت جي هوندي گناهہ ڇڏڻ ۽ قدرت جي هوندي گناهہ نہ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪرڻ موجود نہ آهي. حديث شريف مان بہ اها ئي ڳالهہ معلوم ٿئي ٿي. حضرت عبد الله بن عمر رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله عليه السلام جن فرمايو:

"ان الله يقبل توبة العبد مالم يغرغر" (رواه الترمذي)

ترجمو: "بيشڪ الله تعاليٰ ٻانهي جي توبہ تيستائين قبول ڪندو آهي جيستائين سڪرات ۾ نہ اچي."

ڪن جو چوڻ آهي تہ ان صورت ۾ صرف گناهن تي پشيمان ٿيڻ ڪافي آهي. گناهن تي پشيمان ٿيڻ جي ڪري ان جا گناهہ ميٽجي ويندا. ۽ اڳتي جي لاءِ جي گناهہ نہ ڪيائين تہ توبہ جي قبوليت جي اميد آهي، ڇو تہ پشيماني ئي اصل توبہ آهي. ڇو تہ ڪٿي ڪٿي گناهن کي ڇڏي ڏيڻ ۽ اڳتي جي لاءِ نہ ڪرڻ جو پڪوعزم ڪرڻ موجود نہ هوندو آهي. هتي گناهہ کان عاجز ٿيڻ گناهہ ڇڏڻ جي حڪم ۾ آهي. ۽ اڳتي لاءِ گناهن تي قدرت جو نہ هئڻ، گناهہ نہ ڪرڻ جي عزم ڪرڻ واري جڳهہ تي آهي. مثال طور ڪٿي زنا جو اڏو آهي، اتي زنا هلي ٿي. ڪجهہ وقت کان پوءِ اتي الله وارن اچي پنهنجو ٽڪاڻو ناهيو. انهن الله وارن جي ڪري سڄو شهر ان ڪم کان توبہ تائب ٿيو ۽ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ۽ شرمسار ٿيا. هتي گناهن جو ڇڏڻ ۽ اڳتي لاءِ گناهہ نہ ڪرڻ جو عزم ڪرڻ ٻئي موجود نہ آهن. ڇو تہ گناهہ ڇڏڻ جو مطلب آهي تہ گناهہ تي قدرت جي باوجود اهو گناهہ نہ ڪرڻ. هتي هي الله وارن جي هئڻ جي ڪري زنا تي قادر ٿي نہ ٿو سگهي ان عجز کي گناهہ ڇڏڻ جي جڳهہ تي رکيو ويو آهي ۽ اڳتي لاءِ گناهہ نہ ڪرڻ جو عزم هي آهي تہ گناهہ ڪرڻ تي قدرت جي اميد هجي، پوءِ بہ گناهہ نہ ڪرڻ جو عزم ڪرڻ هي آهي تہ هن کي زنا تي قادر ٿيڻ جي اميد نہ آهي، تنهن ڪري اڳتي جي لاءِ گناهہ تي قادر نہ ٿيڻ کي گناهہ نہ ڪرڻ جي عزم جي جڳهہ تي رکبو. هيءَ هڪ وقتي پشيماني آهي، حقيقي پشيماني اها آهي جو ان کي زنا جا سڀ اسباب مهيا هجن، ان کي الله تعاليٰ جي خوف کان سواءِ ڪا بہ شيءِ مانع هجي، پوءِ بہ زنا کان بچي اها آهي حقيقي پشيماني.

گناهہ تي قادر نہ هئڻ جا ٻيا طريقا هي آهن: مثال طور زاني نامرد ٿي ويو پوءِ توبہ ڪيائين، يا شرابي سڃو ٿي ويو، شراب جي قيمت تي قادر نہ رهيو. حرام شين ڏانهن نظر ڪندڙ انڌو ٿي ويو ۽ توبہ تائب ٿيو. ڪوڙ هڻندڙ ۽ گلا ڪندڙ گونگو ٿي ويو ۽ توبہ تائب ٿيو. هي سڀ دائمي طور تي گناهن کان عاجز ٿي چڪا.[22] ڪن جو چوڻ آهي تہ انهن جي توبہ معتبر نہ آهي ۽ ڪن وٽ جيڪڏهن اهي سچي دل سان توبہ تائب ۽ پشيمان ٿين

تا تہ انهن جي توبه مقبول آهي. ليڪن هنن جي توبه جو حڪم اهو نہ آهي، جيڪو قدرت هوندي گناهہ نہ ڪرڻ وارن جو آهي. بلڪ فرمائين ٿا ـ تہ اميد آهي تہ الله تبارڪ و تعاليٰ انهن جي توبه قبول فرمائيندو. شرح السنة ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"الندم توبة والتائب من الذنب كمن لاذنب له"

ترجمو: "گناهن تي پشيمان ٿيڻ توبه آهي ۽ گناهن کان توبه ڪندڙ ائين آهي جڻ تہ ان گناهہ ڪيا ئي نہ هيا.

هن حديث شريف ۾ پشيماني کي اصل قرار ڏنو ويو آهي. پوءِ جتي ترڪ حقيقي (قدرت هوندي گناهہ ڇڏڻ) ۽ حقيقي قدرت هوندي گناهہ نہ ڪرڻ جو عزم نہ هجي تہ اتي پشيمان ٿيڻ ئي توبه لاءِ ڪافي آهي. جيئن مٿين مثالن مان معلوم ٿي چڪو. باقي جيڪڏهن عزم دائمي نہ آهي. بلڪ غالب گمان آهي تہ ڪجهہ ڏينهن ۾ هو گناهہ تي قادر ٿي سگهندو ۽ عزم ختم ٿي ويندو، ان صورت ۾ جيڪڏهن توبه تائب ٿيندو تہ بالاتفاق ان جي توبه مقبول آهي.

جمهور وٽ توبه جا ٽي رڪن آهن. البتہ امام حسن بصري رحمه الله وٽ توبه جا چار رڪن آهن. ٽي مٿيان ساڳيا ۽ چوٿون زبان سان استغفار چوڻ يعني گناهن جي بخشش گهرڻ. پيران پير سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمه الله پڻ "غنية الطالبين" ۾ ان جي وضاحت ڪئي آهي. البتہ امام حسن بصري رحمه الله جي تفسير ۾ جمهور وارو قول آيل آهي. اتان معلوم ٿيو تہ توبه جي رڪنن جي باري ۾ امام حسن بصري رحمه الله جا ٻہ قول آهن. جمهور وٽ توبه تائب ٿيڻ جي لاءِ استغفار رڪن نہ آهي، بلڪ مسنون ۽ مستحب آهي.

هي ٻہ ڄاڻڻ گهرجي تہ التوبة النصوح (سچي توبه) ان توبه کي چئبو آهي جنهن کي ڪڏهن ٻہ نہ ٽوڙي ۽ موت تائين ان تي برقرار ۽ ثابت قدم رهي. "تنبيه الغافلين" ۾ آهي تہ هڪ دفعي حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه رسول الله ﷺ جن کان پڇا ڪئي تہ "توبة النصوح" ڇا آهي؟ تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ان يندم المذنب علي الذنب الذي اصاب فيعذر الي الله ثم لا يعود"

ترجمو: "توبة النصوح هيءَ آهي تہ گنهگار بندو گناهہ تي پشيمان ٿئي، پوءِ پنهنجي رب جي طرف رجوع ڪري ۽ وري ڪڏهن ٻہ اهو گناهہ نہ ڪري."

ڪن جو چوڻ آهي تہ توبه مطلق لاءِ ٻہ رڪن آهن: هڪ پنهنجي ڪيل گناهن تي پشيمان ٿيڻ، ٻيو گناهہ ڇڏي ڏيڻ ۽ "توبة النصوح" جا ٽي رڪن آهن ٻہ مٿيان ساڳيا ۽ ٽيون پشيمانيءَ جي وقت اڳتي لاءِ گناهہ نہ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪرڻ، پوءِ جيڪڏهن توبه تائب ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر گناهہ ڪيائين تہ ان کي "توبة النصوح" نہ چئبو! ڇو تہ جيڪڏهن توبه جي وقت ان جو گناهہ نہ ڪرڻ وارو عزم سچو هجي ها تہ وري گناهہ نہ ڪري ها. سچي توبه کان پوءِ گناهہ ڇڏي ڏيڻ ۽ ان توبه تي برقرار رهڻ تقويٰ ۽ پرهيزگاري آهي. البتہ ڪن وٽ توبه الڳ شيءِ آهي ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاري الڳ شيءِ آهي. توبه تائب ٿيڻ کان پوءِ گناهہ بلڪل ڇڏي ڏجن. وري گناهن جي ويجهو اچڻ نہ گهرجي.

"غنية الطالبين" ۾ لکيل آهي تہ جيڪو شخص رب کان بخشش ٻہ گهري ٿو ۽ گناهن کان ٻہ نٿو مڙي، اهو پنهنجي رب سان مسخري ڪري ٿو. "فتاويٰ برهنه" ۾ ان قول کي حديث چيو ويو آهي.[23] "غنية الطالبين" ۾ لکيل آهي تہ توبه کان پوءِ هڪ گناهہ ڪرڻ، انهن ستن گناهن کان وڌيڪ آهي، جيڪي توبه کان اڳ ۾ ڪيا

ويا آهن. يحييٰ بن معاذ رازي جو بہ اهو ئي قول آهي. هن قول جو مطلب آهي تہ توبه تائب ٿيڻ کان اڳ ڪيل گناهہ توبه جي ڪري مٽجي وڃن ٿا. ۽ ٻانهو مغفور بڻجي وڃي ٿو. توبه کان پوءِ گناهہ ڪرڻ پنهنجي اقرار کي ٽوڙڻ ۽ عهد شڪني آهي، ڇو تہ توبه هڪ قسم جو پنهنجي رب سان گناهہ نہ ڪرڻ جو عهد آهي. مثنوي واري ان ڳالهہ کي هن انداز ۾ بيان ڪيو آهي:

بيت

نقض ميثاق وشکستن توبها

موجب لعنت بود در انتها

صد هزاران سرکشان اندر دهر

گشته از توبه شکستن خوک و خر

قوم يک چون عهد حق انداختند

جسم شان بوزينه ظاهر ساختند

اندرين امت نشد مسخ بدن

ليک مسخ دل بود اي ذو فطن

ترجمو: "وعدو ٽوڙڻ ۽ توبه ٽوڙڻ آخرت ۾ لعنت وسڻ جو سبب آهي، زماني ۾ لکين سرڪش آهن. توبه ٽوڙڻ وارا سوئر ۽ گڏهہ ٿيا آهن. جڏهن ڪنهن بہ قوم الله تعاليٰ سان ڪيل (توبه وارو) عهد ٽوڙيو آهي تہ انهن جون شڪليون باندرن ۽ پولن جهڙيون ٿي پيون. پر هن امت ۾ شڪلين جو مسخ ٿيڻ نہ آهي، پر انهن جون دليون مسخ ٿي ويندون آهن. اي سمجهہ دار انسان!."

اها توبه ٽوڙڻ جي مذمت آهي. هن ڳالهہ جو بيان نہ آهي تہ ان جي توبه مقبول آهي، ڇو تہ هڪ سؤ ڀيرا توبه ٽوڙي تہ حديث شريف مان پڻ ان ڳالهہ جي وضاحت ٿئي ٿي. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ما اصر من استغفر وان عاد في يوم سبعين مرة" (رواه الترمذي)

ترجمو: "جيڪو گناهن کان بخشش گهري ٿو ان کي گناهن تي اصرار ڪندڙ نہ چئبو توڻي جو ڏينهن ۾ ستر ڀيرا اهو گناهہ ڪري."

هتي استغفار مان مراد سچي دل سان عاجزي ۽ انڪساري سان پشيمان ٿيڻ آهي. جيڪا توبه جي معنيٰ آهي. صرف زبان سان استغفار ڪرڻ مراد نہ آهي. ڇو تہ اها منافقن جي عادت آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ ڪن گناهن کان توبه ڪرڻ ۽ ڪن کان توبه نہ ڪرڻ. اهڙي قسم جي توبه قبول ٿيندي يا نہ؟ ان ۾ بہ اختلاف آهي. مثال طور زنا کان توبه ڪرڻ ۽ گلا کان توبه نہ ڪرڻ. ان بابت هڪ جماعت جو چوڻ آهي تہ اهڙي قسم جي توبه ڪرڻ جو ڪوبہ فائدو نہ آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن توبه جا سڀ شرط پورا آهن تہ اها توبه مقبول آهي ۽ جن گناهن کان توبه تائب ٿيو آهي. انهن کان بخشجي ويندو. عقائد سنيہ ۾ ان کي صحيح قرار ڏنو ويو آهي. البتہ فتاويٰ برهنه ۾ آهي تہ اهڙي قسم جي توبه ٻانهي کي نقصان ۾

،جهندي، جو تہ ڪي گناهہ ٻانهي ڪي گهڻي لذت ڏيندا آهن ۽ ڪي لذت گهٽ ڏيندا آهن، هي پوئين قسم جي گناهن کان توبه ڪندو ۽ پهرين قسم جي گناهن کان توبه نہ ڪندو تہ نقصان ۾ ويندو.

عقائد سنيہ واري شرح عقائد جلالي واري کان نقل ڪيو آهي تہ موقت (وقتي) توبه صحيح نہ آهي. مثال طور جيڪڏهن ڪو چوي تہ مان هڪ سال فلاڻو گناهہ نہ ڪندس تہ اها توبه مقبول نہ آهي. چو تہ هن ۾ اڳتي لاءِ گناهہ نہ ڪرڻ جو عزم موجود نہ آهي. جاڻ گهرجي تہ حياتيءَ کان نااميد ٿيڻ وقت ايمان آڻڻ بالاجماع مقبول نہ آهي. ان بابت قرآن مجيد ۾ آهي:

فَلَمْ يَكُ يَنْفَعُهُمْ اِيْمَانُهُمْ لَمَّا رَاَوْا بَأْسَنَا (المؤمن آيت: 85)

ترجمو: "پوءِ جڏهن اسان جو عذاب ڏٺائون (تڏهن) سندن ايمان آڻڻ کين فائدو نہ ڏنو"

اهڙيءَ طرح حياتيءَ کان نااميد ٿيڻ وقت ڪافر جي توبه بالاجماع مقبول نہ آهي. اهڙي وقت ۾ مؤمنن جي توبه بابت اختلاف آهي. اڪثر جو چوڻ آهي تہ اهڙي وقت ۾ مؤمنن جي توبه بہ مقبول نہ آهي. اڪثريت جو دليل ظاهري نص آهن. جيئن الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان آهي:

يَوْمَ يَأْتِيْ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ نَفْسًا اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ اَوْ كَسَبَتْ فِيْٓ اِيْمَانِهَا خَيْرًا (الانعام آيت: 159)

ترجمو: "جنهن ڏينهن تنهنجي پالڻهار جون ڪي نشانيون ايندون. تنهن ڏينهن اهڙي ڪنهن ماڻهو ڪي سندس ايمان آڻڻ فائدو نہ ڏيندو، جنهن اڳ ايمان نہ آندو هوندو يا پنهنجي ايمان ۾ چڱائي نہ ڪئي هوندي."

بعض آيات مان مراد اهي نشانيون آهن، جيڪي سڪرات جي وقت ڏسڻ ۾ اينديون آهن ۽ روح قبض ڪرڻ لاءِ ملائڪ حاضر ٿيندا آهن ۽ ڪن غيبن کان پردو کڄندو آهي. اهڙيءَ طرح قيامت جا چٽا آثار نظر اچڻ وقت بہ ايمان آڻڻ معتبر نہ آهي.

تفسير بيضاويءَ واري لکيو آهي تہ ان مان مراد اهڙو ماڻهو آهي، جنهن جي مٿان موت اچڻ وارو آهي، چو تہ ان وقت ان جي آڏو حقيقت ظاهر ٿي ويندي آهي. ۽ حق ظاهر ٿي ويندو آهي. تنهن ڪري ان ڪي غيب تي ايمان آڻڻ نہ چئبو.

لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ، نفس جي صفت آهي. اَوْ كَسَبَتْ فِيْٓ اِيْمَانِهَا خَيْرًا، ان جو عطف آهي، آمنت تي، معنيٰ ٿيندي، نہ نفعو ڏيندو ڪنهن بہ نفس ڪي ايمان ان جو جنهن ان ڏينهن ايمان آندو. ان کان اڳ ايمان نہ آندو هئائين، يا ان ڏينهن جيڪا چڱائي ڪيائين.ان کان اڳ پنهنجي ايمان ۾ چڱائي نہ ڪئي هيائين.

هيءَ آيت انهن عالمن جو دليل آهي، جيڪي عمل ڪي ايمان جو جز قرار ڏين ٿا ليڪن ملا عصام ۽ ملا تفتازاني بيضاوي جي حاشيه ۾ انهن جي قول جو رد ڪندي لکيو آهي تہ ايمان آڻڻ کان پوءِ چڱائي نہ ڪرڻ متصور ئي نہ آهي. بلڪ عدم نفع ايمان عدم اعتبار ايمان ڪي مستلزم آهي.[24] يعني ايمان ۾ چڱائي نہ ڪرڻ جومطلب آهي تہ ان جو ايمان معتبر نہ هو ۽ عمل صالح تڏهن نفعو ڏيندو جڏهن ايمان معتبر هجي.

ملا عصام جو چوڻ آهي تہ هن آيت جو مطلب آهي تہ جيڪڏهن اڳ ۾ ايمان نہ آندو هوندائين تہ اهڙي وقت ۾ ايمان آڻڻ ان ڪي نفعونہ ڏيندو ۽ جيڪڏهن اڳ ۾ نيڪ عمل نہ ڪيا هوندائين تہ هاڻي ان ڪي نيڪ عمل فائدو نہ ڏيندو. توبه بہ هڪ قسم جو نيڪ عمل آهي، تنهن ڪري ان ڪي اهڙي وقت واري توبه بہ فائدو نہ ڏيندي،

چو تہ اهڙي وقت ۾ هي توبه کان سواءِ ڪنهن ٻئي نيڪ عمل جي سگهہ نہ ٿو رکي. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَلَيْسَتِ التَّوْبَةُ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ حَتّٰٓى اِذَا حَضَرَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ اِنِّيْ تُبْتُ الْئٰنَ (النساءِ آيت: 18)

ترجمو: "۽ انهن جي توبه قبول ٿيڻي نہ آهي. جيڪي بڇڙايون ڪندا (رهندا) آهن (۽ نہ ڊڄندا آهن.) تانجو جنهن مهل انهن مان ڪنهن کي موت پهچندو آهي، تنهن مهل (ڊڄي) چوندو آهي تہ هاڻي آءُ توبه ڪريان ٿو."

اتان معلوم ٿيو تہ سڪرات واري وقت ڪيل توبه مقبول نہ آهي، چو تہ ان وقت غيب جون ڳالهيون ظاهر ٿي پونديون آهن. ۽ اهڙيءَ طرح توبه جا بہ رڪن گناهن جوڇڏڻ ۽ اڳتي جي لاءِ گناهہ نہ ڪرڻ جو عزم متصور نہ آهي، رسول الله ﷺ جن جي هن قول جي بہ اهائي معنيٰ آهي:

"ان الله يقبل التوبة مالم يغرغر"

ترجمو: " جيستائين سڪرات نہ اچي تيستائين الله تعاليٰ توبه قبول ڪندو آهي."

اهڙيءَ طرح حضرت صفوان بن عسال رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ان الله جعل في المغرب بابا عرضه مسيرة سبعين عاما للتوبة لا يغلق مالم تطلع الشمس من قبله وذٰلک قوله تعاليٰ يَوْمَ يَأْتِيْ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ نَفْسًا اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ اَوْ كَسَبَتْ فِيْٓ اِيْمَانِهَا خَيْرًا"

(رواه الترمذي)

ترجمو: "الله تبارڪ و تعاليٰ توبه ڪندڙ جي لاءِ اولهہ ۾ هڪ دروازو رکيو آهي، جنهن جي ويڪرائي ستر سالن جي پنڌ جي برابر آهي، جيستائين سج اولهہ کان نہ ايرندو، تيستائين اهو دروازو ڪليل هوندو. الله تبارڪ وتعاليٰ جو هي قول يَوْمَ يَأْتِيْ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ..... الخ بہ ان ڏانهن اشارو آهي."

اهڙي طرح حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ثلاث اذا خرجن لاينفع نفسا ايمانها لم تكن آمنت من قبل او كسبت في ايمانها خيرا: طلوع الشمس من مغربها والدجال ودابة الارض" (رواه مسلم)

ترجمو: "جڏهن ٽي شيون ظاهر ٿينديون. يعني جڏهن سج اولهہ کان ايرندو ۽ دجال نڪرندو ۽ جڏهن دابة الارض ظاهر ٿيندو، ان وقت اهڙي ماڻهوءَ جو ايمان آڻڻ ان کي نفعو نہ ڏيندو، جنهن ان کان اڳ ايمان نہ آندو هوندو يا ايمان مان نفعو نہ ورتو هوندائين."

اهڙي طرح رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي:

"بادروا بالاعمال ستا الدخان والدجال ودابة الارض وطلوع الشمس من مغربها وامرالعامة وخويصة احدكم" (رواه مسلم)

ترجمو: "ڇهن شين يعني دونهين جي نڪرڻ، دجال جي ظاهر ٿيڻ، دابة الارض جي نڪرڻ، سج جي اولهہ کان ايرڻ، فتني واري سال جي اچڻ ۽ موت جي اچڻ کان اڳ صالح عمل ڪري وٺو."

علامہ طيبي جو چوڻ آهي تہ سج جو اولهہ کان اڀرڻ دابة الارض جو نڪرڻ ٿئي هڪ ڏينهن هوندا يا هڪ هڪ ڏينهن ٿيندو تہ ٻيو ٿئي ڏينهن ۽ ان کان پوءِ قيامت جون ٻيون نشانيون ظاهر ٿينديون. قيامت جون نشانيون ظاهر ٿيڻ وقت توبہ قبول نہ پوڻ مان مراد ڪافرن جي توبہ آهي، باقي مؤمنن جي توبہ بابت علماءِ بلخ جو چوڻ آهي تہ اهڙي وقت مؤمنن جي توبہ قبول پوندي. ظاهر آهي تہ انهن وٽ ان بابت ڪو شرعي دليل هوندو، ڇو تہ ان معاملي ۾ قياس ڪي ڪو دخل نہ آهي، والله اعلم بالصواب.

باقي توبہ کان سواءِ گناهہ معاف ٿيندا يا نہ؟ ان بابت ڪبيرن گناهن مان شرڪ کان سواءِ ٻين ۾ اختلاف آهي، جو شرڪ توبہ کان سواءِ معاف نہ ٿيندو. ان بابت قرآن مجيد ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جو ارشاد آهي:

إِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ (النساء آيت: 48)

ترجمو: "بيشڪ الله هي (ڏوهہ) نہ بخشيندو جو (ڪنهن کي) ساڻس شريڪ ڪيو وڃي ۽ ان کان سواءِ (ٻيا گناهہ) جنهن لاءِ گهرندو تنهن کي بخشيندو."

مسند امام احمد ۾ حضرت ثوبان رضي الله عنه کان جيڪا روايت آيل آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: مون کي سڄي دنيا کان هيءَ آيت پسند آهي:

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا (الزمر آيت: 53)

ترجمو: "(منهنجي طرفان انهن کي) چئو تہ اي منهنجا اهي ٻانهؤ! جن پاڻ تي ظلم ڪيو. اوهين الله جي ٻاجهہ کان نااميد نہ ٿيو ڇو تہ الله سڀ گناهہ بخشيندو آهي."

اهو ٻڌي هڪ صحابيءَ عرض ڪيو: توهان ان شخص جي باري ۾ ڇا ٿا چئو، جنهن شرڪ ڪيو آهي (ان کي معافي ملندي يا نہ؟) تنهن تي رسول الله ﷺ جن خاموش رهيا، ان تي ان صحابيءَ ٽي دفعا ساڳيو ئي سوال دهرايو، تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو: "جنهن شرڪ ڪيو، اهو بہ هن آيت ۾ شامل آهي." هن حديث شريف جي شرح ۾ شارحن لکيو آهي تہ مشرڪ کي بنا توبہ جي معافي نہ ملندي. رسول الله ﷺ جن جي قول "الا ومن اشرڪ"[25] جو مطلب بہ اهوئي آهي تہ جيڪڏهن مشرڪ بہ شرڪ کان توبہ تائب ٿي اسلام آڻي، رب جي در تي ايندو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ ان کي بہ معاف ڪري ڇڏيندو.

باقي صغيرن گناهن بابت "اهل سنت والجماعت" جو اتفاق آهي تہ صغيرا گناهہ توبہ کان سواءِ نيڪيون ڪرڻ سان معاف ٿي ويندا، جيئن الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان آهي:

اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ (هود آيت: 114)

ترجمو: "تحقيق چڱايون مداين کي ختم ڪنديون آهن."

ڪبيرن گناهن جي باري ۾ شرڪ ۽ حقوق الله کان سواءِ اختلاف آهي. معتزلن جو چوڻ آهي تہ ڪبيرن گناهن جي بخشش توبہ کان سواءِ ممڪن نہ آهي ۽ الله تعاليٰ جي مٿان لازم آهي تہ ڪبيرن گناهن جي مرتڪبن کي عذاب ڏي. اهل سنت والجماعت جو چوڻ آهي تہ توبہ کان سواءِ ڪبيرن گناهن جي بخشش ممڪن آهي. ڇو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان آهي: وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ

باقي اختلاف هن ڳالهہ ۾ آهي تہ الله تبارڪ و تعاليٰ توبه کان سواءِ ڪبيرن گناهن جي بخشش جو وعدو ڪيو آهي يا نہ؟

هڪ جماعت ظاهري نصن کي وٺندي چيو آهي تہ ايمان تي موت واقع ٿيڻ جي صورت ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ توبه کان سواءِ ڪبيرن گناهن جي بخشش جو وعدو فرمايو آهي ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ وعدي خلافي نہ ڪندو آهي.

اِنَّ اللهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ○

ترجمو: "بيشڪ الله (پنهنجي) انجام کي نہ ڦيرائيندو آهي."

۽ الله تبارڪ و تعاليٰ وعدو فرمايو آهي تہ ان الله يغفر الذنوب جميعا (بيشڪ الله سڀ گناهہ بخشيندو آهي.)

تفسير مدارڪ ۽ تفسير بيضاويءَ ۾ آهي تہ ان وعدي کي توبه سان مقيد ڪرڻ ظاهر جي خلاف آهي ۽ حديثون پڻ ان تي گواهہ آهن تہ مؤمنن جي بغير توبه جي بخشش بطور وعده جي آهي، نہ بطور مشيت جي (يعني جيڪڏهن چاهي تہ معاف ڪري، جيڪڏهن چاهي تہ معاف نہ ڪري) ۽ وعده جي خلاف ورزي ڪرڻ ڪوڙ آهي، ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ ڪوڙ کان پاڪ آهي، محقق اهل سنت وٽ ائين ڪرڻ ممڪن آهي ۽ مشيت وعدو نہ آهي، هڪ ٻي آيت ۾ مشيت جو بيان آهي:

وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ

ترجمو: "۽ (شرڪ کان سواءِ) جنهن لاءِ گهرندو تنهن کي بخشيندو."

احاديث شريف مان معلوم ٿئي ٿو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ مؤمن ٻانهن جون خطائون معاف فرمائيندو جيئن حضرت عباس ابن مرداس رضي الله عنه کان روايت آهي:

"ان رسول الله دعا لامته عشية عرفة بالمغفرة فاجيب اني قد غفرت لهم ماخلا المظالم فاني آخذ للمظلوم منه قال رب ان شئت اعطيت للمظلوم من الجنة وغفرت للظالم فلم يجب عشيته فلما اصبح بالمزدلفة اعاد الدعاء فاجيب الي ما سال قال فضحک رسول الله صلى الله عليه وسلم اوقال تبسم فقال له ابوبكر وعمر رضي الله عنهما بابي انت وامي ان هٰذه لساعة ما كنت تضحک فيها فما الذي اضحک؟ اضحک الله سنک! قال ان عدو الله ابليس لما علم ان الله عزوجل قد استجاب دعائي وغفر لامتي اخذ التراب فجعل يحثو عليٰ راسه ويدعو بالويل والثبور فاضحكني مارايت من جزعه.

(رواه ابن ماجه و رواه البيهقي في كتاب البعث والنشور)

ترجمو: "عرفات ۾ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي امت لاءِ بخشش جي دعا گهري. الله تعاليٰ جي طرفان جواب آيو تہ مون حقوق العباد (ٻانهن جي حقن) کان سواءِ تنهنجي سڄي امت کي بخشي ڇڏيو، ۽ ظالم کان مظلوم کي پنهنجو حق وٺي ڏيندس. تنهن تي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن عرض ڪيو تہ مظلوم کي جنت ڏئي ظالم کي بہ معاف

ڪري سگهين ٿو. صبح جو رسول الله ﷺ جن مزدلفه ۾ بہ ساڳي دعا گهري، جيڪا قبول پئجي وئي، تنهن تي رسول الله ﷺ جن مرڪڻ فرمايو: تنهن تي صديق اڪبر رضي الله عنه ۽ فاروق اعظم رضي الله عنه عرض ڪيو تہ اسان جو ابو، امڙ اوهان تان قربان ٿين! ڪهڙو سبب آهي جو اوهان مرڪي رهيا آهيو؟ الله تعاليٰ شل اوهان کي هميشه کلرائي! تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن الله جي دشمن ابليس کي خبر پئي تہ الله تبارڪ و تعاليٰ منهنجي دعا قبول فرمائي آهي ۽ منهنجي امت کي بخشي ڇڏيو آهي، تہ ابليس مٽي کڻي پنهنجي منهن ۾ وڌي ۽ پنهنجي لاءِ هلاڪت کي سڏڻ لڳو. ابليس جي ان بي صبريءَ مون کي کلائي وڌو."

اهڙي قسم جي هڪ حديث حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان پڻ منقول آهي. فرمائي ٿو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ فرمائي ٿو:

"من علم اني ذو قدرة عليٰ مغفرة الذنوب غفرت له ولا ابالي مالم يشرک بي شيئا"

(رواه في شرح السنة)

ترجمو: "جنهن يقين ڪيو تہ مان گناهن جي بخشش تي قادر آهيان تہ مان ان جا گناه معاف ڪري ڇڏيندس ۽ مون کان ڪو پڇڻ وارو بہ نہ آهي. البتہ مشرڪ کي معافي نہ ملندي."

هڪ ٻي حديث قدسي ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ فرمائي ٿو:

"يا ابن آدم انک لو لقيتني بقراب الارض خطايا ثم لقيتني لا تشرک بي شيئا لاتيتک بقرابها مغفرة" (رواه الترمذي)

ترجمو: "اي آدم جا پٽ! جيڪڏهن تو شرڪ نہ ڪيو ۽ سڄي زمين جي ڀريل هئڻ جيترا گناه کڻي مون سان ملين تہ مان بہ تو تي ايتري ئي بخشش ڪري ڇڏيندس."

حضرت ابوذر رضي الله عنه کان روايت آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"من لقي الله تعالي لا يعدل به شيئا في الدنيا ثم كان عليه مثل جبال ذنوب غفر الله له"
(رواه البيهقي في كتاب البعث والنشور)

ترجمو: "جنهن الله سان اهڙي حال ۾ ملاقات ڪئي، جو دنيا ۾ هو ان سان شريڪ نہ ڪندو هو، پوءِ توڻي جو ان جا گناه جبلن جيڏا هجن، پوءِ بہ الله تعاليٰ ان کي بخشي ڇڏيندو."

حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائي ٿو:

"كنت ردف النبي ﷺ عليٰ حمار ليس بيني وبينه الا مؤخرة الرحل فقال يا معاذ! هل تدري ما حق الله تعاليٰ عليٰ عباده وما حق العباد علي الله؟ قلت الله ورسوله اعلم. قال فان حق الله علي العباد ان يعبدوه ولا يشركوا به شيئا وحق العباد علي الله ان لايعذب من لم يشرک به شيئا فقلت يا رسول الله افلا ابشر به الناس قال لا تبشرهم فيتكلوا." (بخاري و مسلم)

ترجمو: "مان رسول الله ﷺ جن سان هڪ گڏه تي پيلهہ سوار هيس. اسان جي درميان صرف پالاڻ جو ئي فاصلو هيو. ان وقت رسول الله ﷺ جن فرمايو: اي معاذ! ڇا توکي خبر آهي تہ ٻانهن تي الله تعاليٰ جا ۽ الله تعاليٰ تي

ٻانهن جا ڪهڙا حق آهن. مون عرض ڪيو: الله ۽ ان جو رسول الله ﷺ ان بابت وڌيڪ ڄاڻن ٿا. تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو: ٻانهن تي الله جو حق هي آهي ته اهي الله جي عبادت ڪن ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪن ۽ الله تي ٻانهن جو حق هي آهي ته جڏهن ٻانها ان سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪن ته الله تعاليٰ انهن تي عذاب نه ڪري. حضرت معاذ رضي الله عنه فرمائي ٿو، تنهن تي مون عرض ڪيو: اي الله جا رسول ﷺ! ڇا ماڻهن کي مان ان جي خوشخبري ڏيان! تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو: انهن کي اها خوشخبري نه ڏي، ڇو ته اهي توڪل ڪري ويهي رهندا. (عبادت نه ڪندا. حالانڪ عبادت سان درجا بلند ٿيندا آهن)."

اهڙي قسم جون ڪوڙ حديثون آيل آهن. جن ۾ عمومي بخشش جو اعلان آهي ۽ صحيح سَنَدن سان ثابت آهن.[26] وڌيڪ مولانا شيخ نورالدين محمد قدس سره جي ڪتاب "تخلية القلوب عن سواد الذنوب" ۾ ڏسي سگهجن ٿيون، جنهن ان ڪتاب ۾ ان بابت ڪيترائي باب آندا آهن.

هتي هي به ڄاڻڻ گهرجي ته دنيا جون مصيبتون، بيماريون ۽ تڪليفون به گناهن کي ميٽينديون آهن. ان بابت به ڪيتريون حديثون آيل آهن ۽ جيڪي چون ٿا ته شرڪ ۽ حقوق الله کان سواءِ بغير توبه جي ڪبيرن گناهن جي بخشش جو وعدو ٿيل نه آهي، بلڪ مؤمنن کي بخشش جي اميد ڏيکاري وئي آهي. انهن جو دليل هي آيت آهي:

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ (الزمر آيت: 53)

ترجمو: "(منهنجي طرفان انهن کي) چئُو ته اي منهنجا اهي ٻانهوا جن پاڻ تي ظلم ڪيو، (اوهين) الله جي ٻاجهه کان نا اميد نه ٿيو."

الله تبارڪ و تعاليٰ جي رحمت کان نااميد ٿيڻ ڪفر آهي ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ جي خوف کان امن ۾ رهڻ به ڪفر آهي، ايمان خوف ۽ اميد رکڻ جو نالو آهي. حديث شريف ۾ به ائين ئي آيل آهي. قنوط ۽ ياس ۾ فرق هي آهي ته قنوط چئبو آهي، حقدار هئڻ جي باوجود وعدي تي اعتماد نه ڪرڻ ۽ ان جي مقابلي ۾ رجاءَ آهي ۽ ياس چئبو آهي حقدار نه هئڻ سان گڏ وعدي تي اعتماد ڪرڻ.

الله تبارڪ و تعاليٰ هن آيت ۾ فرمايو: لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ يعني توبه ۽ اطاعت جي ڪري رحمت جو حقدار هئڻ، باوجود الله جي رحمت کان نااميد نه ٿيو اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا يعني الله تعاليٰ توبه ڪندڙن جا گناهه معاف فرمائيندو آهي. ان ڳالهه تي "قنوط" جو لفظ شاهد آهي، يعني ٻانهو معافيءَ جو حقدار تڏهن ٿيندو، جڏهن توبه تائب ٿيندو، ڇو ته الله تبارڪ و تعاليٰ توبه ڪندڙن جي لاءِ معافي جو وعدو فرمايو آهي:

وَاِنِّيْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ (طٰهٰ آيت: 82)

ترجمو: "۽ بيشڪ جنهن توبه ڪئي آءٌ ان کي بخشيندڙ آهيان."

الله تبارڪ و تعاليٰ جي نافرماني ڪرڻ جي باوجود بغير توبه جي بخشش جي اميد رکڻ. هڪ قسم جو شيطاني دوکو ۽ حماقت آهي ۽ پاڻ کي الله تعاليٰ جي تدبير کان امن ۾ رکڻ جي ڪوشش آهي:

فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ (الاعراف آيت: 99)

ترجمو: ”جيهي واري قوم کان سواءِ (ٻيو) ڪو الله جي رٽ کان بي ڊپو نہ ٿيندو آهي.“

اهڙي قسم جي اميد رکڻ ائين آهي جيئن زهر واپرائڻ کان پوءِ حياتيءَ جي اميد رکڻ. تفسير مختصر البيان ۾ بہ ائين ئي آهي، ۽ رجاءَ ائين آهي جيئن ڪوئي شخص زمين ۾ ٻج وجهڻ کان پوءِ الله تبارڪ وتعالىٰ ۾ اميد رکي تہ الله تبارڪ و تعالىٰ پنهنجي رحمت ۽ مهربانيءَ سان هن ٻج کي آفتن کان بچائيندو ۽ ان مان سلو ڦُٽائيندو ۽ ان جي مقابلي ۾ قنوط آهي. طمع اها آهي تہ زمين ۾ ٻج پوکڻ کان سواءِ پوک ٿيڻ جي لالچ رکجي ۽ ان جي مقابلي ۾ ياس آهي.

طمع هڪڙي قسم جو دوکو آهي ۽ دوکي کائڻ کان الله تبارڪ و تعالىٰ روڪيو آهي:

فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۗ وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ (لقمان آيت: 33)

ترجمو: ”تنهن ڪري نڪي اوهان کي دنيا جي حياتي ٺڳي ۽ نڪي فريبي (شيطان) الله بابت اوهان کي فريب ۾ وجهي.“

انهن جو ٻيو دليل هي آهي تہ حضرت ابن عباس رضي الله عنه ۽ ابن مسعود رضي الله عنه جي قرات ۾ سنئون سڌو مشيت جو ذڪر آهي. انهن جي قراة ۾ اها آيت هن ريت آهي:

اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ۚ (الزمر آيت: 53)

ترجمو: ”الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن جا چاهيندو آهي، ان جا گناهہ معاف فرمائيندو آهي.“ تنهن ڪري هن آيت مان وعدو ثابت نہ ٿو ٿئي.

۽ هن ڳالهہ تي اهل سنت جو اجماع آهي تہ ڪتاب، سوال، ميزان ۽ حساب حق آهي ۽ اهي چار جدا جدا آهن. علامه تفتازاني، شرح عقائد نسفيہ ۾ پڻ ان جي وضاحت ڪئي آهي الله تعالىٰ جو فرمان آهي:

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ۝ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ (الزلزلة آيت:7- 8)

ترجمو: ”پوءِ جنهن ذري جيترو چڱو ڪم ڪيو هوندو سو ان کي ڏسندو ۽ جنهن ذري جيترو بد ڪم ڪيو هوندو سو ان کي ڏسندو.“

باقي جيڪو مٿين حديثن مان ثابت ٿيو تہ بغير توبہ جي گناهہ ميٽجي ويندا، ان مان مراد صغيرا گناهہ آهن ۽ اهو وعدو سچو آهي ۽ ڪبيرن گناهن جي بخشش الله تبارڪ و تعالىٰ جي مشيت سان خاص آهي ۽ الله چاهي تہ صغيرن تي بہ سزا ڏئي سگهي ٿو ۽ چاهي تہ ڪبيرا بہ معاف ڪري سگهي ٿو اها ڳالهہ علم ڪلام ۾ بہ ثابت ٿيل آهي.[27]

مٿي جيڪا عباس بن مرداس رضي الله عنه واري حديث گذري آهي. اڪثر محدثين وٽ اها ثابت نہ آهي. تخلية القلوب ۾ ان جي وضاحت ٿيل آهي ۽ ڪن محدثين وٽ اها حديث ثابت آهي. حديث صحيح هئڻ جي صورت ۾ هنن جو چوڻ آهي تہ اها حديث حاجين سڳورن بابت آهي، پر جيڪڏهن ان حديث کي عموم تي حمل ڪجي تہ پوءِ بہ اها حديث، حديث مفرد آهي ۽ ان مان قطعي علم ثابت نہ ٿيندو آهي ”صلوٰة التسبيح“ واري حديث مان جيتوڻيڪ صغيرن ۽ ڪبيرن گناهن جي بخشش ثابت ٿئي ٿي، ليڪن اها حديث بہ مفرد آهي. شيخ ابن جوزي ان

کي موضوع قرار ڏنو آهي ۽ بخشش بابت جيڪي به حديثون گذري آيون، اهي قطعي نص، يعني جيڪي نافرمانن جي باري ۾ حساب ڪتاب، ميزان ۽ سوال بابت آيل آهن. انهن سان ٽڪر ڪائي نٿيون سگهن. جو نه تعارض اتي هوندو آهي، جتي ٻئي برابر هجن. "نص قطعي" انهن حديثن کان حجت ۾ وڌيڪ آهي پوءِ دانشمندي جي تقاضا اها آهي ته انهن گناهن کان پاسو ڪجي ۽ شيطاني فريب ۾ اچڻ نه گهرجي!

هن باب ۾ محققن جي تحقيق هيءَ آهي ته جيڪڏهن الله تبارڪ و تعاليٰ پوري طرح حساب وٺي ته ڪوبه شخص الله تعاليٰ جي عذاب کان بچي نه سگهندو. جيئن حديث شريف ۾ آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"لن ينجي احد منكم عمله قالوا ولا انت يا رسول الله ﷺ قال ولا انا الا ان يتغمدني الله منه برحمته" (رواه البخاري و مسلم)

ترجمو: "پنهنجن عملن جي زور تي ڪوبه نه ڇٽندو. صحابه ڪرام عرض ڪيو ته اوهان به پنهنجن عملن جي زور تي نه ڇٽندا؟ تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو! مان به پنهنجن عملن جي زور تي نه ڇٽندس، مگر هي ته الله مون کي به پنهنجي رحمت سان ڍڪي.

۽ جيڪڏهن الله تبارڪ و تعاليٰ جي رحمت جوش ۾ اچي ته ڪافر به جنت ۾ داخل ٿيڻ جي اميد رکن.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"لو يعلم المؤمن ما عند الله من العقوبة ما طمع واحد بجنته ولو يعلم الكافر ماعند الله من الرحمة ما قنط من رحمته احد" (رواه البخاري و مسلم)

ترجمو: "جيڪڏهن مؤمن کي الله تعاليٰ جي عقاب جي خبر پئجي وڃي ته ڪوبه مؤمن جنت جي اميد ئي نه رکي ۽ جيڪڏهن ڪافر کي به الله جي رحمت جي خبر پئجي وڃي ته ڪو به ان جي رحمت کان نااميد نه ٿئي."

البته "معصومين" کي شفاعت جو حق آهي. اهي گنهگارن جي شفاعت ڪندا. شفاعت جا ڏهه قسم آهن. انهن مان ڇهه قسم حضرت رسول الله ﷺ جن سان خاص آهن، ان جو تفصيل حديث جي ڪتابن ۾ آيل آهي.

هي به ڄاڻڻ گهرجي ته توبه في الفور لازم آهي ان ۾ دير ۽ سستي ڪرڻ جائز نه آهي، جو ته موت تي ڪو به اعتبار نه آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَاَنِيۡبُوۡۤا اِلٰى رَبِّكُمۡ وَاَسۡلِمُوۡا لَهٗ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّاۡتِيَكُمُ الۡعَذَابُ (الزمر آيت: 52)

ترجمو: "۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن ورو ۽ ان کان اڳ سندس فرمانبردار ٿيو جو اوهان وٽ عذاب اچي."

هڪ ٻي جڳهه تي الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان هن ريت آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا تُوۡبُوۡۤا اِلَى اللّٰهِ تَوۡبَةً نَّصُوۡحًا (التحريم آيت: 8)

ترجمو: "اي ايمان وارو الله وٽ توبه ڪريو سچي توبه."

ڪڏهن ڪڏهن توبه گناهه کي هلڪوسمجهڻ جو سبب بڻجندي آهي ۽ اهو ڪفر آهي. شرح عقائد نسفيه ۽ عقائد سنيه ۽ تڪميل الايمان ۽ فتاويٰ برهنه ۾ پڻ اهڙي قسم جي وضاحت آيل آهي.

علماءِ دين ۽ مشائخ طريقت جو فرمائڻ آهي ته گناهن کي حقير سمجهڻ جي نحوست جي ڪري

اڪثرمسلمانن جو ايمان ختم ٿي ويندو آهي. عياذ اباللہ منه. ان جي ڪري اڪثرمسلمان صورت ۾ مسلمان هوندا آهن، مگر حقيقت ۾ ڪافر هوندا آهن. نعوذ باللہ منه

گناهن کي حقير سمجهڻ جي ڪري ان جو موت ڪفر تي ٿيندو آهي. نعوذ باللہ منه سڪرات وقت ان وٽ شيطان ايندو آهي، جيڪو ان کي ورغلائيندو آهي ته جيئن ملائڪن جي آڏو به ان جو ڪفر ڇٽو ٿي وڃي، ۽ عملن جو مدار خاتمي تي آهي. حديث ۾ آهي: "انما الاعمال بالخواتيم".

فتاويٰ برهنه ۾ ان جو مثال هن ريت ڏنل آهي، هڪ شخص ڪوڙ ڳالهائيندو رهندو آهي ۽ انهن کي گناهه ئي نه سمجهندو آهي ۽ ان جي دل ۾ ڪا به پشيماني نه هوندي آهي، ان جي ڪري ان جو ايمان ختم ٿي ويندو آهي. نعوذ باللہ منه. تنهن ڪري چيو ويو آهي ته توبه في الفور واجب آهي.

اهل سنت والجماعت وٽ گناهه ڪرڻ وقت مؤمن جو ايمان نڪري نه ويندو آهي. معتزلن ۽ خارجين جو چوڻ آهي ته گناهه ڪرڻ وقت مؤمن جو ايمان نڪري ويندو آهي. البته گناهه کي هلڪڙو ۽ حلال سمجهڻ جي ڪري سمورن وٽ ايمان ختم ٿي ويندو آهي ۽ اڪثر مؤمن ان کان غافل آهن ۽ اڪثر مؤمن ان کي حقير سمجهندا آهن:

بيت

بيرون زگور لاف كرامات ميزني

ايمان اگر به گور بري صد كرامت است

ترجمو: "قبر کان ٻاهر ويهي ڪرامتن جي ڊاڙ نه هڻ، جيڪڏهن توکي (ڪامل) قبر تائين ايمان حاصل آهي ته سئو ڪرامت آهي."

گناهن بابت مؤمن جو ڪهڙو حال هئڻ گهرجي؟ ان بابت حديث شريف ۾ هن ريت آيل آهي. حضرت عبداللہ بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول اللہ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

"ان المؤمن يريٰ ذنوبه كانه قاعد تحت جبل يخاف ان يقع عليه وان الفاجر يري ذنوبه كذباب فقال هُكذا."

ترجمو: "مؤمن گناهن کي ائين سمجهندو آهي ڄڻ ته اهو جبل هيٺان ويٺو آهي ۽ اهو جبل ان جي مٿان ڪِرڻ وارو آهي ۽ فاجر گناهن کي ائين سمجهندو آهي، جيئن مک ان جي نڪ وٽان گذري ۽ هي ان کي هڪلي ڇڏي."

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي ته حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي فرمائي ٿو:

"انكم لتعملون اعمالا هي ادق في اعينكم من الشعر كنا نعدها عليٰ عهد رسول اللہ صلي الله عليه وسلم من الموبقات" (رواه البخاري)

ترجمو: "اوهان اهڙا عمل ڪريو ٿا، جيڪي اوهان وٽ وار کان به وڌيڪ هلڪڙا آهن. پر اسان انهن کي رسول اللہ صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ هلاڪ ڪندڙن (گناهن) مان شمار ڪندا هئاسون."

۽ حضرت عائشه رضي اللہ عنها کان روايت آهي ته رسول اللہ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

"يا عائشة اياک ومحقرات الذنوب فان لها طالبا" (رواه ابن ماجه)

ترجمو: "اي عائشه رضي الله عنها! گناهن کي هلڪڙو نہ سمجهہ. ڇو تہ انهن جو حساب ورتو ويندو."

شرح عقائد نسفيہ واري ماتن جي هن قول: ويغفر مادون ذٰلک لمن يشاء جي هيٺان لکيو آهي تہ بعض اشاعره جو چوڻ آهي تہ وعيد جي خلاف ورزي ڪرڻ احسان آهي. تنهن ڪري الله تبارک و تعاليٰ جي لاءِ ائين ڪرڻ ممکن آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ وعيد جي خلاف ورزي ڪرڻ پنهنجي قول جي خلاف آهي. تنهن ڪري الله تعاليٰ لاءِ ائين ڪرڻ ممکن نہ آهي. جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي: مايبدل القول لدي (نڪي مون وٽ انجام ڦيرائبو آهي.)

البتہ مغفور ٻانها انهن وعيدن کان مستثنيٰ آهن. اي راهہ حق جا پانديئڙا! ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن حق جي پانديئڙي کي توبه جي توفيق ملي تہ سڀ کان پهرين غسل ڪري. پاڪ ڪپڙا پهري. اڪيلائپ ۾ اچي مصلو وڇائڻ کان سواءِ فرش تي ٻہ رڪعتون نفل پڙهي ڇو تہ مٽيءَ تي عاجزي وڌيک ٿيندي آهي. ان کان پوءِ سجده ۾ وڃي دل جي خشوع، خضوع ۽ عاجزي ۽ انڪساريءَ سان جيڪي صغيره ۽ ڪبيره گناهہ ياد پونس، انهن کان معافي گهري ۽ انهن کان توبه تائب ٿئي. ان کان پوءِ اجمالي طور سمورن گناهن کان معافي گهري.

شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي ڪتاب "غنية الطالبين" ۾ بہ ائين ئي آيل آهي. ڪن ڪتابن ۾ ڇهن رڪعتن جو ذڪر آهي. البتہ حديث مان ٻن رڪعتن جو ثبوت آهي. "غنية الطالبين" ۾ حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آيل آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو:

"مامن عبد اذنب ذنبا فقام فتوضا وصليٰ رکعتين واستغفر الله من ذنبه الا کان حقا علي الله ان يغفرله لانه تعاليٰ يقول ﴿وَمَنْ يَعْمَلْ سُوْٓءًا اَوْ يَظْلِمْ نَفْسَهٗ ثُمَّ يَسْتَغْفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ اللّٰهَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا﴾.

ترجمو: "جيڪڏهن ڪنهن ٻانهي کان گناهہ ٿي وڃي، پوءِ اهو وضو ساري ٻہ رڪعتون نفل نماز پڙهي، الله تعاليٰ کان بخشش گهرندو تہ الله تعاليٰ ان کي معاف فرمائي ڇڏيندو. ڇو تہ الله تعاليٰ پاڻ فرمايو آهي تہ: الله تعاليٰ بخشڻهار ۽ مهربان آهي."

ابن حبان ۽ ابن سني ۾ هڪ حديث هن ريت آيل آهي:

"مامن رجل يذنب ذنبا ثم يقوم فيتطهر فيتوضا ثم يصلي رکعتين ثم يستغفر الله الذنب الا غفر الله له الذنب."

ترجمو: "جيڪڏهن ڪنهن ٻانهي کان گناهہ ٿي ويو. پوءِ اهو پاڪ صاف ٿي وضو ساري ٻہ رڪعتون نفل نماز پڙهي. الله تعاليٰ کان بخشش گهري تہ الله تعاليٰ ان کي معاف ڪري ڇڏيندو."

البتہ مشڪوٰة شريف ۾ سنن ترمذي ۽ ابن ماجه کان هڪ روايت آهي جنهن ۾ رڪعتين جي جڳهہ تي يصلي آهي ۽ امام ابوحنيفه وٽ ڪامل نفل هڪ سلام سان چار رڪعتون آهن. تنهن ڪري ڪن ڇهن رڪعتن جو قول بيان ڪيو آهي.

توبه جي وقت توبه ڪندڙ کي پنهنجي حال تي روئڻ گهرجي. قيامت ۽ ان جي سختين کي آڏو رکجي تہ جيئن تضرع ۽ عاجزي وڌيک ٿئي. جيڪڏهن روئڻ نہ اچي تہ بتڪلف روئڻ جي ڪوشش ڪجي اُن ۾ وڌيک

فائدو آهي. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"مامن عبد مؤمن يخرج من عينه دموع وان كانت مثل راس الذباب من خشية الله ثم يصيب من وجهه الا حرم الله عليه النار" (رواه ابن ماجه)

ترجمو: "جيڪڏهن ڪوئي الله جو ٻانهو الله جي خوف کان ڳوڙها ڳاڙيندو ۽ اهي ڳوڙها ان جي منهن تي وهي ايندا، تہ الله تعاليٰ ان جي ڪري ان جي مٿان جهنم جي باهہ کي حرام ڪري ڇڏيندو."

۽ ترمذي شريف جي هڪ حديث ۾ آهي:

"لايلج النارمن بكي من خشية الله حتيٰ يعود اللبن في الضرع."

ترجمو: "جيئن ڏٿل کير ٿڻ ۾ واپس وڃي نٿو سگهي. تيئن الله جي خوف کان روئندڙ جهنم جي باهہ ۾ داخل نہ ٿيندو."

بخاري ۽ مسلم جي هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ ستن قسمن جا ماڻهو قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جي ڇانو ۾ هوندا، يعني الله تعاليٰ جي پناهہ ۾ هوندا ۽ ڪن چيو آهي تہ ڇانو مان مراد عرش جو سايہ آهي. اهڙن ستن قسمن جي ماڻهن ۾ الله تعاليٰ جي خوف کان روئندڙ ٻانهو بہ شامل آهي.

"غنية الطالبين" ۾ لکيل آهي تہ توبہ تائب ٿيندڙ کي گهرجي تہ هر گناهہ جي عوض بطور ڪفاره جي ان جي مثل ڪا نيڪي ڪري ڇڏي تہ جيئن "ان الحسنات يذهبن السيات" جي قاعدي موجب هن جا گناهہ بلڪل ميٽجي وڃن. مثال طور شراب واپرائڻ جي ڪفاري ۾ "کير" وغيره جو صدقو ڪري ڇڏي، ڳائڻ ٻڌڻ جو ڪفارو قرآن مجيد جي تلاوت. حديث رسول الله ﷺ جي تلاوت ۽ نيڪن جون آکاڻيون ٻڌڻ آهي. جنبي حالت ۾ مسجد ۾ ويهڻ جو ڪفارو اعتڪاف آهي. بنا وضوءَ جي قرآن مجيد کي هٿ لائڻ جو ڪفارو قرآن مجيد جي تلاوت ۽ ان جو اڪرام آهي.

ناحق ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻ جو ڪفارو "ٻانهو" آزاد ڪرڻ آهي. ڪنهن کي رنج پهچائڻ جو ڪفارو هي آهي تہ ان تي ڪو احسان ڪري ڇڏجي، ڪنهن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ جو ڪفارو هي آهي تہ ان جي لاءِ دعاءِ خير گهرجي. گلا جي جڳهہ تي ان جي تعريف ڪري ڇڏجي.

مڪتوبات منيريہ ۾ لکيل آهي تہ توبہ جي وقت ٻانهو رب جي دربار ۾ اعتراف ڪندي عرض ڪري تہ اي بخشڻهار! تنهنجو ڀڳل ٻانهو، تنهنجي دربار ۾ گناهن کان بخشش جي لاءِ آيو آهي. اي رب! گناهہ معاف فرماءِ هي گنهگار ٻانهو تنهنجي رحمت ۾ اميدوار آهي. هي گناهہ معاف فرماءِ ۽ اڳتي لاءِ گناهن کان بچاءِ ۽ هي دعا گهري:

"يا مجلي عظام الامور يا منتهي همة المؤمنين يا من اذا اراد امرا فانما يقول له كن فيكون احاطت ذنوبنا فتب علينا انک انت التواب الرحيم يامن لا يشغله سمع عن سمع يا من لا يغلطه المسائل يا من لا يبرمه الحاح الملحين اذقنا برد عفوک وحلاوة رحمتک انک عليٰ كل شيءٍ قدير."

۽ استغفار پڙهڻ جا پڻ ڪيترائي فائدا آهن. حديث شريف ۾ آهي:

"طوبيٰ لمن وجد في صحيفته استغفار كثير" (رواه ابن ماجه)

ترجمو "خوشخبري آهي اهڙي ماڻهوءَ لاءِ، جنهن جي اعمالنامه ۾ استغفار گهڻو لڌو ويو."

۽ هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي:

"من لزم الاستغفار جعل الله له من كل ضيق مخرجا ومن كل هم فرجا ورزقه من حيث لا يحتسب" (رواه احمد)

ترجمو: "جنهن استغفار تي هميشگي ڪئي، الله تعاليٰ ان جي هر تنگي ۽ ڏک کي ختم ڪندو ۽ ان کي اهڙي جڳهه تان رزق عطا ڪندو، جتان هن جو گمان بہ نہ هوندو."

"غنية الطالبين" ۾ آهي تہ توبه جي صحت ڇهن شين سان معلوم ٿيندي. هڪ: زبان جو ڪوڙ، گلا ۽ فضول ڳالهين کان محفوظ رهڻ. ٻيو: دل جو حسد ۽ دشمنيءَ کان رڪجڻ. ٽيون: بڇڙن جي سنگت ڇڏڻ. چوٿون: موت جي تياري ڪرڻ، نيڪيون گهٽيون ڪرڻ ۽ گناهن تي استغفار پڙهڻ.

۽ توبه جي قبول ٿيڻ جون چار نشانيون آهن: پهريون برن جي مجلس ڇڏي نيڪن جي مجلس اختيار ڪرڻ. ٻيو هر گناه کان رڪجڻ ۽ هر نيڪيءَ جي طرف متوجه ٿيڻ. ٽيون دنيا جي محبت کان نڪري آخرت ۽ موت جو فڪر ڪرڻ. چوٿون رزق جي باري ۾ پريشان نہ ٿيڻ، چو تہ رزق جو ذمو الله تعاليٰ کنيو آهي، جنهن ۾ اهي چار صفتون لڌيون ويندیون، توابين ۽ مطهرين مان آهي. اهڙن جي باري ۾ قرآن مجيد ۾ آيل آهي:

اِنَّ اللهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ (البقره آيت: 222)

ترجمو: "الله توبه ڪندڙ کي دوست رکندو آهي. پڻ پاڪائي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي."

"مڪتوبات منيريه" ۾ لکيل آهي تہ اي هدايت جا پانڌيڙا! جيڪڏهن توکان توبه ٽٽي وڃي تہ موٽي ٻيهر توبه ڪر ائين هڪ سؤ ۽ هڪ هزار ڀيرا[30] توکان توبه ٽٽي تہ هڪ سؤ ۽ هڪ هزار ڀيرا موٽي توبه ڪر شيطان جي تابعداري ڇڏي رب ذوالجلال جي دربار عاليہ ڏانهن رجوع ڪر جيئن گناهن ۾ چست ۽ چالاڪ هئين توبه ۾ بہ ائين ئي چستي ۽ چالاڪي ڏيکار جيڪڏهن تون گناه کان عاجز نہ ٿو ٿئين تہ توبه کان بہ عاجز نہ ٿيءُ الله تعاليٰ تنهنجي توبه قبول ڪرڻ کان عاجز نہ آهي جيڪڏهن تون هزارين ڀيرا توبه ٽوڙي رجوع ڪندي تہ الله تعاليٰ قبول ڪرڻ کان عاجز نہ ٿيندو، اهو وڏي قدرت وارو آهي.

جيڪڏهن نفس مڪار توکي چوي تہ اهڙي توبه مان ڪهڙو فائدو جيڪا بار بار ٽوڙين ٿو تہ نفس مڪار جي چوڻ تي نہ هلجاءِ ۽ ان کي چئجائين-تہ ها! اهڙي توبه مان فائدو آهي جو اڳيان گناه ميٽجي وڃن ٿا:

بيت

باز آ باز آ در راه ما باز آ
گر شوئ طالب درگاه ما باز آ
چونڪہ لا تقنطوا ز ما تو داري ياد
سازمت گر بيائي شاه ما باز آ

ترجمو: "موٽي اچ موٽي اچ اسان جي رستي تي موٽي اچ جيڪڏهن اسان جي دربار جو طلب ڪندڙ ٿئين ٿو تہ موٽي اچ جڏهن تون اسان جو فرمان (منهنجي رحمت کان) نا اميد نہ ٿيو، ياد رکيو آهي اسان جي بادشاهي الله تعاليٰ ڏني آهي اچ، موٽي اچ."

مڪتوبات منيريه ۾ لکيل آهي تہ هڪ توبه ٽوڙيندڙ پنهنجي دل ۾ سوچڻ لڳو بار بار توبه ٽوڙڻ بي حيائي آهي. تنهن ڪري هاڻي توبه نہ ڪرڻ گهرجي. ان کي آواز آيو.

تون اسان وٽ آئين، اسان تنهنجو قدر ڪيوسين (گناه معاف ڪياسين) پوءِ تون اچڻ ڇڏي ڏنو، اِسين نوڪي ڍر ڏني. هاڻي جيڪڏهن اسان وٽ ايندين تہ اسان تنهنجي توبه قبول ڪنداسين ۽ حديث شريف ۾ آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ان عبدا اذنب ذنبا فقال رب اذنبت ذنبا فاغفره لي فقال ربه اعلم عبدي ان له ربا يغفر الذنب وياخذ به غفرت لعبدي ثم مكث ماشاء الله ثم اذنب ذنبا فقال رب اذنبت ذنبا فاغفره لي فقال اعلم عبدي ان له ربا يغفر الذنب وياخذ به غفرت لعبدي ثم مكث ماشاء الله ثم اذنب ذنبا فقال رب اذنبت ذنبا آخر فاغفره لي فقال اعلم عبدي ان له ربا يغفر الذنب وياخذ به غفرت لعبدي فليفعل ماشاءَ" (بخاري و مسلم)

ترجمو: "بيشڪ ٻانهو گناه ڪندو آهي، پوءِ رب کي ٻاڏائي چوندو آهي تہ اي منهنجا رب! مون گناه ڪري وڌو آهي. مون کي معاف ڪر. تنهن تي رب فرمائيندو آهي تہ منهنجو ٻانهو ڄاڻي ٿو تہ مون کي رب آهي جيڪو گناه معاف ڪندو آهي ۽ انهن تي پڪڙ ڪندو آهي. ان ڪري مان پنهنجي ٻانهي کي معاف ڪري ڇڏيو. پوءِ ڪجهه وقت کان پوءِ ٻيهر گناه ڪري وجهندو آهي ۽ رب کي عرض ڪندو آهي: اي منهنجا رب! مون کي معاف فرماءِ! الله تعالىٰ فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهي کي خبر آهي تہ مون کي هڪ رب آهي جيڪو گناه معاف فرمائيندو آهي ۽ انهن تي پڪڙ ڪندو آهي. مون پنهنجي ٻانهي جا گناه معاف ڪري ڇڏيا. پوءِ ڪجهه وقت کان پوءِ ٽيهر گناه ڪري وجهندو آهي ۽ رب کي عرض ڪندو آهي: اي منهنجا رب! مون گناه ڪري وڌو آهي، مون کي معاف فرماءِ رب فرمائيندو آهي تہ منهنجي ٻانهي کي خبر آهي تہ مون کي هڪ رب، آهي جيڪوگناه معاف ڪندو آهي ۽ انهن تي پڪڙ ڪندو آهي مون پنهنجي ٻانهي جا گناه بخشي ڇڏيا. هاڻي جيئن وڻيس تيئن ڪري."

فصل ستون

حقوق الله ۽ حقوق العباد کان توبه جي بيان ۾

"حقوق الله" ۽ "حقوق العباد" هر هڪ جا ٻہ قسم آهن. هڪڙا جاني حق ۽ ٻيا مالي حق. "حقوق العباد" پراوا ڦبايل حق واپس ڪرڻ جو نالو آهي ۽ اهي ٻئي توبه عملي جا قسم آهن.

اي حق ۽ سچ جا ڳانڌيئڙا! جيڪڏهن تون الله تعاليٰ جا مقرر ڪيل فرض ڇڏيا آهن، هاڻي ان کان توبه تائب ٿيڻ چاهين ٿو. پوءِ جيڪڏهن تون اهي فرض ڄاڻي واڻي بغير ڪنهن شرعي عذر جي ڇڏيا آهن، پوءِ توبه جي وقت توکي ٻہ ڪم ڪرڻا پوندا. هڪ تہ تون بغير عذر جي جيڪي فرض ڇڏيا آهن. اهي ادا ڪر. ڇاڪاڻ تہ تون پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو آهي، جو تہ الله جا مقرر ڪيل فرض ادا نہ ڪرڻ، پنهنجي نفس تي ظلم آهي. نصوص قطعي ان ڳالهہ تي شاهد آهن. هاڻي توبه ڪرڻ وقت ان ظلم تي پشيمان ٿيڻو پوندو. هينئر اهي فرض نہ ڇڏبا ۽ اڳتي لاءِ پڪو ارادو ڪيو تہ مان اڳتي اهي فرض ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندس. ٻيو انهن فرضن جي قضا ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن صرف توبه ڪيائين ۽ قضا نہ ڪيائين تہ انهن جي ڇڏڻ جو وبال ختم نہ ٿيندو. البتہ ان ۾ تخفيف حاصل ٿيندي، پر جيڪڏهن صرف قضا ڪيائين ۽ توبه نہ ڪيائين تہ توبه نہ ڪرڻ جو وبال ان تي برقرار رهندو.

جيڪڏهن اهي فرض ڄاڻي واڻي نہ ڇڏيا اٿس، بلڪ ڪنهن عذر جي ڪري ان کان رهجي ويا آهن. مثلاً يادگيري نہ هئڻ جي ڪري ان کان ڪو فرض گسي ويو، يا ننڊ يا بيهوشي يا چريائپ جي ڪري ان کان ڪي فرض رهجي ويا. يا بي اختياريءَ ۾ ان کان ڪي فرض رهجي ويا، مثلاً جبر يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري، ڪي فرض ادا نہ ڪري سگهيو تہ انهن سيني صورتن ۾ صرف قضا آهي قضا ئي انهن جي توبه آهي.

پر جيڪڏهن فرض يا واجب اهڙا آهن، جن جو ڪوئي عوض يا مثل نہ آهي. مثال طور. عيد جي نماز، خطبي جي وقت خاموشي اختيار ڪرڻ. ۽ جنازي جي نماز انهن ۾ صرف توبه لازم آهي. قضا نہ آهي جيڪڏهن ڪنهن شخص "ڪراهية تحريمه" سان نماز ادا ڪئي آهي، مثلاً نماز جي واجبات مان ڪو واجب رهجي ويو اٿائين نہ ان صورت ۾ جيڪڏهن وقت باقي آهي تہ نماز موٽائي پڙهڻ واجب آهي،[31] پر جيڪڏهن وقت ختم ٿي چڪو آهي تہ پوءِ ڪراهية سان ادا ڪيل نماز قضا ڪرڻ بهتر آهي.

اسان جي مسلڪ ۾ فجر جي سنت کان سواءِ ٻين مؤڪد سنتن جي قضا لازم نہ آهي. ان بابت تفصيل فقه جي ڪتابن ۾ آهي. البتہ شافعي ۽ حنبلي مسلڪ ۾ سنتن جي قضا لازم آهي، تفصيل ڪتابن ۾ آهي

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ حج جي قضا نہ آهي. سڄي زندگي ان جو وقت آهي پر آخر جي ڪري ٻانهو

گنهگارٿيندو، چو تہ جيڪڏهن ڪو عذر نہ هجي تہ پوءِ فرضيت کان پوءِ في الفور ادا ڪرڻ لازم ٿي ويندو آهي، ڇو تہ حياتيءَ تي ڪو ڀروسو نہ آهي. پوءِ جيڪڏهن هڪ يا ٻہ سال يا انهن کان بہ وڌيڪ تاخير ڪيائين تہ تاخير جي ڪري ان کي استغفار ڪرڻو پوندو. امام محمد رحمة الله عليه کان سواءِ احناف جو اهو ئي مسلڪ آهي. امام شافعي رحمة الله عليه وٽ تاخير جي ڪري ان جي مٿان گناهہ نہ ٿيندو. البتہ تاخير جي ڪري حج ادا ڪري نہ سگهيو ۽ مري ويو تہ سيني وٽ گنهگار ٿيندو. حديث شريف ۾ آهي، حضرت ابو امامه رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

"من لم يمنعه من الحج حاجة ظاهرة اوسلطان جائر او مرض حابس فمات ولم يحج فليمت ان شاءَ يهوديا وان شاءَ نصرانيا." (رواه الدارمي)

ترجمو: "جيڪڏهن ڪنهن کي ظاهري عذر يا ظالم بادشاهہ جي ظلم يا بيماريءَ نہ روڪيو پوءِ بہ ان حج نہ ڪيو تہ پوءِ يهودي ٿي مري يا عيسائي ٿي مري."

جيڪڏهن توبه تائب ٿيندڙ وٽ ايترا پئسا نہ آهن، جو سيني جا حق ادا ڪري سگهي تہ پوءِ حقوق العباد مقدم آهن. ان وقت اڳ ۾ قوي پوءِ متوسط ۽ ان کان پوءِ ضعيف قرض ادا ڪندو. امام ابو حنيفه قرض جا ٽي قسم شمار ڪيا آهن. هڪ قوي جيئن اڌار تي ورتل قرض يا واپار جي ڪري لازم ٿيل قرض، ٻيو متوسط يعني اهڙو بدل مالي، جيڪا واپار جي لاءِ نہ هجي جيئن مثال واپرايل ڪپڙي جي قيمت ۽ رهائشي گهر جي قيمت ۽ ٽيون ضعيف يعني اهڙو قرض جنهن جو بدل مال نہ هجي، جيئن ڪابين جي رقم ۽ وصيت وغيره جو بدل. انهن سيني قرضن کان غصب ڪيل مال ۽ چوري ڪيل مال مقدم آهي ۽ جڏهن "حقوق العباد" پوراٿين تہ "حقوق الله" جي ادائگي شروع ڪجي. "حقوق العباد" جي ادائگيءَ کان پوءِ زڪوٰة ، رهيل ڪفارو، فديہ، قرباني،فطرانو ۽ باس باسيل مال ادا ڪجي، بلوغت کان وٺي توبه تائب ٿيڻ تائين جيڪي حق ياد اچن، اهي ادا ڪجن. البتہ ڪن جو چوڻ آهي تہ بلوغت کان پهريان بہ جيڪي حق لازم هئا، اهي ادا ڪجن، جيئن امام شافعي رحمة الله عليه وٽ عاقل ٻار جي مال ۾ بہ زڪوٰة واجب آهي.

چو تہ هن بغير عذر جي ادائگيءَ ۾ تاخير ڪئي آهي، تنهن ڪري ادائگيءَ جي وقت قضا سان گڏ تاخير جي ڪري استغفار بہ پڙهڻ گهرجي تہ جيئن تاخير واري غلطي معاف ٿي وڃي. جيڪڏهن توبه تائب ٿيڻ وقت هي سجو ٿي ويو آهي تہ هن جي مٿان لازم آهي تہ رات ڏينهن محنت ڪري پئسا گڏ ڪري، اهي حق ادا ڪري جيڪڏهن ڪمائڻ جي[32] سگهہ بہ نہ اٿس تہ ڏينهن رات استغفار ڪري ۽ پنهنجي غلطيءَ تي پشيمان ٿئي. اميد آهي تہ "غفار الذنوب" ان جون غلطيون معاف ڪري ڇڏيندو.

جيڪڏهن جهور پوڙهو روزا نہ ٿو رکي سگهي ۽ فديو ڏيڻ جي بہ سگهہ نہ ٿو رکي يا جيڪڏهن ڪنهن شخص باس باسي هئي تہ مان سڄي زندگي روزا رکندس. هاڻي ڪمزور ٿيڻ جي ڪري روزا نہ ٿو رکي سگهي ۽ فديو بہ نہ ٿو ڏئي سگهي تہ انهن کي بہ استغفار ڪرڻ گهرجي.

پر جيڪڏهن ڪنهن جي مٿان الله تعاليٰ جي حدن مان ڪا حد لازم ٿيل آهي، جيئن مثال زنا جي حد، شراب پيئڻ جي حد، يا چوريءَ جي حد تہ پوءِ ٻانهي کي پنهنجو عيب پاڻ ظاهر ڪرڻ نہ گهرجي ۽ پاڻ کي قاضي جي آڏو پيش ڪرڻ نہ گهرجي، بلڪ الله تبارڪ و تعاليٰ جي دربار ۾ تضرع ڪرڻ گهرجي. انهن گناهن تي

پشيمان ٿجي ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ ان جو گناهہ معاف ڪري ڇڏيندو. توبه جي لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ پاڻ کي قاضيءَ آڏو پيش ڪجي. ان ڪان سواءِ بہ توبه صحيح آهي.

شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي ڪتاب "غنية الطالبين" ۾ لکيل آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص قاضيءَ جي آڏو پنهنجي حد جو اقرار ڪيو تہ قاضيءَ جي مٿان لازم آهي تہ ان تي حد جاري ڪري. حد ثابت ٿيڻ کان پوءِ قاضيءَ کي معاف ڪرڻ جو اختيار نہ آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَلَا تَأْخُذْكُمْ بِهِمَا رَأْفَةٌ فِيْ دِيْنِ اللهِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ (سورة النور آيت: 2)

ترجمو: "۽ جيڪڏهن اوهين الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندڙ آهيو تہ الله جي دين ۾ اوهان کي انهن ٻنهي تي نرمي ڪرڻ نہ جڳائي."

جيڪڏهن توبه تائب ٿيندڙ حد جي ثابت ٿيڻ کان پوءِ حد جي قائم ڪرڻ کان انڪار ڪري تہ قاضيءَ جي مٿان لازم آهي تہ ان تي حد جاري ڪري.

غنية الطالبين ۾ آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: جيڪڏهن اوهان مان ڪو اهڙو گناهہ ڪري وڃهي جنهن تي حد لازم ٿيندي هجي تہ پوءِ ان تي ڍڪ رکي الله ان کي ڍڪيندو ۽ پنهنجو گناهہ اسان تائين نہ پهچائي، جنهن جو گناهہ اسان تائين پهتو اسين ان تي الله تعاليٰ جي حد نافذ ڪنداسون. جيڪڏهن معاملو قاضي تائين ڪنيو ويو ۽ ان تي حد قائم ٿي تہ ان جو گناهہ معاف ٿي ويندو ۽ توبہ صحيح ٿيندي ۽ گناهہ کان پاڪ ٿي ويندو.

حديث شريف ۾ آهي، حضرت عبد الله بن عمرو بن عاص رضي الله عنه کان روايت آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"تعافوا الحدود فيما بينكم فما بلغني الله من حد فقد وجب" (رواه ابو داؤد والنسائي)

ترجمو: "پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان حدون معاف ڪيو. ڪنهن حد جي اسان تائين خبر پهتي تہ اها حد لازم ٿي چڪي."

هن حديث مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن ڪنهن مسلمان کي ٻئي مسلمان جي اهڙي ڏوهہ جي خبر پوي تہ هو ان کي معاف ڪري ڇڏي. قاضيءَ وٽ ان جو اهو ڏوهہ نہ پهچائي، پر جيڪڏهن قاضي وٽ ان جو اهو ڏوهہ ثابت ٿي ويو تہ هاڻي قاضيءَ کي معاف ڪرڻ جو اختيار نہ آهي.

ماعز بن مالڪ اسلمي جي حديث مان پڻ اها ڳالهہ معلوم ٿئي ٿي تہ ماعز اسلمي، هزال بن نعيم جي هڪ ٻانهيءَ سان زنا ڪئي هئي. هزال بن نعيم حضرت ماعز اسلمي رضي الله عنه کي رسول الله ﷺ جن وٽ وٺي آيو. رسول الله ﷺ جن ان جي سنگسار ڪرڻ جو حڪم ڏنو[33] ان کان پوءِ رسول الله ﷺ جن حضرت هزال کي فرمايو تہ جيڪڏهن تون ان جو عيب ڍڪين ها تہ تنهنجي لاءِ ڀلو هو(رواه ابوداود)

۽ جڏهن رسول الله ﷺ جن کي حضرت ماعز رضي الله عنه بابت ٻڌايو ويو تہ هو پٿرن جي تڪليف جي ڪري ڊوڙي رهيو هو، تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو:

ترجمو: "تو ڇو نہ هن کي ڇڏي ڏنو، پوءِ الله کان معافي گهري ها ۽ الله تعاليٰ ان کي معاف ڪري ڇڏي ها."

باقي حضرت عائشہ رضي الله عنها جي روايت ۾ جيڪو آيل آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"اقيلوا ذوي الهييات عثراتهم الا الحدود." (رواه ابوداود)

ترجمو: "سٺي خصلت رکندڙ ٻانهن جا حدن کان سواءِ ٻيون ڪوتاهيون معاف ڪري ڇڏيو."

هي حڪم عام نہ آهي، بلڪ ٻانهن لاءِ خاص آهي جو تہ انهن جا مالڪ انهن جا والي آهن. "غنية الطالبين" ۾ لکيل آهي تہ توبه تائب ٿيندڙ کي گهرجي تہ پاڻ کي حد جي لاءِ قاضي جي آڏو پيش نہ ڪري، بلڪ الله تبارڪ و تعاليٰ کان بخشش گهري. ڏينهن رات ان جي عبادت ۾ مشغول رهي. دنياوي لذتون ڇڏي ڏي ۽ پرهيزگاري اختيار ڪري. استغفار، قرآن مجيد جي تلاوت، نماز ۽ ٻيون عبادتون گهڻيون ڪري.

حقوق العباد کان توبه

چاڻڻ گهرجي تہ حقوق الله کان حقوق العباد جو گناہ وڌيڪ آهي. حقوق العباد کان توبه جي وقت ٻہ شيون لازم آهن: هڪ انهن حقن جي ادائگي جيڪي ٻين جا ڦٻايا اٿائين ۽ ٻيو توبه ۽ استغفار ڪرڻ. جو تہ هي ٻين جا حق ڦٻائڻ جي ڪري منهيات جو مرتڪب ٿيو آهي، جن کان الله تعاليٰ روڪيو آهي. مثال طور: رشوت، چوري،وياج،ڪنهن جو ڌوڪي سان مال ڦٻائڻ يا ڪنهن مسلمان جي توهين ڪرڻ ۽ ان کي ايذاءِ پهچائڻ يا ڪنهن جومال غصب ڪرڻ. انهن سڀني صورتن ۾ هڪ ٻانهن جو حق آهي، ٻيو منهيات جي مرتڪب ٿيڻ جي ڪري الله جو حق آهي، تنهن ڪري ٻانهن جا حق ادا ڪرڻ سان گڏ ان کي استغفار ۽ توبه بہ ڪرڻي پوندي. پر جيڪڏهن اهڙا حق آهن جو انهن ۾ منهيات جو مرتڪب نہ ٿيو آهي. مثال طور: ضرورت جي وقت ادائگيءَ جي نيت سان قرض ورتائين يا خريد ۽ فروخت جي ڪري هن جي مٿان قرض لازم ٿي ويو تہ ان صورت ۾ صرف ٻانهي جو حق ادا ڪري، توبه ۽ استغفار جي ضرورت نہ آهي.

حقوق العباد ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا مالي ۽ ٻيا غير مالي. حقوق العباد جيڪڏهن مالي عيني آهن ۽ هن وٽ اهو مال موجود آهي تہ هن جي مٿان لازم آهي تہ اهو مال بعينه ادا ڪري. جيڪڏهن اهو مال موجود نہ هجي تہ ان جي قيمت ڏيندو. جيڪڏهن مال مثلي آهي ۽ هن وٽ اهو مال بعينه موجود آهي تہ اهو ادا ڪندو. جيڪڏهن موجود نہ آهي تہ ان جو مثل ڏيندو. جيڪڏهن ڪنهن جي مٿان گهر وارن، رشتيدارن ۽ مٽن مائٽن جو حق لازم هجي ۽ هي اهو ادا نہ ڪري تہ اهو بہ هڪ قسم جو ظلم آهي، تنهن ڪري هن کي انهن جو خرچ اد ڪرڻو پوندو.

جيڪڏهن ڪنهن شخص جي مٿان ڪنهن جو حق هجي ۽ هن اهو حق ادا نہ ڪيو ۽ حقدار وفات ڪري ويو تہ هن جي مٿان لازم آهي تہ اهو حق ان جي وارثن کي ادا ڪري، پر جيڪڏهن ان جو ڪوئي وارث نہ آهي يا ان جي وارثن جي ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ ان جا وارث ڪٿي آهن يا ان جا وارث اهڙي جگهہ تي منتقل ٿي ويا آهن. جو اتي حق مال پهچائڻ ممڪن نہ آهي. يا جنهن جو حق آهي، پر ان بابت خبر ئي نہ آهي تہ الائي اهو زنده آهي يا مري ويو آهي ۽ ان جا وارث بہ معلوم نہ آهن تہ انهن سڀني صورتن ۾ هي ان جو حق ديندار قاضيءَ جي حوالي ڪندو.[34] پر

آهي ۽ ان جا وارث بہ معلوم نہ آهن تہ انهن سيني صورتن ۾ هي ان جو حق دينددار قاضيءَ جي حوالي ڪندو[34] پر جيڪڏهن ڪو دينددار قاضي بہ نہ هجي تہ پوءِ هي ان جي نالي تي "صدقو" ڪري ڇڏيندو. اميد آهي تہ ان صدقي جو ثواب ان جي اعمالنامي ۾ لکبو. مڪتوبات منيريہ ۾ آهي تہ ان جي نالي تي صدقو ڪندو يا بيت المال ۾ جمع ڪرائيندو تان تہ مسلمانن جي ضرورت ۾ ڪم اچي سگهي.

"غنية الطالبين" ۾ لکيل آهي ناحق ڦٻايل چانديءَ جي هڪ دانق واپس ڪرڻ ڇهہ سو حجن کان ۽ ڪن وٽ ستن مقبول پيل حجن کان الله تعاليٰ وٽ وڌيڪ افضل آهي.

ابن مبارڪ جو چوڻ آهي تہ حرام جو هڪ درهم ڇڏڻ، سو درهمن جي خيرات ڪرڻ کان وڌيڪ ڀلو آهي. حقدارن کي راضي ڪرڻ جي نماز حق ادا ڪرڻ جي وسعت هوندي، پڙهڻ ڪو بہ فائدو نہ ڏيندي. علامہ حموي ۽ ٻين عالمن ان ڳالهہ جي وضاحت ڪئي آهي. فتاويٰ برهنہ واري خلاصہ ۽ الخزانة کان نقل ڪري اها ڳالهہ ائين لکي آهي. البتہ مجبوري جي وقت جيڪڏهن هن کي ادائگي جي سچي نيت آهي تہ پوءِ نماز ڪيس فائدو ڏئي ويندي. مشائخ جي ڪتابن مان ائين ئي معلوم ٿئي ٿو.

جيڪڏهن توبہ تائب ٿيندڙ غريب ٿي ويو ۽ پراوا حق ادا نٿو ڪري سگهي تہ اهي حقن جي ادائگي جي لاءِ محنت ڪري پئسا ڪمائي اهي پراوا حق ادا ڪري، پر جيڪڏهن ڪمائڻ کان بہ عاجز ٿي چڪو آهي، ڪمائڻ تي بلڪل قادر نہ آهي ۽ هن وٽ ايتري ملڪيت نہ آهي جو اهي حق ادا ڪري سگهي پر هن کي ڏيڻ جي سچي نيت آهي تہ اميد آهي تہ عجز جي ڪري الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن هن جي مٿان جن جا حق آهن انهن کي پاڻ راضي ڪندو، پر شرط آهي تہ سچي دل سان توبہ تائب ٿيو هجي ۽ حقن جي ادائگي جي پوري ڪوشش ڪري چو تہ انسان تي پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪرڻ لازم آهي ۽ تڪليف مالايطاق جائز نہ آهي:

لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا

ترجمو: "الله ڪنهن کي سندس وس ڌاران تڪليف نہ ڏيندو آهي."

ٻانهو سچي نيت سان ڏينهن رات محنت ڪري، ۽ حق ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري اڳتي الله تعاليٰ پاڻ مدد فرمائيندو حديث شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"من اخذ اموال الناس يريد اداؤه ادي الله عنه ومن اخذ يريد اتلافها اتلفه الله عليه." (رواه البخاري)

ترجمو: "جنهن ماڻهن کان (قرض) ورتو ۽ ان جي ادائگيءَ جي نيت اٿس تہ الله تعاليٰ ان جي لفظن کان ادا ڪندو. ۽ جي ادائگيءَ جي نيت نہ اٿس تہ الله تعاليٰ ان کي ان جي ڪري تباهہ ڪندو."

هن حديث جي شرح ۾ شارحن لکيو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص ڪنهن کان ضرورت جي وقت قرض ورتو ۽ هن کي ادا ڪرڻ جي نيت هئي ۽ ان جي ادائگي جي لاءِ محنت ۽ ڪوشش بہ ڪري ٿو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ ان جي مدد فرمائيندو يا الله تعاليٰ پنهنجي رحمت سان ان کي راضي ڪندو ۽ هو هن کي معاف ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن قرض وٺڻ وقت ان کي ادائگيءَ جي نيت نہ هوندس تہ الله تبارڪ و تعاليٰ ۽ ان جي مدد نہ فرمائيندو پر جيڪڏهن ان کان پوءِ توبہ تائب ٿيو ۽ مال جي ادائگيءَ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو تہ

مشائخ طريقت جو فرمان آهي تہ جيڪڏهن توبه تائب ٿيندڙ قرضي قرض جي ادائگي کان عاجز ٿي وڃي. تہ الله تبارڪ و تعاليٰ جي دربار ۾ پشيمان ٿئي ۽ پنهنجي نفس کي ملامت ڪري، قرض جي ادائيگي جي لاءِ ڪوشش ۽ محنت سان گڏ الله تبارڪ و تعاليٰ کان دعائون گهري. الله تعاليٰ ان جي غيبي مدد فرمائيندو خاص طور تي هي دعا بزرگن کان منقول آهي:

"يارحمٰن الدنيا والآخرة ورحيمهما تؤتي منهما من تشاءُ وتمنع منهما من تشاءُ واقض ديني واقض حاجتي يا قاضي الحاجات ويا كافي المهمات انک علي كل شيءٍ قدير[35] ويا معطي السائلين بلا استحقاق اعطني من خزائنک ما اقضيٰ دينک ودين عبادک برحمتک يا ارحم الراحمين."

ترجمو: "اي دنيا ۽ آخرت جا مهربان ۽ ٻاجهارا! تون جنهن کي چاهيندو آهين ان کي دنيا ۽ آخرت جا خزانا ڏيندو آهين ۽ جنهن کي چاهين انهن مان ڪجهہ بہ نہ ڏئين. اي ضرورتون پوريون ڪرڻ وارا ۽ڏکين ڪمن کي سولو ڪرڻ وارا منهنجون ضرورتون پوريون ڪر ۽ منهنجو قرض ادا ڪر. تون هر شيءِ تي وس وارو آهين. اي سائلن جا سوال اڳهائڻ وارا مون کي پنهنجن خزانن مان عطا ڪر تہ جيئن مان تنهنجو ۽ تنهنجي ٻانهن جو حق ادا ڪري سگهان پنهنجي رحمت سان اي سڀ کان وڌيڪ رحم ڪندڙ."

اهڙي طرح "قرض" جي ادائگي بابت حديث شريف ۾ پڻ دعائون آيل آهن: هڪ حديث شريف ۾ آهي حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي هڪ شخص رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو اي الله جا رسول صلى الله عليه وسلم! مون کي ڏکن اچي ورايو آهي ۽ قرضين تنگ ڪيو آهي، تنهن تي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو: "چا مان توکي اهڙي دعا نہ سيکاريان جو جڏهن تون اها دعا پڙهين تہ الله تعاليٰ تنهنجا اهي ڏک ختم ڪري ۽ قرض ختم ٿي وڃن." تنهن تي ان شخص عرض ڪيو: هائو! اي الله جا رسول صلى الله عليه وسلم! تنهن تي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو: صبح، شام هي دعا پڙهندو ڪر:

"اللهم اني اعوذبک من الهم والحزن واعوذبک من العجز والكسل واعوذبک من البخل والجبن واعوذبک من غلبة الدين وقهر الرجال".(رواه ابوداود)

ترجمو: "اي منهنجا پالڻهار! تون مون کي ڏکن ۽ غمن کان پناہ ۾ رک ۽ سستي ۽ ٽوٽاٽپ کان پنهنجي پناہ ۾ رک، بخل ۽ بزدليءَ کان پنهنجي پناہ ۾ رک، قرض جي گهڻائي ۽ ماڻهن جي ڏاڍ کان پنهنجي پناہ ۾ رک.

روايت ۾ اچي ٿو تہ ان شخص اها دعا پڙهي تہ ان جا ڏک بہ ختم ٿي ويا ۽ قرض بہ لهي ويا.

اهڙي طرح حضرت علي رضي الله عنه وٽ هڪ مڪاتب ٻانهو آيو (مڪاتب اهڙي ٻانهي کي چئبو آهي جنهن کي پنهنجو مالڪ چوي تہ تون هيترا پئسا ادا ڪر تہ تون آزاد آهين، پئسن جي ادائگيءَ کان پوءِ اهو ٻانهو آزاد ٿي ويندو) حضرت علي رضي الله عنه کي عرض ڪيائين تہ مان پنهنجي بدل ڪتابت جي ادائگي کان عاجز ٿي چڪو آهيان، تنهن ڪري منهنجي مدد ڪريو. تنهن تي حضرت علي رضي الله عنه فرمايس: چا مان توکي اهڙي دعا نہ سيکاريان، جيڪا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن اسان کي سيکاري هئي. ان دعا جي برڪت سان جيڪڏهن توتي جبل جيڏو قرض هوندو اهو بہ

رسول الله ﷺ جن اسان کي سيکاري هئي. ان دعا جي برکت سان جيکڏهن توتي جبل جيڏو قرض هوندو اهو به ادا ٿي ويندو. تنهن تي حضرت علي ﷺ ان کي هيءَ دعا پڙهڻ سيکاري:

"اللهم اكفني بحلالک عن حرامک واغنني بفضلک عمن سواک"(رواه ترمذي)

ترجمو: "اي منهنجا الله! تون پنهنجي حلال ڪمائيءَ جي ذريعي مون کي حرام ڪمائي کان بچاءِ ۽ تون پنهنجي ٻاجهه سان مون کي پاڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو محتاج نه ڪر."

توکي هي ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته هڪڙا پئسا اهڙي قسم جا آهن جيڪي مالڪ جي معاف ڪرڻ سان معاف ٿي ويندا ۽ ٻيا اهڙا "پئسا" آهن، جيڪي مالڪ کي واپس نه ڪيا. بلڪ صدقه ڪري ڇڏيا، مثال طور: وياج خور يا رشوت خور توبه تائب ٿيا، هاڻي انهن جي مٿان لازم آهي ته وياج وارا "پئسا" يا رشوت وارا پئسا جن ماڻهن کان ورتا هئائون انهن کي واپس ڪن، پر جيڪڏهن اهي هن کي معاف ڪن ٿا ته اهي پئسا معاف ٿي ويندا پر رنڍين جو اجورو، ناچ ڪندڙ ۽ ڳائيندڙن جي مزدوري، پوپن ۽ ڪاهنن جي مٺائي ۽ جوا جا پئسا اهي ڏيندڙن کي واپس نه ڪيا ۽ نه ئي پاڻ ڪاڻيا بلڪ مسڪينن ۽ قيدين جي مٿان خرچ ڪيا، ۽ انهن کي بطور "صدقي" جي ڏئي ڇڏيا. ياد رکڻ گهرجي ته ڪاهن مان مراد هر اهڙو پوپو آهي، جيڪو اڳواٽ جون خبرون بيان ڪري. ڪاهن نجومي ۽ رمل جو علم رکندڙ سڀ ان ۾ شامل آهن. البته ڪاهني رسول الله ﷺ جن جي جمڻ سان ختم ٿي وئي ڇو ته رسول الله ﷺ جن کان پهريان جن آسمان تي وڃي اتان غيب جون خبرون ٻڌي ايندا هئا ۽ هتي پوپن کي اچي ٻڌائيندا هئا. رسول الله ﷺ جن جي جمڻ سان اهو سلسلو ختم ٿي ويو. هيئنر وڃي علم رمل ۽ نجومي رهيا آهن.جئن علامه حموي شرح الاشباه والنظائر ۾ تصريح ڪئي آهي.

مٿين پئسن ۽ هنن پئسن ۾ فرق هي آهي ته مٿيان پئسا مالڪ جي ملڪيت مان نه نڪتا آهن، ڇڻ ته هن بطور وياج ۽ رشوت جي ان کان غصب ڪيا آهن، تنهن ڪري معاف ڪرڻ سان اهي پئسا معاف ٿي ويندا.

بخلاف پوين پئسن جي، جو مالڪ گناهه جي ڪمن ۾ خرچ ڪري گوياڪ پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو آهي، هاڻي جيڪڏهن ان کي اهي پئسا ادا ڪيا ته ٻيهر اهڙي قسم جو گناهه ڪندو. پئسا واپس موٽائي ڏيڻ ڄڻ ته ان جي ان گناهه تي مدد ڪرڻ آهي، تنهن ڪري اهي پئسا نه توبه تائب ٿيندڙ استعمال ڪري سگهندو ۽ نه مالڪ کي واپس ڪيا بلڪ صدقو ڪري ڇڏيا. مٿي حديث گذري آهي:

"من اخذ اموال الناس يريد ادائها ادي الله عنه."

ترجمو: "يعني جنهن شخص ماڻهن کان قرض ورتو ۽ هن کي ادا ڪرڻ جي نيت هئي ته الله تعاليٰ ان جي طرفان ادا ڪندو."

هاڻي هتي سوال هي پيدا ٿو ٿئي ته جيڪڏهن ڪنهن کي ادائگي جي نيت هوندي ته اهو ڏينهن رات محنت ڪندو ۽ ڪوشش ڪندو ۽ ان جي ادائگي جي لاءِ دعائون گهرندو. پوءِ اهو الله جي طرفان ادا ڪيئن ٿيو؟ ان جو جواب هي آهي ته الله جي طرفان ادا ڪرڻ جا ٻه قسم آهن:[36] هڪ هي ته الله تبارڪ و تعاليٰ هن دنيا جي جهان ۾ ان قرضيءَ جي مدد فرمائيندو. الله تعاليٰ جي مدد ۽ نصرت سان هن جو قرض ادا ٿي ويندو. ٻيو قسم هي ته قيامت جي ڏينهن الله تبارڪ و تعاليٰ قرضيءَ کي قرضدار جي طرفان راضي ڪندو. ان تي وري هي اشڪال

پيدا ٿو ٿئي تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ قرضيءَ جا نيڪ عمل ڏئي قرضدار کي راضي ڪيو ۽ قرضدار معاف ڪري ڇڏيو تہ اهو تہ قصاص ڇٽبو نہ ڪہ ارضاءُ، پر جيڪڏهن قرضيءَ جي عملن جي وٺڻ کان سواءِ قرضدار کان معاف ڪرايائين: تہ اهو قرضدار تي ظلم ڇٽبو ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ ظلم کان پاڪ آهي. ان جو جواب هي آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي پاجهہ ۽ رحمت سان ان قرض جي بدلي قرضدار جا جنت ۾ درجا بلند فرمائيندو ۽ اهو قرضيءَ کي معاف ڪري ڇڏيندو. ان طرح سان ڪنهن تي بہ ظلم نہ ٿيندو. احاديث مبارڪ ان ڳالهہ تي شاهد آهن. جئن اڳئين فصل ۾ حضرت عباس بن مرداس ﷺ واري حديث گذري. اهڙي ريت مواهب لدنيہ للعلامة القسطلاني جي باب شمائل محمديہ ۾ حضرت انس بن مالڪ ﷺ کان روايت آيل آهي، جنهن جو مفهوم هن ريت آهي تہ قيامت جي ڏينهن الله تبارڪ و تعاليٰ قرضدار کي چوندو پنهنجون اکيون مٿي ڪڻ، ۽ هيڏانهن نهار. قرضدار اوڏانهن نهاري عرض ڪندو اي منهنجا رب! هي جيڪي موتين ۽ جواهرن سان پربل سون ۽چاندي جون ڪاٽيون نظر اچن ٿيون ڪهڙي نبيءَ صديق يا شهيد جي لاءِ آهن؟ تڏهن الله تبارڪ و تعاليٰ فرمائيندو هي اهڙي ٻانهي جي لاءِ آهن جيڪو انهن جي قيمت ادا ڪندو. ٻانهو عرض ڪندو اي رب! انهن جي قيمت جو ڪير مالڪ ٿي سگهندو؟ الله تعاليٰ فرمائيندو اي ٻانها! تون ان جي قيمت ادا ڪري سگهين ٿو ٻانهو عرض ڪندو اي رب! اهو ڪيئن ؟ الله تعاليٰ فرمائيندو پنهنجي ڀاءُ کي معاف ڪرڻ سان. ٻانهو عرض ڪندو منهنجا رب! مون ان کي معاف ڪري ڇڏيو. تنهن تي الله تعاليٰ فرمائيندو پنهنجي ڀاءُ کي هٿ مان وٺي جنت ۾ داخل ڪر.

ان تي هڪ ٻيو سوال ٿي سگهي ٿو تہ هي ان صورت ۾ ٿي سگهي ٿو جڏهن قرضدار ۽ قرضيءَ ٻئي مسلمان هجن پر جيڪڏهن ڪافر جو مسلمان جي مٿان قرض هجي.۽ مسلمان پوري ڪوشش جي باوجود ان جو قرض ادا نہ ڪري سگهيس تہ پوءِ ان جو قرض ڪيئن معاف ٿيندو ان جو جواب ڏنو اٿائون تہ الله تعاليٰ ڪافر تان عذاب ۾ تخفيف ڪندو ۽ هو ان جي عوض مسلمان کي قرض معاف ڪندو.

جيڪي چون ٿا تہ ڪافر جي قرض جو ڪو اعتبار نہ آهي انهن جو اهو قول بنادليل جي آهي، شمائل محمديہ از مواهب لدنيہ ۾ آهي جيڪڏهن بالفرض ڪنهن شخص کي ستن نبين جي برابر ثواب ڏنو وڃي ۽ ان جي مٿان مخلوق جو هڪ "دانق" برابر بہ حق هوندو تہ اهو تيستائين جنت ۾ نہ ويندو جيستائين ان ذمي کان بري نہ ٿيندو هتي ڪافر ۽ مؤمن جي جي قرضن ۾ فرق نہ ڪيو ويو آهي.

هي مٿي بيان ڪيل سڀ حق "حقوق ماليہ" هئا. هينئر غير مالي حق بيان ڪجن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن مٿان ڪنهن کي ڄاڻي واڻي قتل ڪرڻ جي ڪري قصاص لازم ٿيو آهي تہ ان جي مٿان لازم آهي تہ پاڻ کي مقتول جي وارثن جي آڏو پيش ڪري تہ جيئن هو هن کان قصاص وٺن يا مال وٺنس يا ائين معاف ڪري ڇڏينس پر جيڪڏهن مقتول جا وارث معلوم نہ هجن يا مختلف وقتن ۾ گهڻن ماڻهن کي قتل ڪيو اٿائين ۽ هر هڪ جا وارث جدا جدا آهن يا مقتول جا وارث اهڙي جڳهہ تي منتقل ٿي ويا آهن، جتي هن جو پهچڻ ممڪن نہ آهي تہ انهن سيني صورتن ۾ مقتول ۽ پاڻ لاءِ استغفار ڪري، ۽ الله تعاليٰ کان بخشش گهري. اميد آهي تہ الله تعاليٰ ان جو گناهہ معاف ڪري ڇڏيندو ۽ قتل خطا ۾ ديت آهي قاتل جي قبيلي وارن کي ۽ شبهہ عمد ۾ مقتول جي ديت آهي قاتل جي قبيلي وارن تي ۽ ڪفارو قاتل جي مٿان آهي پر جيڪڏهن ان جا مٽ مائٽ موجود نہ آهن تہ سڄو

مال قاتل پاڻ پريندو جيڪڏهن محنت به نہ ٿو ڪري سگهي ۽ ڪمائڻ کان عاجز آهي تہ ان صورت ۾ استغفار ۽ توبہ ڪرڻ ئي ڪافي آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو عضوو وغيره ڀڳو اڻائين تہ ان صورت ۾ ان جو ساڳيو ئي عضوو ڪاٽيو ويندو يا ان کان معاف ڪرائيندو

حد قذف (زنا جي تهمت) ۾ معاف ڪرڻ جو حق وارثن کي نہ پر مالڪ کي آهي. ان کي اختيار آهي تہ تهمت هڻندڙ کي حد هڻائي يا ان کان مال پرائي يا معاف ڪري ڇڏيس. جيڪڏهن ان جي مٿان پئسا لازم ڪيا ويا تہ هن تي لازم آهي تہ پئسا ادا ڪري [37] ۽ جيڪڏهن مقرر ڪيل پئسن جي ادائگيء کان عاجز ٿي پيو تہ استغفار ڪافي آهي. جيڪڏهن ڪنهن شخص ڪنهن کي ناحق ڏک هنيو يا ڪنهن جي مٿان ڪو بهتان هنيو تہ هن جي مٿان لازم آهي تہ ان کان معاف ڪرائي جيڪڏهن بنا عوض جي يا بنا بدلي جي معاف نہ ٿو ڪري تہ ان کي بدلو يا عوض ڏيندو. پر جيڪڏهن ان جي توبہ تائب ٿيڻ وقت اهو مري ويو آهي يا ايترو هليو ويو آهي جو هن جو اتي پهچڻ ممڪن نہ آهي تہ ان صورت ۾ استغفار ڪافي آهي ان جي وارثن جو ڪو اعتبار نہ آهي. جيڪڏهن ڪنهن شخص ڪنهن غير فاسق مسلمان جي گلا ڪئي ۽ هن کي ان جي ڄاڻ نہ هئي. خبر پوڻ کان پوءِ ان مسلمان جي وفات ٿي وئي يا اهو شخص هتان اهڙي جڳهہ تي منتقل ٿي ويو آهي. جتي هن جو پهچڻ ممڪن نہ آهي تہ ان صورت ۾ پنهنجي لاءِ ۽ ان جي لاءِ استغفار ڪرڻ ڪافي آهي وارثن جو اعتبار نہ آهي. عقائد نسفيہ ۾ پڻ ان جي صراحت ٿيل آهي پر جيڪڏهن اهو شخص ويجهو آهي هن جو اتي پهچڻ ممڪن آهي تہ ان صورت ۾ استغفار ڪافي نہ آهي بلڪ ان کان معاف ڪرائڻ لازم آهي. جمهور عالمن جي اها ئي فتويٰ آهي البتہ هن ڳالھ ۾ اختلاف آهي تہ معاف ڪرائڻ وقت تفصيل ٻڌائڻ ضروري آهي يا نہ؟ ڪن جو چوڻ آهي تہ تفصيل ٻڌائڻ ضروري نہ آهي. بلڪ اجمالي طور تي چوندو تہ مان تنهنجي گلا ڪئي آهي. تنهن ڪري تون مونکي معاف ڪر ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ تفصيل بيان ڪرڻ ضروري آهي تہ مان تنهنجي هن طرح "گلا ڪئي آهي ۽ تو بابت هيءَ هيءَ ڳالھ چئي آهي هاڻي مون کي معاف ڪر ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ان شخص کي ان جو تحمل ۽ بردباري معلوم آهي تہ جيڪڏهن مان ان کي تفصيل ٻڌائيندس تہ پوءِ بہ معاف ڪندو تہ ان صورت ۾ تفصيل ٻڌائڻ ضروري آهي. پر جيڪڏهن خبر اٿس تہ جيڪڏهن مان ان کي تفصيل ٻڌائيندس تہ معاف نہ ڪندو بلڪ رنجيده ٿيندو يا عداوت ۽ دشمني رکندو تہ پوءِ ان صورت ۾ تفصيل ٻڌائڻ شرط نہ آهي هي سڀ صورتون ان وقت آهن. جڏهن ان کي اجمالي طور تي خبر پوي پر جيڪڏهن ان کي تفصيلي خبر پئي آهي تہ ان صورت ۾ هن کي تفصيل بيان ڪرڻو پوندو.

ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ جنهن شخص جي گلا ڪئي وئي آهي توبہ جي صحت جي لاءِ ان کان معاف ڪرائڻ ضروري نہ آهي. توڻي جو ان شخص کي هن جي گلا جي خبر پئجي وڃي پر هي قول ضعيف آهي. ۽ جمهور جي قول جي خلاف آهي پوئين ضعيف حديث انهن جو دليل آهي. حضرت انس ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ان من كفارت الغيبة ان تستغفر لمن اغتبت تقول اللهم اغفر لنا وله." (رواه البيهقي في الدعوات الكبير)

ترجمو: "گلا جو ڪفارو هي آهي تہ جنهن جي گلا ڪئي وئي آهي ان جي لاءِ استغفار ڪجي اي الله! اسان کي ۽ ان کي بخش."

هن حديث مان معلوم ٿيو ته گلا جي ڪفاري جي لاءِ مطلق استغفار ڪافي آهي جنهن جي گلا ڪئي وئي آهي ان ڪان معاف ڪرائڻ ضروري نه آهي توڙي جو ان کي گلا جي خبر پئجي وڃي مشڪوٰة جو شارح شيخ عبدالحق به ان ڳالهه جو قائل آهي.

طيبيءَ امام غزالي ڪان نقل ڪيو آهي ته گلا ڪندڙ کي گهرجي ته جنهن جي گلا ڪئي اٿائين ان جي آڏو عذر پيش ڪري ۽ ان جي گلا جي بدلي تعريف ڪري. ۽ ان سان محبت جو اظهار ڪري تان ته ان جي دل خوش ٿئي، ان سان ان جي گلا جو ڪفارو ادا ٿي ويندو پر جيڪڏهن هن جي عذر بيان ڪرڻ باوجود ۽ ان جي ثناءَ ۽ تعريف ۽ محبت جو اظهار ڪرڻ باوجود ان جي دل خوش نه ٿي ٿئي ته اميد آهي ته ان جي گلا جو گناهه ختم ٿي ويندو انشاءَ الله تعاليٰ.

.ڄاڻڻ گهرجي ته "حديثن" مان ثابت آهي ته گلا جو گناهه ٻين گناهن ڪان وڌيڪ آهي، بهتان، چغلي، تهمت، بنا ڪنهن سبب جي ساڙ ۽ حسد رکڻ به گلا جي حڪم ۾ شامل آهي. انهن سڀني صورتن ۾ انهن ڪان معافي وٺڻي پوندي پر جيڪڏهن جنهن جي گلا وغيره ڪئي اٿائين اهو مري ويو آهي يا هتان اهڙي جڳهه تي منتقل ٿي ويو آهي، جو هن جو اتي پهچڻ ممڪن نه آهي ته ان صورت ۾ استغفار ڪافي آهي پنهنجي لاءِ ۽ ان جي لاءِ استغفار ڪجي ڇو ته هنن جو حڪم به گلا وارو آهي.

محرم عورت ۽ مڙس واري عورت سان زناڪرڻ به ان ئي حڪم ۾ آهي ڇو ته اتي به گناهه گڏ ٿين ٿا هڪ خدا ئي گناهه ۽ ٻيو محرم ۽ مڙس جو گناهه ڇو ته جڏهن انهن کي خبر پوندي ته انهن کي تڪليف پهچندي[38] ۽ خلق جي سامهون شرمنده ٿيندا.صاحب فراش، انتقام وٺڻ جو يا معاف ڪرڻ جو وڌيڪ حقدار آهي جيڪڏهن محرم يا مڙس کي ان جي خبر پئجي وئي ۽ اهي موجود ۽ زنده آهن ته هن جي مٿان لازم آهي ته انهن ڪان معاف ڪرائي ۽ بخشرائي صرف توبه ۽ استغفار ڪافي نه آهي. ليڪن معاف ڪرائڻ جو شرط ان وقت آهي، جڏهن هن کي خبر هجي ته اهي معاف ڪندا البته هن دور ۾ ڪنهن کي معاف ڪرڻ، نادرالوجود آهي.مڪتوبات منيري ۾ اهڙي قسم جي صراحت ٿيل آهي:

بيت

جز كريمان كس نباشد عيب پوش
عيب پوشد آنكه باشد پرز هوش.

ترجمو: مهربان طبع انسان ڪانسواءِ ڪو عيب نه ٿو ڍڪي عيب اهو ڍڪيندو جيڪو سمجهه ۽ هوش سان ڀريل آهي.

تنهن ڪري هن زماني ۾ استغفار ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ جي آڏو تضرع ۽ انڪساري ڪرڻ ڪافي آهي ۽ نيڪين جي طرف متوجه ٿيڻ گهرجي ته جيئن گناهه ميٽجي وڃي.

ڄاڻڻ گهرجي ته فاسق جي فسق ۽ بدعتي جي بدعت جي ڪري نه صرف گلا جائز آهي بلڪ اجر ۽ ثواب جو ذريعو آهي، ڇو ته ٿي سگهي ٿو اهو پنهنجي گلا ٻڌي فسق ۽ بدعت ڪان توبه تائب ٿئي. تنهن ڪري

انهن جي گلا جائز آهي. فقيهہ ابوالليث سمرقندي لکيو آهي تہ ٽن قسمن جي ماڻهن جي پچار کي گلا شمار نہ ڪبو) هڪ ظالم بادشاهہ ٻيو فاسق فاجر ۽ ٽيون بدعتي,يعني انهن جي ڪرتوتن ۽ انهن جي مذهب کي بيان ڪرڻ گلا نہ هوندي اهڙي قسم جو مفهوم هڪ حديث شريف مان پڻ ملي ٿو. هڪ حديث شريف ۾ آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"اذكروا الفاجر بما فيه كي يحذره الناس"

ترجمو: "فاجرن جو فسق بيان ڪيو تہ جيئن ماڻهو ان کان بچن."

ان قسم جي مباح نہ بلڪ ماجور ۽ مامور بہ آهي. مشڪوٰة شريف جي باب الاعتصام ۾ حضرت ابراهيم بن ميسره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"من وقر صاحب بد عة فقد اعان عليٰ هدم الاسلام" (رواه البيهقي في شعب الايمان)

ترجمو: "جنهن بدعتيءَ جي عزت ڪئي چڻ تہ ان اسلام کي ميٽائڻ ۾ مدد ڪئي."

مشڪوٰة شريف جي باب حفظ اللسان ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"اذا مدح الفاسق غضب الرب تعاليٰ واهتز له العرش" (رواه البيهقي في شعب الايمان)

ترجمو: "جڏهن فاسق جي تعريف ڪئي ويندي آهي تہ الله تعاليٰ ناراض ۽ عرش ڏڪي ويندو آهي."

تنهن ڪري فاسقن ۽ بدعتين جي عزت, تعريف ۽ حوصلہ افزائي جائز نہ آهي. تنهن ڪري انهن جي توهين ۽ مذمت ڪرڻ جائز ٿيندي والله اعلم بالصواب.

فصل اٺون

ظلم ۽ ان جي حقيقت جي بيان ۾

ڄاڻڻ گهرجي ته لغت ۾ ظلم چئبو آهي "وضع الشي في غير موضعہ" يعني شيءِ کي غير محل ۾ رکڻ. هينئر نا انصافي ۽ شرعي حدن کي اورانگهڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. يعني ڪنهن کي بنا ڪنهن شرعي يا عرفي سبب جي تڪليف ڏيڻ يا بنا ڪنهن شرعي يا عرفي سبب جي ڪنهن جو مال ڦٻائڻ اها ظلم جي عرفي حقيقت آهي الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَمَا ظَلَمَهُمُ اللهُ وَلٰكِنۡ كَانُوۡٓا اَنۡفُسَهُمۡ يَظۡلِمُوۡنَ (النحل آيت: 33)

ترجمو: "۽ الله مٿن ظلم نہ ڪيو پر اهي پاڻ تي ظلم ڪندا هئا."

ظلم مان مراد شرعي ظلم آهي ۽ اهو ٽي قسم آهي هڪ پنهنجي نفس تي ظلم ڪرڻ اهو الله تعاليٰ جي اهڙي نافرماني ڪرڻ آهي جنهن سان الله تعاليٰ جي مخلوق کي ڪو نقصان نہ رسي، ۽ مخلوق جو ڪو حق ضائع نہ ٿئي جيئن الله تبارڪ و تعاليٰ جي فرض ڪيل احڪامن کي ڇڏي ڏيڻ. هنن سڀني ڪمن جو هن کي پاڻ کي ئي نقصان پوندو ۽ آخرت ۾ حساب ڏيڻو پوندو.

ظلم جو ٻيو قسم مخلوق تي ظلم ڪرڻ آهي. اهو بہ اخروي حساب سان حقيقت ۾ پنهنجي نفس تي ئي ظلم آهي. هن ۾ ٻئي ظلم گڏ ٿين ٿا ۽ ظالم تي ٻنهي جو وبال پوندو هڪ تہ ظالم منهيات جو مرتڪب ٿئي ٿو. جو تہ الله تعاليٰ ظلم کان روڪيو آهي ۽ ٻيو مخلوق تي ظلم ڪرڻ ان جو بہ ان کي قيامت جي ڏينهن حساب ڏيڻو پوندو. تنهن ڪري هي پهرين قسم کان وڌيڪ آهي. ڄاڻڻ گهرجي تہ اهل شرع ۽ تقويٰ وارن وٽ ظلم ظلمة کان ورتل آهي، جنهن جي معني آهي "تاريڪي" ڇو تہ ظلم ظالم يعني گناهہ گناهہ گار جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ظلمة ۽ انڌيرائپ جو سبب[39] آهي. دنيا ۾ انڌيرائپ هي آهي جو گناهہ جي ڪري گنهگار جي دل تي هڪ ڪارو ڏڳ پيدا ٿيندو آهي. جيئن گناهہ وڌندا ويندا اهو ڏڳ وڌندو ويندو تان تہ سڄي دل ان جي ڪاري ٿي ويندي، پوءِ جيڪڏهن توبه جي ڪري يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري ان جا گناهہ بخشجي ويا تہ ان جو اهو ڏڳ بہ صاف ٿي ويندو جيئن سچي توبه سان گناهہ ميٽجي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح حج مبرور بابت بہ احاديث مان ثابت آهي تہ ان سان حقوق الناس کان سواءِ سڀ گناهہ ميٽجي ويندا آهن. ان مان دل جي سياهي بہ ختم ٿي ويندي آهي.

اها سياهي ٻن قسمن جي هوندي هڪ خفيف ۽ ٻيو غليظ. خفيف ان کي چئبو آهي، جو اها سياهي دل جي ڪنهن پاسي کان هجي ۽ دل کي وڪوڙي نہ وئي هجي يا گهٽي دل صاف هجي ۽ ٿوري سياهہ هجي ان وقت توبہ ڪرڻ سان اها سياهي ختم ٿي ويندي ۽ قيامت جي هولناڪيءَ کي ياد ڪرڻ سان ۽ موت کي ياد ڪرڻ سان

ان جي دل ۾ خوف پيدا ٿيندو ۽ غليظ اها آهي جو پهريان گناه جي ڪري ان جي دل تي هڪ سياه نقطو پيدا ٿئي انڪان پوءِ اهو وڌندو رهي تان تہ ان جي سڄي دل ڪاري ٿي وڃي ۽ان جي دل ۾ هڪ نقطي جيتري اجاڻ بہ نہ رهي پوءِ گهڻن گناهن جي ڪري اها سياهي، سياهيءَ تي چڙهندي ويندي تان ان جي دل سخت سياه بڻجي ويندي ظلمات بعضها فوق بعض پوءِ خير جو انديشو ۽ قيامت جو خوف ان جي دل مان نڪري ويندو موت ۽ آخرت کي وساري ويهي رهندو. هميشہ نفساني خواهشن ۾ غرق رهندو پوءِ ڪڏهن الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي مهرباني سان اهڙي ماڻهوءَ کي هدايت عطا ڪندو آهي ۽ ان کي توبه جي توفيق عطا ڪندو آهي ۽ اڪثر طور تي اهڙن ماڻهن جي دل تي ڪفر جي مهر لڳي ويندي آهي ان جي دل ۾ پلائيءَ جو ڪو ڪلمو وڃي نہ سگهندو آهي. انهي حالت کي مسخ دل قساوت دل مهر هنيل دل، دلين تي تالا لڳل ۽ غافل دل چيو ويندو آهي. قرآني آيتون ان ڳالهہ تي شاهد آهن آخرت جي تاريڪي هيءَ آهي تہ اڄ جيڪا سياهي ان جي دل ۾ آهي، سياڻي قيامت جي ڏينهن اها ان جي سڄي جسم تي ظاهر ٿيندي ان جي اندر جي ڪاراڻ ظاهر ٿي پوندي. هينئر جيڪا معنوي ڪاراڻ آهي قيامت جي ڏينهن اها صورت ۾ ظاهر ٿيندي اها ڪارڻ جيڪا دل ۾ آهي اها معنوي آهي يا صوري ان بابت معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. معنوي هجي يا صوري بهرحال اها ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله ﷺ مان ثابت آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان آهي:

كَلَّا بَلْ رَانَ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ مَّا كَانُوا يَكْسِبُونَ (المطففين آيت: 14)

ترجمو: "ائين بلڪل نہ آهي (بلڪ) جيڪي ڪمائيندا هئا، تنهن جي ڪٽ سندين دلين تي ڄمي وئي آهي."

اهڙيءَ طرح حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ان المؤمن اذا اذنب كانت نكتة سوداء علي قلبه وان تاب واستغفر صقل قلبه وان زاد زاده حتيٰ تعلو قلبہ ذٰلكم الران الذي ذكر الله تعاليٰ كلا بل ران عليٰ قلوبهم ما كانوا يكسبون."

(رواه احمد والترمذي،وابن ماجه)

ترجمو: "مؤمن جڏهن گناه ڪندو آهي تہ ان جي دل تي هڪ ڪارو ڏڳ پيدا ٿيندو آهي. پوءِ جيڪڏهن توبه ڪندو آهي ۽ استغفار ڪندو آهي تہ اهو مٽجي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن گناهن ۾ وڌندو رهندو آهي تہ اهو ڏڳ بہ وڌندو رهندو آهي تانجو ان جي دل تي غالب اچي ويندو آهي. هي اهو زنگ آهي، جنهن بابت الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان آهي ڪلا بل. .....الخ."

حضرت حذيفه رضي الله عنه کان روايت آهي فرمائي ٿو تہ مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو فرمائن پيا:

تُعْرَضُ الْفِتَنُ عَلَى الْقُلُوبِ كَالْحَصِيرِ عُودًا عُودًا فَاَيُّ قَلْبٍ اُشْرِبَهَا نُكِتَ فِيهِ نُكْتَةٌ سَوْدَاءُ وَاَيُّ قَلْبٍ اَنْكَرَهَا نُكِتَ فِيهِ نُكْتَةٌ بَيْضَاءُ (رواه مسلم)

ترجمو: "تڏي اڻڻ جيان هڪ ٻي پويان دل تي فتنا ايندا، پوءِ جيڪا دل انهن فتنن کي قبول ڪندي تہ ان جي دل تي هڪ ڪارو ڏڳ پيدا ٿيندو ۽ جيڪا دل انهن کي قبول نہ ڪندي ان دل تي اڇو ڏڳ پيدا ٿيندو."

نڪتة، نقط جي معنيٰ ۾ آهي جو اهو دڳ دل ۾ نفوذ ڪري ويندوآهي. پوءِ معصيات وارو ظلم ٻنهي جهانن ۾ ظلمة جو سبب آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ عدل آهي ۽ اهو ظهر ۽ طيب آهي تنهن ڪري ٻنهي جهانن مان ان جا انوارَ ظاهر ٿيندا.

الله تبارڪ و تعاليٰ دنيا ۾ ٻانهي کي اختيار ڏنو آهي ته اهو ان نور کي اختيار ڪري يا ان ظلمة کي اختيار ڪري. الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان آهي:

اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۗ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْلِيٰٓـــُٔهُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ. (البقره آيت: 256)

ترجمو: "الله مؤمنن جو سنڀاليندڙ آهي، ڪين اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪيندو آهي ۽ جيڪي ڪافر آهن، تن جا مددگار (خدا کان سواءِ جن جي عبادت ڪن ٿا سي) بت آهن. ڪين سوجهري مان اونداهين ڏانهن ڪيندا آهن."

گناهن جي ڪري هن امت جون دنيا ۾ صورتون مسخ نه ٿينديون. البته گناهن جي نحوست جي ڪري دليون ڪاريون ۽ مسخ ٿينديون آهن. پوءِ قيامت جي ڏينهن دل جي ڪاراڻ بدنن تي ظاهر ٿيندي ۽ بدن مسخ ٿيندو. دل جي تاريڪي ۽ انڌيرائپ جي مطابق ظاهري تاريڪي ۽ انڌيرائپ ظاهر ٿيندي ۽ هر هڪ پنهنجي عملن مطابق اٿي ڪڙو ٿيندو. حديث شريف ۾ آهي: حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"اذا انزل الله بقوم عذابا اصاب العذاب من كان فيهم ثم بعثوا عليٰ اعمالهم" (بخاري، ومسلم)

ترجمو: "جڏهن الله تبارڪ و تعاليٰ ڪنهن قوم تي عذاب موڪليندو آهي ته ان قوم جي (نيڪن، برن) سڀني تي عذاب ايندو آهي. پوءِ (قيامت جي ڏينهن) انهن کي پنهنجن پنهنجن عملن تي اٿاريو ويندو."

حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"يبعث كل عبد عليٰ ما مات عليه." (رواه صحيح المسلم)

ترجمو: هر ٻانهي کي انهن عملن تي اٿاريو ويندو، جن تي وفات ڪئي هوندائين.

۽ الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان آهي.

وَمَنْ كَانَ فِيْ هٰذِهٖٓ اَعْمٰى فَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ اَعْمٰى. (بني اسرائيل آيت: 71)

ترجمو: "۽ جيڪو دنيا ۾ به انڌو ٿيو ته سو آخرت ۾ (به) انڌو (هوندو)."

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِيْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا وَّنَحْشُرُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَعْمٰى قَالَ رَبِّ لِمَ حَشَرْتَنِيْٓ اَعْمٰى وَقَدْ كُنْتُ بَصِيْرًا قَالَ كَذٰلِكَ اَتَتْكَ اٰيٰتُنَا فَنَسِيْتَهَا ۚ وَكَذٰلِكَ الْيَوْمَ تُنْسٰى (سورة طٰهٰ آيت: 124- 126)

ترجمو: "۽ جيڪو منهنجي ياد ڪرڻ کان منهن موڙيندو. تنهن لاءِ بيشڪ حياتي اهنجي ٿيندي. ۽ قيامت جي ڏينهن کيس انڌو ڪري اٿاريندا سون. چوندو اي منهنجا پالڻهار! مون کي انڌو ڪري ڇو اٿاريئي ۽ بيشڪ اڳي

سڄو هوس. (الله) چوندو تہ ائين تو وٽ اسان جون آيتون آيون، پوءِ ڪين وساريئي ۽ اهڙيءَ طرح اڄ وساربين."

اهڙي طرح الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَالَّذِيْنَ كَسَبُوا السَّيِّاٰتِ جَزَآءُ سَيِّئَةٍ بِمِثْلِهَا ۙ وَتَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ؕ مَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ عَاصِمٍ ۚ كَاَنَّمَاۤ اُغْشِيَتْ وُجُوْهُهُمْ قِطَعًا مِّنَ الَّيْلِ مُظْلِمًا ؕ (سورةيونس آيت: 27)

ترجمو: "۽ جن بڇڙائي ڪمائي، تن لاءِ ان جھڙي بڇڙائي آهي ۽ ڪين خواري ڍڪيندي. انهن کي الله (جي عذاب) کان ڪو بچائيندڙ نہ آهي. سندن منهن کي اونداهي رات مان ذرو ڍڪايو ويو آهي."

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"الظلم ظلمات يوم القيامة." (بخاري و مسلم)

ترجمو: "ظلم قيامت جي ڏينهن ڪيترن ئي انڌيرن جو سبب هوندو."

ظلم جي ڪري دل سان گڏ روح بہ خبيث ٿي ويندو آهي. پوءِ موت جي وقت ان جي روح کي چيو ويندو: "اخرجي ايتها النفس الخبيثة في الجسد الخبيثة" خبيث جسم مان خبيث روح نڪري اچ.

اهڙي طرح جيڪڏهن جسم کي نورانيت جي غذا ڏني هوندائين، قيامت جي ڏينهن ۽ پل صراط تي اها نورانيت ظاهر ٿيندي، ۽ عملن جي شفاعت بہ دل جي نورانيت مطابق هوندي. ۽ جيتري دل جي نورانيت وڌيڪ هوندي، ان جو روح ايترو وڌيڪ پاڪ هوندو. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: جڏهن انسان جي وفات ٿيندي آهي تہ ملائڪ حاضر ٿيندا آهن پوءِ جيڪڏهن اهو شخص نيڪ هوندو آهي تہ ملائڪ چوندا آهن:

"اخرجي ايتها النفس الطيبة كانت في الجسد الطيبة اخرجي حميدة وابشري بروح وريحان ورب غير غضبان."

ترجمو: "اي پاڪ روح! پاڪ جسم مان نڪري اچ. سهڻي طريقي سان نڪري اچ! ۽ جنت جي خوشخبري قبول ڪر تنهنجو رب توتي ناراض نہ آهي."

اهڙي قسم جون ڪوڙ حديثون آيل آهن، هيئنر ان نورانيت ۽ نور جو بيان ڪجي ٿو الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمان آهي:

يَوْمَ تَرَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ يَسْعٰى نُوْرُهُمْ بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ (سورةالحديد آيت: 12)

ترجمو: "(ياد ڪر) جنهن ڏينهن مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي (هن حالت ۾) ڏسندين، جو سندن نور انهن جي اڳيان ۽ انهن جي سڄن پاسن کان پيو ڊوڙندو."

۽ اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

يَوْمَ لَا يُخْزِى اللّٰهُ النَّبِيَّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۚ نُوْرُهُمْ يَسْعٰى بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَاۤ اَتْمِمْ لَنَا نُوْرَنَا (سورةالتحريم آيت: 8)

ترجمو: "جنهن ڏينهن الله پيغمبر کي ۽ جن ساڻس ايمان اندو آهي، تن کي خوار نہ ڪندو. سندن (ايماني) نور سندن اڳيان ۽ سندن سڄن پاسن ۾ ڊوڙندو. چوندا (تہ) اي اسان جا پالڻهار اسان لاءِ اسان جو نور پريور ڪر."

اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

لَا يَرْهَقُ وُجُوْهَهُمْ قَتَرٌ وَّلَا ذِلَّةٌ (يونس آيت: 26)

ترجمو: "۽ سندن منهن کي نڪي ڪارنهن ۽ نڪي خواري ويڙهندي."

بخاري ۽ مسلم شريف جي حديث ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ان اول زمرة يدخلون الجنة علي صورة القمر ليلة البدر ثم الذين يلونهم كاشد كوكب دري."

ترجمو: "جنت ۾ داخل ٿيندڙ پهريون ٽولو چوڏهينءَ جي چنڊ جيان هوندو ۽ ٻيو ٽولو چمڪندڙ ستارن جيان هوندو."

شمائل محمديہ از مواهب لدنيہ ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان هڪ حديث آيل آهي، جنهن جا الفاظ هن ريت آهن:

"فيعطيهم نورهم علي قدر اعمالهم فمنهم من يعطي نوره مثل الجبل العظيم ساعيا بين ايديهم."

ترجمو: "(نيڪ ٻانهن کي) پنهنجي عملن جي مطابق نور ڏنو ويندو. ڪي انهن مان اهڙا هوندا، جو انهن کي وڏي جبل جيڏو نور عطا ٿيندو، جيڪو انهن جي اڳيان هلندو."

ساڳي حديث ۾ اڳتي آهي:

"فيمرون عليٰ قدر نورهم فمنهم من يمر كطرفة العين، ومنهم من يمر كالبرق ومنهم من يمر كالسحاب ومنهم من يمر كالكوكب ومنهم من يمر كالريح."

ترجمو: "پوءِ اهي (پلصراط تان) پنهنجن عملن جي نور جي آڌار تي گذرندا، ڪي اک ڇنڀ جيان گذرندا ۽ ڪي کنوڻ جيان گذرندا ۽ ڪي ڪڪر جيان گذرندا ۽ ڪي ستارن جيان گذرندا ۽ ڪي هوا جيان گذرندا."

يعني قيامت جي ڏهاڙي عملن کي هڪ لطيف صورت ملندي. ۽ نيڪ عملن جي اها صورت ٻانهي جي حق ۾ شفاعت ڪندي. اها ڳالهہ احاديث مبارڪ مان ثابت آهي. حضرت ابو هريره رضي الله عنه روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: [41]

"تجيءُ الاعمال فتجيءَ الصلٰوة فتقول يارب! انا الصلٰوة فيقول انک عليٰ خير فتجيءُ الصدقة فتقول يا رب انا الصدقة فيقول انک عليٰ خير ثم يجيءُ الصيام فقال يا رب انا الصيام فيقول انک عليٰ خير ثم تجيءُ الاعمال علي ذٰلک فيقول انک عليٰ خير ثم يجيءُ الاسلام فيقول يارب انت السلام وانا الاسلام فيقول الله انک عليٰ خير" (رواه احمد)

ترجمو: "قيامت جي ڏينهن (هڪ لطيف صورت ۾ الله تعاليٰ جي آڏو) عمل پيش ٿيندا. نماز ايندي ۽ چوندي اي منهنجا رب! مان نماز آهيان (الله جي طرفان) ان کي چيو ويندو تون ڀلائيءَ تي آهين. صدقه (خيرات) پيش ٿيندو ۽ عرض ڪندو تہ اي منهنجا رب! مان صدقو آهيان. ان کي چيو ويندو تون ڀلائيءَ تي آهين، روزو حاضر ٿيندو ۽

عرض ڪندو مان روزو آهيان. ان کي بہ چيو ويندو تون پلائيءَ تي آهين. اهڙي ريت سمورا عمل پيش پوندا. پوءِ انهن کي ائين چيو ويندو ان ڪان پوءِ اسلام پيش ٿيندو ۽ چوندو اي رب! تون سلام (سلامتي ڏيڻ وارو) آهين ۽ مان اسلام آهيان. پوءِ الله تعاليٰ ان کي بہ فرمائيندو تون پلائيءَ تي آهين."

حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"الرحم معلقة بالعرش يقول من وصلني وصله الله ومن قطعني قطعه الله." (بخاري، و مسلم)

ترجمو: "رحم (متي مائٽي وارو تعلق) عرش سان چنبڙيل آهي ۽ چئي رهيو آهي تہ جيڪو مون سان ڳنڍيندو، ان سان الله ڳنڍيندو ۽ جيڪو مون سان تعلق ٽوڙيندو، ان سان الله تعاليٰ تعلق ٽوڙي ڇڏيندو."

ابو داؤد ۾ هڪ حديث آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ابشروا يا معشر صعاليک المهاجرين بالنور التام يوم القيامة تدخلون الجنة قبل الاغنياءِ بنصف يوم وذٰلک خمسمائة سنة."

ترجمو: "اي غريب مهاجرن جي جماعت! پوري نور جي خوشخبري قبول ڪيو قيامت جي ڏينهن توهان کي اميرن کان اڌ ڏينهن اڳ ۾ جنت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ اهو پنج سؤ سالن جو هوندو."

نور پلصراط جلدي پار ڪرڻ جو سبب آهي ۽ پلصراط جو جلدي پار ڪرڻ بهشت ۾ اڳي داخل ٿيڻ جو سبب آهي.

۽ هڪ حديث شريف ۾ آهي، رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"اقراءُوا القرآن فانه ياتي يوم القيامة شفيعا لاصحابه اقراءُوا الزهراوين سورة البقر و سورة آل عمرآن فانهما تاتيان يوم القيامة کانهما غمامتان او غيايتان او فرقان من طير صواف تحاجان من اصحابها" (رواه مسلم)

ترجمو: "قرآن گهڻو پڙهندا ڪريو، چو تہ اهو قيامت جي ڏينهن پنهنجي پڙهندڙ جي شفاعت ڪندو. ٻن چمڪندڙ سورتن البقره ۽ آل عمران جي تلاوت ڪريو ڇڻ تہ اهي ٻن ڪڪرن سان گڏ اڏرندڙ پکين جون بہ ٽوليون آهن. (قيامت جي ڏينهن) پنهنجن پڙهندڙ جي باري ۾ جهڳڙو (سفارش) ڪنديون."

بيهقي جي روايت ۾ آهي، رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"الصيام والقرآن يشفعان للعبد يقول الصيام اي رب اني منعته الطعام والشهوات بالنهار فشفعني فيه ويقول القرآن اني منعته النوم باليل فشفعني فيه فيشفعان."

ترجمو: "روزو ۽ قرآن ٻانهي جي سفارش ڪندا. روزو چوندو: اي منهنجا رب! مان ان کي کائڻ، پيئڻ ۽ نفساني شهوتن جي پوري ڪرڻ کان پورو ڏينهن روڪي رکيو هيم، تنهن ڪري ان جي حق ۾ منهنجي سفارش قبول فرماءِ ۽ قرآن چوندو: اي منهنجا رب! مان رات جو ان کي ننڊ کان روڪي رکيو هيم، تنهن ڪري ان جي حق ۾ منهنجي سفارش قبول فرماءِ." الله تبارڪ و تعاليٰ ٻنهي جي سفارش قبول فرمائيندو."

هن حديث مان معلوم ٿيو تہ رات جو قرآن مجيد جي تلاوت ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي ۽ هڪ ٻي حديث

شريف ۾ آهي، حضرت عبد الله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن نماز جو ذڪر ڪندي فرمايو:

"من حافظ عليها كانت له نورا وبرهانا ونجاة يوم القيامة ومن لم يحافظ عليها لم تكن له نورا ولا برهانا ولا نجاتا وكان يوم القيامة مع قارون وفرعون وهامان وابيّ بن خلف" (رواه احمد حنبل، والدارمي، والبيهقي)

ترجمو: "جنهن نماز جي پابندي ڪئي تہ قيامت جي ڏينهن نماز ان لاءِ نور، حجت ۽ نجاة ٿيندي ۽ جنهن ان جي پابندي نہ ڪئي تہ ان لاءِ نور حجة ۽ نجات نہ هوندي ۽ قيامت جي ڏينهن اهو فرعون، قارون، هامان ۽ ابي بن خلف سان گڏ هوندو"

هي ابيّ بن خلف اهو بدبخت آهي، جنهن هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن کي چيو هو: (نعوذ بالله) مان توکي قتل ڪندس، رسول الله ﷺ جن فرمايو: مان توکي ماريندس، انشاءَ الله تعاليٰ. پوءِ رسول الله ﷺ جن ان کي نيزو هڻي زخمي ڪري وڌو ۽ هو مڪي جي رستي تي مري ويو ۽ اهو قصو مشهور آهي ۽ الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

يَوْمَ لَا يَنْفَعُ مَالٌ وَّلَا بَنُوْنَ ۝٨٨ اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ۝٨٩ (سورة الشعراء: آيت 89.88)

ترجمو: "جنهن ڏينهن نڪي مال ۽ نڪي پٽ نفعو ڏيندا. پر اهو (فائدي وارو هوندو) جيڪو الله وٽ سالم دل آڻيندو"

يعني مال ۽ اولاد قيامت جي ڏهاڙي ڪنهن ڪي بہ نفعو نہ ڏيندا، مگر اهڙي ماڻهوءَ کي جيڪو گناهن جي غلاظت ۽ نفساني شهوات جي غلاظت کان پاڪ هجي ۽ قلب سليم جو مالڪ هجي، جو تہ پاڪ دل وارو ماڻهو پنهنجي اولاد کي نيڪيءَ جي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏيندو آهي. پوءِ اهي ان جي هوندي ۽ ان کان پوءِ الله جي راهہ ۾ مال خرچيندا آهن ان جي نالي تي خير خيرات ڪندا آهن. ان لاءِ دعائون گهرندا آهن ۽ استغفار پڙهندا آهن. پوءِ ان مان ان کي نفعو ملندو آهي ۽ دنيا جو پوڄاري پنهنجي اولاد کي الله جي راهہ ۾ خرچڻ جي ترغيب نہ ڏيندو آهي. تنهن ڪري ان کي نہ اولاد مان فائدو پوندو ۽ نہ مال مان.

ڄاڻڻ گهرجي تہ افراط ۽ تفريط پنهنجي نفس تي ظلم آهي ۽ عدالت صراط مستقيم آهي ۽ اصل نور اهو آهي، جنهن ۾ افراط ۽ تفريط نہ هجي. هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ ڪبيري گناهہ جي غلاظت صغيري گناهہ جي غلاظت کان وڌيڪ آهي. البتہ صغيري ۽ ڪبيري گناهہ جي تعريف ۾ گهڻو اختلاف آهي. ۽ ڪبيرن گناهن جي عدد بابت بہ اختلاف آهي، شيخ عبدالحق مشڪوٰة شريف جي ترجمي ۾ چيو آهي تہ ڪبيره گناهہ اهو آهي، جنهن تي شريعت ۾ ڪا حد مقرر ڪئي وئي هجي يا ان بابت وعيد آيل هجي يا ان جي نهي دليل قطعي سان ثابت هجي ۽ ان جي ابتڙ جيڪو بہ آهي اهو صغيره آهي. ۽ ڪبيرن گناهن جو بہ پاڻ ۾ فرق آهي. ڪي قبيح گهڻا آهن ۽ ڪي گهٽ ۽ ڪن حديثن ۾ ڪبيرن گناهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي پر ان ۾ منحصر نہ آهن. بلڪ ان وقت وحيءَ جي ذريعي جيڪي معلوم ٿيا رسول الله ﷺ جن ان وقت حاضرين مجلس ۽ سائلين جي آڏو بيان ڪري

ڇڏيا ۽ ڪن ٻين گناهن جو ٻئي وقت تي ذڪر فرمايائون. [42]

فتاويٰ برهنه ۾ آهي ته جنهن گناه جي نهي قرآن ۾ هجي اهو ڪبيره آهي ۽ جنهن گناه جي نهي حديث ۾ هجي اهو صغيره آهي. شرح عقائد نسفيه موجب ڪن جو چوڻ آهي ته جنهن گناه جو وعيد جهنم جي باه هجي اهو ڪبيره آهي ۽ جنهن جو وعيد جهنم جي باه نه هجي اهو صغيره آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته جنهن گناه بابت خصوصي طور تي وعيد آيل هجي اهو ڪبيره آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته هر گناه تي اصرار ڪرڻ سان اهو ڪبيره بڻجي ويندو اگرچه اهو صغيره هجي ۽ عدم اصرار ڪري صغيره رهندو.

شفاءَ ۾ ابن عباس رضي الله عنه جو قول آهي ته هر اهو گناه جنهن ۾ الله تعاليٰ جي نافرماني هجي اهو ڪبيره آهي. قاضي ابو محمد عبدالوهاب جو فرمان آهي ته الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ کي صغير چوڻ مناسب نه آهي ان کي صغير ان معنيٰ ۾ چيو ويندوآهي ته جيڪڏهن نص ڪبيرن کان پاسو ڪندو ته انجا صغيره گناهه معاف ڪيا ويندا. جڏهن ڪبيره ۽ صغيره گناهن جي تعريف ۾ اختلاف واقع ٿيو ته انهن جي عدد بابت به اختلاف ٿيندو جيئوٽيڪ انهن جي عدد بابت گهڻو اختلاف آهي. ستن، اٺن، نون کان چار سؤ ۽ ست سؤ عدد تائين جا قول آيل آهن حافظ الحديث شيخ ابن حجر مڪي ان بابت مستقل هڪ ڪتاب لکيو آهي. جنهن ۾ پوري تحقيق ڪئي اٿائين ڪتاب جو نالو آهي "الزواجر عن اقتراف الڪبائر" ان ۾ انهن سيني گناهن جو ذڪر ڪيو اٿائين. البته اهو ڪتاب نادر الوجود آهي.

عقائد سنيه ۾ پڻ ان جو تفصيل آيل آهي، اسين هتي ڊيگهه ڪي ڇڏيون ٿا. تفصيل اتي ڏسڻ گهرجي (والله اعلم بالصواب).

فصل نائون

خواص ۽ اخص الخواص جي توبه جي بيان ۾

گناهن کان توبه وارو اصطلاح عام انسانن جي توبه جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي. اصح قول ۾ خواص جي توبه ان ۾ شامل آهي،جو تہ "اولياءِ الله" گناهن کان معصوم نہ هوندا آهن. مختار مذهب ۾ "ولايت" جي لاءِ عصمت شرط نہ آهي. البتہ اخص الخواص جي توبه ان ۾ شامل نہ آهي، جو تہ مختار مذهب ۾ انبياءِ عليهم السلام صغيرن ۽ ڪبيرن گناهن کان معصوم هوندا آهن. نہ اهي ڄاڻي واڻي گناه ڪندا آهن ۽ نہ سهو ۾ نہ نبوت جي ملڻ کان اڳ ۾ گناه ڪندا آهن ۽ نہ نبوت جي ملڻ کان پوءِ گناه ڪندا آهن. نہ صحت ۾، نہ بيماري ۾، نہ رضا ۾ ۽ نہ ڪاوڙ جي حالت ۾ گناه ڪندا آهن. تنهن ڪري گناهن کان توبه خواص ۽ عوام جي هوندي آهي، جو تہ انهن کان گناه ٿي سگهي ٿو. باقي اخص الخواص جي توبه گناهن کان نہ هوندي آهي، جو تہ اهي گناهن کان معصوم هوندا آهن. توبه جو هڪ قسم خواص سان مخصوص آهي ۽ هڪ "اخص الخواص" سان مخصوص آهي. توبه جو جيڪو قسم خواص سان مخصوص آهي. ان کي انابت چيو ويندو آهي. الله تعالىٰ جو فرمان آهي:

وَاَنِيْبُوْٓا اِلٰى رَبِّكُمْ (الزمر آيت: 54)

ترجمو: "۽ پنهنجي رب ڏانهن انابت ۽ رجوع ڪريو."

اها توبه غفلت کان آهي ۽ اولياءَ الله جي حق ۾ غفلت بہ گناه آهي بلڪ ڪفر آهي.

ڪسي ڪو غافل از حق يڪ زمان است.

در آن دم ڪافرست اما نهان ست

ترجمو: "جيڪو ماڻهو الله ﷻ کان هڪ دم غافل آهي، سوانهيءَ دم ڪافر آهي. توڙي جو لڪل آهي."

عوام جي حق ۾ غفلت گناه نہ آهي، جو تہ عادت مطابق عوام جو غفلت کان بچڻ ممڪن نہ آهي.

توبه جو ٽيون قسم اخص الخواص سان مخصوص آهي، يعني انبياءِ ڪرام عليهم السلام. انبياءِ ڪرام جي توبه ڇا کان آهي؟ ان بابت گهڻو اختلاف آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ اها توبه گناهن کان آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ غفلت کان آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ حسنات جي اعتبار کان آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن دل جي لاڙي رکڻ کان آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ باعتبار نفس جي آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ تجليات صفاتيه جو تجليات ذاتيه ۾ بند ٿيڻ کان آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي توبه

بابت علم جي پهچ ممڪن نہ آهي ۽ نہ اسان ڪي پابند بڻايو ويو آهي تہ اسان ان جي تحقيق ڪيون. پهريون قول تہ انبياءَ عليهم السلام جي توبه گناهن ڪان هوندي آهي. اهڙيءَ طرح ٻيو قول تہ انبياءَ عليهم السلام جي توبه غفلت ڪان هوندي آهي. ٻئي باطل آهن.ڇو تہ انبياءَ عليهم السلام گناهن ڪان معصوم هوندا آهن ۽ گناهہ عصمت جي خلاف آهي.

ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ هر هڪ ماڻهوءَ جا گناهہ مخصوص آهن. هڪڙيون اهڙيون شيون، جيڪي عوام جي حق ۾ گناهہ نہ ليکبيون ۽ خواص جي حق ۾ گناهہ شمار ڪبيون آهن. ان بابت تحقيق هيءَ آهي تہ انبياءَ عليهم السلام جي حق ۾ غفلت ممڪن نہ آهي. جيڪڏهن انبياءَ عليهم السلام جي حق ۾ غفلت ممڪن هجي تہ اها انبياءَ عليهم السلام ۽ اولياءَ ڪرام ۾ مشترڪ ٿيندي.

مڪتوبات منيريه ۾ ذوالنون مصري جو قول نقل ٿيل آهي تہ عوام جي توبه گناهن ڪان هوندي آهي ۽ خواص جي توبه غفلت ڪان هوندي آهي. "غنية الطالبين"۾ آهي تہ انبياءَ عليهم السلام جي توبه الله ڪان سواءِ غير الله جي طرف لاڙو رکڻ ڪان هوندي آهي. نفحات السالڪين ۽ ٻين فارسي ڪتابن ۾ بہ ائين آيل آهي. هي سڀ قول اجتهادي آهن. هر هڪ پنهنجو ذهن ڊوڙايو آهي ۽ صحيح ڳالهہ هي آهي تہ ان بابت قياس کي ڪوئي دخل نہ آهي، تنهن ڪري ان بابت سڪوت ئي بهتر آهي. ان بابت هڪ حديث شريف ۾ آيل آهي:

حضرت الاغر المزني رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"اني ليغان عليٰ قلبي واني لاستغفر الله في اليوم مائة مرة." (رواه مسلم)

ترجمو: "منهنجي دل تي بہ ڪٽ چڙهندي آهي ۽ مان ڏينهن ۾ هڪ سؤ ڀيرا استغفار پڙهندو آهيان."

هن حديث جي شرح ۽ توجيه ۾ علماءِ ڪرام پريشان ۽ سرگردان آهن تہ "غين" جو مقصد ڇا آهي. مٿي چئي آيا آهيون تہ "رين" ٻن قسمن جي هوندي آهي. هڪ غليظ ۽ ٻيو خفيف. اهڙيءَ طرح غين ٻہ قسم آهي. هڪ غين غليظ ۽ ٻيو خفيف. غين غليظ چئبو آهي اهڙي گهاٽي تهہ کي جيڪو دل تي ڄمي وڃي ۽ ان مان غفلت پيدا ٿئي ۽ اهو خواص ۾ هوندو آهي. عوام ۾ جنئن تہ رين هوندي آهي، تنهن ڪري غين بہ ان ۾ داخل هوندي آهي. ان جو ڪوئي علحده وجود نہ هوندو آهي.

غين رقيق اهو لطيف تهہ يا بخار آهن، جيڪي دل تان گذري هليا وڃن ۽ بيهي نہ رهن. اهي انبياءَ ڪرام عليهم السلام سان خاص آهن. اهي ڪهڙي شيءِ مان پيدا ٿيندا آهن؟ ان کي خدا ۽ رسول الله ﷺ ئي ڄاڻن ٿا. ٻئي کي لب ڪشائي جي ضرورت نہ آهي. ان بابت جن بہ ڪا ڳالهہ چئي آهي، انهن بہ صرف قياس ڪيو آهي ۽ ڌڪا هنيا آهن. ان ۾ سڀ ڪان ڀلو قول اصمعي رحمه الله جو آهي. جڏهن ان ڪان ان بابت سوال ڪيو ويو تہ فرمايائين: مصطفوي دل بابت مان لب ڪشائي ڪرڻ جي طاقت نٿو رکان. جيڪڏهن ٻئي ڪنهن بابت هجي تہ مان پنهنجي ڄاڻ مطابق ضرور ڪجهہ چوان ها پر هتي ڪجهہ بہ ڪچڻ جي جسارت نہ ٿو ڪري سگهان.ڇو تہ اهو غين متشابهات مان آهي. ان جي حقيقت تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ اسان جي لائق نہ آهي ۽ حقيقت بہ اها ئي آهي تہ قلب مصطفوي انوار وحي الٰهي جو مهبط ۽ سر چشمو آهي، تنهن ڪري ان بابت قياس ۽ عقل ڊوڙائڻ نہ گهرجي، بلڪ سڪوت اختيار ڪجي. شيخ عبد الحق مشڪواة شريف جي شرح ۾ ائين ئي چيو آهي.[44]

هي ڄاڻڻ گهرجي تہ توبه، اوبه، ۽ انابه ۾ صرف اصطلاحي فرق آهي. اصل لغت ۽ عرف جي اعتبار سان فرق نہ آهي. "غنية الطالبين" ۾ آهي تہ عذاب جي ڀؤ ڪان توبه ڪرڻ جو نالو توبه آهي ۽ اخروي ثواب حاصل

ڪرڻ جي نيت سان ڪيل توبه جو نالو انابه آهي. سزا جي پؤ کان الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل احڪامن جي بجا آوري ۽ ان تي ثواب جي اميد رکڻ کي اوبه چوندا آهن.

ڪن جو چوڻ آهي ته سزا جي پؤ کان رجوع ڪرڻ کي توبه ۽ ثواب جي اميد سان رجوع ڪرڻ کي انابه ۽ الله تعاليٰ جي حياء کان رجوع ڪرڻ کي اوبه چئبو آهي هي صرف اصطلاح آهن. حقيقت جي اعتبار سان انهن ۾ ڪوئي فرق نه آهي.

ڄاڻڻ گهرجي ته ڪي عبادتون، عوام جي حق ۾ عبادت آهن ۽ خواص جي حق ۾ برايون (گناهه) آهن. ۽ خواص جون ڪي عبادتون اخص الخواص جي حق ۾ سيئات آهن، جيئن شيخ ابوسعيد خراز جو مقولو آهي ته "حسنات الابرار سيئات المقربين" (نيڪوڪارن جون ڪي نيڪيون مقربين جي حق ۾ برايون آهن.)

ڪي ماڻهو هن کي نبوي حديث سمجهندا آهن، پر هيءَ حديث نه آهي، بلڪ ابو سعيد ﷬ جو قول آهي. مطلب هي آهي ته عوام خواص جي عبادت جي درجي تي پهچي نه سگهندو. مٿانهين مقام جي ڪري انهن جي عبادت جو درجو مٿي آهي. اهڙيءَ طرح خواص اخص الخواص جي عبادت جي درجي تي پهچي نه سگهندا. انهن جي عبادت جو مخصوص درجو آهي. اهي خواص جي عبادت تي بند نه رهندا آهن. تنهن ڪري ممڪن آهي ته هيئن چئجي ته عوام جي توبه عوام جي گناهن کان آهي. خواص جي توبه انهن خاص گناهن کان آهي، جن کان خواص کي مٿاهين مقام جي ڪري رڪجڻو هو ۽ اخص الخواص جي توبه اهڙن ڳالهين کان آهي، جن کان نبوي مقام جي ڪري رڪجڻو هو. والله اعلم بالصواب.

فصل ڏهون

طريقت جي وڏن رڪنن مان هڪ اهم رڪن جي بيان ۾

ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله ﷺ ڪي چنبڙي وٺڻ جنهن جو نالو آهي ورع ۽ تقويٰ. مٿي گذري آيو تہ رسول الله ﷺ جن جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ کان سواءِ ڪابہ شيءِ نہ دنيا ۾ فائدو ڏيندي ۽ نہ آخرت ۾.

ڄاڻڻ گهرجي تہ ورع ۽ تقويٰ جي تعريف ۾ اختلاف آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ ممنوع ڪمن کي ڇڏڻ جو نالو "تقويٰ" ۽ شبهات کي ڇڏڻ جو نالو "ورع" آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ اهي ٻئي لفظ انهن ٻنهي معنائن لاءِ استعمال ٿيندا آهن ۽ ٻنهي جي اصل وضع معلوم نہ آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ تقويٰ ممنوع ڪمن کي ڇڏڻ جو نالو ۽ ورع مطلق يعني حرام ڪيل ڪمن، شبهن ۽ مباح ڪمن کان پرهيزگاري اختيار ڪرڻ جو نالو آهي. ورع جي ان تعريف ۾ تقويٰ، عفت ۽ زهد بہ شامل ٿي ويندا، ڇو تہ تقويٰ ممنوع ڪمن کان بچڻ جو نالو آهي. ۽ عفت، شهوات کي ڇڏڻ جو نالو آهي ۽ زهد مباح ڪمن کي بہ ڇڏي، ٿورڙي تي اڪتفا ڪرڻ جو نالو آهي ڪشف اللغات ۾ آهي تہ انهن ٽنهي يعني "تقويٰ" "ورع" ۽ "عفت" جو مفهوم هڪ آهي. يعني اهڙي پرهيزگاري اختيار ڪرڻ، جيڪا شريعت ۾ محمود هجي [45] ۽ اهي قول شرح متون الفقهہ ۽ ان جي حاشيي ۾ امامت جي باب ۾ ذڪر ٿيل آهن. هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ محظورات ۽ مشتبهہ شئن کي ڇڏڻ ۽ مباح لذتن ۽ شهوتن کي ڇڏڻ جائز آهي. ان معنيٰ ۾ تقويٰ، پرهيزگاري ۽ پاڪدامني ڪتاب الله ۽ سنت رسول کي چنبڙڻ جو نالو آهي. ۽ سڄو دين محمدي تقويٰ، پرهيزگاري ۽ پاڪدامنيءَ تي منحصر آهي. ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله ﷺ کي چنبڙي وٺڻ ئي تقويٰ ۽ پرهيزگاري آهي. ڪتاب ۽ سنت کان سواءِ جيڪو بہ عمل آهي، پوءِ اهو بظاهر سهڻو ۽ سٺو ڇو نہ هجي اهو گمراهي ۽ بدعت آهي. ڪتاب الله ۽ سنت رسول کي چنبڙي وٺڻ ئي صراط مستقيم آهي. حديث شريف ۾ پڻ ڪتاب الله ۽ سنت رسول کي چنبڙي وٺڻ جو حڪم آيل آهي. حديث شريف ۾ آهي، حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ترکت فيکم امرين لن تضلوا ما تمسکتم بهما کتاب الله وسنة رسوله" (رواه موطا امام مالک رحمه الله)

ترجمو: "مان اوهان ۾ ٻہ شيون هڪ الله جو ڪتاب ٻيو سندس رسول الله ﷺ جي سنت ڇڏيون وڃان ٿو، جيستائين اوهان انهن کي چنبڙيا رهندؤ گمراهہ نہ ٿيندو"

آخرت جون سڀ نعمتون تقويٰ ۽ ورع وارن جي لاءِ آهن، ڇو تہ اهي صراط مستقيم تي مضبوط رهيا. الله تعاليٰ جو فرمان آهي.

وَالْاٰخِرَةُ عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُتَّقِيْنَ (سورة الزخرف آيت: 35)

ترجمو: "۽ تنهنجي پروردگار وٽ آخرت پرهيزگارن لاءِ آهي."

۽ ٻي جڳهہ تي الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

فَاصْبِرْ ۚ إِنَّ الْعَاقِبَةَ لِلْمُتَّقِيْنَ (سوره هود آيت: 49)

ترجمو: "پوءِ صبر ڪر بيشڪ پڇاڙي پرهيزگارن لاءِ آهي."

۽ فرمايائين:

تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِيْنَ لَا يُرِيْدُوْنَ عُلُوًّا فِي الْاَرْضِ وَلَا فَسَادًا ۚ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ

(سورةالقصص آيت: 83)

ترجمو: "اهو آخرت جو گهر آهي، جنهن کي اسان انهن لاءِ مقرر ڪيو آهي جيڪي ملڪ ۾ وڏائي نہ ڪندا آهن. نڪي فساد وجهڻ (گهرندا آهن.) ۽ چڱي عاقبت پرهيزگارن لاءِ آهي."

وڌيڪ فرمايائين:

وَتَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى ۫ وَاتَّقُوْنِ يٰاُولِي الْاَلْبَابِ (البقر آيت: 197)

ترجمو: "۽ ثمر ڪٺو ڇو تہ ڀلو ثمر پرهيزگاري آهي ۽ اي عقلمندو! مون کان ڊڄو."

متقي اهي آهن، جيڪي سڌي رستي تي هلن، جيئن هڪ دفعي رسول الله ﷺ جن هڪ سڌي ليڪ ڪڍي ۽ ان جي ساڄي ۽ کاٻي ڏنگيون ليڪون ڪڍيائين. ان کان پوءِ فرمايائون تہ هي سڌي ليڪ منهنجو ۽ منهنجي اصحابن جو رستو آهي ۽ ڏنگيون شيطاني رستا آهن. شيطان جنهن کي چاهيندو آهي، ان کي سڌي رستي کان هٽائيندو آهي ۽ رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي:

"ستفترق امتي عليٰ ثلث وسبعين ملة كلهم في النار الاملة واحدة قالوا من هي يارسول الله؟ قال: "ما انا عليه واصحابي."

ترجمو: "منهنجي امت ٽيهتر ٽولا ٿيندي. هڪ ٽولي کان سواءِ ٻيا سڀ جهنم ۾ ويندا صحابه ڪرام عرض ڪيو: اهو ڪهڙو ٽولو هوندو جيڪو جهنم ۾ نہ ويندو. پاڻ ﷺ جن فرمايو: جنهن تي مان ۽ منهنجا اصحابي آهن.

چاڻڻ گهرجي تہ حرام ڪيل ڪم ٽن قسمن جا آهن. هڪڙا قولي ٻيا فعلي ۽ ٽيان جناني انهن ٽنهي قسمن کان تقويٰ اختيار ڪرڻ ضروري آهي. اهڙيءَ طرح شبهات بہ ٽن قسمن جا آهن. فعلي، قولي ۽ جناني انهن ٽنهي قسمن کان تقويٰ اختيار ڪرڻ بہ ضروري آهي رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي.

"الحلال بيّن والحرام بيّن وبينهما مشتبهات لايعلمهن كثير من الناس ومن اتقي الشبهات استبرءَ لدينه وعرضه. ومن وقع في الشبهات وقع في الحرام كالراعي يرعي حول الحميٰ، يوشک ان يرتع فيه الا وان لكل ملک حميٰ وان حمي الله محارمه الا ان في الجسد مضغة اذا صلحت صلح الجسد كله واذا فسدت فسد الجسد كله الا وهي القلب." (بخاري، مسلم)

ترجمو: "حلال ۽ حرام ظاهر آهي ۽ ان جي درميان مشتبه شيون آهن. گهڻا ماڻهو انهن کان واقف نہ آهن، جيڪو انهن مشتبهات کان بچيو ان پنهنجو دين ۽ عزت محفوظ رکي ۽ جيڪو مشتبهات ۾ پوندو اهو حرام ۾ وڃي پوندو، جيئن ڌنار چراگاه جي چوگرد مال چاري قريب آهي جو ان چراگاه ۾ وڃي پوي خبردار! هر بادشاه جي پنهنجي

چراگاھ ھوندي آھي. الله تعاليٰ جي چراگاھ ان جي طرفان حرام ڪيل ڪم آھن. خبردار! جسم ۾ ھڪ گوشت جو ٽڪرو آھي،جڏھن اھو صحيح ٿيندو آھي تہ سڄو جسم صحيح ھوندو آھي ۽ جڏھن اھو خراب ٿيندو آھي تہ سڄو جسم خراب ٿيندو آھي خبردار! اھا دل آھي."

حضرت حسن بن علي رضي الله عنه کان روايت آھي فرمائي ٿو تہ مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان ھي ڳالھ ياد ڪيم:

"دع ما يريبک اليٰ مالا يريبک فان الصدق طمانية وان الكذب ريبة." (رواہ احمد والترمذي)

ترجمو: "اھڙي شيء کي ڇڏ، جيڪا شڪ ۾ وجھندڙ ھجي ان شيء کي اختيار ڪر، جيڪا شڪ ۾ نہ وجھي. بيشڪ سچ اطمينان ۾ وجھندڙ ۽ ڪوڙ شڪ ۾ وجھندڙ آھي."

چاڻڻ گھرجي تہ فقھاء جتي مڪروھ چون، ان مان مراد مشتبہ آھي عبادات ۾ مڪروہ اھو آھي، جيڪو نقصان وارو ڪري ۽ مشتبہ ٿي پوي تہ ان کي ثواب ملندو يا نہ! ۽ جيڪڏھن عند الله مقبول نہ ھوندو تہ ان کي ثواب مرتب نہ ٿيندو. ممنوع ۽ مباح دليلن جي تعارض جي ڪري ان جو ممنوع يا مباح ھجڻ مشتبہ ٿيندو آھي. پوء ھر ھڪ جا ٻہ قسم آھن. ھڪ مڪروہ تحريمي ۽ ٻيو مڪروھ تنزيھي. جيڪڏھن نقصان قوي ۽ دليل قوي ھجي تہ مڪروھ تحريمي آھي. ورنہ مڪروھ تنزيھي آھي. ان جو تفصيل فقہ جي ڪتابن ۾ ملندو اھو اشتباھ اسان ٻانھن جي حق ۾ آھي الله تعاليٰ جي حق ۾ نہ آھي.[46]

باقي دنيا جي لذتن جي ڪري مباح ڪمن کي ڇڏڻ اھل الله جو طريقو آھي ۽ ان کي عفت چئبو آھي. "غنية الطالبين"۾ لکيل آھي تہ جيستائين ڏھن شين جي پابندي نہ ڪبي تيستائين تقويٰ ۽ پرھيزگاري حاصل نہ ٿيندي اھي ڏھ شيون ھي آھن. زبان کي گلا، بڇڙي ڪلام، ۽ ڪوڙ کان محفوظ رکڻ، بدگمانيء کان بچڻ مسخري ۽ استھزاء کان بچڻ. نظر بد کان پنھنجي اکين کي بچائڻ. الله تعاليٰ جي نعمتن جو شڪر ڪرڻ ۽ الله تعاليٰ جا احسان مڃڻ ۽ الله جي رستي ۾ مال خرچڻ، وڏائي ۽ تڪبر ڇڏي ڏيڻ. پنجن ئي نمازن جي پابندي ڪرڻ، اھل سنت والجماعت جي طريقي تي مضبوط رھڻ، انھن ڏھن شين کان سواء تقويٰ ۽ پرھيزگاري حاصل ڪرڻ ممڪن نہ آھي.

ڪن جو چوڻ آھي تہ انھن ڏھن خصلتن کان سواء حياء بہ ضروري آھي، جيڪو الله تعاليٰ کان حياء نہ ٿو رکي ان ۾ اھي ڏھ خصلتون نہ ھونديون ۽ جنھن کي حياء نہ آھي اھو ايمان جي لذت کان بہ محروم ھوندوآھي. تقويٰ ۽ پرھيزگاري اختيار ڪرڻ جي لاء بہ شرط آھن. ھڪ صحيح توبہ ٻيو ناحق قبضي واريون شيون واپس ڪري، حقدار کي راضي ڪرڻ.

چاڻڻ گھرجي تہ تمسک بڪتاب الله ۽ سنت رسول الله صلي الله عليه وسلم کي پڪڙي وٺڻ دين جي سمورن احڪامن تي شامل آھي. پوء انھن جو حڪم ڪيل ھجي يا انھن کان منع ٿيل ھجي، ھلاڪ ڪندڙ ھجن يا نجات ڏيندڙ ھجن، حسن ھجن يا قبيح ھجن، محمود ھجن يا مذموم ھجن، البتہ ڪي احڪام مفصل آھن تہ ڪي مجمل ۽ تفصيل جي ضرورت رکن ٿا. اجمال مان پورو فائدو حاصل نہ ٿيندو مثلاً : آفت، حرص، طمع، سوال ڪرڻ، عيب جوئي، حسن اخلاق، رياء وغيرہ تنھن ڪري ھر ھڪ کي عليحدہ فصل ۾ بيان ڪيو ويو آھي.

فصل يارهون

عملن جي حسن اخلاص، ڏيکاءُ ۽ پاڻ پڏائڻ جي برائي جي بيان ۾

ڄاڻڻ گھرجي اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا ! تہ رياءُ ۽ مراية قتال ۽ مقاتلة جي وزن تي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڏيکارڻ. شريعت ۾ رياءُ چئبو آهي مال، مرتبو يا تعريف حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي عبادت مخلوق کي ڏيکارڻ ۽ سمعة سين جي ضمه سان سميع مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٻڌائڻ. شريعت ۾ تسميع چئبو آهي مال مرتبي يا مدح لاءِ پنهنجي عبادت مخلوق کي ٻڌائڻ. هن نيت سان نماز ۽ قرآن مجيد جي تلاوت وغيره ظاهر ظهور ڪرڻ تہ جيئن ماڻهو مون کي ڏسن ۽ ان جو مقصد هي هجي تہ ماڻهو مون کي نيڪ چون يا منهنجي تعريف ڪن يا مال وغيره ڏين، يا اعزاز ڪن ۽ اڪرام ڪن تہ ان کي رياءُ چئبو ۽ ڪنهن کي پنهنجن روزن جي ان غرض سان خبر ٻڌائڻ سمعة آهي ۽ جيڪو چوندا آهن تہ لا رياءُ في الصوم يعني روزي ۾ ڏيکاءُ نہ آهي تہ ان جو مطلب بہ اهو ئي آهي تہ جئن روزو مخفي عبادت آهي ٻئي کي اکين سان ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي بخلاف ٻين عبادتن مثلاً نماز، زکوٰة وغيره جي جو اهي ڏسڻ ۾ اينديون آهن. تنهن ڪري انهن عبادتن ۾ ڏيکاءُ ٿي سگھي ٿو روزي ۾ ڏيکاءُ ٿي نہ ٿو سگھي.

اهڙي طرح ٻيون عبادتون جيڪي لڪي ڪيون وينديون آهن. جيئن مثال رات جي انڌيري ۾ نماز پڙهڻ يا مخفي طور تي ڪا عبادت ڪرڻ ان ڪان سواءِ دنيا جي ڪنهن غرض لاءِ ماڻهن کي ان عبادت بابت ٻڌائڻ کي بہ سمعة چئبو البتہ سالڪن جي اصطلاح ۾ رياءُ ۽ سمعة سڀ دل تي موقوف آهن. جيڪڏهن ان جي دل ۾ غالب ڏيکاءُ ۽ پاڻ پڏائڻ آهي ۽ اخلاص بہ اٽس تہ ان سان عمل باطل ٿي ويندو ۽ ان جي ذمي تان اهو عمل لهي نہ ويندو بلڪ قضا واجب ٿيندي. شيخ عبدالحق محدث دهلوي مشڪوات شريف جي شرح ۾ ان ڳالهہ جي وضاحت ڪئي آهي، پر جيڪڏهن ان جي دل ۾ غالب اخلاص ۽ الله تعاليٰ جو رضامندو آهي ۽ ڪجهہ ڏيکاءُ بہ اٽس تہ ان سان ان جو عمل باطل نہ ٿيندو بلڪ نقصان وارو ٿيندو. پر جيڪڏهن اخلاص ۽ ڏيکاءُ ٻئي برابر آهن تہ نفعو ۽نقصان بہ برابر هوندو.[47] احاديث شريف ۽ آثار ان جي وعيد ۽ عمل جي عدم قبوليت تي ڏس ڏين ٿا ۽ ان جا ٽي درجا آهن: پهريون عمل جي شروعات ۽ نيت جي وقت اخلاص ۽ ڏيکاءُ ٻئي برابر هجن تہ اهو سڀ ڪان وڏيڪ برو آهي. ٿورڙو بہ ڏيکاءُ غالب اچي ويو تہ عمل باطل ٿي ويندو. ٻيو عمل جي وچ ۾ ڏيکاءُ اچي وڃي تہ ان صورت ۾ ڪن چو چوڻ آهي تہ ان سان انشاء الله تعاليٰ ان جو عمل باطل نہ ٿيندو ۽ اهوئي پروسي جهڙو قول آهي. ٽيون عمل ڪان فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ ڏيکاءُ اچي وڃي ۽ اهو بہ ان لاءِ مضر آهي البتہ ان سان عمل باطل نہ ٿيندو.

"تنبيه الغافلين" ۾ آهي تہ جيڪڏهن شروعات الله تبارڪ و تعاليٰ جي رضا ۽ اخلاص سان ڪيائين پوءِ

وچ ۾ رياءُ اچي ويو تہ اعتبار شروعات کي آهي ۽ ان جي شارح لکيو آهي تہ وچ نماز ۾ رياءُ کان بچڻ ممکن نہ آهي تنهن کري اعتبار شروعات کي آهي. جيڪڏهن ڪوئي شخص ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ پوري آداب ۽ وقار سان نماز پڙهي ٿو ۽ ماڻهن جي غير موجودگيءَ ۾ ائين وقار ۽ ادب سان نہ ٿو پڙهي تہ ان کي اصل نماز جو ثواب ملندو. ۽ جيڪو بہ عمل رياءِلاءِ ڪيو وڃي ٿو پوءِ کڻي اتي ڪوئي موجود نہ هجي تہ پوءِ بہ ان کي ان عمل جو ثواب نہ ملندو ان ۾ ڪنهن جو بہ اختلاف نہ آهي ليڪن هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڏيکاءُ جي ڪري ان جو عمل باطل ٿي ويو ۽ قضا لازم اچي وئي ۽ ان جي ذمي تان اهو عمل نہ لٿو يا ان جو عمل باطل نہ ٿيو ۽ ان جي ذمي کان لهي ويو تہ هاڻي ان کي ثواب ملندو يا نہ ان ۾ اختلاف آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ مقصودي عبادتن ۾ بالاجماع نيت شرط آهي. بنا نيت جي نہ اهو عمل صحيح ٿيندو ۽ نہ ئي ان کي ان جو ثواب ملندو نبي اڪرم ﷺ جن جو فرمان آهي "انما الاعمال بالنيات" يعني عملن جي صحت ۽ ثواب نيت تي موقوف آهي. پوءِ ان صورت ۾ جڏهن نيت جي وقت غالب ڏيکاءُ هوندو تہ ان وقت نہ ان جي عبارت صحيح ٿيندي ۽ نہ ان کي ثواب ملندو. شرح وقايہ جي عبارت بہ ان تي ڏس ڏئي ٿي. شرح وقايہ وارو باب الوضوءِ ۾ لکي ٿو: مقصودي عبادتن ۾ مقصد ثواب هوندو آهي. پوءِ جڏهن اهي ثواب کان خالي هونديون تہ صحيح بہ نہ ٿينديون.

اهي عبادتون جيڪي مقصودي نہ آهن. بلڪ ڪنهن ٻي عبادت جي لاءِ وسيلو ۽ اوزار آهن. (مثلاً:وضو نماز لاءِ آهي) احناف وٽ اهڙين عبادتن ۾ نيت شرط نہ آهي. بنا نيت جي اهي عبادتون صحيح ٿي وينديون. پر ثواب تڏهن ملندو جڏهن نيت هجي. البتہ تيمم ۾ نيت شرط آهي، تنهن ڪري اهي عبادتون جيڪي محض وسيلو آهن. اهي ڏيکاءُ جي هوندي صحيح ٿي وينديون پر ثواب نہ ملندو. شرح حساميءَ ۾ آهي تہ فقهاءُ وٽ جڏهن فعل ادا ٿي ويو ۽ قضا لازم نہ آهي تہ اهو عمل صحيح ٿي ويندو ۽ متڪلمين وٽ شرعي حڪم مطابق اهو فعل ادا ٿيو. پوءِ قضا لازم ٿي يا نہ! ٻنهي صورتن ۾ اهو عمل صحيح ٿي ويندو. پوءِ جنهن شخص وضوءَ جي گمان تي بنا وضوءَ جي نماز پڙهي، متڪلمين وٽ ان جي نماز صحيح ٿي ويندي، ڇو تہ ان پنهنجي گمان مطابق شرعي حڪم جي مطابق ادا ڪئي آهي، باوجود هن جي جو خبر پوڻ وقت قضا نہ ڪندو. ان نماز جي صحت ۽ مطابقت جي ڪري ان کي ثواب ملندو ۽ فقهاءُ وٽ ان جي اها نماز صحيح نہ ٿيندي ڇو تہ خبر پوڻ کان پوءِ ان جي قضا نہ ڪرندي بلڪ قضا لازم ٿيندي ڇو تہ اهو پاڻ ڄاڻي ٿو تہ ان جو اهو عمل شرعي حڪم مطابق نہ آهي "اشباه" ۾ آهي تہ ثواب جي لاءِ عبادت جو صحيح هجڻ ضروري نہ آهي، بلڪ ان کي پنهنجي نيت جي مطابق ثواب ملندو ۽ "شارح حمويءَ" جو چوڻ آهي تہ عبادت جي صحت موقوف آهي شرطن جي وجود تي ۽ عبادت جو ثواب موقوف آهي نيت ۽ اخلاص تي. جيڪڏهن ڪنهن شخص پليت پاڻي سان وضو ڪيو ۽ هن کي ان جي خبر نہ هئي تہ ان جي نماز صحيح نہ ٿيندي ڇو تہ پاڪائيءَ وارو شرط گم آهي. البتہ اخلاص جي ڪري هن کي ثواب ملندو. پر جيڪڏهن سڀ شرط ۽ رڪن پورا اٿس پر اخلاص نہ اٿس بلڪ ڏيکاءُ اچي ويس تہ ان جي نماز صحيح ٿيندي پر ثواب جو مستحق نہ ٿيندو.[48] ڇو تہ اخلاص گم آهي. ڏيکاءُ مان مراد اهڙو ڏيکاءُ آهي، جيڪو وچ نماز ۾ اچي پر جيڪڏهن شروعات ۾ ئي ڏيکاءُ اچي ويس تہ ان جي نماز باطل ٿي ويندي. ڄاڻڻ گهرجي تہ اها عبادت جيڪا متجزي ٿيندي آهي، جيئن مثال قرآن مجيد جي تلاوت ۽ الله تعاليٰ جو ذڪر ان جي هر جز جو حڪم جدا آهي، جنهن جز سان ڏيکاءُ لاحق ٿيندو. ان جز جو ثواب ختم ٿيندو ۽ باقي جزن جو ثواب برقرار رهندو.

مثال شروعات جي هڪ يا ٻن آيتن ۾ ڏيکاءُ ٿيو ۽ اڳتي ڏيکاءُ ختم ٿي ويو ۽ اخلاص اچي ويو تہ باقي قرآن جو ثواب برقرار هوندو.

بالاجماع هي ڳالهہ ثابت آهي تہ جنهن عمل ۾ رياءُ هجي، اهو الله تبارڪ و تعاليٰ جي درٻار ۾ مقبول نہ آهي. باقي ڏيکاءُ واري ان ڪم تي ان کي گناهہ ملندو يا نہ! ان ۾ اختلاف آهي ڪن جو چوڻ آهي تہ ان کي نہ ثواب ملندو ۽ نہ گناهہ گوياڪہ ان عمل ڪيو ئي نہ هو. چو تہ رياءُ عمل کي باطل ڪري ڇڏيندو آهي. پوءِ جيڪڏهن اهو عمل فرض هيو تہ ان جي قضا لازم آهي ۽ جيڪڏهن اهو فرض يا واجب نہ هو تہ ان جي قضا لازم نہ آهي. ۽ جمهور جي تحقيق هي آهي تہ رياءُ خود ڪبيرن گناهن مان آهي ۽ اهو رياءُ شرڪ جو هڪ قسم آهي، جنهن کي شرڪ خفي چيو ويندو آهي. البتہ هن ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ شرڪ جو اهو قسم ڪفر آهي يا معصيت آهي؟ جمهور جو چوڻ آهي تہ اهو ڪبيرو گناهہ آهي ۽ ڪفر نہ آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو ڪفر آهي. شرح الاشباہ الحمويءَ ۾ پڻ ائين ذڪر ٿيل آهي.

پوءِ شرڪ ٻہ قسم آهي هڪ شرڪ جلي ۽ ٻيو شرڪ خفي وري شرڪ جلي ٻہ قسم آهي. هڪ الله تعاليٰ جي ذات کان سواءِ ڪنهن ٻي ذات کي الله تعاليٰ جي مثل واجب الوجود مڃڻ يا الله تعاليٰ جي قديمي صفات جيان الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن ٻي ذات لاءِ الله تعاليٰ جي مثل قديمي صفتون ثابت ڪرڻ.

ٻيو الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن ٻي ذات لاءِ عبادت جو حق تسليم ڪرڻ، چو تہ بت ۽ ستارا الله تبارڪ و تعاليٰ کان سواءِ عبادت جا مستحق نہ آهن. شرح عقائد نسفيہ ۾ بہ ائين ئي آيل آهي. حديث شريف ۾ صورتون ۽ مورتيون ناهيندڙن جي لاءِ سخت وعيد آيل آهن. هڪ حديث شريف ۾ آهي حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"يخرج عنق من النار يوم القيامة لها عينان تبصران واذنان تسمعان ولسان ينطق يقول اني وكلت بثلاثة بكل جبار عنيد وبكل من دعا مع الله الها آخر وبالمصورين." (رواه ترمذي)

ترجمو: "قيامت جي ڏينهن باهہ جي هڪ ڳچي ظاهر ٿيندي، جنهن کي ڏسندڙ آکيون ٻڌندڙ ڪن ۽ ڳالهائيندڙ زبان هوندي، چوندي مونکي ٽن قسمن جي ماڻهن لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي، هر نافرماني ڪندڙ سرڪش لاءِ ۽ ان ماڻهوءَ لاءِ جنهن الله سان گڏ ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪيو ۽ ٽيون صورتون ناهيندڙن لاءِ."

ڳچيءَ جوذڪر انهيءَ عنوان سان ٻن حديثن ۾ آيل آهي تنبيہ الغافلين ۾ پڻ اهڙي قسم جي حديث آيل آهي. حديث جي شارحن جو چوڻ آهي تہ هتي ڳچيءَ مان مراد جهنم جي باهہ آهي، جنهن کي الله تعاليٰ اکيون، ڪَنَ ۽ زبان عطا ڪندو تہ جيئن مخلوق ڏسي عبرت حاصل ڪري ۽ اوڏانهن متوجہ ٿئي. مصورين مان مراد اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي ساهہ واري شيءِ جي تصوير ناهن ٿا پوءِ اها ديوار تي هجي يا ڪاغذ تي يا ڪنهن ٻي شيءِ تي ۽ غير جاندار شيون مثلاً وڻ وغيره جي صورت ناهڻ جائز آهي پر جيڪڏهن جاندار شيءِ جي منڊي ميٽي ڇڏبي تہ ان جو حڪم بہ غير جاندار وارو هوندو. هيءَ وعيد اهڙن ماڻهن جي لاءِ آهي، جيڪي صورتون ناهن ٿا پر جيڪي انهن مورتين جي عبادت ڪندا انهن جو حڪم هنن کان سخت آهي.

شارحن جو چوڻ آهي تہ اهڙو مصور جيڪو انهن صورتن کي مباح نہ ٿو سمجهي ۽ پاڻ انهن جي عبادت نہ ٿو ڪري ۽ ڪلمہ شهادت جو پڙهي ٿو تہ ان کي دنيا ۾ ڪافر ۽ مشرڪ نہ چئبو ۽ آخرت جو معاملو الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏبو[49]

شرڪ جو ٻيو قسم شرڪ خفي آهي شرڪ خفي رياءَ جو نالو آهي ۽ ان کي شرڪ اصغر بہ چوندا آهن. چو تہ عبادت جي غير حقدار کي عبادت جي حقدار سان شريڪ ڪري ٿو ۽ ظاهر ۾ اها حق پرستي آهي ۽ باطن ۾ خواهش ۽ نفس پرستي آهي ۽ ماڻهن پرستي آهي ۽ الله تعاليٰ اهو ئي عمل قبول ڪندو آهي، جيڪو اخلاص وارو هجي. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"لاينظر الله اليٰ صورڪم واموالڪم ولٰڪن ينظر اليٰ قلوبڪم واعمالڪم." (رواه مسلم)

ترجمو: "الله تعاليٰ اوهان جي صورتن ۽ مالن ڏانهن ناهي ڏسندو پر اوهان جي دلين ۽ عملن جي پرک ڪندو آهي."

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

"انا اغني الشرڪاءِ عن الشرڪ من عمل عملا اشرڪ فيه معي غيري ترڪته وشرڪه وفي رواية فانا منه بري هو للذي عمله." (رواه مسلم)

ترجمو: "مان شريڪن (ڀائيوارن) کان بي پرواهہ آهيان. جنهن پنهنجي عمل ۾ مون سان ٻئي ڪنهن کي ڀائيوار ڪيو تہ مان ان کي ان جي حوالي ڪري ڇڏيندس. ٻي روايت ۾ آهي تہ مان ان کان بري آهيان هي ان جو آهي، جنهن لاءِ عمل ڪيائين."

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي فرمائي ٿو تہ مان هڪ ڏينهن مسجد نبويءَ ۾ آيس حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه کي ڏٺم تہ هو رسول الله ﷺ جن جي قبر وٽ روئي رهيو هو. حضرت عمر رضي الله عنه ان کان پڇا ڪئي ڪهڙي شيءِ جي ڪري روئي رهيو آهين. ان چيو! مان هڪ اهڙي ڳالهہ رسول الله ﷺ جن کان ٻڌي هئي، جيڪا مون کي روئاري رهي آهي. پاڻ ﷺ جن کان ٻڌم فرمائن پيا:

"ان يسير الريا شرڪ" (رواه ابن ماجه)

ترجمو: "بيشڪ ٿورڙو ڏيکاءُ بہ شرڪ آهي."

حضرت شداد بن اوس رضي الله عنه کان روايت تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"من صليٰ يرائي فقد اشرڪ ومن تصدق يرائي فقد اشرڪ" (رواه احمد)

ترجمو: "جنهن ڏيکاءَ خاطر نماز پڙهي، ان شرڪ ڪيو ۽ جنهن ڏيکاءَ خاطر خيرات ڪئي، ان شرڪ ڪيو."

ابن ماجه جي هڪ حديث ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: شرڪ خفي هي آهي جو ماڻهن جي ڏسڻ جي ڪري ماڻهو پنهنجي نماز وڌائي ڇڏي.

بيهقي جي هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ هڪ موقعي تي پاڻ ﷺ جن فرمايو: مون کي اوهان جي متان سڀ کان وڌيڪ خطرو شرڪ اصغر جو آهي صحابه ڪرام عرض ڪيو: شرڪ اصغر ڇا آهي؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو: ڏيکاءُ.

شرڪ اصغر بابت ڪيترين ئي حديثون آيل آهن. هي ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ "تقويٰ" وارن کي ٻي ڪابہ شيءِ هلاڪ ڪري نہ ٿي سگهي، البتہ ڏيکاءُ عالمن، زاهدن ۽ تقويٰ وارن کي بہ هلاڪ ڪري سگهي ٿو چو

تہ اهي غالبًا ان کان پرهيز نہ ڪندا آهن.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان هڪ شهيد جو فيصلو ڪيو ويندو. ان شهيد کي الله تعاليٰ جي دربار ۾ پيش ڪيو ويندو. الله تبارڪ و تعاليٰ ان کي پنهنجون نعمتون ياد ڏياريندو. هو الله تعاليٰ جي نعمتن جو اقرار ڪندو. الله تعاليٰ ان کان پڇا ڪندو تہ تون انهن نعمتن جي عوض ڪهڙو عمل ڪيو؟ شهيد عرض ڪندو تہ تنهنجي رضا خاطر مون لڙائي ڪئي، تانجو شهيد ٿي ويس. الله تعاليٰ فرمائيندو تو ڪوڙ ڳالهايو. تو لڙائي ان لاءِ ڪئي هئي تہ جيئن ماڻهو توکي بهادر سمجهن ۽ (دنيا ۾ توکي) بهادر سڏيو ويو. پوءِ ان کي منهن ڀر جهنم ۾ سٽڻ جو حڪم ڏنو ويندو ۽ ان کي جهنم ۾ سٽيو ويندو.

ان کان پوءِ اهڙي ماڻهوءَ کي آندو ويندو. جنهن علم پڙهيو ۽ پڙهايو هوندو ۽ قرآن مجيد پڙهيو هوندائين. الله تعاليٰ ان کي پنهنجون نعمتون ياد ڏياريندو. هو الله تعاليٰ جي نعمتن جو اقرار ڪندو. الله تعاليٰ ان کان پڇا ڪندو تہ تون انهن نعتمن جي عوض عمل ڪهڙو ڪيو؟ چوندو تہ: مون علم پڙهيو ۽ ٻين کي پڙهايو ۽ تنهنجي رضا لاءِ قرآن مجيد پڙهيو. الله تعاليٰ فرمائيندو تو ڪوڙ ڳالهايو. تون هن جي ڪري علم پڙهيو هو. تان تہ ماڻهو تو کي عالم چون ۽ تون قرآن ان جي ڪري پڙهيو هو تان تہ ماڻهو توکي قاري چون ۽ تو کي دنيا ۾ اهو حاصل ٿي چڪو. پوءِ ان کي منهن ڀر جهنم ۾ سٽڻ جو حڪم ڏنو ويندو ۽ ان کي جهنم ۾ سٽيو ويندو.

ان کان پوءِ اهڙي ماڻهوءَ کي آندو ويندو. جنهن کي الله تعاليٰ هر قسم جو مال عطا ڪيو هوندو. الله تعاليٰ ان کي پنهنجون نعمتون ياد ڏياريندو پوءِ هو نعمتن جو اقرار ڪندو. الله تعاليٰ فرمائيندس تہ پوءِ تون انهن نعمتن جي عوض ڪهڙو عمل ڪيو؟ اهو عرض ڪندو تہ مان تنهنجي پسنديده هر رستي ۾ خرچ ڪيو الله تعاليٰ فرمائيندو تو ڪوڙ ڳالهايو. تو اهو ان جي ڪري ڪيو تہ جيئن ماڻهو توکي سخي سمجهن. اهو دنيا ۾ توکي حاصل ٿي چڪو. پوءِ ان کي منهن ڀر جهنم ۾ سٽڻ جو حڪم ڏنو ويندو ۽ ان کي جهنم ۾ سٽيو ويندو. (رواه مسلم)

بخاري شريف ۽ مسلم شريف جي هڪ حديث ۾ آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو: جيڪو (دنيا ۾) الله تعاليٰ جي رضا جي لاءِ سجدا ڪندو هو (قيامت جي ڏينهن) الله تعاليٰ ان کي سجدي جي اجازت ڏيندو ۽ جيڪي ماڻهو ڏيکاءَ خاطر سجدا ڪندا هئا. الله تعاليٰ انهن جي پٺن کي هڪ ٺي طبقو بڻائيندو. جڏهن سجدي جو ارادو ڪندا تہ ڪياڙيءَ ڀر ڪري پوندا (۽ سجدو ڪري نہ سگهندا.)

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ ڪي شيون اهڙيون آهن جيڪي ڏيکاءَ جي ڪري باطل نہ ٿينديون ۽ ثواب ۾ گهٽتائي نہ ٿيندي [50] هڪ سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم جن جي مٿان درود ۽ سلام پڙهڻ مولانا محمد هاشم ٺٽوي ڪتاب "جامع المعجزات" ۾ ان ڳالهہ جي صراحت ڪئي آهي ۽ شيخ عبدالحق "غاية المرام في فضل صلوٰة عليٰ سيد الانام" ۾ بہ اوڏانهن اشارو ڪيو آهي ۽ ٻيو الله تعاليٰ جو مقرر ڪيل فرض آهي، ڇو تہ ڪن عالمن وٽ فرض ڏيکاءَ جي ڪري باطل نہ ٿيندا آهن، ڇو تہ فرائض جي ادائگي سان ان جي ذمي تان واجب ساقط ٿي ويندو آهي نہ هن کي ثواب ملندو ۽ نہ گناهہ. يعني جڏهن نيت جي وقت هن جي دل ۾ اخلاص هيو ۽ وچ عمل ۾ رياءُ اچي ويو تہ ان سان ان جو عمل باطل نہ ٿيندو ۽ هن جي ذمي تان واجب لهي ويندو پر فرائض جي ادائگي تي ثواب جو جيڪو وعدو ٿيل آهي اهو ثواب نہ ملندس.

ڪن جو چوڻ آهي تہ روزي ڪان سواءِ هر شيءِ ۾ رياءَ ٿي سگهي ٿو ۽ فقيهہ ابو الليث جو چوڻ آهي تہ "لايدخل الرياءُ شيءِ من الفرائض" يعني فرائض ۾ رياءَ داخل ٿي نہ ٿو سگهي، هي قاعدو تڏهن صحيح ٿيندو جڏهن نيت جي لاءِ اخلاص شرط نہ هجي، البتہ جمهور وٽ سمورن عبادتن جهڙوڪ: نماز، روزو، زڪوٰة وغيره جي لاءِ اخلاص نيت فرض آهي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ فرض روزي ۾ رياءَ اچي نہ ٿو سگهي باقي سمورن عبادتن ۾ رياءَ اچي سگهي ٿو ۽ جن چيو آهي تہ فرائض ۾ رياءَ ٿي نہ ٿو سگهي اهو مفسرن جي هن ڳالهہ جي خلاف آهي، جن چيو آهي تہ زڪوٰة مخفي طور ڏيڻ بهتر آهي، ڇو تہ اها رياءَ ڪان پري آهي ۽ جن چيو آهي تہ رياءَ صرف فرضي روزي ۾ داخل ٿي نہ ٿو سگهي ۽ سمورين عبادتن ۾ اچي سگهي ٿو اهو هن حديث جي خلاف آهي، جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

"الصوم لي وانا اجزي بہ"

ترجمو: "روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو بدلو بہ مان پاڻ ڏيندس.

هن حديث جو ظاهر ڏس ڏئي ٿو تہ هر روزي ۾ رياءَ ٿي نہ ٿو سگهي پوءِ اهو فرضي هجي يا نفلي ۽ انهن ان کي فرضي روزي سان مقيد ڪيو آهي. هتان معلوم ٿيو تہ مڪلف جي ذمي تان فرائض ساقط ٿيڻ جي صورت ۾ فرائض ۾ رياءَ داخل ٿي نہ ٿو سگهي، جيتوڻيڪ جو ان کي وڏيڪ ثواب نہ ملندو البتہ صدقي ڪرڻ واري صورت ۾ رياءَ داخل ٿي سگهي ٿو.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ هر عمل پوءِ اهو فرض هجي يا نفل ان ۾ تقرب ۽ ثواب جي نيت ضروري آهي پوءِ اهو عمل مامور بہ هجي يا منهي عنه جو ڇڏڻ، ڇو تہ منهيات جو ڇڏڻ بہ طاعت آهي ۽ ان نيت کي شرعي نيت ۽ اخلاص نيت چوندا آهن. تفصيل لاءِ شرح اشباه والنظائر للحموي جو مطالعوڪري سگهجي ٿو.

ان بابت جمهور جو چوڻ آهي تہ عملن جي صحت لاءِ اخلاص نيت شرط آهي شرح وقايه ۾ آهي تہ ثواب جي مقصد ڪان خالي عبادت صحيح نہ ٿيندي يعني فاسد ٿي ويندي، ڇو تہ ثواب ڪان خالي عبادت ان جي عدم قبوليت جو نالو آهي، ڇو تہ الله تعاليٰ وٽ مقصود عبادت آهي،جڏهن عمل مقصود ڪان خالي هوندو تہ فاسد ٿي ويندو ۽ صحيح نہ ٿيندو.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ علماءِ ڪرام جو فرمان آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي روضة اطهر جي زيارت ڪرڻ وقت رياءَ ضرر نہ ڏيندو آهي. [51]

هينئر اخلاص جو بيان ڪجي ٿو. اخلاص چئبو آهي ڪنهن شيءِ کي ٻئي شيءِ جي ملاوت ڪان خالص ۽ ساف ڪرڻ. جڏهن ڪنهن شيءِ کي خالص بڻائبو آهي، چئبو آهي: اخلصته، يعني مون ان کي خالص بڻايو. شرعي اصطلاح ۾ اخلاص چئبو آهي، عبادت کي رياءَ ۽ ڏيکاءَ ڪان پاڪ ڪرڻ، ۽ اخلاص جي لاءِ ڪجهہ شرط آهن. پهريون شرط آهي رياءَ ۽ ڏيکاءَ ڇڏڻ، ٻيو شرط آهي وڏائي ڇڏڻ ۽ ٽيون شرط آهي مخلوق مان لالچ ختم ڪرڻ، ۽ متي چوٿين فصل ۽ باب ٻئي جي نائين فصل ۾ جيڪو گذري آيو تہ اخلاص جي لاءِ پنج شرط آهن. ٽي هي ساڳيا ۽ چوٿون شرط منهيات کي ڇڏڻ ۽ پنجون حق جو رضامندو طلب ڪرڻ اهو ٻئي قول مطابق هو ۽ اهو اختلاف شرعي نيت جي اختلاف تي موقوف آهي.

نيت جي تعريف ۾ به قول آهن. ٻئي علامه حمويءَ شرح اشباه ۾ ذڪر ڪيا آهن. هڪ فعل جي ثابت ڪرڻ ۾ طاعت ۽ تقرب جو ارادو ڪرڻ هن تعريف ۾ منهيات جو ڇڏڻ شامل نه آهي، باوجود هن جي جو اطاعت جي نيت سان منهيات جو ڇڏڻ اطاعت آهي. جيئن ڪجهه حديثون پڻ ان تي گواهه آهن. پر شارح حموي جي ان تعريف مان مراد فعل جو اثبات آهي ۽ نه ڪه فعل جو ترڪ ڪرڻ.

ٻيو نيت نالو آهي دل ڪي متوجه ڪرڻ فعل جي ايجاد يا ترڪ ۾ جيڪو حال يا مال جي اعتبار سان جلب منفعت يا دفع مضرت جي غرض جي موافق هجي. ۽ شارح حمويءَ چيو آهي ته صحيح تعريف هيءَ پوئين آهي. پهرين تعريف موجب نيت ۾ به شيون ملحوظ آهن. هڪ اهڙي فعل جو ارادو ڪرڻ جيڪو موجب ثواب هجي ۽ ٻيو تقرب، طاعت ۽ حق جي رضا طلب ڪرڻ. پوءِ ان تعريف جي مطابق اخلاص نالو آهي ان فعل ۾ تقرب ۽ طاعت جو ارادو ڪرڻ، پوءِ رياءُ لالچ ۽ عجب جو ڇڏڻ اخلاص جي لاءِ شرط قرار ڏبا. ۽ اخلاص نيت جو جز قرار ڏبو. هن تعريف مطابق جيڪڏهن عبادت اخلاص کان خالي هوندي ته صحيح نه ٿيندي ڇو ته اخلاص نيت جو جز آهي، ۽ جڏهن جز ختم ٿيندو ته سڄي نيت ختم ٿي ويندي. مثال طور: نماز، روزو، حج،زڪوات، قرآن مجيد جي تلاوت ۽ ٻيون سموريون عبادتون عزم ۽ ارادي سان ڪيون وڃن پر هن جي دل ۾ تقرب الي الله جو ارادو نه هجي. ۽ هن جي دل ۾ رياءُ يا ٻيو ڪو غرض به نه هجي. پوءِ ان تعريف جي مطابق جيڪڏهن نيت ڪي صحت عبادت جي لاءِ شرط قرار ڏجي ته ان صورت ۾ ان جي اها عبادت صحيح نه ٿيندي ۽ هن جي مٿان ذمو ساقط نه ٿيندو پر جيڪڏهن صحت عبادت جي لاءِ نيت ڪي شرط قرار نه ڏجي بلڪ ترتيب ثواب جي لاءِ شرط قرار ڏجي ءلغوي نيت يعني صرف فعل جي ارادي ڪرڻ ڪي صحت جي لاءِ ڪافي شمار ڪجي ته ان جو اهو عمل صحيح ٿي ويندو پر ان ڪي ثواب نه ملندو ۽ ان جي ذمي تان فرض لهي ويندو.

"غنية المتملي شرح منية المصلي" ۾ آهي ته سموريون عبادتون. الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مشروع ڪيون ويون آهن. ۽ الله تعاليٰ جي رضا تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن نيت ۾ اخلاص هجي ۽ اخلاص تڏهن چئبو جڏهن اهو فعل صرف الله تعاليٰ جي لاءِ ڪيو وڃي ۽ ان ۾ غير ڪي شامل نه ڪجي.

نيت جي ٻي تعريف مطابق نيت نالو آهي نفع ۽ ثواب جي ارادي سان ڪنهن فعل جو ارادو ڪرڻ. باقي نيت جي وقت زبان سان هيئن چوڻ ته هي فعل خالص الله تعاليٰ جي رضا جي لاءِ آهي ضروري نه آهي، بلڪ عبادت جي نيت ئي ڪافي آهي، ڇو ته عبادت الله تعاليٰ جي لاءِ ئي هوندي آهي. عبادت جي نيت ڪرڻ ۽ ثواب جي اميد رکڻ ڪي ئي اخلاص نيت چئبوڇو ته ثواب تڏهن ملندو جڏهن الله تعاليٰ جي رضا مقصود هجي ۽ عبادت ٿيندئي تڏهن جڏهن الله تعاليٰ لاءِ هوندي.

نماز، روزو، زڪوٰة، حج، صدقه ۽ خيرات يا قرآن جي مجيد جي تلاوت يا الله تعاليٰ جو ذڪر ۽ ٻيون سموريون عبادتون پوءِ اهي مالي هجن،قولي هجن يا فعلي هجن انهن عبادتن جي ڪرڻ وقت جيڪڏهن دل ۾ ڇئن ارادن مان ڪو هڪ ارادو ڪندو يعني يا هي ارادو ڪري ته هيءَ عبادت الله تعاليٰ لاءِ آهي يا هن ارادي سان ڪري ته هي ڪم عبادت ۽ تقرب آهي يا ان لاءِ ڪري ته هن تي ثواب ملندو يا هن ارادي سان ڪري ته هن سان الله تعاليٰ جو رضامندو حاصل ٿيندو[52] جيڪڏهن انهن ڇئن ارادن مان ڪو به هڪ ارادو هوندو ته ان ڪي شرعي نيت چيو

ويندو ۽ سمورن عبادتن ۾ اها ئي نيت معتبر آهي. علامه حموي پڻ ان نيت کي مختار چيو آهي.

غنية المتمليءَ ۾ آهي تہ لغت ۾ نيت مطلق ارادي کي چئبو آهي ۽ شريعت ۾ نيت چئبو آهي فعل جو اهڙي طريقي سان ارادو ڪرڻ، جهڙي طرح مشروع ٿيو آهي.

عبادتون الله تعالىٰ لاءِ ئي مشروع ٿيون آهن. يعني الله تعالىٰ جي قرب، ثواب ۽ ان جي رضامندي جي حصول لاءِ . نيت جي وقت مٿين چئن ڳالهين مان ڪابہ هڪ ڳالهہ موجود هوندي تہ گوياڪ چارئي موجود آهن ان صورت ۾ اخلاص نالو آهي رياءُ، سمعة، پاڻ کي پڌائڻ ۽ طمع کي ڇڏڻ جو. جيڪڏهن انهن مان ڪوبہ هڪ نيت جي وقت دل ۾ اچي تہ ان کي ڪڍي ڇڏڻ جو نالو اخلاص آهي. جيڪڏهن رياءُ وغيره دل مان نڪري ويو تہ ازخود اخلاص حاصل ٿي ويندو. نيت جي ان تعريف مطابق اخلاص ہي شيءِ جو نالو ٿيندو ۽ نيت ہي شيءِ جو.

حموي شرح اشباه ۾ خلاصة الفتوىٰ جي حوالي سان آندو آهي تہ جيڪڏهن مريض باس باسي تہ جيڪڏهن الله تعالىٰ مونکي هن بيماريءَ کان شفا ۽ عافيت ڏني تہ منهنجي مٿان حج آهي ان باس جي ڪري ان جي مٿان حج لازم ٿي ويندو توڙي جو هن الله تعالىٰ يعني الله خاطر نہ چيو آهي، ڇو تہ حج الله تعالىٰ لاءِ ئي هوندو آهي.

فتاوىٰ برهنه ۽ غنية المتملي ۽ ٻين ڪتابن ۾ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص چيو:

"دخلت في صلوٰة الامام" يعني مان امام جي نماز ۾ داخل ٿيس يا "اقتديت بهٰذالامام" يعني مان هن امام جي اقتدىٰ ڪيم تہ ان جي اها نيت ڪافي آهي.

علماءِ ڪرام جو فرمان آهي تہ اهڙو وضو جنهن تي ثواب ملي وجي ان ۾ حدث (پليدي) ختم ڪرڻ ۽ نماز کي مباح بنائڻ جو ارادو ڪرڻ ڪافي آهي ۽ الله خاطر چوڻ شرط نہ آهي. جن چيو آهي تہ رياءُ سان فرض جي نيت ڪرڻ سان فرض ڪري پوندو ۽ هن جي مٿان ان فرض جو ذمو ڪري پوندو ۽ ان کي وڌيڪ ثواب نہ ملندو هي ان بنا تي آهي،جڏهن نيت قصد فعل عبادت جو نالو هجي ۽ ان جي صحت جي لاءِ اهو شرط آهي، ليڪن هن جي دل رياءَ کان خالي نہ هئي، تنهن ڪري هن کي ثواب نہ ملندو.

علامه حموي شرح اشباه ۾ لکيو آهي تہ عبادت جي صحت شرائط ۽ ارڪان جي وجود تي موقوف آهي ۽ ثواب اخلاص ۽ الله تعالىٰ جو رضامندو طلبڻ تي موقوف آهي. الله تعالىٰ جو فرمان آهي:

وَمَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰۤى ﴿١٩﴾ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰى ﴿٢٠﴾ (سورة اليل آيت: 19:21)

ترجمو: "۽ مٿس اهڙي ڪنهن جو ڪو احسان ٿيل نہ آهي جو بدلو ڏجي، پر پنهنجي تمام مٿاهين پالڻهار جي رضامندي طلبڻ لاءِ (ڏئي ٿو) ۽ ضرور جلد خوش ٿيندو"

عجب عين جي ضمه سان، ان جي معنىٰ پنهنجو پاڻ کي وڏيڪ سمجهڻ ۽ پنهنجي عمل کي وڏو سمجهڻ ۽ اهو عجز ۽ نياز جو ضد آهي ۽ عجب ڪبيرن گناهن مان آهي. "عقائد سنيه" ۾ ائين ئي لکيل آهي ۽ ڪنز العرفان ۾ آهي تہ عجب تڪبر جو اصل آهي ۽ هر اها نافرماني، جيڪا تڪبر جي ڪري پيدا ٿيندي آهي، ان کان توبه ٿي نہ سگهندي آهي، جيئن ابليس جي نافرماني جو، ان بہ وڏائي جي ڪري الله تعالىٰ جي نافرما ڪئي هئي.

طمع، معنىٰ لالچ، اها ٻن قسمن جي هوندي آهي. هڪ مزدوري معين تي عبادت ڪرڻ، جيئن مثال قرآن

مجيد جي تعليم، اذان، امامت ۽ قرآن مجيد جي تلاوت معين اجرت تي ڪرڻ، جيتوڻيڪ متاخرين علماءَ ان کي جائز قرار ڏنو آهي، اشباه ۽ ان جي شرحن ۾ ان جي وضاحت آيل آهي. البته حديث شريف ۾ ان بابت سخت وعيد آيل آهي. حضرت عباده بن صامت رضي الله عنه کان روايت آهي ته هڪ دفعي مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کي عرض ڪيو :

"رجل اهدىٰ الي قوسا ممن كنت اعلم الكتاب والقرآن وليست بمال فارهي عليها في سبيل الله قال ان كنت تحب ان تطوقت طوقا من نار فاقبلها" (رواه ابوداوٗد و ابن ماجه)

هڪ ماڻهوءَ کي آءُ ڪتاب ۽ قرآن سيکاريو هيم. ان مون کي هڪ تير هديو ڪيو ۽ مون وٽ اهو مال به نه هيو ته جيئن آءُ ان سان الله جي رستي ۾ جهاد ڪيان، تنهن تي پاڻ سڳورن فرمايو: جيڪڏهن جهنم جو طوق پائڻ پسند ڪرين ته اهو قبول ڪر.

علماءَ جو فرمان آهي ته جيڪڏهن ڪو الله خاطر دين جو ڪم ڪري ٿو ۽ بنا گهرڻ جي ڪو ان کي ڪا شيءِ ڏي ٿو ته هن کي اها شيءِ قبول ڪرڻ جائز آهي ۽ ان جي ڪري هن جي اجر ۾ گهٽتائي نه ايندي. البته متاخرين علماءَ ڪرام مشروط ۽ معين اجرت کي به جائز قرار ڏنو آهي. انهن جو دليل بخاري شريف ۾ حضرت عبد الله بن عباس رضي الله عنه جي روايت ڪيل حديث ۽ ابوداوٗد ۾ ڪتاب الاجارة ۾ آيل آهي. حديث آهي جيڪي اجرت جي جواز تي ڏس ڏين ٿيون.

هتي اسان جو مقصد ان جي جواز يا عدم جواز بابت نه آهي. بلڪ اسان جو مقصد اخلاص بيان ڪرڻ آهي. جيڪڏهن ان جي دل ۾ ڪو دنياوي غرض هوندو ته ان کي اخلاص نه چئبو.

طمع جو ٻيو قسم آهي مخلوق کي مسخر بڻائڻ لاءِ عبادت ڪرڻ، جيئن تعويذن جو طريقو آهي ان کي به اخلاص نه چئبو. اخلاص اهو آهي: جنهن ۾ دنياوي غرض نه هجي ۽ عبادت ۽ اطاعت ۾ اصل مقصد اخلاص آهي.

در دلت با دلبرت گر غير هم داري نهان

درچراغت آب و روغن جمع کردي شد خراب

ترجمو: جيڪڏهن تون پنهنجي دل ۾ دوست سان گڏ غير کي به رکين ٿو ته پنهنجي ڏيئي ۾ پاڻي ۽ تيل ملائي خراب ڪرين ٿو.

الله تعالىٰ جو فرمان آهي:

وَمَآ اُمِرُوۡۤا اِلَّا لِيَعۡبُدُوا اللّٰهَ مُخۡلِصِيۡنَ لَهُ الدِّيۡنَ (البينة آيت: 5)

ترجمو: "۽ هن کان سواءِ (ٻيو) ڪو حڪم نه ڪيو وين ته باطل کان منهن موڙي الله جي عبادت ڪن."

۽ فرمايائين:

فَاعۡبُدِ اللّٰهَ مُخۡلِصًا لَّهُ الدِّيۡنَ ۞ اَلَا لِلّٰهِ الدِّيۡنُ الۡخَالِصُ (الزمر آيت: 2-3)

ترجمو: "الله لاءِ عبادت کي خالص ڪري خاص ان جي عبادت ڪر. خبردار ٿيءُ خالص عبادت الله ئي جي لاءِ آهي."

۽ فرمايائين:

قُلۡ إِنِّيٓ أُمِرۡتُ أَنۡ أَعۡبُدَ ٱللَّهَ مُخۡلِصٗا لَّهُ ٱلدِّينَ (الزمر آيت: 11)

ترجمو: "بيشڪ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ته الله لاءِ (پنهنجي) عبادت خالص ڪري رکو ان جي عبادت ڪريان."

۽ فرمايائين:

فَٱدۡعُواْ ٱللَّهَ مُخۡلِصِينَ لَهُ ٱلدِّينَ (المؤمن آيت: 14)

ترجمو: "پوءِ الله لاءِ پنهنجي عبادت کي خالص ڪري ان کي سڏيو."

فرمايائين:

فَمَن كَانَ يَرۡجُواْ لِقَآءَ رَبِّهِۦ فَلۡيَعۡمَلۡ عَمَلٗا صَٰلِحٗا وَلَا يُشۡرِكۡ بِعِبَادَةِ رَبِّهِۦٓ أَحَدَۢا (الڪهف آيت: 110)

ترجمو: "پوءِ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي ملڻ جي اميد رکي، تنهن کي جڳائي ته چڱا ڪم ڪري، ۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ۾ ڪنهن هڪڙي کي شريڪ نه ڪري."

فرمايائين:

وَمَا لِأَحَدٍ عِندَهُۥ مِن نِّعۡمَةٖ تُجۡزَىٰٓ ١٩ إِلَّا ٱبۡتِغَآءَ وَجۡهِ رَبِّهِ ٱلۡأَعۡلَىٰ ٢٠ وَلَسَوۡفَ يَرۡضَىٰ ٢١ (الليل آيت: 19-21)

ترجمو: "۽ مٿس اهڙي ڪنهن جو ڪو احسان ڏنل نه آهي جو بدلو ڏجي پر پنهنجي تمام مٿاهين پالڻهار جي رضامندي طلبڻ لاءِ (ڏئي ٿو) ۽ ضرور جلد خوش ٿيندو."

حديث شريف ۾ حضرت ابو امامه باهلي رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

"ان الله عزوجل لا يقبل من العمل الاما ڪان خالصا له وابتغيٰ به وجه."

(رواه النسائي)

ترجمو: "الله تعاليٰ اهو ئي عمل قبول ڪندو آهي، جيڪو خالص ان جي رضا جي لاءِ ڪيو ويو هجي."

ڪنز العرفان ۾ آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو: ته اخلاص منهنجي مخفي رازن مان هڪ راز آهي، جنهن جي لاءِ چاهيندو آهيان ان جي دل ۾ رکندو آهيان. ۽ هڪ دفعي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن حضرت ابوذر رضي الله عنه کي فرمايو: اي ابوذر رضي الله عنه! پنهنجي عملن ۾ اخلاص پيدا ڪر ڇو ته انهن کي پرکيندڙ ڏسي رهيو آهي.

حضرت سهل بن عبدالله جو چوڻ آهي ته اخلاص کان سواءِ هر عمل بيڪار آهي. هي به ڄاڻڻ گهرجي ته ڪجهه شيون اهڙيون آهن. جنهن ۾ رياءِ نه هوندو آهي هڪ اهڙي شيءِ کي ظاهر ڪرڻ جيڪا فخر جو سبب هجي مثلاً مال جي گهٽائي، يا تيراندازيءَ ۾ مهارت وغيره جو انهن ۾ تفاخر جائز آهي ۽ رياءَ جائز نه آهي. جيئن شيخ عبدالحق دهلوي چيو آهي.

پيو مريدن کي عبادت تي اڀارڻ ۽ ترغيب ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي عبادت کي ظاهر ڪرڻ. جيڪڏهن مقصد صرف ترغيب، ڏيڻ ئي هجي ته جائز آهي نه ته جائز نه آهي. هي ظاهري صورت ۾ ته رياءُ آهي پر حقيقت جي

اعتبار سان رياءُ نہ آهي. بلڪ ٻين کي نيڪيءَ لاءِ اڀارڻ آهي. ۽ ٿيون الله تعاليٰ جي نعمتن جو اظهار ڪرڻ، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي "واما بنعمة ربک فحدث."

الله تعاليٰ جي نعمتن تي خوش ٿيڻ ۽ ان جو اظهار ڪرڻ طاعت آهي رياءُ نہ آهي، پر انهن تي اعتماد ڪرڻ نہ گهرجي،[53] ڇو تہ انهن جي ختم ٿيڻ جو خوف باقي آهي، تنهن ڪري عاجزي ۽ نوڙت اختيار ڪرڻ کان سواءِ ڪوچارو نہ آهي. هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪوئي شخص ڪو ڪمال نہ ٿو رکي پر ان جي دعويٰ ڪري ٿو مثال طور جيڪڏهن ڪو چوي تہ مان فلاڻي نيڪي ڪئي آهي. حالانڪ ان اها نيڪي نہ ڪئي آهي تہ ان کي رياءُ نہ چئبو بلڪ اهو نفاق ۽ الله تعاليٰ تي ڪوڙ آهي، جو چوي ٿو تہ الله تعاليٰ مون کي فلاڻو ڪمال ڏنو آهي ۽ اهو رياءُ کان بہ وڌيڪ بڇڙو آهي، ڇو تہ رياءُ ۾ عبادت موجود هوندي آهي. هتي تہ صرف ڪوڙي دعويٰ آهي. رياءُ جو هڪ ٻيو قسم آهي، جنهن کي دقيق رياءُ چيو ويندو آهي اهو هي آهي تہ اڪيلائپ ۾ عبادت ڪري ۽ ان جي دل ۾ رياءُ اچي اهو بہ رياءُ ٿي آهي ۽ عليم بذات الصدور ان کي ڄاڻي رهيو آهي توڙي جي ڪنهن جي واتان هي پنهنجي تعريف نہ ٿو ٻڌي پر دل ۾ ان عبادت تي خوش ٿيڻ ۽ رياءُ ڪرڻ اهو رياءُ جو مسئلو دقيق مسئلن مان آهي ۽ فقه جي ڪتابن ۾ ان جو تفصيل آيل نہ آهي ۽ ڪن ڪتابن ۾ ان جي تحقيق آيل آهي خاص طور تي "احياءِ العلوم" ۾ ۽ ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ اڪثر فقيهہ رياءُ جي دقائق تي دسترس نٿا رکن ۽ ڪنزالعرفان ۾ ڪن مشائخن کان منقول ٿيل آهي تہ هڪ بزرگ پنهنجن ٽيهن سالن جون نمازون صرف ان ڪري قضا ڪيون جو هو ٽيهہ سال مسلسل پهرين صف ۾ نماز ادا ڪندو هو هڪ ڏينهن پهرين صف ۾ جڳهہ نہ هئڻ ڪري هو ٻوئين صف ۾ بيٺو تہ ماڻهن چيو تہ هي بزرگ هميشہ اڳين صف ۾ ويهندو آهي. اڄ هن کي ڇا ٿي ويو آهي جو ٻوئين صف ۾ بيٺو آهي ان تي هن کي دل ۾ خيال ٿيو تہ هنن نمازن ۾ رياءُ جو شبهو آهي، جو ان جي ڪري ماڻهن جي دل متاثر ٿي آهي. تنهنڪري ان ٽيهن سالن جي نماز قضا ڪئي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ اصل اصلاح اندر ۽ باطن جو آهي، جڏهن اندر جو اصلاح ٿي ويو تہ ظاهر جو اصلاح بہ ٿي ويندو پر ظاهر جي اصلاح سان اندر جو اصلاح نہ ٿيندو. حديث شريف ۾ آهي :

"من عمل لاخرته كفله الله امر الدنيا ومن اصلح فيما بينه وبين الله صلح الله فيما وبين الناس ومن اصلح سريرته اصلح الله علانيته" (رواه في كنز العرفان)

ترجمو: "جيڪو آخرت جي لاءِ عمل ڪندو الله تعاليٰ ان جا دنيا جا معاملا ٺيڪ ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪو الله تعاليٰ جا معاملا ٺيڪ رکندو. الله تعاليٰ ان جا ماڻهن جي درميان معاملا ٺيڪ ڪندو. جيڪو پنهنجي ظاهر جو اصلاح ڪندو. الله تعاليٰ ان جي اندر جو اصلاح ڪري ڇڏيندو."

ڄاڻڻ گهرجي تہ مرتد، مرتد ٿيڻ کان پوءِ (نعوذبالله منه) توبہ تائب ٿيو تہ مختار مذهب مطابق مرتد ٿيڻ کان اڳ ڪيل عمل ان کي موٽي ملندا. ان مطابق رياءُ ڪندڙ جڏهن توبه تائب ٿيو تہ ان کي رياءُ دوران ڪيل عملن جو ثواب ملڻ گهرجي، ڇو تہ ڪن فقيهن وٽ رياءُ ڪفر خفي آهي، جيئن حموي شرح اشباه ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ سالڪن وٽ پڻ رياءُ ڪفر آهي. مثنويءَ ۾ آهي

درعمل گر ذره باشد از ريا
كفر باشد در طريق اوليا

ترجمو: جيكڏهن عمل ۾ هڪ ذرو بہ رياءَ جو آهي تہ اهو اوليا الله جي نزديڪ ڪفر برابر آهي.

جيكڏهن كنهن عمل ۾ ذري برابر بہ رياءِ هوندو تہ اهو كفر هوندو. البتہ اكثر عالمن وٽ رياءِ كبيرن گناهن مان آهي ۽ كفر نہ آهي ۽ ان جو نالو شرڪ خفي آهي.

جڏهن شرڪ جلي ۽ ڪفر صريح ڪان توبہ اهو اثر رکي ٿي، جو اڳيون نيڪيون موٽي ملن ٿيون تہ پوءِ شرڪ خفي،جيڪو ڪفر خفي آهي يا ڪبيرو گناهہ آهي ان ڪان توبہ تائب ٿيڻ بہ اهو اثر رکندي، پر ان ۾ فرق هي آهي تہ ردت ۾ ردت ڪان اڳ ۾ ڪيل عمل مراد آهن. نہ ڪہ ردت جي دوران ڪيل عمل ۽ هتي رياءِ جي دوران ڪيل عمل مراد آهن. نہ ڪہ رياءِ ڪان اڳ وارا عمل، تنهن ڪري ٻنهي مسئلن ۾ فرق ٿي ويندو. مون هي مسئلو ڪتي لکيل ناهي ڏٺو (والله اعلم).

فصل ٻارهون

حرص، طمع ۽ سوال جي نقصان ۽ توڪل، تفويض، قناعت ۽ صبر جي نفعن جي بيان ۾

هن فصل ۾ رضامندي ۽ دعا ۽ ترڪ دعا، جيئن بعض جو مسلڪ آهي. ان کي بہ انشاءَ الله تعاليٰ بيان ڪبو.

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا! ڄاڻ گهرجي تہ حرص،عربي لغت جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي آرزو مند ٿيڻ. ۽ سالڪن جي اصطلاح ۾ حرص چئبو آهي، بغير ضرورت جي مال گڏ ڪرڻ ۽ طمع بہ ان ئي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽ طمع جي ٻي معنيٰ آهي. ماڻهن جي مال ۾ اکيون رکڻ ۽ اها ڳالهہ بہ بري آهي ۽ اهڙيءَ طرح طول الامل، يعني ڊگهيون سَڌون رکڻ بہ مذموم آهن. حديث شريف ۾ آهي حضرت عبدالله ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جنَ فرمايو:[55]

"يهرم ابن آدم ويشب منه اثنان: الحرص علي المال والحرص علي العمر" (بخاري، ومسلم)

ترجمو: "انسان پوڙهو ٿيندو آهي ۽ ان جون بہ شيون جوان ٿينديون آهن. هڪ مال تيُ حرص ۽ ٻيو عمر تي حرص."

حضرت ابوهريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"لايزال قلب الكبير شابًا في اثنين في حب الدنيا وطول الامل" (بخاري و مسلم)

ترجمو: "دل ٻن شين جي حرص ۾ هميشہ جوان ٿيندي رهندي آهي، هڪ دنيا جي محبت ۾ ۽ ٻيو وڏين سڌن ۾."

سلوڪ جي ڪن ڪتابن ۾ آهي تہ انسان پوڙهو ٿيندو آهي ۽ ان جون بہ خصلتون جوان ٿينديون آهن: هڪ مال جي محبت ۽ ٻيون ڊگهيون خواهشون.

حضرت عمروبن شعيب کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"اول صلاح هٰذه الامة اليقين والزهد واول فسادها البخل والامل" (رواه البيهقي في شعب الايمان)

ترجمو: "هن امت جي پهرين نيڪي يقين ڪرڻ ۽ زهد اختيار ڪرڻ آهي ۽ هن امت جو پهريون فساد ڪنجوسائپ ۽ سَڌون آهن."

حضرت ابي ڪبشة انصاري ﷛ کان روايت آهي فرمائي ٿو تہ مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو، فرمائن پيا: ٽي شيون اهڙيون آهن. جن تي مان قسم کڻي سگهان ٿو ۽ مان اوهان کي هڪ حديث بيان ڪندس. پوءِ ان کي ياد رکجو. ٽي شيون جن تي مان قسم کڻان ٿو، اهي هي آهن: هڪ ڳالهہ تہ صدقي ۽ خيرات جي ڪري مال ڪٽندو ناهي ٻيو جيڪڏهن ظلم تي ٻانهو صبر ڪندو تہ الله تعاليٰ ان جي ڪري ان جي عزت وڌائيندو ٽيون جيڪو شخص سوال جو دروازو کوليندو، الله تعاليٰ ان لاءِ سڃائپ جا دروازو کوليندو. باقي حديث اها هيءَ آهي فرمايائون تہ دنيا چئن

قسمن جي ماڻهن لاءِ آهي هڪ اهڙو ٻانهو جنهن کي الله تعاليٰ مال ۽ علم ڏنو پوءِ اهو صله رحمي ڪري ٿو ۽ پنهنجي رب جو رضامندو طلب ڪري ٿو ۽ الله خاطر عمل ڪري ٿو پوءِ اهو سڀ کان وڏيڪ مرتبي وارو آهي ۽ ٻيو اهڙو ٻانهو آهي، جنهن کي الله تبارڪ و تعاليٰ علم ڏنو آهي ۽ مال نہ ڏنو آهي پوءِ سچي نيت رکي ٿو ۽ چوي ٿو جيڪر مون کي بہ مال هجي ها تہ ان وانگر خرچ ڪيان هان پوءِ هي ٻئي مرتبي ۾ برابر آهن.

ٽيون اهڙي قسم جو ماڻهو آهي، جنهن کي الله تبارڪ و تعاليٰ مال ڏنو آهي ۽ علم نہ ڏنو آهي پوءِ اهو شخص ان مال کي اجايو خرچ ڪري ڇڏي ٿو ۽ الله جي راهہ ۾ خرچ نٿو ڪري ۽ ان سان الله تعاليٰ جو رضامندو طلب نہ ٿو ڪري ۽ نہ ئي صله رحمي ڪري ٿو پوءِ اهو سڀ کان وڏيڪ برو ماڻهو آهي.

چوٿون اهڙو ماڻهو آهي جنهن کي الله تبارڪ و تعاليٰ نہ علم ڏنو ۽ نہ مال ڏنو آهي ۽ اهو چوي ٿو تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ مون کي مال ڏي ها تہ مان ان شخص جيان خرچ ڪيان ها، پوءِ اها ان جي نيت آهي ۽ انهن ٻنهي جو گناهہ برابر آهي. (رواه ترمذي)

حضرت عمر رضي الله عنه کان منقول آهي تہ ياد رکو! اي انسانو! خبردار لالچ سڃائپ آهي ۽ ماڻهن کان نااميدي غنا آهي، ڇو تہ جڏهن ماڻهوڪنهن شيءِ کان نااميد ٿيندو آهي تہ ان کان بي پرواهہ ٿي ويندو آهي. (رواه رزين)

هڪ دفعي حضرت عمر رضي الله عنه حضرت ڪعب رضي الله عنه کان پڇا ڪئي تہ علم وارو ڪير آهي؟ حضرت ڪعب رضي الله عنه فرمايو: اهي ماڻهو جيڪي ڪجهہ ڄاڻن ٿا، ان تي عمل ڪن ٿا. حضرت عمر رضي الله عنه پڇا ڪئي اها ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪا علماءَ جي دلين مان علم ڪڍي ڇڏيندي آهي؟ حضرت ڪعب رضي الله عنه فرمايو: لالچ (رواه الدارمي)

شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي تہ لالچي عالم ڪاري مک جيان ٿي پوندو آهي. شيخ عبدالحق جي ان ڪلام مان معلوم ٿيو تہ دنيا ۾ لالچ هڪ وڏي مصيبت آهي. ان جي ڪري دل تي مهر لڳي ويندي آهي ۽ دل تان دفتر علم جا ميسارجي ويندا آهن. مثنوي معنوي آهي:

بيت

صاف خواهي چشم وعقل وسمع را
دورکن تو از خبالت طمع را
هرکه را باشد طمع الکن شود
باطمع کي چشم دل روشن شود
طمع از دل نور عرفان مي برد
پرده حلم وحياءِ او مي درد

ترجمو: "تون پنهنجي اک، عقل ۽ ڪن کي صاف (گناهن کان پري) رک. تون پنهنجي خيالن کي لالچ کان پري ڪر. جنهن کي لالچ هوندي آهي اهو گونگو هوندو آهي ۽ ان جي دل ڪيئن روشن ٿي سگهي ٿي. لالچ تہ دل مان معرفت جي نور کي ڪڍي ڇڏيندي آهي. ان جي بردباري ۽ حياءَ جي پردي کي ڦاڙي ڇڏيندي آهي."

شيخ عبدالحق مشڪواة جي شرح ۾ لکيو آهي تہ شيخ ابوالعباس مرسي قدس سره فرمايو آهي تہ هڪ ڏينهن هن ڪنهن اڻ ڄاتل ماڻهوءَ کان اڌ درهم جي ڪا شيءِ خريد ڪئي. منهنجي دل ۾ خيال ٿيو تہ متان اها گهٽ رقم مون کان نہ وٺي. تنهن تي غيبي آواز آيو دين ۾ سلامتي ماڻهن کي لالچ کان پري رهڻ ۾ آهي.

بيت

طمع را سہ حرفست هرسہ تهي

ازآن نيست مرمطمعان را بهي

ترجمو: طمع ۾ ٽي حرف آهن، ٽئي خالي آهن. انهيءَ ڪري ڏاول بہ بڪيائي هوندا آهن. ٻيو هي تہ طمع اهڙي بلا آهي جيڪا شينهن کي بہ مڪ جهڙو بنائي ڇڏيندي آهي،جيئن چيو ويو آهي:

آنچہ شيران را کند روبہ مزاج

خست حرص و طمع هم احتياج

ائين حرص جون آفتون ٿي دنيا ۾ آفتون آهن. انهيءَ ڪري علماءَ جو چوڻ آهي تہ حريص محروم هوندو آهي.

بيت

حرص کورت کرد محرومت کند

ديو همچون خويش مرجومت کند

هر حريص هست محروم اي پسر

چون حريصان نيست کس محروم تر

حرص کو رو احمق ونادان کند

مرگ رام احمقان آسان کند[56]

حرص را آتش بدان اندر جهان

باز کرده صد زمانہ صد دهان

حرص بدبخت ۽ محروم ڪندو آهي. پاڻ کي هر ڪنهن مان لالچ رکڻ کان بچاءِ اي پٽڙا هر حريص محروم هوندو آهي. حريص جهڙو محروم ٻيو ڪو بہ نہ آهي. حرص انڌو بيوقوف ۽ نادان ڪندو آهي. احمقن لاءِ موت کي آسان ڪندو آهي، حرص اندر کي جلائيندڙ باهہ آهي.

لالچ انسان کي سست مزاج بڻائي ڇڏيندي آهي ۽ دنيا جي حرص جون مصيبتون لالچ جي ڪري ٿيون آهن ۽ علماءِ ۾ هي مقولو مشهور آهي تہ "الحريص محروم" يعني لالچي محروم رهندو آهي.

هڪ جانور جيڪو ست جهنگ گاهہ جا روز کائيندو آهي ۽ ست درياءِ پاڻيءَ جا پيئندو آهي ۽ جڏهن رات ٿيندي آهي تہ هن کي ڳڻتي وٺندي آهي تہ سڀاڻي ڇا کائيندم، ان ڳڻتيءَ ۾ هو لاغر ٿي ويندو آهي ۽ صبح جو الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي قدرت سان انهن ستن ئي جهنگن ۾ گاهہ ۽ ستن دريائن ۾ پاڻي وهائي ڇڏيندو آهي ۽ ان جانور جي زندگي ائين گذرندي آهي. تفسير حسينيءَ ۾ آهي تہ ان جانور جو نالو "هلوع" آهي. قرآن مجيد ۾ انسان کي ان جانور سان تشبيه ڏني وئي آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

اِنَّ الۡاِنۡسَانَ خُلِقَ هَلُوۡعًا ۝١٩ (المعارج: 19)

ترجمو: "بيشڪ ماڻهو حرص وارو پيدا ٿيل آهي."

ڪنز العرفان ۾ بہ ائين ئي آيل آهي، البتہ اتي درياءِ جي جڳهہ تي ڪوهہ جو لفظ آيل آهي ۽ ان جو چوڻ آهي

تہ اهو جانور کوهہ قاف جي پويان رهي ٿو

یک جزیره پست سبز اندر جهان
اندروگاوی ست تنها خوش دہاں
جملہ صحرا را چرد او تابشب
تاشود زفت و عظیم و مشخب
شب ز اندیشہ کہ فردا چہ خورم
گردو او چوں تاء مو لاغر زغم

مثنوي جو چوڻ آهي تہ اها هڪ ٿلهي متاري ڳئون آهي، جيڪا هڪ سبز جزيري (ٻيٽ) ۾ رهي ٿي ۽ اهو سڄو ٻيٽ پاڻ چري وڃي ٿي ۽ رات جو ان ڳڻتيءَ ۾ ڳرندي رهي ٿيءَ تہ سڀاڻي ڇا کائيندم ۽ ان جو قصو ڏگهو آهي.

سوال ڪرڻ جي دنيا ۾ هيءَ مصيبت آهي جو سائل، جيئن مال وڌائڻ جي ڪوشش ڪندو الله تبارڪ و تعاليٰ انجو مال ڪٽائي ڇڏيندو، جيئن مٿي حديث ۾ گذري آيو ۽ هڪ حديث شريف ۾ آهي حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

"ما فتح رجل باب عطية يريد بها صلة الا زاد الله بها كثرة وما فتح رجل باب مسئلة يريد بها كثرة الازاد الله بها قلة" (رواه احمد)

ترجمو: "جيڪڏهن ڪو صله رحمي جي ڪري بخشش جو دروازو کوليندو آهي تہ الله تعاليٰ ان کي وڌائيندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ئي مال وڌائڻ جي نيت سان سوال جو دروازو کوليندو آهي تہ الله تعاليٰ ان جي مال کي گهٽائي ڇڏيندو آهي."

هي انهن شين جا دنياوي نقصان هئا. ۽ اخروي نقصان اظهر من الشمس آهن، تنهنڪري انهن کي بيان ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي.

جاڻڻ گهرجي تہ ٿورڙين شين تي راضي رهڻ ۽ انهن تي اڪتفا ڪرڻ جو نالو "قناعت" آهي ۽ ڪن چيو آهي تہ زهد جي بہ اها ئي معنيٰ آهي. انهن جو چوڻ آهي "الزهد الاكتفاء بالزهيد" يعني زهد نالو آهي ٿورڙي شيءِ تي اڪتفا ڪرڻ جو. ۽ اڪثر وٽ زهد رغبت جو ضد آهي يعني ڪنهن شيءِ ۾ رغبت نہ رکڻ جو نالو زهد آهي.

شريعت ۾ قناعت چڱبو آهي معيشت جون جيڪي شيون بنا تڪليف ۽ پريشانيءَ جي حاصل ٿين انهن تي راضي رهڻ ۽ لالچ ۽ حرص ڇڏڻ. بزرگن جوفرمان آهي تہ قناعت معرفت حق جي نشاني آهي ۽ جنهن وٽ قناعت نہ آهي اهو معرفت بہ نہ ٿو رکي سگهي.

کاسہ چشم حریصان پُر نشد
تاصدف قانع نشد پر در نشد.

ترجمو: "لالچين جي اکين جون پياليون پربيون نہ آهن. جيستائين سپ قناعت نہ ڪندي آهي ايستائين

منجهس موتي پيدا نہ ٿيندو آهي.

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"قد افلح من اسلم ورزق كفافا وقنعه الله بما اتاه" (رواه مسلم)

ترجمو: "جنهن اسلام آندو ۽ ان کي بقدر ڪفايت رزق ڏنو ويو ۽ الله تعالىٰ ان کي ڏنل رزق تي قناعت ڪرڻ جي توفيق ڏني تہ اهو ماڻهو ڪامياب ٿي ويو."

"الاوامر والنواهي" ۾ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه ۽ حضرت عبدالله بن عمرو بن عاص رضي الله عنه کان منقول آهي تہ بقدر ڪفايت اهو آهي، جيڪو نہ ضرورت ۽ حاجت کان گهٽ ۽ نہ ضرورت کان وڌيڪ ۽ حضرت فضالة بن عبيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"طوبىٰ لمن يهدي للاسلام وكان عيشه كفافا وقنع." (ترمذي)

ترجمو: "خوشخبري هجي، اهڙي ماڻهوءَ لاءِ جنهن کي اسلام ڏانهن هدايت ڪئي وئي ۽ ان جو گذران بقدر ڪفايت هو ۽ ان قناعت ڪئي."

قناعت تونگر كند مرد دانا را
خبر كن حريص جهان گرد را

اصحاب صفه بابت الله تبارڪ و تعالىٰ جو فرمان آهي :

لِلْفُقَرَآءِ الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ يَحْسَبُهُمُ الْجَاهِلُ اَغْنِيَآءَ مِنَ التَّعَفُّفِ تَعْرِفُهُمْ بِسِيْمٰهُمْ لَا يَسْـَٔلُوْنَ النَّاسَ اِلْحَافًا (البقره آيت: 373)

ترجمو: "اهڙن فقيرن کي (خيرات ڏيڻ لازم آهي) جيڪي الله جي واٽ ۾ روڪيل آهن.(واپار لاءِ) ملڪ ۾ سفر ڪري نہ سگهندا آهن. ناواقف (سندن) بي طمعي سببان کين آسودا پائيندا آهن. سندين پيشانين مان کين سڃاڻيندو آهين. اهي چنبڙي ماڻهن کان سوالي نہ ٿيندا آهن."

جاڻڻ گهرجي تہ توڪل جي معنىٰ آهي: ڀروسو ڪرڻ. ۽ پنهنجا معاملا الله تعالىٰ جي حوالي ڪري ڇڏڻ ۽ شريعت ۾ توڪل چئبو آهي: الله تعالىٰ جي ان رزق تي ڀروسو ڪرڻ کي، جيڪو الله تعالىٰ بانهن لاءِ ازل کان تقدير ۾ لکي ڇڏيو آهي ۽ ان بابت شڪ شبها ختم ڪري ڇڏڻ ۽ پنهنجا سمورا معاملا الله تعالىٰ جي حوالي ڪري ڇڏڻ

كار خود را با خدا باز گذار
كت نمي بينم ازين بهتر كار

صحيح حديثن مان ثابت آهي تہ قيامت جي ڏينهن ڪوبہ شخص "متوڪلن" جي درجي تي پهچي نہ سگهندو ۽ ان سعادت کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي سعادت ٿي سگهي ٿي تہ اهي قيامت جي ڏينهن بغير حساب ڪتاب جي جنت ۾[57] ويندا. حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"يدخل الجنة من امتي سبعون الفا بغير حساب هم الذين لا يسترقون ولا يتطيرون وعلیٰ ربهم يتوكلون." (بخاري و مسلم)

ترجمو: "منهنجي امت جا ستر هزار بغير حساب جي جنت ۾ داخل ٿيندا. اِهي اُهي ماڻهو هوندا, جيڪي نہ جادو ۽ منتر ڪندا آهن ۽ نہ بدسوڻ وٺندا آهن. پنهنجي رب تي ڀروسو ڪندا آهن."

تي سگهي ٿو اهو تعداد ان وقت جو هجي, جنهن وقت پاڻ ﷺ جن اها حديث بيان ڪئي هجي ۽ ان ڪان پوءِ الله تعالیٰ ان جو تعداد وڌائي.

حضرت ابوامامه باهلي رضي الله عنه ڪان روايت آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"وعدني ربي ان يدخل الجنة من امتي سبعين الفا لاحساب عليهم ولا عذاب مع كل الف سبعون الفا وثلاث حثيات من حثيات ربي." (رواه احمد و الترمذي)

ترجمو: "منهنجي رب مون سان وعدو ڪيو آهي تہ منهنجي امت جا ستر هزار ماڻهو بغير حساب ۽ بغير عذاب جي جنت ۾ داخل فرمائيندو ۽ هر هڪ هزار سان گڏ ستر هزار ٻيا ماڻهو هوندا ۽ رب جون ٽي لپان پريل."

لپ چئبو آهي جو انسان ٻنهي هٿن جون تريون ڪولي, ڪا شيءِ وٺي. هتي ٽن لپن مان مراد ٽي وڏيون جماعتون آهن,جو تہ الله تعالیٰ هن معروف هٿ ڪان پاڪ آهي.

متين حديث ۾ جيڪو لفظ آيو لايسترقون يعني جادو ۽ منتر نہ ڪندا. بالاجماع قرآن ۽ حديث ڪان بغير اهو منتر توڪل جي منافي آهي, جو تہ اها جاهليت واري دور جي هڪ رسم آهي ۽ ڪجهہ ڪامل متوڪل توڻي جو ڪوئي وظيفو قرآن ۽ حديث مان ثابت هجي, پوءِ بہ ان ڪي ڇڏي توڪل رکندا آهن.

لايتطيرون جو مطلب آهي تہ اهي بدسوڻ نہ وٺندا آهن. بدفالي بہ جاهليت جي هڪ رسم آهي ۽ بدسوڻ وٺڻ ڪفر آهي. اهڙيءَ طرح ڪاهنن ۽ نجومين جي علم ۽ قول جي تصديق ڪرڻ بہ ڪفر آهي. البتہ رسول الله ﷺ جن جي ولادت ڪان اڳ شيطان آسمان مان ڳالهيون ٻڌي ڀوڻن ڪي ٻڌائيندا هئا. حموي شرح اشباه ۽ ابن اسحاق سيره ۾ اهڙي وضاحت ڪئي آهي.

رسول الله ﷺ جن جي ولادت جي ڪري شيطانن جو آسمانن ڏانهن وڃڻ منقطع ٿي ويو البتہ بخاري شريف جي هڪ حديث ۾ حضرت عائشہؓ ڪان روايت آيل آهي تہ شيطانن جو جڏهن آسمان تي وڃڻ بند ٿي ويو تہ اهي انهن رستن ڪان جيڪي زمين تي لهن ٿا, انهن ڪان ڳالهيون چورائي ڀوڻن ڪي ٻڌائن ٿا. هتان معلوم ٿيو تہ رسول الله ﷺ جن جي ولادت جي ڪري اهو سلسلو صفا بند نہ ٿيو آهي, بلڪ ڪجهہ موجود آهي. خلاصو ڪلام جو تہ ان بابت علماءِ ڪرام جو چوڻ آهي تہ ٽن قسمن جا ماڻهو ڪافر آهن. توڻي جو اهي زبان سان توحيد جو ڪلمو پڙهن هڪ جادوگر ٻيو ڪاهن ۽ ٽيون نجومي ۽ جيڪو شخص انهن جي ڳالهين تي اعتبار ڪندو اهو بہ ڪافر ٿي ويندو. نبوي حديثون ان ڳالهہ تي ناطق آهن.

ڀوڀو هر اهڙي ماڻهوءَ ڪي چئبو آهي, جيڪو پنهنجي مقرر ڪيل نشانين آڌار اڳواٽ جون خبرون ڏي. اهي حقيقت ۾ ثابت نہ هونديون آهن. بلڪ صرف ڏڪا ۽ وهم هوندا آهن.

مسافر جي پکين جي ذريعي فال وٺڻ کي "عيافة" چوندا آهن. پٿرن يا لکيرن جي ذريعي فال وٺڻ کي "طيرة" چوندا آهن. ۽ اهي ٻئي قسم طيرة ۾ شامل آهن. ۽ طيرة مطلق بدفالي وٺڻ کي چوندا آهن. حديث شريف ۾ آهي:

"العيافة والطرق والطيرة من الجبت" (رواه ابوداؤد)

ترجمو: "عيافه ۽ طيرة ۽ بدفالي وٺڻ جادوءَ مان آهن."

هڪ حديث شريف ۾ آهي پاڻ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "الطيرة شرک." يعني بدسوڻ وٺڻ شرڪ آهي. پاڻ ﷺ جن اهو جملو ٽي ڀيرا دهرايو. بدسوڻ ۾ ان جا سڀ طريقا شامل آهن. ڀوءِ اها پکين جي ذريعي هجي يا ڪنهن جانور جي ذريعي هجي. ڪنهن ڏينهن يا مهيني کي منحوس سمجهڻ بہ ان ۾ شامل آهي ۽ حضرت حفصه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"من اتيٰ عرافا فساله عن شيءِ لم تقبل له صلوٰة اربعين ليلة." (رواه مسلم)[58]

ترجمو: "جيڪو شخص ڪنهن پوبي وٽ آيو ۽ ان کان ڪا شيءِ پڇيائين تہ چاليهن ڏينهن ۽ راتين جون ان جون نمازون قبول نہ پونديون."

حاشيہ مظهريہ ۾ آهي تہ چاليهن راتين جي نماز قبول نہ ٿيڻ ان صورت ۾ آهي، جڏهن ان کان ڪوئي سوال ڪري ۽ ان جي جواب کي قبول ڪري پر جيڪڏهن ان جي ڳالهہ جي تصديق ڪندو تہ ڪافر ٿي ويندو.

نجومي اهو آهي، جيڪو عالم سفلي ۾ ستارن جي تاثير جو قائل هجي. ۽ انهن جي قواعد موجب غيب جون خبرون ڏي يا ڪنهن جي طالع جون خبرون ڏي. حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"من اقتبس شعبة علما من النجوم اقتبس شعبة من السحر زاد ما زاد" (رواه احمد)

ترجمو: "جنهن ستارن جو ڪجهہ علم سکيو ڄڻ تہ ان جادو سکيو ۽ جيڪو ان ۾ وڌندو ڄڻ تہ جادوءَ ۾ وڌندو."

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان هڪ ٻي روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"من اقتبس بابا من علم النجوم لغير ما ذكر الله فقد اقتبس شعبة من السحر المنجم كاهن والكاهن ساحر والساحر كافر." (رواه زرين)

ترجمو: "جنهن ستارن بابت انهن ڳالهين کان سواءِ جن جو ذڪر الله تعاليٰ ڪيو آهي، ٻيو علم سکيو ڄڻ تہ ان سحر سکيو ۽ نجومي ڪاهن آهي ۽ ڪاهن ساحر آهي ۽ ساحر (جادوگر) ڪافر آهي."

هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ڪاهن، نجومي ۽ ساحر ٽئي ڪافر آهن. ۽ الله تعاليٰ ستارن بابت جيڪي بہ ڳالهيون ذڪر ڪيون آهن، اهي هنن آيتن ۾ بيان ٿيل آهن:

وَلَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ وَجَعَلْنٰهَا رُجُوْمًا لِّلشَّيٰطِيْنِ (سورة الملک: 5)

ترجمو: "۽ بيشڪ دنيا جي آسمان کي (ستارن جي) ڏيئن سان سينگاريوسون ۽ انهن کي شيطانن جي لاءِ اماڙي بڻايوسون."

هي جڳهہ تي الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

وَعَلٰمٰتٍ ۚ وَبِالنَّجْمِ هُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿١٦﴾ (النحل: 16)

ترجمو: "۽ نشان (پيدا ڪيائين) ۽ تارن سان اهي سڌو رستو لهندا آهن."

حضرت قتاده ﷺ کان روايت آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي آسمان جو سينگار بڻايو آهي. ۽ شيطانن لاءِ اماڙي بڻايو آهي.انهن کي اهڙيون علامتون بڻايو اٿائين، جنهن ذريعي انسان رستي سونهون ٿيندو آهي ۽ جنهن ماڻهوءَ انهن کي انهن ٽن مقصدن کان سواءِ ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ استعمال ڪيو يا ٻي ڪا تاويل ڪئي تہ اهو گمراهہ ٿيندو ۽ پنهنجو اسلام ضائع ڪري ڇڏيندو ۽ اهڙي ڳالهہ جي در ڪڍ پيو جنهن کي معلوم ڪري نہ سگهندو. ڇو تہ ان جو علم انبياءِ ۽ ملائڪن کي بہ نہ ڏنو ويو هو.

حضرت ربيع کان پڻ اهڙي قسم جي ڳالهہ نقل ٿيل آهي، البتہ هن ۾ هي لفظ وڌيڪ آهن تہ الله تعاليٰ ستارن ۾ نہ ڪنهن جي حياتي رکي آهي ۽ نہ ڪنهن جو موت ۽ نہ ئي ڪنهن جو رزق رکيو آهي ۽ جيڪي ستارن ذريعي تاويلون ڪن ٿا. اهي الله تعاليٰ تي ڪوڙ هڻن ٿا.

مٿي جيڪو قتاده جي حديث ۾ گذري آيو تہ ستارن جو انهن ٽن ڳالهين کان وڌيڪ علم انبياءِ ۽ ملائڪن کي بہ نہ ڏنو ويو هو اتان معلوم ٿيو تہ ستارن جو علم ثابت ئي نہ آهي ۽ نجومي ستارن مان جيڪو تاثير ثابت ڪندا آهن. الله تعاليٰ انهن ۾ اهو اثر نہ رکيو آهي. نجومي الله تعاليٰ تي اهو بهتان هڻن ٿا. ۽ جيڪي چون ٿا تہ رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي تہ :

"لا تسافر اذاكان القمر في العقرب"

ترجمو: "جڏهن چنڊ عقرب برج ۾ هجي تہ سفر نہ ڪر."

اهو پڻ رسول الله ﷺ جن تي بهتان آهي، ان جي سچي تحقيق "معارف العلوم" ۾ آيل آهي.

ڪي چون ٿا تہ حضرت داؤد عليه السلام جي زماني کان ٻهريان ستارن ۾ اهڙي قسم جو تاثير هيو. جيڪو نجومي ثابت ڪن ٿا پوءِ اهو ڪجهي ويو هينئر انهن ۾ ڪوئي تاثير نہ آهي. بهرحال اها ڳالهہ پڪي طرح ثابت نہ آهي تنهن ڪري اهڙي قسم جي باطل عقيدن رکڻ کان اسان کي منع ڪئي وئي آهي تنهن ڪري اهڙي قسم جو عقيدو رکڻ جائز نہ آهي ۽ هڪ حديث قدسيءَ ۾ آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

"اصبح من عبادي مؤمن بي وكافر فاما من قال مطرنا بفضل الله ورحمته فذالك مؤمن بي كافر بالكواكب واما من قال مطرنا بنوءِ كذا فذالك كافر بي مؤمن بالكوكب." (بخاري و مسلم)

ترجمو: "منهنجي ٻانهن اهڙي حال ۾ صبح ڪئي جو ڪن مون تي ايمان آندو ۽ ڪن ڪفر ڪيو جن چيو: تہ اسان تي الله تعاليٰ جي فضل ۽ ان جي رحمت سان مينهن اُتو تہ ان مون تي ايمان آندو ۽ ستارن (جي تاثير جو) انڪار ڪيو ۽ جنهن چيو: فلاڻي ستاري جي (اڀرڻ يا لهڻ) جي ڪري مينهن اُتو تہ ان مون سان ڪفر ڪيو ۽ ستارن تي ايمان آندو"

جنهن شخص جو هي عقيدو آهي تہ بارش پوڻ ۾ انهن ستارن جو ئي دخل آهي ۽ اهي ئي بارش وسائيندا آهن تہ بالاتفاق اهو ماڻهو ڪافر چئبو پر جنهن جو عقيدو هي آهي تہ بارش الله تعاليٰ جي فضل ۽ ان جي رحمت سان ئي وسندي آهي ۽ ستارن جو طلوع يا غروب بارش وسڻ جي علامت آهي ۽ انهن ۾ ڪو اثر نہ آهي تہ بالاتفاق ان کي مؤمن چئبو پر جيڪڏهن ڪنهن جو عقيدو هي آهي تہ بارش تہ الله تعاليٰ جي فضل سان وسندي آهي پر موسم جو بہ ان ۾ اثر ۽ دخل آهي تہ ان جي ڪفر بابت اختلاف آهي.

حضرت ابو سعيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"لوامسک المطر عن عباده خمس سنين ثم ارسله لاصبحت طائفة من الناس كافرين يقولون سقينا بنوع المجدح" (رواه النسائي)[59]

ترجمو: "جيڪڏهن الله تعاليٰ پنج سال پنهنجن ٻانهن تي بارش نہ وسائي ۽ پنجن سالن کان پوءِ وسائي تہ ماڻهن جي هڪ جماعت ڪفر ڪندي چوندي تہ چنڊ جي منزل جي ڪري مينهن وسيو آهي."

عالمن جو چوڻ آهي تہ انهن باطل عقيدن رکڻ جي ڪري اڪثر مسلمان صورت ۾ مسلمان آهن ۽ حقيقت ۾ ڪافر آهن. پاڻ ﷺ جن کي پڻ ان جو خوف ۽ ڏک هيو. تنهن ڪري پنهنجي امت کي اهڙي قسم جي عقيدن رکڻ کان منع فرمايائون ۽ ستارن وغيره کي موثر حقيقي سمجهڻ کان سختيءَ سان منع فرمايائون: الله تعاليٰ اسان سمورن کي اهڙي قسم جي باطل عقيدن رکڻ کان پنهنجي پناهہ ۾ رکي.

هي جاهل نجومي جيڪي چون ٿا تہ ڪي گهڙيون يا ڏينهن يا مهينا منحوس ٿين ٿا. يا ڪن ستارن جي طلوع يا غروب ۾ اثر آهي اهي سڀ ڳالهيون شريعت مطهره جي اعتبار سان باطل آهن ۽ الله تعاليٰ تي بهتان آهن. جيڪڏهن اتفاق سان انهن جي ڪا ڳالهہ سچي نڪري تہ اها اتفاقي چئبي، تحقيقي نہ چئبي، ڇو تہ انهن جي ڳالهہ اندازو هوندي آهي، تحقيقي نہ هوندي آهي.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"لاعدويٰ ولا هامة ولا نوءَ ولا صفر." (رواه مسلم)

ترجمو: "بيماريءَ جو وچڙڻ ۽ هامہ ۽ نوءُ ۽ صفر جي ڪائي حقيقت نہ آهي."

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"لاعدويٰ ولا طيرة ولا هامة ولا صفر وفر من المجذوم كما تفر من الاسد." (رواه بخاري)

ترجمو: "عدويٰ، بدفالي ۽ هامہ ۽ صفر جي ڪائي حقيقت نہ آهي ۽ ڪوڙهہ واري کان ائين ڀڄ، جيئن شينهن کان ڀڄندو آهين."

۽ حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"لاعدويٰ ولا صفر ولا غول." (رواه مسلم)

ترجمو: "عدويٰ، صفر ۽ غول جي ڪائي حقيقت نہ آهي."

عدويٰ هڪ کان ٻئي کي بيماري وچڙڻ جونالو آهي حديث مطابق ڪوڙهہ جي بيماري کان سواءِ ٻي ڪا بيماري

هڪ ڪان ٻئي ڪي وچڙي نہ ٿي سگهي. ۽ طيرة بدفالي وٺڻ کي چوندا آهن. هامه هڪ پکي جو نالو آهي، جنهن کي الو چئبو آهي صفر مشهور مهينو آهي نجومي انهن سيني شين کي منحوس سمجهندا آهن. حديث شريف ۾ انهن جي ان عقيدي کي باطل قرار ڏنو ويو آهي.

غول جنن ۽ شيطانن جو هڪ قسم آهي جيڪي مختلف طريقن سان ماڻهن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اگرچہ اهي موجود آهن، پر الله تعاليٰ جي تقدير کان سواءِ اهي نقصان پهچائي نہ ٿا سگهن، تنهن ڪري ان جي نفي ڪئي وئي. ۽ زماني کي منحوس چوڻ زماني کي گار ڏيڻ برابر آهي ۽ زماني کي گار ڏيڻ کان منع ڪئي وئي آهي. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

"يوذيني ابن آدم يسب الدهر وانا الدهر بيدي الامر اقلب الليل والنهار."

(بخاري و مسلم)

ترجمو: "زماني کي برو چئي انسان مون کي تڪليف ڏيندو آهي، حالانڪہ مان ئي زمانو آهيان. رات ۽ ڏينهن کي مٽائڻ ۽ زماني جو تصرف منهنجي هٿ ۾ آهي."

انا الدهر جو مطلب آهي تہ زماني جي هير ڦير ۽ ان جي چڱائي يا برائي خير يا شر منهنجي هٿ ۾ تصرف ۾ آهي، تنهن ڪري ان کي چڱو برو چوڻ نہ گهرجي. باقي زماني جو چڱو يا برو هئڻ احاديث مان ثابت آهي. اهو اخروي خير ۽ شر بابت آهي، تنهن ڪري بين لاءِ ان بابت سڪوت ئي بهتر آهي ۽ زماني کي برو ناهي چوڻو چو تہ اگرچہ الله تعاليٰ ڪن ڏينهن کي نياڳو سڏيو آهي. قرآن مجيد ۾ آهي :

إِنَّآ أَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيحًا صَرْصَرًا فِي يَوْمِ نَحْسٍ مُّسْتَمِرٍّ ﴿١٩﴾ (سوره القمر: 19)

ترجمو: "بيشڪ اسان سخت طوفان کي تمام سخت نياڳي ڏينهن ۾ مٿن موڪليو."

هي ائين آهي، جيئن مخلوق جو قسم ڪڻڻ جائز نہ آهي ۽ الله تعاليٰ پاڻ قرآن مجيد ۾ مخلوق جو قسم کنيو آهي. يعني جهڙي طرح مخلوق جو قسم کڻڻ جائز نہ آهي اهڙيءَ طرح زماني کي برو چوڻ جائز نہ آهي. هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ تقدير ۾ جيڪو لکيل آهي تدبير ان کي ٽاري نٿي سگهي. البتہ پنهنجي مقاصد جي حصول لاءِ ڪوشش ضرور ڪرڻي آهي ۽ وڌيڪ معاملا الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏڻا آهن. قرآن مجيد ۾ آهي:

أُفَوِّضُ أَمْرِيٓ إِلَى ٱللَّهِ ۚ إِنَّ ٱللَّهَ بَصِيرٌۢ بِٱلْعِبَادِ ﴿٤٤﴾ (سوره المؤمن: 44)

ترجمو: "۽ (آءٌ) پنهنجو ڪم الله کي سونپيان ٿو، چو تہ الله ٻنهن (جي حال) کي ڏسندو آهي."

علم نجوم ۽ علم رمل جي ممنوع هجڻ جي تحقيق ٻئي باب ۾ گذري چڪي ۽ هتي ڪاهنن بابت ڪجهہ ذڪر ڪجي ٿو[60] ڪاهن ان کي چئبو آهي، جيڪو مستقبل بابت خبرون ٻڌائي ۽ انهن جي ڳالهين جي ڪا حقيقت نہ هوندي آهي. صرف وهم ۽ دوکو هوندو آهي. شيطان انهن کي ڪي ڳالهيون ٻڌائيندا آهن. هي انهن ۾ ملاوٽ ڪري ماڻهن جي آڏو پيش ڪندا آهن. حديث شريف ۾ آهي تہ ملائڪن جي هڪ جماعت جڏهن انهن

ڳالهين جو تذڪرو ڪندي آهي، جن جو آسمان ۾ فيصلو ٿي چڪو هوندو آهي تہ شيطان لڪي ڇپي ڪن لڳائي اُهي ڳالهيون ٻڌندا آهن. پوءِ جيڪي ڳالهيون اتان ٻڌندا آهن. اهي ڪاهنن وٽ پهچائيندا آهن. پوءِ ڪاهن انهن ۾ سئو ڪوڙ ملائي ماڻهن جي آڏو پيش ڪندا آهن. (رواه بخاري)

جيڪو شخص ڪاهن جي قول جي تصديق ڪندو اهو ڪافر ٿي ويندو. حديث شريف ۾ آهي حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"من اتیٰ كاهنا فصدقه بما يقول اتي امرءة في دبرها فقد برئ مما انزل عليٰ محمد." (رواه احمد وابوداؤد)

ترجمو: "جيڪو شخص ڪاهن وٽ آيو ۽ ان جي ٻڌايل ڳالهين کي سچو سمجهيائين يا پنهنجي گهر واريءَ سان دبر ۾ حاجت پوري ڪيائين تہ اهو شخص ان شريعت کان نڪري ويو، جيڪا محمد ﷺ تي نازل ڪئي وئي آهي."

ڄاڻڻ گهرجي تہ اسباب زندگي ۽ نقصان ۽ نفعي جا دنياوي اسباب ڇئن قسمن جا آهن.

ڪفر جا خيال ۽ باطل وهم ۽ اسبابن کي پڪو سمجهڻ ۽ اجايا گمان، اهي باطل خيال آهن، جيڪي مٿي بيان ٿي چڪا ۽ باطل وهم اهي آهن، جيڪي مٿين خيالن ۽ وهمن سان مشابهت رکن ۽ ڪفر نہ هجن ۽ جيڪي بنا ڪنهن ظاهري سبب جي وهم پيدا ٿين ۽ هي جيڪو چوندا آهن تہ هر اڪيلي گهر ۾ جن هوندا آهن. اهو قول بہ هنن خيالن مان آهي ۽ اهو قول توڪل جي منافي آهي ۽ ان قول تي اعتماد ڪرڻ گناهہ آهي ۽ اهڙيءَ طرح ڪجهہ اهي عرف عام جا خيال، جيڪي ظاهر شريعت جي خلاف هجن، جيئن چوندا آهن تہ ٻگ جي بيماري خون جي خرابي جي ڪري پيدا ٿيندي آهي ۽ چوندا آهن تہ ان جو علاج حرام ڪائيندڙ عورت کي ياڪر پائڻ آهي اهو قول وهم ۽ باطل آهي.

۽ تحقيق سان ثابت آهي تہ حضرت عمر رضي الله عنه جي خلافت جي زماني ۾ نيل ندي سڪي وئي. ماڻهن چيو تہ هر سال نيل ندي سڪي ويندي آهي، جيستائين سهڻي ڇوڪري سينگاري ان ۾ نہ وجهندا آهيون، تيستائين نہ وهندي آهي. حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو: هيءَ جاهليت جي رسم ۽ وهم آهي. اسلام ان جي اجازت نہ ٿو ڏئي ۽ پاڻي نہ هئڻ ڪري ماڻهو لڏڻ لڳا. حضرت عمر رضي الله عنه نيل ندي ڏانهن هڪ چٺي موڪلي، جنهن جو مضمون هو جيڪڏهن الله تعاليٰ جي حڪم سان وهندي آهين تہ وهي هل ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي حڪم کان سواءِ وهندي آهين. تہ پوءِ پل نہ وهہ اها چٺي نيل ۾ وڌي وئي تہ نيل ندي وهڻ لڳي. اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن سڪي ناهي.

پر جيڪڏهن اهي عرفي سبب شريعت جي مخالف نہ آهن ۽ ماڻهن جو ان ۾ فائدو آهي تہ ان جي استعمال ڪرڻ ۾ ڪوئي حرج نہ آهي. مثال طور ڪجين کي نر ڏيڻ يا ٻيا ڪي اسباب، جيڪي پوک جي فائدي جي لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن. اهي توڪل جي منافي نہ آهن. حضرت رافع بن خديج رضي الله عنه فرمائي ٿو:

"قدم النبي ﷺ المدينة وهم يابرون النخيل فقال ماتصنعون؟ قالوا نصنعه قال لعلكم لو لم تفعلوا كان خيرا فتركوه فنقصت. قال فذكروا ذالک فقال انما انا بشر اذا امرتكم بشيءٍ من امر دينكم خذوا به واذا امرتكم بشيءٍ من رأي فانما انا بشر." (رواه مسلم)

ترجمو: "جڏهن رسول الله ﷺ جن مديني ۾ آيا، ان وقت مديني وارا پنهنجين ڪجين کي نر ڏيندا هئا. تنهن تي رسول الله ﷺ جن پڇا ڪئي تہ اهو ڇا ٿا ڪيو؟ صحابہ ڪرام ؓ عرض ڪيو: اسين ائين ڪندا آهيون. تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو: جيڪر ائين نہ ڪيو تہ بهتر آهي. تنهن تي صحابہ ڪرام ڪجين کي نر ڏيڻ ڇڏي ڏنو ان سال ڪجيون نہ ڦريون. جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن کي اها ڳالهہ ٻڌائي وئي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: مان بہ انسان آهيان، جيڪڏهن مان توهان کي دين جي معاملي ۾ ڪو حڪم ڏيان تہ ان تي عمل ڪريو، جيڪڏهن توهان کي دنيا جي معاملي ۾ ڪو رايو ڏيان تہ پوءِ مان بہ انسان آهيان." (جي فائدو سمجهو تہ ان تي عمل ڪيو ورنہ لازم نہ آهي.)

مطلب اهو تہ جيڪي اسباب شريعت جي خلاف نہ آهن. انهن جو استعمال جائز آهي ۽ جيڪي اسباب شريعت جي خلاف آهن. انهن جو استعمال جائز نہ آهي.

هي بہ ياد رکڻ گهرجي تہ مريض کي ڏنڀ ڏيڻ گناهہ آهي ۽ توڪل جي خلاف آهي. حديث شريف ۾ متوڪلن جون جيڪي وصفون بيان ڪيو ويون آهن. انهن ۾ هڪ وصف آهي:"ولايكتون" يعني اهي ڏنڀ نہ ڏيندا آهن.

هن حديث جي شارحن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن بيمار کي ڪو حاذق حڪيم چوي تہ تنهنجي شفا ڏنڀ ڏيارڻ ۾ آهي تہ اهڙي شخص کي ڏنڀ ڏيارڻ جائز آهن.[62]

ٽيون قسم اسباب يقيني آهن. جيتوڻيڪ کاڌو کائڻ ۽ قوت لايموت حاصل ڪرڻ، ۽ پاڻ کي هلاڪت کان بچائڻ لازم آهي. قوة لايموت کي ڇڏڻ حرام آهي ۽ توڪل جي منافي آهي ۽ جيڪڏهن کاڌو نہ کائيندو ۽ قوت لايموت حاصل نہ ڪندو ۽ مري ويندو تہ ان کي خودڪشي ڪندڙ چئبو ۽ گنهگار ٿيندو توڻي جو چوي تہ مون کي بس الله تعاليٰ ڪافي آهي ۽ کائڻ ۽ پيئڻ غير حق آهي ۽ مون کي ان غير حق جي ضرورت نہ آهي. ان کي توڪل نہ چئبو بلڪ حماقت ۽ جهل آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن پاڻ کي کوهہ يا باهہ ۾ اڇلائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ مون کي خدا تي توڪل آهي، ان کي توڪل نہ پر حماقت ۽ بيوقوفي چئبو.

چوٿون قسم ظني اسباب آهن ۽ اهي اسباب معيشت جو سبب آهن، جيئن پوک ڪرڻ ۽ واپار ڪرڻ ۽ مزدوري ڪرڻ ۽ صحت جا اسباب مثال طور مريض کي دوا وغيره ڪارائڻ ۽ دعا جي قبوليت جا اسباب اختيار ڪرڻ، جيڪي ڪتابن ۾ مذڪور آهن ۽ مصيبتن کي ٽارڻ وارا اسباب اختيار ڪرڻ مثال طور دعا يا صدقه وغيره ڪرڻ. اهي سڀ سبب ظنيہ آهن ۽ انهن سببن جو اختيار ڪرڻ توڪل جي منافي نہ آهي. انهن کي ڇڏڻ توڪل آهي ۽ توڪل ٻہ قسم آهي. هڪ انهن ظني اسبابن کي ڇڏڻ ۽ ٻيو انهن سببن کي اختيار ڪري وڌيڪ الله تعاليٰ تي توڪل ڪرڻ ۽ هر هڪ جا ٻہ قسم آهن. پوءِ توڪل جا ڪل چار قسم ٿيندا:

پهريون قسم آهي ڪاملن جي توڪل. ڪاملن جي توڪل سببن ۽ وسائل جي اختيار ڪرڻ ڪان سواءِ آهي. ۽ انهن کي مشاهدو هوندو تہ رزاق الله تعاليٰ آهي اسِباب صرف وسائل آهن تہ سبب ۽ رازق ۽ مشبع ۽ صحت بخشيندڙ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ نہ آهي ۽ جيڪو تقدير ۾ لکيل آهي. اهو ٻانهي کي هر حال ۾ ملندو ۽ جيڪا شيءِ لکيل آهي، اها ضرور واقع ٿيندي ۽ ان جي خلاف نہ ٿيندو. اهي انهن شين کي علم اليقين سان ڄاڻندا آهن ۽ پنهنجي هر شيءِ الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. قرآن مجيد ۾ آهي:

اُفَوِّضُ اَمۡرِیۡۤ اِلَی اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِیۡرٌۢ بِالۡعِبَادِ ﴿۴۴﴾

ترجمو: "۽ (مان) پنهنجو ڪم الله تعاليٰ کي سونپيان ٿو چو تہ الله ٻانهن (جي حال) کي ڏسندڙ آهي."

اهي پنهنجا معاملا الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. ۽ اسبابن تي نہ پاڙيندا آهن. ۽ قرآن مجيد جي هن آيت سان سرفراز ٿيندا آهن.

وَمَنۡ يَّتَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسۡبُهٗ ؕ (الطلاق آيت: 3)

ترجمو: "۽ جيڪو الله جَلَّ جَلَالُهٗ تي توڪل ڪندو تہ اهو ان لاءِ ڪافي آهي."

مڪتوبات منيريہ ۾ لکيل آهي تہ ڪنهن شخص حضرت بايزيد بسطامي رحمة الله عليه کان پڇا ڪئي تہ اوهان کي ڪا آمدني نہ آهي، توهان گذارو ڪيئن ٿا ڪيو؟ تنهن تي بايزيد بسطامي رحمة الله عليه فرمايو: الله تعاليٰ خنزير کي بنا اسباب جي روزي ڏئي ٿو ابويزيد کي چو نہ ڏيندو؟ ڪنهن شاعر چيو آهي:

روزي تو باز نہ گردد زدر

ڪار خدا ڪني غم روزي مخور

ترجمو: "تنهنجي روزي (تنهنجي) در تان موٽي ڪو نہ ويندي. تون الله تعاليٰ جا ڪم (حڪم پورا) ڪر. روزيءَ جي گهٽتيءَ ۾ نہ جهر."

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

"لو انكم تتوكلون علي الله حق توكله لرزقكم كما يرزق الطير تغدوا خماصا وتروح بطانا." (رواه الترمذي)

ترجمو: "جيڪڏهن اوهان الله تعاليٰ تي پورو توڪل ڪريو تہ الله تعاليٰ اوهان کي ائين رزق ڏي، جيئن پکين کي ڏي ٿو صبح جو بک تي هوندا آهن. ۽ شام جو ڍاول موٽندا آهن."

حضرت عمرو بن عاص رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

"ان لقلب ابن آدم لكل واد شعبة فمن اتبع قلبه الشعب كلها لم يبال الله باي واد اهلكه ومن توكل علي الله كفاه الشعب." (رواه ابن ماجه)[63]

ترجمو: "بيشڪ انسان جي دل لاءِ هر وادي ۾ حصو آهي. پوءِ جنهن شخص پنهنجي دل جو پورو توجه اوڏانهن رکيو تہ الله کي ڪا پرواهہ نہ آهي، جو ان کي ڪهڙي وادي ۾ هلاڪ ڪري ۽ جنهن شخص الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪيو تہ الله تعاليٰ ان کي ڪافي آهي."

حضرت ابودرداءِ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

"ان الرزق يطلب العبد كما يطلبه اجله" (رواه ابو نعيم) ،

ترجمو: "بيشڪ رزق ٻانهي کي ائين ڳوليندو آهي، جيئن ان کي موت ڳوليندو آهي."

ڄاڻڻ گهرجي تہ ڪي ڪامل متوڪل بيماري جي وقت دوا استعمال ڪرڻ کي بہ ڇڏي ڏيندا آهن. جسماني صحت ۽ بيماري ۽ حياتي جي بقا وغيره سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن. ۽ ڪي دعائن کي بہ ڇڏيندا آهن،چو تہ دعا مصيبتن کي ٽاريندي آهي حديث شريف ۾ آهي :

"لا يرد القضاءِ الا الدعاءِ ولا يزيد في العمر الا البر" (رواه ترمذي نساني وغيره)

ترجمو: "دعا ئي قضا کي ٽاريندي آهي ۽ نيڪي عمر ۾ واڌارو ڪندي آهي."

دعا رضا بالقضا جيان نہ آهي ۽ رضا جي مقام ۾ نفس جي رضا نہ گھرڻ گھرجي ۽ هن مقام جو صاحب رضاءِ حق جو طالب هوندو آهي ۽ مصيبتون الله تعاليٰ جي رضا سان ٿينديون آهن. انهن کان عافيت جي دعا گهرڻ نفس جي رضا چئبي طلب رضاءِ حق نہ چئبي ۽ ڪلي طور تي پاڻ کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏڻ نہ چئبو ۽ هر حال ۾ الله تعاليٰ جي رضا تي راضي رهڻ مقام رضا جو انتهائي درجو آهي.

بيت

اي بسا از اوليا ترک دعا کرده بجان
ذوق يا بند از قضا خواندن دعاشد کفر شان
هرچہ مي آيد برايشان از بلا مُلک غيب
لذتي يابند ز آن آمد چو از بي عيب ريب

ترجمو: هائو، ڪيترا اوليا الله جا آهن جيڪي دعا کي ترک ڪرڻ عزيز رکن ٿا. هنن کي قضا الاهي ۾ مزو ٿو اچي ۽ ان جي خلاف دعا گهرڻ ڪفر ٿا سمجهن. هنن تي غيب جي ملک مان جيڪا تڪليف يا ڏک پهچي ٿو ان ۾ هو لذت محسوس ڪن ٿا، ڇو تہ اهو سڀ ڪجهہ ذات بي عيب وٽان مٽن آيو آهي.

رضا شروع ۾ توڪل ۽ پاڻ حوالي ڪرڻ آهي، ليڪن آخر ۾ اها "حال" آهي جيئن محا سبي ۽ خراساني صوفي سمجهن ٿا. پر عراق جا صوفي وري ان کي "مقام" سمجهن ٿا. بهرحال ڪن جي نظر ۾ اها هڪ لحاظ کان حال بہ آهي تہ مقام بہ وڌيڪ تحقيق "ڪشف المحجوب" ۾ موجود آهي.

چاٽڻ گهرجي تہ آزمائشون ٽن قسمن جون هونديون آهن. هڪ آزمائش هوندي آهي. محبت لاءِ ۽ بي آزمائش هوندي آهي. گناهن کان سزا جي لاءِ ۽ ٽيئن محبوبن جو امتحان وٺڻ ۽ انهن جي درجات جي بلنديءَ جي لاءِ هوندي آهي. حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ان عظم الجزاءِ مع عظم البلاءِ وان الله عزوجل اذا احب قوما ابتلاهم فمن رضي فله الرضا ومن سخط فله السخط." (رواه ترمذي)

ترجمو: "مصيبت جيتري سخت هوندي، انعام اوترو وڏو ملندو ۽ الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن سان محبت ڪرڻ گهرندو آهي تہ ان کي آزمائشن ۾ وجهندو آهي، پوءِ جيڪو ان تي راضي ٿيندو آهي، الله تعاليٰ بہ ان تي راضي ٿيندو آهي. ۽ جيڪو ناراض ٿيندو آهي تہ الله بہ ان تي ناراض ٿيندو آهي."

حضرت محمد بن خالد اسلمي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ان العبد اذا سبقت له من الله منزلة لم يبلغها بعمله ابتلاه الله تعاليٰ في جسده اوفي ماله اوفي ولده ثم صبره عليٰ ذالک حتيٰ يبلغه المنزلة التي سبقت له من الله." (رواه احمد وابو داؤد)

ترجمو: "الله تعاليٰ ٻانهي جي لاءِ اهو درجو لکندو آهي، جنهن تي هو پنهنجن عملن جي ذريعي نہ پهچي سگهندو

آهي تہ الله تعاليٰ ان جي جسم يا مال يا اولاد ۾ آزمائش وجهندو آهي ۽ هو صبر ڪندو آهي تہ الله تعاليٰ ان کي ان درجي تي پهچائي ڇڏيندو آهي."

حضرت سعد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ جڏهن پاڻ ﷺ جن کان پڇا ڪئي وئي تہ سڀ کان وڌيڪ آزمائش ڪنهن تي ايندي آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"الانبياء ثم الامثل ثم الامثل يبتلي الرجل عليٰ حسب دينه فان كان في دينه صلبا اشتد بلاء وان كان في دينه رقة ابتلي عليٰ قدر دينه فما يبرح البلاء بالعبد حتيٰ يتركه يمشي علي الارض وما عليه خطيئة." (رواه ترمذي)

ترجمو: "سڀ کان وڌيڪ آزمائش نبين تي ايندي آهي، ان کان پوءِ انهن تي جيڪي درجي ۾ انهن کي ويجها هوندا آهن. ماڻهوءَ کي ان جي دين جي مرتبي مطابق آزمايو ويندو آهي. جيڪڏهن دين ۾ مضبوط هوندو آهي تہ ان جي آزمائش سخت ٿيندي آهي ۽ جيڪڏهن دين ۾ ڪمزور هوندو آهي تہ ان جي آزمائش بہ سندس دين مطابق هلڪي هوندي آهي. پوءِ بانهو آزمائش مان گذرندو رهندو آهي، تانجو زمين تي گناهن کان پاڪ صاف ٿي هلندو آهي."[64]

سلوڪ جي ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ سڀ کان وڌيڪ آزمائش تہ نبين سڳورن تي ايندي آهي ان کان پوءِ اولياءِ تي ۽ ان کان پوءِ جنهن جو درجو وڌيڪ هوندو آهي انهن تي ايندي آهي اسان جي رسول الله ﷺ جن ۽ سندن اولاد تي آيل آزمائش تي قياس ڪرڻ گهرجي.

ٻي آزمائش ۽ مصيبت گناهن کان هوندي آهي. جيڪا گنهگار تي گناهن جي نحوست جي ڪري ايندي آهي، جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَمَآ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ۳۰ (الشوريٰ آيت: 30)

ترجمو: "۽ جيڪا بہ اوڪائي اوهان کي پهچندي آهي، سا اوهان جي هٿن جي ڪمائي سببان آهي ۽ گهڻن (گناهن) کان تہ (خدا) درگذر ڪندو آهي."

پر جيڪي ماڻهو گنهگارن سان گڏ رهن ٿا. ۽ انهن کي گناهن کان نہ ٿا روڪن اهي بہ انهن مصيبتن ۾ شامل آهي ۽ الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَلَا تَرْكَنُوْٓا اِلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ (هود آيت: 113)

ترجمو:"۽ ظالمن ڏانهن لاڙو نہ ڪريو، نہ تہ اوهان کي باهہ لڳندي."

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

لَّا تُصِيْبَنَّ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْكُمْ خَآصَّةً ۚ الانفال آيت: 25)

ترجمو: "۽ انهيءَ فتني کان ڊڄو، جو اوهان مان جن ظلم ڪيو تن کي خلاصو نہ پهچندو (بلڪ عام هوندو)"
هن جو وڌيڪ تفصيل دعائن جي بيان ۾ ايندو. انشاءَ الله تعاليٰ.

توڪل جو ٻيو قسم مريدن جي توڪل آهي اسباب جي ڇڏڻ سان، تان تہ حرص ۽ لالچ جو دروازو بند ٿئي ۽ حرص بلڪل ختم ٿي وڃي، ڇو تہ حرص انهن اسبابن سان خلط ملط ٿيڻ جي ڪري پيدا ٿيندو آهي. پوءِ ان پڻ کان

تہ متان اسباب جي باھ ۾ توڪل جو مادو سڙي وڃي. ان سبب جي ڪري اهي اسباب اختيار ڪرڻ کي ڇڏي ڏيندا آهن. حديث شريف ۾ آهي حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"لاتتخذوا الضيعة فترغبوا في الدنيا." (رواه ترمذي)

ترجمو:"واپار ۾ مشغول نہ ٿيو. نہ تہ دنيا ۾ توهان جي رغبت وڌي ويندي."

ضيعة ض جي فتح ۽ يا جي سڪون سان واپار ۽ ڪاريگريءَ کي چئبو آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ باغن ۽ پوڪن کي چئبو آهي.

توڪل جو ٽيون قسم آهي ڪاملن جي توڪل اسبابن جي اختيار ڪرڻ سان ڇو تہ اسباب معيشة جي لاءِ وسائل آهن. پر معيشة انهن تي موقوف نہ آهي، جيڪو مقدر ۾ لکيل آهي اهو ئي ملندو ڪو وسيلو اختيار ڪجي يا نہ! انهن جون نظرون سببن تي نہ، پر مسبب الاسباب تي هونديون آهن. اهي اسباب اختيار ڪرڻ ۾ اخروي فائدا بہ ڏسندا آهن. تنهن ڪري انهن کي اختيار ڪندا آهن. جيئن تہ مالي عبادتن جي فضليت بہ حاصل ڪري سگهجي. چون ٿا تہ عبديت (ٻانهپ) جي مرتبن مان هي مرتبو جامع آهي ۽ اهي دعا پڻ گهرندا آهن ۽ چوندا آهن تہ دعا قضا کي رد ڪرڻ جو نالو نہ آهي بلڪ دعا پاڻ قضا جو حصو آهي،ڇو تہ تقدير ۾ ائين ئي لکيل هو تہ فلاڻو دعا گهرندو. پوءِ ان جي دعا سان قضا تبديل ٿي ويندي، يعني هڪ قضا سان ٻي قضا مٽجي ويندي. ۽ دعا خود عبادت آهي. حديث شريف ۾ آهي: "الدعاءِ هو العبادة" (دعا ئي عبادت آهي) ۽ هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ:

"من لم يسئل الله يغضب عليه." (ترمذي)

ترجمو: "جيڪو الله کان نہ گهرندو آهي، الله ان تي ناراض ٿيندو آهي."

هڪ ٻي حديث جا الفاظ هن ريت آهن:

"من لم يدع الله يغضب عليه "جيڪو الله کي نہ سڏيندو آهي، الله ان تي ڪاوڙ ڪندو آهي."

عالمن ۽ فقيهن جو چوڻ آهي تہ دعا گهرڻ مستحب آهي ۽ زاهدن جي هڪ جماعت جو چوڻ آهي تہ قضا تي راضي رهڻ لاءِ دعا کي ڇڏڻ افضل آهي ۽ علماءِ جو چوڻ آهي تہ رسول الله ﷺ ۽ سندس اصحابن ۽ سندس اهل بيت جو طريقو قضا تي راضي رهڻ سان گڏ دعا گهرڻ جو آهي، ڇو تہ اهي زبان سان دعا گهرندا هئا. ۽ دل ۾ قضا تي راضي رهندا هئا. ۽ الله تعاليٰ تي ڪامل توڪل رکندي اهيدعائون پڻ ڪرائيندا هئا.

توڪل جو چوٿون قسم آهي عام ماڻهن جي توڪل. اهي اسبابن کي ئي وسيلو سمجهندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسبابن کان سواءِ ڪائي شيءِ ملي نہ ٿي سگهي. انهن جي توڪل هيءَ آهي تہ هي اهي اسباب اختيار ڪن ۽ وڏيڪ الله تعاليٰ تي توڪل ۽ ڀروسو ڪن ۽ اسباب تي ڀروسو نہ رکن. (والله اعلم بالصواب)[65]

فصل تيرهون

عيب جوئي ۽ طعنا هڻڻ جي خرابين جي بيان ۾

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا! توکي معلوم هئڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ هڪ ٻئي تي طعني هڻڻ ۽ هڪ ٻئي جي جاسوسي ڪرڻ کان روڪيو آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

يَاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا يَسۡخَرۡ قَوۡمٌ مِّنۡ قَوۡمٍ عَسٰٓى اَنۡ يَّكُوۡنُوۡا خَيۡرًا مِّنۡهُمۡ وَلَا نِسَآءٌ مِّنۡ نِّسَآءٍ عَسٰٓى اَنۡ يَّكُنَّ خَيۡرًا مِّنۡهُنَّ‌ۚ وَلَا تَلۡمِزُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ وَلَا تَنَابَزُوۡا بِالۡاَلۡقَابِ‌ؕ بِئۡسَ الِاسۡمُ الۡفُسُوۡقُ بَعۡدَ الۡاِيۡمَانِ‌ ۚ وَمَنۡ لَّمۡ يَتُبۡ فَاُولٰٓـئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوۡنَ ‏ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اجۡتَنِبُوۡا كَثِيۡرًا مِّنَ الظَّنِّ اِنَّ بَعۡضَ الظَّنِّ اِثۡمٌ‌ وَّلَا تَجَسَّسُوۡا وَلَا يَغۡتَبْ بَّعۡضُكُمۡ بَعۡضًا‌ ؕ (الحجرات آيت: 11،12)

ترجمو: "اي ايمان وارو هڪ ٽولي ٻي ٽولي تي ٺٺولي نہ ڪري، جو متان اهي انهن کان ڀلارا هجن ۽ نہ زالون زالن سان (ٺٺوليون ڪن.) جو متان اهي انهن کان ڀليون هجن ۽ نڪي پاڻ ۾ (هڪ ٻئي کي) عيب لايو ۽ نڪي هڪ ٻئي کي بڇڙن لقبن سان سڏيو (جو) ايمان آڻڻ کان پوءِ بي دينيءَ جو نالو (پوڻ) خراب آهي ۽ جن توبه نہ ڪئي سي ئي ظالم آهن. اي ايمان وارو گهڻو ڪري گمان کان بچو بيشڪ ڪي گمان گناهہ آهن ۽ نڪي جاسوسي ڪريو ۽ نڪو ڪو اوهان مان هڪ ٻئي جي گلا ڪري."

عيب جوئي ۽ طعنه زني جي دنياوي نحوست هيءَ آهي تہ جڏهن طعنہ هڻندڙ ۽ عيب ڪيندڙ ٻئي کي طعنو هڻندو آهي ۽ ٻئي جا عيب ڪيندو آهي تہ الله تعاليٰ کي غيرت ايندي آهي تہ ٻانهو منهنجين نعمتن جو منڪر ٿيو آهي. چو تہ الله تعاليٰ جيڪڏهن گهري ها تہ ان عيب ڪيندڙ ۾ اهي عيب پيدا ڪري سگهي پيو. پر الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان ان ۾ اهي عيب پيدا نہ ڪيا. تنهن ڪري الله تعاليٰ جي ان فضل ۽ احسان کي ياد رکي ٻئي جا عيب ڪڍڻ نہ گهرجن. متان تو ۾ نہ اهي عيب اچي وڃن. حديث شريف ۾ آهي تہ هڪ دفعي رسول الله ﷺ جن هڪ صحابيءَ لاءِ فرمايو تہ "اهو غيرتمند آهي ۽ مان ان کان وڌيڪ غيرتمند آهيان ۽ الله تعاليٰ مون کان وڌيڪ غيرتمند آهي."

حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ماأحب حكيت احد وان لي كذاوكذا" (رواه ترمذي)

ترجمو: ”مون کي اها ڳالهہ پسند نہ آهي تہ ٻئي جا عيب بيان ڪريان ۽ ان جي بدلي ۾ مون کي هي ۽ هي ملي.“

حڪيت مان مراد ٻئي جون برايون بيان ڪرڻ آهي ۽ حڪيت جو لفظ اڪثر طور تي ان لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

حضرت معاذ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

”من عير اخاه بذنب لم يمت حتي يعمله يعني من ذنب قد تاب منه“(رواه ترمذي)

ترجمو: ”جنهن ٻئي کي گناهہ تي ڏوراپو ڏنو، جيستائين پاڻ اهو گناهہ نہ ڪندو؟ تيستائين نہ مرندو يعني اهڙو گناهہ جنهن کان ان توبه ڪئي آهي.“

گناهہ مان مراد اهڙو گناهہ آهي، جنهن کان هو توبه تائب ٿيو آهي ۽ علماءَ جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ان شخص ان گناهہ کان توبه نہ ڪئي آهي تہ ان کي بہ تڪبر ۽ تحقير جي طور تي نہ چئجي، بلڪ بطور نصيحت ۽ خير خواهي جي چئجي تہ جيئن هو ان گناهہ کان مڙي وڃي ۽ سلوڪ جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ جيڪو شخص ٻئي جا عيب ڪڍندو ان جا عيب ڪڍيا ويندا.

حديث شريف ۾ آهي:

”لا يرمي رجل رجلا بالفسوق ولا يرميه بالكفر الا ارتدت عليه ان لم يكن صاحبه كذٰلک.“ (رواه بخاري)

ترجمو: ”جيڪڏهن ڪو ڪنهن ڏانهن فسق يا ڪفر منسوب ڪندو، جيڪڏهن اهو ائين نہ هوندو تہ اهي چونڊڙ ڏانهن موٽندا.“

هڪ حديث شريف ۾ آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

”من دعي رجلا بالكفر او قال عدو الله وليس كذٰلک الا صار عليه“ (بخاري و مسلم)

ترجمو: ”جيڪڏهن ڪنهن شخص، ڪنهن کي ڪافر يا الله جو دشمن سڏيو ۽ اهو شخص ائين نہ هو تہ اهي الفاظ ان چونڊڙ ڏانهن موٽندا.“

خلاصو ڪلام جو تہ عيب جوئي ڪرڻ نہ گهرجي، چو تہ الله تعاليٰ ان کان روڪيو آهي ۽ الله تعاليٰ هڪ ٻئي جا عيب جاچڻ کان پڻ منع فرمائي آهي. ”ولا تجسسوا“ ۽ هڪ ٻئي جي جاسوسي نہ ڪريو.

جيڪڏهن ڪوئي شخص جاسوسي کان سواءِ ڪنهن جي عيبن تي واقف ٿيو تہ پوءِ جيڪڏهن اهو شخص ان گناهہ کان توبه تائب ٿيو آهي تہ هاڻي ان کي طعنو ڏيڻ نہ گهرجي، جيڪڏهن ان کي طعنو ڏيندو تہ اهو عيب هن ۾ پيدا ٿيندو ۽ حديث شريف ۾ پڻ طعني هڻڻ کان منع ڪئي وئي آهي حديث شريف ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

”ليس المؤمن بالطعان ولا باللعان ولا بالفاحش ولا بالبذي.“ (رواه ترمذي)

ترجمو: ”(ڪامل) مؤمن نہ طعنو هڻندڙ هوندو آهي ۽ نہ لعنت ڪندڙ هوندو آهي نہ فحش گوئي ڪندڙ آهي ۽ نہ زبان دراز هوندو آهي.“

عيب واري کي طعني ۽ خواري واري طريقي سان نہ روڪجي، بلڪ نصيحت ۽ خير خواهي جي طور تي روڪجي، جيئن امر ۽ نهي جو قانون آهي هي تڏهن آهي، جڏهن عيب وارو ان عيب کي عيب ۽ گناهہ سمجهي ٿو پر جيڪڏهن هو

ان عيب کي عيب ۽ گناهہ ٿي نہ ٿو سمجهي بلڪ بي پرواهيءَ سان اهي گناهہ ڪري ٿو تہ ان جي خواري ڪرڻ ۽ ان جا عيب کولڻ ۾ ڪو بہ حرج نہ آهي، جيئن حڪم آهي "اذکرو الفاجر مافيه" يعني فاجرن جو فسق بيان ڪريو.

هتي هيءَ ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ هتي عيبن مان مراد اهي عيب ۽ گناهہ آهن، جيڪي هن پنهنجي اختيار سان ڪيا آهن. باقي اهي دنياوي عيب جيڪي غير اختياري مثلاً ڪا بيماري وغيره پوءِ اها لڪل هجي يا ظاهر اهي بہ هن ۾ شامل آهن. ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ انهن دنياوي غير اختياري عيبن تي طعنو هڻڻ جائز نہ آهي، بلڪ انهن جو حال ڏسي الله تعاليٰ کان سلامتيءَ جي دعا گهرجي ۽ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. [66] اهڙي موقعي تي شڪراني جو سجدو بہ صحيح حديثن مان ثابت آهي، جيڪڏهن ان صورت ۾ ان کي طعنو ڏيندو تہ اهو عيب ان ڏانهن ايندو اسان جو هي بحث اهڙن عيبن بابت نہ آهي بلڪ اسان جو بحث ديني عيبن بابت آهي،جو تہ اهي الله تعاليٰ جي معصيت ۽ گناهہ آهن. ۽ انهن جي جاسوسي ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. حديث شريف ۾ آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ولا تتبعوا عوراتهم فانه من يتبع عورة اخيه المسلم يتبع الله عورته ومن يتبع الله عورته يفضحه ولو في جوف رحله." (ترمذي)

ترجمو: "ماڻهن جي عيبن جي پويان نہ پئو، جيڪو ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي عيبن جي پويان پوندو، الله تعاليٰ ان جي عيبن جي پويان پوندو. ۽ جنهن جي عيبن جي پويان الله پوندو ان کي خوار ڪري ڇڏيندو توڻي جو اهو پنهنجي گهر ۾ هجي."

هڪ حديث شريف ۾ آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ولا تتبعوا عوراتهم فانه من اتبع عوراتهم يتبع الله عورته ومن يتبع الله عورته يفضحه في بيته." (رواه ابوداؤد)

ترجمو: "۽ ماڻهن جي عيبن جي پويان نہ پئو، جيڪو ماڻهن جي عيبن پويان پوندو الله تعاليٰ ان جي عيبن جي پويان پوندو ۽ جنهن جي عيبن جي پويان الله پيو ان کي پنهنجي گهر ۾ ئي خوار ڪندو."

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"من خزن لسانه ستر الله عورته ومن كف غضبه كف الله عنه عذابه يوم القيامة ومن اعتذر الي الله قبل الله عذره." (رواه بيهقي في شعب الايمان)

ترجمو: "جنهن پنهنجي زبان جي حفاظت ڪئي، الله تعاليٰ ان جا عيب ڍڪيندو ۽ جيڪو پنهنجي ڪاوڙ روڪيندو، الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ان کان عذاب روڪيندو ۽ جيڪو الله تعاليٰ کي عذر پيش ڪندو الله تعاليٰ ان جو عذر قبول ڪندو."

خزن لسانه جو مطلب آهي پنهنجي زبان کي طعني گلا ۽ فحش گوئيءَ کان محفوظ رکڻ. مثنوي ۾ آهي:

بيت

عيب باشد عيب خود بگذاشتن
پس نظر بر عيب، هر کس داشتن

هر کہ عيب غير جويد اي عزيز
خود بيفتد زود او در عيب نيز

ترجمو: ”پنهنجي عيب کي نظر انداز ڪرڻ عيب آهي. ۽ ٻين جي عيبن تي نظر رکڻ عيب آهي. اي پيارا! جيڪو ٻـ ٻئي جو عيب ڳوليندو، سگهوئي پاڻ ان عيب ۾ پوندو.“

عيب کردن خويش را داروي اوست
چون شکستہ گشت جائي ارحموست
چون بجوئي عيبها تو در کسي
عيبها جويند اندر تو بس
گر زني بر مسلمي طعنہ گهي
بر تو يا بد طعنها بيشک رهي
هرکہ بااهل کسان فسق جو
فسق جويند ديگران بااهل او
چون زدي درخانہ ديگر قدم
اوزند درخانہ تو لا جرم
زانکہ مثلي آن جزائي ميشود
داد ايزد از مکافات آگهي
گفت ان عدتم بہ عدنا بهي
پاک کن دوچشم را آخر زعيب
تا بہ بيني سر باغستان غيب
حسن عيب کسي از عيدهاست
عيب جستن خويش اورا دواست

ترجمو: پنهنجا عيب ڪولڻ ئي تنهنجو علاج آهي ڇو تہ ڀڳل يا ضعيف حالت تي ئي رحم ايندو آهي. جيڪڏهن تون ڪنهن ٻئي جا عيب ڪوليندين تہ اهي پاڻ تو ۾ گهڻا عيب ڳوليندا. جيڪڏهن تون ڪڏهن ڪنهن مسلمان تي طعنو هڻندين تہ تنهنجي مٿان بہ اهو رستو کلي پوندو. جيڪو ٻين سان گڏجي برايون ڳوليندو تہ ٻيا بہ گڏجي ايئن ڪندا. جيڪڏهن تون ٻئي جي گهر ۾ گهڙندين تہ اهو لازمي تنهنجي گهر گهڙڻ جي ڪوشش ڪندو.جڏهن انعام ڏيڻ جو مثال قائم ٿيندو تڏهن ئي برائي ڪندڙ کي سزا ملندي. خدا عملن جي نتيجي بابت ٻڌايو آهي جيئن توهان گهڻا ڪندو تہ ان جو نتيجو بہ اهڙو نڪرندو. پنهنجي اکين کي عيبن کان پالهو ڪر تڏهن تون غيب جي باغ جو راز معلوم ڪري سگهندي. ٻئي جي عيب ڳولڻ خود وڏو عيب آهي. البت پنهنجا عيب ڳولڻ شفا ڏيندڙ دوا آهي.

هي به چاٽڻ گهرجي ته وڏن جي عيبن جي جاسوسي ڪرڻ ۽ انهن کي طعنه هڻڻ وڏيڪ برو آهي. خاص طور تي اهي ماڻهو جيڪي وفات ڪري ويا آهن. حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله جن فرمايو:

"لا تسبوا الاموات فانهم قدافضوا الي ما قدموا."(رواه البخاري)

ترجمو: "مئلن کي گاريون نه ڏيو، ڇو ته اهي پنهنجن عملن جي طرف پهچي چڪا آهن."

مثنوي ۾ لکيل آهي:

بيت

بي ادب سخن گفتن باخاص حق
دل بميراند سيه دارد ورق
چون خدا خواهد که پرده کس درد
ميلش اندر طعنه پاکان برد
چون خدا خوا هد که پوشد عيب کس
کم زند در عيب معيوبان نفس
هان و هان تو با ادب شو با شهان
ورنه ابليس شوي اندر جهان
تادل مرد خدا نامد بدرد
هيچ قومي را خدا رسوا نکرد
صد هزاران چترها را خشم شان
سرنگون کرده بشومي گمرهان
چون شوي باعيب جوئي بدگمان
بر شهي مرد خدا پس امتحان
خشم او خانه ترا ويران کند
دين دنيا ئي ترا بيجان کند
خشم مردان کرد عالم را خراب
خشم مردان خشک گرداند سحاب

ترجمو: "الله تعاليٰ جي ڪنهن پياري ٻانهي بابت بي ادبيءَ سان ڳالهائڻ ان انسان جي دل کي ڪارو ڪري ڇڏيندو آهي جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن جو پردو ڦاڙڻ گهرندو آهي ته ان جو لاڙو پيارن ٻانهن کي طعنا هڻڻ ڏي ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن ٻانهي جو عيب ڍڪڻ گهرندو آهي ته ان جي نظر پنهنجي نفس جي عيبن تي ڪرائي ڇڏيندو آهي. ها! ها! تون پيارن ٻانهن سان با ادب ٿيءُ نه ته تنهنجي دل ۾ شيطان ديرو ڄمائيندو. جيستائين الله تعاليٰ جي ڪنهن ٻانهي جي دل ڦاٽي ايذائي نه ويندي آهي، تيستائين الله تعاليٰ ڪنهن به قوم کي خوار نه ڪندو آهي. هزارين بادشاهن کي سندن ڪاوڙ ۽ غصي، سندن بدقسمتي جي ڪري پست ۽ ذليل ڪيو. جڏهن تون ڪنهن جو به عيب ڳولڻ جي ڪرين (ان ڪان) بدگمان نه ٿئين ته الله واري جو اهو اهتمام آهي. ان جي ڪاوڙ تنهنجي گهر کي تباهه ڪري ڇڏيندي. تنهنجي دين ۽ دنيا کي پست ڪري ڇڏيندي. الله وارن جي ڪاوڙ دنياوارن کي تباهه ڪري ڇڏيندي آهي. الله وارن جي ڪاوڙ ڪڪرن کي خشڪ ڪري ڇڏيندي آهي."

فصل چوڏهون

طريقت جي ٽنهي مرشد کان ورتل ذڪر تي هميشگي ڪرڻ

اي حق ۽ سچ جا طالب! ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪو بہ عمل مرشد کان ملي، جيستائين ان تي هميشگي نہ ڪبي، فائديمند ثابت نہ ٿيندو. طريقت جي هر عمل ۾ مداومت شرط آهي. حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو[67]

"احب الاعمال الي الله ادومها وان اقل." (بخاري و مسلم)

ترجمو: "الله تعاليٰ وٽ پسنديده عمل اهي آهن، جن تي هميشگي ڪئي وڃي توڙي جو اهي ٿورا هجن."

سالڪن جو چوڻ آهي تہ طريقت جو ڪوبہ طالب جيستائين مرشد کان مليل وظائف پورا نہ ڪندو ۽ انهن تي هميشگي نہ ڪندو تہ پنهنجي منزل تي نہ پهچندو. جيڪڏهن ڪڏهن اهي عمل ڪندو تہ اهي عمل ان ڪي فائدو نہ ڏيندا. تنهن ڪري سالڪ کي گهرجي تہ انهن عملن تي هميشگي اختيار ڪري. جنهن عمل تي هميشگي نہ ڪري سگهي، ان کي شروع نہ ڪري ۽ ترمذي شريف جي هڪ حديث ۾ آهي تہ رسول الله جن جو هر عمل هميشگي تي هوندو هو ۽ هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي سڀ کان پسنديده عمل اهو هو، جنهن تي ان جو ڪندڙ هميشگي ڪري ۽ حضرت ابو صالح فرمائي ٿو تہ مون حضرت عائشه ۽ حضرت ام سلمه رضي الله عنهما کان پڇا ڪئي تہ رسول الله ﷺ جن کي سڀ کان وڌيڪ پسند ڪهڙو عمل هيو؟ تنهن تي انهن فرمايو: رسول الله ﷺ جن کي سڀ کان وڌيڪ پسند عمل اهو هيو، جنهن تي هميشگي ڪئي وڃي، توڙي جو اهو ٿورو هجي.

ملا علي قاري شمائل ترمذي جي شرح ۾ چيو آهي تہ هيءَ حديث ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ عمل قليل دائمي افضل آهي، عمل ڪثير منقطع کان، ڇو تہ مداومت وارو ذڪر توڙي جو ٿورو هوندو، پر ان تي هميشگي جي ڪري فائدا گهڻا مرتب ٿيندا. بخلاف اهڙي عمل ڪثير جي جيڪو ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ختم ڪري ڇڏجي توڙي جو اهو گهڻو هجي پر ان مان ايترا فائدا حاصل نہ ٿيندا هن حديث جي ڪري تصوف وارا پنهنجي ورد تي هميشگي ڪرڻ کي لازم ۽ واجب سمجهندا آهن.

شيخ نور الدين محمد رح جو فرمان آهي تہ مشائخن جي ڪن ورد وارن ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ دائمي ورد جيستائين منقطع نہ ٿيندو، تيستائين ان جو اجر مضاعف (ٻيڻو) ملندو رهندو ۽ اهو وڌندو رهندو. مثال طور پهرين

ڏينهن هڪ ورد جي ڍھوڻ ملندي تہ ٻئي ڏينهن هڪ ورد جو اجر ويهن نيڪين جي برابر ملندو ٽيئن ڏينهن ٽيهن نيڪين جي برابر ۽ چوٿين ڏينهن چاليهن نيڪين جي برابر اجر ملندو ۽ ائين وڌندو رهندو جيستائين ان جي مٿان هميشگي ڪري ۽ ڪڏهن ناغو نہ ڪري. جيڪڏهن ڪڏهن ناغو ڪيائين تہ ان جي قضا نہ آهي، بلڪ اهو سلسلو منقطع ٿي ويندو وري نئين سر شروع ڪرڻو پوندو. (والله اعلم بالصواب)

جيڪي ماڻهو چوندا آهن تہ "صاحب الورد ملعون وتارک الورد ملعون" (يعني ورد وارو ۽ ورد ڇڏيندڙ ملعون آهن.)

پوءِ جيڪي ماڻهو علم حديث جي مهارت نہ رکندا آهن، اهي هن جي معنيٰ هيءَ ڪندا آهن تہ صاحب ورد جيڪو ورد تي هميشگي ڪري ٿو، ملعون آهي ۽ تارک ورد يعني جيڪو ورد مورڳو ڪري ئي نہ ٿو اهو بہ ملعون آهي. تنهن ڪري ڄاڻي واڻي ڪڏهن ورد ڪجي ۽ ڪڏهن ڇڏجي ۽ ان تي هميشگي نہ ڪجي. اها نري جهالت ۽ اهو قول باطل آهي، ڇو تہ لعنت جا حقدار ڪافر آهن، نڪي مسلمان. پوءِ اهڙو مسلمان جيڪو الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ ان جي اطاعت تي هميشگي ڪري ٿو ان کي ملعون ڪيئن چئبو؟

جيئن ڪنهن فارسي واري غلط چيو آهي:

بيت

هيچکس در راه دين بيجان نشد

ترک طاعت مرد را سامان نشد

ترجمو: "جيڪو ماڻهو دين جي راهہ ۾ بيجان نہ ٿيو، ان مرد لاءِ فرمانبرداري ڇڏڻ جو سامان نہ ٿيو. (اهو شعر غلط آهي)."

ليڪن اها معنيٰ صحيح حديثن جي ابتڙ آهي، ڇو تہ صحيح حديثون ذڪر تي هميشگي ڪرڻ جي فضيلت تي ڏس ڏين ٿيون.

هن حديث جي تاويل هي آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ هڪ يهودي هيو، جيڪو گهڻو ورد ڪندو هو رسول الله ﷺ جن کي ٻڌايو ويو تہ فلاڻو ماڻهو گهڻو ورد ڪري ٿو. تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ "صاحب الورد ملعون." يعني اهو ورد ڪندڙ ملعون آهي، جڏهن ان کي خبر پئي تہ رسول الله ﷺ جن تولاءِ هيئن فرمايو آهي تہ ان اهو ورد ڇڏي ڏنو. جڏهن رسول الله ﷺ جن کي اهو ٻڌايو ويو تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: "تارک الورد ملعون." يعني اهو ورد ڇڏيندڙ ملعون آهي. مطلب هي آهي تہ اهو ورد پڙهي نہ پڙهي، ٻنهي صورتن ۾ ملعون آهي.

ڪن چيو آهي تہ هن حديث جي تاويل هي آهي تہ هڪ شخص قوم جو سردار هيو. مسلمانن جون ضرورتون ان سان وابستہ هيون.جڏهن ڏسندو هو تہ ماڻهن جا ڪم مون تي موقوف آهن تہ ڄاڻي واڻي ورد ۾ مشغول ٿي ويندو هو. ماڻهن جا ڪم ٿي نہ سگهندا هئا. ان بابت فرمايائون: "صاحب الورد ملعون."[68]

صحيح حديثن مان ثابت آهي تہ پاڻ ﷺ جن وفد جي اچڻ جي ڪري ظهر جون ٻہ رکعتون ڇڏيون آهن ۽ عصر جي نماز کان پوءِ اهي قضا ڪيون آهن. هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن ضرورت جي ڪري مقرر ڪيل

عمل ڇڏي سگهجي ٿو، پر جيڪڏهن ڪو بنا عذر ۽ مجبوريءَ جي ڇڏيندو تہ اهو ملعون آهي. هي ٻئي تاويلون مجمع البحار فوائد الفواد. فتاويٰ برهنہ ۽ يحييٰ منيري جي مڪتوبات معدن المعاني ۾ آيل آهن.

البتہ پوئين تاويل ۾ اعتراض ڪري سگهجي ٿو تہ ماڻهن جون ضرورتون ڏسي، پاڻ ڪي ورد ۾ مشغول ڪرڻ جي ڪري قوم جي ان سردار کي ڪافر شمار نہ ڪبو، پوءِ انهن کي ملعون ڪيئن چيو ويو آهي؟ ان جو جواب هي آهي تہ لعنت ٻہ قسم آهي. هڪ مطلق، ٻي مقيد. مطلق لعنت ڪافرن سان مخصوص آهي. ۽ ان جڳهہ تي مطلق لعنت مراد نہ آهي، بلڪ مقيد لعنت مراد آهي. يعني قوم جو اهو سردار الله تعاليٰ جي رحمت کان پري آهي، جو ان جي ڪري ماڻهن جا ڪم رهجي وڃن ٿا ۽ بنا عذر ۽ مجبوريءَ جي ورد ڇڏيندڙ بہ الله جي رحمت کان پري آهي، جو پنهنجو ورد ختم ڪري ڇڏي ٿو.

هي ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪنهن سبب جي ڪري ڪوئي ورد فوت ٿي ويو تہ ان جي قضا ڪري، مداومت موٽي ايندي ڇو تہ ڏينهن، رات جو خلف (نائب) آهي. ۽ رات، ڏينهن جي خلف آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَهُوَ الَّذِیۡ جَعَلَ الَّیۡلَ وَالنَّهَارَ خِلۡفَةً لِّمَنۡ اَرَادَ اَنۡ یَّذَّکَّرَ اَوۡ اَرَادَ شُکُوۡرًا (الفرقان آيت: 62)

ترجمو: "۽ (الله) اهو آهي، جنهن رات ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي جي پويان ايندڙ انهيءَ (ماڻهوءَ) لاءِ بڻايو، جيڪو نصيحت وٺڻ گهري. يا شڪرانو ڪرڻ گهري."

تنهن ڪري ڏينهن جي ورد کي رات جو ۽ رات جي ورد کي ڏينهن جو قضا ڪرڻ گهرجي، جيئن مداومت وارو اهو سلسلو منقطع نہ ٿئي ۽ حضرت عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"من نام عن حزبه او شيء منه فقراه فيما بين صلوٰة الفجر وصلوٰة الظهر كتب له كانما قراه من الليل" (رواه مسلم)

ترجمو: "جنهن کي پنهنجي وظيفي کان ننڊ اچي وئي (يعني ننڊ جي ڪري وظيفو پڙهي نہ سگهيو) جيڪڏهن ان فجر ۽ ظهر نماز جي وچ ڏاران پڙهيو ڇڻ تہ ان رات جو پڙهيو."

هتي وظيفي مان مراد رات جو ورد آهي،ڇو تہ اڪثر طور تي اهو ننڊ جي ڪري فوت ٿي ويندو آهي. هن حديث مان ان جي قضا ثابت ٿئي ٿي. قضا جي اعتبار سان ڏينهن جي وظيفي جو بہ ساڳيو ئي حڪم آهي.

حصن حصين ۾ آهي تہ ڏينهن يا رات جي مقرر ڪيل وقت جو ورد يا نماز کان پويان وارو ورد، جيڪڏهن فوت ٿي وڃي تہ اهو ڪنهن وقت بہ قضا ڪري سگهجي ٿو ۽ ان ۾ سستي نہ ڪجي تہ جيئن تسلسل منقطع نہ ٿئي. هتان معلوم ٿيو تہ قضا هڪ ڏينهن يا ٻن ڏينهن تائين موقوف نہ آهي، بلڪ جڏهن بہ فرصت ملي اهو ورد قضا ڪري، توڙي جو ڪجهہ ڏينهن گذري وڃن.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ حنبلي ۽ شافعي مسلڪ وارا مؤڪد سنتن جي قضا جا قائل آهن. توڙي جو اهي بغير فرض جي فوت ٿي وڃن، تنهن ڪري جيڪڏهن ڪنهن فرض پڙهيو آهي ۽ سنتون رهايون اٿائين تہ انهن وٽ انهن سنتن جي قضا لازم آهي. انهن جو دليل اها حديث آهي، جنهن ۾ آهي تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن بني عبدالقيس جي وفد جي آمد جي ڪري ظهر جون ٻہ رڪعتون سنت پڙهي نہ سگهيا تہ پاڻ ﷺ جن اهي قضا

فرمايونُ: اتان معلوم ٿيو تہ سنتن جي قضا لازم آهي.

امام ابوحنيفه جو مذهب آهي تہ سنتن جي قضا لازم نہ آهي. البتہ جيڪڏهن صبح جي سنت فرض سان گڏ رهجي وڃي تہ فرض جي تابع ڪري قضا ڪبي. ان بابت تحقيق هيءَ آهي تہ فجر جي سنت کان سواءِ ٻيون سنتون ٽن موقعن کان سواءِ ڇڏڻ گناهہ آهن. ٽن موقعن تي سنتن کي ڇڏي سگهجي ٿو.[69] ليڪن ڪن صورتن ۾ سنت جي ڇڏڻ تي اتفاق آهي ۽ ڪن صورتن ۾ سنت جي ڇڏڻ ۾ اختلاف آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ سنتون پڙهڻ بهتر آهن.

ڪن جو چوڻ آهي تہ نہ پڙهڻ بهتر آهن. اهي ٽي صورتون هي آهن: هڪ جيڪڏهن فرض نماز جماعت سان پڙهي ٿو تہ ان صورت ۾ سنت پڙهڻ گهرجي، پر جيڪڏهن فرض نماز جماعت سان نہ ٿو پڙهي، بلڪ اڪيلو پڙهي ٿو تہ ان وقت سنت ڇڏي سگهجي ٿي، ڇو تہ سنت اهڙي فرض سان مشروع ٿي آهي، جيڪو جماعت سان پڙهيو وڃي ٿو. پوءِ جيڪڏهن اڪيلو پڙهي ٿو تہ سنت مشروع نہ ٿيندي ۽ غير مشروع شيءِ جو ڇڏڻ لازم آهي. امام ڪرخيءَ جو اهو ئي قول آهي ۽ حسن بن زياد رحمه الله جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن نمازي مسجد ۾ آيو، جماعت ٿي چڪي آهي تہ هاڻي فرض کان شروعات ڪري ۽ سنت ڇڏي ڏي ۽ شرح وقايه واري جو چوڻ آهي تہ ان وقت جيڪڏهن وقت گهٽو آهي تہ سنت نہ ڇڏي بلڪ سنت بہ پڙهي ۽ هدايه واري جو چوڻ آهي تہ ان وقت سنت کي ڇڏڻ ۾ ڪوبہ حرج نہ آهي. اتان معلوم ٿيو تہ منفرد جي حق ۾ سنتون نفل آهن. البتہ فجر جي سنت ان اختلاف کان مستثنىٰ آهي. اها جيڪڏهن اڪيلو نماز پڙهي ٿو تہ بہ ڪيس پڙهڻي پوندي.

ٻي صورت وقت جو فوت ٿيڻ آهي. جيڪڏهن سنت فرض سان گڏ يا فرض کان سواءِ اڪيلي وقت کان فوت ٿي وئي تہ هاڻي ان جي قضا لازم نہ آهي، ڇو تہ سنت مخصوص آهي وقت سان وقت کان پوءِ جيڪڏهن اها قضا ڪندو تہ اها قضا نہ چئبي، بلڪ نفل چئبو ۽ نفل سنت جي نيت سان پڙهڻ جائز آهي. البتہ جيڪڏهن فرض سان گڏ رهجي وئي آهي تہ اها فرض جي تابع ڪري قضا ڪبي يا نہ؟ ان ۾ مشائخ جو اختلاف آهي. ۽ اصح هي آهي تہ فجر جي سنت کان سواءِ ٻيون سنتون قضا نہ ڪبيون، ڇو تہ شريعت ۾ اهي مشروع نہ ٿيون آهن. اتان معلوم ٿيو تہ انهن جي قضا بدعت آهي ۽ بدعت سنت جي ضد آهي ۽ جڏهن بدعت ۽ سنت مختلف جهتن جي اعتبار سان هڪ شيءِ ۾ گڏ ٿين تہ ان شيءِ جو ڇڏڻ واجب آهي، ڇو تہ سنت کي ادا ڪرڻ سنت آهي ۽ بدعت کي ڇڏڻ واجب آهي ۽ واجب سنت کان مقدم آهي. ان جي هوندي جيڪڏهن قضا ڪندو تہ انهن کي نفل چئبو نہ سنت.

غنية المتملي شرح منية المصليءَ ۾ آهي تہ تراويح نماز جي قضا نفل مستحب آهي، پر ان کي تراويح نہ چئبو بلڪ نفل چئبو.

هتي هڪ اشڪال پيدا ٿئي ٿو تہ فقهاءِ وٽ قضا ان جي هوندي آهي، جيڪا ذمي تي لازم هجي، جيئن الله تعالىٰ جي طرفان مقرر ڪيل واجب يا پاس پاسڻ جي ڪري لازم ٿيل ڪم يا شروع ڪرڻ جي ڪري لازم ٿيل ڪم ۽ فجر جي سنت هڪ قول جي مطابق واجب آهي ۽ هڪ قول جي مطابق سنت. پهرين قول جي مطابق وقت کان پوءِ قضا جي قاعدي موجب قضا ڪبي. باقي جيڪي شيون واجب نہ آهن، مثال طور ورد ۽ وظيفا اهي ڪيئن قضا ڪبا؟ ان جو جواب هي آهي تہ قضا ادا جي صفت تي ٿي ٿيندي. جيڪڏهن ادا واجب هوندي تہ ان جي

قضا بہ واجب هوندي. جيڪڏهن ادا، مباح ۽ مستحب هوندي تہ قضا بہ مباح ۽ مستحب هوندي.[70] جيتوڻيڪ مداومت وارن وردن ۽ وظيفن جي قضا مباح ۽ مستحب آهي. بخلاف سنتن جي، جو وقت کان پوءِ انهن جي قضا مباح، غير مستحب آهي، ڇو تہ هي سنت سمجهي قضا ڪري رهيو آهي. فتاويٰ قنيہ ۾ آهي تہ هر مباح فعل جيڪڏهن عوام ڪي سنت جي اعتقاد جي طرف پهچائي تہ مڪروه آهي ۽ فجر جي سنت ان حڪم کان مستثنيٰ آهي،ڇو تہ ليلة التعريس واري حديث سان ان جي قضا ثابت آهي ۽ وڌيڪ تفصيل فقه جي ڪتابن ۾ آهي.

ٽئين صورت سفر جي آهي، سفر ۾ بہ سنت ڇڏڻ جائز آهي ۽ فرض جي اندر قصر واجب آهي ۽ ڪن وٽ سفر ۾ سنتن جو ڇڏڻ بہ واجب آهي. انهن جو چوڻ آهي تہ فرض ۾ قصر جيان هي بہ هڪ الله تعاليٰ جو صدقو آهي ۽ الله تعاليٰ جو صدقو قبول ڪرڻ واجب آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ سنتن جي ڇڏڻ جي اجازت نہ آهي. جمهور وٽ سفر ۾ سنتون نفلن جيان آهن، تنهن ڪري انهن جو پڙهڻ بهتر آهي ۽ ڇڏڻ گناه نہ آهي ۽ ڪن وٽ سنتن جو ڇڏڻ الله تعاليٰ جي طرفان هڪ عطيو آهي ۽ سنتون پڙهڻ الله تعاليٰ جي ان عطيي کان ڦرڻ برابر آهن. جيتوڻيڪ حديث شريف ۾ آهي حضرت حفص بن عاصم کان روايت آهي فرمائي ٿو تہ هڪ ڏينهن مان حضرت عبد الله بن عمر رضي الله عنه سان گڏ سفر ڪيم: حضرت ابن عمر رضي الله عنه رستي ۾ ماڻهن کي ظهر جي نماز پڙهائي. نماز پڙهائي اچي سواريءَ تي ويهي رهيو. ماڻهن کي ڏنائين تہ اهي بيٺا آهن. پڇا ڪيائين تہ هي ڇا ڪري رهيا آهن. مون عرض ڪيو تہ اهي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جون سنتون ۽ نفل پڙهي رهيا آهن. چيائين: جيڪڏهن مون کي نفل پڙهڻا هجن ها تہ پورو فرض پڙهان ها. مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن سان گڏ سفر ڪيو. پاڻ صلى الله عليه وسلم جن سفر ۾ ٻن رڪعتن کان وڌيڪ نہ پڙهندا هئا ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه عمر رضي الله عنه ۽ حضرت عثمان رضي الله عنه پڻ ائين ئي ڪندا هئا. (رواه بخاري و مسلم)

حضرت ابن عمر رضي الله عنه جو مطلب هو تہ نفل نماز کان فرض جو پورائو وڌيڪ پلو آهي. جڏهن فرض ۾ قصر ڪجي ٿو تہ نفل جو ڇڏڻ ان کان وڌيڪ بهتر آهي. هيءَ حديث انهن فقيهن جو دليل آهي، جيڪي سنتن جي ڇڏڻ جا قائل آهن. مولانا نورالدين محمد جو چوڻ آهي تہ ان بابت صحيح قول جمهور جو آهي تہ سنتون پڙهڻ نہ پڙهڻ کان افضل آهن ۽ علامه نوويءَ جو چوڻ آهي تہ فقهاءِ سفر ۾ مطلق نفلن جي استحباب جا قائل آهن. موطا امام مالڪ ۾ خود حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان سفر ۾ سنتن ۽ نفلن جي پڙهڻ بابت روايت آيل آهي ۽ فضيليءَ جو چوڻ آهي تہ مسافر کي سنتن جي ڇڏڻ جو اختيار نہ آهي ۽ علامه هندوانيءَ جو چوڻ آهي تہ منزل تي رهڻ دوران افضل آهي ۽ سفر ڪرڻ جي دوران انهن کي ڇڏڻ افضل آهي. فجر جي سنت ان حڪم کان مستثنيٰ آهي. فجر جي سنت سفر ۾ بہ نہ ڇڏبي.

چاڻن گهرجي تہ جيڪو ورد سفر يا ڪنهن ٻئي عذر جي ڪري فوت ٿي وڃي تہ توڻي جو اهو قضا نہ ڪجي، پوءِ بہ مداومت جو حڪم رکي ٿو هن بابت حديثون ڏس ڏين ٿيون. حضرت ابو موسيٰ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو:

"اذا مرض العبد او سافر كتب له بمثل ما كان صحيحا." (رواه بخاري)

ترجمو: "جڏهن ٻانهو بيمار ٿيندو آهي يا سفر تي نڪرندو آهي (۽ ان جي ڪري معمول وارا عمل ڪري نہ سگهندو آهي) تہ ان لاءِ اهو ئي ثواب لکيو ويندو آهي. جيڪو تندرستي ۽ اقامت جي دوران عمل ڪندو هو."

هن حديث مان ثابت ٿيو ته جيڪڏهن سفر يا بيماريءَ جي ڪري سنتون پڙهي نه ٿو سگهي ته پوءِ به ان کي انهن سنتن جو ثواب ملندو.[71] اهڙيءَ طرح هر نيڪ عمل، جيڪو تندرستي ۾ اقامت جي دوران ڪندو هجي بيماري يا سفر جي ڪري نه ٿو ڪري سگهي ته ان کي انهن نيڪ عملن جو ثواب ملندو رهندو آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ جو پنهنجن ٻانهن تي فضل ۽ ڪرم آهي. ان بابت ٻيون به ڪوڙ حديثون آيل آهن.

هي به ڄاڻڻ گهرجي ته هر عبادت دل جي خوشي ۽ رغبت سان ڪرڻ گهرجي. عبادت ۾ سستي ۽ ٿوتاٿپ نه ڪرڻ گهرجي ۽ الله تعاليٰ وٽ اهو عمل مقبول آهي، جيڪو دل جي خوشي ۽ رغبت سان ڪيو وڃي. حديث شريف ۾ آهي ته بيبي عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"خذوا من الاعمال ما تطيقون فان الله لايمل حتي تملوا." (بخاري و مسلم)

ترجمو: "پنهنجي طاقت آهر عمل ڪيو، ڇو ته الله تعاليٰ تيستائين ملول نه ٿيندو آهي، جيستائين اوهان ملول نه ٿيو."

ملول جو مطلب آهي ٿڪجڻ ۽ عاجز ٿيڻ. ظاهر آهي ته انسان کي ٿڪاوٽ جي وقت ۾ دماغ تي بوجهه جي وقت دل جي خوشي ۽ رغبت نه رهندي. "الله تعاليٰ ملول نه ٿيندو آهي." جو مطلب آهي ته الله تعاليٰ ثواب ۽ اجر ڏيڻ نه ڇڏيندو آهي، تانجو اوهان ٿڪجي اهو عمل ڇڏي نه ڏيو. ملا علي قاري شرح شمائل ترمذيءَ ۾ ائين لکيو آهي. ائين به چيو ويو آهي. الله تعاليٰ توهان جي عملن جا ثواب ختم نٿو ڪري جيستائين توهان اهي عمل ترڪ نٿا ڪريو.

حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

يصل احد كم نشاط فاذا افتر فليقعد (متفق عليه)

ترجمو: اوهين دل جي رغبت تائين نماز پڙهندا رهو جڏهن سستي چڙهي ته ويهي رهو.۽ حضرت جندب بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

اقرؤ القرآن ما ائتلفت عليه قلوبكم عليه فاذا اختلفتم فقوموا (متفق عليه)

ترجمو: جيستائين اوهان جي دل چاهي قرآن مجيد پڙهندا رهو. جڏهن سستي چڙهي ته تلاوت ڇڏي ڏيو. حديث جو مطلب آهي ته دل جي خوشي، رغبت ۽ چستيءَ سان قرآن مجيد جي تلاوت ڪيو ۽ جڏهن دل ملول ۽ سست ٿي وڃي ته تلاوت ڇڏي ڏيو شرح الطيبي ۾ ايئن ئي آيل آهي ۽ مجمع البحار واري جو چوڻ آهي ته دل جي سستيءَ وقت قرآن مجيد پڙهڻ کان نه پڙهڻ بهتر آهي.

والله اعلم بالصواب

فصل پندرهون

هميشہ وضوءَ سان رهڻ جي بيان ۾

شيخ ابو القاسم جنيد بغداديءَ جو چوڻ آهي تہ طريقت جي شرطن مان هڪ شرط وضوءَ تي دوام آهي. يعني هميشہ باوضو رهڻ. ۽ طريقت جي اڪثر مشائخن ان قول جو اتباع ڪيو آهي ۽ وضوءَ تي دوام سان اهڙا فائدا حاصل ٿيا آهن. جيڪي وضوءَ تي دوام نہ ڪرڻ سان حاصل نہ ٿيندا آهن. وضوءَ جي فضيلت ۾ ڪيترين ئي حديثون آيل آهن. هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"الطهور شطر الايمان." (رواه مسلم)

ترجمو: "پاڪائي ايمان جو حصو آهي."

هڪ ٻي حديث ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"من توضا فاحسن الوضوء خرجت خطاياه من جسده حتيٰ تخرج من تحت اظفاره." (بخاري و مسلم)

ترجمو: "جنهن سهڻي طريقي سان وضو ڪيو تہ ان جي جسم مان گناهہ نڪري ويندا تانجو ان جي ننهن جي هيٺان بہ."

حديث شريف ۾ آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"لا يحافظ علي الوضوء الا مؤمن." (رواه احمد وابن ماجه والدارمي)

ترجمو: "مؤمن ئي وضوءَ تي هميشگي ڪندو آهي."

اهڙيءَ طرح الطهور نصف الايمان پاڪائي اڌ ايمان آهي.

ان ڪان سواءِ وضوءَ جي فضيلت بابت ڪوڙ حديثون آيل آهن.[72]

صحيح حديثن مان ثابت آهي تہ رسول الله ﷺ جن قيامت جي ڏينهن حوض ڪوثر تي پنهنجي امت کي وضوءَ جي نشانين سان سڃاڻندا. جو وضوءَ جي ڪري هن امت جي ماڻهن جا وضوءَ وارا عضوا چمڪندڙ هوندا ۽ ٻين امتن جا عضوا ائين چمڪندڙ نہ هوندا.

اي حق ۽ سچ جا طالب! توکي معلوم هئڻ گهرجي تہ ظاهري پاڪائي هڪ اهڙو نور آهي، جنهن سان اندر پاڪ ٿيندو آهي. پوءِ ان پاڪائيءَ تي مداومت ڪرڻ جي ڪري ظاهر ۽ اندر ۾ وڏو تاثير پيدا ٿيندو آهي. مشائخ طريقت جو چوڻ آهي تہ ان بابت دليل ڏيڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. هر فرمانبردار مؤمن پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي سان اها ڳالهہ معلوم ڪري سگهي ٿو.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جنهن شخص وضوءَ تي ننڊ ڪئي جيستائين اهو ننڊ ۾ آهي تيستائين ان جو وضو برقرار رهندو. وضوءَ ۾ ننڊ ڪرڻ جي قوي فضيلت آيل آهي ۽ وضوءَ ۾ ننڊ ڪرڻ جي ڪري ان جي دوام وارو

سلسلو بہ منقطع نہ ٿيندو بلڪ اهو ننڊ ۾ برقرار رهندو هڪ حديث شريف ۾ باوضو ننڊ ڪرڻ جي فضيلت هن ريت بيان ڪئي وئي آهي.

"اذا اويت الي فراشک فتوضا وضوءک للصلوٰة فان مت من ليلتک مت علي الفطرة وان اصبحت اصبحت خيرا."

ترجمو: "جڏهن تون بستري تي ليٽين تہ نماز وارو وضو ڪر. پوءِ جيڪڏهن تون ان رات مري وئين تہ (اسلام واري) فطرت تي مرندين ۽ جيڪڏهن تون صبح ڪئي تہ ڀلائي تي صبح ڪندين."

ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪڏهن بي وضو ٿي پيو ۽ ان وٽ پاڻي ميسر نہ آهي تہ پوءِ تيمم ڪري تہ جيئن دوام وارو حڪم برقرار رهي. حديث شريف ۾ آهي حضرت نافع رحمة الله عليه فرمائي ٿو تہ هڪ ڏينهن مان حضرت ابن عمر رضي الله عنهما جي خدمت ۾ هيس پاڻ ان ڏينهن هيءَ حديث بيان فرمايائون تہ هڪ مرد گهٽيءَ ۾ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن سان ملاقات ڪئي. پاڻ صلى الله عليه وسلم جن قضا حاجت پوري ڪري نڪتا اچي رهيا هئا. ان شخص سلام ڏنو. رسول الله صلى الله عليه وسلم جن ان کي سلام جو جواب نہ ڏنو هو ۽ گهٽيءَ ۾ وڃڻ وارو هو تہ پاڻ صلى الله عليه وسلم جن تيمم ڪري ان کي سلام جو جواب ڏنو ۽ ان کي فرمايائون تہ مان توکي سلام جو جواب ان جي ڪري نہ ڏنو جومان بي وضو هيس. (رواه ابوداؤد واحمد)

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي حضرت ابو الجهيم بن حارث رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ منهنجو رسول الله صلى الله عليه وسلم جن وٽان گذر ٿيو. پاڻ صلى الله عليه وسلم جن پيشاب ڪري رهيا هئا. مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن تي سلام ڪيو. پاڻ صلى الله عليه وسلم جن سلام جو جواب نہ ڏنو ۽ تيمم ڪري پوءِ سلام جو جواب ڏنائون. (رواه في شرح السنة)

منية المصلي ۾ جيڪو مذڪور آهي تہ پاڻيءَ جي موجودگيءَ ۾ تيمم جو ڪو بہ فائدو نہ آهي. اهو انهن شين بابت آهي. جيڪي بنا وضوءَ جي جائز نہ هجن باقي جيڪي شيون بنا وضوءَ جي جائز آهن. انهن لاءِ پاڻي هوندي تيمم فائديمند آهي.

فتاويٰ برهنه ۾ آهي تہ جيڪڏهن ڪوئي شخص سمهڻ جي وقت وضو نہ ٿو ڪري تہ بي وضو ننڊ ڪرڻ کان تيمم ڪري ننڊ ڪرڻ بهتر آهي ۽ جيڪي بزرگ وضوءَ تي مداومت ڪندا آهن ان لاءِ هو وڏي ڪوشش ۽ جدوجهد ڪندا آهن.

حضرت سفيان ثوري بابت منقول آهي تہ هو ڏينهن ۽ رات ۾ سٺ ڀيرا پاڪائي ڪندو هو ۽ ابراهيم خواص بابت منقول آهي تہ هو ڏينهن ۽ رات ۾ سٺ ڀيرا غسل ڪندو هو تانجو ان جي وفات بہ پاڻيءَ ۾ ٿي. [73]

ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن بہ وضو ڪجي تہ مطلق نفل جي نيت سان ٻہ رڪعتون نماز پڙهڻ گهرجي. "تحية الوضوءِ" ۽ "شڪر الوضوءِ" جي نيت نہ ڪجي، پر مڪروھ وقت ۾ نماز نہ پڙهڻ گهرجي. ڄاڻڻ گهرجي تہ وضو نماز جو وسيلو آهي ۽ نماز وضوءَ جو وسيلو نہ آهي، بلڪ نماز اصل ۽ مقصود آهي. پوءِ انهن ٻن رڪعتن کي "تحية الوضوءِ" يا شڪر الوضوءِ ڪيئن چئي سگهجي ٿو ڇو تہ تحية بمعنيٰ تعظيم ڏيڻ جي آهي ۽ شڪر جي معنيٰ آهي منعم يعني انعام ڪندڙ جي انعام ڪرڻ جي ڪري تعظيم ڪرڻ ۽ نماز اصل مقصد ۽ ان جي ذات مقصود آهي. وضو نماز جي طفيل آهي ۽نماز لاءِ وسيلو آهي. وسيلي جي تعظيم ۽ ان جو شڪر نہ ٿيندو آهي تنهن ڪري "تحية الوضوءِ" يا "شڪر الوضوءِ" جي نيت نہ ڪبي بلڪ مطلق نفل جي نيت ڪبي. شيخ عبدالحق مشڪوٰة جي شرح ۾ بہ اها ئي ڳالهہ ڪئي آهي البتہ "تحية المسجد" ۽ "شڪر الاسلام" جي نيت سان نفل پڙهڻ جائز آهن ۽ اهي مشروع آهن. هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ ٻہ رڪعتون تحية المسجد ۽ ٻہ رڪعتون طواف جي نماز جي نيت سان پڙهڻ جي وڏي فضيلت آيل آهي. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ دفعي رسول الله صلى الله عليه وسلم

جن حضرت بلال رضي الله عنه کي صبح جي نماز کان پوءِ فرمايو: اي بلال! تون اسلام ۾ ڪھڙو نيڪ عمل ڪيو آھي، جو جنت ۾ مان پنھنجي آڏو تنھنجي جتين جو آواز ٻڌو آھي. بلال, عرض ڪيو: مان ھي عمل ڪيو آھي جو جڏھن بہ مان وضو ڪندو آھيان پوءِ ڏينھن ھجي يا رات وضوءَ کان پوءِ نماز پڙھندو آھيان. (رواہ بخاري و مسلم)

حضرت عقبہ بن عامر رضي الله عنه کان روايت آھي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

"ما من مسلم يتوضا فيحسن الوضوءَ ثم يقوم فيصلي رکعتين مقبلا عليھا بقلبه ووجھه الا وجبت له الجنة." (رواہ مسلم)

ترجمو: "جڏھن مسلمان سھڻي طرح وضو ڪري ۽ ٻہ رڪعتون نماز دل جي خشوع خضوع سان پڙھندو آھي تہ الله تعاليٰ ان جي لاءِ جنت واجب ڪري ڇڏيندو آھي."

ھڪ ٻي حديث شريف ۾ آھي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: جنھن وضو ساري ٻہ رڪعتون نماز پڙھي ۽ ان ۾ وسوسا وغيرہ نہ ڪيائين تہ ان جا اڳيان سڀ گناھ معاف ٿي ويندا. (رواہ بخاري و مسلم)

ھي بہ ڄاڻڻ گھرجي تہ تجديد وضو يعني وضوءَ مٿان وضو ڪرڻ جا بہ ڪيترائي فائدا آھن. حديث شريف ۾ آھي:

"الوضوءَ علي الوضوءِ نور عليٰ نور."

ترجمو: "وضوءَ مٿان وضو ڪرڻ نور عليٰ نور آھي."

ھيءَ حديث عوام ۽ خواص ۾ مشھور آھي. البتہ مجمع البحار واري جو چوڻ آھي تہ مون حديث جي ڪتابن ۾ انھن لفظن سان ڪا حديث نہ ڏٺي آھي.

بھرحال ان جو مطلب ھي آھي تہ وضوءَ مٿان وضو ڪرڻ، ۽ وضوءَ تي دوام ڪرڻ جي ڪري وضوءَ ڪندڙ جي اندر ۾ نورانيت پيدا ٿيندي آھي. ان نورانيت جي ڪري باطل وھم ختم ٿي ويندا آھن. ۽ ڪن ڪي ان جو مشاھدو ٿيندو آھي، پوءِ جيئن وضو گھڻو ۽ باربار ڪندو ائين ان جو نور بہ وڌندو رھندو.

ھڪ حديث شريف ۾ حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آھي رسول الله جن فرمايو:

"من توضا عليٰ طھر کتب له عشر حسنات." (رواہ ترمذي)

ترجمو: "جنھن پاڪائي (يعني وضوءَ) تي وضو ڪيو ان لاءِ ڏھ نيڪيون لکيون وينديون."

مڪتوبات منيريہ ۾ لکيل آھي تہ خاص طور تي ٽن وقتن کان پوءِ نئين سر وضو ڪرڻ گھرجي. سج اڀرڻ کان پوءِ عصر نماز کان پوءِ ۽ نماز پڙھڻ کان پوءِ جمعي رات نماز پڙھڻ کان پوءِ نئين سر وضو ڪري ٻہ رڪعتون نفل نماز پڙھجي ۽ ان کان پوءِ تسبيح نماز پڙھڻ گھرجي ۽ ان ڪانھ پوءِ نئين سر وضو ڪري ٻہ رڪعتون نفل نماز پڙھجي ۽ دعائون گھرجن ۽ ائين بار بار ڪجي تان تہ جڏھن صبح ويجھي ٿئي تہ غسل ڪجي[74] ۽ الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول رھجي تہ الله تعاليٰ ان کي ظاھري ۽ باطني پاڪيزگيءَ سان نوازيندو ۽ ان کي ظاھري ۽ باطني نجاستن کان پاڪ ڪندو. پر ان کي گھرجي تہ ھو الله تعاليٰ کي پنھنجو نگھبان سمجھي ۽ پنھنجي دل ۾ ظاھري ۽ باطني حياءِ رکي ۽ الله تعاليٰ جي رضا جي خلاف ڪوئي ڪم نہ ڪري ۽ پاڻ تي حياءِ جي پوشاڪ ڍڪي تہ جيئن اھا پوري پاڪيزگي حاصل ٿي سگھي.

قوت القلوب توڙي عوارف المعارف ۾ آهي تہ علماءَ جي هڪ جماعت جو چوڻ آهي تہ ٽيپهري کان پوءِ وضو ڪرڻ مڪروهہ آهي. البتہ مشائخ ۽ صحابہ وٽ جائز آهي ۽ هر وضوءَ کان پوءِ ٻہ رڪعتون نماز پڙهجي. البتہ اهڙي وقت ۾ نماز نہ پڙهجي، جيڪو مڪروهہ وقت آهي. شايد علماءَ جي ان جماعت ان جي ڪري ئي ٽيپهري نماز کان پوءِ وضو ڪرڻ کي مڪروهہ شمار ڪيو آهي شايد عوارف المعارف واري جي اها راءِ آهي. فارسي جي ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ وضو ڪرڻ کان پوءِ بنا ڪنهن عبادت ڪرڻ جي ۽ بنا ڪنهن نماز پڙهڻ جي ٻيهر وضو ڪرڻ مڪروهہ آهي. البتہ صلٰوة مسعودي واري ان جي مڪروهہ هئڻ جي نفي ڪئي آهي. والله اعلم بالصواب

هڪ مجلس ۾ وضوءَ جو تڪرار ڪن وٽ مڪروهہ آهي. ڪن وٽ مڪروهہ نہ آهي ۽ مختار پهريون قول آهي. حموي جي شرح اشباه ۾ ايئن آهي.

وضوءَ ڪري ٻہ رڪعتون نماز پڙهڻ کان پوءِ دل جي حضور سان دعائون گهرڻ گهرجن. هي ٻہ ڄاڻڻ گهرجي تہ وضوءَ کان پوءِ ٻہ رڪعتون هڪ ئي نفل سان ڪافي آهن. ٻن نفلن سان چار رڪعتون پڙهڻ ضروري نہ آهن. وضوءَ کان پوءِ سورة القدر جو پڙهڻ پڻ سلف صالحين کان مروي آهي ۽ فضائل اعمال ۾ ضعيف ڳالهين تي عمل ڪرڻ جائز آهي. اهڙي وضاحت غنية المتملي ۾ ملي ٿي. حديث جي ڄاڻن وٽ پڻ ضعيف حديثن ۾ آيل فضائل اعمال جي صراحت ملي ٿي، جيئن سيوطي اهڙي وضاحت ڪري ٿو.(والله اعلم بالصواب)

فصل سورهون

طريقت جي وڏن رڪنن مان هڪ اهم رڪن پنج ئي نمازون جماعت سان پڙهڻ ۽ ڪثرت نوافل جي بيان ۾

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا! توکي معلوم هئڻ گهرجي ته حديث شريف ۾ آهي :

"صلوٰة الجماعة تفضل صلوٰة الفذ اي المنفرد بسبع وعشرين درجة."

ترجمو: "جماعت سان نماز پڙهڻ اڪيلي نماز پڙهڻ کان ستاويهه درجا وڌيڪ فضيلت واري آهي."

هي به ڄاڻڻ گهرجي ته مسجد جي فضيلت،جماعت جي قلت ۽ ڪثرت ۽ امام جي تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي ڪري وڌي ويندي آهي. حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو:

صَلَاةُ الرَّجُلِ فِيْ بَيْتِهٖ بِصَلَاةٍ وَصَلَاتُهٗ فِيْ مَسْجِدِ الْقَبَائِلِ بِخَمْسٍ وَعِشْرِيْنَ صَلَاةً وَصَلَاتُهٗ فِي الْمَسْجِدِ الَّذِی يُجَمَّعُ فِيْهِ بِخَمْسِ مِائَةِ صَلَاةٍ وَصَلَاتُهٗ فِي الْمَسْجِدِ الْاَقْصٰى بِخَمْسِيْنَ اَلْفِ صَلَاةٍ وَصَلَاتُهٗ فِيْ مَسْجِدِی بِخَمْسِيْنَ اَلْفِ صَلَاةٍ وَصَلَاةٌ[75] فِي الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ بِمِائَةِ اَلْفِ صَلَاةٍ (رواه ابن ماجه)

ترجمو: "ماڻهوءَ جي پنهنجي گهر ۾ نماز پڙهڻ کان محلي جي مسجد ۾ نماز پڙهڻ پنجويهه ڀيرا وڌيڪ آهي ۽ جامع مسجد ۾ نماز پڙهڻ محلي جي مسجد ۾ نماز پڙهڻ کان پنج سؤ ڀيرا وڌيڪ آهي ۽ مسجد اقصيٰ ۾ پنجاهه هزار ڀيرا وڌيڪ آهي ۽ مسجد الحرام ۾ نماز پڙهڻ هڪ لک ڀيرا وڌيڪ آهي."

اشباه و نظائر ۾ آهي ته حرمت ۽ تعظيم جي لحاظ کان سڀ کان وڏي مسجد مسجد الحرام آهي، ان کان پوءِ مسجد نبوي ان کان پوءِ بيت المقدس واري مسجد، پوءِ جامع مسجد پوءِ محلي واري مسجد پوءِ رستي تي مسافرن لاءِ ٺهيل مسجد ان کان پوءِ گهر ۾ ٺهيل مسجد جي فضيلت آهي. نماز جي فضيلت به ان اعتبار سان آهي."

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو:

مَنْ تَوَضَّاَ فَاَحْسَنَ وُضُوْءَ ثُمَّ رَاحَ فَوَجَدَ النَّاسَ قَدْ صَلَّوْا اَعْطَاهُ اللهُ جَلَّ وَعَزَّ مِثْلَ اَجْرِ مَنْ صَلَّاهَا وَحَضَرَهَا لَا يَنْقُصُ ذٰلِكَ مِنْ اَجْرِهِمْ شَيْئًا. (رواه ابو داؤد)

ترجمو: "جنهن سهڻي طريقي سان وضو ڪيو ۽ مسجد جي طرف آيو ته ماڻهو نماز پڙهي چڪا هئا، الله تعاليٰ هن کي به انهن جيترو اجر ڏيندو ۽ انهن جي اجر مان به نه گهٽائيندو."

جڏهن ان کي مسجد ۾ وڃڻ جي ڪري ئي ثواب ملي ٿو ته جيڪو شخص مسجد ۾ وڃي جماعت سان نماز پڙهندو ان کي بطريق اوليٰ ثواب ملندو. ڪن حديثن ۾ جماعت جو ثواب اڪيلي نماز کان ستاويهه درجا وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي. ڪن حديثن ۾ پنجويهه درجا بيان ٿيل آهي ۽ ڪن ۾ ستاويهن کان به وڌيڪ بيان ڪيو ويو آهي. اهو فرق جماعت جي قلت ۽ ڪثرت جي ڪري آهي. امام جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ فضيلت جي ڪري به جماعت جو ثواب وڌي ويندو آهي. پوءِ امامت جي لاءِ سڀ کان بهتر عالم ۽ ان کان پوءِ قاري آهي ۽ ڪن وٽ ان جي ابتڙ آهي. وڌيڪ تحقيق فقه جي ڪتابن ۾ آيل آهي.

هي به ڄاڻڻ گهرجي ته امام احمد بن حنبل ۽ امام داؤد ۽ امام ابوداؤد ۽ عطا ۽ انهن جي پوئلڳن وٽ جماعت فرض عين آهي. جيڪڏهن بغير عذر جي جماعت ۾ شريڪ نه ٿيو ته ان جي نماز ئي نه ٿيندي. ۽ شافعي مسلڪ جا ظاهري نصوص ڏس ڏين ٿا ته انهن وٽ جماعت فرض ڪفايه آهي ۽ امام محمد مبسوط ۾ لکيو آهي ته جماعت سنت مؤڪده آهي ۽ شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي ته احناف وٽ جماعت سنت مؤڪده واجب جي حڪم ۾ آهي. غنية المتملي ۾ آهي ته اسان جي اڪثر مشائخ وٽ واجب آهي ۽ امام محمد جيڪو لکيو آهي ته سنت مؤڪده آهي ان جي تاويل هيءَ آهي ته جماعت واجب آهي ۽ ان جو وجوب سنت مان ثابت يعني ان جو وجوب حديث مان ثابت آهي. جيئن ته امام محمد عيدين جي نماز کي سنت قرار ڏنو آهي، پر ان مان ان جي مراد به واجب آهي ۽ سنت مان ثابت آهي.

بهرحال احاديث مان جماعت سان نماز نه پڙهندڙن جي لاءِ سخت وعيد ثابت ٿيل آهن. حديث شريف ۾ آهي حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

مَنْ سَمِعَ الْمُنَادِيَ فَلَمْ يَمْنَعْهُ مِنِ اتِّبَاعِهِ عُذْرٌ قَالُوا وَمَا الْعُذْرُ قَالَ خَوْفٌ أَوْ مَرَضٌ لَمْ تُقْبَلْ مِنْهُ الصَّلَاةُ الَّتِي صَلَّى (رواه ابوداؤد)

ترجمو: "جنهن بانگي جو سڏ ٻڌو (اذان ٻڌي) پوءِ بنا ڪنهن عذر جي ان جو سڏ نه ورنايائين (جماعت سان گڏ نماز نه پڙهيائين) الله تعاليٰ ان جي (اڪيلي) سر پڙهيل نماز قبول نه ڪندو. صحابه ڪرام عرض ڪيو: عذر ڇا آهي پاڻ صلي الله عليه وسلم فرمايو: "خوف يا بيماري."

اهڙي طرح ٻيون ڪيتريون ئي حديثون جماعت جي وجوب تي ڏس ڏين ٿيون. هي به ڄاڻڻ گهرجي ته پنجن نمازن کان پوءِ جيڪي ورد ۽ وظيفا منقول آهن. تنهي امامن وٽ اهي فرض ۽ سنت جي وچ تي پڙهي سگهجن ٿا. يعني فرض ۽ سنت جي درميان انهن وٽ ايترو فاصلو ڪرڻ جائز آهي ۽ امام شمس الائمه حلوائي جو پڻ اهو ئي چوڻ آهي. البته جمهور احناف وٽ فرض نماز پڙهڻ کان پوءِ اللهم انت السلام...[76] الخ کان وڌيڪ دعائون پڙهڻ ۽ فرض واري جڳهه تي ويهڻ سنت پڙهڻ کان پهريان مڪروهه آهن. ڇو ته فرض کان پوءِ تڪڙ ۾ سنت پڙهڻ مسنون آهي. فريق اول جو دليل اهي سڀ حديثون آهن، جن ۾ گهر ۾ نفل ۽ سنت پڙهڻ جي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي ۽ اهي حديث جي ڪتابن ۾ مذڪور آهن. انهن مان هڪ حديث هيءَ به آهي:

حضرت ارزق بن قيس فرمائي ٿو ته هڪ ڏينهن اسان کي ابو رمثه رضي الله عنه نماز پڙهائي. نماز پڙهائڻ کان پوءِ فرمايائين ته هڪ ڏينهن مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان گڏ نماز پڙهي، حضرت ابو بڪر رضي الله عنه ۽ حضرت عمر رضي الله عنه به پهرين صف ۾ ساڄي پاسي کان موجود هئا. هڪ شخص پويان اچي نماز ۾ شريڪ ٿيو پاڻ صلي الله عليه وسلم جن نماز

پڑهائي، پاڻ ﷺ جن سلام جي وقت پنهنجا ڳل (مبارڪ) ايترا ڦيرايا جو اسين انهن جي اڇاڻ ڏسي رهيا هئاسين، نماز کان پوءِ اهو شخص اٿي ٻه رڪعتون (سنت) پڙهڻ لڳو ته حضرت عمر رضي الله عنه اٿي انهن جي ڪلهن کي لوڏيندي چيو: ويهي رهه ڇو ته اهل ڪتاب (يهودي ۽ نصاريٰ) ان جي ڪري هلاڪت جي واديءَ ۾ ڪريا جو اهي نمازن (فرض ۽ سنت جي درميان) فرق (فاصلو) نه ڪندا هئا. رسول الله ﷺ جن نظر مبارڪ مٿي ڪري فرمايو: اي عمر رضي الله عنه تون سچ چيو (رواه ابوداؤد)

حضرت عبدالرحمٰن ابن غنم کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: جنهن سانجهي ۽ صبح جي نماز کان پوءِ پنهنجي جڳهه تان اٿڻ کان پهريان ۽ پير موڙڻ کان پهريان (يعني التحيات واري صورت ۾ ويهڻ وقت هي ڪلما ڏهه ڀيرا پڙهيا.

"لااِلٰه الاالله وحده لاشريک له له الملک وله الحمد بيده الخير يحيي ويميت وهو عليٰ کل شي قدير"

ترجمو: "الله کان سواءِ ڪو معبود نه آهي. اهو اڪيلو آهي. ان جو ڪو شريڪ نه آهي. ان لاءِ بادشاهي آهي. سڀ تعريفون ان لاءِ آهن. ان جي هٿ ۾ ڀلائي آهي. اهو ئي جيارينڌڙ ۽ مارينڌڙ آهي. ۽ اهو هر شيءِ تي قدرت وارو آهي."

ته ان جي هر هڪ (لفظ) جي بدلي ۾ ڏهه نيڪيون لکيون وينديون ۽ ڏهه گناهه معاف ڪيا ويندا ۽ ڏهه درجا بلند ڪيا ويندا. هي جملا ان لاءِ هر برائيءَ ۽ شيطان مردود کان امن هوندا ۽ ان کي شرڪ کان سواءِ ٻيو ڪوبه گناهه هلاڪ ڪري نه سگهندو ۽ انهن جو چوندڙ عمل جي اعتبار کان سيني ماڻهن کان بهتر هوندو سواءِ ان شخص جي جيڪو ان کان وڌيڪ عمل ڪندو (يعني جيڪو شخص ان کان وڌيڪ ڀيرا اهي ڪلما چوندو، هي ان کان افضل نه هوندو) رواه احمد ۽ ترمذيءَ ٻه حضرت ابو ذر رضه کان ايئن ئي روايت ڪيو آهي "الاالشرک" تائين، ۽ ان مغرب نماز جو ذڪرنه ڪيو آهي ۽ "ولا بيده الخير" جو ذڪر ٻه نه ڪيو اٿائين ۽ ان کي حديث صحيح غريب قرار ڏنو اٿائين. ۽ حصن حصين، نسائي، ابن حبان، معجم طبراني، احمد کان "عشر مرات" تائين آندي آهي اٿڻ کان پهريان جا لفظ صرف احمد جا آهن. "ولم بحل لذنب ان يدرکه" جو مطلب آهي ته الله تعاليٰ ان جا دنيا ۾ عيب ڍڪيندو سواءِ شرڪ جي. ۽ هڪ روايت ۾ "ولم يبلغ" جي جڳهه تي "لم يحل" آيل آهي. شيخ عبدالحق جو ٻه اهو ئي چوڻ آهي.

هي ٻه ڄاڻڻ گهرجي ته "لااِلٰه الا الله وحده لاشريک له له الملک وله الحمد وهو عليٰ کل شي قدير" جو ورد گهڻن جڳهن تي آيل آهي ۽ ڪن جڳهن تي "وله الحمد" کان پوءِ "يحيي ويميت" جا لفظ ٻه آيل آهن. ۽ ڪٿي "بيدک الخير" جا الفاظ ٻه آيل آهن[77] ۽ حضرت عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: جنهن شخص بازار ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ هي الفاظ چيا:

"لا الٰه الا الله وحده لاشريک لہ لہ الملک ولہ الحمد يحيي ويميت وهو حي لايموت بيده الخير وهو عليٰ کل شي قدير"

ترجمو: "اڪيلي الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نه آهي. ان جو ڪو ئي ڀائيوار نه آهي سڀ تعريفون ان لاءِ ئي آهن. اهو ئي جيارينڌڙ ۽ مارينڌڙ آهي ۽ اهو زنده آهي ڪڏهن ٻه ان تي موت نه ايندو ان جي هٿ ۾ ئي ڀلائي آهي ۽ اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي."

مٿئين حديث مان ثابت ٿيو ته اها دعا فجر ۽ مغرب جي نماز کان پوءِ پڙهڻي آهي ۽ ٻيون حديثون پڻ

فرض کان پوءِ ورد پڙهڻ تي ڏس ڏين ٿيون ۽ ان کان منع نہ آئي آهي. فرض نماز کان پوءِ ورد پڙهڻ کان منع ڪرڻ اجتهاد ئي چئبو حديث نہ چئبي. باقي حضرت عائشه رضي الله عنها جي روايت ۾ جيڪو آيل آهي تہ پاڻ ﷺ جن سلام ڦيرڻ کان پوءِ ايترو وقت ويهندا هئا. جيتري وقت ۾ هي دعا پڙهي سگهجي:

"اللهم انت السلام ومنک السلام تبارکت يا ذالجلال والاکرام."

ترجمو: "اي الله! تون سلامتيءَ وارو آهين ۽ توکان ئي سلامتي آهي. اي جلال ۽ بزرگيءَ وارا الله! تون برڪت وارو آهين."

ڪن حديثن مان ان کان وڌيڪ الفاظ بہ آيل آهن ۽ هيءَ حديث صرف خبر تي ڏس ڏئي ٿي. نهيءَ تي ڏس نہ ٿي ڏئي ۽ هن حديث ۾ پاڻ ﷺ جن جو فعل مذڪور آهي. جن حديثن ۾ وردن جو پڙهڻ منقول آهي، اهي قولي حديثون آهن. اصول فقه وارن جو قانون آهي تہ جڏهن قول ۽ فعل ۾ تعارض واقع ٿيندو تہ ترجيح قول کي ڏبي، نہ فعل کي ۽ جمهوراحناف جو چوڻ آهي تہ سنتون فرائض جو تتمه ۽ فرائض کي مڪمل ڪندڙ آهن، جيئن تي پيرا وضوءَ وارا عضوا ڌوئڻ وضوءَ جي تڪميل جي لاءِ آهي ۽ حديث شريف ۾ آهي حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

اول ما يحاسب به العبد يوم القيامة من عمله صلواته فان صلحت فقد افلح وانجح وان فسدت فقد خاب وخسر فان انتقض من فريضته شيء قال الرب تبارک و تعاليٰ انظروا هل لعبدي من تطوع فيکمل بها ما انتقص من الفريضة؟ ثم يکون سائر اعمال عليٰ ذالک وفي رواية ثم الزکوٰة مثل ذالک ثم تؤخذ الاعمال عليٰ حسب ذالک (رواه ابوداؤد)

ترجمو: "قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان نماز بابت پڇاڻو ٿيندو. جنهن جي نماز صحيح نڪتي اهو ڪامياب ۽ ڇوٽڪاري وارو ٿيو ۽ جنهن جي نماز صحيح نہ نڪتي، اهو خساري ۽ ٽوٽي وارو ٿيو. پوءِ جيڪڏهن ان جي فرضي نمازن ۾ نقص ٿيو تہ الله تعاليٰ جي حڪم سان ان جو پورائو نفلي نمازن سان ڪيو ويندو. ان کان پوءِ سيني عملن بابت ان ريت پڇا ٿيندي ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ نماز کان پوءِ زڪوٰة جو بہ ائين ئي پڇاڻو ٿيندو. ان کان پوءِ سمورن عملن جو ان ريت پڇاڻو ٿيندو.تنهن ڪري فرض ۽ سنت جي درميان فاصلو ڪرڻ نہ گهرجي. وڌ ۾ وڌ "اللهم انت السلام..." يا ان کان ڪجهہ وڌيڪ. باقي ابورمثه واري حديث ايتري ئي فاصلي جو ڏس ڏئي ٿي. ان کان وڌيڪ جو ڏس نہ ٿي ڏي. اهڙو ڪوبہ دليل نہ آهي. جيڪو ان کان وڌيڪ فاصلي تي ڏس ڏي. تنهن ڪري آية الڪرسي يا ٻيا وظيفا سنتن کان پوءِ پڙهڻ گهرجن. سنتن کان پوءِ پڙهڻ جي ڪري انهن جي بعديت ختم نہ ٿيندي،چو تہ سنتون بہ فرضن سان ملحق آهن ۽ ملحق شيءِ جو ڪن احڪامن ۾ ان جو جز هوندو آهي.

بعديت ٻن قسمن جي آهي: هڪ متصلي ۽ ٻي منفصلي. متصلي چئبو آهي جو ان جي درميان ڪنهن بہ قسم جو فاصلو نہ هجي. ۽ منفصلي چئبو آهي، جو ان ۾ ڪجهہ فاصلو هجي. پوءِ سنت ملحق بفرض آهن. تنهنڪري ان جي مناسب بعديت متصلي آهي تہ جيئن فرض ۽ سنت جي درميان ڪو فاصلو نہ ٿئي ۽ جيڪڏهن ان کي بعديت منفصلي چئجي تہ بہ صحيح آهي،چو تہ مطلق بعد تہ مراد آهي، پر شرط آهي تہ ان جي درميان گهڻو فاصلو نہ هجي. [78]

حديث شريف ۾ جيڪو آيو آهي تہ مغرب جي نماز کان پوءِ پنهنجي جڳهہ تي اٿڻ کان پهريان ڏهہ پيرا "لا الٰه الا الله وحده لا شريک له" پڙهڻ گهرجي. اهو ٻين حديثن جي ابتڙ آهي، جيئن حضرت مڪحول رحمه الله

کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن شخص مغرب نماز کان پوءِ ڪلام ڪان پهريان ٻہ رڪعتون ۽ هڪ روايت آهي تہ چار رڪعتون پڙهيون تہ عليين ۾ لکيون وينديون. هڪ ٻي حديث شريف ۾ حضرت حذيفه رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: مغرب جي نماز کان پوءِ ٻن رڪعتن جي پڙهڻ ۾ تڪڙ ڪيو، ڇو تہ اهي فرضي نماز سان گڏ مٿي کنيون وينديون آهن. (رواه رزين)

تنهن ڪري مٿيان ڪلمه سنت کان پوءِ پڙهڻ گهرجن ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ ان ئي هيئت تي پڙهڻ گهرجن، جيڪا هيئت شارع بيان ڪئي آهي، ڇو تہ ان ۾ ئي فضيلت آهي. اگرچہ اسان کي ان جي پوري حقيقت معلوم ٿي نہ سگهي، تنهن ڪري جيئن حديث ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ فرض نماز کان پوءِ التحيات واري هيئت ۾ اهي ڪلما ڏهہ ڀيرا پڙهڻ گهرجن. ائين ئي پڙهڻ گهرجن نہ ڪہ سنت کان پوءِ. پوءِ جيڪڏهن فجر جي نماز ۾ يا مغرب جي نماز ۾ هي امام آهي تہ ان ۾ اهي دعائون پڙهي. پوءِ پنهي قيرڻ گهرجي. اڳ ۾ پني نہ قيري، بلڪ التحيات واري هيئت ۾ اهي دعائون پڙهي.

شيخ نورالدين جي ڪتاب "تجلية القلوب عن سواءِ الذنوب" ۾ لکيل آهي تہ جمعي جي نماز کان پوءِ التحيات واري هيئت ۾ ست ڀيرا بسم الله سان گڏ اهڙيءَ طرح جو الرحيم جي ميم کي الحمد جي لام سان ملائجي ۽ الحمد جي همزه کي ساقط ڪجي. ان طريقي سان ست ڀيرا پورا ڪجن. اهڙيءَ طرح سورة اخلاص ست ڀيرا بسم الله سان گڏ پڙهجي. ۽ ان کان پوءِ بسم الله سميت معوذتين کي ست ڀيرا پڙهجي ۽ ان کان پوءِ هيءَ دعا پڙهجي:

"اللهم يا غني يا حميد يا مبدئ يا معيد يا رحيم يا ودود اغنني بحلالک عن حرامک وبطاعتک عن معصيتک وبفضلک عمن سواک."

ترجمو: "اي منهنجا رب! اي بي پرواهہ! اي ساراهيل! اي نئين سر پيدا ڪندڙ! اي موٽائيندڙ! اي مهربان! اي گهڻي محبت ڪندڙ! مون کي پنهنجي حلال جي ذريعي حرام کان بچاءِ ۽ پنهنجي طاعت جي ذريعي نافرمانيءَ کان بچاءِ."

هن وظيفي جي برڪت جي ڪري الله تعاليٰ ايندڙ جمعي تائين ان کي هر شر ۽ شيطان کان پناهہ ۾ رکندو ۽ ان کي اهڙي جڳهہ تان رزق عطا ڪندو، جتان هن جو گمان بہ نہ هوندو ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ وردن بابت مٿيون اختلاف امام جي باري ۾ آهي. مقتدي ۽ منفرد جي باري ۾ اختلاف نہ آهي. مقتدي ۽ منفرد کي اختيار آهي تہ هو سنتن کان اڳي پڙهي يا پوءِ پڙهي. منية المصلي وارو بہ ان قول جو قائل آهي. البتہ ان جي شارح غنية التملي ان قول کي رد ڪيو آهي ۽ چيو آهي تہ اهو اختلاف امام ۽ مقتدي ٻنهي جي باري ۾ هڪ جهڙو آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ نفلي نمازن مان هڪ نماز تهجد جي نماز آهي. ۽ نص قرآن سان ان جو ثبوت آيل آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ (الاسراء : 79)

ترجمو: "۽ ڪجهہ رات جو ان (قرآن) سان تهجد پڙهہ جو اها تولاءِ زياده عبادت آهي."

تهجد نماز جو ثبوت جيئن تہ سنئون سڌو قرآن مان آهي، تنهن ڪري ان جي منڪر کي ڪافر شمار ڪبو. البتہ ٻين نفلن مثلاً چاشت نماز، تسبيح نماز، استخاره، صلوٰة الحاجات وغيره انهن جو ثبوت خبر واحد جي ذريعي ثابت آهي. تنهن ڪري انهن جي منڪر کي ڪافر نہ چئبو. تهجد نماز پاڻ ﷺ جن تي فرض هئي ۽

امت تي يا تہ فرض ئي نہ هئي يا فرض هئي. بعد ۾ ان جي فرضيت منسوخ ٿي وئي؟ ان ۾ اختلاف آهي. البتہ هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ آخري عمر ۾ پاڻ ﷺ جن تي فرض ٿي هئي. شيخ عبد الحق مشڪواة جي شرح ۾ [79] اها ئي ڳالهہ ذڪر ڪئي آهي.

ان جون رڪعتون ٻن کان ٻارهن تائين آهن. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"اذا ايقظ الرجل اهله من الليل فصليا او صليٰ رڪعتين جميعا ڪتبا في الذاڪرين والذڪرات." (رواه ابوداؤد)

ترجمو: "جڏهن مرد اسر جو پنهنجي گهر واريءَ کي جاڳائي ۽ پوءِ ٻئي تهجد نماز پڙهن يا فرمايائون ٻہ رڪعتون گڏجي پڙهيائون تہ ٻئي الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ وارن ۾انهن ۽ ٻانهين ۾ لکيا ويندا."

اهڙي طرح جن روايتن ۾ آيل آهي تہ صلوٰة اليل پنج رڪعتون آهن. اهو پڻ هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ ٻہ رڪعتون تهجد جون ۽ ٽي رڪعتون وتر جون آهن. البتہ اڪثر روايتون تهجد نماز جو تعداد ٻارهن ٻڌائن ٿيون، جيئن مسلم شريف جي حديث ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن ننڊ يا ڪنهن تڪليف وغيره جي ڪري رات جي نماز نہ پڙهي سگهندا هئا تہ ڏينهن جو ٻارهن رڪعتون قضا ڪندا هئا.

هتان معلوم ٿيو تہ تهجد جون ڪل رڪعتون ٻہ ۽ اڪثر رڪعتون ٻارهن آهن. ۽ حصن حصين واري جو چوڻ آهي تہ تهجد نماز جون گهٽ ۾ گهٽ ٻہ رڪعتون آهن. اڪثر بابت ڪن حديثن ۾ ستن جو تعداد بيان ڪيو ويو آهي ۽ ڪن ۾ تيرنهن جو تعداد بيان ڪيو ويو آهي. پوءِ اسان جي مذهب مطابق ٽي رڪعتون وتر ٿينديون. باقي چار ۽ ٻي صورت ۾ ڏهہ تهجد جون رڪعتون ٿينديون. باقي جيڪو فتاويٰ برهنه واري چيو آهي تہ تهجد جون اٺ رڪعتون هڪ سلام سان آهن، ان ۾ ٻہ خطائون آهن. هڪ تہ ان تهجد نماز کي اٺن رڪعتن ۾ بند ڪيو آهي. حالانڪ ان بابت روايتون مختلف آهن. ۽ ٻيو اٺ رڪعتون هڪ سلام سان پڙهڻ خلاف اوليٰ آهي، ڇو تہ امام ابوحنيفه وٽ ڏينهن ۽ رات جي نفلن ۾ هڪ سلام سان چار رڪعتون پڙهڻ افضل آهن. امام شافعي وٽ ڏينهن ۽ رات جي نفلن ۾ هڪ سلام سان ٻہ رڪعتون پڙهڻ افضل آهن. صاحبين يعني امام ابو يوسف رحمه الله ۽ امام محمد رحمه الله وٽ ڏينهن جي نفلن ۾ چار رڪعتون هڪ سلام سان ۽ رات جي نفلن ۾ ٻہ رڪعتون هڪ سلام سان پڙهڻ افضل آهن. مٿين قول جي ڪري چاٽي واٽي افضليت کي ڇڏيو وڃي ٿو.

تهجد نماز جو وقت ننڊ کان پوءِ آهي ۽ جيڪا نماز ننڊ کان اڳ ۾ پڙهي وڃي، ان کي تهجد نہ چئبو. فتاويٰ برهنه واري ائين چيو آهي ۽ تهجد جو لفظ بہ ان ئي معنيٰ تي ڏس ڏئي ٿو ڇو تہ جهود جي معنيٰ آهي: رات جو سمهڻ ۽ رات جو بيدار ٿيڻ. يعني لغت ۾ من قبيل الاضداد آهي ۽ تهجد نفل جيان آهي. يعني رات جو بتڪلف سمهڻ کي ڇڏي ڏيڻ. تنهن ڪري "ومن اليل فتهجد به" جي معنيٰ ٿيندي تہ يعني رات جي ڪجهہ حصي ۾ نماز لاءِ بتڪلف ننڊ ڇڏي. پوءِ هتي جهود جي معنيٰ ٿيندي رات جو سمهڻ ۽ تهجد جي معنيٰ ٿيندي ننڊ جي وجود کان پوءِ ننڊ ڇڏڻ. "من الليل" جو لفظ پڻ ان تي ڏس ڏئي ٿو ۽ هيءَ ڳالهہ هر هڪ کي معلوم آهي تہ ننڊ ڪرڻ کان پوءِ ننڊ ڇڏڻ ۾ تڪليف هوندي آهي ۽ ننڊ ڇڏيندڙن جي تعريف ۾ الله تعاليٰ جو فرمان هن ريت آهي:

تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّطَمَعًا (سورة السجده: 16)

ترجمو: "سندن پاسان سمهڻ جي هنڌ کان الڳ ٿي پنهنجي پالڻهارکي خوف ۽ اميد سان سڏيندا آهن."

صحيح حديثن مان پڻ اها ئي ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي. ڪٿي بہ اهو ثابت نہ آهي تہ رسول الله ﷺ جن

ڪڏهن ننڊ ڪرڻ کان پهريان تهجد نماز پڙهي آهي. اهڙيءَ طرح تهجد نماز جو وقت عشا نماز کان پوءِ آهي. جيڪا نماز سومهڻي جي نماز کان اڳ ۾ پڙهي وڃي، ان کي تهجد نہ چئبو. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن شخص تهجد جي نيت سان، عشا نماز کان پوءِ، ننڊ کان پوءِ تراويحون پڙهيون تہ ان کي تهجد نماز نہ چئبو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن عشاءِ جي نماز کان پهريان، تهجد جي نيت سان نماز پڙهيائين تہ ان کي تهجد نہ چئبو.

تهجد جو مستحب وقت هي آهي تہ رات جي آخري حصي ۾ وتر کان پهريان تهجد پڙهجي.[80] ان جو مستحب وقت اهوئي آهي. جيڪڏهن ڪنهن شخص وتر کان پوءِ يا رات جي آخري حصي کان اڳ پڙهيون تہ ان مستحب وقت کي ڇڏي ڏنو ۽ رات جي آخري حصي مان بهتر وقت اسر جو وقت آهي ۽ اسر جو سجو وقت شرعي رات جو ٽيون حصو آهي ۽ اهو وقت وڏي برڪت وارو آهي. حديث شريف ۾ آهي، حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ينزل ربنا تبارک و تعاليٰ کل ليلة الي السماءِ الدنيا حين يبقيٰ ثلث الليل الاُخر يقول من يدعوني فاستجيب له من يسئلني فاعطيته من يستغفرني فاغفرله." (بخاري و مسلم)

ترجمو: "هر رات جي آخري ٽهائيءَ ۾ الله تعاليٰ دنيا جي آسمان تي ايندو آهي. (مطلب آهي الله جي رحمت) ۽ فرمائيندو آهي. ڪير آهي، جيڪو مون کي سڏي تہ مان ان جو سڏ ورنايان. ڪير آهي، جيڪو مون کان سوال ڪري تہ مان ان کي عطا ڪيان. ڪير آهي، جيڪو مون کان گناهن جي معافي گهري مان ان کي معاف ڪري ڇڏيان." مسلم جي هڪ روايت ۾ آهي تہ پوءِ پنهنجا هٿ (رحمت جا) ڪشادا ڪندو آهي ۽ فرمائيندو آهي ڪير آهي بي نياز ۽ انصاف ڪندڙ کان گهرندڙ تان تہ صبح ٿيندي آهي يعني اسر کان صبح تائين ائين چوندو رهندو آهي.

(شعر)

هرکہ اندر سحرگہ در ياد حق بيدارنيست
او محبت راچہ داند طالب ديدارنيست

ترجمو: جيڪواسر ويل خدا جي ياد ۾ سجاڳ ناهي، اهو محبت کي ڇا ڄاڻي، دراصل هو ديدار جو طالب ناهي.

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"احب الصلوٰة الي الله صلوٰة داؤد عليه السلام واحب الصيام الي الله صيام داؤد عليه السلام وکان ينام نصف الليل ويقوم ثلثه وينام سدسه ويصوم يوما ويفطر يوما." (رواه بخاري و مسلم)

ترجمو: "الله تعاليٰ کي سيني نمازن مان داؤد عليه السلام جي نماز ۽ سيني روزن مان حضرت داؤد عليه السلام جا روزا پسند آهن. هو اڌ رات تائين ننڊ ڪندو هو. ۽ رات جي ٽئين حصي ۾ اٿي نماز پڙهندو هو. ۽ رات جي ڇهين حصي ۾ ننڊ ڪندو هو ۽ هڪ ڏينهن روزو رکندو هو ۽ هڪ ڏينهن افطار ڪندو هو."

حضرت مسروق رحمة الله عليه کان روايت آهي فرمائي ٿو تہ مون هڪ ڏينهن حضرت عائشه رضي الله عنها کان سوال ڪيو تہ رسول الله جن کي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙو عمل پسند هيو. عائشه رضي الله عنها فرمايو: جنهن تي هميشگي ڪئي وڃي. مون عرض ڪيو تہ جنهن وقت رات جو اٿندا هئا ان وقت ڪهڙو عمل ڪندا هئا؟ فرمايائين تہ پاڻ ﷺ جن ان وقت اٿندا هئا. جڏهن ڪڪڙن جو آواز ٻڌندا هئا. (رواه بخاري و مسلم)

ڪڪڙ مان مراد اهي ڪڪڙ آهن. جيڪي رات جو اڌ رات کان پوءِ ڪن گهرن ۾ آواز ڪندا آهن. ۽ انهن کي مرغ سحري چيو ويندو آهي. هڪ ڏينهن لقمان حڪيم پنهنجي پٽ کي چيو: اي پٽڙا! ڪڪڙ توکان سياڻپ ۾ وڌي نہ وڃي. هو رات جو جاڳائي رهيو آهي ۽ تون ننڊ پيو آهين. ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ انهن جي آواز جو مفهوم هوندو آهي اي غافلو! بيدار ٿيو. ان مخصوص وقت تي الله تعاليٰ جي حڪم سان غافلن کي بيدار ڪندا آهن. نص نبوي پڻ ان ڳالهہ تي ناطق آهي. حضرت زيد بن خالد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

ڪڪڙ کي گاريون نہ ڏيندا ڪريوڇو تہ اهو ننڊ لاءِ اٿاريندو آهي.[81] جيڪو ڪڪڙ رات جي آخري حصي ۾ آواز نہ ڪري ان کي مرغ غافل ۽ مرغ اصم (غافل ۽ ٻوڙو ڪڪڙ) چيو ويندو آهي. ۽ جيڪو ڪڪڙ اڌ رات کان اڳ آواز ڪدي ان کي مرغ نحس (منحوس ڪڪڙ) چيو ويندو آهي. تنهن ڪري فتاويٰ قاضي خان واري جو چوڻ آهي. جيڪڏهن ڪنهن شخص ڪڪڙ خريد ڪيو. ۽ اهو اڌ رات کان اڳ آواز ڪري ٿو تہ اهو بائع کي واپس ڪري، ڇو تہ اهو عيب آهي.

هڪ حديث شريف ۾ آهي. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

"اذا سمعتم صياح الديک فاسئلوا الله من فضله فانها رءت ملکا." (رواه بخاري و مسلم)

ترجمو: "اوهين جڏهن ڪڪڙ جو آواز ٻڌو تہ الله تعاليٰ کان پنهنجي ٻاجهہ جي گهر ڪريو. ڇو تہ اهو (رحمت جا) ملائڪ ڏسندو آهي."

معراج بابت هڪ ڪتاب معراج ڪبير واري لکيو آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايوآهي تہ : معراج واري رات عرش جي پرسان، هڪ تلهو متارو ڪڪڙ ڏٺم. ان کي ٻہ پر هئا. جيڪڏهن اهو انهن پرن کي ڪشادو ڪري ها تہ اندازن اولهہ ۽ اوڀر تائين ڦهلجي وڃن ها. جڏهن رات جو آخري حصو ٿيندو آهي تہ اهو پنهنجا ٻئي پر کوليندو آهي ۽ هڪ ٻئي ۾ هڻندو آهي ۽ چوندو آهي:

"سبحان الملک القدوس الکبير المتعال لا الہ الاالله الحي القيوم انتبهوا ايها الغافلون."

ترجمو: "پاڪ ذات آهي، بادشاهہ آهي، هر عيب کان پاڪ آهي، تمام وڏو بلند ۽ بالا آهي. الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود نہ آهي. اهوئي زنده. قائم رکندڙ آهي. اي غافلو! بيدار ٿيو."

جڏهن دنيا جا ڪڪڙ ان جو آواز ٻڌندا آهن تہ اهي بہ ان جيان آواز ڪندا آهن. ۽ جيترا پيرا هو آواز ڪندو آهي. هي ڪڪڙ بہ ايترا ئي پيرا اهو آواز ڪندا آهن.

هيءَ جيڪا چوڻي آهي تہ "لاصلوٰة بعد الوتر" يعني وتر نماز کان پوءِ ڪائي نماز نہ آهي. ان بابت ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو من گهڙت مقولو آهي. ان جي ڪا بہ حقيقت نہ آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ وتر کان پوءِ پڙهيل نماز ڪامل نہ آهي ۽ فتاويٰ برهنه واري حيرة الفقهاءِ کان آندو آهي تہ وتر کان پوءِ نماز نہ هئڻ وارو قول عوام جو قول آهي، ان جو ڪوبہ اصل نہ آهي. باقي مسلم شريف جي حديث ۾ جيڪو آيل آهي تہ رات جي آخري نماز وتر بڻايو. اهو وتر کان پوءِ نفلن جي عدم جواز تي ڏس نہ ٿو ڏئي. بلڪ اهو امر استحبابي آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪنهن شخص عشاءِ جي سنت يا تراويح نماز يا تهجد نماز وتر کان پوءِ پڙهي تہ اهي نمازون ٿي وينديون. پر ان کي سنت طريقو نہ چئبو بلڪ اهو مسنون طريقي جو ڇڏيندڙ چئبو.

جيڪڏهن ڪنهن شخص ننڊ کان پهريان وتر پڙهيو ۽ بعد ۾ ان کي تهجد نماز پڙهڻ جي توفيق ملي

تہ اهو وتر ٻيهر نہ پڙهندو ڇو تہ وتر جو تڪرار غيرمشروع آهي. حديث شريف ۾ آهي: "لا وترين في ليلة واحدة" يعني هڪ رات ۾ ٻہ وتر نہ پڙهبا. مختار مذهب اهو ئي آهي. البتہ ڪن جو چوڻ آهي تہ وتر موٽائي، پڙهبو باقي وتر ڪان پوءِ نفلن پڙهڻ جي جواز ۾ ڪنهن جو بہ اختلاف نہ آهي. اگرچہ افضل هي آهي تہ وتر ڪي رات جي آخري نماز بڻائجي.

البتہ انهن ٻن رڪعتن بابت اختلاف آهي. جيڪي وتر ڪان پوءِ متصل پڙهيون وينديون آهن. امام ابو حنيفه رحمه الله جو مسلڪ آهي تہ اهي رڪعتون وتر ڪان پوءِ پڙهجن پوءِ ڪٿي وتر منڍ رات ۾ پڙهجي يا اڌ رات ڪان پوءِ پڙهجي. ترمذي شريف جي هڪ حديث ۽ ابن ماجه ۾ ام سلمه رضي الله عنها ڪان آندل روايت ۽ ابن ماجه ۾ حضرت عائشه رضي الله عنها ڪان آندل ۽ ڪي ٻيون روايتون ان جي تائيد ڪن ٿيون. ڇو تہ اهي روايتون مطلق وتر ڪان پوءِ انهن ٻن رڪعتن جي ثبوت تي ڏس ڏين ٿيون. ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ اهي ٻہ رڪعتون وتر سان ملحق آهن.[82]

ڪن جو چوڻ آهي تہ انهن ٻن رڪعتن ڪان پوءِ هڪ ٻي رڪعت جدا پڙهجي، ان ڪي وتر شمار ڪبو پر اهو قول صحيح نہ آهي.

ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص منڍ رات ۾ وتر پڙهيو آهي تہ ان ڪي وتر ڪان پوءِ اهي ٻہ رڪعتون پڙهڻ گهرجن ۽ جيڪڏهن وتر رات جي آخري حصي ۾ پڙهي تو تہ پوءِ اهي ٻہ رڪعتون تهجد نماز ڪان اڳ ۾ پڙهندو، ڇو تہ هي ٻہ رڪعتون تهجد جي فوت ٿيڻ جي خوف ڪان پڙهيون وينديون آهن ۽ جڏهن تهجد پڙهيائين تہ اهي ٻہ رڪعتون بي مقصد تي ويون. جيئن حديث شريف ۾ آهي حضرت ثوبان رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

"ان هذا السهر جهد وثقل فاذا اوتر احدكم فليركع ركعتين فان قام من الليل والا كانتا له."

(رواه دارمي)

ترجمو: "رات جو اٿڻ ڏکيو هوندو آهي. پوءِ جڏهن اوهان مان ڪو وتر پڙهي تہ ان ڪان پوءِ ٻہ رڪعتون پڙهي. جيڪڏهن اهو رات جو (تهجد لاءِ) اٿيو تہ بهتر آهي. جي نہ اٿيو تہ اهي ٻہ رڪعتون ان لاءِ ڪافي هونديون."

ان روايت مطابق ڪن فقيهن لکيو آهي تہ جيڪو شخص علم جي طلب ۾ مشغول آهي، ان لاءِ مستحب آهي تہ اهو وتر ڪان پوءِ اهي ٻہ رڪعتون پڙهي ڇڏي تہ اهي تهجد جي قائم مقام هونديون، ڇو تہ علم ۾ مشغول هئڻ انهن لاءِ قيام الليل ڪان مانع آهي.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن مون ڪي ٽن ڳالهين جي وصيت فرمائي هئي. هڪ هر مهيني ۾ ٽن روزن رکڻ جي، ٻيو چاشت جون ٻہ رڪعتون پڙهڻ جي ۽ ٽيون هن ڳالهہ جي تہ سمهڻ ڪان پهريان وتر پڙهان.(بخاري و مسلم)

ان جو مطلب اهو ٿيو تہ وتر ڪان پوءِ پڙهيل ٻہ رڪعتون قيام الليل جي قائم مقام ٿي وينديون ڇو تہ ابوهريره رضي الله عنه علم حديث جي طلب ۾ مشغول هوندو هو. ڪن جو چيو آهي تہ اهو قيام الليل سان موقوف آهي. يعني جيڪڏهن وتر رات جي آخري حصي ۾ پڙهي تو تہ اهي ٻہ رڪعتون نہ پڙهندو. مسلم شريف جي حديث بہ ان ڳالهہ جو دليل آهي جنهن ۾ آهي: "ثم يصلي ركعتين بعد ما يسلم" يعني وتر جي سلام وراڻڻ ڪان پوءِ ٻہ رڪعتون پڙهندو ۽ شيخ عبدالحق پڻ ان ڳالهہ جو قائل آهي. تنهن ڪري هو اهي ٻہ رڪعتون نہ پڙهندو هو بلڪ

ٻين کي ٻه ان حديث جي ڪري جهليندو هو، جنهن ۾ آهي ته رات جي آخري نماز وتر بڻايو. ان جو چوڻ آهي ته وتر کان پوءِ ٻن رڪعتن واري حديث مون وٽ ثابت نه آهي.

هي ٻه ياد رکڻ گهرجي ته رات جو ايتري عبادت ڪرڻ گهرجي، جيتري ثابت ٿيل آهي، ڇو ته ڪاميابي تابعداريءَ ۾ آهي ۽ سڄي رات جاڳڻ رسول الله ﷺ جن جي اصحابن جي متابعت ۽ تابعداريءَ کان خارج آهي. بلڪ رهبانيت آهي. الله تعاليٰ جو ان بابت فرمان آهي:

وَرَهْبَانِيَّةً ابْتَدَعُوهَا مَا كَتَبْنَاهَا عَلَيْهِمْ (الحديد: 27)

ترجمو: "۽ گوشه نشيني جا پاڻ ئاهي هئائون، سا اسان مٿن فرض نه ڪئي هئي."

الله تعاليٰ جو پنهنجي حبيب ﷺ جن کي فرمان آهي:

يَاأَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ۝ قُمِ اللَّيْلَ إِلَّا قَلِيلًا ۝ نِصْفَهُ أَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيلًا ۝ أَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْآنَ تَرْتِيلًا

(المزمل: 1_4)

ترجمو: "اي (پاڻ تي) ڪپڙي ويڙهڻ وارا! رات جو ڪڙو ٿيءُ پر ٿورو رات جو اڌ يا اڌ رات کان ٿورو گهٽاءِ يا اڌ رات تي وڌاءِ ۽ قرآن ٺاهي پڙهه."

اهو اختيار رسول الله ﷺ جن ۽ سندن امت کي ٻه آهي. ۽ حديث شريف ۾ آهي ته رسول الله ﷺ جن رات جي پهرين حصي ۾ ننڊ ڪندا هئا. ۽ آخري حصي ۾ سجاڳ ٿيندا هئا.[83] تهجد نماز جو ثواب ٻه تڏهن ملندو جڏهن رات جي پهرين حصي ۾ ننڊ ڪجي. پوءِ تهجد جي لاءِ اٿجي، ڇو ته تهجد جو وقت ننڊ کان پوءِ آهي ۽ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ان الدين يسر ولن يشاد الدين احد الا غلبه فسددوا وقاربوا وابشروا واستعينوا بالغدوة والروحة وشيءٌ من الدلجة." (رواه بخاري)

ترجمو: "بيشڪ دين آسان آهي، پر جيڪو دين ۾ سختي ڪندو آهي دين ان تي غالب ايندو آهي. تنهن ڪري وچٿرائپ اختيار ڪريو. طاقت آهر عمل ڪريو، خوش رهو، ۽ صبح جي وقت ۽ شام جي وقت ۽ رات جي ڪجهه حصي ۾ الله کان مدد گهرو."

بخاري ۽ مسلم جي باب اعتصام بالكتاب والسنة ۾ هڪ ڊگهي حديث آيل آهي، جيڪا رسول الله ﷺ جن جي اتباع تي صريح ڏس ڏئي ٿي. حديث ڊگهي آهي ان ۾ هي الفاظ ٻه آهن: انهن مان هڪ شخص چيو ته مان سڄي رات عبادت ڪندس ۽ ٻئي چيو ته مان سڄي زندگي روزا رکندس ۽ افطار ئي نه ڪندس. ٽئين چيو ته مان شادي نه ڪندس. جڏهن رسول الله ﷺ جن آيا ته پاڻ ﷺ جن کي انهن جو قصو ٻڌايو ويو. پاڻ ﷺ جن انهن کان پڇا ڪئي ته توهان آهيو جن هيئن چيو آهي؟ الله جو قسم! مان اوهان کان وڌيڪ الله تعاليٰ جو خوف ڪندڙ ۽ ان کان ڊڄندڙ آهيان. ليڪن مان ننڊ ڪندو آهيان. ۽ نماز پڙهندو آهيان. ۽ روزا رکندو آهيان ۽ افطار ڪندو آهيان ۽ عورتن سان شادي ڪندو آهيان. جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو اهو مون مان نه آهي.

اتان معلوم ٿيو ته رشد ۽ هدايت سنت جي اتباع ۾ آهي ۽ اخروي منفعت کان خالي محنت سنت جي خلاف آهي. هي ڄاڻڻ گهرجي ته تهجد نماز جي ترتيب ۽ ماثور دعائون مشائخ جي ڪتابن ۾ لکيل آهن. ۽ تهجد

نماز کان پوءِ استغفار گهڻو پڙهڻ گهرجي ڇو تہ اهو نص قرآن مان ثابت آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَالْمُسْتَغْفِرِينَ بِالْأَسْحَارِ ﴿١٧﴾ (آل عمران: ١٧)

ترجمو: "۽ پر ڀات جو بخشش گهرندڙ آهن."

اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

كَانُوا قَلِيلًا مِّنَ اللَّيْلِ مَا يَهْجَعُونَ ﴿١٧﴾ وَبِالْأَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُونَ ﴿١٨﴾ (الذاريات:17:18)

ترجمو: "رات جو ٿورو سمهندا هئا. ۽ اهي اسرن جو بخشش گهرندا هئا."

حضرت صديق اکبر رضي الله عنه کان هيءَ دعا منقول آهي:

"اللهم ارنا الحق حقا وارزقنا اتباعه وارنا الباطل باطلا وارزقنا اجتنابه يا كريم."

ترجمو: "اي پالڻهار! اسان کي حق، حق کري ڏيکار ۽ ان جي پيرويءَ جي توفيق ڏي. اسان کي باطل، باطل کري ڏيکار ۽ ان کان بچاءِ اي بخشڻهار!

تهجد نماز جي فضيلت ۾ کيترين ئي حديثون آيل آهن. ۽ اهڙيءَ طرح قرآن مجيد ۾ پڻ قيام الليل جي فضيلت بيان کئي وئي آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

وَالَّذِينَ يَبِيتُونَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَّقِيَامًا ﴿٦٤﴾ (الفرقان: ٦٤)

ترجمو: "۽ اهي جيکي پنهنجي پالڻهار کي سجدو کندڙ ۽ قيام کندڙ ٿي راتيون گذاريندا آهن."

حضرت اسماءَ بنت يزيد رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"يحشر الناس يوم القيامة في صعيد واحد فينادي مناد فيقول اين الذين تتجافي جنوبهم عن المضاجع؟ فيقومون وهم قليل فيدخلون الجنة بغير حساب ثم يؤمر بسائر الناس الي الحساب."

(رواه البيهقي في شعب الايمان)

ترجمو: "قيامت جي ڏينهن ماڻهن کي هڪ ميدان ۾ گڏ کيو ويندو. پوءِ هڪ اعلان کندڙ اعلان کندو تہ کٿي آهن اهي ماڻهو جن جا پاسا بسترن کان پري رهندا هئا؟ پوءِ اهي اٿي کڙا ٿيندا ۽ اهي ٿورڙا هوندا. پوءِ انهن کي بغير حساب جي جنت ۾ داخل کيو ويندو. پوءِ ٻين سمورن ماڻهن جي حساب لاءِ حڪم ڏنو ويندو."

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"اشراف امتي حملة القرآن واصحاب الليل. (رواه البيهقي في شعب الايمان)

ترجمو: "منهنجي امت مان سڀ کان بلند مرتبي وارا قرآن تي عمل کندڙ ۽ رات جو عبادت کندڙ آهن."

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"افضل الصلوٰة بعد المفروضة صلوٰة جوف الليل." (رواه احمد)

ترجمو: "فرضي نمازن کان پوءِ سڀ کان پلي نماز تهجد جي نماز آهي."

ان حديث جي کري علماءَ جي هڪ جماعت تهجد نماز کي سنن مؤکده کان بہ وڌيڪ فضيلت ڏيندي آهي ۽ انهن جو چوڻ آهي تہ هن نماز ۾ اندر ۽ باطن کي صاف ۽ پاڪ کرڻ جو اثر آهي. ان نماز جي کري دل روشن ٿيندي آهي. ۽ هر سرکشي ۽ الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ کان مڙي ويندي آهي، تنهن کري کن جو چوڻ آهي تہ هيءَ

آيت "إِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ" ان نماز بابت نازل ٿيل آهي، يعني نماز بيحيائيءَ ۽ برائيءَ کان روڪي ٿي ۽ حضرت ابو امامه رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"عليكم بقيام الليل فانه داب الصالحين قبلكم وهو قربة لكم الي ربكم ومكفرة للسيئات ومنهاة عن الاثم." (رواه ترمذي)[84]

ترجمو: "تهجد نماز کي لازم ڪري وٺو ڇو تہ اڳين نيڪ ماڻهن جو اهو ئي طريقو هو ۽ تهجد نماز توهان جي رب جي قرب جو ذريعو ۽ گناهن کي ميٽائيندڙ ۽ گناهن کان باز رکڻ جو سبب آهي."

صلٰوة الضحيٰ يعني اشراق ۽ چاشت نماز جي پڻ حديث شريف ۾ وڏي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي. حديث شريف ۾ آهي، پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"من قعد في مصلاه حين ينصرف من صلٰوة الصبح حتيٰ يسبح ركعتي الضحيٰ لايقول الا خيرا غفرله خطاياه وان كانت اكثر من زبد البحر." (ابوداؤد)

ترجمو: "جيڪو شخص صبح جي نماز پڙهي اتي ويٺو رهيو، تان تہ چاشت جون ٻہ رڪعتون پڙهيائين ۽ ان جي درميان نيڪ عمل ڪيائين تہ ان جا سڀ گناهہ معاف ٿي ويندا. توڻي جو اهي درياءَ جي جهڳ جيترا هجن."

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"جيڪڏهن تون صبح کان سج اڀرڻ تائين اهڙي قوم سان ويٺين، جيڪي الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول آهن تہ تنهنجي لاءِ ان ڳالهہ کان بهتر آهي، جو تون اسماعيل عليه السلام جي اولاد مان چار ٻانها آزاد ڪرين ۽ جيڪڏهن تون اهڙي قوم سان ويٺين جيڪي ٽيپهري کان مغرب تائين الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول آهن تہ اها هن ڳالهہ کان بهتر آهي تہ تون چار ٻانها آزاد ڪرين." (رواه ابوداؤد)

هن حديث جي ڪري سلوڪ وارن جو چوڻ آهي تہ فجر جي نماز کان طلوع آفتاب يعني سج اڀرڻ تائين ۽ ٽيپهري کان سج لهڻ تائين مراقبو ڪرڻ گهرجي ۽ انهن ٻن وقتن جي اندر دنياوي ڪلام ڪرڻ نہ گهرجي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ سج اڀرڻ کان پوءِ نماز جي مباح ٿيڻ جي وقت بابت علماءَ جو اختلاف آهي. شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي تہ جڏهن سج جي پوري ٽڪي زمين جي افق تي ظاهر ٿئي تہ نماز مباح ٿي ويندي، پر جيڪڏهن صبر ڪري، تانجو هڪ نيزي يا ٻن نيزن جيترو سج مٿي چڙهي اچي تہ وڌيڪ ڀلو آهي ۽ حديث شريف پڻ ان معنيٰ تي گواهہ آهي. حديث جا الفاظ هن ريت آهن:

"اذا طلع حاجب الشمس فدعوا الصلٰوة حتيٰ تبرز."

ترجمو: "جڏهن سج جو ڪنارو نڪري اچي تہ نماز نہ پڙهو، تانجو سج سهڻي نموني ظاهر ٿئي."

اتان معلوم ٿيو تہ سج چڱيءَ ريت اڀرڻ تائين روڪيل وقت جي انتها آهي، تنهن ڪري ان کان پوءِ ئي نماز پڙهڻ گهرجي.

حضرت عقبہ بن عامر رضي الله عنه جي حديث ۾ آهي، فرمائي ٿو تہ رسول الله ﷺ جن ٽن وقتن تي نماز پڙهڻ ۽ مُردن کي دفنائڻ (يعني جنازه نماز پڙهڻ) کان منع ڪندا هئا. انهن مان هڪ سج نڪرڻ جو وقت، جيستائين بلند ٿئي، پڻ آهي.

حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه جي روايت ۾ آهي: "لاصلٰوة بعد الصبح حتيٰ ترفع الشمس." يعني صبح جي نماز کان پوءِ ڪا بہ نماز جائز نہ آهي، تانجو سج بلند ٿئي. اهي ٻئي حديثون مٿين حديث جي خلاف آهن،ڇو

تہ برز يعني ظاهر ٿيڻ ۽ طلوع يعني اڀرڻ ٻئي ويجهو آهن. مٿين حديث مان معلوم ٿي ويو تہ جڏهن سج ظاهر ٿئي تہ نماز جائز آهي ۽ هنن حديثن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن سج بلند ٿئي تہ پوءِ نماز جائز آهي. تنهن ڪري شيخ عبدالحق رحمة الله عليه سج جي پوري طرح ظاهر ٿيڻ واري وقت کي بہ منهيات ۾ شمار ڪيو آهي ۽ طلوع آفتاب جي وقت هو نماز پڙهڻ کي حرام شمار ڪندو هو. ان جو هي قول تہ سج اڀرڻ کان پوءِ صبر ڪري تان تہ هڪ نيزي يا ٻہ نيزن جيترو بلند ٿئي. ان ڳالھ جو دليل آهي.

هڪ حديث شريف ۾ "حتيٰ تطلع الشمس" جا لفظ آيل آهن. ان حديث جي شرح ۾ شيخ عبدالحق لکيو آهي تہ چاشت جو ٻهريون وقت طلوع آفتاب آهي ۽ هڪ جماعت جو اهوئي قول آهي. البتہ جمهور وٽ هڪ نيزي ۽ ڪن وٽ ٻہ نيزن جي بلند ٿيڻ کان پوءِ اشراق جو وقت شروع ٿئي ٿو. ڪن جو چوڻ آهي تہ جيستائين سج جي ٽڪيءَ ڏانهن ڏسڻ جو تاب سهي سگهي ٿو، تيستائين نماز پڙهڻ جائز نہ آهي ۽ جڏهن چتائي ڏسڻ سان سج جو تاب سهي نہ سگهي تہ پوءِ نماز جائز آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ جيستائين زمين تي سج جي روشني زرد ڏيکارجي، تيستائين نماز پڙهڻ جائز نہ آهي ۽ جڏهن زردي ختم ٿي وڃي ۽ صاف ٿي وڃي تہ پوءِ نماز پڙهڻ جائز آهي.

خلاصو ڪلام جو تہ سج اڀرڻ وقت نماز جائز نہ آهي. اهڙيءَ طرح سج جي برابر ٿيڻ وقت ۽ سج جي لهڻ وقت نماز پڙهڻ جائز نہ آهي. سج جڏهن هڪ نيزو يا ٻہ نيزا مٿي اچي تہ پوءِ نماز پڙهڻ جائز آهي، جيئن حديث شريف ۾ آهي. پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"صبح جي نماز پڙهو پوءِ نماز کان رڪجي وڃو، جيستائين سج پوريءَ طرح نہ اڀري ڇو تہ اهو شيطان جي ٻن سڱن جي درميان اڀرندو آهي ۽ ان وقت ڪافر ان کي سجدو ڪندا آهن. پوءِ جڏهن هڪ نيزو يا ٻہ نيزا بلند ٿئي تہ پوءِ نماز پڙهو، ڇو تہ ان وقت فرشتا حاضر ٿيندا آهن."

جمهور وٽ حديثن ۾ سج جو اڀرڻ آيو آهي. ان مان مراد طلوع تام (چڱيءَ طرح اڀرڻ) آهي نہ طلوع ناقص ۽ طلوع تام اهو آهي، جيڪو مٿي بيان ٿي چڪو ۽ هي ڄاڻڻ گهرجي تہ صبح جي نماز کان پوءِ قبلہ ڏانهن منهن ڪري ذڪر اذڪار ۾ مشغول هئڻ جي پڻ وڏي فضيلت آهي. شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جو چوڻ آهي تہ ان عمل سان اندر جو منور ٿيڻ تحقيق سان ثابت آهي ۽ اهڙو عمل جنهن جو بدلو دنيا ۾ ئي ملي، اهو صرف هي عمل آهي، جو هن سان دل روشن ٿيندي آهي.

شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي تہ جيئن سج جو اڀرڻ اشراق جي وقت سڄي جڳ جهان کي روشن ڪندو آهي، اهڙيءَ طرح ان وقت ذڪر ڪندڙ جو اندر روشن ٿيندو آهي ۽ اندر جي انڌيرائپ ختم ٿي ويندي آهي ۽ حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"من قعد في مصلاه حين ينصرف من صلوٰة الصبح حتيٰ يسبح ركعتي الضحيٰ لايقول الا خيرا غفرله خطاياه وان كانت مثل زبد البحر." (ابوداؤد)

ترجمو: "جيڪو شخص صبح جي نماز پڙهي اتي ويٺو رهيو، تانجو اشراق جون ٻہ رڪعتون پڙهيائين ۽ ان جي درميان نيڪ عمل ڪندو رهيو تہ ان جا سڀ گناهہ معاف ٿي ويندا، توڙي جو اهي درياءَ جي جهڳ جي مثل هجن."

هي ثواب ٽن ڳالهين تي مرتب ٿئي ٿو[85] هڪ نماز کان پوءِ اتي ئي ويهي رهڻ، ٻيو ذڪر ۽ ٽيون اشراق نماز پڙهڻ. جيڪڏهن انهن ٽن شين مان هڪ شيءِ بہ گم ٿي وئي تہ اوتري ثواب ۾ گهٽتائي ٿيندي.

شيخ عبدالحق وصايا مشائخ ۾ چيو آهي تہ جيڪڏهن نمازيءَ کي اتي ويهڻ ۾ رياء جو خطرو هجي تہ خلوت ۾ وڃي ويهي ۽ اتي بہ قبله ڏانهن منهن ڪري ۽ جيڪڏهن ننڊ اچيس تہ اتان اٿي بئي هنڌ ويهي ۽ ننڊ ڦٽائڻ جي ڪوشش ڪري تہ ڪن چيو آهي تہ ان کي بہ اهو ئي ثواب ملندو.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ نماز چاشت ۽ اشراق نماز ٻئي هڪ نماز آهن. اڪثر علماءَ وٽ ۽ اهو ئي صحيح آهي ۽ ڪن وٽ ٻئي نمازون الڳ الڳ آهن اهو غلط آهي. چاشت ۽ اشراق ٻئي هڪ معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن چاشت صبح کان اڌ ڏينهن تائين سج جي روشني کي چئبو آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي: ﴿وَالشَّمۡسِ وَضُحٰهَا﴾ (الشمس:1) "سج ۽ ان جي سوجهري جو قسم آهي"

ان جو وقت سج اڀرڻ کان نصف النهار (سج لڙڻ) تائين آهي ۽ تفسير بيضاويءَ واري جو چوڻ آهي تہ وضحاها مان مراد سج جي اڀرڻ واري وقت جي روشني مراد آهي ۽ ڪن چيو آهي تہ ضحوة ڏينهن جي بلند ٿيڻ کي چئبو آهي. الضحيٰ ان کان پوءِ واري وقت کي چئبو آهي ۽ الضحاءِ چئبو آهي، جڏهن ڏينهن ڏگهو ٿئي ۽ اڌ ڏينهن جي قريب ٿئي.

ضحوة مطلق سج جي بلند ٿيڻ کي چئبو آهي. تفسير بيضاوي، مجمع البحار ۽ ڪشف اللغات ۾ ائين لکيل آهي ۽ ضحوة ڪبريٰ شرعي نصف النهار کي چئبو آهي ۽ ضحاءِ الف جي فتح سان ان بابت بيضاوي جو چوڻ آهي تہ اهو نصف النهار آهي ۽ مجمع البحار واري جو چوڻ آهي تہ نصف النهار کان ٿورڙو اڳ وارو وقت مراد آهي. اهڙيءَ طرح چاشت جي معنيٰ آهي، سج جو روشن ٿيڻ ۽ ان جي ذريعي آفاق جو روشن ٿيڻ ۽ هيءَ ڳالهہ معلوم آهي تہ شروعات ۾ سج جي روشني گهٽ هوندي آهي ۽ چاشت جي وقت وڌيڪ هوندي آهي. اهڙيءَ طرح نصف النهار جي وقت چاشت واري وقت کان بہ وڌيڪ روشني هوندي آهي. پوءِ سج جي بلند ٿيڻ کان نصف النهار عرفي تائين واري وقت کي اشراق ۽ چاشت چوندا آهن. اتان معلوم ٿيو تہ اهي ٻئي نمازون هڪ ئي آهن. جنهن جو وقت سج اڀري وڃڻ کان نصف النهار عرفيءَ تائين آهي ۽ جن چيو آهي تہ ان جو وقت شرعي اڌ ڏينهن تائين آهي،انهن جو اهو چوڻ صحيح نہ آهي.

ان نماز کي صلوٰة الاشراق طبرانيءَ جي حديث ۾ چيو ويو آهي ۽ گهڻن حديثن ۾ ان کي صلوٰة الضحيٰ چيو ويو آهي. طبرانيءَ جي روايت ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن ام هاني جي گهر نماز پڙهي ۽ ان کان پوءِ فرمايائون: هٰذه الصلوٰة الاشراق يعني هيءَ اشراق نماز آهي ۽ رسول الله ﷺ جن ان ڏينهن ام هانيءَ جي گهر ۾ ڏينهن جي چوٿين حصي کان اڳ اها نماز پڙهي هئي ۽ صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ لفظ ضحيٰ جو لفظ آيل آهي. اتان معلوم ٿيو تہ ٻئي نمازون هڪ ئي نماز آهن. جدا جدا نہ آهن. جيئن ڪن جو خيال آهي.

تفسير بيضاويءَ واري "يسبحن بالعشي" مان مراد اشراق ورتو آهي ۽ چيو اٿائين تہ اشراق جو وقت سج جي روشن ٿيڻ وارو وقت آهي ۽ اهو چاشت وارو وقت آهي. وڌيڪ چيو اٿائين تہ شرق جي معنيٰ آهي اڀرڻ ۽ اشراق جي معنيٰ آهي روشن ٿيڻ ۽ ام هاني رضي الله عنها جي روايت ۾ آهي تہ پاڻﷺ جن صبح واري نماز کان پوءِ پڙهي. پاڻ فرمايائون تہ اي ام هاني! هيءَ صلوٰة الاشراق آهي. ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي. فرمائي ٿو تہ اسان صلوٰة الضحيٰ مٿئين آيت مان معلوم ڪئي سون.[87]

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا! توکي معلوم هئڻ گهرجي تہ ان نماز جون گهٽ ۾ گهٽ بہ رڪعتون آهن. ۽ حديث جي ڪتابن ۾ چاشت جي ٻن رڪعتن جي وڏي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي. جيئن مٿي حديثن ۾ گذري آيو آهي.

ڪن چيو آهي تہ ان جون گهٽ ۾ گهٽ چار رڪعتون آهن. انهن جو دليل اهي حديثون آهن. جن ۾ چئن جو عدد بيان ڪيو ويو آهي، پر ياد رکڻ گهرجي تہ جن ۾ مطلق چئن رڪعتن جو عدد بيان ٿيل آهي. ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ ان جو گهٽ ۾ گهٽ تعداد چار آهي. جيڪڏهن ٻہ پڙهيائين تہ ان جي اها نماز ٿي نہ ٿيندي. جيئن ظهر ۽ جمعي نماز کان اڳ چار رڪعتون پڙهيون وينديون آهن ۽ نہ ان جو هي مطلب آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ چار رڪعتون آهن. چئن کان وڌيڪ پڙهي نہ ٿيون سگهجن. بلڪ ان جو مطلب آهي تہ چار رڪعتون پڙهڻ ٻن کان بهتر آهن. جيئن امام ابو حنيفه وٽ چار رڪعتون هڪ سلام سان پڙهڻ بهتر آهن ۽ چار رڪعتون پڙهڻ جي وڌيڪ فضيلت آهي ۽ اڪثر طور تي رسول الله ﷺ جن جو عمل بہ چئن رڪعتن تي رهيو آهي، جيئن حضرت معاذ رضي الله عنها کان روايت آهي، فرمائي ٿي تہ مون حضرت عائشه رضي الله عنها کان پڇا ڪئي تہ پاڻ ﷺ جن صلوٰة الضحيٰ جون ڪيترين رڪعتون پڙهندا هئا؟ حضرت عائشه رضي الله عنها فرمايو: چار رڪعتون ۽ ان کان وڌيڪ جيترين الله گهري پڙهندا هئا.

حضرت ابوذر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

"يا ابن آدم اركع لي اربع ركعات من اول النهار اكفك آخره" (رواه ترمذي)

ترجمو: "اي آدم جا پٽ! تون منهنجي لاءِ منجهند ڏينهن ۾ چار رڪعتون پڙهہ. مان توکي ان ڏينهن جي شام تائين ڪفايت ڪندس."

حضرت براءِ بن عازب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: جنهن شخص اڌ ڏينهن کان اڳ چار رڪعتون پڙهيون، ڄڻ تہ ان اهي ليلة القدر ۾ پڙهيون. (رواه البيهقي في شعب الايمان) تفسير المدارڪ ۾ الله تعاليٰ جي هن قول جي هيٺيان رسول الله ﷺ جن کان هڪ روايت آندي اٿائين تہ (حضرت) ابراهيم عليه السلام هر روز منجهند ڏينهن ۾ پابنديءَ سان چار رڪعتون پڙهندو هو ۽ اها نماز صلوٰة الضحيٰ هئي.

هنن سڀني حديثن مان چئن رڪعتن جو عدد ثابت ٿئي ٿو. شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي تہ انهن حديثن جي ڪري اڪثر مشائخ وٽ صلوٰة الضحيٰ (چاشت نماز) جو تعداد چار رڪعتون آهن.

انهن چئن رڪعتن جي قراءت بابت مشائخ کان منقول آهي تہ سورة فاتحه کان پوءِ هنن چئن سورتن مان ترتيبوار هڪ هڪ سورت هڪ هڪ رڪعت ۾ پڙهندو. والشمس، والليل، والضحيٰ ۽ الم نشرح لڪ.

ڪن جو چوڻ آهي تہ پهرين ۽ ٻي رڪعت ۾ پنج پنج ڀيرا "قل هو الله احد" پڙهجي. ٽين ۽ چوٿين رڪعت ۾ ٻارهن ٻارهن ڀيرا هيءَ آيت پڙهجي. "وافوض امري الي الله ان الله بصير بالعباد." مون پنهنجن استادن کان ان جي تحريري اجازت ورتي آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪوئي شخص اٺ رڪعتون پڙهي ۽ انهن ٻنهي تي عمل ڪري تہ بهتر آهي. ان جو وڌ ۾ وڌ تعداد ٻارهن بيان ڪيو ويو آهي. حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"من صلي الضحيٰ اثنتي عشرة ركعة بني الله له قصرا من ذهب في الجنة." (رواه ترمذي)

ترجمو: "جيڪو شخص چاشت جون ٻارهن رڪعتون پڙهندو، الله تعاليٰ ان لاءِ جنت ۾ سون جي ماڙي ٺهرائيندو."

هڪ حديث شريف ۾ حضرت ابوذر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: "جڏهن تون چاشت جون ٻہ رڪعتون پڙهيون تہ توکي غافلن مان نہ لکيو ويندو ۽ جڏهن تون چار رڪعتون پڙهيون تہ توکي عابدن يعني

عبادت ڪندڙن مان لکيو ويندو ۽ جڏهن تون ڇهہ رڪعتون پڙهيون تہ ان ڏينهن ڪوئي گناهہ تنهنجو پيڇو نہ ڪندو ۽ جڏهن تون اٺ رڪعتون پڙهيون تہ توکي قانتين يعني اطاعت ڪندڙن مان لکيو ويندو ۽ جي تون ٻارهن رڪعتون پڙهيون تہ الله تعاليٰ تنهنجي لاءِ جنت ۾ گهر ٺهرائيندو." (رواه البيهقي) هيءَ حديث ضعيف آهي. البتہ عملن جي فضائل ۾ ضعيف حديث تي عمل ڪرڻ بہ جائز آهي.

هتان معلوم ٿيو تہ چاشت جون رڪعتون ٻن کان ٻارهن تائين آهن ۽ رسول الله ﷺ جن کان ثابت آهي تہ پاڻ ﷺ جن اٺن رڪعتن تائين پڙهيون آهن. حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن ڪڏهن چاشت جون ٻہ رڪعتون ۽ ڪڏهن چار رڪعتون ۽ ڪڏهن ڇهہ رڪعتون ۽ ڪڏهن اٺ رڪعتون پڙهندا هئا تہ جيئن امت تي آساني ٿئي. اهڙيءَ طرح ڇهن رڪعتن جو تعداد ترمذي شريف جي حديث مان ثابت آهي ۽ هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ چاشت نماز پاڻ ﷺ جن مٿان فرض نہ هئي. البتہ هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن تي چاشت نماز فرض هئي. دارقطني ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"كتب علي النحر ولم يكتب عليكم وامرت بصلٰوة الضحيٰ ولم تؤمروا بها."

ترجمو: "منهنجي مٿان قرباني فرض ڪئي وئي آهي ۽ اوهان جي مٿان فرض نہ ڪئي وئي ۽ مون کي چاشت نماز جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ اوهان کي حڪم نہ ڏنو ويو آهي." مجمع البحار واري جو چوڻ آهي تہ نبي اڪرم ﷺ جن بابت چاشت نماز جي فرضيت بابت هن حديث کان سواءِ ٻي ڪابہ حديث ڏس نہ ٿي ڏئي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ صبح جي نماز پڙهڻ کان پوءِ قبلہ ڏانهن منهن ڪري ويهجي ۽ الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول رهڻ گهرجي. جڏهن سج اڀري تہ پوءِ چاشت نماز پڙهجي. ان طرح پڙهيل نماز جي وڏي فضيلت آيل آهي. حديث شريف ۾ آهي پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"من صلي الفجر مع جماعة ثم قعد يذكرالله حتيٰ تطلع الشمس ثم صليٰ ركعتين كانت كاجر حجة وعمرة تامة تامة."

ترجمو: "جنهن شخص جماعت سان نماز پڙهي پوءِ (مسجد ۾) ويهي الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول رهيو تانجو سج اڀريو. ان کان پوءِ ٻہ رڪعتون نماز پڙهيائين. ان کي حج ۽ عمري جو ثواب ملندو. پاڻ ﷺ جن اهي الفاظ ٽي دفعا دهرايا." هن حديث شريف ۾ تامة لفظ ٽي دفعا آيل آهي ۽ ڪن نسخن ۾ ٻہ دفعا آيل آهي.

مسلم شريف جي حديث ۾ آهي تہ صلٰوة الاوابين جو وقت. يعني چاشت نماز جو افضل وقت اهو آهي، جڏهن سج گرم ٿئي ۽ هن حديث مان هي بہ معلوم ٿيو تہ صلٰوة الاوابين جي نماز اها صلٰوة الضحيٰ ئي آهي. باقي مغرب جي نفلن کي جيڪو صلٰوة الاوابين چوندا آهن. انهن جو اهو نالو حديث مان ثابت نہ آهي. صلٰوة الضحيٰ کي ئي صلٰوة الاوابين چوندا آهن، حديث شريف ۾ آهي حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه کان روايت آهي. جڏهن ان ماڻهن کي اشراق نماز پڙهندي ڏٺو تہ فرمائين:

"اما لقد علموا ان الصلٰوة في غير هٰذا الساعة افضل ان رسول الله ﷺ قال صلٰوة الاوابين حين ترمض الفصال." (رواه مسلم)

ترجمو: "بيشڪ هنن اصحابن سڳورن کي خبر آهي تہ اها نماز (اشراق) هن وقت کان سواءِ ٻئي وقت ۾ پڙهڻ افضل

آهي. بيشڪ رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ اوابين جو وقت تڏهن آهي، جڏهن گوڙا (واريءَ جي گرميءَ جي ڪري) ٽپ ڏيڻ لڳن."

ان جي فضيلت تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن صبح جي نماز پڙهي ڏينهن جي چوٿين حصي تائين اتي ويٺو رهي.[89] ان کان پوءِ اها نماز پڙهي پر هي ڏاڍو ڏکيو آهي. البتہ اعتڪاف ۾ ويهندڙ کي اها سهولت ميسر ٿي سگهي ٿي. ڪن چيو آهي تہ نماز پڙهي ضروري ذڪر اذڪار ڪري پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي وڃي ۽ بعد ۾ اچي اها نماز پڙهي ۽ ڪن چيو آهي تہ صبح جي نماز پڙهي مسجد ۾ ويهي رهي. جڏهن سج ڪجهہ گرم ٿئي تہ پوءِ پڙهي، تانجو انهن ٻنهي نمازن جي فضيلت حاصل ٿي وڃي. ڪن ٻن وقتن ۾ پڙهڻ جي ڪري ان کي جدا جدا نماز شمار ڪيو آهي. هڪ کي اشراق چوندا آهن ۽ ٻئي کي چاشت نماز چوندا آهن. اهو گمان صحابہ ڪرام جي زماني ۾ ئي پيدا ٿي چڪو هو. ڪن اصحابن ان ٻي نماز کي بدعت چيو آهي، چو تہ اها رسول الله ﷺ جن ۽ خلفاءِ راشدين کان پوءِ پيدا ٿي آهي ۽ ابن عمر رضي الله عنه ان نماز جو انڪار ڪيو آهي. ان جي ڪري جو ماڻهو ان کي بہ الڳ نمازون شمار ڪندا آهن. هي هڪ انتهائي مغالطو آهي، چو تہ چاشت نماز جي نالي سان نماز ثابت آهي. مشهور حديثن جي ذريعي ۽ علامہ سيوطي رحمه الله ديلميءَ کان هڪ روايت آندي آهي تہ حضرت داؤد عليه السلام جي اڪثر نماز چاشت نماز هوندي هئي ۽ حضرت ثوبان رضي الله عنه جي روايت ۾ آهي تہ چاشت نماز اها نماز آهي، جنهن جي حضرت آدم عليه السلام ۽ حضرت نوح عليه السلام، حضرت ابراهيم عليه السلام، حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام پابندي ڪئي هئي. ان بابت وڌيڪ بحث شيخ عبدالحق جي شرح ۾ ڏسڻ گهرجي.

صلوٰة التسبيح

هينئر تسبيح نماز جو ذڪر ڪجي ٿو. تسبيح نماز جليل القدر ۽ عظيم الشان نماز آهي. اها دل کي صاف ڪندڙ ۽ باطن کي منور ڪرڻ لاءِ گهڻي فائديمند آهي. اها نماز قوت حافظہ نسيان کي ختم ڪرڻ ۽ غباوة کي ختم ڪرڻ لاءِ آب حيات آهي. ديني مقصدن جي حصول ۽ دنياوي ضرورتن لاءِ ترياق يا قوتي آهي. سختين ۽ مصيبتن کي ختم ڪرڻ لاءِ بي بدل نسخو آهي. ان نماز جي فضيلت ۾ جيڪي حديثون آيل آهن، جمهور محدثن وٽ اهي ثابت آهن. ابن جوزيءَ جيڪو انهن کي موضوع چيوآهي، محققن سندس ان قول کي رد ڪيو آهي. سلف صالحين جي زماني کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اها نماز معمول بہ ۽ مشهور آهي ۽ مشائخ طريقت ان جي تلقين ڪندا آهن ۽ ملا علي قاري شرح حصن حصين ۾ چيو آهي تہ دارقطنيءَ لکيو آهي تہ فضائل اعمال ۾ جيڪا سڀ کان وڌيڪ شيءِ آيل آهي، اها صلوٰة التسبيح آهي.[90]

احناف وٽ ان جون چار رڪعتون هڪ سلام سان افضل آهن ۽ شافعي مسلڪ ۾ ٻن سلامن سان چار رڪعتون افضل آهن. ان بابت حديث شريف ۾ آهي تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن پنهنجي چاچي حضرت عباس رضي الله عنه کي فرمايو: اي منهنجا چاچا! چا مان توکي هڪ نماز سيکاريان، چا توکي نفعي وارو عمل سيکاريان؟ جڏهن تون ائين ڪندين تہ الله تعاليٰ تنهنجا سڀ گناهہ بهريان ۽ پويان پراڻا ۽ نوان خطا ۾ ڪيل ۽ ڄاڻي واڻي ڪيل صغيرا ۽ ڪبيرا، ظاهر ۽ مخفي معاف ڪري ڇڏيندو. اهو هي آهي، جو تون چار رڪعتون (نفل نماز) پڙهہ ۽ هر رڪعت ۾ قرائت جي فراغت کان پوءِ پندرنهن ڀيرا هي ڪلمات "سبحان الله والحمد لله ولا الہ الا الله والله اڪبر"

پڙهہ ان کان پوءِ رکوع ۾ وڃ ۽ رکوع ۾ ڏهہ ڀيرا اهي ڪلمات پڙهہ پوءِ رکوع مان اٿي ڏهہ ڀيرا اهي ڪلمات پڙهہ ان کان پوءِ سجده ۾ ڏهہ ڀيرا اهي ڪلمات پڙهہ اهڙيءَ طرح سجدي کان اٿي ڏهہ ڀيرا اهي ڪلمات پڙهہ اهي ڪل پنجهتر ٿيا. هر رڪعت ۾ ائين پڙهہ جيڪڏهن توکي سگهہ هجي تہ ڏهاڙي اها نماز پڙهہ جيڪڏهن ڏهاڙي نہ پڙهي سگهين تہ هفتي ۾ هڪ ڀيرو پڙهہ جيڪڏهن هفتي ۾ پڙهي نہ سگهين تہ پوءِ مهيني ۾ هڪ ڀيرو پڙهجي. مهيني ۾ بہ نہ پڙهي سگهين تہ پوءِ سال ۾ هڪ ڀيرو پڙهہ جيڪڏهن ائين نہ ڪري سگهين تہ پوءِ زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو ضرور پڙهہ (رواه ابوداؤد)

هڪ ٻي روايت ۾ آهي، ابن وهب فرمائي ٿو تہ مان حضرت عبدالله بن مبارڪ رحمه الله کان تسبيح نماز بابت پڇا ڪئي. ان فرمايو: تڪبير تحريمه کان پوءِ سبحانڪ اللهم. الخ پڙهي پوءِ پندرنهن ڀيرا "سبحان الله والحمد لله ولا الہ الا الله والله اڪبر" پڙهجي. ان کان پوءِ تعوذ ۽ تسميه پڙهي فاتحة الڪتاب ۽ سورة پڙهجي. ان کان پوءِ ڏهہ ڀيرا اهي ڪلمات پڙهجن. پوءِ رکوع ۾ ڏهہ ڀيرا اهي ڪلمات پڙهجن. ان کان پوءِ سجدي ۾ ڏهہ ڀيرا ۽ ٻئي سجدي ۾ ڏهہ ڀيرا اهي ڪلمات پڙهجن ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ ابن مبارڪ فرمايو: رکوع ۽ سجدي ۾ پهريائين تسبيحات پڙهہ. ان کان پوءِ اهي ڪلمات پڙهہ. ابن مبارڪ کي چيوويو تہ جيڪڏهن ان نماز ۾ سهو ڪري تہ پوءِ سجده سهو ۾ بہ ڏهہ ڀيرا اهي ڪلمات پڙهي يا نہ؟ ان چيو نہ چو تہ اهي هر رڪعت ۾ صرف پنجهتر ڀيرا پڙهڻا آهن.

صلوٰة التسبيح جو هي طريقو اسان جي مذهب جي موافق آهي،[91] چو تہ ان ۾ "جلسه استراحت" نہ آهي، چو تہ اهو اسان وٽ مڪروهہ آهي. منية المصليءَ ۾ ائين ئي آهي ۽ "تجلية القلوب عن سواد الذنوب" ۾ آهي تہ جيتوڻيڪ ابن مبارڪ واري حديث مرفوع حديث جي درجي ۾ نہ آهي پر ابن مبارڪ جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري ان کي مرفوع حديث جي درجي تائين پهچائي ٿي، چو تہ ائين ممکن نہ آهي جو پاڻ سائل جي سوال ۾ صلوٰة التسبيح پنهنجي طرفان ٻڌائي، بلڪ ان روايت ڪئي هوندي، تنهن ڪري ڪڏهن صلوٰة التسبيح حضرت ابن عباس رضي الله عنه جي روايت ڪيل طريقي تي پڙهڻ گهرجي، چو تہ هتي حديث شريف ۾ جلسه استراحت ثابت هئڻ جي ڪري ان ۾ ڪوئي حرج نہ آهي ۽ ڪڏهن ابن مبارڪ واري طريقي تي عمل ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ٻنهي طريقن تي عمل ٿي وڃي. هن طريقي سان جو قراءة کان پهريائين ۽ قراءة کان پوءِ پندرهن پندرهن ڀيرا اهي ڪلمات پڙهجن ۽ جلسه استراحت ۾ بہ اهي ڪلما پڙهجن. پوءِ ٽيهہ ڀيرا اهي قيام ۾ ۽ سٺ ڀيرا ٻين حالتن ۾ ٿيا. ان صورت ۾ چئن رڪعتن ۾ ٽي سؤ سٺ ڀيرا ٿيا. جيترا انسان جي جسم ۾ سَنڌ آهن.

جيئن حديث شريف ۾ آهي انسان جي جسم ۾ ٽي سؤ سٺ سنڌ آهن ۽ هر سنڌ جي طرفان صدقو لازم آهي ۽ هر تسبيح صدقو آهي ۽ هر تهليل صدقو آهي ۽ هر تڪبير صدقو آهي ۽ هر تحميد صدقو آهي ۽ تسبيح نماز ۾ اهي چارئي شيون موجود آهن.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي صحيح حديثن ۾ حوقله يعني "لاحول ولا قوة الا بالله العلي العظيم" نہ آيو آهي. البتہ شيخ عبد الحق کان منقول آهي تہ هڪ روايت ۾ لاحول ولا قوة الا الله العلي العظيم بہ آيل آهي. البتہ اها روايت شاذ آهي. شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي تہ شيخ جلال الدين سيوطي عمل اليوم والليل ۾ لکيو آهي تہ تسبيح نماز ۾ الهُڪم التڪاثر، والعصر، قل يا ايها الڪافرون ۽ قل هو الله احد پڙهڻ گهرجي ۽ فتاويٰ برهنه ۾ ڏهہ ڏهہ ڀيرا "قل هو الله احد" پڙهڻ جو چيو ويو آهي. هي ڄاڻڻ گهرجي تہ تسبيح نماز ۾ التحيات ۾ درود کان پوءِ ۽ سلام کان پهريان هيءَ دعا گهرجي:

"اللّٰهم انی اسئلك توفيق اهل الهدیٰ واعمال اهل اليقين ومناصحة اهل التوبة وعزم اهل الصبر ووجد اهل الخشية وطالب اهل الرغبة وتعبد اهل الورع وعرفان اهل العلم حتیٰ القاك. اللّٰهم انی اسئله مخافة تحجزنی عن معاصيك حتیٰ اعمل بطاعتك عن معاصيك حتیٰ اعمل عملا استحق به رضاك وحتیٰ اناصحك بالتوبة خوفاً منك وحتیٰ اخلص لك النصيحة حياءً منك وحتیٰ اتوكل عليك فی الامور كلها واحسن الظن بك سبحان خالق النور."

ترجمو: "اي الله! آئون توکان هدايت وارن مان ٿيڻ جي توفيق، يقين وارن جي عملن، توبه تائب ٿيڻ جي نصيحت، قبول ڪرڻ وارن جي صلاحيت، صبر ڪرڻ وارن جو اٽل ارادو الله ڪان ڊڄڻ وارن جي ڳڻتي ۽ غم، رغبت رکڻ واري جي گهر ۽ پرهيزگاريءَ وارن جي عبادت، ۽ عمل وارن جهڙي معرفت، گهران ٿو (مون کي انهن سيني شين جي توفيق عطا ڪر) جيستائين تو سان ملان. اي الله آئون توکان تنهنجو اهڙو خوف گهران ٿو جنهن سان تنهنجي نافرمانين کان رکجي پوان، تانجو آئون تنهنجي نافرمانين بدران (يکو) تنهنجي فرمانبرداري ڪرڻ لڳان تنهنجي ايتري ته فرمانبرداري ڪريان، جنهن سان تنهنجي رضا جو حق دار ٿي پوان. ۽ تانجو تنهنجي خوف ۾ سچي توبه ڪريان، ۽ تنهنجي حياءِ کان تنهنجي نصيحت سچي دل سان قبول ڪريان. ۽ سيني ڪمن ۾ توتي ڀروسو ڪرڻ لڳان. ۽ تو ۾ سهڻو گمان ڪريان. اي نور جا خلقيندڙ الله! (تنهنجي پاڪ ذات آهي)."

شيخ عبدالحق مشڪوٰة جي شرح ۾ اها دعا بيان ڪئي آهي ۽ معارف العلوم واري مرقاة واري کان نقل ڪندي ۽ ان شيخ جلال الدين السيوطي جي ڪتاب "الكلم الطيب" کان نقل ڪندي لکي آهي. ان امام احمد بن حنبل کان نقل ڪيو آهي. [92]

هي به ڄاڻڻ گهرجي ته جيڪڏهن ڪٿي اهي تسبيحون رهجي وڃن ته ٻي جڳهه تي اهي قضا ڪرڻ گهرجن. هي به ڄاڻڻ گهرجي ته جيڪڏهن ڪو شخص ڪا معين سورت پڙهندو آهي مثال طور هو فجر يا مغرب جي سنت ۾ قل يا ايها الكافرون ۽ قل هو الله احد پڙهندو آهي. هن ويسر ۾ ٻي سورت شروع ڪئي. ته ياد اچڻ کان پوءِ ان کي ائين ئي ڇڏي نه ڏي بلڪ هڪ آيت ڊگهي يا ٽي آيتون ننڍيون پوريون ڪري پوءِ اها سورت پڙهي.

اهڙيءَ طرح نفل جي ٻن رڪعتن ۾ تقديم ۽ تاخير مڪروهه نه آهي. فتاويٰ نسفيه ۾ آهي ته جڏهن ابو الفضل کان سوال ڪيو ويو ته نفل جي پهرين رڪعتن ۾ "تبت يدا ابي لهب" ۽ ٻي رڪعت ۾ "اذا جاءِ نصرالله" پڙهي سگهجي ٿي؟ ان چيو ته قاضي ابوبڪر اهڙي ترتيب کي فرض ۾ مڪروهه قرار ڏيندو هو ۽ نفل ۾ نه ۽ فتاويٰ برهنه واري به ان کي غير مڪروهه چيو آهي. ڄاڻڻ گهرجي ته تسبيح نماز محبت الٰهي جي حصول لاءِ انتهائي مجرب آهي ۽ ڪن چيو ته هر مقصد جي حصول لاءِ مجرب آهي، تنهن ڪري ڪن هن کي "صلوٰة العاشقين" جو نالو ڏنو آهي ۽ ڪي هن نماز کي صلوٰة الحاجات چوندا آهن ۽ ڪن چيو آهي ته صلوٰة العاشقين جون ٻه رڪعتون آهن ۽ چار پڙهڻ بهتر آهن ۽ تهجد وارو وقت ان نماز جو وقت آهي ۽ اها نماز ان وقت پڙهڻ گهرجي ۽ هر رڪعت ۾ سورة فا تحه کان پوءِ پنج ڀيرا قل هو الله احد پڙهجي ۽ ان کان پوءِ پنج ڀيرا ساهه بند ڪجي ۽ دل ۾ اسم ذات پڙهجي ۽ پنهنجي دل کي حرڪت ڏيڻ گهرجي ته جيئن ان جي حرارت ظاهري جسم تي اثر ڪري. ان کان پوءِ رڪوع ڪجي. ٽي ڀيرا تسبيح پڙهڻ کان پوءِ ٽي ڀيرا ساهه بند ڪجي ۽ دل ۾ ذاتي اسم پڙهجي. ان کان پوءِ قومه ۽ ٻنهي سجدن ۽ جلسه ۾ ٽي ڀيرا ساهه بند ڪجي ۽ اسم ذاتي پڙهجي. پوءِ جيڪڏهن ٻه رڪعتون پڙهي ته ڪل چاليهه ڀيرا ساهه بند ڪري ۽ جي چار رڪعتون پڙهي ته اسي ڀيرا ساهه بند ڪري ۽ اسم ذاتي پڙهي. هن فقير کي بزرگن کان ان جي اجازت مليل آهي.

نماز حفظ القرآن

جيڪڏهن ڪنهن شخص کي قرآن مجيد ياد نہ ٿئي يا ياد ڪرڻ کان پوءِ وسري وڃي تہ ان کي گهرجي تہ جمعة المبارڪ جي رات دعا جي قبوليت واري وقت يعني رات جي آخري حصي ۾ اٿي اها نماز پڙهي. جيڪڏهن رات جي آخري حصي ۾ اٿي نہ ٿو سگهي تہ پوءِ اڌ رات کان پوءِ جيڪڏهن ان جي بہ طاقت نہ ٿو رکي تہ پوءِ رات جي پهرين حصي ۾ سهڻي طرح وضوءَ ڪري چار رڪعتون نماز پڙهي. پهرين رڪعت ۾ سورة فا تحه کان پوءِ سورت يٰسين ۽ ٻي رڪعت ۾ حٰم دخان ۽ ٽئين رڪعت ۾ الم تنزيل ۽ چوٿين رڪعت ۾ سورت الملڪ پڙهي. آخري تشهد کان واندو ٿي الله تعالىٰ جو حمد ۽ ثنا ڪجي، يا هيءَ دعا پڙهجي:[93]

اللّٰهم لك الحمد علىٰ كل حال لا احصي ثناءً عليك انت كما اثنيت علىٰ نفسك

ترجمو: "اي الله! هر حال ۾ تنهنجي ساراهہ آهي. آئون تنهنجي ساراهہ بيان ڪري نٿو سگهان. جيئن تون پاڻ پنهنجي ساراهہ بيان فرمائي آهي."

ان کان پوءِ سرور ڪائنات ﷺ ۽ سمورن نبين تي درود شريف پڙهڻ گهرجي. درود شريف اهڙو، جنهن ۾ جامع صيغا هجن ۽ سمورن مسلمانن لاءِ استغفار ڪجي. هنن صيغن سان استغفار ڪجي:

"اللهم اغفر لجميع المؤمنين والمؤمنات بالامتنان ولاخواننا الذين سبقونا بالايمان."

ترجمو: "اي منهنجا الله! سڀني مؤمنن ۽ مؤمنياڻين ۽ اسان جي انهن سڀني ڀائرن کي جيڪي ايمان سان اسان کان اڳ ۾ وفات ڪري ويا آهن کي پنهنجي احسان سان بخش." ان کان پوءِ هيءَ دعا پڙهجي:

"اللهم ارحمني بترک المعاصي ابدا ما ابقيتني وارحمني بان لا اتكلف مالا يعنيني وارزقني حسن النظر فيما يرضيک عني اللهم بديع السمٰوت والارض ذالجلال والاكرام والعزة التي لاترام اسالک ياالله يارحمٰن بجلالک ونور وجهک وان تلزم قلبي حفظ كتابک كما علمتني وارزقني ان اتلوه علي النحو الذي يرضيک اللهم بديع السمٰوت والارض ذا الجلال والاكرام والعزة التي لاترام اسالک ياالله يارحمٰن بجلالک ونور وجهک ان تنور بكتابک بصري وان تطلق به لساني وان تفرج به عن قلبي وان تشرح به صدري وان تغسل به بدني فانه لايعينني علي الحق غيرک ولا يؤتيه الا انت ولا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم."

ترجمو: "اي الله! گناهن جي ڇڏڻ ذريعي مون تي رحم ڪر، جيستائين مون کي جيئرو رکين ۽ مون تي رحم ڪر جو مان اهڙا ڪم نہ ڪريان، جيڪي منهنجي لائق نہ آهن ۽ مون کي پنهنجي رضا جي ڪمن ۾ سهڻي نظر ڪرڻ جي توفيق عطا ڪر. اي الله! آسمانن ۽ زمين کي نئين سر پيدا ڪرڻ وارا، اي جلال بزرگي ۽ اهڙي عزت وارا الله! جيڪا ٻيو ڪو بہ حاصل ڪري نٿو سگهي. اي الله! اي رحمٰن! آئون توکان تنهنجي جلال، ۽ تنهنجي ذات جي نور وسيلي سوال ڪريان ٿو تہ منهنجي دل کي پنهنجي ڪتاب (قرآن شريف) جي ياد ڪرڻ ۾ ائين لازم ڪري ڇڏ، جيئن تون مون کي سيکاريو آهي ۽ مون کي ان طريقي سان تلاوت ڪرڻ جي توفيق عطا ڪر. جنهن سان تون

راضي ٿئين. اي آسمانن ۽ زمين جي نئين سر پيدا ڪرڻ وارا (الله)! جلال، بزرگي، ۽ اهڙي عزت وارا (الله!) جيڪا ٻيو ڪو بہ حاصل ڪري نٿو سگهي. اي الله! اي رحمٰن آئون توڪان تنهنجي جلال ۽ تنهنجي ذات جي نور وسيلي گهران ٿو تہ تون پنهنجي قرآن شريف جي ذريعي منهنجي اکين کي (روشن ڪر ۽ ان جي منهنجي زبان کان تلاوت ڪراءِ) ۽ ان جي ذريعي منهنجي دل جون پريشانيون دور ڪر ۽ ان (قرآن) جي ذريعي منهنجو سينو کول ۽ ان جي ذريعي منهنجي جسم کي (گناهن کان) ڌوءِ ڇو جو حق (ڳالهہ) تي توڪان سواءِ منهنجي ٻيو ڪو بہ مدد ڪري نٿو سگهي. توڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ ڏئي نٿو سگهي، (گناهن کان) بچڻ ۽ (نيڪين ڪرڻ جي) طاقت الله بلند ۽ تمام وڏي کان سواءِ نہ آهي."

ان کان پوءِ سلام ڦيرائجي. ائين ٽي دفعا ياپنج دفعا، ياست دفعا نماز پڙهڻ گهرجي تہ جيئن اها الله تعاليٰ جي درٻار ۾ قبول پوي. انشاءَ الله تعاليٰ ان دعا جي برڪتن جي ڪري حفظ ياد رهندو ۽ ڪڏهن بہ نہ وسرندو.

شيخ جلال الدين سيوطي هن حديث کي تفسير درمنثور ۾ ٻن جڳهن تي آندو آهي: هڪ سورة يٰس جي تفسير ۾ ٻيو الله تعاليٰ جي هن قول هيٺان:

سَوۡفَ اَسۡتَغۡفِرُ لَكُمۡ رَبِّيۡ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿۹۸﴾ (يوسف آيت: ٩٨)

ترجمو: " مان سگهو اوهان لاءِ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرندس، ڇو تہ اهوئي بخشڻهار مهربان آهي. اهڙيءَ طرح ڪنز العمال واري پڻ ان جو ڪجهہ حصو ذڪر ڪيو آهي."

صلوٰة الاستخاره

صلوٰة الاستخاره جون بہ رڪعتون آهن. حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن اسان کي سمورن معاملن بابت ائين استخارو سيکاريندا هئا، جيئن قرآن مجيد جون سورتون سيکاريندا هئا. فرمائيندا هئا: جڏهن توهان مان ڪو ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري تہ پوءِ بہ رڪعتون فرض نماز کان سواءِ پڙهي ان کان پوءِ هي دعا پڙهي:

"اللهم اني استخيرک بعلمک واستقدرک بقدرتک واسئلک من فضلک العظيم انک تقدر ولا اقدر وتعلم ولا اعلم وانت علام الغيوب. اللهم انت تعلم ان هٰذا الامر خير لي في ديني ومعاشي وعاقبة امري او قال في عاجل امري وآجله فاقدره لي ويسره لي ثم بارک فيه وان کنت تعلم ان هٰذا الامر شر لي في ديني ومعاشي وعقبة امري او قال في عاجل امري وآجله فاصرفه عني واصرفني عنه واقدر لي الخير حيث کان ثم ارضني به." (رواه بخاري)

ترجمو: "اي منهنجا الله! بيشڪ مان توڪان تنهنجي علم جي ذريعي ڀلائي (جي صلاح) گهران ٿو ۽ توڪان تنهنجي قدرت جي ذريعي طاقت گهران ٿو ۽ توڪان تنهنجو وڏو فضل گهران ٿو ڇو تہ توکي ان جي قدرت

آهي ۽ مون ڪي ڪا بہ قدرت نہ آهي ۽ تون (سڀ ڪجهہ) ڄاڻين ٿو ۽ مان (ڪجهہ بہ) نہ ٿو ڄاڻان ۽ تون ئي ڳجهن جو ڄاڻندڙ آهين. اي منهنجا الله! توکي خبر آهي تہ جيڪڏهن هي ڪم (ان ڪم جو نالو وٺجي) منهنجي لاءِ منهنجي دين منهنجي حياتي، منهنجي ڪم جي نتيجي، دنيا جي حياتي ۽ آخرت ۾ ڀلو آهي تہ تون مون کي ان جي قدرت ڏي ۽ تون اهو ڪم منهنجي لاءِ سولو بڻاءِ ۽ تون منهنجي لاءِ انهيءَ ۾ برڪت عطا ڪر. اي منهنجا الله! جيڪڏهن تون ڄاڻي ٿو تہ هي ڪم (ان ڪم جو نالو وٺجي) منهنجي لاءِ ، منهنجي دين، منهنجي حياتيءَ، منهنجي ڪم جي نتيجي، منهنجي دنيا ۽ منهنجي آخرت لاءِ خراب آهي تہ پوءِ تون اهو ڪم مون کان ڦيراءِ ۽ تون مون کي ان ڪم کان ڦيراءِ ۽ تون منهنجي لاءِ ڀلائي مقدر ڪر ڀلي اها جتي بہ هجي ۽ پوءِ تون مون کي انهيءَ تي راضي رک ."[94] (رواه بخاري) غنية المتملي ۾ آهي تہ مسلم کان سواءِ محدثن جي وڏي جماعت بخاري، ابوداؤد، ترمذي نسائي ۽ ابن ماجہ ان کي روايت ڪيو آهي. حص حصين بہ انهن پنجن کان روايت ڪيو آهي، صرف "يسميٰ حاجتہ" جا لفظ نہ آندا اٿائين.

هيءَ دعا فرض نماز کان سواءِ نفل ۾ پڙهي. پوءِ جيڪڏهن سنت مؤڪده مثال طور فجر جي سنت ۽ ظهر ۽ مغرب نماز کان پوءِ واريون سنتون پڙهيائين تہ اهي ڪافي ٿي وينديون ۽ فرض جون ٻہ رڪعتون مثال طور فجر جي نماز ۽ جمعة المبارڪ جي نماز ۽ سفر نماز ڪافي نہ ٿينديون. جيڪڏهن چار رڪعتون نفل هڪ ئي سلام سان پڙهيائين تہ ڪن وٽ اهي ڪافي ٿي وينديون، ڇو تہ چئن جي ضمن ۾ ٻہ بہ موجود آهن ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ استخاره نماز مستقل نماز آهي ۽ بهتر هي آهي تہ ٻہ رڪعتون مستقل صلوٰة الاستخاره جي نيت سان پڙهجي ۽ حديث شريف ۾ ان بابت ڪا معين سورة آيل نہ آهي. البتہ شيخ عبد الحق جو چوڻ آهي تہ "قل يا ايهاالكافرون" ۽ "قل هو الله احد" پڙهڻ گهرجي ۽ چيو اٿائين تہ اسلاف جو بہ ان تي عمل رهيو آهي ۽ فتاويٰ برهنه ۾ آهي تہ هر رڪعت ۾ ٽي ڀيرا "قل هو الله احد" پڙهجي ۽ چيو اٿائين تہ هي آيتون پڙهي:

وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ وَيَخْتَارُ ؕ مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ ؕ (القصص آيت: 68)

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ إِذَا قَضَى اللهُ وَرَسُولُهُ أَمْرًا أَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ أَمْرِهِمْ ؕ (السجدة آيت: 36)

ترجمو: "۽ جڏهن الله ۽ سندس رسول ڪنهن ڪم بابت حڪم ڪري، تڏهن ڪنهن مؤمن ۽ ڪنهن مؤمنياڻيءَ کي پنهنجي ڪم ۾ ڪو اختيار هجڻ نہ جڳائي."

حصن حصين جي ڪن نسخن ۾ "واستقدرک بقدرتک" جي جڳهہ تي "واستشهد بک بقدرتک" جا الفاظ آيل آهن ۽ مشڪوٰة جي شرح ۾ آهي تہ ڪن نسخن ۾ "اللهم ان كنت تعلم ان هٰذ الامر شر لي" جي جڳهہ تي "وان كنت تعلم ان هٰذا الامر شر لي" آيل آهي. مٿي جيڪو "اوقال في عاجل امري" آهي، اهو راويءَ جو شڪ آهي. افضل هي آهي تہ ٻئي لفظ گڏ چوي تہ جيئن ٻنهي تي عمل ٿي وڃي.

"ويسميٰ حاجته" جو مطلب آهي تہ پنهنجي ان ضرورت جو نالو ڪٺي يا پنهنجي ضرورت ڏانهن توجه ڪري. مثال طور چوي: "ان كنت تعلم ان هٰذا السفر او الشغل او المال او الفرس" وغيره يعني منهنجي لاءِ جيڪڏهن هي سفر يا هي ڪم يا هي مال يا گهوڙو وغيره ڀلو آهي تہ منهنجي لاءِ اهو مقدر ڪر پوءِ جيڪڏهن

اهو مذڪر آهي تہ ان لاءِ ضمير مذڪر جو ڪديو. جيئن "فاقدره لي ويسره لي" پر جيڪڏهن اها شيءِ مؤنث آهي. مثال طور عورت يا ٻانهي آهي تہ ضمير مؤنث جو ڪيندو يعني "فاقدرها لي ويسرها لي" چوي.

استخاره جي معنيٰ آهي خير جي طلب ڪرڻ. اهڙي شيءِ مان جيڪا خير ۽ شر جو احتمال رکندي هجي، پوءِ اهي شيون جن ۾ صرف خير ۽ چڱائي آهي. مثال طور الله تعاليٰ جون مقرر ڪيل عبادتون يا جيڪي شيون محض شر آهن. مثال طور الله تعاليٰ جي طرفان منع ڪيل شيون انهن شين ۾ استخاره نہ ٿيندو. استخاره انهن ٻين شين بابت ٿيندو جيڪي انهن سان تعلق رکن ٿيون ۽ اهي خير ۽ شر جو احتمال رکن ٿيون. مثال طور جهاد يا حج تي نڪرڻ لاءِ استخاره ڪرڻ تہ ڪهڙي ڏينهن نڪرڻ بهتر آهي. هي استخاره صرف جهاد تي نڪرڻ لاءِ آهي. ذات جهاد لاءِ نہ آهي. اهڙي طريقي سان ٿي استخارو ڪبو. پوءِ جيڪڏهن ان شيءِ ۾ ان جي ڀلائي هوندي تہ ان جي دل ۾ ان ڪم لاءِ رغبت ۽ آساني پيدا ٿيندي، پر جي ان ڪم ۾ ان لاءِ ڀلائي نہ هوندي تہ ان ڪم ۾ ان لاءِ آساني پيدا نہ ٿيندي ۽ پاڪيزه دل رکڻ وارن لاءِ اهومعاملو بلڪل ظاهر ٿي پوندو آهي. جيڪڏهن ان ڪم ۾ انهن لاءِ ڀلائي هوندي تہ انهن جي دل ان ڪم ڏانهن راغب ٿي پوندي ۽ جي ڀلائي نہ هوندي تہ دل ٻي راغب ٿي پوندي ۽ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"يا انس اذا هممت بامر فاستخر ربک فيه سبع مرات ثم انظر الي الذي سبق اليٰ قلبک فان الخير فيه." (رواه ابن سني)

ترجمو: اي انس! رضي الله عنه جڏهن توکي ڪوئي معاملو پيش اچي تہ تون پنهنجي رب سان ست ڀيرا مشورا ڪر پوءِ جنهن ڏانهن تنهنجي دل مائل ٿئي، ان کي وٺ ڇو تہ ڀلائي ان ۾ آهي."

اهو دل جي صفائي تي موقوف آهي. جيتري دل وڌيڪ صاف هوندي، اوترو جلدي مقصد حاصل ٿي ويندو.

ڪن جو چوڻ آهي تہ حق ۽ سچ جي ڀانڌيئيڙي ڪي گهرجي تہ پنهنجن سمورن ڪمن لاءِ نفل يا سنت کان پوءِ روزانو استخاره ڪري.

دعا ۾ هي لفظ چوڻ گهرجن اللهم ان كنت تعلم ان ماريده من الامور كلها خيرلي.... الخ ۽ وان كنت تعلم ان مٰا اريده من الامور كلها شر لي....الخ يعني اي منهنجا الله! جيڪڏهن توکي خبر آهي تہ منهنجا سمورا معاملا جن جي ڪرڻ جو مان ارادو رکان ٿو انهن ۾ منهنجي لاءِ ڀلائي آهي تہ اهي ڪم منهنجي لاءِ آسان ڪر ۽ جيڪڏهن انهن ۾ منهنجي لاءِ برائي آهي تہ اهي ڪم مون کان ڦيراءِ ۽ مون کي انهن ڪمن کان ڦيراءِ.

ان عمل جي ڪري الله تعاليٰ ان کي خير ۽ ڀلائي عطا ڪندو ۽ برائيءَ کان بچائيندو

شاديءَ لاءِ استخاره

شاديءَ جي لاءِ استخارو ڪرڻ جو هڪ ٻيو طريقو بہ آيل آهي. اهو هي آهي تہ جنهن عورت سان شادي ڪرڻ جو ارادو هجي، نڪاح جو پيغام موڪلڻ کان پهريان ان لاءِ استخارو ڪجي. فرض نماز پڙهڻ کان پوءِ الله تعاليٰ جي ثناءِ ۽ تعريف ڪري، هيءَ دعا پڙهجي:

"اللهم انک تقدر ولا اقدر وتعلم ولا اعلم وانت علام الغيوب فان رايت ان في فلانة. خيرا لي في ديني

ودنياي وآخرتي فاقدرها لي وان كان غيرها خيرا لي منها في ديني و دنياي و آخرتي فاقدرها لي."

ترجمو: "اي الله! تون هر شيءِ تي قدرت وارو آهين. مان ڪنهن بہ شيءِ تي قادر نہ آهيان ۽ تون هر شيءِ ڄاڻين ٿو ۽ مان ڪجهہ بہ نہ ٿو ڄاڻان ۽ تون غيب ڄاڻيندڙ آهين. تون ڄاڻين ٿو تہ جيڪڏهن فلاڻي (ان عورت جو نالو وٺجي) منهنجي لاءِ ، منهنجي دين، دنيا ۽ آخرت لاءِ بهتر آهي تہ تون مون کي ان تي قادر ڪر ۽ جيڪڏهن ان کان ڪا ٻي بهتر آهي تہ مون کي ان تي قادر بڻاءِ .

هي طريقو مستدرک حاڪم وغيره ۾ آيل آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ قرآن مجيد يا ٻين ڪتابن تي جيڪا نيڪ يا بدفال وٺندا آهن. اها بدعت آهي. رسول الله ﷺ ۽ سلف صالحين کان ان جو ڪوبہ قولي ۽ فعلي طريقو ثابت ٿيل نہ آهي ۽ "كل بدعة ضلالة" (هر بدعت گمراهي آهي) جي ڪري اهو طريقو ممنوع آهي ۽ جيڪو ڪاغذ جي ٽن ٽڪرن مان هڪ تي "افعل" يعني هيءُ ڪم ڪر ۽ ٻي ٽڪري تي "لا تفعل" يعني هي ڪم نہ ڪر، لکي فال ڪيندا آهن. اهو طريقو پڻ بدعت آهي. فتاويٰ برهنه ۾ آهي تہ رافضين اهابدعت ايجاد ڪئي هئي. باقي ٻن خصمن (جهڳڙو ڪندڙن) جي درميان ڪڻون ڪڍڻ مشروع آهي تہ جيئن انهن جي درميان جهڳڙو ٽري وڃي.[96] ان جو سٺ کان پلو طريقو نالو لکي ڪڻون ڪڍڻ آهي. مثال طور غنيمت جو مال، يا ميراث ۽ صدقه وغيره جو مال ٻن ماڻهن ۾ تقسيم ڪرڻو آهي تہ انهن ٻنهي جا نالا جدا جدا پني تي لکبا. پوءِ اهو مال جيڪو بہ هجي ان جا ٻہ حصا ڪبا. نالي وارين پرچين ڪنهن ڪپڙي هيٺان رکي ڪنهن ماڻهوءَ کي چئبو تہ هڪ، هڪ هٿ ۾ کڻ ۽ ٻي، ٻئي هٿ سان کڻ ۽ اهي پرچيون انهن جي حوالي ڪري، جنهن جي حصي ۾ جيڪو آيو اهو کڻي ۽ جيڪڏهن ڪنهن شخص کي چار زالون آهن ۽ اهو انهن مان هڪڙيءَ کي سفر تي وٺي وڃڻ چاهي ٿو اهو چئن ئي زالن جا نالا جدا جدا پرچيءَ تي لکي، پوءِ جنهن جو نالو نڪري، ان کي سفر تي وٺي وڃي تہ جيئن زالن ۾ جهڳڙو نہ ٿئي. بهرحال ڪڻون ڪڍڻ استخارو نہ آهي بلڪ جهڳڙو ٽارڻ آهي.

استخاره منامیه

هينئر "استخاره منامیه" بيان ڪجي ٿو استخاره منامیه تقويٰ ۽ پرهيزگاري وارن کي سچن خوابن جي ذريعي حاصل ٿيندو آهي ۽ انهن جي آڏو جنهن معاملي بابت استخارو ڪبو آهي، ان جو خير يا شر هئڻ معلوم ٿيندو آهي. ان جو طريقو هي آهي تہ اربع جي رات نماز کان پوءِ تازو وضو ڪري. جيڪڏهن غسل ڪجي تہ وڌيڪ بهتر آهي ۽ پاڪ ڪپڙا پائي پاڪ ۽ صاف جڳهہ تي اڪيلائپ ۾ ٻہ رڪعتون نفل نماز پڙهجن ۽ هي بہ ياد رکجي تہ وضوءَ کان پوءِ دنيا جي ڪابہ ڳالهہ ناهي ڪرڻي. ٻہ رڪعتون نفل پڙهڻ کان پوءِ ٻہ رڪعتون استخاره نماز پڙهجي ۽ پهرين رڪعت ۾ سورت فاتحه کان پوءِ سورة يٰس ۽ ٻي رڪعت ۾ سورة فاتحه کان پوءِ سورة القدر پڙهجي. سلام ورائڻ کان پوءِ يارهن ڀيرا درود پڙهجي ۽ هڪ سؤ ڀيرا يا مبين ۽ هڪ ڀيرو هي ڪلما چئجن "اللهم يا مبين بين لي هٰذا الامر في منامي هٰذا"

ترجمو: "اي منهنجا الله! اي هر معاملي کي کوليندڙ. منهنجي لاءِ هن ننڊ ۾ هي معاملو کول." ۽ ان کان پوءِ يارهن ڀيرا درود پڙهي ۽ هڪ سؤ ڀيرا يا هادي پڙهڻ گهرجي ۽ هڪ ڀيرو هي ڪلمات پڙهجن "اللهم يا هادي اهدني في

هٰذا الامر في منامي هٰذا." ان کان پوءِ يارهن ڀيرا درود شريف ۽ هڪ سؤ ڀيرا "يا عليم"، هڪ ڀيرو "اللهم يا عليم علمني هٰذا الامر في منامي هٰذا." يارهن ڀيرا درود شريف پڙهڻ سان گڏ پڙهجي. ان کان پوءِ هڪ سؤ ڀيرا "ياخبير" ۽ هڪ ڀيرو "اللهم يا خبيرا اخبرني عن هٰذا الامر في منامي." درود شريف سان گڏ پڙهڻ گهرجي. ان کان پوءِ جيڪڏهن استخاره واري دعا جيڪا مٿي گذري، پڙهجي تہ بهتر آهي، پر ان ۾ "ثم بارک لي فيه" کان پوءِ "وارني خيريته في هٰذا المنام بفضلک وکرمک" جو اضافو ڪبو ۽ اهڙيءَ طرح "واصرفني عنه" کان پوءِ "وارني خيريته في هٰذا المنام بفضلک وکرمک" جو اضافو ڪرڻ گهرجي ۽ اها دعا ٽي ڀيرا پڙهڻ گهرجي. ان کان پوءِ ساڄي پاسي تي قبله ڏانهن منهن ڪري سجو هٿ مٿي جي هيٺان ڪري سمهي رهجي ۽ درود شريف پڙهجي تہ جيئن درود پاڪ پڙهندي ننڊ وٺي وڃي. [97] انشاءَ الله ننڊ ۾ صراحتًا يا ڪنايتًا هن جي آڏو ان معاملي جي سچي حقيقت واضح ٿي ويندي ۽ اڪثر طور ڪنايتًا ان جي حقيقت معلوم ٿيندي آهي ۽ ان معاملي جو خير هجڻ جو هڪ ڪنايو مٺي شيءِ مثال طور ماکي، مصري، کنڊ يا کير وغيره کائڻ ۾ آهي. يا اعليٰ قسم جي خوشبو حاصل ڪرڻ يا ننڊ ۾ احتلام پئجي وڃڻ آهي. اهي سڀ ان معاملي جي ڀلي هئڻ جون نشانيون آهن.

جيڪڏهن ان رات ڪوئي خواب نہ ڏسي تہ خميس جي رات اهو استخاره ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ان رات بہ ڪوئي خواب نہ ڏسي تہ جمعي رات ائين ڪرڻ گهرجي. ان معاملي جو جواب ننڊ ۾ ٿي ايندو ۽ هي عمل گهڻو مجرب آهي ۽ هن فقير کي پنهنجن استادن کان مليو آهي ۽ هن فقير ان عمل کي سومر جي رات بہ مجرب لڌو آهي ۽ هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ معاملات ۾ استخاره ڪرڻ نيڪ بختي جي نشاني آهي ۽ استخاره جو ڇڏڻ بدبختي آهي. حديث شريف ۾ پڻ ان قسم جو مفهوم آيل آهي. حديث ۾ آهي تہ الله تعاليٰ سان استخاره ڪرڻ انسان جي نيک بختي آهي ۽ ان جو ڇڏڻ بدبختي آهي. هي روايت حصن حصين ۾ آيل آهي.

صلوٰة الحاجات

هينئر نماز حاجت جو بيان ڪجي ٿو: صلوٰة الحاجات جو ثبوت حديث ۾ آيل آهي. حديث شريف ۾ آهي، حضرت عبدالله بن ابي اوفيٰ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: جنهن شخص جي الله تعاليٰ يا ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ڪا حاجت هجي تہ اهو شخص سهڻي طريقي سان وضو ڪري ٻہ رڪعتون نماز پڙهي. ان کان پوءِ الله تعاليٰ جو حمد ۽ رسول الله ﷺ جن جي مٿان درود شريف پڙهي. ان کان پوءِ هيءَ دعا پڙهي:

"لا الٰہ الا الله الحليم الکريم سبحان الله رب العرش العظيم والحمد لله رب العالمين اسالک موجبات رحمتک وعزائم مغفرتک والغنيمة من کل بر والسلامة من کل اثم لاتدع لي ذنبا الا غفرته ولا هما الا فرجته ولا حاجة هي لک رضا الا قضيتها يا ارحم الراحمين." (رواه ترمذي وابن ماجه)

ترجمو: "الله بردبار، سگهوري کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود نہ آهي. الله پاڪ آهي ۽ عرش عظيم جو مالڪ آهي. سڀ تعريفون جهانن جي پالڻهار الله تعاليٰ جي لاءِ آهن. اي الله! مان توکان تنهنجي رحمت جي واجب ڪرڻ وارا ڪم گهران ٿو ۽ تنهجيون وڏيون بخششون ۽ هر نيڪيءَ مان وڏو حصو ۽ گناهن کان سلامتي گهران ٿو. تون منهنجو ڪوبہ گناهہ بخشڻ کان سواءِ نہ ڇڏ ۽ منهنجو ڪو بہ غم جنهن ۾ تنهنجي رضا هجي، پوري ڪرڻ کان سواءِ نہ ڇڏ اي ارحم الراحمين."

صلوٰة الضرورة

صلوٰة الضرورة هن ريت آهي. حضرت عثمان بن حنيف ﷺ کان روايت آهي تہ هڪ ڪمزور نظر وارو شخص رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ اي الله جا رسول ﷺ! دعا گهرو تہ الله تعاليٰ مون ڪي نظر جي ڪمزوريءَ کان عافيت عطا ڪري، تنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو: جيڪڏهن گهرين تہ تنهنجي لاءِ دعا گهرون ۾ جيڪڏهن صبر ڪرين تہ تنهنجي لاءِ بهتر آهي. ان کان پوءِ ان کي حڪم ڏنائون تہ سهڻي طريقي سان وضو ڪري، الله تعاليٰ کان هن طرح دعا گهر:

"اللهم اني اسالک واتوجه اليک بنبيک محمد نبي الرحمة ﷺ يا محمد! اني اتوجه بک الي ربي في قضاءِ حاجتي هٰذه ليقضي لي. اللهم فشفعه في." (رواه ابن ماجه والترمذي)

ترجمو: "اي الله! آئون توکان گهران ٿو ۽ توڏي تنهنجي نبي حضرت محمد ﷺ جي ذريعي متوجه ٿيان ٿو جيڪو رحمت وارو نبي آهي. اي محمد (ﷺ) آئون تنهنجي ذريعي پنهنجي رب ڏي هن ڪم جي پوري ٿيڻ ۾ توجه ڪريان ٿو تہ جيئن منهنجو اهو ڪم ٿي پوي. اي منهنجا الله! (رسول الله ﷺ جن) جي صدقي منهنجي باري ۾ سفارش قبول فرماءِ."

ڪن روايتن ۾ آهي تہ جنهن شخص کي ڪا حاجت وغيره هجي تہ سهڻي طرح وضو ڪري دعا گهري ۽ ڪن ۾ ٻہ رڪعتون پڙهڻ جو ذڪر آيل آهي.

هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ جنهن شخص کي ڪا حاجت هجي تہ ٻارهن رڪعتون ڇهن سلامن سان خشوع ۽ خضوع سان پڙهي. جڏهن التحيات ۽ درود پڙهي ويهي تہ سلام کان پهريان الله اڪبر[98] چئي سجده ۾ وڃي ۽ سجده ۾ ست ڀيرا سورة فاتحه ۽ ست ڀيرا آية الڪرسي ۽ ڏهه ڀيرا: "لا الٰه الا الله وحده لاشريک له له الملک وله الحمد يحيي ويميت وهو حي لا يموت بيده الخير وهو عليٰ کل شيءٍ قدير."

ترجمو: "الله اڪيلي کان سواءِ ٻيو ڪو بہ معبود نہ آهي، جنهن جو ڪو بہ همسر نہ آهي ان جي ئي بادشاهي آهي ۽ ان جي لاءِ ئي ساراهون آهن. اهو ئي جياري ٿو ۽ ماري ٿو اهو سدا جيئرو آهي ڪڏهن بہ نہ مرندو سڀ ڀلايون سندس ئي هٿ ۾ آهن. اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي."

پڙهڻ گهرجي. ان کان پوءِ سيد الرسل، محبوب دو عالم ﷺ جن جي مٿان ڏهه ڀيرا درود شريف پڙهڻ گهرجي. ان کان پوءِ هيءَ دعا پڙهجي:

"اللهم اني اسالک بمعاقد العز من عرشک ومنتهي الرحمة من کتابک وباسمک الاعظم وجدک الاعليٰ وکلماتک التامات."

ترجمو: "اي الله! آئون توکان تنهنجي عرش جي وڏي عزت ذريعي ۽ تنهنجي ڪتاب جي رحمت جي انتها، ۽ تنهنجي اسم اعظم ۽ تنهنجي وڏي بزرگي ۽ تنهنجن پورن ڪلمن جي ذريعي توکان گهران ٿو."

ان کان پوءِ دعا پڙهي، سلام ورائي. هيءَ دعا شيخ نورالدين پنهنجي ڪتاب "مظهر الانوار في الصلوٰة عليٰ سيد الابرار ﷺ" ۾ آندي آهي.

ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ اهي ٻارهن رڪعتون ڇهن قعدن ۽ هڪ سلام سان آهن ۽ ڪن روايتن ۾

"كلمات الله التامات" كان پوءِ "ان تقضي حاجتي هٰذه" جا الفاظ بہ آيل آهن ۽ سلام كان پهريان اسان وٽ اهو سجدو جائز آهي ۽ هي نماز حاجت جي قضا لاءِ مجرب آهي.

تنبيه الغافلين ۾ آهي تہ ٻارهن ركعتون پڙهجن ۽ وچ ۾ كلام نہ كجي ۽ آخر ۾ مذكوره دعائون پڙهجن ۽ هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ اسان وٽ سجده مناجات بغير كراهية جي جائز آهي، ڇو تہ حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو آهي: ٻانهو پنهنجي رب كي سڀ كان وڌيڪ ويجهو ان وقت هوندو آهي، جڏهن سجدي ۾ هوندو آهي. تنهن كري سجدي ۾ گهڻيون دعائون گهرندا كريو (رواه مسلم)

البتہ متاخرين احناف جي هڪ جماعت جو چوڻ آهي تہ اهو سجدو مكروهہ آهي ۽ مختار مذهب عدم كراهية وارو آهي ۽ هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ پاڻ ﷺ جن كان منقول دعائن ۾ "معاقد العز من عرشک" ۽ "معقد العز من عرشک" يعني جمع ۽ مفرد ٻنهي جا صيغا آيل آهن. اهڙيءَ طرح "مقعد العز" قاف جي تقديم ۽ سان پڻ آيل آهي[99] ۽ هي لفظ متشابهات مان آهي ۽ متشابهات بابت متقدين عالمن جو چوڻ آهي تہ ان جي تاويل كرڻ جائز نہ آهي. بلڪ اهو شارع جي حوالي آهي. اسان كي ان تي ايمان آڻڻو آهي. باقي انهن جي حقيقت ڇا آهي. اسان كي ان جي تحقيق كرڻ جي كابہ ضرورت نہ آهي. ان جو پورو تفصيل مٿي گذري آيو ۽ متاخرين وٽ متشابهات جي تاويل جائز آهي، پر عام ماڻهن كي اها تاويل ٻڌائڻي نہ آهي. تنهن كري طرفين وٽ دعا ۾ اهي الفاظ چوڻ مكروهہ آهن،ڇو تہ اهي متشابهات مان آهن.

مكتوبات منيريه ۾ آهي تہ حاجتن جي قضا ۽ غمن جي دور كرڻ جي لاءِ چار ركعتون نفل پڙهڻ گهرجن. اهي هر وقت پڙهي سگهجن ٿيون. البتہ جمعي جي رات پڙهڻ بهتر آهن. پهرين ركعت ۾ سورة فاتحه كان پوءِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ ۖ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ۝٨٧ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۙ وَنَجَّيْنٰهُ مِنَ الْغَمِّ ۭ وَكَذٰلِكَ نُـْجِي الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٨٨ (الانبياء آيت: ٨٧)

ترجمو: "توكان سواءِ كو معبود نہ آهي تون پاڪ آهين مان گنهگارن مان آهيان پوءِ سندس دعا قبول كئي سون ۽ كيس غم كان بچايون سون ۽ اهڙيءَ طرح مؤمنن كي بچائيندا آهيون."

پڙهڻ گهرجي ۽ ٻي ركعت ۾ هڪ سؤ ڀيرا:

وَاَيُّوْبَ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ۝٨٣ (الانبياء آيت:٨٣)

ترجمو: "۽ (اي پيغمبر) ايوب (جي قصي) كي (ياد كر) جڏهن پنهنجي پالڻهار كي سڏيائين تہ مون كي ڏک پهتو آهي ۽ تون (سڀني) ٻاجهارن كان تمام ٻاجهارو آهين." پڙهڻ گهرجي ۽ ٽئين ركعت ۾ هڪ سؤ ڀيرا:

وَاُفَوِّضُ اَمْرِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ۝٤٤ (المومن ٤٤)

ترجمو: "۽ مان پنهنجو كم الله كي سونپيان ٿو ڇو تہ الله ٻانهن (جي حال) كي ڏسندڙ آهي." پڙهڻ گهرجي ۽ چوٿين ركعت ۾ هڪ سؤ ڀيرا:

نِعۡمَ الۡمَوۡلٰی وَنِعۡمَ النَّصِيۡرُ۝ (الانفال:٣٠)

ترجمو: "۽ (اهو) چگو سنڀاليندڙ ۽ چگو مددگار آهي."

پڙهڻ گهرجي ۽ سلام ورائڻ کان پوءِ ڏهه ڀيرا "رب اني مغلوب فانتصر" پڙهڻ گهرجي. هن نماز جا ڪيترائي فائدا آهن ۽ نماز ۾ ضرورت جي ڪري عددن جو شمار ڪرڻ جائز آهي، ڇو ته قانون آهي "الضرورات تبيح المحظورات" يعني ضرورت ممنوع کي مباح بڻائيندي آهي.

هي ب جاڻڻ گهرجي ته جيڪي نفل شريعت ۾ ثابت آهن انهن جو عدد گهڻو آهي. هن ڪتاب ۾ انهن جو احاطو ڪرڻ ممڪن نه آهي ۽ اهي نمازون، جن جو ثبوت صحيح نه آهي ۽ عالمن تحقيق کان سواءِ پنهنجن ڪتابن ۾ لکي ڇڏيون آهن انهن جو نه پڙهڻ بهتر آهي، ڇو ته اهي بدعت آهن ۽ بدعت گمراهي آهي ۽ اهڙي عبادت، جنهن ۾ هڪ پاسي سنت جي هجي ۽ ٻئي پاسي بدعت جي هجي ته اتي بدعت غالب ايندي، ڇو ته سنت جو ادا ڪرڻ سنت آهي ۽ بدعت جو ڇڏڻ واجب آهي ۽ واجب سنت کان مقدم آهي. تنهنڪري اهي نمازون جيڪي ثابت نه آهن بلڪ ماڻهن جي طرفان گهڙيل آهن. مثال طور "صلوٰة ليلة الرغائب" وغيره. انهن ۾ هڪ پاسي عبادت ۽ ٻئي پاسي جمع آهي، ڇو ته ان ۾ رڪعتن جو تعداد ۽ قراءت جو تعين ۽ وقت جو تعين بدعت آهي ۽ مٿي معلوم ٿي چڪو ته بدعت جو ڇڏڻ بهتر آهي تنهن ڪري موضوع ۽ من گهڙت نمازون ڇڏڻ گهرجن ۽ ان بابت علماءِ ڪرام جا مستقل رسالا لکيل آهن[100] جيئن منهنجي استاد ميرزا محمد خليل بدخشاني رحمت الله تعاليٰ ۽ شيخ علامہ نورالدين علي المقدسي قدس سره جو ڪتاب"ردع الرغائب عن صلواة الرغائب" ۽ رسالہ علامہ حموي وغيره. اشباهہ ونظائر واري جو چوڻ آهي ته مون ان ۾ هڪ ڊگهي ۽ طويل تحرير لکي آهي ۽ اڪثر محدثن مثال طورشيخ عبدالحق، ملا علي قاري ۽ محمد طاهر پٽني صاحب مجمع البحار وارو آهي ۽ انهن ان نماز جو انڪار ڪيو آهي ۽ ان کي بدعت شمار ڪيو آهي ۽ ان بابت جيڪي حديثون پيش ڪيون ويندون آهن اهي سڀ موضوع ۽ من گهڙت آهن. سن چوٿين هجري تائين ان نماز جو ڪو وجود نه هيو. چوٿين هجريءَ کان پوءِ ماڻهن اها نماز ايجاد ڪئي آهي. علامه ابراهيم حلبي ان جي پوري تحقيق ڪئي آهي. بهرحال هي ياد رکڻ گهرجي ته جيڪي عبادتون ڪتابن ۾ لکيل هجن، اهي حديث جي ڪتابن سان ڀيٽڻ گهرجن. جيڪڏهن حديث جي صحيح ڪتابن ۾ صحيح سندن سان ثابت ٿيل هجن ته انهن تي عمل ڪرڻ گهرجي پر جي اهي حديث مان ثابت ٿيل نه هجن ته انهن تي عمل ڪرڻ نه گهرجي ڇو ته گهڻا مصنف بنا ڪنهن ثبوت جي ڪچيون پڪيون ڳالهيون لکي ڇڏيندا آهن ۽ ان جي تحقيق نه ڪندا آهن. فقيه ابو الليث سمرقنديءَ ائين لکيو آهي ۽ ماڻهن کي "صلوٰة الرغائب" جي پڙهڻ ۾ مشغول ڏسي دوکو کائڻ نه گهرجي، ڇو ته شيطان بدعت وارا ڪم ماڻهن جي آڏو سينگاري پيش ڪندو آهي ۽ ماڻهن کي انهن بدعت وارن ڪمن ۾ مزو ۽ لذت ايندي آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

وَاِذۡ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيۡطٰنُ اَعۡمَالَهُمۡ فَصَدَّهُمۡ عَنِ السَّبِيۡلِ فَهُمۡ لَا يَهۡتَدُوۡنَ (النمل آيت: 24)

ترجمو: "۽ شيطان انهن لاءِ سندن ڪرتوت سينگاريا آهن ۽ ڪين الله جي واٽ کان جهليو اٿس تنهن ڪري اهي هدايت نه ٿا لهن."

تنهن ڪري اهڙي بدعت، جيڪ عبادت جي لباس ۾ ڍڪيل آهي، شيطان ماڻهن کي ان ڏانهن رغبت ڏياريندو. تنهن ڪري ان کان پاسو ڪرڻ گهرجي (والله اعلم بالصواب)

فصل سترهون

هن بيان ۾ ته طريقت ۾ روزي جا بيشمار فائدا ۽ مصلحتون آهن ۽ بک جا گهڻائي فائدا آهن. انهن جو ڪو شمار ڪونهي.

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا! توکي معلوم هئڻ گهرجي ته سيد الطائفه حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليه جو فرمان آهي ته روزو طريقت جو اڌ آهي. قوة القلوب ۽ ڪشف المحجوب ۾ به ائين ئي آيل آهي ۽ ڪنز العرفان ۾ آهي ته جڏهن الله تعاليٰ نفس کي پيدا ڪيو ته ان کي فرمايائين ته تون ڇا آهين ۽ مان ڇا آهيان نفس جواب ڏنو: تون تون آهين ۽ مان، مان آهيان. پوءِ الله تعاليٰ نفس کي هڪ سؤ سال جهنم جي باهه ۾ وڌو ۽ ٻاهر ڪڍي، ان کي فرمايائين تون ڇا آهين ۽ مان ڇا آهيان؟ وري به نفس چوڻ لڳو ته تون تون آهين ۽ مان، مان آهيان. ان ڪان پوءِ ان کي هڪ سؤ سال بک جو عذاب ڏنائين. ان ڪان پوءِ ان کان پڇا ڪيائين:[101] تون ڇا آهين ۽ مان ڇا آهيان؟ ان ڪان پوءِ نفس اقرار ڪيو ته مان تنهجو ٻانهو ۽ تون منهنجو رب آهين. تنهن ڪري الله تعاليٰ روزا واجب ڪيا ته جيئن نفس سرڪش ۽ باغي نه ٿي وڃي. خلاصو ڪلام جو ته نفس بک جي ڪري مطيع ۽ فرمانبردار ٿيندو آهي. تنهن ڪري چوٽي آهي ته بک الله وارن يعني نبين ۽ ولين جو طعام آهي ۽ حديث قدسي ۾ آهي ته روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو بدلو مان پاڻ ڏيندس ۽ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ عليه السلام جن فرمايو:

"انسان جي هر عمل جون نيڪيون ڏهن کان ستن سون تائين ملنديون آهن. مگر روزو، جو ان بابت الله تعاليٰ جو فرمان آهي روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو بدلو مان ڏيندس ڇو ته مون لاءِ هو شهوت ۽ طعام ڇڏي ٿو." (بخاري ومسلم)

هن حديث مان معلوم ٿيو ته عملن جي انتهائي ٻيڻ ستن سون تائين آهي. علماءَ جي هڪ جماعت جو پڻ اهو ئي قول آهي. قاضي ناصر الدين بيضاوي جو پڻ اهو ئي مذهب آهي ۽ قرآن مجيد ۾ آهي:

مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِيْ كُلِّ سنبلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَاللهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ (البقرة آيت:261)

ترجمو: "جيڪي (ماڻهو) پنهنجا مال الله جي واٽ ۾ خرچيندا آهن. تن جو مثال انهيءَ داڻي جي مثال وانگر آهي، جو ست سنگ ڄمائي. هر هڪ سنگ ۾ سؤ داڻا هجن ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي (ان کي) ٻيڻو ڏيندو آهي."

قاضي ناصر الدين پنهنجي تفسير ۾ ان ٻيڻ کي ستن سون تي محمول ڪيو آهي. جيتوڻيڪ لکيو اٿائين الله تعاليٰ اها ٻيڻ جنهن لاءِ چاهيندو ان کي عطا ڪندو آهي ۽ جمهور جو چوڻ آهي ته الله تعاليٰ جو فضل ۽ رحمت واسع ۽ ڪشادي آهي. نيڪين جو اجر ستن سون تائين موقوف نه آهي،جو ته الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَاللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ ۗ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ (البقره: 261)

ترجمو: "۽ الله جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي ٻيڻو ڏيندو آهي ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي."

بخاري شريف جي حديث ۾ ستن سون کان "اليٰ اضعاف ڪثيرة" يعني ڪيترائي ٻيڻ جا الفاظ آيل آهن. جيڪي ست سؤ کان وڌيڪ تي ڏس ڏين ٿا ۽ صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آيل آهي، جنهن ۾ هي الفاظ به آهن ته: جنهن شخص ڪنهن نيڪيءَ جو ارادو ڪيو ۽ اها نيڪيُ ڪيائين ته الله تعاليٰ ان لاءِ ڏهن نيڪين کان ستن سون تائين ۽ ان جون ڪيترين ٻيڻين نيڪيون لکي ڇڏيندو آهي. اهي سڀ حديثون ڏس ڏين ٿيون ته نيڪين جو اجر ستن سون تائين محدود نه آهي. هتان معلوم ٿيو ته روزي جي اجر جي حد مقرر نه آهي. بلڪ الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ ان جو بدلو به مان ڏيندس.

۽ هي به ڄاڻڻ گهرجي ته "تواصل في الصيام" يعني مسلسل روزا رکڻ ۽ افطار نه ڪرڻ ممنوع ۽ رهبانيت آهي. حديث شريف ۾ آهي حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن وصال جي روزن کان منع فرمائي، تنهن تي ڪنهن شخص عرض ڪيو: اي الله جا رسول ﷺ! اوهان ته وصال جا روزا رکو ٿا. تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو: "مون جهڙو ڪير ٿي سگهي ٿو؟ مان ان حال ۾ رات گذاريندو آهيان، جو مون کي منهنجو رب کارائيندو ۽ پياريندو آهي." (بخاري و مسلم)

هتان معلوم ٿيو ته وصال جا روزا رکڻ جائز نه آهن. باقي رسول الله ﷺ جن کي جيڪو کاڌو ۽ پيتو ملندو هو، اهو ڪهڙي قسم جو هو ؟ ان بابت علماءَ جو اختلاف آهي. اڪثر جو چوڻ آهي ته اهو کاڌو معنوي، روحاني هو ۽ اهو توصل جي منافي نه آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته اهو کاڌو جنت جو هوندو هو ۽ هي قياس بنا دليل جي آهي. بهرحال رسول الله ﷺ جن ڪڏهن ڪڏهن وصال جا روزا رکندا هئا پر پوءِ به پاڻ ﷺ جن جي قوت ۾ ڪو فرق نه ايندو هو.

باقي وصال جي روزن کان نهي تحريمي آهي، يا بطور شفقت جي آهي؟ ان بابت جمهور جو چوڻ آهي ته نهي تحريمي آهي تنهي مذهبن ۾ اها ڪراهت تحريمي آهي امام احمد موجب افطار کان سحر تائين تاخير ڪري سگهي ٿي پر وصال نٿو ڪري سگهجي. بهرحال محدث ان خيال جا آهن ته وصال جا روزا رکڻ رسول الله ﷺ جن جي خصوصيت هئي[102] ۽ حديث جو ظاهر به ان ڳالهه تي ڏس ڏئي ٿو ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته نهي بطور شفقت جي آهي، اها نهي تحريمي نه آهي ۽ ڪجهه اصحابي مثال طور حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنه ۽ ڪجهه تابعي مثال طور حضرت عبدالله بن ابي يعمر ۽ عامر بن عبدالله بن زبير ۽ ابراهيم تيميءَ وغيره جو چوڻ آهي ته نهي بطور شفقت جي آهي. اڪثر محدثين ۽ فقيهن جو پهريون قول آهي، تنهن ڪري رياضت ڪندڙن کي گهرجي ته پاڻيءَ جي لپ يا ڪارڪ وغيره سان افطار ڪن ته جيئن وصال نه ٿئي. شيخ عبدالحق مشڪواة جي شرح ۾ ائين ئي لکيو آهي.

جاڻڻ گهرجي تہ بک ہہ قسم آهي. هڪ بک معتدل، بي بک مفرط ۽ انهن مان هر هڪ اختياري ۽ اضطراري هوندي آهي. بک مفرط اختياري مضعف ۽ غير مضعف هوندي آهي. ان حساب سان بک جا پنج قسم ٿيا: 1.معتدل اختياري 2. معتدل غير اختياري3. مفرط اضطراري 4. مفرط اختياري مضعف 5. مفرط اختياري غير مضعف، انهن مان پهريون قسم معتدل اختياري محمود آهي. سمورن دينن ۾ رياضت وارن ۽ هين سيني لاءِ محمود هو ۽ انبياء ۽ اولياءَ جو اڪثر اهوئي طريقو آهي. حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن هن دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا، پر پاڻ ڪڏهن جوَن جي ماني بہ ڍؤ ڪري نہ ڪاڌي هئائون. (رواه بخاري)

پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن جو اڪثر وقت معتدل بک ۾ گذريو حديث ۽ سيرت جا ڪتاب ان ڳالھ جا گواھ آهن ۽ هميشہ اعتدال مطابق کائڻ گهرجي. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَّكُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿31﴾ (الاعراف آيت: 31)

ترجمو: "۽ کائو ۽ پيئو ۽ اجايو نہ وڃايو، ڇو تہ الله اجائي وڃائيندڙ کي دوست نہ رکندو آهي."

ڪنهن شاعر چيو آهي:

گرچہ خدا گفت کلوا واشربوا
ليک کجا گفت کلوا تا بگلو

ترجمو: "جيتوڻيڪ الله تعاليٰ فرمايو آهي: "کائو ۽ پيئو" پر اهو ڪٿي فرمايو اٿس تہ نڙيءَ تائين کائو"

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ هڪ ڀيري رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن هڪ شخص کي اوڳرائي ڏيندي ڏٺو، پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن ان شخص کي فرمايو: اوڳرائي گهٽ ڪر، ڇو تہ قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڌيڪ بکيا اهي هوندا، جيڪي دنيا ۾ ڍؤ ڪري کائن ٿا. (رواه في شرح السنة ۽ ترمذي) جٺاءَ عربيءَ ۾ هنديءَ ۾ "ڏڪار" ۽ سنڌيءَ ۾ ان کي اوڳرائي چون ٿا. مقدام بن معديكرب کان روايت آهي تہ مون پاڻ سڳورن کان هڏو فرمائن پيا. انسان جو سڀ کان برو ٿادن پيٽ پرڻ آهي پوءِ جيڪڏهن پيٽ ضرور پرڻو آهي تہ ان کي ٽن حصن ۾ ورهاءِ هڪ حصو کاڌي جي لاءِ هڪ پيئڻ جي لاءِ ۽ هڪ ساھ کڻڻ جي لاءِ روايت ڪيو ان کي ترمذي ۽ ابن ماجہ ۽ مثنويءَ ۾ آهي:

يا حريص البطن عرج هٰكذا
انما المنهاج تبديل الغذا
يا مريض القلب عرج العلاج
جملہ التدبير تبديل المزاج

ترجمو: اي پيٽ جا لالچي، اهڙي واٽ وٺ جيئن غذا جي تبديلي تنهنجي لاءِ صحيح طريقو ثابت ٿئي. اي دل جا مريض، علاج ڏانهن لاڙو رک، اصل تدبير اها آهي تہ پنهنجي طبيعت کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪر ۽ طبيبن وٽ اهو ئي محمود آهي ۽ فتاويٰ برهنہ وغيره ۾ آهي:

تمام الطب في البيتين جمعا
و حسن القول في قصر الكلام

تقلل ان اكلت و بعد اكل
تجنب فالشفاء في انهضام
وليس علي النفوس اشدباسا
من ادخال الطعام علي الطعام

ترجمو: پوري طب ٻن بيتن ۾ گڏ ٿيل آهي. ۽ ڪلام جي سهڻائي قصر ۾ آهي، ٿورو کاءُ ڇو ته شفا هاضمي ۾ آهي. کاڌي مٿان کاڌو کائڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا به شئي انسان کي هلاڪ ڪندڙ نه آهي.

باقي بک معتدل اضطراري مذموم ۽ بري آهي ۽ ڪن ماڻهن لاءِ ڪفر ڏانهن پهچائڻ جو سبب آهي. حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو: "قريب آهي، جو سڃائپ ڪفر هجي." (رواه بيهقي) ۽ اهو فقر اضطراريءَ جو بيان آهي،ڇو ته ڪڏهن ڪڏهن اهڙي سڃائپ ڪفريه ڪلمات جي ظهور ۽ الله تعاليٰ کان شڪايت جي طرف پهچائيندي آهي ۽ حديث شريف ۾ جيڪو آيل آهي: "اللهم اني اعوذ بک من الفقر" اي منهنجا پالڻهار! مان توکان سڃائپ جي پناهه گهران ٿو. سا نفس جي سڃائپ آهي. ان جو بيان مٿي گذري آيو.[103]

حديث شريف ۾ آهي حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي پاڻ ﷺ جن فرمايو: شل دنيا ۽ درهم جو پوڄاري هلاڪ ٿئي، جيڪڏهن ان کي ڏنو وڃي ته راضي ٿئي ۽ جيڪڏهن نه ڏجي ته ناراض ٿئي. (رواه بخاري)

جهڙي طرح بک معتدل اضطراري مذموم ۽ بري آهي. اهڙي ريت بک مفرط اضطراري پڻ مذموم ۽ بري آهي، بلڪ ان کان به وڌيڪ بري آهي ۽ ان کان به وڌيڪ مهلڪ ۽ تباهه ڪندڙ آهي. اهي ٻئي ان جي ڪري مذموم آهن. جو اهي دين لاءِ مضر آهن. توڙي جو انهن سان بدن صحتمند ۽ تندرست ٿئي ٿو.

صاحب قصيده برده چيو آهي:

و رب مخمصة شر من التخم

بک مفرط اختياري شريعت مطهره ۾ مذموم آهي،ڇو ته جسم، جيڪو سعادتون حاصل ڪرڻ جو سبب آهي. ان بک جي ڪري ان کي ضعيف ۽ ڪمزور بڻائڻ آهي. باوجود هن جي جو هي اختياري آهي، پر ان سان بدن جي سستي ۽ ڪاهلي حاصل ٿيندي آهي ۽ ان جي ڪري گهڻي عبادت ٿي نه سگهندي آهي ۽ اهڙا ديني مقصد، جيڪي بدن جي قوت ۽ طاقت سان حاصل ٿيندا آهن. جيئن مثال طور جهاد في سبيل الله ۽ سفرُ ۽ تهجد نماز ۽ حلال ڪمائيءَ جي طلب وغيره حاصل ٿي نه سگهندا، تنهن ڪري بک جو اهو قسم شريعت ۾ مذموم آهي. توڙي جو ڪن باطل دينن ۾ محمود آهي. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو: "طاقتور مؤمن ضعيف مؤمنن کان الله تعاليٰ کي وڌيڪ پسند ۽ پيارو آهي." (رواه مسلم) ۽ صحيح حديثن مان ثابت آهي ته پاڻ ﷺ جن ٿوٽاپ، سستي ۽ ڪاهليءَ کان پناهه گهري آهي، جيئن حديث شريف ۾ آهي:

"اللهم اني اعوذ بک من الهم والحزن والعجز والكسل."

ترجمو: "اي الله! آءٌ پريشاني، غم، بي وسي ۽ ٿوٽاپ کان تنهنجي پناهه وٺان ٿو."

بک مفرط اختياري غير مضعف، خواص جو وظيفو آهي ۽ اهو خارق عادت جي آهي، ڇو تہ هي هر هڪ کي خبر آهي تہ جسم بغير غذا ۽ خوراڪ جي ڪمزور ۽ ضعيف ٿي ويندو آهي، الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَمَا جَعَلْنٰهُمْ جَسَدًا لَّا يَأْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَمَا كَانُوْا خٰلِدِيْنَ (الانبياء آيت: 8)

ترجمو: "انهن (پيغمبرن) جو جسم اهڙو نہ بڻايوسون جو طعام نہ کائين ۽ نہ اهي سدائين رهڻ وارا هئا."

بک جو اهو قسم انبياءَ جو معجزو آهي ۽ حضرت عقبہ بن غزوان رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائي ٿو تہ اسين ست ڄڻا رسول الله ﷺ [104] جن سان گڏ هئاسين. اسان وٽ وڻن جي پنن کان سواءِ کائڻ لاءِ ٻي ڪا بہ شيءِ نہ هئي. مشڪواة شريف ۽ شمائل محمديہ ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن ۽ حضرت بلال رضي الله عنه پورو مهينو ان ڪاڏي تي گذر ڪيو، جيڪو حضرت بلال رضي الله عنه بغل ۾ لڪائي بہ ڪٺي ايندو هو.

هڪ ڀيري پاڻ ﷺ جن حضرت فاطمه رضي الله عنها جي منهن ۾ بک جي ڪري زردي ڏٺي. پاڻ ﷺ جن پنهنجو هٿ مبارڪ حضرت بي بي فاطمه رضي الله عنها جي سيني تي رکي فرمايو:

"اللهم مشبع الجماعة لاتجع فاطمة بنت محمد ﷺ"

ترجمو: "اي الله جماعتن کي ڍؤ ڪرائڻ وارا! فاطمه بنت محمد ﷺ کي بک تي نہ رهاءِ."

حضرت عمران بن حصين رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ ان کان پوءِ حضرت فاطمه جي منهن تي خون زرديءَ تي غالب اچي ويو (عمران بن حصين رضي الله عنه چوي ٿو تہ ان کان پوءِ منهنجي ساڻس ملاقات ٿي تہ مون کي چيائين اي عمران! ان ڏينهن کان پوءِ مون کي بک ڪڏهن بہ نہ ستايو آهي) ۽ بک جي باوجود هن جي جو پوري بک آهي، پر پوءِ بہ بدن کي ڪمزور ۽ ضعيف نہ ڪندي آهي. ڪن اصحابن ۽ تابعين بابت اهو ئي منقول آهي. ڪشف المحجوب ۾ آهي تہ شيخ ابونصر سراج جنهن جو لقب "طوس الفقراءِ" آهي، ان بابت منقول آهي تہ سڄي رمضان ۾ ڪجھ بہ نہ ڪاڌائين ۽ تراويح نماز ۾ پنج ڀيرا قرآن مجيد جو ختم پورو ڪيائين.

حضرت ابراهيم بن ادهم بابت منقول آهي تہ هن سانوڻ جي ڏينهن ۾ رمضان المبارڪ ۾ اول کان آخر تائين ڪا بہ شيءِ نہ ڪاڌي ۽ پورو رمضان ان حال ۾ گذاريائين جو ڏينهن جو مزدوري ڪري مزدوريءَ جا پئسا غريبن ۾ خيرات ڪندو هو ۽ رات جو تراويح نماز پڙهندو هو ۽ ڪجھ بہ نہ کائيندو هو.

شيخ عبد الله بابت منقول آهي تہ ان مسلسل چاليھ چلا ڪڍيا ۽ ان دوران ڪا بہ شيءِ نہ کائيندو هو ۽ مون پنهنجي مرشد کي ڏٺو تہ هو سال ۾ ٻہ چلا ڪڍندو هو ، ۽ ان دوران ڪابہ شيءِ نہ کائيندو هو. اهي واقعا ڪشف المحجوب تان ورتل آهن ۽ بک جو اهو قسم اولياءَ الله تعاليٰ جي ڪرامت آهي ۽ ذاتي طور تي ڪرامت محمود آهي، پر بنا ڪنهن مصلحت جي ماڻهن جي آڏو ڪرامت ظاهر ڪرڻ جائز نہ آهي، پر جيڪڏهن بنا ڪنهن ارادي جي ظاهر ٿي وڃي تہ ان ۾ ڪوئي حرج نہ آهي.

علماءِ ڪرام جنهن بک کي محمود چيو آهي ان مان مراد معتدل اختياري آهي ۽ معتدل غير اختياري توڙي جو بذات خود محمود آهي، پر عدم تحمل ۽ عدم صبر جي ڪري مذموم آهي ۽ هتي بک معتدل ئي مراد آهي، جنهن جا فائدا مٿي گذري آيا.

ڄاڻڻ گھرجي تہ طب اسلامي جي حڪيمن جو چوڻ آهي تہ پيٽ ڀري کائڻ، دنيا جي محبت ۽ آخرت کي وساري ڇڏڻ ۽ قساوت قلب (دل جي سخت ٿيڻ) جو سبب آهي ۽ اهي ٽئي شيون الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جي محبت جو ضد آهن. ان جي ڪري، ان جي دل شيطاني وسوسن ۽ خيالن جو مرڪز ٿي ويندي آهي[105] ۽ رحماني رستي کان پري ٿي ويندي آهي ۽ ان جي دل اِنڌيرن ۽ ظلمتن کان سواءِ ڪا بہ شيءِ ڏسي نہ سگھندي آهي.

مواعظ الاتقياءِ ۾ لکيل آهي تہ توريت ۾ لکيل آهي تہ الله تعاليٰ گھٽي کائيندڙ کي دوست نٿو رکي، ڇو تہ گھڻو کائڻ آخرت ۽ موت کي وساري ڇڏڻ آهي ۽ جيڪو شخص موت کي ياد رکندو، اهو پيٽ ڀري نہ کائيندو. ان جو چوڻ آهي تہ فقيہ ابوالليث سمرقندي جو فرمان آهي تہ گھڻي کائڻ جون ڇھ خرابيون آهن: هڪ دل مان الله تعاليٰ جي خوف جو نڪري وڃڻ. ٻي دل مان مخلوق تي رحم نڪري وڃڻ. ٽين عبادت ۽ اطاعت ۾ سستي پيدا ٿيڻ. چوٿين نصيحت ٻڌڻ وقت دل جي نرمائپ ختم ٿي وڃڻ ۽ پنجين ٻين کي نصيحت ڪرڻ ۾ تاثير ختم ٿي وڃڻ. ڇهين موت ۽ آخرت کي وساري ڇڏڻ.

شيخ ذوالنون مصريءَ جو فرمان آهي تہ گھڻي کائڻ جون ڪيتريون ئي آفتون آهن. انهن مان ڪجھ هي آهن. ڪند ذهن ٿيڻ، ٻڌي ويڃڻ ۽ دل جو سخت ۽ تاريڪ ٿي وڃڻ ۽ حرص جو وڌي وڃڻ. جيڪو طغياني ۽ غفلت جو سبب آهي ۽ موت ۽ آخرت کي وساري ڇڏڻ. ۽ شهوتن جو وڌڻ ۽ گھٽي ننڊ ۽ عبادتن ۾ سستي پيدا ٿيڻ ۽ ذڪر ۾ لذت نہ اچڻ ۽ دل جو دنيا ۾ مشغول ٿيڻ ۽ بيمارين جو پيدا ٿيڻ ۽ حرام ۽ شبهن وارن ڪمن ۾ پوڻ ۽ قيامت ۾ گھڻو حساب ٿيڻ ۽ انهن سڀني آفتن جو علاج بک معتدل اختياري ۾ رکيل آهي. ان بک سان اهي سڀ آفتون ختم ٿي وينديون.

ڪنز العرفان ۾ آهي تہ بک جا ڏھ فائدا آهن. پھريون شهوتن جو ختم ٿيڻ، ٻيو دل جي بصيرت ۽ صفائي ۽ ذهن جي تيزي حاصل ٿيڻ، ٽيون وعظ ۽ نصيحت جي وقت دل جو نرم ٿيڻ، ۽ مخلوق تي رحمت ۽ شفقت ڪرڻ، چوٿون الله تعاليٰ جي عبادت ۾ لذت ۽ ميٺاج حاصل ٿيڻ. ۽ الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ لطف اچڻ، پنجون نفس جو گھٽ ٿيڻ، ۽ نفس جي طغياني ۽ سرڪشي ختم ٿيڻ، ڇھون موت ۽ آخرت جو فڪر پيدا ٿيڻ، ۽ الله تعاليٰ جي عذاب ۽ سختين جي يادگيري اچڻ، ستون گھٽي ننڊ ختم ٿيڻ. اٺون الله تعاليٰ جي اطاعت تي هميشگي ڪرڻ تي آساني پيدا ٿيڻ ۽ نائون سڪرات، عذاب ۽ قيامت جي ڏهاڙي حساب ڪتاب ۾ آساني ٿيڻ. ڏهون بيماريون ختم ٿيڻ ۽ جسم جو صحتمند رهڻ.

ڪشف المحجوب ۾ آهي تہ جڏهن سلطان العارفين ابو يزيد بسطاميؒ کان پڇا ڪئي وئي تہ اوهان ڪھڙي سبب جي ڪري بک جي گھڻي تعريف ڪندا آهيو؟ تنهن تي ابويزيد بسطاميءَ جواب ڏنو تہ جيڪڏهن فرعون بکيو هجي ها تہ ڪڏهن بہ الوهيت جي دعويٰ نہ ڪري ها ۽ جيڪڏهن قارون بکيو هجي ها تہ ڪڏهن بہ باغي ۽ سرڪش نہ ٿئجي ها.

بيت

نفس فرعون ست هان سيرش مکن
تانيارد يادزان کفر کهن
بي مجاعت نفس کي جنبش کند
سرد آهن را نمي کوبد احد

جز بنار حق نفس نشود خواب
تانشد آهن چو اخگر هين مکوب
اشکمي خالي بود زندان ديو
نفس رامانع بود از مکرريو

ترجمو: نفس فرعون آهي، خبردار، ان جو پيٽ نہ ڀر تہ جيئن پراڻي ڪفر واري حالت ڏسي نہ موٽي وڃي. بک کانسواءِ بدن چري پري نہ سگھندو آهي. ٿڌي لوھ کي کو بہ ماڻهو نہ ڪٽيندو آهي. حق جي باھ کانسواءِ نفس ميڻ نہ ٿيندو جيستائين لوھ تامي وانگر نرم نہ ٿئي ايستائين ان کي ڌڪ نہ هڻ. خالي پيٽ ئي شيطان جو قيدخانو هوندو آهي. تڏهن ئي نفس کي ريا ۽ مڪر کان آجو رکندو آهي.

مواعظ الاتقياءِ واري ذوالنون مصري کان نقل ڪيو آهي تہ[106] بک ۾ ڪيترا ئي فائدا آهن. مثال طور دل جو صاف ٿيڻ، ۽ نرم ٿيڻ، ۽ نفس جو ڪمزور ٿيڻ، ۽ موت ۽ آخرت جي ياد اچڻ، مناجات ۾ ميٺاج اچڻ ۽ ذهن ۽ حافظو قوي ٿيڻ، محتاجيءَ جو ختم ٿيڻ، مال جي ضائع ٿيڻ کان بچڻ ۽ الله تعاليٰ جو رضامندو حاصل ٿيڻ ۽ ان کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترئي فائدا آهن "لب لباب مثنوي" ۾ آهي تہ بک انبياءَ جو کاڌو آهي ۽ دل جي غفلت بک کان سواءِ ختم نہ ٿيندي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ روزي جو مقصد بہ اها ئي بک آهي ۽ نفلي روزن جو بحث ڪيترن ئي ڪتابن ۾ آيل آهي. ان جي پوري تحقيق اتي ڏسڻ گهرجي. هتي ان بحث جي ضرورت نہ آهي. هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ عاشوره يعني ڏهين محرم الحرام جي روزي کان سواءِ ٻيو ڪو بہ روزو اڪيلو رکڻ مڪروھ نہ آهي ۽ ڏهين محرم الحرام جو روزو اڪيلو رکڻ مڪروھ آهي. ان جي پوري تحقيق مشڪوٰة شريف جي شرح ۾ آيل آهي.

فصل ارڙهون

بچڙن جي صحبت ڇڏڻ ۽ اجاين ڳالهين کان پرهيز جي بيان ۾

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا !

ڄاڻڻ گهرجي تہ عاقلن جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ صحبت کي اثر آهي. جيڪڏهن نيڪ صحبت هوندي تہ ان جو اثر سٺو پوندو. جيڪڏهن بچڙي صحبت هوندي تہ ان جو اثر برو پوندو ۽ هي عرف ۾ مشهور آهي تہ بچڙو يار بچڙي نانگ کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهي ۽ ان ڳالهہ تي نصوص قطعي پڻ شاهد آهن ۽ بچڙي سنگت مان مراد اهي ماڻهو آهن، جيڪي دنيا سان محبت رکن ٿا ۽ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول الله ﷺ سان محبت نٿا رکن، اهڙن بچڙن ماڻهن جي سنگت ڇڏڻ واجب آهي. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

خُذِ الْعَفْوَ وَأْمُرْ بِالْعُرْفِ وَأَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿١٩٩﴾ (الاعراف آيت: ١٩٩)

ترجمو: "(اي پيغمبر) معافي ڏيڻ جي عادت وجهہ ۽ چڱي ڪم ڪرڻ جو حڪم ڪر ۽ جاهلن کان منهن موڙ."

۽ الله تعاليٰ مؤمنن جي صفت بيان ڪندي فرمايو:

وَإِذَا سَمِعُوا اللَّغْوَ أَعْرَضُوْا عَنْهُ وَقَالُوْا لَنَآ أَعْمَالُنَا وَلَكُمْ أَعْمَالُكُمْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ لَا نَبْتَغِي الْجٰهِلِيْنَ (القصص آيت: 55)

ترجمو: "۽ جڏهن ڪا بيهودي ڳالهہ ٻڌندا آهن. (تڏهن) ان کان منهن موڙيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اسان جا ڪم اسان لاءِ آهن ۽ اوهان جا ڪم اوهان لاءِ اوهان تي سلام هجي اسين جاهلن جي (سنگت) کي نہ ٿا گهرون."

۽ الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَقَدْ نَزَّلَ عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ أَنْ إِذَا سَمِعْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ يُكْفَرُ بِهَا وَيُسْتَهْزَأُ بِهَا فَلَا تَقْعُدُوْا مَعَهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا فِيْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖٓ إِنَّكُمْ إِذًا مِّثْلُهُمْ (سورة النساء آيت: 140)

ترجمو: "۽ بيشڪ الله اوهان تي ڪتاب ۾ (هي ڪم) لاٿو آهي تہ جڏهن (اوهين) ٻڌو تہ الله جي آيتن جو انڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ مٿن ٺٺول ڪئي وڃي ٿي تڏهن (اوهين) ساڻن ايستائين نہ ويهو جيستائين ٻيءَ ڪنهن ڳالهہ ۾ بحث نہ ڪن اوهين انهيءَ مهل (وجي ويهندو تہ) انهن جهڙا ٿيندو."

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَلَا تَرْكَنُوْٓا اِلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ (هود: آيت 113)

ترجمو: "۽ ظالمن ڏانهن لاڙو نہ ڪريو نہ تہ اوهان کي باھ لڳندي."

احاديث شريف مان پڻ ثابت ٿئي ٿو تہ انسان تي ماحول جو اثر پوي ٿو ۽ انسان ماحول جي اثر کي قبول ڪري ٿو. مشهور حديث آهي،حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"مامن مولود الا يولد عليٰ فطرة الاسلام فابواه يهودانه او ينصرانه او يمجسانه"(متفق عليہ)

ترجمو: "هر نئون ٻار اسلام واري فطرت تي ڄمندو آهي. پوءِ سندس پيءُ ماءُ ان کي يهودي بڻائيندا آهن. يا عيسائي بڻائيندا آهن. يا مجوسي بڻائيندا آهن." جيئن جانور صحيح ڦر ڄڻيندا آهن ڇا اوهان کي ڪو ان ۾ نقص محسوس ٿيندو آهي. جماءُ جو مطلب آهي صحيح ۽ جد عام جو مطلب آهي نقص.

ان کان پوءِ پاڻ ﷺ جن قرآن مجيد جي هي آيت تلاوت فرمائي:[107]

فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا ؕ لَا تَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ

ترجمو: الله جي دين جي (پيروي ڪر) جنهن تي ماڻهن کي پيدا ڪيائين. الله جي خلقت ۾ ڪامت سٽ نہ آهي اهو سڌو دين آهي.

حضرت ابو موسيٰ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: نيڪ ۽ بري وٽ ويهندڙ جو مثال ائين آهي، جيئن مشڪ وڪڻندڙ ۽ بٺي (ڌنوڻ) ٻاريندڙ هجي. پوءِ مشڪ وڪڻندڙ يا تہ توکي مشڪ ڏيندو يا تون ان کان خريد ڪندين. يا تون خوشبوءِ سگهندين ۽ بٺي (ڌنوڻ) ٻاريندڙ يا تہ تنهنجا ڪپڙا ساڙيندو يا تون ان مان بدبوءِ سگهندين. (رواہ بخاري و مسلم)

حديث جو مطلب آهي تہ نيڪ صحبت مان ڪجھ نہ ڪجھ فائدو ضرور حاصل ٿيندو ۽ بڇڙي سنگت مان نقصان پوندو ڪنهن بہ قسم جو فائدو حاصل نہ ٿيندو.

حضرت عائشہ رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ رسول الله ﷺ جن مون کي فرمايو تہ جيڪڏهن تون مون سان جنت ۾ ملڻ چاهين ٿي تہ پوءِ دنيا ۾ صرف ايترو سامان رک. جيئن مسافر توشو رکندو آهي ۽ پاڻ کي آسودن جي مجلس کان پري رک ۽ ڪپڙو ڇتيون هڻڻ کان سواءِ نہ متاءِ (رواہ ترمذي)

هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ اٺن وارن ۾ فخر ۽ وڏائي هوندي آهي ۽ ٻڪرين وارن ۾ سڪينت ۽ وقار هوندو آهي. (رواہ بخاري و مسلم)

ان جو سبب هي آهي تہ اٺ، ٻڪرين جي بنسبت وڏائي ۽ تڪبر رکندا آهن. تنهن ڪري اٺن جي مالڪن ۾ بہ وڏائي ۽ تڪبر پيدا ٿيندو آهي. هتان معلوم ٿيو تہ جڏهن غير عاقلن جي صحبت ۾ ايڏو اثر آهي تہ پوءِ عقلمندن جي صحبت ۽ مجلس ۾ ان کان بہ وڌيڪ اثر هوندو ۽ هڪ حديث شريف ۾ آهي، حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"من سكن البادية جفا ومن اتبع الصيد غفل ومن اتي السلطان افتتن." (رواہ احمد والترمذي)

ترجمو: "جيڪو ٻهراڙيءَ ۾ رهيو، ان پاڻ تي ظلم ڪيو. جيڪو شڪار جي ڪڍ پيو، اهو غفلت ۾ پيو. جيڪو

بادشاهہ وٽ آيو، اهو آزمائش ۾ پيو.

ٻهراڙي ۽ جهنگ ۾رهڻ پاڻ تي ظلم ڪرڻ. هن جي ڪري آهي جو ٻهراڙي ۾ رهڻ جي ڪري علم نہ هئڻ جي ڪري دل سخت ٿي ويندي آهي ۽ رسول الله ﷺ جن جي زماني مبارڪ ۾ ٻهراڙين ۾ علم نہ هو ۽ علم جي ڳالهہ نہ ٻڌڻ ۽ علم حاصل نہ ڪرڻ دل جي سختيءَ جو سبب آهي:

بيت

ده مروده مرد را احمق كند

سينه را بي نور، بي رونق كند

ترجمو: "گهڻي شيءِ (مال وغيره) مرد کي بيوقوف ڪندي آهي ۽ سيني کي بي نور ۽ بي رونق ڪندي آهي."

شڪار جي ڪيڏ لڳڻ غفلت جي ڪري آهي، جو شڪار جي ڪري ماڻهو جهنگ ۽ ٻهراڙي ڏانهن هليو ويندو ۽ جماعت وغيره کان محروم ٿي ويندو آهي ۽ دبني علم حاصل ڪري نہ سگهندو. خلاصو ڪلام جو تہ صلحاءَ ۽ علماءَ جي جماعت ڇڏڻ جائز نہ آهي. حديث جي شارحن بہ ائين ئي چيو آهي ۽ هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن دنيا ۾ فساد ڦهلجي وڃي ۽ جهل ڇانئجي وڃي ۽ قوم جا سربراهہ ڪميڻا پٽ ڪميڻي جا ٿي وڃن. جيئن حديث شريف ۾ آيو آهي ۽ هر هڪ پنهنجي راءِ تي اٽل رهي ۽ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ڪجهي وڃي ۽ ڪو ڇڱائي ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هجي،[108] ان وقت حق جي پانڌيئڙن ۽ حق جي طالبن کي ٽي شيون جائز آهن ۽ ٽن شين جي درميان ان کي اختيار آهي. جيڪڏهن انهن مان ڪابہ شيءِ اختيار ڪندو تہ نجات ۽ ڇوٽڪارو حاصل ڪندو. هڪ ماڻهن سان ملي جلي رهڻ ۽ انهن کي امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ڪرڻ، جيڪڏهن اها انهن کي فائدو ڏئي.

ٻيو ماڻهن کان ڪنجي گهر ۾ يا مسجد ۾ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ. ٽيون ماڻهن کان بلڪل ڪنجي ڪنهن ويران جڳهہ تي سڪونت اختيار ڪرڻ. انهن ٽن رستن مان ڪوبہ رستو اختيار ڪندو تہ نجات لهندو ۽ اهو تڏهن آهي،جڏهن هر طرف فساد ۽ فتنو هجي ۽ چڱا ماڻهو ڳولهيا نہ لهن، جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ آخري وقت ۾ چڱا ماڻهو نہ رهندا. حضرت مرداس اسلمي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

نيڪ ماڻهو هڪ ٻئي جي پويان هليا ويندا. توتڙ وڃي باقي رهندا، جيئن جَوَن جا ۽ ڪارڪن جا توتڙ هوندا آهن. الله تعاليٰ انهن جي ڪابہ پرواهہ نہ رکندو. (رواه بخاري)

هڪ حديث شريف ۾ آهي، حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: تيستائين قيامت قائم نہ ٿيندي، جيستائين ڪميڻو پٽ ڪميڻي جو سڀ کان وڌيڪ معتبر نہ ليکيو وڃي (رواه ترمذي)

هڪ حديث شريف ۾ آهي، حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

جيستائين اوهان جا چڱا مڙس چڱا هوندا ۽ اوهان جا آسودا سخي هوندا ۽ اوهان جا معاملا پاڻ ۾ مشوري سان حل ٿيندا، تيستائين زمين جي پٺي اوهان لاءِ زمين جي پيٽ کان بهتر آهي. (يعني ان وقت زندگي موت کان بهتر هوندي) ۽ جڏهن اوهان جا چڱا مڙس شرير ۽ آسودا بخيل هجن ۽ اوهان جا معاملا عورتن جي هٿن ۾ هجن، ان وقت توهان لاءِ زمين جو پيٽ زمين جي پٺيءَ کان بهتر آهي. (يعني زندگيءَ کان موت بهتر هوندو) (رواه ترمذي)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي پاڻ عليه السلام جن فرمايو: فتنن جي اچڻ کان اڳ نيڪ عمل ڪري وٺو اهي فتنا ظاهر ٿيندا، جيڪي انڌيري رات جي ٽڪرن جيان هوندا. صبح جو ماڻهو مؤمن هوندو ۽ شام جو ڪافر ٿي ويندو ۽ شام جو مؤمن هوندو ته صبح جو ڪافر ٿي ويندو. دنيا جي ٿورڙي سامان جي عوض پنهنجو دين وڪڻي ڇڏيندو.(رواه مسلم)

جڏهن اهڙيون حالتون ٿي وڃن ۽ مسلمان ماڻهن سان ميل جول به رکي ته پوءِ ان جي مٿان لازم آهي ته نيڪين جو حڪم ڪري ۽ برائين کان روڪي. جيڪڏهن ائين نه ڪندو ته هي به انهن جهڙو ٿي ويندو ۽ اهو طريقو اڪيلائپ اختيار ڪرڻ کان بهتر ۽ افضل آهي.

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ عليه السلام جن فرمايو: جيڪو مسلمان ماڻهن سان ميل جول رکي ٿو ۽ انهن جي تڪليفن تي صبر ڪري ٿو اهو ان مسلمان کان بهتر آهي، جيڪو ماڻهن سان ميل جول نه ٿو رکي ۽ انهن جون تڪليفون برداشت نه ٿو ڪري. (رواه ترمذي واابن ماجه)

طيبيءَ جو چوڻ آهي ته هيءَ حديث ماڻهن سان ميل جول رکڻ جي فضيلت تي ڏس ڏئي ٿي. ان وقت پنهنجي طاقت آهر نيڪين جو حڪم ۽ برائين کان روڪڻ گهرجي. توڙي جو ان جو ڪنهن تي اثر نه ٿئي. جيڪڏهن ائين نه ڪندو ته هي به انهن جهڙو چئبو. هڪ حديث شريف ۾ آهي، پاڻ عليه السلام جن فرمايو: "الله تعاليٰ ڪن خاص بدڪارن جي ڪري سڄي قوم تي عذاب نه ڪندو آهي، تانجو جڏهن انهن جي سامهون شريعت جي خلاف ڪم ٿيندا هجن ۽ طاقت رکڻ جي باوجود، انهن ڪمن کان نه روڪي ته پوءِ انهن بدڪارن سميت سڄي قوم تي الله تعاليٰ جو عذاب ايندو." (رواه في شرح السنة)

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ عليه السلام جن فرمايو: جڏهن بني اسرائيل گناهن ۾ ڪاهي پيا ته انهن کي انهن جي عالمن گناهن کان روڪيو. جڏهن اهي نه رڪيا ته هي به انهن سان گڏ ويهڻ ۽ کائڻ پيئڻ لڳا[109] پوءِ الله تعاليٰ انهن جون دليون پاڻ ۾ ملائي ڇڏيون ۽ الله تعاليٰ حضرت داؤد عليه السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي زباني انهن جي مٿان لعنت فرمائي، ڇو ته انهن نافرماني ڪئي ۽ حد کان تجاوز ڪيو.(رواه ترمذي)

هن حديث مان هي به معلوم ٿيو ته جيڪڏهن ڪنهن کي نيڪين جو حڪم ۽ برائين کان روڪڻ فائدو نه ڏي ته انهن سان ميل جول رکڻ ۽ انهن سان گڏ ويهڻ جائز نه آهي. جيڪڏهن پوءِ به هي انهن سان ميل جول رکي ٿو ۽ خلط ملط ٿي رهي ٿو ته هي به انهن جيان ئي شمار ٿيندو. هن حديث مان اهڙي ماحول کي ڇڏڻ ۽ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ جو وجوب ثابت ٿئي ٿو ۽ صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم شريف جي هڪ حديث آهي ته هڪ دفعي حضرت زينب بنت جحش رضي الله عنها پاڻ عليه السلام جن کي عرض ڪيو: اي الله جا رسول عليه السلام! ڇا اسان ۾ نيڪ ماڻهو موجود هوندا پوءِ به اسين هلاڪ ڪيا ويندا سون؟ تنهن تي پاڻ عليه السلام جن فرمايو ته هائو! جڏهن فسق ۽ فجور گهڻو ٿيندو.

هي ڄاڻڻ گهرجي ته آباديءَ ۾ رهڻ سان جماعت سان گڏ نماز پڙهڻ جو فائدو ٿيندو ۽ ٻيا به ڪيترائي فائدا حاصل ٿيندا، جيڪي اڪيلائپ اختيار ڪرڻ سان ٿي نه ٿا سگهن ۽ ڪن حديثن مان اهڙين حالتن ۾ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ جي فضيلت معلوم ٿئي ٿي. حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله عنه کان روايت آهي ته

پاڻ ﷺ جن فرمايو: ان وقت تون ڇا ڪندين جڏهن تون بيڪار ماڻهن ۾ موجود هوندين. جن جا وعدا ۽ امانتون خلط ملط هونديون ۽ جيڪي پاڻ ۾ اختلاف ڪندڙ هوندا. مون عرض ڪيو: مون کي ڪهڙي ڳالهه جو حڪم ڪريو ٿا؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو: جنهن ڳالهه کي صحيح سمجهين، ان تي عمل ڪجانء ۽ جنهن ڳالهه کي اوپرو سمجهين، اها ڇڏي ڏجانء ۽ بين ماڻهن کي ڇڏي، پنهنجو فڪر ڪجانء ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته پنهنجي گهر ۾ رهجانء ۽ پنهنجي زبان تي ضابطو رکجانء. (رواه ترمذي)

صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ حضرت حذيفه رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو: (فتني واري دور ۾) مسلمانن جي جماعت ۽ امام کي چنبڙي وٺجانء. مون عرض ڪيو ته جيڪڏهن جماعت ۽ امام نه هجي ته پوء؟ تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو: انهن سيني ٽولن کان جدا ٿي علحيده رهجانء.

حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو:عنقريب (اهڙو زمانو ايندو جو) مسلمان جو سڀ کان ڀلو مال ٻڪريون هونديون، جن کي ساڻ ڪري هو جبل تي مينهن وسڻ جي جڳهه تي ايندو ۽ پنهنجي ڦٽني کان ڀڄي اتي پناهه وٺندو. (بخاري)

حضرت امام مالڪ رضي الله عنها کان روايت آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ ﷺ جن فتنن جو ذڪر فرمايو ۽ انهن بابت ٻڌايائون تي اهي فتنا ويجهڙ ۾ ظاهر ٿيندا. مون عرض ڪيو ته اي الله جا رسول ﷺ! ان وقت سڀ کان ڀلا ماڻهو ڪهڙا هوندا؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو: ان وقت سڀ کان ڀلو اهو هوندو. جيڪو پنهنجي جانورن سان رهي ۽ انهن جو حق ادا ڪري ۽ پنهنجي رب جي عبادت ڪري ۽ اهو ماڻهو. جيڪو پنهنجي گهوڙي جي مهار جهليو بيٺو هجي ۽ دين جي دشمنن کي خوفزده ڪندو رهي ۽ اهي ان کي خوفزده ڪندا رهن.(رواه ترمذي)

حضرت عقبه بن عامر رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون عرض ڪيو: اي الله جا رسول ﷺ نجات ڇا ۾ آهي؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو: پنهنجي زبان بند رک ۽ پنهنجي گهر ۾ رهه ۽ پنهنجن گناهن تي روءُ" (رواه ترمذي)

تنهن ڪري جڏهن دين ۾ فساد پيدا ٿيڻ جو خطرو ٿئي ۽ عقيدا خراب ٿيڻ جو خطرو هجي ۽ بدعت ڇائنجي وڃي، پوء جيڪڏهن حق جو طالب، علم وارو آهي ته ان لاءِ بهتر آهي ته مسلمانن جي جماعت کان نه نڪري ۽ امر ۽ نهي ڪندو رهي. ان لاءِ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ کان ماڻهن سان ميل جول رکڻ بهتر آهي، پر جيڪڏهن امر ۽ نهي ان کي فائدو نٿا ڏين ته پوء اڪيلائپ اختيار ڪري سگهجي ٿي، ۽ بقدر ضرورت انهن سان ميل جول رکي سگهي ٿو. [110] يا جيڪڏهن علم نٿو رکي ته پوء ان لاءِ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ جائز نه آهي ۽ اڪيلائپ ان لاءِ مهلڪ ۽ سڌو سنئون زهر جيئن باب پهرئين جي اٺويهين فصل ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي.

بيت

عزلتش بي عين علمش ذلت ست
ليک آن بي زاءِ زهد شي علت ست

ترجمو: علم ڪانسواءِ هن جي اڪيلائپ اختيار ڪرڻ بيڪار آهي ۽ ائين ان جو سبب تباهي آهي.

پر جيڪڏهن غريب آهي ۽ ماڻهن سان ميل جول رکڻ کان سواءِ ان جو روزگار نه ٿو ٿئي. ان کي بقدر ضرورت ماڻهن سان ميل جول رکڻ جائز آهي ته جيئن پنهنجي اهل عيال جي لاءِ حلال ڪاڻو ڪمائي سگهي، پر پنهنجو پورو خيال رکندو ۽ انهن جي مجلس کان پاڻ کي بچائيندو ۽ فتني وارن کان پري رهندو.

ٻن قسمن جي ماڻهن جي لاءِ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ بلڪل جائز نہ آهي. هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو دين جا ضروري مسئلا بہ نٿو ڄاڻي ۽ ان سان گڏ ڪو عالم بہ نہ آهي. جيڪو ان کي ديني مسئلن جي ڄاڻ ڏي ۽ ٻيو گهر ٻار وارو ماڻهو جيستائين پنهنجي گهر ڀاتين کي خرچ نہ ٿو ڏئي، تيستائين ان کي اڪيلائپ اختيار ڪرڻ نہ گهرجي. البتہ جيترن ڏينهن جو خرچ ڏئي وڃي، اوترا ڏينهن اڪيلائپ اختيار ڪري سگهي ٿو جيئن پاڻ ﷺ جن بي بي خديجه رضي الله عنها کي خرچ ڏئي پاڻ غار حرا ۾ عبادت ڪندا هئا.

علماءَ جو چوڻ آهي تہ فاسقن ۽ فاجرن جي ملڪ ۾ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ کان اتان نيڪوڪارن جي ملڪ ڏانهن هجرت ڪرڻ بهتر آهي. اهڙي وقت ۾ اهڙن ماڻهن کان قطع تعلقي مامور بها آهي. قوة القلوب واري رياض الصالحين واري شيخ محي الدين کان ان مسلم جي شرح ۾ آندو آهي تہ شبهات ۽ حرام ۾ واقع ٿيڻ جي خطري وقت ماڻهن کان قطع تعلقي ڪرڻ مستحب آهي.

الله تعالىٰ جي خاص ٻانهن جو اهو ئي شيوو رهيو آهي ۽ اسلام ۾ ان جي ترغيب ڏني وئي آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

فَفِرُّوٓا اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنِّیۡ لَکُمۡ مِّنۡهُ نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ ۝ (الذاريات آيت: 50)

ترجمو: "پوءِ الله ڏانهن ڀڄو بيشڪ آءٌ سندس طرف کان اوهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان."

الله تعالىٰ جو فرمان آهي:

تَبَتَّلۡ اِلَيۡهِ تَبۡتِيۡلًا ؕ۝ (المزمل آيت: 8)

ترجمو: "۽ سيني پاسن کان هڪطرفو ٿي چڱي طرح ڏانهنس متوجه ٿي."

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: آسودائپ گهڻي مال سان نہ پر نفس جي آسودائپ سان آهي. (بخاري ۽ مسلم)

حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ الله تعالىٰ نفس جي آسودائپ (بي پرواهي) رکندڙ ٻانهي سان محبت رکي ٿو. (رواه مسلم) عوارف جي صاحب بہ اها روايت آندي آهي.

حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: ماڻهن جي مٿان اهڙو زمانو بہ ايندو، جنهن ۾ اهڙو ماڻهو پنهنجي دين کي محفوظ رکي سگهندو، جيڪو هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ جي طرف ۽ هڪ جبل جي چوٽيءَ کان ٻئي جبل جي چوٽيءَ جي طرف ۽ هڪ پٿر کان ٻئي پٿر جي طرف ڀڄندو رهندو[111] جيئن دوڪيباز لومڙي ڀڄندي آهي. صحابه ڪرام عرض ڪيو: اي الله جا رسول ﷺ اهو زمانو ڪڏهن ايندو؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو: جڏهن گناهہ کان سواءِ روزگار حاصل ٿي نہ سگهي. پوءِ جڏهن اهڙو زمانو اچي، تہ اڪيلائي اختيار ڪرڻ ۽ شادي نہ ڪرڻ جائز ٿي ويندي.

حضرت معاويہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: هجرت تيستائين بند نہ ٿيندي جيستائين توبه جو دروازو بند نہ ٿيندو ۽ توبه جو دروازو تڏهن بند ٿيندو، جڏهن سج اولهہ کان اڀرندو (رواه احمد وابوداؤد)

طيبيءَ جو چوڻ آهي تہ هن هجرت مان مراد مڪي کان مديني واري هجرت نہ آهي ۽ گناهن کي ڇڏڻ بہ مراد نہ آهي، ڇو تہ اهو توبه سان حاصل ٿيندو آهي. هن مان مراد اهڙي جڳهہ تان هجرت ڪرڻ مراد آهي، جتي

ديني احڪام پورا ڪري نہ سگھجن ۽ "امر ونهي" ڪتاب ۾ ڪثير بن مره کان روايت آهي، فرمائي ٿو تہ مون کي ابو فاطمه ٻڌايو تہ مون کي رسول الله ﷺ جن فرمايو: تنهنجي لاءِ هجرت ضروري آهي. ان کان وڌيڪ ٻي ڪا شيءِ تنهنجي لاءِ فائديمند نہ آهي.

حضرت ابو سعيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ شخص پاڻ ﷺ جن جي خدمت ۾ آيو. ۽ عرض ڪيائين تہ ماڻهن مان سڀ کان ڀلو ڪير آهي؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو: اهو مؤمن جيڪو الله جي رستي ۾ پنهنجي نفس ۽ مال سان جهاد ڪري ٿو. ان شخص عرض ڪيو: ان کان پوءِ ڪهڙو سڀ کان وڌيڪ ڀلو آهي؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو: جيڪو ماڻهن کان جدا ٿي، ڪنهن جبل ۾ وڃي پنهنجي رب جي عبادت ڪري ٿو ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ جيڪو الله کان ڊڄي ٿو ۽ ماڻهن جي شر جي ڪري انهن کي ڇڏي ٿو. (بخاري و مسلم)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: ڇا مان مرتبي جي لحاظ کان سڀ کان ڀلي ماڻهو بابت اوهان کي نہ ٻڌايان ؟ صحابه ڪرام عرض ڪيو تہ ضرور ٻڌايو اي الله جا رسول ﷺ! تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو: اهڙو ماڻهو جيڪو الله جي رستي ۾ پنهنجي گهوڙي جي مهار جهلي بيٺو آهي، تانجو وفات ڪري وڃي، يا شهيد ٿي وڃي. ان کان پوءِ فرمايائون: ڇا اهڙو ماڻهو ٻڌايان جيڪو درجي ۾ ان سان گڏ هجي؟ اسان عرض ڪيوسين تہ ضرور ٻڌايو. اي الله جا رسول ﷺ! تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو ماڻهن کان ڪنجي جبلن ۾ رهي ٿو.(رواه نسائي)

سلوڪ ۽ سيرت جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٽين ۽ چوٿين هجريءَ ۾ عالمن حق جي طالبن کي ڇڙائپ، هجرت، ۽ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ جي فتويٰ ڏني هئي ۽ انهن ان دور ۾ ئي چيو هو تہ هي اهو زمانو آهي، جنهن بابت پاڻ ﷺ جن فرمايو هو تہ صبح جو ماڻهو مؤمن هوندو ۽ شام جو ڪافر ۽ اهي ان دور ۾ ان کان پناهہ گهرندا هئا. جڏهن ٽين ۽ چوٿين هجريءَ ۾ اهو حال هو تہ هي زمانو ان کان بدتر آهي. باقي بخاري شريف جي حديث ۾ جيڪا اڪيلائپ اختيار ڪرڻ کان نهي آيل آهي، اها ان دور لاءِ آهي، جڏهن حالتون صحيح هجن ۽ دين مضبوط هجي، جيئن اڳتي ايندو اڪيلائپ اختيار ڪرڻ ۽ هجرت ڪرڻ اڳين ڏينن ۾ بہ مستحب ۽ محمود هئي.

منقول آهي تہ حضرت عيسيٰ عليه السلام هڪ دفعي پنهنجي قوم کان جدا ٿي جبل تي آيو. هڪ مؤمن ان وٽ پهتو ۽ ان کان پڇا ڪيائين ڇا جي ڪري اوهين هيڏانهن آيا آهيو؟ تنهن تي حضرت عيسيٰ عليه السلام فرمايو: ماڻهو سرڪش ٿي ويا آهن. منهنجي دعوت انهن کي فائدو نہ ٿي ڏئي. سوچيو تہ متان الله تعاليٰ جو عذاب نہ اچي وڃي ۽ مان بہ ان جي لپيٽ ۾ نہ اچي وڃان. تنهن ڪري هيڏانهن هليو آيس.[112] ڪنهن شخص چيو: اي الله جا نبي! اوهان الله جي حڪم سان مئلن کي زنده ڪيو تا تہ پوءِ انهن کي ڪفر ۽ گمراهي مان ڪڍي اسلام ۽ هدايت جي طرف ڇو نہ تا آڻيو؟ حضرت عيسيٰ عليه السلام فرمايو: جيتوڻيڪ الله تعاليٰ مئلن کي زنده ڪرڻ ۽ نابينن کي سڄو ڪرڻ ۽ ڪوڙهہ جي بيماريءَ کي ختم ڪرڻ جا معجزا منهنجي هٿ تي ظاهر ڪيا آهن، پر مرده دلين ۾ تصرف ڪرڻ منهنجي اختيار ۾ نہ آهي، توڻي جو مان انهن کي اسم اعظم پڙهي دم ڪريان، پر انهن کي ڪو بہ فائدو نہ ٿيندو ۽ الله تعاليٰ رسول الله ﷺ جن کي فرمايو:

إِنَّكَ لَا تَهْدِيْ مَنْ أَحْبَبْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ (القصص آيت: 56)

ترجمو: "(اي پيغمبر!) بيشڪ تون جنهن کي گهرين، تنهن کي هدايت ڪري نہ ٿو سگهين، پر الله جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي هدايت ڪندو آهي."

اهو پورو قصو مثنوي معنوي ۾ تفصيل سان لکيل آهي.

۽ هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ ڪي بزرگ ماڻهن جي ميل جول کان تنگ اچي ۽ ماڻهن جي گهٽي تنگ ڪرڻ جي ڪري ڪجهہ وقت جي لاءِ پنهنجو ذڪر اذڪار ۽ گهٽي عبادت ڪرڻ کي ڇڏي ڏيندا آهن تہ جيئن ماڻهو متنفر ٿي هليا وڃن ۽ ان جو ذڪر پهرين باب ۾ ٿي گذريو.

مثنوي (الف)

آن يکي ميگفت خواهم عاقلي
مشورت دارم بدو درمشکلي
آن دگر گفتش کہ اندر شهر ما
نيست عاقل جزکہ آن مجنون نما
برنئي گشت سواره آن جوان
مي دواند درميان کودکان
اور درين ۽ بل انگس پنهان شده
اودرين ديوانگي پنهان شده
کس ندا ند از خرد اورا شناخت
مشورت جوئنده آمدپيش او
کامي شہ عالي مکان رمز بگو
گفت رو زين حلقہ کہ اين دربازنيست
باز گرد امروز روز راز نيست
گفت آن طالب کہ آخر يک نفس
ايک توئي ساختہ هم بي فرس
راند سوئي اوکہ هين زوتر بگو
کاسپ من بس توسن است و تند جو
تا لکد بر تو نہ کوبد زود باش
از چہ مي پرسي، بگوپيدا و فاش

(ب)

گفت اي شهہ باچئين عقل و ادب
اين چہ شيداست؟ اين چہ فعلت اي عجب

تادرين شهر خودم قاضي كنند
تو ورائي عقل كلي دربيان
آفتابي درجنون چوني نهان
دفع مي گفتم، مرا گفتند، ني
نيست چون تو عاقلي صاحب فني ؎
زين ضرورت گول و ديوانہ شدم
ليک دريا حلن همانم کہ بدم
عقل من گنج ست و من ويرانہ ام
گنج اگر پيدا كنم، ديوانہ ام
اوست ديوانہ کہ ديوانہ نشد
اين عسس را دين دوخانہ نشد

ترجمو: هڪ ماڻهو چئي رهيو هو تہ آءُ عقلمند جي ڳولا ۾ آهيان. ۽ ان سان مشورو ڪرڻ گهران ٿو. ٻئي چيس تہ اسان جي شهر ۾ هن بظاهر ديواني جهڙو ٻيو ڏاهو ڪونهي. بانس تي سوار ٿي اهو جوان ٻارن جي وچ ۾ پيو ٿو ڪيڏي. هو پاڻ کي ان چوپائي ۾ لڪائي ٿو ۽ ويران جڳهن ۾ ڇپيل رهي ٿو. ڪو بہ عقل سان ان کي سڃاڻي نٿو سگهي. ڇو تہ هن پاڻ کي چريو ثاهي رکيو آهي. اهو مشوري وارو ماڻهو وٽس آيو ۽ چوڻ لڳو تہ اي آبرو مند انسان آخر اها ڪهڙي رمز آهي. هن جواب ڏنو تہ هتي ڪڙو ڏنل آهي، در بند آهي، هليو وڃ جو اڄ راز ٻڌائڻ جو ڏينهن ناهي.

اهو ٻڌي اهو طالب ڪيس چوڻ لڳو تہ بانس جي ڪاٺيءَ تي گهوڙي وانگر سوار ٿوري دير لاءِ منهنجي ٻڌ هوڏانهس وڌي آيو ۽ چوڻ لڳو جلدي ٻڌاءِ، ڇو تہ منهنجو گهوڙو سرڪش ۽ اڻ جهل آهي. اهو توکي اِت نہ هٽي ڪدي. جلدي ڪر مون کان جيڪي پڇڻو اٿئي، اهو واشگاف ڪر. سائل چيو، اي آبرومند انسان انهيءَ عقل ۽ ادب جي هوندي، اهو ڪهڙو تماشو آهي، اهو ڪهڙو ڪم آهي، مون کي تہ تعجب آهي! چوڻ لڳو تہ عام ماڻهن جو رايو آهي تہ هو مون کي شهر جو قاضي بڻائن. سائل چوڻ لڳو تہ تون بيان ڪرڻ ۾ عقل ڪل کان بہ اڳتي آهين. تون تہ سچ آهين. پاڻ کي چريائپ ۾ ڇو لڪايو اٿئي.

مان هنن کان نٽايان ٿو، پر هو مون کي چون ٿا، نہ! بلڪ چون ٿا تہ تو جهڙو عقلمند ۽ سياڻو ڪونهي. انهيءَ ڪري مون پاڻ کي چريو ۽ پاڳل بڻائي رکيو آهي، جيتوڻيڪ اندر ۾ مان اهو ئي آهيان جيڪو اصل ۾ هيس. منهنجو عقل خزانو آهي ۽ آءٌ ويرانو آهيان. جيڪڏهن آءٌ خزاني کي ظاهر ڪندس تہ آءٌ ديوانو چئبس. اصل ۾ ديوانو اهو آهي جيڪو ديوانو نہ ٿئي. پلي ڪوتوال کي ڏسي پر ان جي ڪري گهر ۾ لڪي ويهي نہ رهي.

سلطان العارفين شيخ طيفور بسطامي بابت منقول آهي تہ هو هڪ دفعي حجاز جي سفر تي روانو ٿي آيو. جڏهن ڪنهن شهر جي ويجهو پهتو تہ اتان جا رهواسي ان جي استقبال جي لاءِ ٻاهر نڪري آيا. جڏهن هو ماڻهن جي ميل جول کان تنگ آيو تہ ذڪر اذڪار ڇڏي ڏنائين ۽ ان وقت رمضان المبارڪ جو مهينو هو. هي ڏينهن جو ماني ڪڍي وچي بازار ۾ کائيندو هو. اهو ڏسي سڀ ماڻهو متنفر ٿي ويا ۽ پجي ويا. ڪنهن پڇا ڪيس

ڏينهن جو ماني کٽي وچي بازار ۾ کائيندو هو. اهو ڏسي سڀ ماڻهو متنفر ٿي ويا ۽ پڇي ويا. ڪنهن پڇا ڪيس تہ اوهان ائين ڇو ٿا ڪريو؟ تنهن تي هن چيو: مان هونئن ئي مسافر آهيان. ذڪر اذڪار ڪري نہ ٿو سگهان ۽ مسافر تي روزا فرض نہ آهن. ماڻهو منهنجي خدمت ۾ هئڻ جي ڪري ذڪر اذڪار ۽ ٻين عبادتن کان محروم ٿين پيا. تنهن ڪري ائين ڪيم تہ جيئن اهي وچي عبادت ڪن ۽ مسافر جي مٿان روزن جي صرف قضا آهي، ڪفارو نہ آهي. تنهن ڪري مان پنهنجا روزا قضا ڪندس.

بيت

راه وصال دوست سراسر ملامت است

هرکہ گزيد راه ملامت سلامت ست

ترجمو: دوست جي راه سراسر ملامت واري آهي، جنهن ملامت واري راه ورتي، اهوئي سلامتي سان پهتو ان ڪري چيو ويو آهي: "السلامة روضة العاشقين و نزهة المحبين وراحت المشتاقين و سررالمحبين."

يعني ملامت عاشقن جو باغيچو، دوستن جي لاءِ فرحت ۽ مشتاقن لاءِ راحت ۽ محبت ڪندڙن لاءِ سرهائي آهي. مڪتوبات منيريءَ ۾ ائين آهي.

ملامت واري راهہ اختيار ڪرڻ جا ڪيترائي قسم آهن. انهن سيني جو غرض ماڻهن جي شر ۽ شهرت جيڪا مهلڪ ۽ مصيبت آهي، ان کان بچڻ آهي ۽ پنهنجي زندگي يڪسو ٿي ڪري الله تعاليٰ جي عبادت ۾ گذارڻي آهي.

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا! ڄاڻ گهرجي تہ فتني ۽ فساد واري دور ۾ الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ کان بچڻ جو وڏو ثواب ۽ اجر آهي. خاص طور جڏهن امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ختم ٿي وڃي ۽ ڪوئي نيڪيءَ واري ڳالهہ ٻڌڻ جي لاءِ تيار نہ هجي. اهڙي دور ۾ صراط مستقيم تي هلڻ جو وڏو اجر آهي. قرآن ۽ حديث ان ڳالهہ جا گواهہ آهن ۽ عالمن جو چوڻ آهي تہ جهڙي طرح فسق ۽ فجور واري زماني ۾ نيڪين تي عمل ڪرڻ جي فضيلت وڌيڪ آهي. پوءِ اها زماني جي مختلف ٿيڻ ۽ فسق ۽ فجور جي وڌڻ سان مختلف ٿئي ٿي ۽ اها ڳالهہ احاديث مان پڻ ثابت آهي.

حضرت ابو ثعلبہ ﵁ کان الله تعاليٰ جي هن قول:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلَيْكُمْ اَنْفُسَكُمْ ۚ لَا يَضُرُّكُمْ مَّنْ ضَلَّ اِذَا اهْتَدَيْتُمْ ۚ (المائده آيت: 105)

ترجمو: "اي مؤمنو! اوهين پنهنجن نفسن جي ڪريو. جڏهن اوهين هدايت وارا ٿيو تڏهن اهو اوهان کي ضرر نہ رسائيندو، جيڪو گمراهہ ٿيو."

"جيڪو پلو" جي تفسير ۾ منقول آهي، حضرت ابوبڪر صديق ﵁ فرمائي ٿو: الله تعاليٰ جو قسم! مون ان آيت بابت رسول الله ﷺ جن کان پڇا ڪئي هئي. پاڻ ﷺ جن فرمايو: اوهين نيڪين جو حڪم ڪندا رهو ۽ برائين کان روڪيندا رهو، تانجو جڏهن اوهان ڏسو تہ ماڻهو دنيا کي آخرت تي ترجيح ڏيڻ لڳا آهن ۽ هر هڪ پنهنجي ڳالهہ ۽ سوچ کي ئي صحيح سمجهي رهيو آهي ۽ جڏهن تون اهڙي شيءِ کي ڏسين، جو ان ۾ واقع ٿيڻ کان سواءِ تنهنجي لاءِ ڪو چارو ئي نہ هجي تہ پوءِ ان وقت تون ٻين ماڻهن کي ڇڏي پنهنجي نفس جو فڪر

تہ ان پنهجين ترين تي ٽاندو برداشت ڪيو ۽ انهن ڏينهن ۾. جيڪو شريعت تي عمل ڪندو ان کي انهن پنجاہ ماڻهن جي عمل جي برابر ثواب ملندو. جيڪي (صحيح حالتن ۾) ان جهڙو عمل ڪن. صحابہ ڪرام عرض ڪيو تہ اهي پنجاهہ ماڻهو انهن مان هوندا! پاڻ ﷺ جن فرمايو: اوهان مان (رواہ ترمذي وابن ماجہ)

هن حديث شريف مان فتني ۽ فساد واري دور ۾ شريعت تي عمل ڪندڙ جو ثواب صحابہ جي عمل جي ثواب کان وڌيڪ ثابت ٿئي ٿو. اها هڪ جزوي فضيلت آهي ڪلي نہ آهي ۽ جزوي فضيلت ڪلي فضيلت جي منافي نہ هوندي آهي. ان جو پورو بحث مٿي گذري آيو.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: جنهن فساد جي وقت منهنجي سنت کي چنبڙي ورتو، ان کي سؤ شهيدن جو ثواب ملندو. (رواہ بيهقي في ڪتب الزهد)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: اوهان اهڙي دور ۾ رهو ٿا، جيڪڏهن اوهان مان ڪو مامور جو ڏهون حصو بہ ڇڏيندو تہ هلاڪ ٿي ويندو ۽ اهڙو دور بہ ايندو جيڪڏهن ڪو شريعت جي حڪمن جي ڏهين حصي تي بہ عمل ڪندو تہ نجات حاصل ڪندو. (رواہ ترمذي)

حضرت مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون کي پاڻ ﷺ جن کان هڪ حديث پهتي آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايائون: غفلت وارن ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪندڙ جو مثال ائين آهي، جيئن ويهندڙ غازين ۾ لڙائي ڪندڙ ۽ جيئن سڪين ٽامين ۾ هڪ سرسبز ۽ سائي ٽامي ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ جيئن سڪن وڻن ۾ سرسبز وڻ ۽ جيئن اونداهيءَ واري گهر ۾ ڏيئو ۽ غفلت وارن ۾ ذڪر ڪندڙ [119] ٻانهي کي الله تعاليٰ زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي جنت واري جڳهہ ڏيکاريندو آهي ۽ الله تعاليٰ مخلوق جي تعداد جي برابر ان جا گناہ بخشيندو آهي. (رواہ رزين)

هي بہ ڄاڻ گهرجي تہ طريقت جي شرطن مان هڪ شرط غير ضروري ڪلام کان چپ رهڻ بہ آهي ۽ گهڻو ڳالهائڻ ۽ ڪلڻ دل جي سختي ۽ مرده ٿيڻ جو سبب آهي. حديث شريف ۾ آهي. حضرت ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: الله تعاليٰ جي ذڪر کان سواءِ گهڻو ڪلام نہ ڪندا ڪريو ڇو تہ الله تعاليٰ جي ذڪر کان سواءِ گهڻو ڳالهائڻ دل جي سخت ٿيڻ جو سبب آهي ۽ الله تعاليٰ کان سڀ کان پري ماڻهو اهو هوندو آهي، جيڪو دل جو سخت هجي. (رواہ ترمذي)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه ۽ حضرت ابوخلاد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: جڏهن اوهان اهڙي ٻانهي کي ڏسو، جنهن کي دنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي عادت ڏني وئي آهي تہ ان جي ويجها ٿيو، ڇو تہ اهو حڪمت جا موتي هاريندو آهي.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: گهڻو نہ کلندا ڪريو، ڇو تہ گهڻو کلڻ دل کي مرده بڻائيندو آهي. (رواہ احمد والترمذي)۽ حضرت علي بن حسين رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: انسان جو بي فائده ڳالهين کي ڇڏڻ اسلام جي سٺائيءَ مان آهي. (رواہ مالڪ واحمد)

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ صحابي وفات ڪري ويو. ڪنهن شخص چيو تہ جنت جي خوشخبري قبول ڪر. تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو: ڇا توکي خبر آهي تہ شايد هن شخص غير ضروري ڳالهين ۾ ڪلام ڪيو هجي يا ان شيءِ ۾ بخل ڪيو هجي، جنهن ۾ گهٽتائي نہ اچي ۽ هڪ ٻگهي حديث ۾ حضرت

۾ ڪلام ڪيو هجي يا ان شيءِ ۾ بخل ڪيو هجي، جنهن ۾ گهٽتائي نہ اچي ۽ هڪ ڊگهي حديث ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ عليه السلام جن فرمايو: ڊگهي خاموشي اختيار ڪر ڇو تہ اها شيطان کي تاريندي ۽ ديني معاملن ۾ تنهنجي مددگار ٿيندي. مون عرض ڪيو تہ مون کي (نصيحيت ۾) اجان وڌايو. پاڻ عليه السلام جن فرمايو: پاڻ کي گهڻي کلڻ کان بچاءِ ڇو تہ اهو دل کي مرده بڻائيندو آهي ۽ چهري جو نور ختم ڪندو آهي.

حضرت ابو ثعلبه رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ عليه السلام جن فرمايو: قيامت جي ڏينهن مون کي محبوب ۽ منهنجي ويجهو اهي ماڻهو هوندا جيڪي اخلاق جا چڱا آهن ۽ مون کي ناپسند ۽ مون کان پري اهي ماڻهو هوندا، جيڪي اخلاق جا ڪريل، اجايو گهڻو ڳالهائيندڙ هوندا. (رواه البيهقي في شعب الايمان)

خاموشي اختيار ڪرڻ جي فضيلت ۾ ڪجهہ حديثون ذڪر جي بحث ۾ گذري آيون ۽ انهن کان سواءِ خاموشي اختيار ڪرڻ جي فضيلت ۾ ڪيترين ئي حديثون آيل آهن. جيڪي حديث جي ڪتابن ۾ ذڪر ٿيل آهن. [115]

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ بلڪل ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏڻ ۽ ضرورت جي وقت بہ نہ ڳالهائڻ ۽ زبان کي گونگن جيان بند رکڻ شريعت ۾ ممنوع آهي ۽ اهو طريقو مشرڪن ۽ ڪافرن جو آهي ۽ اڳين ڪن شريعتن ۾ پڻ نہ ڳالهائڻ جو روزو هوندو هو. مفسرن هن قول جي تفسير ۾ ان جي وضاحت ڪئي آهي:

فَقُوْلِيْٓ اِنِّيْ نَذَرْتُ لِلرَّحْمٰنِ صَوْمًا فَلَنْ اُكَلِّمَ الْيَوْمَ اِنْسِيًّا (مريم آيت:26)

ترجمو: "چؤ تہ مون الله لاءِ روزو باسيو آهي، تنهن ڪري اڄ ڪنهن ماڻهو سان پڪيءَ نہ ڳالهائيندس."

شريعت محمديءَ عليه السلام ۾ ڳالهائڻ بند ڪرڻ، منهي عنه ۽ مڪروه تحريمي آهي. حضرت قيس بن ابي حازم رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ دفعي حضرت ابو بڪر رضي الله عنه هڪ عورت زينب وٽ آيا جنهن ڳالهائڻ بند ڪيو هو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه پڇا ڪئي ڇا جي ڪري نہ ٿي ڳالهائي؟ ماڻهن چيو تہ هن چپ جو روزو رکيو آهي. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه فرمايو: ڳالهاءِ ڇو تہ اهو حلال نہ آهي ۽ اهو جاهليت جو عمل آهي. (اخرجه بخاري)

خطابيءَ جو چوڻ آهي تہ چپ جو روزو جاهليت جي عبادت هئي. اسلام ۾ ان کان روڪيو ويو آهي ۽ ڳالهائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

فصل اٺويهون

هن بيان ۾ ته جڏهن سالڪ کي جمع جي حصول ۽ تفرقه جي زوال ۾ مشڪل اچي ته خلوت يعني اڪيلائپ اختيار ڪرڻ جائز آهي.

ڄاڻڻ گهرجي ته خلوت (اڪيلائپ) ٻه قسم آهي: هڪ خلوت باطني ۽ ٻي خلوت ظاهري ۽ هتي خلوت ظاهري مراد آهي. خلوت باطني جو بحث انشاءَ الله ٻئي فصل ۾ ايندو. ڄاڻڻ گهرجي ته بري صحبت کان خلوت اختيار ڪرڻ بهتر آهي قرآن مجيد ۾ آهي:

لَا خَيْرَ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنْ نَّجْوٰىهُمْ اِلَّا مَنْ اَمَرَ بِصَدَقَةٍ اَوْ مَعْرُوْفٍ اَوْ اِصْلَاحٍ بَيْنَ النَّاسِ ۚ (النساء: آيت:114)

ترجمو: ”سندن گهڻين ڳجهين صلاحن ۾ ڪا چڱائي نه آهي، مگر جنهن خيرات ڏيڻ يا چڱي ڪم يا ماڻهن جي وچ ۾ سڌاري ڪرڻ جو حڪم ڪيو.

حضرت عمران بن حصين رضي الله عنه کان روايت آهي فرمائي ٿو ته مان حضرت ابوذر رضي الله عنه وٽ آيس. هو مسجد ۾ ڪاري چادر ويڙهي ويٺو هو. مون عرض ڪيو: اي ابوذر رضي الله عنه اڪيلائپ ڇو اختيار ڪئي اٿئي. فرمايائين مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان ٻڌو فرمايائون: بري مجلس کان اڪيلائپ بهتر آهي ۽ سٺي مجلس اڪيلائپ کان بهتر آهي ۽ ڀلي ڳالهه جو لکرائڻ خاموشيءَ کان بهتر آهي ۽ بري ڳالهه جي لکارائڻ کان خاموشي بهتر آهي. (رواه البيهقي في شعب الايمان)

مثنويءَ ۾ آهي:

بيت

خلوت از اغيار باشد نه زيار
پوستين بهردي آمد نه بهار
کارما از خلق شد بر ما دراز
چند زين مشت گدا اي پيماز

ترجمو: ”اڪيلائپ ڌارين کان ڄڻائي، ٽاڻ سردي ۾ پائبو آهي. بهار ۾ نه! اسان جا ڪم مخلوق جي ڪري ڊگها ٿي ويا آهن.“ آخر ڪيستائين، اي لالچي پنهنجو هٿ ڦهلائيندين؟

سلوڪ جي ڪتابن ۾ لکيل آهي. سلامتي تنهائي ۾ آهي ۽ گهڻي ميل جول ٿيڻ وارن جي درميان مصيبتون اينديون آهن.

خلوت اختيار ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ شرط آهن. جيڪڏهن انهن مان هڪ بہ شرط پورو نہ ڪيائين تہ خلوت اختيار ڪرڻ مان فائدو نہ ٿيندو. انهن مان هڪ شرط هي آهي تہ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ مان هن جو مقصد شهرت ۽ مرتبو حاصل ڪرڻ نہ هجي، ڇو تہ نفساني خواهش جي ڪد لڳندڙ ڪي اڪيلائپ اختيار ڪرڻ ۾ وڏائي ۽ تڪبر پيدا ٿيندو آهي ۽ انهن ڪي شهرت ۽ مرتبي حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيندو آهي ۽ دين ۾ شهرت جي خواهش رکڻ وڏي مهلڪ آهي. حديث شريف ۾ آهي حضرت ابن عمر رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: جنهن دنيا ۾ شهرت جو ڪپڙو پاتو، قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ ان کي ذلت جو ڪپڙو پارائيندو. (رواه احمد، ابودائود ۽ ابن ماجه) [116]

علماءَ جو چوڻ آهي تہ ڪپڙو پائڻ ڪنايو آهي، اهڙي عمل ڪرڻ جو جنهن مان هن جو مقصد شهرت ۽ ڏيکاءَ هجي ۽ ڪنهن ان کي ظاهري معنيٰ تي بہ محمول ڪيو آهي. حضرت ابوهريره رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: هڪڙو ماڻهو بہ چادرون ڍڪي آڪڙ مٺان هلي رهيو هو تہ ان کي زمين ڳهي وئي ۽ اهو قيامت تائين ان ۾ لهندو رهندو. (رواه البخاري و مسلم)

حضرت معاويہ رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: "جيڪو ماڻهن جي اٿي بيهڻ تي خوش ٿئي ٿو تہ اهوپنهنجو ٺڪاڻو جهنم ۾ ڳولي." (رواه ترمذي وابو داؤد)

حضرت انس رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو: ماڻهوءَ جي بري هئڻ جي لاءِ هيءَ ڳالهہ ڪافي آهي جو ماڻهو ان ڏانهن دين يا دنيا بابت آڱرين جا اشارا ڪن، مگر جنهن کي الله تعاليٰ محفوظ رکي. (رواه البيهقي في شعب الايمان)

بهرحال شهرت پسندي هڪ تباهہ ڪندڙ بيماري آهي. تنهن ڪري ان جي خواهش نہ رکڻ گهرجي. جيئن مثنوي ۾ آهي:

اشتهار خلق بند محڪم است
بند خلق از بند آهن ڪي ڪم است
بند آهن را توان ڪردن جدا
بند شهرت را ندارد ڪس دوا
هيچ مي داني ڪہ شهرت آفت ست
درخمول وصمت و عزلت راحت است

ترجمو: خلق خدا جي ۾ مشهوري وڏو مضبوط قيد آهي. خلق جو اهو قيد لوهہ جي قيد کان ڪنهن بہ ريت گهٽ ناهي. بلڪ لوهہ جي قيد کي جدا ڪري يعني آزاد ٿي سگهجي ٿو، پر شهرت جي قيد مان ڇٽڻ جي ڪا دوا ڪونهي. گمنام رهڻ، خاموشي اختيار ڪرڻ ۽ گوشہ نشين ٿيڻ ۾ ئي آرام ۽ سڪون آهي.

ٻيو شرط هي آهي تہ تنگ ۽ تاريڪ حجري ۾ ويهڻ گهرجي، جنهن ۾ نماز پڙهي سگهجي ۽ پير ڊگها ڪري سگهجن. ان ۾ سج جون شعاعون نہ اچڻ گهرجن. هر طرف کان ان جا سوراخ بند ڪجن. قوة القلوب ۾ ائين

ئي آيل آهي ۽ ڪيمياءِ سعادت ۾ آهي تہ تنگ ۽ تاريڪ گهر ۾ ڪيترائي فائدا آهن. انهن مان هڪ ذهن جو هڪ جڳهہ تي گڏ ٿيڻ، انتشار کان بچڻ ۽ وسوسن جو ختم ٿيڻ آهي ۽ حديث شريف ۾ آهي ضرورت کان سواءِ تهيل جڳهہ مالڪ جي لاءِ وبال هوندي. (ابوداؤد)

اهو حجرو مسجد جي پاسي ۾ هئڻ گهرجي تہ جيئن جماعت ۽ اعتڪاف جو ثواب ۽ تڪبيره اوليٰ تي پهچڻ و ثواب ۽ برڪت واري جڳهہ جي برڪت حاصل ٿئي ۽ تڪبيرة الاوليٰ جو حصول دنيا وما فيها کان بهتر آهي.

پر جي مسجد ميسر ٿي نہ سگهي تہ پوءِ مسجد جي پاڙي ۾ گهر ٺهرائي ۽ جيڪڏهن اهڙي جڳهہ تي خلوت اختيار ڪئي اٿائين، جتي مسجد جي اذان ٻڌڻ ۾ اچي ٿي تہ جماعت سان نماز پڙهڻ لازم ٿيندي پر جي اتي ئي جماعت ٿئي ٿي تہ پوءِ مسجد ۾ شرڪت ضروري نہ آهي، پر جيڪڏهن هي ايترو پري آهي جو اذان جو آواز ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي تہ جماعت ۾ حاضر ٿيڻ لازم نہ آهي ۽ ان کي تارڪ جماعت نہ چئبو.

باقي جمعي جي نماز جي لاءِ هي حڪم آهي تہ جيڪڏهن هي ايترو پري رهي ٿو جو جمعة المبارڪ جي نماز پڙهي رات جو گهر موٽي سگهي ٿو تہ ان جي مٿان جمعي جي نماز لازم ٿي ويندي، پر جي رات جو گهر موٽي نہ ٿو سگهي تہ هن جي مٿان جمعو لازم نہ ٿيندو ڪن فقيهن جي ان تي ئي فتويٰ آهي ۽ ڪن اذان جي ٻڌڻ جيترو فاصلو قرار ڏنو آهي. يعني جيڪڏهن اذان ٻڌجي ٿي تہ ان جي مٿان جمعو لازم ٿيندو ۽ جي اذان نہ ٿي ٻڌجي تہ ان جي مٿان جمعو لازم نہ ٿيندو امام محمد جو اهو ئي قول آهي ۽ ڪن وٽ هڪ ميل جو فاصلو آهي ۽ ڪن وٽ فرسنگ جو فاصلو جمعي جي وجوبيت جو سبب آهي.[117] فتاويٰ برهنہ واري جو چوڻ آهي تہ فتويٰ ان قول تي آهي ۽ ڪي ٻہ فرسنگ چون ٿا. پر ظاهر روايت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص شهر کان ٻاهر رهي ٿو ان جي مٿان جمعو واجب نہ آهي، ميل يا فرسنگ جو ڪو اعتبار نہ آهي.

ٽيون شرط روزو رکڻ آهي ۽ چوٿون شرط افطار جي وقت گهٽ کائڻ آهي ۽ قوة القلوب ۾ آهي تہ گوشت هفتي ۾ صرف هڪ ڀيرو، پنجاهہ درهم يا ان کان گهٽ وزن جيترو کائجي. مشائخ طريقت مبتديءَ لاءِ ايترو گوشت کائڻ جي اجازت ڏين ٿا تہ جيئن انهن جو بدن ضعيف ۽ ڪمزور نہ ٿي وڃي ۽ جڏهن کاڌو کائي تہ ننڍو گرهہ کڻي ڏاڍيان چباڙي ۽ ڪجهہ بک جي هوندي اٿي وڃي تہ جيئن شهوت، طعام جي ظلمت ذڪر جي نور سان ختم ٿي وڃي ۽ جيستائين هر گرهہ معدي ۾ قرار نہ وٺي، تيستائين ٻيو گرهہ نہ وجهي ۽ آخر ۾ حمد چوڻ گهرجي. عوارف المعارف ۾ آهي تہ جيڪڏهن ڪوئي کاڌو گهٽائڻ چاهي ٿو تہ پهرين ڏينهن اٺ حصا گهٽائي کائي ۽ ٻئي ڏينهن انهن مان اٺ حصا گهٽائي کائي ۽ ٽئين ڏينهن ان مان بہ اٺ حصا گهٽائي کائي تہ ان طريقي سان گهٽائڻ ۾ هن جو بدن ضعيف ۽ ڪمزور نہ ٿيندو. مثال طور هي چوٿون استار وزن جيترو کاڌو کائيندو آهي تہ پهرين ڏينهن اٺ استار گهٽ کائڻ ڪري، ڇاونجاهہ استار کاڌو کائي. ائين گهٽ ڪندو رهي، جيترو کائڻ گهري اتي بس ڪري ۽ ذڪر ڪندو رهي: "يا صمد من غير شبه فلاشيءَ ڪمثله." اهو ذڪر ڪرڻ سان بک نقصان نہ ڏيندي، مجرب آهي.

پنجون شرط پاڻي آهستي آهستي پيئڻ دوران ساهي پٽڻ ۽ ساهہ کڻڻ کان ٻاهر ڪڍڻ مسنون آهي ۽ پاڻيءَ جي طلب ۽ اشتها باقي هجي تہ بس ڪجي. ائين ڪرڻ سان آهستي آهستي پاڻي جي اشتها گهٽبي ويندي ۽ روحاني غذا جي ڪري جسماني غذا کان مستغني ٿي ويندو.[118]

برزگن جو فرمان آهي تہ اسان پاڻي پيئڻ جي اها ورزش ڪئي آهي ۽ ان ڪي مجرب لڌو آهي ۽ اج ڪي شهوات ڪاذبہ محسوس ڪيو آهي ۽ اها عجيب ورزش آهي ۽ الله تعاليٰ جي قدرت جي آڏو ڪابہ شيءِ بعيد نہ آهي. "والله عليٰ كل شيءِ قدير." قوة القلوب ۾ اها ڳالهہ وضاحت سان لکيل آهي.

ڇهون شرط ننڊ گهٽ ڪرڻ آهي ۽ ننڊ جي سمورن قسمن جو تفصيل مٿي گذري آيو.

ستون شرط گهٽ ڳالهائڻ ۽ زبان جي حفاظت ڪرڻ آهي. الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ تسبيح کان سواءِ ضرورت کان وڌيڪ اجايو سجايو نہ ڳالهائجي.

اٺون شرط غلط ڳالهين جي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ کان پنهنجي حواسن کي بند رکڻ آهي.

بيت

چشم بند و لب بہ بند و گوش بند

گرنہ بيني˚ سرها برمن بہ خند

ترجمو: اکيون بند ڪر چپ نہ چور ۽ ڪن بند ڪر پوءِ جيڪڏهن توتي راز نہ کلن تہ مون تي ڀلي کلون ڪر!

نائون شرط پنج ئي نمازون جماعت سان پڙهڻ آهي، پر جيڪڏهن هي اهڙي ويران جڳهہ تي رهي ٿو جتي جماعت تي نہ ٿي سگهي يا اهڙي جڳهہ تي رهي ٿو جتي ٻيو ڪو نمازي نہ آهي تہ پوءِ اذان ۽ اقامت سان نماز پڙهي تہ جيئن جماعت جو ثواب ملي ۽ هي بہ چاڻ گهرجي تہ جيستائين شعائر اسلام جهڙوڪ اذان، اقامت ۽ مسجدن جي تعمير وغيره هلندڙ آهي تہ ان وقت اڪيلائپ اختيار ڪرڻ جائز نہ آهي ۽ جيستائين مسلمانن مان حدود الله ۽ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنكر بلڪل منقطع نہ ٿئي، يعني ڪٿي ڪٿي حدود الله جاري ٿين ٿا ۽ امربالمعروف ۽ نهي عن المنكر جو فريضو ادا ٿيندو رهي ٿو ۽ مسجدون آباد آهن تہ ان وقت مسلمانن کان اڪيلائپ اختيار ڪرڻ جائز نہ آهي، بلڪ حرام آهي ان وقت سالڪ کي گهرجي تہ پاڻ کي ماڻهن جي ميل جول کان بچائي ۽ پاڻ کي ماڻهن جي شر ۽ برائيءَ کان بچائي ۽ پنهنجو مقصد حاصل ڪري ۽ شر وارين جڳهن کان پري رهي، بلڪل خلوت اختيار نہ ڪري. حضرت ابو امامه باهلي رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ هڪ ڀيري اسين رسول الله صلى الله عليه وسلم جن سان گڏ هڪ لڙائيءَ تان موٽياسون. هڪ شخص سرسبز ۽ پاڻيءَ واري واديءَ تان گذريو، ان جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ جيڪر مان ماڻهن کان ڪٽجي هن واديءَ ۾ رهان. ان شخص رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان ان جي اجازت گهري. پاڻ صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ مون کي يهوديت ۽ نصرانيت ڏئي نہ موڪليو ويو آهي، مون کي حنيفيت ڏئي موڪليو ويو آهي. مون کي ان ذات جو قسم، جنهن جي هٿ ۾ محمد صلى الله عليه وسلم جي جان آهي، صبح جو وقت ۽ شام جو وقت الله تعاليٰ جي رستي ۾ نڪرڻ، دنيا ومافيها کان بهتر آهي ۽ صف ۾ بيهڻ سٺ سال (جي عبادت) کان بهتر آهي. (رواه بخاري)

"مان يهوديت ۽ نصرانيت ڏئي نہ موڪليو ويو آهيان." جو مطلب آهي تہ مون کي يهوديت ۽ نصرانيت جو دين نہ ڏنو ويو آهي جو مان رهبانيت ۽ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ کي جائز قرار ڏيان. بلڪ مون کي دين حنيف ڏنو ويو آهي، جيڪو صراط مستقيم آهي ۽ صف مان[119] مراد نماز واري صف آهي، جيڪا جماعت جي وقت ٿيندي آهي. دليل هي آهي تہ ان حديث کي باب المساجد ۾ آندو ويو آهي.

حضرت عثمان بن مظعون ﷛ کان روايت آهي تہ ان هڪ دفعي پاڻ ﷺ جن کان خصي ٿيڻ جي اجازت گهري. پاڻ ﷺ جن فرمايو: جنهن پاڻ کي خصي ڪرايو اهو اسان جي جماعت مان نہ آهي. منهنجي امت جو خصي ٿيڻ روزا آهن. حضرت عثمان ﷛ عرض ڪيو: اسان کي سير ۽ سياحت جي اجازت ڏيو. تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو: منهنجي امت جي سياحت الله تعاليٰ جي رستي ۾ جهاد ڪرڻ آهي. (رواہ في شرح السنة)

حضرت ابوهريره ﷛ کان روايت آهي تہ هڪ شخص جو مٺي پاڻيءَ جي چشمي تان گذر ٿيو. ۽ اهو ان کي پسند اچي ويو. ان شخص دل ۾ ارادو ڪيو تہ جيڪر مان ماڻهن کان ڪنجي اتي رهان اها ڳالهہ رسول الله ﷺ جن سان ڪيائين. پاڻ رسول ﷺ جن فرمايو: اهو ارادو ڇڏي ڏي. الله جي رستي ۾ نڪرڻ گهر ۾ پڙهيل ستر سالن جي نمازن کان بهتر آهي. (رواہ ترمذي)

ڏهون شرط دل جي توجہ سان الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ آهي.۽ جيڪو شخص انهن ڏهن شرطن سان خلوت اختيار ڪندو اهو انشاءَ الله يقيني طور تي پنهنجي مقصد کي پهچندو. هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ اڪثر مشائخ وٽ خلوت جو نصاب چاليهہ ڏينهن آهي. ڪجهہ حديثون پڻ ان قول جون مؤيد آهن. قوة القلوب ۾ حضرت عبدالله بن عباس ﷛ کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

جيڪو شخص چاليهہ ڏينهن خالص الله تعاليٰ جي لاءِ ويهندو تہ ان جي دل مان علم ۽ حڪمت جا چشما ڦٽي زبان مان ظاهر ٿيندا. اها حديث سلوڪ جي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ لکيل آهي.

حضرت ابوذر ﷛ کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"ما زهد عبد في الدنيا الا نبت الله الحكمة في قلبه وانطق بها لسانه وبصره عيب الدنيا وداءها ودوائها واخرجه منها سالما الیٰ دار السلام (رواہ البيهقي في شعب الايمان)

ترجمو: "جنهن بہ بانهي دنيا کان بي رغبتي اختيار ڪئي تہ الله تعاليٰ سندس دل تي حڪمت (ڏاهپ) ڦٽائي ڇڏيندو آهي ۽ سندس زبان تي حڪمت جون ڳالهيون آڻيندو آهي ۽ کيس دنيا جا عيب، بيماريون ۽ انهن جو علاج ڏيکاري ڇڏيندو آهي. ۽ کيس دنيا مان صحيح سالم (پاڻ ڏي) گهرائيندو آهي."

مشائخ الله تعاليٰ جي هن قول مان پڻ دليل وٺندا آهن:

وَوٰعَدْنَا مُوْسٰى ثَلٰثِيْنَ لَيْلَةً وَّاَتْمَمْنٰهَا بِعَشْرٍ فَتَمَّ مِيْقَاتُ رَبِّهٖٓ اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً (الاعراف آيت: 142)

ترجمو: "۽ موسيٰ کي ٽيهن راتين جو انجام ڏنوسون ۽ انهي کي (ٻين) ڏهن سان پورو ڪيوسون پوءِ سندس پالڻهار جو انجام چاليهن راتين جو پورو ٿيو."

فرعون جي غرق ٿيڻ کان پوءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام جڏهن الله تعاليٰ کان پنهنجو ڪتاب گهريو تہ الله تعاليٰ جي طرفان فرمان آيو تہ ٽيهہ ڏينهن روزا رک. ان کان پوءِ طور سينا جبل تي اچ موسيٰ عليہ السلام ٽيهہ ڏينهن روزا رکيا، پوءِ طور سينا جبل ڏانهن متوجہ ٿيو. ٽيهہ ڏينهن مسلسل روزا رکڻ جي ڪري ان جي وات ۾ ڪجهہ بدبوءِ محسوس ٿيڻ لڳي. موسيٰ عليہ السلام سوچيو تہ بدبوءِ واري وات سان الله تعاليٰ سان ڪلام ڪيئن ڪندس؟ تنهن ڪري ڏندڻ هڻي، اها بدبوءِ ختم ڪري ڇڏيائين. الله تعاليٰ جي طرفان حڪم آيو تہ اي موسيٰ عليہ السلام تنهنجي وات جي اها بدبوءِ مون کي ۽ ملائڪن کي مشڪ ۽ڪافور کان بہ وڌيڪ پسند آهي

۽ اها بوءِ تو ختم ڪري ڇڏي آهي. تنهن ڪري ڏهه ڏينهن ٻيا روزا رک ته جيئن اها بوءِ حاصل ٿئي.[120] پوءِ اهي ڪل چاليهه ڏينهن ٿيا. تفسيرن ۾ به ائين ئي لکيل آهي.

هڪ حديث شريف مان پڻ چاليهن ڏينهن جي فضيلت معلوم ٿئي ٿي. مڪتوبات منيريه، عوارف ڪان آندو آهي ته حديث شريف ۾ آهي ته:

"ان الله خمر طينة آدم اربعين صباحا"

ترجمو: "الله تعاليٰ حضرت آدم عليه السلام جي مٽي چاليهه ڏينهن ڳوهرائي."

ڪن وڻ مهينو يعني ٽيهه مقرر آهن. ڇو ته ٽيهه ڏينهن متوسط عدد آهي، ڇو ته زمانو متعين هڪ ٻئي جي پويان لڳو لڳ ايندڙ پنج آهن. هڪ ڏينهن ۽ رات، ٻيو هفتو، ٽيون مهينو، چوٿون سال، پنجون صدي. ۽ مهينو متوسط آهي: "خير الامور اوسطها" جي ڪري مهينو يعني ٽيهه ڏينهن بهتر آهن.

حضرت موسيٰ عليه السلام کي پڻ ٽيهن ڏينهن جو حڪم ٿيو هو. پوءِ ان جي اجتهادي غلطيءَ جي ڪري ڏهه ڏينهن وڌايا ويا.

قوة القلوب ۾ آهي ته حضرت عائشه رضي الله عنها ۽ حضرت جابرﷺ جي حديث مان پڻ ان جو استدلال ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ آهي ته پاڻ ﷺ جن غار حرا ۾ مهينو رهيا هئا ۽ شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي ته اهو مبارڪ مهينو رمضان جو هو. پاڻ ﷺ جن ان جبل ۾ هڪ مهينو خلوت اختيار ڪئي هئي ۽ اتان ڪعبة الله ڏسڻ ۾ اچي پيو ۽ هي به معلوم آهي ته پاڻ ﷺ جن ڪيترائي ڀيرا غار حرا ۾ خلوت اختيار ڪئي هئي ۽ آخري خلوت رمضان المبارڪ ۾ هئي ۽ ان رمضان ۾ قرآن مجيد جي لهڻ جي شروعات ٿي هئي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

شَهۡرُ رَمَضَانَ الَّذِیۡۤ اُنۡزِلَ فِیۡهِ الۡقُرۡاٰنُ (البقرة آيت: 185)

ترجمو: "رمضان جو مهينو اهڙو (ڀلارو) آهي، جنهن ۾ قرآن لاٿو ويو."

پاڻ ﷺ جن ڪاڏي پيتي جو سامان ڪٺي ڪجهه ڏينهن غار حرا ۾ خلوت اختيار ڪندا هئا ۽ جڏهن سامان ختم ٿي ويندو هو ته حضرت خديجه رضي الله عنها ڏانهن موٽي ايندا هئا. ان خلوت دوران ئي الله تعاليٰ جي فرشتي اچي ڪلام ٻڌايو. صحيحين ۾ به ائين ئي آيل آهي.

جيڪڏهن ڪو ڪجهه خلوتون اختيار ڪرڻ چاهي ٿو ته ان کي گهرجي ته چاليهن يا ٽيهن ڏينهن جي درميان فاصلو ڪري. والله اعلم بالصواب

فصل ويهون

رڪنن جي ترتيب ۽ يارنهن ڪلمن جو ذڪر، جيڪي نقشبندين جي عرف ۾ مشهور آهن

چاڻڻ گهرجي تہ ارڪان طريقت جي مقامن ۾ ترتيب واجب آهي، بنا ترتيب جي اهو مقام صحيح نہ ٿيندو. پهريون مقام توبه جو آهي. ان ڪان پوءِ بطور ظلم جي قبايل شيون واپس ڪرڻ آهي. ان ڪان پوءِ شهوتن،ممنوعات ۽ مشتبه شين جو ڇڏڻ آهي. ان ڪان پوءِ زهد يعني دنيا جي رغبت ۽ جيڪي شيون الله تعاليٰ جي ياد ۾ خلل وجهندڙ هجن، انهن جو ڇڏي ڏيڻ آهي. ان ڪان پوءِ راحت ۽ آرام پسندي ڇڏڻ جو مقام آهي. ان ڪان پوءِ استقامت ۽ غير الله جي طرف ڌانهن ڇڏڻ جو مقام آهي. ان ڪان پوءِ سچائي ۽ اخلاص ۽ ظاهر ۽ مخفي هر حال ۾ هڪجهڙو هئڻ ۽ غير الله ڪان لالچ ڇڏڻ جو مقام آهي. ان ڪان پوءِ رضا ۽ صبر جو مقام آهي، تنهن ڪري بطور ظلم جي قبايل شيون واپس ڪرڻ ڪان سواءِ توبه صحيح نہ ٿيندي. اهڙي طرح زهد ۽ تقويٰ، ممنوعات شين جي ڇڏڻ ڪان سواءِ صحيح نہ ٿيندا.

جيتوڻيڪ انهن ۾ ترتيب لازم آهي، پر بنا ترتيب جي انهن جو وجود ٿي ويندو ۽ صحيح ٿي ويندا ۽ انهن جي ترتيب ۾ پڻ اختلاف آهي. ان جي پوري تحقيق مشائخ جي ڪتابن ۾ آيل آهي.[121]

هينئر يارنهن ڪلمن جو بيان ڪجي ٿو: اهي يارنهن ڪلما هي آهن: هوش در دم، نظر برقدم، سفردر وطن، خلوت در انجمن، يادڪرد، بازگشت، بازداشت، نگاه داشت، هي اٺ ڪلما خواجه عبدالحق غجدوانيءَ جي ڪلام مان ورتل آهن ۽ هي ٽي ڪلما وقوف قلبي، وقوف زماني، وقوف عددي، ڪن وٽ خواجه عبدالحق ڏانهن منسوب آهن ۽ ڪي انهن کي ٻين بزرگن ڏانهن منسوب ڪندا آهن. اهي يارنهن ڪلمات نقشبندي سلسلي جي طريقت جا ڪنايا آهن ۽ ان ۾ طريقت جون ڳالهيون پوشيده آهن.

هوش در دم جو مطلب آهي تہ هر دم الله تعاليٰ جي حضور ۾ حاضر هجي، ڪو پل بہ غائب نہ هجي.

بيت

حضوري گر همي خواهي ازو غائب مشو حافظ
متيٰ ما تلق من تهويٰ دع الدنيا و امهلها

ترجمو: اي حافظ، جيڪڏهن حضور حاصل ڪرڻ گهرين ٿو تہ هن کان ڪڏهن غائب نہ ٿيءُ جيڪڏهن توکي محبوب سان ملڻ جي خواهش آهي تہ پوءِ دنيا کي ترڪ ڪري ڇڏ!

انهيءَ هوش ۽ حضوريءَ ڪري تنهنجي دل مٿان عالم غيب جون وارداتون پاڻهي ظاهر ٿينديون.

بيت

هشدار کہ لطف حق بناگاه رسد
ناگاه رسد ولي بدل آگاه رسد

ترجمو: خبردار رهہ جو حق تعالىٰ جي مهرباني اوچتو ٿيندي آهي. ايندي برابر اوچتي آهي پر باخبر دل وارن وٽ ئي ايندي آهي.

نظر برقدم: جون بہ معنائون آهن: هڪ ظاهري بي باطني، ان جو ظاهري مطلب هي آهي تہ ساڄي،کابي، اڳتي، پوئتي، واجهائڻ کان پنهنجي نظر کي محفوظ رکجي، ڇو تہ دل جو انتشار نظر جي انتشار مان پيدا ٿيندو آهي، تنهن ڪري بازار، باغيچي وغيره ۾ گهمڻ وقت پنهنجي نظر پيرن ۾ رکجي ڇو تہ دنيا جي مختلف شين جو نظارو ڪرڻ دل جي وسوسن جي وڌڻ جو سبب آهي:

بيت

نظر بر پشت پاءِ زان دارم اي ماه
کہ غيري را نباشد در دلم راه

ترجمو: "اي چنڊ جهڙا محبوب مون پنهنجي نظر پيرن جي بہ پويان ڪري ڇڏي تہ جيئن منهنجي دل ۾ ڌاريي جي اچڻ جي ڪا ڳلي ئي نہ رهي."

ان جو باطني مطلب هي آهي تہ دل جو سڄو فڪر ان مقام تي رکجي، ڇو تہ اهو سلوڪ جو قدم گاهہ آهي، ۽ نظر اڳتي پوئتي نہ ڪري تہ جيئن ان مقام تان گذري وڃي."

ڪن جو چوڻ آهي تہ ان مان مراد همت جي نظر آهي. يعني سلوڪ جي راهہ ۾ استقامت اختيار ڪجي ۽ ثابت قدم رهجي. پنهنجي مقصود کان سواءِ ڪنهن بي شيءِ ڏانهن توجه نہ ڏجي ۽ الله تعالىٰ کان سواءِ بي ڪابہ شيءِ مقصود نہ هجي.

سفر در وطن: نالو آهي بشري طبيعت جو، جيڪا سالڪ جي مجازي هستي آهي، سفر ڪري ۽ سلوڪ حاصل ڪري تہ جيئن وطن اصلي جيڪا حقيقي هستي آهي، تنهن تي پهچي، جنهن جي لاءِ هن ظاهري عالم ۾ آيو آهي. جيئن قرآن ۾ آهي:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ۝ (الذاريات آيت: ٥٦)[122]

ترجمو: "۽ مون جنن ۽ انسانن کي رڳو پنهنجي عبادت لاءِ خلقيو آهي."

جنهن جي لاءِ عهد واري ڏينهن اقرار ڪيو هيائين ۽ اهو سفر برن اخلاقن کي ڇڏي، سٺن اخلاقن جي اپنائڻ سان حاصل ٿيندو:

"کل مولود يولد علي الفطرة"(هر نئون ٻار فطرت تي ڄمندو آهي.) ۽ "حب الوطن من الايمان" (وطن جي

محبت ايمان جو حصو آهي.) ان ڳالھ ڏانهن اشارو آهن. بيت

اين وطن مصر و عراق وشام نيست
اين وطن شهري است كآن را نام نيست

ترجمو: "اهو وطن مصر، عراق ۽ شام نہ آهي. اهو وطن اهو شهر آهي، جنهن جو ڪو بہ نالو نہ آهي."

اين وطن مصر و عراق و شام نيست
اين وطن شهرست كان را نام نيست
زانكہ از دنياست اين اوطان تمام
مدح دنيا كي كند خير الانام
حب دنيا ست راس هر خطا
از خطا كي ميشود ايمان عطا

ترجمو: اهو وطن مصر، عراق ۽ شام ناهين اهو وطن اهڙو آهي، جنهن جو ڪو نالو ڪونهي. ڇو تہ اهي وطن سڀ هن دنيا منجهان آهن ۽ دنيا وارن جي تعريف نبي پاڪ جهڙو پلو انسان ڪيئن ڪندو دنيا جي محبت هر گناهہ جو منڍ آهي ۽ گناهہ منجهان ايمان ڪيئن پيدا ٿيندو ۽ حديث "حب الوطن من الايمان" ملا علي قاري حب الهرة ۾ آندي آهي. اهل شريعت وٽ تزڪيہ مان مراد ڪامل تزڪيہ آهي. تنهنڪري ان سفر جي ڪا بہ انتها نہ آهي.

خلوة درانجمن: جو مطلب آهي سالڪ جو ظاهر مخلوق سان هئڻ ۽ باطن الله تعاليٰ سان هئڻ، ان جا هٿ ڪنهن ڪم ڪار ۾ لڳل هجن ۽ دل الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول هجي، ظاهري حواس پنهنجن ڪمن ۾ لڳل هجن ۽ باطن الله تعاليٰ جي محبت ۾ هجي.

از درون شو آشنا و ز بيرون بيگانہ وش
اين چنين زيبا روش كم مي بود اندر جهان

ترجمو: تون پنهنجي اندر ڪان واقف ٿي ۽ ان ڪي سڃاڻ ۽ باهر ۾ ڌارين ۽ اڻ ڄاڻن وانگر ٿيءُ انهيءَ سهڻي هلت وارا ماڻهو هن جهان ۾ تمام گهٽ آهن.

هي بيت خواجہ بزرگوار قدس سره جو آهي جنهن ۾ "سو" جي س تي پيش ۽ واو سان معنيٰ "طرف" يا ڏس آهي ۽ هڪ پڙهڻي بيت جي اها بہ آهي جيئن تڪملہ جي حاشيہ ۾ ڄاڻايل آهي.

چون ٿا تہ هرات جي حڪمران ملڪ حسين ڪرد خواجہ نقشبند قدس سره کي عرض ڪيو تہ توهان وٽ ذڪر جهر ۽ سماع ٿئي ٿو. پاڻ چيائون نہ! هن چيو پوءِ توهان جي طريقي ۾ ڪيئن آهي. پاڻ چيائون "خلوة در انجمن".

اهڙن ماڻهن تي الله تعاليٰ جو هي قول سچو اچي ٿو:

رِجَالٌ لَّا تُلْهِيهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ (النور آيت: 37)

ترجمو: "اهڙا ماڻهو آهن، جن کي واپار يا ڏيتي ليتي الله تعاليٰ جي ياد کان غافل نہ ڪندي آهي.

تفسير حسينيءَ ۾ بہ ائين لکيل آهي. مولانا جاميءَ چيو آهي:

سر رشتہ دولت اي برادر بدست آر
دين عمر گرامي بخسارت مگذار
دائم همہ جابا همہ كس دارم كار
ميدا نهفتہ چشم دل جانب يار

ترجمو: اي ڀاءُ انهيءَ موڙيءَ جي منهن كولڻ وارو ڏاڳو پنهنجي هٿ ۾ كر. پنهنجي عزت واري عمر ايئن ٽوٽي ۾ نہ گذار. هر هنڌ ۽ هر كنهن سان ۽ هر كم ۾ هج. پر پنهنجي دل جي اک کي لڪ لڪوٽيءَ ۾ يار ڏانهن رڌل رک.

يادگرد: جو مطلب آهي تہ سالڪ جو هميشہ پنهنجي مقصود جي حصول ۾ حاضر رهڻ. يا الله تعاليٰ جي اسم مبارڪ جو بار بار تڪرار سان ذڪر ڪرڻ، يا ڪلمه طيب جو تڪرار ڪرڻ.

بازگشت: جو مطلب آهي سالڪ جو تنزل کان ترقيءَ جي طرف وڃڻ ۽ گناہ کان پوءِ اطاعت ۽ فرمانبرداري جي طرف رجوع ڪرڻ، ڇو تہ گناہ بعد جو سبب ۽ فرمانبرداري قرب جو سبب آهي[123].

نگاه داشت: جو مطلب آهي پنهنجي پوري ڪوشش سان تنزل ۽ گناہ کان پاڻ کي محفوظ رکڻ، يا دل کي انتشار کان محفوظ رکڻ.

يادداشت: نالو آهي مشاهده جو جيڪو انهن جو مقصود ڪلي آهي ۽ ان کي يادداشت چوندا آهن ۽ ٻيا سلوڪ وارا ان کي مشاهدو چوندا آهن.

وقوف زماني: نالو آهي، پنهنجي وقت ۽ ساہ کي غفلت ۽ سستي کان محفوظ رکڻ ۽ پنهنجي نفس جو محاسبو ڪرڻ ۽ جيڪا گهڙي الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول رهي، ان تي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ ۽ جيڪا گهڙي غفلت ۾ گذري، ان تي استغفار ڪرڻ. محي السنة شيخ عبد القادر جيلاني رحمه الله "غنية الطالبين"۾ لکيو آهي تہ حديث شريف ۾ آهي تہ پنهنجي نفس جو محاسبو ڪريو، ان کان ٻهريان جو اوهان جو محاسبو ڪيو وڃي.

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: قيامت جي ڏينهن جيستائين پنجن شين بابت پڇاڻو نہ ٿيندو، تيستائين ٻانهي جا قدم نہ کڄندا. عمر جي باري ۾ تہ ان کي ڪهڙن ڪمن ۾ فنا ڪيئي؟ جواني بابت تہ ان کي ڪهڙن ڪمن ۾ ختم ڪيئي؟ ۽ مال بابت تہ اهو ڪٿان ڪمايئي ۽ ڪٿي خرچ ڪيئي؟ ۽ علم بابت تہ ان تي ڪيترو عمل ڪيئي؟ (رواه ترمذي)

وقوف عددي: نالو آهي ڪلمه طيبه کي اڪي پيرا پڙهڻ جو. مثال طور هڪ سؤ ٽي پيرا يا هڪ سؤ پنج،ست، ايڪويهن پيرن تائين پڙهڻ، ڇو تہ ان جو نصاب اهو ئي آهي. ان جو پورو تفصيل ستين باب ۾ ايندو. انشاء الله تعاليٰ.

وقوف قلبي: نالو آهي هر گهڙي غير الله کان دل جو اعراض ڪرڻ. يعني هر وقت ان جي تصور ۾ هجي تہ ٻنهي جهانن ۾ الله تعاليٰ جي ذات کان سواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ منهنجو مقصود نہ آهي ۽ هي دعا پڙهجي:

"الٰهي انت مقصودي في حياتي وبعد مماتي"

ترجمو: "اي منهنجا الله! زندگيءَ ۾ ۽ مرڻ کان پوءِ تون ئي منهنجو مقصود آهين."

وقوف عددي جي حڪمت جنهن ۾ اڪي انگن مطابق هلبو آهي خيالن کي اطمينان هيٺ رکڻ آهي. وقوف زماني مان مراد هر وقت حال کان واقف رهڻ آهي. خاص طور ٽن وقتن تي، پهريون حبس دم وقت، ٻيو حبس دم کولڻ يا ڇڏڻ وقت ۽ ٽيون انهن ٻنهي جي وچ ۾ بند ڪرڻ ۽ ڇڏڻ وقت درميان موقعي تي بہ نظر رکي. ڪي وري چون ٿا تہ وقف قلبي مان مراد قلب صنوبري جو ڌيان رکڻ آهي.

بيت

مانند مرغي باش هان بر بيضہ دل پاسبان

کز بيضہء دل زايدت مستي و ذوق و قهقهہ

ترجمو: تون پنهنجي دل جي آني تي ڪڪڙ وانگر آرو ڪر تہ جيئن انهيءَ آني سبب تو ۾ جوش، مستي ۽ جذبو پيدا ٿئي.

حضرت خواجہ بزرگ جن اڪي انگ کي ذڪر خفي ڪلمہ طيب ۾ ٽوٽي حبس دم دوران لازم نٿا سمجهن، جيئن رسالہ تاج دين بن مهدي الزمان ۾ لکيل آهي.

بيت

اي يافتہ از ذکر خفي دام هوس

مرغ نفست گشت گرفتار قفس

ترجمو: تون ذڪر خفيءَ جي هرس ۾ اڇي پيو آهين. تنهنجي نفس جو پکي انهيءَ پڃري ۾ ڦاسي پيو آهي.

خواهي کہ دلت کشاد گرد چو حباب

در ترک هوس کوش نہ در حبس نفس

ترجمو: جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ تنهنجي دل ڦوٽي وانگر کلي پوي تہ پوءِ هوس ۽ لالچ کي ترڪ ڪر ۽ نہ وري نفس جي حبس يا قابو ڪرڻ جو فڪر ڪر.

بهرحال هنن مان ڪي اصطلاح ڪن ٻين سان ملن جلن ٿا يا منجهن هڪجهڙائي آهي. جيئن فصل ذڪر ۾ بيان ٿي چڪو. والله اعلم بالصواب.

باب ستون

فقير راقم الحروف جي پير روشن ضمير مرشد جي ذڪر جي بيان ۾. ان ۾ ٽي فصل آهن.[124]

فصل پهريون

الله تعاليٰ جي ذاتي اسم جي تلقين جي بيان ۾

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا!اِهاڳ گهرجي ته جڏهن مرشد کي معلوم ٿئي ته سلوڪ جو طالب سچي دل سان سلوڪ جو رستو اختيار ڪرڻ گهري ٿو ۽ اهو ذڪر ڪرڻ چاهي ٿو ته سچي توبه ڪان پوءِ ان کي مهيني جي شروعات ۾ ڏينهن جو يا رات جو الله تعاليٰ جي نالي جي تلقين ڪجي، پر جيڪڏهن سالڪ اڃان تائين سچي توبه نه ڪئي آهي ۽ تقويٰ وارو رستو اختيار نه ڪيو آهي ته ان کي الله تعاليٰ جي نالي جي تلقين جائز نه آهي.

تلقين جو طريقو هي آهي ته طالب کي اڪيلائپ ۾ پنهنجي سامهون ويهاري، ان کي چوي ته سڀ وسوسا ختم ڪري. حرف ندا سان "يا الله!" دل ۾ تصور ڪر ۽ پنهنجي دل.ڪي مريد جي دل ڏانهن متوجه ڪري ته جيئن مريد جي دل ۾ تحرڪ پيدا ٿئي، جڏهن ان جي دل ۾ تحرڪ پيدا ٿئي ته ان کان پڇا ڪري ته ڇا توجه ڪرڻ سان تحرڪ معلوم ٿئي ٿو؟ جيڪڏهن چوي ته منهنجي دل "الله الله" چوي ٿي ته معلوم ٿيو ته ان جي دل تي الله تعاليٰ جو نالو جاري ٿي ويو آهي. جيستائين مريد جي دل ۾ جنبش نه اچي، مرشد ۽ مريد کي اتان اٿڻ نه گهرجي. پر ڪڏهن اها جنبش مريد کي معلوم ٿي نه سگهندي آهي ۽ مرشد کي معلوم ٿي ويندي آهي ته مريد جي دل ۾ جنبش آئي آهي، ڇوته مرشد جڏهن پنهنجي دل ۾ مريد جي دل ڏانهن متوجه ڪري، الله تعاليٰ جي نالي مبارڪ جو تصور ڪندو آهي ته جيستائين مريد جي دل ۾ جنبش نه ايندي آهي، تيستائين مرشد جي دل ۾ جنبش نه ايندي آهي. اهو مجرب ۽ آزمايل آهي. ان حالت ۾ جڏهن مرشد جي دل ۾ جنبش اچڻ مان معلوم ٿيو ته مريد جي دل ۾ جنبش آئي آهي، توڙي جو مقام نه هئڻ جي ڪري مريد کي ان جي خبر نه پوندي آهي.

جڏهن مرشد کي معلوم ٿئي تہ مريد جي دل ۾ جنبش آئي آهي تہ ان کان پڇا ڪري تہ توکي دل جي جنبش ڪئين معلوم ٿئي ٿي؟ جيڪڏهن چوي تہ منهنجي دل "الله الله" ڪري ٿي تہ ان مان معلوم ٿيو تہ ان جنبش کي سچائي ورتو آهي ۽ جيڪڏهن چوي تہ منهنجي دل "ياالله،ياالله" ڪري ٿي تہ پوءِ اهو جنبش کي معلوم ڪري نہ سگهيو آهي، چو تہ حرف ندا دل تي جاري نہ ٿيندو آهي. پوءِ ان کي چئجي تہ دل جي جنبش تي "الله الله" آهي "ياالله، ياالله" نہ آهي. پوءِ ان کي لفظ "الله" بنا حرف ندا جي تصور ڪرڻ گهرجي تہ جيئن اهو ان جي دل تي جاري ٿئي ۽ هتي ڪجهہ ٻيا مسئلا بہ ڄاڻڻ گهرجن:

پهريون هي تہ دل کي بتڪلف تحرڪ نہ ڏجي ۽ اهڙي طرح سمورين عضون کي بتڪلف تحرڪ نہ ڏجي، هر هڪ جو بيان انشاءَ الله پنهنجي جڳهہ تي ايندو[125] چو تہ نالي مبارڪ جو صرف تصور ڪرڻ آهي ۽ خيال ۾ آڻڻو آهي. اهڙي طريقي سان تصور ڪرڻ گهرجي. جڻ تہ اتان اسم مبارڪ جاري ٿي رهيو آهي. توڻي جو اهو ٻڌڻ ۾ نہ اچي، پر سالڪ جي ذهن ۾ معلوم ٿئي ۽ اهو ئي نطق معتبر آهي. ان حڪم ۾ دل ۽ ٻيا عضوا برابر آهن. پر دل ان حڪم جي شروعات ۾ ممتاز حيثيت رکي ٿي چو تہ دل تي الله تعاليٰ جو اسم ندا سان جاري ٿي نہ سگهندو آهي بخلاف ٻين عضون جي ۽ ڪن مشائخن جو چوڻ آهي تہ اسم الله جو جتي بہ تصور ڪندو اتان جاري ٿيندو باقي منهنجي مرشد کان اهو طريقو نقل ٿيل نہ آهي. هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ ذڪر وٺڻ کان پهريائين مريد کي ٽي ڏينهن روزا رکڻ گهرجن ۽ ان دوران ان کي درود شريف گهڻو پڙهڻ گهرجي ۽ سچي توبہ ڪرڻ گهرجي ۽ تلقين کان پهريان ان کي پاڪائي بہ هجڻ گهرجي. پاڪائي جو مطلب آهي تہ ان جو جسم حدث ۽ جنابت ۽ نجاست کان پاڪ هجي، ان جا ڪپڙا نجاست کان پاڪ هجن، جڳهہ هر قسم جي پليتيءَ کان پاڪ هجي ۽ ان جي نظر ممنوعات جي ڏسڻ کان پاڪ هجي.

اسان جي مسلڪ مطابق ٽن جڳهن تي ڪامل پاڪائي ڪرڻ ضروري آهي. هڪ الله تعاليٰ جي نالي مبارڪ جي تلقين جي شروعات وقت، ٻيو ڪلمہ طيبہ جي تلقين جي آغاز جي وقت يعني نفي ۽ اثبات جي ذڪر جي حصول جي وقت، ٽيون اڪتساب انوار جي تلقين وقت.

انهن ٽنهي تلقينن جي لاءِ مهيني جي شروعات واجب آهي. مهيني جي شروعات کان پهريان نہ مرشد کي تلقين ڪرڻ گهرجي ۽ نہ مريد کي تلقين وٺڻ گهرجي،چو تہ مهيني جي شروعات جي رعايت نہ ڪرڻ جي ڪري فائدو گهٽ ٿيندو ۽ رات جو ذڪر وٺڻ ڏينهن کان بهتر آهي، پر جيڪڏهن جهڙ يا ڪنهن ٻي سبب جي ڪري مهيني جي شروعات جي خبر نہ ٿي پوي تہ پوءِ ٽيهن ئي ڏينهن جو ساڳيو ئي حڪم آهي.

جيڪڏهن ڪوئي شخص منڍ مهيني ۾ ذڪر نہ وٺي سگهي تہ ان کي ايندڙ مهيني جو انتظار ڪرڻ گهرجي. ڪلمہِ طيبہ جي تلقين ۽ اڪتساب انوار جي تلقين جي لاءِ ايندڙ مهيني جو انتظار ڪرڻ ضرووري آهي.

باقي الله تعالي جي نالي جي تلقين تيرنهين تاريخ تائين جائز آهي. [126]

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن مريد ڪنهن مخصوص جڳهہ تان الله تعاليٰ جي نالي مبارڪ جو تصور شروع ڪيو تہ ان کي ڏينهن ۽ رات اتان ئي تصور ڪرڻ گهرجي، جيستائين اتان روانيءَ سان الله جو اسم جاري نہ ٿئي، تيستائين ٻي جڳهہ تان شروع ڪرڻ نہ گهرجي جيڪڏهن الله تعاليٰ جي اسم مبارڪ جو تصور دل ۾ ڪندو تہ اتان الله تعاليٰ جو اسم جاري ٿيندو. ان کان پوءِ الله تعاليٰ جي اسم مبارڪ جي تلقين مقام روح تان ڪرڻ

گهرجي. مقام روح ۽ ٻين مقامن جي ترتيب اهائي آهي، جيڪا دل واري آهي. فرق هي آهي تہ الله تعاليٰ جي اسم مبارڪ جو دل ۾ تصور ڪرڻ وقت حرف ندا آٽبو ۽ ٻين مقامن تان تصور ڪرڻ وقت حرف ندا جو نہ آٽبو ۽ دل مان تصور ڪرڻ وقت منڍ مهيني ۾ شروعات ڪرڻ ضروري آهي. هتي مهيني جي شروعات ضروري نہ آهي ۽ اُتي پاڪائي بہ ڪامل شرط هئي. هتي ڪامل پاڪائي بہ شرط نہ آهي.

روح وارو مقام جگر ۾ آهي ۽ جگر ساڄي ٻبي جي هيٺان ساڄي پاسي ڏانهن مائل آهي ۽ ٻبي جي مٿي ۽ جگر جي درميان ٻن آگرين يا ان کان وڌيڪ فاصلو آهي. شيخ ابو علي ابن سينا جي ڪتاب "معراجيہ" ۾ آهي تہ نفس ناطقه جي جگر ۾ حرڪت فڪر دائمي آهي، ان جو بيان پنهنجي جڳهہ تي گذري آيو. ان کان پوءِ مقام سر آهي ۽ اهو ساڄي ٻبي جي مٿان سيني ڏانهن مائل آهي. اٽڪل ٻہ آگريون ٻبي جي مٿي کان پري آهي. ان کان پوءِ مقام خفي آهي ۽ اهو ڪاٻي ٻبي جي مٿان وچ سيني ڏانهن مائل آهي ۽ ان جي درميان ٻن آگرين جو فاصلو آهي.هي اسان جي مرشد وٽ آهي. نقشبندي طريقي جي ڪن ڪتابن ۾ مقام سر کي مقام خفي ۽ مقام خفيءَ کي مقام سر جي جڳهہ چيو ويو آهي ۽ اهو سيني جي وچ ۾ وڏي هڏي پويان پيٽ مٿان آهي. پوءِ جڏهن مريد پنجن لطيفن ۽ مقامات کي طئي ڪري وٺي ٿو تہ الله جي فضل سان انهن تي الله جو اسم پاڪ جاري ٿي وڃي ٿو ۽ ڪيس حضور حاصل ٿئي ٿو ۽ غيبت ۽ غفلت ختم ٿي وڃي ٿي.

نيست هرگز باتڪلف ماهي اندر بحر ريگ
سبحہ ريگ روان را رشتہ درڪار نيست
ڪي شود واقف زگنج اسرار در ظلمات نفس
شمع اين ڪاشانہ جز افتادن ديوار نيست

ترجمو: واريءَ جي سمنڊ ۾ مڇيءَ کي رهڻ جو ڪهڙو تڪلف ٿي سگهي ٿو. انهيءَ صورت اندر ٻنهي ۾ ڪهڙو تعلق ٿي سگهي ٿو. نفس جيڪو اونداهيءَ ۾ گهريل رکي اهو رازن جي خزاني کان ڪيئن واقف ٿي سگهي ٿو. انهيءَ جهوپڙيءَ ۾ رکيل شمع جو نصيب سواءِ ڀت تان هيٺ ڪرڻ جي ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿي.

ان کان پوءِ مقام اخفا آهي ۽ اهو وچ سيني جي درميان آهي. هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ هر مقام تان اسم مبارڪ جاري ٿيڻ کان پوءِ، هڪ ٻہ گهڙيون بند ٿي ويندو. ان جي ڪري پريشان ٿيڻ نہ گهرجي ۽ ڪنهن قسم جو خوف نہ ڪجي، ڇو تہ هر بسط کي قبض هوندو آهي.

بيت

خزان آلوده مي رويد گل ازباغ که من دارم
چراغ صبح روشن مي ڪند داغي که من دارم.

ترجمو: "خزان جي موسم اسان جي باغ جي گلن کي سڪائي ڇڏي ٿي. صبح جو ڏيئو انهن ڦٽن کي تازو ڪندو آهي، جيڪي مان رکان ٿو.

لطائفه خمسه مان ورد جاري ٿيڻ کان پوءِ اسم مبارڪ جي ذڪر جي تلقين ونجي.

اسم شريف جي تلقين مٿيءَ جي چوٽيءَ کان وٺڻ گهرجي جنهن کي عربيءَ ۾ "فرق الراس" چوندا آهن. ڪن وٽ اهو مقام عقل جو مقام آهي، مٿي جا سمورا وار اوڏانهن پني رکن ٿا ۽ ان جي چوگرد ننڍو حلقہ ٻڌن ٿا. ڪن

ماٺهن ڪي ان جڳهہ تي وار نہ ٿيندا آهن. جڏهن ان جڳهہ تان اسم شريف جاري ٿئي تہ مٿي جي اڳين حصي ڪان تلقين وٺڻ گهرجي، پوءِ پوئين حصي ڪان، پوءِ سڄي مٿي ڪان يڪبارگي تلقين وٺي، پوءِ ٻنهي اکين مان، ٻنهي ڪنن سان پوءِ نڪ مان پوءِ زبان مان، پوءِ جيڪي شيون وات ۾ آهن ڏند، ڏندن جي پاڙ ۽ ان جا سڀ حصا، پوءِ ٻئي چپ پوءِ منهن جي سمورن حصن، پيشانيءَ ڪان ڪاڏئيءَ تائين ۽ ٻئي ڳٽا ۽ ٻنهي اکين جي وچ تي ۽ ڳياڙي، ڳلو، ڪياڙي پوءِ ڪنڌ پوءِ سينو ۽ پوءِ پيٽ ٻنهي پاسن ڪان پوءِ سڄي پٺي ڪنڌ ڪان چيلهہ تائين پوءِ سڄي ٻانهن ڪلهي ڪان آڱرين جي چوٽين تائين پوءِ ٻي ٻانهن اهڙي طرح، پوءِ سڄو پير آڱرين جي چوٽيءَ ڪان ٻنڊڻ تائين، پوءِ ٻيو پير اهڙي طرح پوءِ ٻئي ٻنڊڻ، پوءِ دن ڪان اوڳهڙ جا عضوا، پوءِ اڳهڙ جو اڳيون ۽ پويون حصو

جڏهن ان ترتيب سان الله جو اسم هر جڳهہ تان جاري ٿي نئين سر ان ترتيب سان ٻيهر ڪرڻ گهرجي. ائين ڦيرائيندو رهي ۽ ورد ڪندو رهي، تان تہ ڪجهہ وقت ۾ سڄو جسم مٿي جي چوٽيءَ ڪان پيرن جي ننهن تائين گوشت، ڪل وار، رڳون، هڏا هر هڪ مان الله جو نالو جاري ۽ ساري ٿي وڃي. مذڪوره ورد ڪي بزرگن جي اصطلاح ۾ "وجود" جي تلاوت چوندا آهن، جڏهن ان ترتيب سان وجود تلاوت ڪري جڏهن وجود ۾ تصور ڪري تہ الله جي نالي ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ ڏسي، يعني تصور جي حالت ۾ پنهنجي وجود جي ڪنهن بہ حصي ڪي الله جي نالي ڪان ماٺ ۽ چپ نہ ڏسي.

مثنوي

اي تن من وي رگ من پر ز تو
غير را ڪنجي ڪجا باشد درو
من ز ياد نام تو آشفتہ ام
درنامت درتن و جان سفتہ ام

ترجمو: اي منهنجي جسم ۽ جان جا مالڪ منهنجي هر رڳ تنهنجي ياد ۾ پريل آهي. مان تنهنجي ياد ۾ سراسر پريشان آهيان. بلڪ تنهنجي نالي جو موتي پنهنجي جسم ۽ جان ۾ پوئي ڇڏيو اٿم.

ان ڪان پوءِ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي تائيد ۽ توفيق سان ان طريقي تي هميشگي ڪيائين تہ سمورن شئن ڪي الله جو ورد ڪندڙ لهندو توڻي جو ان جو ظاهري طرح اها شئي محسوس نہ ڪري. ان ڳالهہ ڏانهن الله تعاليٰ جو هن ريت فرمان آهي.

وَاِنۡ مِّنۡ شَیۡءٍ اِلَّا یُسَبِّحُ بِحَمۡدِہٖ (سورة الاسراء: 44)

سڀ سندس پاڪائي ۽ شان ڳائي رهيا آهن.

ڪائنات ۾ موجود سڀ ذرا ان جي گواهي ڏين ٿا.

مثنوي

هرڪہ را باشد بسينہ فتح باب
او ز هر ذره ببيند آفتاب
حق بہ بيند از ميان ديگران

هم چو ماه اندر ميان اختران
جان نا محرم نہ بيند روئي دوست
جز همان جان کہ خاک کوي اوست

ترجمو: جنهن جي سيني جو دروازو کلي پيو تہ اهو ذري منهنجان سج کي ڏسي سگهندو. ہين جي وچ ۾ بہ هو حق کي ايئن ڏسندو جيئن تارن ۾ چنڊ نظر ايندو آهي. اڻ واقف ماڻهو دوست جو منهن ڪيئن ڏسندو جيڪو دوست جي گلي جي خاڪ آهي. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڏسي نٿو سگهي!

ان ڪان پوءِ ان کي پنهنجي مرشد جو تصور ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن ان تي اهو تصور پڪو ٿئي ۽ تڪلف سان پنهنجي مرشد جي تصورّ کي پنهنجي دل ۾ حاضر ڪري تہ جيئن آهستي آهستي هن جي هستي ۽ وجود گم ٿي وڃي ۽ مرشد جي صورت وٺي وڃي مشائخن جي اصطلاح ۾ ان کي فنا في الشيخ چوندا آهن ۽ ان کي "خرابات" بہ چوندا آهن.

شعر

اين پير مرا راه خرابات نمودي
ميخواست دلم باده ڪرامات نمودي
از بهر جمال تو مرا محو چو ڪردي
ذرات وجودم همہ مرآت نمودي

ترجمو: هن مرشد مون کي خرابات جو رستو ڏيکاريو، منهنجي دل چاهي پئي تہ آءٌ ظاهري ڪرامتون ڏسان. تو پنهنجي جمال ۾ مون کي محو ڪري ڇڏيو سڄي جسم جا ذرا آئيني جيان ڏٺم.

فنا في الشيخ جو نتيجو هي آهي تہ طريقت مان جيڪا شئي شيخ حاصل ڪئي آهي هي ان کي حاصل ڪندو، مريد کي ڪڏهن ڪجهہ وقت يا روزانہ ائين ڪرڻ گهرجي، جيستائين ان جي دل ۾ اهو خيال ڄمي.

هي سمورا مسئلا پوري تفصيل سان "مرشد سان چنبڙيو رهڻ" واري فصل ۾ بيان ڪيا ويا آهن، اتي ڏسڻ گهرجن.

فصل ٻيو

نفي ۽ اثبات جي بيان ۾ جيڪي دراصل ڪلمہ طيبہ جو حصو آهن ۽ الله تعاليٰ جي ستن صفتن جو بيان:

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪڏهن مريد نفي ۽ اثبات جو ذڪر ورتو تہ ان کي ان جي پابندي ڪرڻ ضروري آهي ۽ تلقين جي صفت هي آهي تہ ڪامل پاڪائي کان پوءِ شيخ جي سامهون ويهي حبس دم (ساهہ بند ڪرڻ) ڪري ۽ زبان کي ڪاڪڙي سان ملائي.

"لا" جو آغاز دل کان ڪري ۽ مد کي ڏگهو ڪري مٿي جي چوٽيءَ تائين پهچائي ۽ اتي ساهہ بند ڪري جيترو ساهہ بند ڪري سگهي، جڏهن ساهي ٻوٽڻ لڳيس تہ "الٰہ" کي مٿي جي چوٽيءَ کان شروع ڪري "مقام روح" تي پورو ڪري، يعني "الٰہ" جي همزه کي مٿي جي چوٽيءَ کان شروع ڪري ۽ "ها" کي "مقام روح" تي پورو

ڪري ۽ "الا الله" جي شروعات دن کان ڪري ۽ دل تي ضرب هڻي تہ جيئن دل جنبش ۾ اچي ان کان پوءِ نڪ مان ساهہ ڪڍي. اهو سچو تصور دل جي پوري حضور سان ڪرڻو آهي، جيڪڏهن دل جو پورو حضور حاصل نہ ٿي تہ اکيون بند ڪري تصور ڪري ۽ اسان وٽ ان ڪلمي جي معنيٰ هن طرح ٿيندي. "لا" معنيٰ ناهين، "الا" معنيٰ مقصودي معبود سواءِ الله جي ذات جي جيڪو ماڻهو عربي سني ڄاڻي ٿو تہ ان کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ انهن لفظن جو چوڻ ضروري نہ آهي، ڇو تہ بذات خود ڪلمي ۾ اها معنيٰ رکيل آهي، لا، نفي جنس جي لاءِ آهي "الٰہ"بمعنيٰ اهڙو معبود جنهن جي پوڄا ڪئي وڃي ۽ اهو لا جو اسم آهي ۽ لا جي خبر محذوف آهي اهو لفظ "مقصودي آهي. الا، حدر استثنائيٰ جو آهي ۽ "الله" جو لفظ خبر لا جو بدل هئڻ ڪري مرفوع آهي، تنهن ڪري ان جي معنيٰ ٿيندي. ناهين ڪو بہ معبود مقصودي سواءِ الله جي سالڪ جي لاءِ ضروري آهي تہ هو نفي ۽ اثبات چڱي طرح ڄاڻي تہ هو ڪهڙي شئي جي نفي ڪري رهيو آهي ۽ ڪهڙي شئي جو اثبات ڪري رهيو آهي. ان ڪانسواءِ هن کي ڪو بہ فائدو حاصل نہ ٿيندو. خلاصو ڪلام جو تہ الله کان سواءِ هر معبود جي نفي ڪرڻي آهي ۽ الله جي ذات جو اثبات ڪرڻو آهي. الله واجب الوجود جو ذاتي نالو آهي. مفهوم ڪلي نہ آهي، جيئن ڪن جو خيال آهي. علامہ تفتازانيءَ مطول شرح تلخيص المفتاح جي باب مسند اليہ ۾ ان جي صراحت ڪئي آهي. ان ڪانسواءِ ڪلمہ جي ترڪيب ۾ ڪيترائي قول آهن. ان جو احاطو "شرح ام البراهين" ۾ ٿيل آهي. باقي اهڙو عجمي ماڻهو جيڪو عربي نٿو ڄاڻي ان کي ان معنيٰ سان ائين لفظ چوڻ گهرجن. اسان جي مرشد جي طريقي ۾ نفي ۽ اثبات جي تلقين جو ذڪر پوري جسم مان لفظ الله جو جاري ٿيڻ کان پوءِ آهي، ان کان اڳ ۾ نہ آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن مريد نفي ۽ اثبات جي تعليم سکي ورتي، پوءِ اها فارسي زبان ۾ هجي، جيئن ڪو عربي نہ ٿو ڄاڻي يا اها تعليم عربي ٻوليءَ ۾ هجي، جيڪي عربي ڄاڻن ٿا.[127] پوءِ ڦيرائين لفظ "لا" جو دل مان ڪڍي، مٿي جي چوٽيءَ تائين پهچائي، جيستائين ان جو ساهہ منجهي سگهي ساهہ منجهائي، جڏهن سمجهي تہ هينئر ساهہ وفا نہ ڪندو تہ "الٰہ" کي مٿي جي چوٽيءَ مان ڪڍي، روح جي مقام تائين پهچائي. پوءِ "الا الله" دن مان ڪڍي دل تي ضرب هڻي تہ جيئن اها ضرب ان جي دل تي اثر ڪري. ان کان پوءِ ساهہ نڪ مان ڪڍي ۽ ٻنهي چپن کي ملائي ۽ زبان ملائي. جڏهن نڪ مان ساهہ نڪري تہ في الفور ساهہ منجهائي ۽ نفي ۽ اثبات ڪري. ائين ڪندو رهي تان تہ ان جو دم وڌندو رهي. پوءِ هڪ دم ۾ ٽي ڀيرا چوي ۽ جڏهن دم وڌي تہ پوءِ هڪ دم ۾ پنج ڀيرا چوي پوءِ ست ڀيرا ۽ نو ڀيرا چوي. ائين اکي ڀيرا چوندو رهي، تان تہ اکويهہ ڀيرن تائين پهچي. ان جو نصاب اهو ئي آهي. جيڪڏهن هن ان طريقي سان اکويهہ ڀيرا نفي ۽ اثبات ڪيو تہ انشاء الله پنهنجي مقصود تي پهچي ويندو. ڇو جو اهو محبت الٰهي جي حڪم ۽ دل مان غير الله جي محبت کي ڪيڻ جو درجو آهي ۽ ان جو اهو نصاب آهي. جيڪڏهن ان نصاب کي پهتو ۽ مقصود حاصل نہ ٿيو تہ وڌيڪ نفي ۽ اثبات ڪرڻ گهرجي تہ جيئن مقصود حاصل ٿي وڃي.

نفي ۽ اثبات جي ان ذڪر جي لاءِ ڪجهہ شرط آهن، جيڪڏهن انهن مان ڪو هڪ شرط بہ فوت ٿي ويو تہ ڪوبہ فائدو نہ ملندو. انهن مان هڪ شرط هي آهي تہ نفي ۽ اثبات جي وقت دل جو پورو توجه اوڏانهن ڪجي ۽ وسوسن کي ختم ڪجي ۽ ٻيو الله تعاليٰ جي محبت حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪجي ۽ غير الله جي محبت ۽ انهن

سان دل جو تعلق ختم ڪرڻ جو ارادو ڪجي، ڇو تہ جنهن سان هن جي دل جو تعلق ۽ محبت هوندي، اهو ان جو الٰہ هوندو يعني اهائي شيءِ ان جي معبود هوندي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ ۘ (الفرقان: 43)

ترجمو: "ڇا تو ان شخص کي ڏٺوجنهن پنهنجي نفس کي پنهنجو معبود بڻايو"

پوءِ "لاالٰہ" جي چوڻ وقت پنهنجي دل مان غيرالله جا سمورا تعلق ختم ڪرڻ جو ارادو ڪري تہ جيئن ان جي دل غير الله جي تعلق کان صاف ٿي وڃي ۽ "الا الله" مان ذات واجب الوجود جو اثبات مقصود آهي. اهو سچو دل جي توجه ۽ ڪلمه توحيد جي لذت جي شوق سان چوڻ گهرجي ۽ دل ۾ ان جي عظمت رکجي ۽ جڏهن ساهہ ٻاهر ڪڍي تہ زبان سان هي الفاظ چوي: "الٰهي انت مقصودي فاقطع محبة غيرک من قلبي." اي منهنجا رب! تون ئي منهنجو مقصود آهين. تنهن ڪري غير جي محبت منهنجي دل مان ڪڍي ڇڏ.

ان طريقي سان توحيد جو ڪلمو پڙهڻ گهرجي. اهڙي طرح جو زبان ڪي جنبش نہ اچي ۽ آواز بہ ٻڌڻ ۾ نہ اچي. ساهہ ۽ تصور ۾ نفي ۽ اثبات ڪري. جيڪڏهن اڪيلائپ ۾ هجي تہ مٿي سان اشارو بہ ڪري ۽ لفظ "لا" جي چوڻ وقت مٿو ڪابي پاسي "الٰہ" چوڻ وقت ساڄي پاسي ڪجي ۽ "الا الله" چوڻ وقت ساڄي کان ڪابي پاسي ڪجي.[130] ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ ائين نہ ڪجي. صرف دل ۾ ڪجي ۽ ظاهري عضون کي جنبش نہ ڏجي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ هر وقت اڪيلائپ ۾ ان طريقي سان دل ۾ "لا الٰہ الا الله" جو ورد جاري رکجي. ان طريقي سان بہ نفي ۽ اثبات جي ورزش حاصل ٿي ويندي.

جڏهن اڪيلائپ ۾ هجي تہ هميشہ پنهنجي دل ۾ بغير معني جي لفظ " لا الٰہ الا الله" جو تصور ڪندو رهي پنهنجي ڪم ڪار ۽ ماڻهن جي مجلس ۾ پڻ اهو تصور پچائيندو رهي ۽ پنهنجي دل ۾ ان جو هميشہ مراقبو ڪندو رهي. جڏهن هوساهہ ڪٽڻ لڳي تہ زبان سان "محمد رسول الله ﷺ" چوي ۽ مقام روح تي دم ڪري جڏهن بہ توحيد جي ڪلمي تي ساهہ ڪٽي پوءِ اهو هڪ ڀيرو يا هڪ کان گهڻن ڀيرن کي ڪٽي آخر ۾ محمد رسول الله ﷺ چوي. انهن ماڻهن جو جواب جيڪي چون ٿا تہ رسالت جو اقرار توحيد جي لاءِ مخل آهي ذڪر الله تعالىٰ جي بيان ۾ گذري آيو، اتي ڏسڻ گهرجي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ هڪ ساهيءَ ۾ توحيد جو ڪلمو اڪي ڀيرا چوڻ گهرجي، ڇو تہ جيڪو اڪيءَ ۾ تاثير آهي. اهو ٻڌي عدد ۾ نہ آهي. حديث شريف ۾ آهي:

"ان الله وتر يحب الوتر" (رواه ترمذي ابو دائود ۽ نسائي)

ترجمو: "الله تعالىٰ اڪي آهي ۽ اڪيءَ کي پسند ڪندو آهي."

جڏهن مريد ان طريقي سان ڪلمه توحيد جو ورد سکي ورتو تہ پوءِ ان کي گهرجي تہ هو روزانو پنج هزار ڀيرا، اهو ڪلمو زبان تي جاري رکي ۽ هر سؤ جي آخر ۾ محمد رسول الله ﷺ چوي. ان ۾ ناغو نہ ڪري ۽ دل جي پوري توجه سان چوي تہ ان جا ڪيترائي فائدا آهن ۽ ان ورد جو وڏو شان آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن مٿئين طريقي مطابق نفي ۽ اثبات حاصل ٿي ويو تہ ان جي دل ۾ ڪلمه

طيبه جاري ٿي ويندو ۽ ان کان پوءِ ان جي سڄي جسم مان جاري ٿيندو. جڏهن الله تعاليٰ جو تصور ڪندو تہ جسم مان الله، الله جو آواز جاري ٿي ويندو ۽ جڏهن لا الـه الا الله جو تصور ڪندو تہ جسم مان لا الـه الا الله جاري ٿي ويندو. پوءِ ذڪر بدني ۽ دل جو الله تعاليٰ جي نالي جو ذڪر ڪرڻ ۽ ڪلمه توحيد جو ذڪر ڪرڻ تصور جو تابع آهن. اهي ٻئي گڏجي ۽ يڪبارگي جاري نہ ٿيندا.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن مٿين طريقي مطابق نفي ۽ اثبات جي ورزش ٿي ويندي تہ ان جي دل مان "الله الله" چوڻ جو آواز ايندو ۽ ان جي دل الله تعاليٰ جو نالو ۽ ڪلمه توحيد چوندي، ۽ ان جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. پوءِ اهو آواز ڪڏهن سمجهہ ۾ ايندو ۽ ڪڏهن نہ ايندو ۽ منهنجي مرشد جو چوڻ آهي تہ سالڪ جي دل ڳالهائيندي آهي ۽ شيخ ابن عربي جو چوڻ آهي تہ اهو هڪ ملائڪ آهي، جنهن کي الله تعاليٰ ذاڪر جي ذڪر جي ڪري پيدا فرمائيندو آهي[131] ۽ هر ذاڪر جي دل ان کي جڳهہ ڏيندي آهي. ان جو پورو تفصيل ذڪر الله تعاليٰ جي بيان ۾ گذري آيو، تفصيل اتي ڏسڻ گهرجي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ مريد متبرڪ وقتن ۾ خلوت ۾ وڃي نفي ۽ اثبات جي ذڪر ۽ ٻين مشغلن ۾ مشغول رهي ۽ متبرڪ وقتن ۾ ان ذڪر ۾ صرف ڪري ۽ متبرڪ وقت چار آهن. هڪ عصر کان مغرب تائين جو وقت، ٻيو فجر جي نماز کان سج اڀرڻ تائين وارو وقت، اهي ٻئي وقت گهڻا مفيد آهن ۽ انهن ٻنهي جي فضيلت بابت حديثون پڻ گواهہ آهن ۽ ڪن انهن ٻنهي وقتن کي لازم ڪري ورتو آهي ۽ ٽيون مغرب نماز کان عشاءَ نماز تائين وارو وقت ۽ چوٿون رات جو پويون پهر انهن وقتن جي فضيلت احاديث مان ثابت آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ سالڪ جڏهن اڪيلائپ ۾ ويهي تہ اهو گوڏا کوڙي قعده ۾ ويهڻ جيان باادب ٿي، دل جي پوري توجه ۽ شوق سان ويهي ۽ ٻنهي هٿن کي ٻنهي سٿرن تي رکي، ڇو تہ ائين ويهڻ ۾ ادب ۽ تواضع وڌيڪ آهي. پلٿي ماري ويهڻ ۽ احتباءَ (گوڏا اڀاڪري ويهڻ) اهي ٻئي طريقا پڻ جائز آهن ۽ احاديث مان ثابت آهن.

هي ڄاڻڻ گهرجي تہ اسان جي مشائخ ۽ اهلسنت والجماعة جي سمورن مشائخ وٽ قرآن مجيد جي تلاوت ۽ شريعت مطهره جي تعليم ۽ نفلي نمازن ۽ سرور ڪائنات ﷺ جن جي مٿان درود شريف پڙهڻ، اهي سڀ ڪم سلوڪ طريقت مان آهن ۽ جيڪي انهن کي مخل سلوڪ طريقه چون ٿا ۽ مريدن کي انهن ڪمن کان روڪن ٿا، اهي بدعتي ۽ اهل سنت والجماعة جي طريقي کان هٽيل آهن. انهن جا جواب باب ٻئي جي آخري فصل ۾ گذري آيا.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ اسان جي مرشد جي طريقي مطابق طريقت جي انهن سمورن مشغلن، ذڪر ۽ اذڪار مان مقصود الله تعاليٰ جي عبادت ۽ دل جو تعلق غير الله کان ٽوڙي، الله تعاليٰ سان ڳنڍڻ ۽ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول الله ﷺ جن سان محبت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هوندو آهي. شهرت، ڪشف ۽ ڪرامتون مقصود نہ هونديون آهن ۽ جنهن جي دل شهرت، ڪشف ۽ ڪرامتن کي چاهيندڙ هوندي. اهو مقربين جي جماعت مان نڪري ويندو، ڇو تہ محقق صوفين وٽ ڪرامت الله تعاليٰ جي عبادت ۽ ان جي محبت مان لذت حاصل ڪرڻ آهي ۽ باقي شهرت ۽ ڪشف نفس جو حظ آهن، جيئن مٿي ڪرامتن جي فصل ۾ بيان ٿي چڪو ۽ مٿي بار بار بيان

تي چڪو تہ شهرت مصيبت ۽ نفس جو حظ آهي. پوءِ جنهن جو مقصد نفس جو حظ هوندو اهو مقربين جي جماعت مان نڪري ويندو.

ٻيو تہ ڪشف ۽ ڪرامتون ٻانهي جي ڪسب جو نتيجو آهن ۽ عبادت ۽ عملن جو ثمر آهن. پوءِ انهن عملن جو جيترو ثمر دنيا ۾ ظاهر ٿيندو اوترو آخرت ۾ گهٽ ٿيندو. ۽ عملن جي جزا جو گهر آخرت آهي نہ دنيا. ۽ جيڪو شخص عملن جو نتيجو دنيا ۾ حاصل ڪندو اهو پنهنجو اخروي ثواب ختم ڪندو.[132]

اهڙي طرح محقق سالڪن وٽ طريقت جي مشغلن مان صراط مستقيم تي ثابت قدم رهڻ بہ مقصود هوندو آهي ۽ صراط مستقيم دين اسلام آهي ۽ جيڪو شخص اسلام ڪان سواءِ ٻيو دين اختيار ڪندو، اهو قبول نہ ڪيو ويندو. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَمَنۡ يَّبۡتَغِ غَيۡرَ الۡاِسۡلَامِ دِيۡنًا فَلَنۡ يُّقۡبَلَ مِنۡهُ‌ ۚ وَهُوَ فِى الۡاٰخِرَةِ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ۝85 (آل عمران آيت: 85)

ترجمو: "۽ جيڪو اسلام ڌاران ٻيو دين طلبيندو تنهن ڪان اهو ڪڏهن بہ قبول نہ ڪبو ۽ اهو آخرت ۾ ڇيهي وارن مان آهي."

صراط مستقيم اهو آهي، جو هڪ ڀيري پاڻ ﷺ جن هڪ سڌي لڪير ڪڍي ۽ فرمايائين تہ هي الله تعاليٰ جو رستو آهي، ۽ ڪجهہ ڏنگيون لڪيران ڪڍيائون ۽ فرمايائون تہ هي شيطان جا رستا آهن ۽ ان ڪان پوءِ قرآن مجيد جون هي آيتون پڙهيائين:

وَاَنَّ هٰذَا صِرَاطِىۡ مُسۡتَقِيۡمًا فَاتَّبِعُوۡهُ‌ ۚ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمۡ عَنۡ سَبِيۡلِهٖ‌ ؕ (الانعام: 154)

۽ هي تہ اها منهنجي سڌي واٽ آهي. تنهن ڪري ان تي هلو ۽ ٻين واٽن تي نہ هلو جو اهي واٽون اوهان کي سندس واٽ ڪان جدا ڪنديون.

۽ الله تعاليٰ جو هي قول پڙهيائون:

قُلۡ هٰذِهٖ سَبِيۡلِىۡۤ اَدۡعُوۡۤا اِلَى اللّٰهِ‌ؔ عَلٰى بَصِيۡرَةٍ اَنَا وَمَنِ اتَّبَعَنِىۡ‌ ؕ (يوسف آيت: 108)

ترجمو: "(اي پيغمبر) چؤ تہ هي منهنجي واٽ آهي. پڌري محبت سان الله ڏانهن سڏيان ٿو. آءٌ ۽ منهنجاتابعدار بہ (سڏيندا آهن.)"

ڏنگيون لڪيرون جن کي شيطان جو رستو چيائون، انهن لڪيرن تي هلندڙن کي جهنمي قرار ڏنائون.

"قل هٰذه سبيلي" جو تفسير "ما انا عليه واصحابي" سان ڪيائون. جيتوڻيڪ حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"تفترق امتي عليٰ ثلاث وسبع ملة كلهم في النار الا ملة واحدة. قالوا من هي يا رسول الله؟ قال ما انا عليه واصحابي"

ترجمو:"منهنجي امت ٽيهتر فرقن ۾ تقسيم ٿي ويندي. هڪ فرقي ڪان سواءِ ٻيا سمورا فرقا جهنم ۾ ويندا. صحابہ ڪرام عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول ﷺ! ڪهڙو ٽولو جهنم ۾ نہ ويندو؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو:

جيڪو منهنجي ۽ منهنجي اصحابن جي طريقي تي هلندو.

پوءِ صراط مستقيم تي استقامت ئي مطلوب آهي. نہ ڪرامت. ۽ الله تعاليٰ پڻ استقامت جو حڪم ڏنو آهي ۽ ڪرامت جو حڪم نہ ڏنو آهي، جيئن **الله تعاليٰ** جو فرمان آهي:

فَاسْتَقِمْ كَمَآ أُمِرْتَ وَمَنْ تَابَ مَعَكَ (هود آيت: 112)

ترجمو: "پوءِ جيئن توکي حڪم ڪيو ويو آهي تيئن تون محڪم رهہ ۽ اهي بہ جن توسان گڏ توبہ ڪئي."

تنهن ڪري صاحب استقامت بڻجڻ گهرجي ۽ صاحب ڪرامات بڻجڻ نہ گهرجي. منهنجي مرشد جو بہ اهو ئي طريقو آهي ۽ ان طريقي ۾ ئي رشد ۽ هدايت آهي ۽ اهوئي طريقو بدعت ۽ گمراهيءَ کان خالي آهي:

والله يهدي الي سبيل الرشاد

ترجمو: "۽ الله جَلَّ جَلَالُهُ ئي سڌي واٽ ڏانهن رهنمائي ڪندو آهي."

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن سالڪ جي جسم تي ڪلمہ توحيد جاري ٿئي تہ مرشد کي گهرجي تہ ان کي **الله تعاليٰ** جو اسم ذاتي ۽ ست صفاتي نالا تقديم ۽ تاخير سان ان جي زبان تي پڪا ڪرائي تہ جيئن اهي سمورا اسم مبارڪ انۡ جي جسم تي جاري ٿين ۽ اهي هن ريت آهن: الله هو الحي العالم القادر المريد السميع البصير المتكلم ۽ پويان هن طرح المتكلم، البصير، السميع، المريد، القادر الحيّ. اهي اسم پاڪ انهيءَ ترتيب سان پڙهندو، تہ جيئن اهي سڀ سنڌس جسم تي جاري ٿين.

فصل ٽيون

انوار حاصل ٿيڻ جي بيان ۾

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا! ڄاڻ گهرجي تہ جيتوڻيڪ اسان جي مرشدن جي طريقي مطابق سلوڪ مان مقصود ڪلي ۽ غرض ڪلي الله تعاليٰ جي اطاعت ۽ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول الله ﷺ جن جي محبت جو حصول ۽ صراط مستقيم تي استقامت آهي ۽ دنيا ۾ ڪرامتن جي طلب رکڻ جائز نہ آهي، پر سالڪ جو شهود جي مقام تي پهچڻ (شهود اهڙي مقام کي چئبو آهي، جنهن ۾ سالڪ کي هر شيءِ ۾ الله تعاليٰ جي تجلي نظر اچڻ لڳي) ۾ ديني ۽ اخروي فائدا رکيل آهن. جيئن اندر جي صفائي، ۽ دل جو دنيا جي تعلقات کان منقطع ٿيڻ ۽ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول الله ﷺ جن جي محبت پيدا ٿيڻ ۽ الله تعاليٰ جو خوف پيدا ٿيڻ انهن سيني عالي مقصدن مان انوار مقصود هوندا آهن. جيتوڻيڪ عبادتن جا بہ انوار هوندا آهن. اهڙي طرح انوار جي حصول لاءِ طريقو آهي [133] تہ مهيني جي پهرين رات مرشد جي اجازت سان نڪ جي کاٻي طرف اک ڪولي تڪ ٻڌي ڏسي ۽ ساڄي اک کي ٻوٽي رکي. جيڪڏهن کاٻي اک نہ اٿس تہ ساڄي اک سان ائين ڪري ۽ جيڪڏهن کاٻي اک نہ اٿس تہ ساڄي اک سان ائين ڪري ۽ نابين جو حڪم معلوم نہ آهي. ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون. اونداهي واري حجري ۾ ائين ڪندو رهي ۽ سخت ضرورت، مثال طور جمعي نماز ۽ جماعت کان سواءِ ٻاهر نہ نڪري ۽ جڏهن ٻاهر نڪري تہ ائين ئي ڪري ۽ انهن ٽن ڏينهن ۾ ٻيو ڪو ورد نہ پڙهي، سواءِ ان ورد جي جيڪو هميشہ پڙهندو آهي ۽ جڏهن ڪو نور ڏسي تہ سرور ڪائنات ﷺ ۽ سندس آل پاڪ تي هنن لفظن سان درود پڙهي:

اللهم صل عليٰ محمد وعليٰ آل محمد وبارڪ وسلم

جڏهن ٽي ڏينهن پورا ٿين تہ خلوت مان ٻاهر اچي ۽ ان شغل تي هميشگي ڪري. خلوة ۽ جلوة ۽ پنهنجي ڪمن ۾ اها ورزش جاري رکي ۽ جڏهن بہ نور ڏسي تہ درود پڙهي ۽ روزانو هڪ هزار ڀيرا سورة اخلاص پڙهي. جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن ۾ هڪ هزار ڀيرا سورة اخلاص پڙهي نہ سگهي تہ ٻئي ڏينهن اهو هڪ هزار قضا ڪري پڙهي ۽ هن وظيفي جي شروعات اڪيلائپ مان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ آهي. ان وظيفي جا ڪيترائي فائدا آهن ۽ سورة اخلاص مظهر انوار آهي. جيڪو ان وظيفي تي هميشگي ڪندو تہ مختلف قسمن جا انوار ان جي آڏو ظاهر ٿيندا. پوءِ ڏينهون ڏينهن اهي انوار وڌندا رهندا، تانجو سڄي عالم کي پرنور ڏسندو ۽ پاڻ کي نور ۾ مستغرق ٿيل ڏسندو.

چونکہ گر گردد برنگش هوش تو
شد ز نور آن رنگها روپوش تو
جملہ انوار این همہ از نور اوست
اصل هر نوري زنور روئي دوست
نور نورچشم خود نوردل ست
نورچشم از نور دلها حاصل ست
باز نور نور دل نور خداست
کو ز نور عقل و حس پاک و جداست
چونکہ گردي دربحار نور غرق
سینہ را آن نور چون گلشن کند
دیهاي روح را روشن کند
چشم را این نور حق بین میکند
روح مراچون باغ نسرین میکند

ترجمو: جيئن تہ تنهنجو هوش رنگ ۾ گم ٿي ويو آهي. تنهنڪري انهن رنگن جو نور بہ توکان اوجهل ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ سيئي انوار ان ذات جي نور ڪري آهن، ڇو تہ هر نور جو اصل ان دوست جو چهرو ئي آهي، پنهنجي اکين جو نور ئي دل جو نور ثابت ٿئي ٿو ڇو تہ اکين جو نور بہ دل جي نور مان ئي پيدا ٿيندو آهي. ليڪن روشني ڏيڻ وارو نور خدا جو نور ئي آهي، جيڪو عقل ۽ حواسن کان علحده نور آهي. ڇاڪاڻ تہ تون نور جي سمنڊ ۾ غرق ٿي چڪو آهين. ان صورت ۾ تون پاڻ کي نور واري سمنڊ کان ڪيئن الڳ ڪري سگهندين. اهو ئي نور سينن کي گلشن وانگر ٻهڪائي ڇڏيندو آهي ۽ روح جي بند اکين کي بہ کولي ڇڏيندو آهي. اهو نور ئي اکين کي حق جي مشاهدي لائق بڻائيندو آهي ۽ روح کي گلن جو باغ ڪري ڇڏيندو آهي.

رساله شطاريہ ۾ آهي تہ الله تعاليٰ جو اسم ذاتي دل ۾ تصور ڪري ۽ وسوسا ختم ڪري تہ ان کي عالم غيب مان مشاهدو ايندو. جڏهن سڄي عالم کي پرنور ڏسي، پوءِ جيڪڏهن گهڻي وقت تائين اهو وظيفو پڙهندو رهندو تہ پنهنجي اڳيان پنهنجو منهن ڏسندو. جيئن آئيني ۾ ڏسبو آهي. ان کان پوءِ آهستي آهستي پنهنجو سڄو جسم، جيڪو لباس ۾ ڍڪيل آهي. ڏسڻ ۾ ايندس. جيڪڏهن ان سان مخاطب ٿيندو تہ هو ان کي جواب ڏيندو. جيڪڏهن ان کان ڪنهن مسئلي بابت پڇا ڪندو تہ هو ان جو اهو مسئلو حل ڪندو. جيڪڏهن ان کان هدايت جي طلب ڪندو تہ اهو ان کي هدايت وارو گس ڏسيندو.

منهنجي مرشد جو فرمان آهي تہ خبر نہ آهي تہ اها صورت طالب جي روح جي آهي، جيڪو جسماني صورت وٺي هن جي آڏو پيش ٿئي ٿو يا اولياءَ جو روح آهي يا ڪو ملائڪ آهي، جيڪو اها صورت اختيار ڪري ٿو يا نور محمدي آهي جيڪو اها ڪيفيت اختيار ڪري ٿو ۽ هن جي آڏو پيش ٿئي ٿو۔ پنهنجن مريدن کي فرمائيندا هئا تہ جنهن جي آڏو اها صورت ظاهر ٿئي اهو ان کان اهو سوال ڪري ۽ تحقيق ڪري تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي.

شيخ عبدالعزيز بن عمر نسفي جي هڪ رسالي ۾ آهي تہ سالڪن جي اصطلاح ۾ ان صورت کي "شيخ الغيب" چيو ويندو آهي ۽ اهي ڪامل انسانن يعني نبين ۽ ولين جا روح آهن.

اسان جو مرشد فرمائيندو هو تہ اهل سنت والجماعت جي قاعدي مطابق ان بابت صحيح عقيدو هي آهي تہ اهي انوار هن جي ذڪر جا ئي آهن. جيڪي اها نوراني شڪل وٺي، هن جي آڏو ظاهر ٿين ٿا. ليڪن ڪن ڪي اهڙي غلط فهمي بہ ٿي آهي، جيڪا الحاد ۽ ڪفر برابر آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ اسان جو مرشد وحيد العصر ۽ فريد الدهر ان جي وفات جي تاريخ 5 ربيع الثاني 1148هہ آهي ۽ جمل جي حساب سان ان جا عدد "منبع ذڪر الله" جا الفاظ ٿين ٿا ۽ واقعي بہ اسان جو مرشد منبع ذڪرالله هو . جيڪو اسان جي مرشد جي مجلس ۾ حاضر ٿيندو هو، في الفور ان جي دل تي اثر ٿيندو هو ۽ ان جي دل تي الله جو ذڪر جاري ٿي ويندو هو.

آنا نکہ رہ عشق شدي بمردي سپرند
هريک شفا دهي مسيحي ديگرند
آنجا کہ بچشم لطف و رحمت نگرند
امراض صد سالہ بيکدم ببرند

ترجمو: اهي جيڪي عشق جي راه جا پانديئڙا پاڻ کي ڪنهن مرد جي حوالي ڪن ٿا، اهي هر هڪ کي شفا بخشن ٿا ڄڻ مسيحا آهن. اهي جڏهن پنهنجي لطف ۽ رحم واري اک کڻي واجهائن ٿا تہ سو سالن جا مرض بہ هڪدم ختم ڪري ڇڏين ٿا.

"واذا روا ذڪر الله" (يعني جڏهن انهن جو ديدار ڪيو وڃي تہ الله ياد اچي وڃي) جي عملي تصوير هو ۽ اها صفت مقربين جو ئي شان آهي. مشڪوات جي حديث شريف ۾ حضرت اسماء بنت يزيد رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"الا انبئكم بخياركم؟ قالوا بليٰ قال خياركم الذين اذا رأُو ذكر الله." (رواه ابن ماجه)

ترجمو: "ڇا اوهان کي اهڙن ماڻهن بابت نہ ٻڌايان، جيڪي اوهان ۾ سڀ کان وڌيڪ ڀلا آهن. صحابه ڪرام عرض ڪيو تہ ضرور ٻڌايو. پاڻ سڳورن فرمايو: اوهان مان ڀلا اهي آهن. جڏهن انهن کي ڏسو تہ الله ياد اچي وڃي.

باب اٺون

ڪجهہ متضاد معاملن مثال طور ننڊ، جاڳ، دعا، ترڪ دعا، شادي، چڙائپ، صحبت ۽ خلوت وغيره جي بيان ۾

هن باب ۾ پنج فصل آهن:

فصل پهريون

ننڊ ۽ جاڳ جي بيان ۾

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا! ڄاڻڻ گهرجي تہ مريدن بابت مشائخ جو اختلاف آهي تہ اهي پنهنجي اختيار ۽ ارادي سان ننڊ ڪن يا نہ[135] پوءِ ڪي ان بااختيار ننڊ کي جائز قرار ڏين ٿا ۽ ڪي ان کي جائز قرار نہ ٿا ڏين ۽ ننڊ ٽن قسمن جي هوندي آهي. هڪ "عن الله" ٻي "لله" ۽ ٽين "بالله" ان مان پهريون قسم "عن الله" اهل الله تي حرام آهي ۽ اها غافلن جي ننڊ آهي، جو تہ ان ننڊ ۾ ڪنهن بہ قسم جي نيت نہ هوندي آهي. نہ سستي ۽ ڪاهلي کي ختم ڪرڻ جي نيت هوندي آهي ۽ نہ عبادت جي لاءِ تقويت حاصل ڪرڻ جي نيت هوندي آهي. نوم "لله" اها آهي جيڪا عبادت جي لاءِ تقويت حاصل ڪرڻ جي نيت سان ڪجي. جيئن "قيلولہ" (منجهند جو آرام) ان نيت سان ڪري تہ جيئن رات جو عبادت ڪري سگهجي، يا رات جي پهرين حصي ۾ ننڊ ڪري تہ جيئن رات جي آخري حصي ۾ عبادت ڪري سگهجي.

نوم بالله اها آهي جو هر وقت الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول رهجي ۽ پنهنجا پاسا بستري کان پري رکجن ۽ پنهنجي اختيار سان ننڊ نہ ڪجي. پر جڏهن بي اختيار ننڊ اچي وڃي ۽ جڏهن ننڊ مان جاڳ ٿئي تہ الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول ٿي وڃجي. مشائخ جي هڪ جماعت ان کي پسند ڪيو آهي ۽ مريدن بابت نوم لله کي جائز قرار نہ ڏنو اٿائون. شيخ عبدالله بن سهل اصفهاني جو اهو ئي مذهب آهي.

انهن جو دليل هي آهي تہ ننڊ راحت ۽ غفلت جو سبب آهي. الله تعاليٰ سان محبت رکندڙ لاءِ جائز نہ

آهي تہ هو دنيا ۾ راحت طلبي

چشمي کہ درو خاربود چون خسپد
و آن راکہ غمي يار بود چون خسپد
اي ديده گنہ ميکني و مي خسپد
آنکس کہ گنهگار بود چون خسپد

ترجمو: اها اک جنهن ۾ ڪک پيل آهي، ڪيئن ٿي ننڊ ڪري سگهي يا جنهن کي دوست جو غم آهي ڪيئن ٿي ننڊ ڪري سگهي. اي اکين وارا گناه بہ ڪرين ٿو ۽ وري ننڊ بہ ڪرين ٿو. ٻڌايو تہ ڪهڙو گنهگار آهي، جيڪو وري ننڊ ڪري ٿو.

۽ پنهنجو وقت غفلت ۾ گذاري ۽ ٻيو تہ ننڊ موت جي مثل آهي، تنهن ڪري جنت ۾ ننڊ نہ هوندي. حضرت جابر ؓ کان روايت آهي تہ جڏهن پاڻ ﷺ جن کان پڇا ڪئي وئي تہ ڇا جنت وارا ننڊ ڪندا؟ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو:

"النوم اخ الموت ولايموت اهل الجنة." (رواه البيهقي في شعب الايمان)

ترجمو: "ننڊ موت جي ڀيڻ آهي ۽ جنت وارن تي موت نہ ايندو."

تنهن ڪري بزرگن جو فرمان آهي تہ جيڪڏهن ننڊ ۾ ڀلائي هجي ها تہ جنت ۾ بہ ننڊ هجي ها. هتان معلوم ٿيو تہ ننڊ موت جيان آهي ۽ موت هڪ مصيبت آهي، جيڪو بي اختيار ايندو آهي ۽ حياتي نعمت آهي ۽ پوري حياتي نعمت آهي ۽ پوري حياتي جاڳ ۾ ئي آهي.

جيڪڏهن ننڊ ۾ ڪا ڀلائي رکيل هجي ها تہ اها الله تعاليٰ جي صفت هجي. حالانڪ الله تعاليٰ ننڊ کان پاڪ آهي. "لاتاخذه سنة ولانوم."

حديث شريف ۾ آهي تہ جنت جو طالب بہ نٿو ننڊ ڪري ۽ ائين جهنم کان ڀڄندڙ بہ نٿو سمهي حضرت ابوهريره ؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"مارايت مثل النار نام هاربها ولا مثل الجنة نام طالبها." (رواه الترمذي)

ترجمو: "مون باهہ کان وڌيڪ ڪا شيءِ نہ ڏٺي، جنهن کان ڀڄندڙ ننڊ ۾ هجي ۽ نہ جنت جهڙي ڪا شيءِ ڏٺي، جنهن جي طلب ڪندڙ ننڊ ۾ هجي."

انهيءَ ڪري الله جي طالب کي ننڊ ڪرڻ نٿي جڳائي.

بيت

عجبا للمحب کيف ينام
کل نوم علي المحب حرام

ترجمو: عجب آهي عاشق تي جيڪو ننڊ ڪري ٿو. عاشق کي هر قسم جي ننڊ حرام آهي.

جڏهن جنت جي طلبيندڙ کي غفلت جي ننڊ ڪرڻ لائق نہ آهي تہ پوءِ الله تعاليٰ جي طلبيندڙ لاءِ وڌيڪ

مناسب آهي تہ هو غفلت جي ننڊ نہ ڪري. شيخ ابوبڪر شبلي لکيو آهي تہ جنهن ننڊ ڪئي، اهو غفلت ۾ پئجي ويو ۽ جيڪو غفلت ۾ ويو اهو پردي ۾ رکيو ويو.

الله تعاليٰ حضرت داؤد عليه السلام ڏانهن وحي موڪلي تہ جنهن شخص مون سان محبت جي دعويٰ ڪئي ۽ رات جو ننڊ ۾ مشغول ٿي ويو تہ اهو شخص ان دعويٰ ۾ ڪوڙو آهي.

بيت:

ترا گر عشق من بايد چہ سان در ديده خواب آيد
و اگر ديدار من جو ئي مدام ازديده آب آيد
حديث عشق من گوئي بس اين آرام مي جوئي
ندا نم اين دو تيغي کہ بہ اندر يک قراب آيد[136]

ترجمو: توکي جيڪڏهن منهنجو عشق آهي، تہ توکي خواب ۾ بہ (ان عشق جا) ساز ڏيکارجڻ ۾ ايندا. جيڪڏهن تون منهنجو ديدار طلبين ٿو، تہ اهو توکي اکين جي ڳوڙهن ڏيکارجڻ ۾ ايندو. منهنجي عشق جي ڳالهہ بہ ڪرين ٿو ۽ آرام بہ طلبين ٿو. اهي ٻہ تراريون هڪ هنڌ گڏ ڪيئن اينديون.

اهڙي طرح الله تعاليٰ جنن ۽ انسانن کي خاص پنهنجي عبادت جي لاءِ پيدا فرمايوآهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ۝٥٦ (الذاريات آيت: 56)

ترجمو: "۽ مون جنن ۽ ماڻهن کي رڳو پنهنجي عبادت ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي."

الله تعاليٰ جي عبادت جاڳ ۾ ٿيندي آهي. ننڊ ۾ نہ ٿيندي آهي، تنهن ڪري الله تعاليٰ سان محبت رکندڙ جي لاءِ مناسب نہ آهي تہ اهو پنهنجي اختيار ۽ ارادي سان ننڊ ڪري.

جمهور مشائخ جو مسلک آهي تہ مريد ۽ محب حق لاءِ عادتي وقتن تي ننڊ ڪرڻ جائز آهي، جيئن منجهند جو قيلوله ڪرڻ، ۽ عشاءَ جي نماز کان پوءِ اڌ رات تائين ننڊ ڪرڻ، تہ جيئن بدن ۾ قوت حاصل ٿئي ۽ اڌ رات کان پوءِ واري عبادت ۾ سستي ۽ ڪاهلي نہ ٿئي. حديث شريف ۾ آهي.

"المؤمن القوي خير واحب الي الله من المؤمن الضعيف." (رواه مسلم)

ترجمو: "ڪمزور مؤمن کان طاقتور مؤمن بهتر ۽ الله تعاليٰ کي وڌيک پسند آهي."

تنهن ڪري ننڊ نہ ڪرڻ سبب پاڻ کي سست ۽ ڪاهل بنائڻ بي مقصود آهي. بلڪ جهڙي طرح بقدر ضروت جسم لاءِ کاڌو ۽ خوراڪ ضروري آهي، اهڙي طرح بقدر ضرورت ننڊ جائز آهي، ڇو تہ ننڊ نہ ڪرڻ جي ڪري دماغ ۾ فتور پيدا ٿيندو، جنهن ڪري جسماني عضوا سست ٿي ويندا ۽ جسم ۾ بيماريون پيدا ٿينديون، جنهن جي ڪري ماڻهو عبادت کان ئي لاچار ٿي ويندو.

رسول الله ﷺ جن ۽ سندس اصحابن ۽ سمورن سلف صالحين جو طريقو اهو ئي آهي ، جو اهي مقرر وقتن ۾ ننڊ جي جواز جا قائل آهن ۽ انهن سڀني جو ان تي ئي عمل رهيو آهي ۽ اهڙي ننڊ، جيڪا عبادت جي

لاءِ وسيلو ۽ مددگار هجي. اها ننڊ بہ عبادت آهي ۽ قانون آهي تہ جيڪا شيءِ اطاعت جو ذريعو بڻجي، اها اطاعت آهي ۽ جيڪا شيءِ گناهہ جو ذريعو بڻجي، اها گناهہ آهي ۽ جيڪا شيءِ ڪنهن بہ شيءِ جي طرف پهچائيندڙ هجي، جواز ۽ عدم جواز ۾ ان جو اهو ئي حڪم آهي، جيڪو ان بہ شيءِ جو آهي. فقيهن وٽ اهو قاعدو مسلم آهي. تنهن ڪري اها ننڊ جيڪا دماغ ڪي تقويت ڏئي ۽ عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيت سان ڪئي وڃي تہ اها ننڊ بہ عبادت ۾ شمار ڪئي ويندي. جيڪڏهن ڪو اعتراض ڪري تہ ننڊ عبادت ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ ان لاءِ جواب آهي تہ حديث شريف ۾ پڻ اهڙي قسم جو مفهوم آيل آهي. حديث شريف ۾ آهي: "نوم العالم عبادة" يعني عالم جي ننڊ بہ عبادت آهي. اهڙي طرح نائم يعني ننڊ ڪندڙ مرفوع القلم آهي.

حديث شريف ۾ آهي:

"رفع القلم عن النائم حتي استيقظ وعن الصبي حتيٰ يحتلم وعن المجنون حتيٰ يفيق"

ترجمو: " قلم ڪنيل آهي ننڊ واري کان جيستائين جاڳي ۽ ٻار کان جيستائين بالغ ٿئي ۽ چريي کان جيستائين هوش ۾ اچي."

هيءَ حديث مشهور آهي ۽ شيخ علي بن سهل اصفهاني شيخ ابوالقاسم جي حوالي سان لکيو آهي تہ ڪن سببن هيٺ ننڊ کي جاڳ تي ترجيح آهي ۽ ڪن حالتن ۾ جاڳ ننڊ کان بهتر آهي ۽ ٻانهن جي حق ۾ ننڊ جو فعل حق آهي. هڪ جڳهہ تي شيخ ابوالقاسم جنيد هوشياري ۽ جاڳ کي مستي ۽ ننڊ تي ترجيح ڏني آهي، جيئن مٿي گذري آيو [137] ۽ هتي ننڊ کي جيڪا نشي جيان آهي، جاڳ کان جيڪا هوشياري جيان آهي، ان کي ترجيح ڏني وئي آهي. ان جي تاويل هيءَ آهي تہ ننڊ هوشياري ۽ چستي ان حيثيت سان آهي جو اها ٻانهن جي صفت آهي، جيستائين ٻانهو پنهنجيون صفتون پوريون ڪندو رهندو، تيستائين ان ڏانهن هوشياري ۽ چستي منسوب ڪبي رهبي ۽ هميشہ سجاڳ رهڻ اها الله تعاليٰ جي صفت آهي، ليڪن جڏهن ٻانهي جون صفتون حق جي صفتن سان مغلوب ٿي وڃن تہ هو سڪر جي حالت ۾ هوندو آهي، جئن ڪشف المحجوب ۾ ان جي وضاحت آهي. هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن مؤمن باوضو ٿي ننڊ ڪندو آهي تہ ان جي روح کي حڪم ڪيو ويندو آهي تہ هو عرش جي چوڌاري طواف ڪري ۽ الله تعاليٰ کي سجدو ڪري. جيتوڻيڪ اهڙي قسم جي حديث مٿي گذري آهي ۽ هي يقين آهي تہ اها سعادت ننڊ کان سواءِ حاصل نہ ٿي سگهي آهي.

جڏهن سالڪ جي دل الله تعاليٰ جي محبت سان ڀرجي ويندي تہ ان جي دل دنيا کان ڪٽجي ويندي ۽ ان کي دنيا جي ڪا شيءِ پسند نہ پوندي ۽ ان جو روح جسم جي پڃري ۾ قيد ٿي ويندو، ڇو تہ اهو ئي هن کي هن جهان ڏانهن پهچڻ کان مانع آهي ۽ اهو ئي هن کي دنيا جي قيدخاني ۾ رکيو وينو آهي، جيئن چيو ويو آهي دنيا مؤمن لاءِ قيدخانو آهي. حديث شريف ۾ آهي: "الدنيا سجن المؤمن " (دنيا مؤمن لاءِ قيد خانو آهي).

لهٰذا هو هن قيدخاني ۾ مضطرب رهندو ۽ موت جو منتظر رهندو، ڇو تہ موت ئي هن جهان ڏانهن پهچڻ لاءِ واسطو آهي. حديث شريف ۾ آهي. "الموت جسر يوصل الحبيب الي الحبيب" يعني موت هڪ پل آهي، جيڪا دوست کي دوست سان ملائيندي آهي، تنهن ڪري هي لاچار موت کي حياتيءَ کان پلو پائيندو آهي. ان

صورت ۾ هن لاءِ موت نعمت چئبو ۽ حياتي مصيبت، پهرين فريق جي ابتڙ جو اهي چون پيا تہ حياتي نعمت ۽ موت مصيبت آهي، گويا هن دنيا ۾ ننڊ بهتر چئبي جو اها آخرت واري جهان ڏانهن ويجهو ڪندي آهي ۽ خود موت مؤمن ۽ متقي انسان لاءِ نعمت ۽ راحت آهي. مثنوي ۾ آهي:

بيت

مرگ هر يک اي پسر همرنگ او ست
پيش دشمن دشمن و بر دوست دوست
مرگ هر يک آئينه در پيش او ست
يابود ريحان جان يا ريش او ست
پيش ترک آئينه خوش رنگي ست
پيش زنگي آئينه هم زنگي ست
روئي تو زشت است ني رخسار مرگ
جان تو همچون درخت ومرگ برگ

ترجمو: اي پٽ! هر هڪ جو موت سندس رنگ (عملن) موافق هوندو آهي، دشمن سان دشمن ۽ دوست سان دوست، هر هڪ جو موت آئيني وانگر ان جي آڏو هوندو آهي يا تہ اهو جسم جي هٻڪار هوندو آهي يا وري ان جو زخم، ترڪيءَ جي آڏو آئينو اڇي رنگ وارو آهي ۽ شيديءَ جي آڏو آئينو ڪارو آهي. تنهن جو منهن خراب آهي ۽ نہ موت جو ڳل. تنهنجو جسم (سڪل) وڻ وانگر آهي، موت ان جي پن وانگر آهي.

حديث شريف ۾ آهي، پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"من احب لقاءَ الله احب الله لقاءه ومن ابغض لقاءَ الله ابغض الله لقاءه"

ترجمو: "جيڪو الله تعاليٰ سان ملاقات ڪي پسند ڪندو الله تعاليٰ بہ ان سان ملاقات ڪرڻ ڪي پسند ڪندو ۽ جيڪو الله تعاليٰ سان ملاقات ڪرڻ ڪي پسند نہ ڪندو، الله تعاليٰ بہ ان سان ملاقات ڪي پسند نہ ڪندو"

هتي ملاقات موت کان ڪنايه آهي، ڇو تہ موت ئي ملاقات جو سبب آهي، تنهن ڪري محدث هي حديث موت جي بيان ۾ ئي ذڪر ڪندا آهن.

خلاصو ڪلام جو تہ جيڪي ماڻهو هن دنيا جي جهان سان محبت رکندا آهن، اهي هن حياتي ڪي نعمت سمجهندا آهن ۽ جاڳ ڪي ننڊ تي ترجيح ۽ فضيلت ڏيندا آهن ۽ جيڪي موت ڪي ويجهو رکندا آهن، اهي هن جهان ۾ آرام جا اسباب تيار نہ ڪندا آهن ۽ موت ڪي نعمت سمجهندا آهن ۽ موت ڪي دنيا جي قيدخاني کان آزادي جو سبب سمجهندا آهن. ننڊ برزخ جو حصو آهي، تنهن ڪري ان ڪي افضل ڀائيندا آهن ۽ ان ڪي جاڳ تي ترجيح ڏيندا آهن، پر مطلق ننڊ نہ، پر اها ننڊ جيڪا مقرر وقتن تي هجي ۽ جيڪا عبادت جي لاءِ مددگار بڻجي ۽ ان ننڊ ڪي نوم لله چيو ويندو آهي. ان جو تفصيل مٿي گذري آيو. ڪشف المحجوب ۾ بہ ائين آهي[138]

ڇاڻڻ گهرجي تہ ننڊ جا ڪجهہ قسم آهن. انهن مان هڪ قسم سنت آهي ۽ اها "قيلوله" آهي ۽ ان جو وقت منجهند آهي. "قيلوله" اهڙن ماڻهن لاءِ سنت آهي. جيڪي قيام الليل (تهجد پڙهڻ) جي عادت رکن ٿا ۽ بين جي حق ۾ صرف ننڊ آهي. حديث شريف ۾ آهي "القيلولة يزيد في العقل" يعني قيلوله عقل کي وڌائيندو آهي ۽ ائين "برهنہ" ۾ آهي

عمدة الاسلام ۾ آهي تہ حديث شريف ۾ آهي:

"القيلولة بين المنجلين"

منجل ميم جي ڪسره سان گاهہ يا ڪڻڪ لڻڻ کي چئبو آهي، منحل جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ آهي ڏاٽو،ڪُرپي يعني جَون جي لاباري جي موسم جو گذرڻ. جو موسم ۾ ڏينهن ڊگها ٿيندا آهن. پنهنجي استاد کان ٻڌو اٿم تہ اها حديث، حديث جي ڪتابن ۾ آيل نہ آهي ۽ قيلوله هر موسم ۾ ان ماڻهوءَ جي لاءِ محمود آهي، جيڪو رات جي عبادت ڪرڻ جي نيت رکي ٿو.

ننڊ جو ٻيو قسم بدعت آهي. نماز جي وقت نماز پڙهڻ کان پهريان ننڊ ڪرڻ آهي ۽ ٽين ننڊ جنون جو سبب آهي ۽ اها عصر کان پوءِ ننڊ ڪرڻ آهي ۽ چوٿين ننڊ عقوبت ۽ سزا جو سبب آهي. اها عشاءَ جي نماز پڙهڻ کان سواءِ ننڊ ڪرڻ آهي، جنهن سان عشاءَ جي نماز فوت ٿي وڃي. حديث شريف ۾ آهي تہ جهنم ۾ هڪ سخت ۽ ڪاري وادي آهي، جيڪا اهڙن ماڻهن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي، جيڪي عشاءَ جي نماز پڙهڻ کان سواءِ صبح تائين ننڊ ڪن ٿا.

پنجين ننڊ عادت موجب ننڊ آهي. ان جو وقت عشاءَ جي نماز پڙهڻ کان صبح تائين آهي.

ڇهين ننڊ غفلت واري ننڊ آهي. ان جو وقت صبح صادق کان ڪن وٽ صبح ڪاذب کان صبح جي نماز پڙهجي وڃڻ تائين آهي ۽ جيڪو ماڻهو ان وقت سجاڳ رهندو. الله تعاليٰ ان تي ٽي انعام ڪندو: (1) ان کي سهڻا اخلاق عطا ڪندو (2) ۽ ان کي عافيت عطا ڪندو (3) ۽ ان جي رزق ۾ برڪت عطا ڪندو. اهڙي قسم جو مفهوم حديث شريف ۾ پڻ آيل آهي ۽ ان وقت جي اندر ننڊ ڪندڙ انهن ٽنهي انعامن کان محروم رهندو ۽ ستين ننڊ سڃائپ جو سبب آهي. اها ننڊ صبح جي نماز پڙهڻ کان پوءِ سج جي بلند ٿيڻ کان پهريان واري وقت ۾ آهي. اهڙي طرح صبح جي نماز کان پهريان صبح صادق کان پوءِ واري ننڊ پڻ سڃائپ جو سبب آهي.

فتاويٰ برهنه ۾ آهي تہ سج جي بلند ٿيڻ کان پوءِ ننڊ ڪرڻ ۾ ڪوئي حرج نہ آهي ۽ هڪ ٻي جڳهہ تي بستان فقيه ابو الليث جي ڪتاب ۾ آهي تہ ڏينهن جي پهرين حصي ۾ ننڊ ڪرڻ مڪروهہ آهي. اهڙي طرح مغرب ۽ عشاءَ جي درميان ننڊ ڪرڻ مڪروهہ آهي. مجمع البحار ۾ بہ ائين آيل آهي. ڏينهن جي پهرين حصي مان مراد ڏينهن جو چوٿون حصو آهي، جنهن کي چاشت چيو ويندو آهي.[139] پوءِ اها ننڊ جيڪا سڃائپ جو سبب آهي، ان جي حد صبح صادق کان ڏينهن جي چوٿين حصي تائين هوندي.

عمدة الاسلام ۾ آهي تہ صبح واري ننڊ رزق کي روڪيندي آهي ۽ صبح جي نماز کان سج جي بلند ٿيڻ تائين آهي، جنهن کي قيلوله چوندا آهن.

ائين ننڊ هلاڪ ٿيڻ ۽ قرضدار ٿيڻ جو سبب آهي ۽ اها معتڪف ۽ مسافر کان سواءِ مسجد ۾ ننڊ ڪرڻ آهي ۽ نائين ننڊ ندامت ۽ پشيماني جو سبب آهي ۽ اها علم واري مجلس ۾ ننڊ ڪرڻ آهي.

ڏهين ننڊ راحت جو سبب آهي. اها بيمار جي ننڊ آهي ۽ يارهين ننڊ عبادت آهي. اها عالم جي ننڊ ۽ روزائت جي ننڊ آهي، جو حديث شريف ۾ آهي ته عالم جي ننڊ عبادت آهي ۽ روزائت جي ننڊ عبادت آهي.

ٻارهين ننڊ ڪرامت آهي. اها نمازي جي بي اختيار سجدي ۾ ننڊ ڪرڻ آهي. حديث شريف ۾ آهي ته جڏهن مؤمن سجدي ۾ ننڊ ڪندو آهي ته الله تعاليٰ ملائڪن جي آڏو ان ٻانهي جي مٿان فخر ڪندو آهي ته ٻانهي جو جسم منهنجي خدمت ۾ آهي ۽ ان جي جان منهنجي آڏو حاضر آهي.

ننڊ جا اهي ٻارهن قسم فتاويٰ برهنه ۾ ذڪر ٿيل آهن. اهڙي طرح فتاويٰ برهنه ۾ بستان کان آندو اٿائين ته مغرب ۽ عشاءَ جي درميان ننڊ ڪرڻ مڪروهه آهي ۽ ان کي جدا ذڪر ڪيو اٿائين. پوءِ ان سميت ننڊ جا تيرنهن قسم ٿيندا ۽ قوة القلوب ۾ آهي ته ڪن مشائخن وٽ ويهي ننڊ ڪرڻ مڪروهه آهي. ان سميت ننڊ جا چوڏنهن قسم ٿيندا ۽ عمدة الاسلام ۾ آهي ته ظهر ۽ عصر جي درميان ننڊ ڪرڻ ديوانگي جو سبب آهي ۽ ان کي قيلوله بالغار چئبو آهي. البته فتاويٰ برهنه واري عصر کان پوءِ ننڊ کي چريائپ جو سبب چيو آهي، جيئن مٿي گذري آيو. ظهر ۽ عصر جي درميان واري ننڊ کي ان جو سبب قرار نه ڏنو اٿائين ۽ مولانا شيخ نورالدين جو چوڻ آهي ته اسان کي پڪي ۽ صحيح سند سان خبر پئي آهي ته امام المسلمين حضرت امام ابوحنيفه ﷬ ڪڏهن ڪڏهن علمي مشغلي جي ڪري قيلوله ڪري نه سگهندو هو ته ظهر جي نماز کان پوءِ ننڊ ڪندو هو. والله اعلم بالصواب.

ننڊ بابت ورد ۽ دعائون مشائخ جي ڪتابن ۾ مذڪور آهن. اتي ڏسڻ گهرجن.

فصل پيو

دعا ۽ ترڪ دعا، قرآن مجيد جي تلاوت ۽ درود پڙهڻ جي بيان ۾

ڄاڻڻ گهرجي تہ جيئن تہ دعا قضا کي ٽارينديي آهي، تنهن ڪري مشائخ جي هڪ گروهہ جو چوڻ آهي تہ ترڪ دعا يعني دعا نہ گهرڻ بهتر آهي، ڇو تہ رضا بقضا مقصود آهي. رضا کي ٽارڻ مقصود نہ آهي ۽ دعا قضا کي ٽاري ڇڏيندي آهي. حديث شريف ۾ آهي حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"لا يرد القضاءَ الا الدعا ولا يزيد في العمر الا البر." (رواه ترمذي)

ترجمو: "دعا کانسواءِ قضا نہ ٽرندي آهي ۽ عمر نيڪي کانسواءِ نہ وڌندي آهي."

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"ان عظم الجزاءِ مع عظم البلاءِ وان الله عزوجل اذا احب قوما ابتلاهم فمن رضي فله الرضاءَ ومن سخط فله السخط." (رواه ترمذي)[140]

ترجمو:"وڏو انعام وڏي آزمائش سان ملندو آهي ۽ جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن قوم سان محبت رکندو آهي تہ ان کي آزمائش ۾ وجهندو آهي، پوءِ جيڪو راضي ٿيو الله تعاليٰ بہ ان تي راضي ٿيندو آهي ۽ جيڪو ناراض ٿيو الله تعاليٰ بہ ان تي ناراض ٿيندو آهي."

تنهن ڪري رضا تي راضي رهڻ بهتر آهي. دعا جي ذريعي قضا جي رد ڪرڻ کان.

جمهور عالمن جو چوڻ آهي تہ رضا تي راضي رهڻ سان گڏ دعا گهرڻ بهتر آهي، ڇو تہ دعا بہ قضا جو حصو آهي، قضا کان خارج نہ آهي. مطلب هي آهي تہ دل ۾ عاجزي رکي زبان سان دعا گهرجي، جيڪڏهن ان جي دعا قبول ٿئي يا نہ ٿئي هر حال ۾ قضا تي راضي رهي، پوءِ جيڪڏهن ان جي دعا قبول ٿي تہ چونداسون تہ ان جي تقدير ۾ ئي ائين لکيل هو، تہ ان کي اها مصيبت، پهچندي ۽ دعا جي ڪري اها ٽري ويندي. تنهن ڪري مصيبت دعا ۽ دعا جي قبوليت سڀ الله تبارڪ تعاليٰ جي گهر ۽ رضا مطابق آهن هتي قضا مان مراد قضا معلق آهي ۽ قضا معلق اهڙي قضا کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪن سببن جي ڪري تغير ۽ تبديلي اچي سگهي. ورنہ قضا عام آهي ۽ قضا نالو آهي فعل مع زيادة احڪام جو. يعني الله تعاليٰ جي فعل جو. ۽ هي ڳالهہ معلوم آهي تہ اهل سنت والجماعة وٽ ٻانهي جا اختياري فعل الله تبارڪ وتعاليٰ جي فعل سان آهن ۽ ٻانهو ڪاسب آهي ۽ ڪسب

جيڪري ٿي ٻانهي کي فاعل مختار چيو ويندو آهي، تانجو ٻانهي جو ڪفر بہ مقضي قضا آهي. يعني قضا جو اثر آهي ۽ قضا نہ آهي. رضا ٻي شيءِ آهي ۽ قضا ٻي شيءِ آهي ۽ رضا قضا ۾ آهي نہ مقضي ۾ ۽ ڪفر مقضي آهي قضا نہ آهي ۽ ڪفر ۾ رضا نہ آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَلَا يَرْضٰى لِعِبَادِهِ الْكُفْرَ ۚ (الزمر:7)

ترجمو:"۽ پنهنجي ٻانهن جي ٻي شڪريءَ کي پسند نہ ڪندو آهي."

حڪم نالو آهي تڪويني خطاب جو ۽ تقدير نالو آهي هر موجود شيءِ جو اندازو ڪرڻ حسن ۽ قبح ۾ نفعي ۽ نقصان ۾ ۽ ان جي زمان ۽ مڪان جو ۽ جيڪو ان تي ثواب ۽ عتاب ٿي. شرح عقائد نسفيہ ۾ ائين آهي.

ان گروهہ جو چوڻ آهي تہ مصيبتون جئن الله تعاليٰ جي قضا ۽ رضا سان هونديون آهن، ۽ دعا جي ذريعي مصيبتن جو ٽارڻ الله تعاليٰ جي قضا سان هوندو آهي: جيئن توهان جو چوڻ آهي، ليڪن محض مصيبت ۾ رضا حق آهي. ان جي برخلاف نفس جي رضا مصيبتن جي ٽارڻ ۾ آهي جيڪا اصل نفس جي رضا آهي ۽ رضاءِ حق تبعًا آهي ۽ اهي مصيبت ۾ وجهندڙ آزمائشون محبت وارن لاءِ آهن. جو حديث شريف ۾ آهي محبت جي آزمائش ۾ سڀ کان وڌيڪ آزمائش انبياءَ تي ايندي آهي. ان کان پوءِ جنهن جو درجو جيترو وڌيڪ هوندو آهي، ان تي اوتريون آزمائشون وڌيڪ ايندڙيون آهن.

معصيت (گناهن) واريون آزمائشون ٻيون آهن، جيڪي معصيت جون سزا هونديون آهن. قرآن مجيد ۾ آهي:

وَمَآ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ (الشوريٰ:30)

ترجمو:"۽ جيڪا بہ اوهان کي پهچندي آهي، سا اوهان جي هٿن جي ڪمائي سببان آهي ۽ گهڻن (گناهن) کان (تہ خدا) درگذر ڪندو آهي."

آزمائش جو ڀھريون قسم معصومن ۽ مطيعن سان مخصوص آهي ۽ ٻيو قسم گنهگارن سان مخصوص آهي. باقي نيڪوڪارن مٿان آزمائشون انهن جي گناهن جي تطهير ۽ درجات جي بلنديءَ جي لاءِ هونديون آهن ۽ گنهگارن جون آزمائشون، انهن جي گناهن جي تخفيف لاءِ هونديون آهن. جيئن مٿي ترمذي، ابن ماجہ ۽ دارميءَ جي حديثن ۾ بيان ٿي چڪو.

هي مقام رضاء حق جي حصول لاءِ رضاء نفس کي ڇڏڻ جو نالو آهي جيڪو اهل تمڪين ۽ ثابت قدم رهڻ وارن جي لاءِ آهي. انهن کي مصيبت ۽ آزمائش ۾ لذت ايندي آهي. ۽ محبوب جو هر فعل انهن کي محبوب لڳندو آهي.

اريد وصالہ يريد هجري فاترڪ ما اريد لما يريد

ترجمو: مان هن جو وصال چاهيان ٿو ۽ هو منهنجي جدائي. پوءِ مون پنهنجو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو تہ جيئن هو گهري ٿو. [141]

مثنويءَ ۾ آهي:

گر تو خواهي بو صالم گر تو خواهي فراق
فارغم من ز مرادم پس مرا عشق بس ست
مراد دلبرم گردر ازل هجران من باشد
مراد من همان باشد چو از جانان من باشد

ترجمو: اي دوست، اها تنهنجي مرضي آهي تہ تون وصال پسند ڪرين ٿو يا فراق، مان تہ پنهنجي مراد کان هٿ کڻي ڇڏيو آهي ڇو تہ مون لاءِ عشق ڪافي آهي. جيڪڏهن ازل ۾ منهنجي دلبر منهنجي لاءِ هجر کي اڳيان رکيو آهي تہ منهنجي مراد بہ اهائي جيڪا هن دلبر دوست ڪئي آهي.

جمهور جو چوڻ آهي تہ دعا ۾ ڪجهہ اهڙا ديني فائدا رکيل آهن، جيڪي دعا جي ڇڏڻ ۽ تقدير تي راضي رهڻ تي اڪتفا ڪرڻ ۾ نہ آهن. باقي مصيبت ۽ آزمائش ۾ لذت حاصل ڪرڻ هڪ سٺي شيءِ آهي ۽ اها دعا جي منافي نہ آهي. جيڪڏهن لذت مان مراد اوهان جي نفس جي لذت آهي تہ اها مسلّم نہ آهي، ڇو تہ نفس مصيبت مان لذت حاصل نہ ڪندو آهي. جيڪڏهن لذت مان اوهان جي مراد تسليم ۽ رضا آهي. جيئن شفا جي حصول لاءِ ڪڙيون دوائون پيئڻ تہ اها مسلم آهي. رضا ۽ تسليم ۽ دعا هڪٻئي جي نفي نہ ٿيون رکن جيئن مٿي گذري آيو ۽ لذت جي معنٰي تسليم ۽ رضا وٺڻ عرف ۽ لغت جي خلاف آهي. باقي جيڪڏهن ڪو چوي تہ اهي مصيبتون جيئن تہ محبوب حقيقي جي طرفان آهن، تنهن ڪري اهي طبيعت ۽ نفس کي مرغوب هونديون ۽ ان جي ڪري ان کي لذت حاصل ٿيندي.

از محبت تلخها شيرين شود
وز محبت مس ها زرين شود

ترجمو: محبت جي ڪري ڪوڙاڻ مناڻ بڻجي ويندي آهي ۽ محبت جي ڪري ٽامو سون بڻجي ويندو آهي.

ان لاءِ جواب آهي تہ ان وقت بہ دعا گهرڻ ان لذت جي خلاف نہ آهي، ڇو تہ هي دعا بہ الله تعاليٰ جي رضا جي لاءِ گهري رهيو آهي. دعا کان پوءِ جيڪا شيءِ ملندي، هي ان کي قبول ڪندو ۽ الله تعاليٰ جي طرفان پائيندو، ڇو تہ الله تعاليٰ حڪيم آهي ۽ جيڪو ان جي حڪمت جي مطابق هوندو اهو ٿي ڪندو ۽ حڪيم جو فعل حڪمت کان خالي نہ هوندو آهي. تنهن ڪري رضا ۽ دعا ٻئي فضيلتون حاصل ٿي وينديون ۽ ٻہ فضيلتون هڪ فضيلت کان وڌيڪ آهن ۽ دعا خود عبادت آهي. دعا ۾ الله تعاليٰ جي رضا ۽ دعا جي ڇڏڻ ۾ الله تعاليٰ جو ناراضپو رکيل آهي. پوءِ دعا جو ڇڏڻ الله تعاليٰ جي رضا ڪيئن چئبي ۽ دعا گهرڻ ۾ الله تعاليٰ جي حڪم جي اطاعت آهي، الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

"ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ" (المؤمن:60)

ترجمو: "اوهين مون کان گهرو تہ اوهان جي دعا قبول ڪريان."

حضرت نعمان بن بشير رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

اَلدُّعَاءُ هُوَ الْعِبَادَةُ ثُمَّ قَرَاَ وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ (رواه ترمذي)

ترجمو: "دعا ئي عبادت آهي، پوءِ هي آيت ۽ اوهان جو پالڻهار فرمائي ٿو تہ اوهين مون کان دعا گهرو تہ اوهان جي دعا قبول ڪريان."

نحوي قاعدي موجب هن حديث مطابق دعا کي سمورين عبادتن تي فضيلت حاصل آهي ڇو تہ ضمير مرفوع برائي فصل خبر جي معرفه سان حصر جو فائدو ڏيندو آهي.

حضرت انسؓ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

الدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ (رواه الترمذي ابن ماجہ)

ترجمو: "دعا عبادة جو نچوڙ ۽ خلاصو آهي." ليڪن هيءَ حديث حسن غريب آهي.

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

سَلُوا اللّٰهَ مِنْ فَضْلِهِ فَإِنَّ اللّٰهَ عَزَّ وَجَلَّ يُحِبُّ اَنْ يُسْأَلَ وَاَفْضَلُ الْعِبَادَةِ انْتِظَارُ الْفَرَجِ (رواه ترمذي)

ترجمو: "الله تعاليٰ کان ان جي فضل جي ذريعي گهرو ۽ الله تعاليٰ پنهنجو فضل گهرڻ تي راضي ٿيندو آهي ۽ سڀ کان پلي عبادت (دعا) ڪشادگيءَ (قبوليت) جو انتظار ڪرڻ آهي." هيءَ حديث غريب آهي[142]

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

مَنْ لَمْ يَسْأَلِ اللّٰهَ يَغْضَبْ عَلَيْهِ (رواه ترمذي)

ترجمو: "جيڪو شخص الله تعاليٰ کان (دعا) نہ گهرندو آهي، تنهن تي الله تعاليٰ ڪاوڙبو آهي."

جڏهن ڪا قوم سزا ۽ هلاڪت جي مستحق ٿي، ۽ ان جي مٿان مصيبتون اچڻ شروع ٿيون تہ ان قوم جا نيڪ مرد بہ انهن مصيبتن جي لپيٽ ۾ اچي ويا. جو اهي انهن کي نيڪين جو حڪم ۽ برائين کان نہ روڪيندا هئا، مگر اهي ماڻهو ان عذاب کان بچي ويا جيڪي نماز کان پوءِ هيءَ دعا پڙهندا هئا:

"اللهم انى اسألك فعل الخيرات وترك المنكرات وحب المساكين وان تغفرلى وترحمنى فاذا اردت بعبادتك فتنة فاقبضنى اليك غير مفتون اللهم انى اسئلك حبك وحب من يحبك وحب عمل يقربنى الى حبك."

ترجمو: "اي منهنجا الله! مان تو کان نيڪين جي ڪرڻ ۽ برائين جي ڇڏڻ ۽ مسڪينن سان محبت رکڻ، بخشش ۽ تنهنجي رحم جو سوال ڪريان ٿو ۽ جڏهن تون ڪنهن قوم ۾ مصيبت آڻڻ چاهين تہ مون کي ان مصيبت کان پهريان ئي وفات ڪرائي ڇڏ. ۽ مان تو کان تنهنجي محبت ۽ ان شخص جي محبت، جيڪو تو سان محبت ڪري ٿو ۽ اهڙي عمل جي محبت، جيڪو تنهنجي محبت جي طرف ويجهو ڪري، تنهن جو سوال ڪريان ٿو."

اهو فائدو دعا کان سواءِ حاصل نہ ٿيندو.

مجمع البحار ۾ آهي تہ محدثن، فقيهن ۽ جمهور عالمن جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ دعا گهرڻ مستحب آهي ۽ اهو ئي مختار مذهب آهي. البت معرفت وارن جي هڪ گروهہ جو چوڻ آهي تہ دعا جو ڇڏڻ افضل آهي.

هي به ڄاڻڻ ڳهرجي ته جنهن شخص کي دعا جي قبوليت جي وقتن ۽ جڳهن معلوم ڪرڻ جو شوق هجي، اهو حصن حصين ۽ ان جي شرحن جو مطالعو ڪري. ان ۾ پوري شرح ۽ بسط سان ان جو تفصيل آيل آهي.

هي به ڄاڻڻ ڳهرجي ته دعا جا ڪيترائي آداب ۽ لوازمات آهن. جيڪي دعائن جي ڪتابن ۾ تفصيل سان ذڪر ٿيل آهن. انهن مان هڪ ڳالهه هي به آهي ته دعا عربي ٻوليءَ ۾ گهرڻ گهرجي. جيتوڻيڪ دعا گهرندڙ عجمي آهي ۽ عربي ٻولي نه ٿو ڄاڻي. ڇو ته اها ٻولي الله تبارڪ وتعاليٰ کي محبوب آهي. تنهن ڪري رسول الله ﷺ جن کي اها ٻولي عطا ڪيائين ۽ جنتين جي ٻولي به اها ئي هوندي ۽ ملائڪن . . ٻولي به اها آهي. پر ان لاءِ شرط آهي ته هي ايترو ضرور ڄاڻي ته هي دعا ڪهڙي مقصد جي لاءِ آهي. توڻيجو لفظن جي معنيٰ نه ٿو ڄاڻي. مثال طور اجمالي طور تي هن کي معلوم هجي ته مثلا:

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ (البقره: 201)

ترجمو: "اي اسان جا پالڻهار! اسان کي دنيا ۾ (به) چڱائي ۽ آخرت ۾ (به) چڱائي ڏي ۽ اسان کي باهه جي عذاب کان بچاءِ"

ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جي حصول لاءِ آهي ۽ صرف ايترو ان کي معلوم هجي ۽ تفصيلي طور تي لفظن جي معنيٰ نه ڄاڻندو هجي.

شرح الاشباه والنظائر ۾ آهي ته عربي ٻوليءَ ۾ دعا جلدي قبول ٿيندي آهي، ڇو ته الله تبارڪ وتعاليٰ کي اها ٻولي سڀ کان وڌيڪ پسند آهي ۽ هي حڪم هن امت سان مخصوص آهي. ٻين امتن لاءِ اهو حڪم نه هو.

دعا لاءِ ٻيو شرط هي آهي ته پنهنجي وس آهر دعا جا لفظ صحيح ڪڍي ۽ غلطيءَ کان بچڻ جي ڪوشش ڪري.

هي به ڄاڻڻ ڳهرجي ته هر دعا جي شروعات "اللهم" جي لفظ سان ڪرڻ ڳهرجي. تفسير حسينيءَ واري حضرت عيسيٰ جي دعا: اللهم ربنا انزل علينا مائدة من السماء[143] بابت ابورجاءِ عطاردي جو قول نقل ڪيو آهي ته "اللهم" جي ميم ۾ الله تعاليٰ جا ستر اسماءَ گرامي سمايل آهن. نضر بن سميل جو چوڻ آهي ته "اللهم" جي چوڻ سان ڄڻ ته الله تبارڪ وتعاليٰ جا سمورا (صفاتي) نالا اچي وڃن ٿا، جو اهو جامع لفظ آهي.

دعا جامع ڪلمن سان گهرڻ گهرجي. جنهن ۾ دين ۽ دنيا جون سڀ ڀلايون اچي وڃن. حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن جامع دعائن کي پسند ڪندا هئا ۽ غير جامع دعائن کي ڇڏي ڏيندا هئا. (رواه ابوداؤد)

دعا دل جي حضور ۽ شوق سان گهرجي. حديث شريف ۾ آهي حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

الله تبارڪ وتعاليٰ ۾ قبوليت جو يقين رکي دعا گهرو، ۽ يقين ڄاڻو ته الله تبارڪ وتعاليٰ غفلت سان گهريل دعا قبول نه ڪندو آهي. (رواه ترمذي) هيءَ حديث به غريب آهي.

دعا شعر ۽ قافيه جي وزن تي نه هجي، ڇو ته اها محض لفظي تڪليف آهي. ان جو ڪو به فائدو نه آهي ۽ دعا ۾ اهو نه ٿو جڳائي ڇو ته دعا عاجز ۽ هيٺو ٿي گهرڻ جو نالو آهي. ۽ اهو جاهليت واري دور جي سائلن جو

طريقو آهي. جو اهي ان طريقي سان ماڻهن جي مدح ۽ تعريف ڪندا هئا. تنهن ڪري اسلام ۾ ان کان روڪيو ويو آهي. حضرت عڪرمه رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه فرمايو: جنهن دعا ۾ تڪ بندي هجي ان کان بچجانءِ، ڇو ته اسين رسول الله ﷺ جن سان عهد ڪيو هيوسون ته اسين اهڙي قسم جون دعا نه گهرنداسون. (رواه بخاري)

حديث جو مطلب آهي ته اهڙي قسم جي دعا نه گهرجي، ڇو ته اها خشوع ۽ خضوع جي خلاف آهي. باقي جيڪڏهن ڪنهن مسنون دعا ۾ قافيه وغيره آيل آهي ۽ هن جو مقصد صرف دعا گهرڻ آهي ۽ قافيه وغيره نه آهي ته ان صورت ۾ ان دعا گهرڻ ۾ ڪو به حرج نه آهي.

هي به ڄاڻڻ گهرجي ته دعا گهرڻ جي وقت آسمان ڏانهن نهارڻ نه گهرجي، بلڪ هيٺ منهن ڪري خشوع ۽ خضوع سان دعا گهرجي. حديث شريف ۾ دعا گهرڻ وقت آسمان ڏانهن نهارڻ کان منع ڪئي وئي آهي. حديث شريف ۾ آهي حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

لينتهين اقوام عن رفعهم ابصارهم عند الدعاءِ في الصلوٰة الي السماءِ اوليخطفن ابصارهم. (رواه مسلم)

ترجمو: "ماڻهو نماز ۾ دعا گهرڻ مهل پنهنجيون اکيون مٿي آسمان ڏانهن ڪڻڻ کان مڙي وڃن نه ته الله تعاليٰ سندن نظر کي جهپڙ ڏئي کسي ڇڏيندو."

اهڙي طرح نماز کان ٻاهر به دعا جي وقت آسمان ڏانهن نهارڻ ممنوع آهي. عالمن ان جي صراحت ڪئي آهي. البته فتاويٰ برهنه واري چيو آهي ته نماز کان ٻاهر دعا ۾ آسمان ڏانهن نهارڻ جائز آهي.

هي به ڄاڻڻ گهرجي ته جيڪڏهن ڪو امام آهي ته نماز جي دوران قعده ۾ يا نماز کان پوءِ گهريل دعا پنهنجي نفس جي لاءِ مخصوص نه ڪري، بلڪ سمورن جي لاءِ دعا گهري ۽ جمع جا صيغا استعمال ڪري. مثال طور تي "اغفرلنا وارحمنا" اي الله! اسان کي بخش ۽ اي الله اسان تي رحم ڪر، جا صيغا استعمال ڪري،[144] ته جيئن سمورا ماڻهو ان دعا ۾ شامل ٿي وڃن. ۽ امام لاءِ انهن ٻنهي جڳهن تي صرف پنهنجي لاءِ دعا گهرڻ ممنوع آهي. حضرت ثوبان رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

جيڪو شخص ڪنهن قوم جي امامت ڪرائي، ان لاءِ جائز نه آهي ته هو صرف پنهنجي لاءِ دعا گهري، جيڪڏهن ائين ڪيائين ته ان انهن سان خيانت ڪئي. (رواه ابوداۆد)

پر جيڪڏهن امام نه آهي، ته پوءِ دعا جي شروعات پنهنجي نفس کان ڪجي، ان کان پوءِ والدين جي لاءِ ۽ ان کان پوءِ سمورن مسلمانن جي لاءِ دعا گهرجي. حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنه کان روايت آهي ته جڏهن رسول الله ﷺ جن ڪنهن جي لاءِ دعا گهرندا هئا ته شروعات پنهنجي نفس کان ڪندا هئا. (رواه ترمذي)

دعا جي اول ۽ آخر ۾ درود شريف پڙهڻ گهرجي. جو درود شريف دعا جي قبوليت جو سبب آهي. حصن حصين ۾ المعجم الاوسط للطبراني کان منقول آهي ته حضرت علي رضي الله عنه جو فرمان آهي ته هر دعا تيستائين تنگيل هوندي آهي (يعني قبول نه پوندي آهي) جيستائين رسول الله ﷺ جن جي مٿان درود شريف نه پڙهيو وڃي.

حضرت عمر رضي الله عنه کان منقول آهي ته هر دعا زمين ۽ آسمان جي درميان تنگيل هوندي آهي. ان جو ڪو به حصو آسمان تي تيستائين نه چڙهندو آهي، جيستائين رسول الله ﷺ جن جي مٿان درود شريف نه پڙهيو وڃي.

هي روايت مشڪوٰة شريف ۾ بہ آيل آهي.

حصن حصين ۾ آهي تہ شيخ سليمان جو چوڻ آهي تہ دعا جي شروعات بہ درود سان ڪر ۽ ختم بہ درود تي ڪر ۽ وچ ۾ پنهنجو مقصد گهر. الله تبارڪ وتعاليٰ تنهنجي دعا قبول ڪندو.

باقي جيڪڏهن ڪو وسيلو وجهي دعا گهري ٿو مثال طور تي اسماءِ حسنيٰ يا انبياءِ ڪرام يا اولياءِ ڪرام يا ڪنهن نيڪ عمل جو وسيلو وجهي دعا گهري ٿو. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

يا ايها الَّذِينَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ (المائده: 35)

ترجمو: "اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ ڏانهس وسيلو ڳوليو."

تہ پوءِ ان صورت ۾ لفظ وسيلو جو چوڻ بہ جائز آهي. مثال طور دعا گهري اي منهنجا الله! مان تو ڪان تنهنجي محبوب ﷺ جي وسيلي يا تنهنجي ڪتاب جي وسيلي يا اسماءُ الحسنيٰ جي وسيلي يا فلاڻي نيڪ عمل جي وسيلي سوال ڪريان ٿو ۽ لفظ حرمت جو چوڻ بہ جائز آهي. البتہ لفظ "بحق" جو چوڻ جائز نہ آهي. ڇو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي مٿان ڪنهن جو حق لازم نہ آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ جيڪو بہ ڪندو آهي، اهو محض پنهنجي انعام ۽ فضل سان ڪندو آهي ۽ اهڙي طرح لفظ "باستعانت" جو چوڻ بہ جائز نہ آهي. فتاويٰ برهنہ شرح حصن حصين ڪان روايت ڪندي اها وضاحت ڪئي آهي.

دعا جي قبوليت جي لاءِ شبهي وارن شين کان بچڻ ضروري آهي ۽ اخلاص جو هجڻ ضروري آهي ۽ دعا گهرڻ ڪان اڳ ڪو نيڪ عمل ڪجي ۽ جسم ۽ ڪپڙا ۽ جڳهہ پاڪ هجي، قبلي ڏانهن منهن ڪري باادب ٿي ويهجي ۽ سيني تائين هٿ مٿي ڪڄن. دعا ڪان پوءِ ٻئي هٿ پنهنجي منهن تي گهمائجن ۽ دعا آهستي گهرجي ۽ ٻڌندڙ آمين چوي ۽ قبوليت وارن وقتن ۽ جڳهن جي رعايت رکڻ گهرجي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪو شخص پاڻ کي دعا جي جڳهہ تي درود شريف جي پڙهڻ ۾ مشغول رکندو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ ان کي دعا کان بہ وڌيڪ عطا ڪندو. حديث شريف ۾ آهي تہ هڪ دفعي حضرت اُبَيُّ ابن ڪعب رضي الله عنه پاڻ ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول ﷺ مان اوهان تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ گهران ٿو مان پنهنجي دعائن ۽ درودن جي وقتن درود شريف لاءِ ڪيترو حصو مقرر ڪريان؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيترو تنهنجي دل چاهي. مون عرض ڪيو اي الله جا رسول ﷺ هڪ چوٿائي درود جي لاءِ مقرر ڪريان؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ تو کي اختيار آهي، پر جي ان ڪان وڌائين تہ تنهنجي لاءِ بهتر آهي. مون عرض ڪيو تہ اڌ حصو درود جي لاءِ مقرر ڪريان؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ تو کي اختيار آهي. جيڪڏهن وڌائين تہ تنهنجي لاءِ بهتر آهي. مون عرض ڪيو تہ بہ ٽهايون ان لاءِ مقرر ڪريان؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو تو کي اختيار آهي، جيڪڏهن ان کان وڌائين تہ تنهنجي لاءِ وڌيڪ بهتر آهي. مون عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول ﷺ مان پنهنجو سڄو وقت درود شريف جي لاءِ مقرر ڪريان ٿو. پاڻ ﷺ جن فرمايو: تہ ان وقت تنهنجي سمورن فڪرن جي ڪفايت ڪئي ويندي ۽ تنهنجا گناهہ معاف ڪيا ويندا." (رواه ترمذي)

هي مشهور آهي تہ صلوٰة لغت ۾ دعا کي چئبو آهي. شرعي اصطلاح ۾ صلوٰة نالو آهي مخصوص ارڪانن جو، جيئن قيام، رڪوع، سجود، قعود وغيره. پوءِ مجازًا دعا جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيڻ لڳو ۽ صلوٰة نماز

۽ درود جي معنيٰ ۾ بہ مستعمل آهي ۽ هتي صلوٰة مان مراد درود شريف آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ صلوٰة الله علي النبي ۽ ملائڪن جي صلوٰة ۽ مؤمنن جي صلوٰة مان مراد ڇا آهي، ان بابت گهڻو اختلاف آهي. انهن مان وڌيڪ صحيح قول هي آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ جي صلوٰة يعني درود مان مراد خاص رحمت جو نزول آهي۽ مخلوق جي درود مان مراد الله تبارڪ وتعاليٰ کان ان خاص رحمت جي نزول جي طلب ڪرڻ آهي. پوءِ رسول الله ﷺ جن جي هن قول:

"من صلي علي عشرا صلي الله عليه مائة."

ترجمو: "جيڪو منهنجي مٿان ڏهہ ڀيرا درود پڙهندو الله تعاليٰ ان جي مٿان هڪ سؤ ڀيرا رحمت موڪليندو"

ان جي معنيٰ ٿيندي: جيڪو الله تبارڪ وتعاليٰ کان ان خاص رحمت جي نزول جي طلب ڪندو يعني ڏهہ ڀيرا چوندو "اللهم صل علي محمد" (اي الله! رسول الله ﷺ جن جي مٿان رحمت موڪل) تہ الله تبارڪ وتعاليٰ هڪ سؤ ڀيرا انَ جي مٿان رحمت موڪليندو.

الله تبارڪ وتعاليٰ جي هن قول جو مطلب بہ اهو ئي آهي. جنهن ۾ مؤمنن کي رسول الله ﷺ جن جي مٿان درود موڪلڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

يَآاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا (الاحزاب:56)

ترجمو: "اي ايمان وارؤ! اوهين بہ مٿس "صلوٰة پڙهو ۽ پوريءَ طرح سلام چئو".

ان جو مطلب آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي لاءِ ان خاص رحمت جي نزول جو سوال ۽ طلب ڪريو يعني هيئن چئو: "اللهم صل علي محمد" (يعني اي الله رسول الله ﷺ جن جي مٿان رحمت موڪل.)[146]

ان رحمت جو دنيا ۾ اثر هي آهي جو الله تبارڪ وتعاليٰ رسول الله ﷺ جن جي تعظيم ۽ رتبو بلند ڪيو آهي ۽ ان جو ذڪر بلند فرمايو آهي ۽ ان جي دين کي شرف عطا ڪيو آهي ۽ ان جي شريعت کي هميشہ لاءِ برقرار رکيو آهي ۽ آخرت ۾ رسول الله ﷺ جن کي بلند درجا عطا ڪندو ۽ شفاعت قبول ڪندو ۽ پاڻ ﷺ جن کي مقام محمود ۽ حوض ڪوثر عطا ڪندو.

لفظ صلوٰة سان رحمت جي نزول جي دعا انبياءِ لاءِ گهري سگهجي ٿي ۽ ٻين لاءِ گهري نہ ٿي سگهجي، مگر بطور تابع هجڻ جي. جيئن اللهم صل علي محمد وعلي آل محمد واصحابه.

هي جيڪو چوندا آهن تہ الله تعاليٰ جي صلوٰة مان مراد رحمت ۽ ملائڪن جي صلوٰة مان مراد استغفار جي طلب ڪرڻ ۽ مؤمن جي صلوٰة مان مراد دعا آهي، اهو ٽن طريقن سان باطل آهي. هڪ تہ هر مؤمن جي لاءِ رحمت جو سوال ڪرڻ جائز آهي. بخلاف صلوٰة جي جو اهو انبياءِ ڪرام لاءِ مخصوص آهي. جيئن اللهم صل علي محمد وعلي آل محمد كما صليت علي ابراهيم وعلي آل ابراهيم. ۽ مؤمنن جي لاءِ رحمت الله عليه چوڻ جائز آهي ۽ "صلوٰة الله عليه" چوڻ جائز نہ آهي.

۽ ٻيو قرآن مجيد جي هن آيت:

اولٰئک عَلَيْهِمْ صَلَوٰتٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرَحْمَةٌ (البقره:157)

ترجمو: "انهن کي سندن پالڻهار وٽان مهربانيون ۽ ٻاجھہ آهي"

هتي رحمة جو عطف صلوٰة تي آهي ۽ اهو مغائرة جو مقتضي آهي.

تئين ڳالهہ تہ رحمت عام آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي:

وَرَحْمَتِي وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ (الاعراف:156)

ترجمو: "۽ منهنجي ٻاجهہ سڀ ڪنهن شيءِ کي شامل آهي"

صلوٰة، الله تبارڪ وتعاليٰ جي خاص ٻانهن يعني انبياءِ لاءِ مخصوص آهي.

لغت ۾ صلوٰة دعا، استغفار ۽ رحمت جي معنيٰ ۾ ايندي آهي. جيئن قاموس ۾ آهي الصلوٰة، الدعاءَ والاستغفار والرحمة وحسن الثناءِ ۽ دعا ۽ استغفار لام سان متعدي ٿيندا آهن. جيئن "استغفر الله لي ولكم" ۽ "ادعوا الله لي ولكم" ۽ صلوٰة علي سان متعدي ٿيندي آهي نہ لام سان جيئن اللهم صل علي محمد.

جڏهن دعا علي سان متعدي ٿيندي تہ ان جي معنيٰ بددعا ۽ پٽ ٿيندي، جيئن چئبو آهي دعا عليه يعني ان لاءِ پٽ جي دعا گهريائين.

دعا لاءِ ٽي شيون شرط آهن: هڪ داعي. يعني دعا گهرندڙ. ٻيو جنهن کان دعا گهري وڃي ۽ ٽيون جنهن لاءِ دعا گهري وڃي. جيئن دعوت الله له ۽ صليت الله له چوڻ جائز نہ آهي.

ٻيو تہ دعا خير ۽ شر ٻنهي لاءِ ايندي آهي ۽ صلوٰة صرف خير جي لاءِ ئي ايندي آهي. انهن سببن جي ڪري نبين لاءِ صلوٰة بمعنيٰ دعا جي ۽ رحمت جي وٺڻ باطل آهي. انهيءَ ڪري صلواة مان مراد استغفار وٺڻ بہ غلط آهي. حموي اشباه والنظائر ۾ اها وضاحت ڪئي آهي. منهنجي استاد ميرزا خليل پنهنجي ڪتاب "عدت الجليل من مواهب الخليل" ۾ واضح ڪري لکيو آهي. ائين منهنجي ٻئي استاد مولانا نورالدين بہ ساڳي ڳالهہ چئي آهي.[147]

رحمت جا ڪيترائي درجا آهن، جيڪي الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو ڄاڻي نہ ٿو سگهي ۽ رحمت جا ڪي درجا ڪافرن کي بہ شامل آهن ۽ ڪي درجا الله تبارڪ وتعاليٰ جي اخص الخواص ٻانهن لاءِ مخصوص آهن. يعني رحمت عام آهي. باقي ان لفظن سان رحمت جي دعا گهرڻ انبياءَ لاءِ مخصوص آهي ۽ اها تخصيص لفظي آهي. تخصيص معنوي نہ آهي. جيئن لفظ جل جلاله ۽ عزوجل الله تبارڪ وتعاليٰ جي تعظيم جي لاءِ مخصوص آهي. تنهن ڪري محمد جل جلاله نہ چئبو. توڻيجو ان جي معنيٰ صحيح آهي ۽ اهڙي طرح لفظ صلوٰة جو بہ انبياءَ لاءِ مخصوص آهي ۽ اها تخصيص انبياءَ جي تعظيم جي لاءِ آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ "صلوٰة" ۽ "سلام" کي جدا جدا آندو ويو آهي، تنهن ڪري ٻنهي کي گڏڻ نہ گهرجي. باقي اهي حديثون جن ۾ صلوٰة، سلام جي ذڪر کان سواءِ آيل آهي، انهن جي تاويل هيءَ آهي تہ صلوٰة ۽ سلام ٻئي هڪ ئي شيءِ وانگر آهن، تنهن ڪري هڪ جز تي اڪتفا ڪئي وئي آهي ۽ مراد ڪل يعني ٻئي جز آهن. جيئن آيو آهي تہ جنهن "قل هو الله احد" پڙهيو تہ ان مان مراد سڄي سورة اخلاص هوندي نہ صرف قل هو الله احد جا لفظ.

جمهور عالمن جو چوڻ آهي تہ صلوٰة سمورن معصومن يعني نبين ۽ ملائڪن لاءِ جائز آهي ۽ غير معصومن لاءِ جائز نہ آهي. ڪن چيو آهي تہ غير معصومن تي صلوٰة پڙهڻ مڪروھ تنزيهي آهي، البته تبع جي لحاظ سان جائز آهي. امام ابوحنيفه، امام مالڪ ۽ امام شافعي ۽ جمهور علماءَ جو اهو ئي مذهب آهي تہ صلوٰة معصومن (يعني نبين ۽ ملائڪن) جو شعار آهي ۽ انهن لاءِ ئي مخصوص آهي. انهن جو دليل هي آهي تہ انبياءَ ۽ ملائڪن ڪان سواءِ شريعت ۾ مستقل طور ڪنهن جي لاءِ صلوٰة جو لفظ استعمال ٿيل نہ آهي. بخلاف سلام جي، جو هر مؤمن لاءِ السلام عليڪ چوڻ جائز آهي ۽ الصلوٰة عليڪ چوڻ جائز نہ آهي.

البت امامؒ احمد بن حنبلؒ وٽ هر مؤمن لاءِ مستقل طور تي صلوٰة جو لفظ چوڻ جائز آهي. جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي:

اُولٰٓىِٕكَ عَلَيۡهِمۡ صَلَوٰتٌ مِّنۡ رَّبِّهِمۡ وَرَحۡمَةٌ (البقرہ:157)

ترجمو: "انهن کي سندن پالڻهار وٽان مهربانيون ۽ ٻاجھ آهي."

الله تعاليٰ جو هي قول:

خُذۡ مِنۡ اَمۡوَالِهِمۡ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمۡ وَتُزَكِّيۡهِمۡ بِهَا وَصَلِّ عَلَيۡهِمۡ (التوبة:103)[148]

ترجمو: "سندن مالن مان زڪوٰة وصول ڪر تہ ان سان ڪين (ظاهر ۾ بہ) پاڪ ڪندو رهين ۽ ڪين (باطن ۾) سٺو ڪندو رهين ۽ مٿن رحمت جي دعا گھر."

هڪ حديث شريف ۾ حضرت عبدالله بن ابي اوفيٰ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن وٽ جڏهن اصحابي سڳورا صدقو (زڪوٰة) ڏيڻ ايندا هئا تہ انهن لاءِ چوندا هئا "اللهم صل عليهم" (اي الله! انهن تي رحمت موڪل) جڏهن منهنجو پيءُ وٽن صدقي ڏيڻ لاءِ ايندو هو تہ چوندا هئا: "اللهم صل علي آل ابي اوفيٰ" (اي الله! ابي اوفيٰ جي اولاد تي رحمت موڪل)

جمهور عالمن انهن جي تاويل هي ڪئي آهي تہ هتي صلوٰة مان مراد رحمت آهي ۽ صل بمعنيٰ ارحم جي آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي مٿان درود پڙهڻ وقت لفظ آل ان جي تابع آهي ۽ اهل سنت وارا ان جي مٿان لفظ علي جو داخل ڪندا آهن ۽ اهل تشيع وارا حرف علي جو داخل نہ ڪندا آهن. اهل سنت جو دليل اهي ظاهري حديثون آهن، جن ۾ حرف علي جو آيل آهي. اهل تشيع جو دليل اها حديث آهي، جنهن ۾ پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

من فصل بيني وبين آلي بعليٰ لم ينل شفاعتي.

ترجمو: "جنهن منهنجي ۽ منهنجي آل جي درميان عليٰ سان فاصلو ڪيو، ان کي منهنجي شفاعت نصيب نہ ٿيندي."

اهل سنت وٽ اها حديث موضوع (من گهڙت) آهي، ثابت نہ آهي.

صلوٰة جي وقت آل جو ذڪر نہ ڪرڻ جي لاءِ وعيد آيل آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

منهنجي مٿان صلوٰة البتيراءَ نہ پڙهندا ڪريو. صحابه ڪرام عرض ڪيو صلوٰة البتيراءَ ڪهڙي آهي؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو: "اللهم صل عليٰ محمد" چئي چپ ٿي وڃڻ بلڪ هيئن چوندا ڪريو: "اللهم صل علي محمد وعلي آل محمد." ڪتاب "الصواعق المحرقہ" ۾ ائين آهي. بتيراءَ لفظ ابترا جو تصغير آهي ۽ اهو مونث آهي.

تن جڳهن تي صلوٰة جو ڇڏڻ قبيح آهي. هڪ نبي اڪرم ﷺ جن جي نالي مبارڪ وٺڻ وقت. رسول الله ﷺ جن جي نالي مبارڪ ٻڌڻ وقت درود شريف پڙهڻ گهرجي. طحاوي ۽ قاضي تاج الدين وٽ اهو واجب آهي ۽ ڪرخي وٽ عمر ۾ هڪ ڀيرو پاڻ ﷺ جن تي درود پڙهڻ واجب آهي. البتہ احاديث شريف ۾ رسول الله ﷺ جن جو نالو وٺڻ وقت درود شريف نہ پڙهڻ لاءِ وعيد آيل آهن.

ٻيو رسول الله ﷺ جن جو اسم مبارڪ لکڻ وقت بہ درود شريف لکڻ گهرجي.

ٽيون خطبي ۽ ڪتابن جي ديباچي لکڻ وقت بہ بسم الله ۽ حمد کان پوءِ درود شريف لکڻ گهرجي جو حديث شريف ۾ آهي پاڻ ﷺ جن فرمايو:

جنهن ڪلام جي شروعات درود سان نہ ڪئي وڃي، اهو برڪت کان خالي هوندو آهي. (رواه ابوموسيٰ)

مواحب جي روايت موجب ابن جرير چوي ٿو هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت ابن ابي سعد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ مون وٽ جبرئيل عليه السلام آيو[149] ۽ چيائين تہ اي محمد ﷺ منهنجو ۽ تنهنجو رب فرمائي ٿو تہ ڇا تو کي معلوم آهي تہ مان ڪيئن تنهنجو ذڪر بلند ڪيو آهي؟ مون چيو: اهو الله تعاليٰ کي ئي معلوم آهي. جبرئيل چيو: الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ جڏهن منهنجو ذڪر ڪيو ويندو تہ ان سان گڏ تنهنجو ذڪر ڪيو ويندو. (الطبراني)

مٿي صلوٰة جي معنيٰ معلوم ٿي چڪي تہ صلوٰة جي معنيٰ الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان مخصوص رحمت جو نزول آهي ۽ اهو نزول هر هڪ جي مرتبي جي موافق هوندو آهي. ۽ درود شريف ۾ رسول الله ﷺ جن جي ابراهيم عليه السلام سان تشبيه ڏيڻ حضرت ابراهيم عليه السلام جي فضيلت تي ڏس نہ ٿي ڏئي ڇو تہ رحمت مخصوص درجو آهي، ۽ رسول الله ﷺ جن جامع جميع درجات آهن.

هي تشبيه متاخر الحصول آهي، سابق الحصول سان توڙي جو متاخر الحصول زياده ۽ قوي هجي، تنهن ڪري "اللهم صل علي محمد كما صليت عليٰ ابراهيم" جي معنيٰ ٿيندي اي الله! محمد ﷺ جن تي ان جي شرف ۽ فضيلت جي مطابق رحمت موڪل. جيئن ابراهيم عليه السلام تي ان جي شرف ۽ فضيلت جي مطابق تو رحمت موڪلي. توڙي جو لفظ شرف جو ذڪر ٿيل نہ آهي، پر رسول الله ﷺ جن جي شرف ۽ فضيلت جي تقاضا اها ئي آهي.

مثال طور زيد جا ڪنهن جي مٿان هڪ سؤ درهم آهن ۽ ان ساڳي ماڻهوءَ جي مٿان عمرو جا هڪ هزار درهم آهن. جڏهن اُن شخص زيد جا هڪ سؤ درهم ادا ڪيا تہ ان کي عمرو جي هڪ هزار درهم جي ادائيگي جي لاءِ چئبو "اعط حق عمرو كما اعطيت حق زيد." عمرو جو حق ادا ڪر جيئن جو تو زيد جو حق ادا ڪيو. حالانڪ عمرو جو حق وڌيڪ آهي. اتان معلوم ٿيو تہ مشبہ بہ کي مشبہ کان وڌيڪ فضيلت نہ هوندي آهي. ان جو سڄو تفصيل درود شريف جي ڪتابن ۾ مذڪور آهي. تفصيل اتي ڏسڻ گهرجي.

هي بہ ڄاڻ گهرجي تہ جيڪو شخص پاڻ کي الله تبارڪ وتعاليٰ جي ياد ۾ مشغول رکندو يا درود شريف پڙهڻ ۾ مشغول رکندو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ ان شخص کي ان کان وڌيڪ عطا ڪندو، جيڪو دعا ۾ مشغول آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمائي ٿو: جنهن شخص کي منهنجي ياد ۽ ذڪر دعا کان مشغول رکيو، مان ان کي سائل کان وڌيڪ عطا ڪندس. ۽ حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"من كان لله كان الله له"

ترجمو: "جيڪو الله جو ٿيندو، الله ان جو ٿيندو."

اهڙيءَ طرح جيڪو ماڻهو قرآن مجيد جي تلاوت ۾ مشغول رهندو، ان کي بہ الله تبارڪ وتعاليٰ سائل کان وڌيڪ عطا ڪندو. حديث شريف ۾ آهي.

حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمائي ٿو:

جنهن شخص کي قرآن مجيد جي تلاوت منهنجي ذڪر ۽ مون کان سوال ڪرڻ کان مشغول رکيو تہ مان ان کي سائل کان وڌيڪ عطا ڪندس. الله تبارڪ وتعاليٰ جي ڪلام جي ٻين ڪلامن تي فضيلت ائين آهي، جيئن مخلوق تي منهنجي فضيلت آهي. (رواه ترمذي، دارمي ۽ بيهقي.) ليڪن ترمذي هن کي حسن غريب ڪوٺيو آهي. هن حديث ۾ بہ لفظ منهنجي ذڪر ۽ منهنجي مشغل آيا آهن. هتي ذڪر مان مراد غير قرآن آهي، جيتوڻيڪ "ذڪر" قرآن جو نالو پڻ آهي. جيئن آيت مبارڪ ۾ آهي "يا ايها الذي نزل عليہ الذكرانک[150] سائلن کان وڌيڪ ڏيڻ واري قول ۾ ذاڪرين بہ شامل آهن. ڇو تہ الله تبارڪ تعاليٰ جو ڪلام پڙهندڙ کي انهن کان وڌيڪ عطا ٿيندو.

باقي جيڪو ڪن تعويذي ڪتابن ۾ لکيل هوندو آهي تہ جيڪڏهن ڪو فلاڻو عمل ڪندو يا فلاڻي دعا پڙهندو يا فلاڻو نقش پاڻ سان گڏ رکندو، ان کي فلاڻي نبيءَ جيترو ثواب ملندو يا ان کي قرآن مجيد جي ختم جو ثواب ملندو، اهي سڀ افتراءَ ۽ ڪوڙ آهن. ڇو تہ ڪو بہ غير نبي، نبيءَ جي ثواب تي پهچي نہ ٿو سگهي ۽ ڪو بہ ڪلام الله تبارڪ وتعاليٰ جي ڪلام کي پهچي نہ ٿو سگهي. رسول الله ﷺ جن کان ڪو بہ نقش ثابت نہ آهي. البت ڪن صالح عملن بابت آيل آهي تہ انهن جي ڪرڻ سان حج ۽ عمري جو ثواب ملندو. باقي سڀ افتراءَ ۽ ڪوڙ آهي. ان جو ذڪر باب ٻئي جي چوٿين فصل ۾ ٿي گذريو، تنهن ڪري انهن کان بچڻ گهرجي.

فصل ٽيون

شادي ۽ ڇڙائپ جي بيان ۾

جاڻڻ گهرجي ته ڪجهه زاهد فقراءَ ڇڙائپ ڪي شاديءَ تي ترجيح ڏيندا آهن. انهن جو چوڻ آهي ته شادي مخلوق ۽ دنياوي ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ جو نالو آهي ۽ ڇڙائپ الله تبارڪ وتعاليٰ جي اطاعت ۽ عبادت ۾ زندگي گذارڻ جو نالو آهي. تنهن ڪري ڇڙائپ شاديءَ کان بهتر آهي. انهن جو سڀ کان وڏو دليل هيٺين حديث آهي، جيڪا سنن ترمذي ابن ماجه ۽ مسند احمد بن حنبل ۾ آيل آهي. حديث جا الفاظ هن ريت آهن:

ان اغبط اوليائى عندى المؤمن خفيف الحاذ

ترجمو: "ٿورڙي سامان وارا مؤمن مون وٽ سڀ کان وڌيڪ محبوب آهن"

هن حديث مان مراد ٿوري مال ۽ ٿوري عيال وارا آهن. شيخ عبدالحق مشڪوٰة جي شرح ۾ قاموس کان ائين ئي نقل ڪيو آهي ۽ مجمع البحار ۾ آهي ته خفيف الحاذ مان مراد ٿوري عيال ۽ گهٽ شغل وارا آهن.

ڪشف المحجوب ۾ هڪ حديث آيل آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو: ته آخري زماني ۾ سڀ کان ڀلا ماڻهو خفيف الحاذ هوندا. صحابه ڪرام عرض ڪيو ته خفيف الحاذ ڪهڙا ماڻهو آهن؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو ته جنهن ڪي نه اهل هجي ۽ نه اولاد.

قوة القلوب ۾ شيخ ابوطالب مڪيءَ جي آندل عوارف المعارف ۾ هڪ ٻگهي حديث موجود آهي، جنهن جو منڍ هن ريت آهي ته حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو:

ماڻهن تي اهڙو زمانو به ايندو جو ڪنهن ديندار جو دين محفوظ نه رهندو، مگر ان ماڻهوءَ جو جيڪو هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ۽ هڪ جبل جي چوٽيءَ کان ٻئي جبل جي چوٽي ۽ هڪ پٿر کان ٻئي پٿر جي[151] طرف ڀڄندڙ هجي. جيئن دوڪيباز لومڙ ڀڄندي آهي. صحابه ڪرام عرض ڪيو ته اهڙو دور ڪڏهن ايندو؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو ته جڏهن روزگار ۽ رزق گناهه واري طريقي کان سواءِ حاصل نه ٿي سگهي. جڏهن اهڙو زمانو ايندو ته ڇڙائپ اختيار ڪرڻ جائز ٿي ويندي.

انهن بزرگن جو چوڻ آهي ته هينئر اهو زمانو اچي ويو آهي، تنهن ڪري اهي ڇڙائپ اختيار ڪرڻ ڪي جائز قرار ڏين ٿا.

انهن جو چوڻ آهي تہ نڪاح جي ڪري ڪيترائي حق لازم ٿين ٿا. مثال طور زال جي رهائش ۽ کاڌي خوراڪ جا حق، اولاد جا حق، هاڻي جيڪڏهن انهن کي حرام کاڌو کارائيندو تہ ان جو وبال هن تي ٿيندو ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ جا حق ۽ عبادت ڇڏي انهن جي کاڌي خوراڪ جي ڪمائڻ جي ڪڍ لڳندو تہ حقوق الله کي ڇڏڻ جي ڪري گنهگار ٿيندو. تنهن ڪري نڪاح ڪرڻ کان نڪاح نہ ڪرڻ بهتر آهي.

اهڙي طرح نڪاح کان پوءِ جڏهن اولاد ڄمندي تہ مٿس پنهنجي اولاد جي تعليم ڏيارڻ ۽ نيڪ ڪمن جي طرف راغب ڪرڻ ۽ برائين کان بچائڻ لازم ٿي پوندو. قرآن مجيد ۾ آهي:

يَآاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ وَاَهۡلِيۡكُمۡ نَارًا (التحريم :6)

ترجمو: ”اي ايمان وارؤ! پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر جي ڀاتين کي باهہ کان بچايو.“

مقاتل بن سليمان جو چوڻ آهي تہ انهن کي باهہ کان بچائڻ جو مطلب هي آهي تہ انهن کان نيڪ ڪم ڪرايو ۽ برائين کان بچايو ۽ انهن کي دين جي تعليم ڏيو تہ جيئن ان تي عمل ڪري جهنم جي باهہ کان بچي وڃن.

هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: خبردار! اوهان مان هر هڪ نگهبان آهي ۽ هر هڪ کان پنهنجي رعيت بابت پڇا ڪئي ويندي. بادشاهہ پنهنجي رعيت تي نگهبان آهي، ان کان پنهنجي رعيت بابت پڇا ڪئي ويندي ۽ گهر جو سربراهہ گهر جي ڀاتين تي نگهبان آهي. ان کان پنهنجي ڀاتين بابت پڇا ڪئي ويندي ۽ گهر واري مڙس جي مال ۽ اولاد تي نگهبان آهي ان کان ان بابت پڇا ڪئي ويندي ۽ ٻانهو پنهنجي مالڪ جي مال تي نگهبان آهي، ان کان اُن بابت پڇا ڪئي ويندي. خبردار! اوهان مان هر هڪ نگهبان آهي ۽ هر هڪ کان پنهنجي رعيت بابت پڇاڻو ٿيندو (رواه بخاري)

تنهن ڪري نڪاح نہ ڪرڻ بهتر آهي. جو ان ۾ اها ذميواري آهي ۽ هڪ عورت جيڪري ٽي ماڻهو جهنم ۾ ويندا. هڪ ان جو پيءُ ۽ ڀيو ڀاءُ ۽ ٽيون ان جو مڙس. الله تبارڪ وتعاليٰ اهڙي عورت کان پڇا ڪندو، ڪهڙي سبب جي ڪري تون منهنجي نافرماني ڪئي؟ اها عورت عرض ڪندي: اي منهنجا پالڻهار! مون کي خبر ئي نہ هئي تہ تنهنجي نافرماني ڇا آهي؟ ۽ فرمانبرداري ڇا آهي؟ پوءِ انهن ٽن مردن کي گهرائي، انهن کان پڇا ڪئي ويندي تہ توهان هن کي اسلام جي تعليم ڇو نہ ڏني هئي؟ اهي جواب ڏئي نہ سگهندا. تنهن ڪري انهن کي دوزخ ۾ وڌو ويندو ۽ اهڙي قسم جو مفهوم هڪ حديث ۾ پڻ آيل آهي.

نڪاح مان مقصد شهوت پوري ڪرڻ ۽ اولاد حاصل ڪرڻ آهي ۽ اولاد تڏهن ئي نافع ٿيندي، جڏهن صالح هوندي ۽ هن دور ۾ اولاد جو صالح بڻجڻ ڏاڍو مشڪل آهي. تنهن ڪري هن دور جي ڪن عالمن فتويٰ ڏني آهي تہ پنهنجي گهر واريءَ سان ان جي اجازت کان سواءِ هن دور ۾ عزل جائز آهي. فتاويٰ برهنه واري پڻ ان کي جائز قرار ڏنو آهي. تنهن ڪري زاهدن جو اهو ٽولو ڇڙائپ کي شاديءَ تي ترجيح ڏئي ٿو.

ليڪن جمهور عالمن جو چوڻ آهي تہ هر دور ۾ شادي ڪرڻ ڇڙائپ کان بهتر آهي ۽ ڇڙي رهڻ سان ماڻهو گناهن ۾ مبتلا ٿي ويندو ۽ دين جي راهہ ڇڏي شيطان جي ور چڙهي ويندو. ۽ شاديءَ جا جيڪي نقصان آهن، ڇڙائپ جا نقصان ان کان ڪيترا ئي حصا وڌيڪ آهن. تنهن ڪري ڇڙي رهڻ کان شادي ڪرڻ بهتر آهي.[152]

قرآن مجيد ۾ مؤمنن کي اکيون جهڪيون رکڻ جو حڪم آهي ۽ اکيون جهڪيون تڏهن رکي سگهبيون جڏهن شهوت ختم ٿيندي ۽ شهوت نڪاح سان ئي ختم ٿيندي آهي. قرآن مجيد ۾ اکيون جهڪيون رکڻ جو حڪم هن ريت آيل آهي:

قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ (النور:30)

ترجمو: "مؤمن مڙسن کي چئو تہ پنهنجين اکين کي هيٺ ڪن."

اهڙيءَ ريت عورت جي لاءِ حڪم آهي:

وَقُلْ لِّلْمُؤْمِنٰتِ يَغْضُضْنَ مِنْ اَبْصَارِهِنَّ (النور:31)

ترجمو: "مؤمن زالن کي چئو تہ پنهنجيون اکيون جهڪيون ڪن."

اهڙي طرح حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

يَا مَعْشَرَ الشَّبَابِ مَنِ اسْتَطَاعَ مِنْكُمُ الْبَاءَةَ فَلْيَتَزَوَّجْ فَإِنَّهُ اَغَضُّ لِلْبَصَرِ وَاَحْصَنُ لِلْفَرْجِ (رواه البخاري ومسلم)

ترجمو: "اي نوجوانن جي جماعت! جيڪي اوهان مان نڪاح جي طاقت رکن ٿا، اهي نڪاح ڪن ڇو تہ نڪاح اکين کي جهڪو ڪندڙ ۽ شرمگاه جو محافظ آهي.

اکيون جهڪيون رکڻ جو وڏو ثواب ۽ اجر آهي.

هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

ترجمو: جنهن پهرين نظر ۾ عورت جو حسن ڏسي ورتو پوءِ بہ پنهنجيون اکيون جهڪيون ڪيائين تہ اهو الله تبارڪ وتعاليٰ جي عبادت ۾ ميٺاج لهندو. (رواه احمد)

الله تبارڪ وتعاليٰ جي عبادت ۾ ميٺاج ۽ لذت حاصل ڪرڻ ولايت جو درجو آهي ۽ حديث شريف ۾ عورتن کي سڀ کان وڏو فتنو قرار ڏنو ويو آهي. حديث شريف ۾ آهي پاڻ ﷺ جن فرمايو:

ترجمو: مان پنهنجي پويان مردن جي لاءِ عورتن کان وڌيڪ ڪا آزمائش واري شيءِ نہ ڇڏي آهي. (بخاري ومسلم)

حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: عورت شيطان جي صورت ۾ ايندي آهي ۽ شيطان جي صورت ۾ موٽندي آهي. (رواه مسلم)

حضرت حذيفه رضي الله عنه کان روايت آهي. فرمائي ٿو تہ مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو فرمائن پيا: شراب گناهن جي پاڙ ۽ عورت شيطان جي رسي آهي ۽ دنيا جي محبت هر گناه جو اصل آهي مون پاڻ ﷺ جن کان ٻڌو فرمائن پيا تہ انهن کي صفن ۾ پوئتي ڪيو جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ انهن کي پوئتي ڪيو آهي. (رواه رزين)

شيطان جي رسيءَ جو مطلب آهي تہ شيطان انهن جي ذريعي ماڻهن کي گمراه ڪندو آهي ۽ ڪين انهن جي ڦند ۾ ڦاسائيندو آهي.

اجنبي عورت ڏانهن شهوت ۽ نظر بد سان ڏسڻ وڏو گناه ۽ هلاڪت جو سبب آهي ۽ گناه ۾ واقع ٿيڻ جو سبب آهي ۽ حضرت حسن رضي الله عنه کان مرسل روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: ناظر (ڏاري عورت ڏانهن ڏسندڙ) ۽ منظور اليه (جنهن عورت ڏانهن ڏٺو وڃي ۽ اها راضي هجي) ٻنهي تي الله تبارڪ وتعاليٰ لعنت فرمائي آهي. (رواه البيهقي في شعب الايمان)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: الله تبارڪ وتعاليٰ انسان جي هر شيءِ جي زنا جو حصو لکي ڇڏيو آهي، پوءِ اکين جي زنا ڏسڻ آهي، ۽ زبان جي زنا ڳالهائڻ آهي ۽ نفس ان کي سچو ڪندو آهي يا ڪوڙو ڪندو آهي. (رواه بخاري ومسلم)[153]

اهو مجازي عشق جي بيان ۾ پڻ گذري آيو ۽ انهن آزمائشن کان نڪاح کان سواءِ بچڻ ممڪن نہ آهي. ڇو تہ گهر واري مڙس جي پناهہ ۽ مڙس گهر واري جي پناهہ آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَاَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ (البقره: 187)

ترجمو: (جو) اهي اوهان جو ڍڪ آهن ۽ اوهين انهن جو ڍڪ آهيو.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: جنهن شادي ڪئي، ان پنهنجو اڌ دين مڪمل ڪيو، باقي اڌ ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄي. (رواه بيهقي في شعب الايمان)

علماءِ ڪرام هن حديث جو مطلب لکيو آهي تہ عام طور تي دين جي فساد جو سبب شرمگاهہ ۽ پيٽ هوندا آهن، جنهن شادي ڪئي، اهو شرمگاهہ جي فساد کان بچي ويو، باقي پيٽ جي معاملي ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄي يعني حلال ڪمائي کائي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ نيڪ صالح عورت دنيا جي وڏن نعمتن مان هڪ وڏي نعمت آهي. حضرت ابوامامه باهلي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

مؤمن لاءِ تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ کان پوءِ نيڪ صالح گهر واريءَ کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ شيءِ فائديمند نہ آهي. (رواه ابن ماجه)

شاديءَ جي فضيلت جو وڏو دليل هي آهي تہ شادين ۾ گهٽائي خود شرف ۽ فضيلت جي اعتبار سان آهي. انبياءِ ڪرام درجي ۾ سڀ کان وڌيڪ آهن. تنهن ڪري انهن کي گهڻن نڪاحن جي اجازت ملي. قرآن مجيد ۾ آهي:

مَا كَانَ عَلَى النَّبِيِّ مِنْ حَرَجٍ فِيمَا فَرَضَ اللهُ لَهٗ سُنَّةَ اللهِ فِي الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ (سورةالاحزاب: 38)

ترجمو: پيغمبر تي ڪا اوکائي نہ آهي، جيڪي الله ان پيغمبر لاءِ حلال ڪيو آهي، جيڪي اڳ گذريا تن ۾ (بہ) الله جو اهو دستور آهي.

انبياءِ ڪرام کان سواءِ عام آزاد مسلمانن کي چئن شادين جي اجازت مليل آهي. ان بابت الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي:

فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ مَثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ (النساء:3)

ترجمو: "زالن مان جيڪي اوهان کي وڻن سي ٻہ ٻہ، ٽي ٽي ۽ چار چار پرڻجو."

ٻانهن کي صرف ٻن شادين جي اجازت مليل آهي.

اتان معلوم ٿيو تہ گهٽيون شاديون ڪرڻ شرف ۽ فضيلت آهي. جيڪڏهن ڇڙائپ ۾ فضيلت هجي ها تہ عدد جي باري ۾ معاملو ان جي ابتڙ هجي ها. يعني انبياءِ ڪرام کي صرف ٻن شادين جي اجازت هجي ها ۽ ٻانهن کي گهڻين شادين جي اجازت هجي ها.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ انبياءِ ڪرام پڻ نڪاح ۽ شادي ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي. تانجو حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ حضرت يحييٰ عليه السلام جيتوڻيڪ اهي ٻئي پاڻ غير شادي شده هئا، پر ٻين کي نڪاح جي ترغيب ڏيندا هئا. انهن جي شادي نہ ڪرڻ ڪنهن مصلحت خاطر هئي. جيڪا الله تعاليٰ ئي ڄاڻي ٿو.

اسرار النڪاح ۾ بہ ائين ئي لکيل آهي. اهڙيءَ ريت پاڻ ﷺ جن پڻ نڪاح جي ترغيب ڏني آهي ۽ پاڻ ﷺ جن گهر وارين سان محبت رکندا هئا. حديث شريف ۾ آهي حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

حُبِّبَ إِلَيَّ مِنَ الدُّنْيَا النِّسَاءُ وَالطِّيبُ وَجُعِلَتْ قُرَّةُ عَيْنِي فِي الصَّلَاةِ (رواه احمد)

ترجمو: " دنيا مان مون لاءِ (ٽي شيون) پياريون ڪيون ويون آهن: عورتون، خوشبو ۽ ۽ نماز منهنجي اکين جو ٺار آهي."

حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن کي دنيا جون ٽي شيون محبوب هونديون هيون. هڪ کاڌو ٻيو خوشبو ۽ ٽيون عورتون. ان مان بہ شيون خوشبو ۽ عورتون (گهر واريون) حاصل ڪيائون ۽ هڪ شيءِ يعني کاڌو حاصل نہ ڪيائون. (رواه احمد)

شادي اولاد جو سبب آهي ۽ مؤمنن لاءِ اولاد جي گهڻائي امت جي ڪثرت جو سبب آهي ۽ امت جي گهڻائي جي ڪري پاڻ ﷺ جن قيامت جي ڏينهن ٻين امتن تي فخر ڪندا ۽ جيڪا شيءِ رسول الله ﷺ جن جي فخر جو سبب بڻجي، اها فضيلت ۽ شرف واري آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت معقل بن يسار رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

تَزَوَّجُوا الْوَدُودَ الْوَلُودَ فَإِنِّي مُكَاثِرٌ بِكُمُ الْأُمَمَ (رواه ابودائود ۽ نسائي)

ترجمو: "مڙس سان محبت ڪندڙ ۽ گهڻا ٻار ڄڻيندڙ عورت سان شادي ڪريو. آءٌ (قيامت جي ڏينهن) اوهان جي گهڻائيءَ تي ٻين امتن تي فخر ڪندس."[154]

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

تناكحوا توالدو وتكثروا فانى اباهى بكم الامم يوم القيامة ولو بالسقط.

ترجمو: "نڪاح ڪريو، ٻار ڄڻيو ۽ گهڻا ٿيو پوءِ بيشڪ آءٌ قيامت جي ڏينهن ٻين امتن تي فخر ڪندس، پوءِ توڙي جو اهي ٻار ڪچا ڄاول هجن."

اولاد جو ٻيو اخروي فائدو هي آهي، تہ جيڪڏهن ڪنهن جي اولاد بالغ ٿيڻ کان پهرين مري وئي تہ اها اولاد قيامت جي ڏينهن پنهنجي پيءُ ماءُ لاءِ شفاعت ڪندي. حديث شريف ۾ حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: تہ جنهن مسلمان جا ٽي ٻار مري ويا تہ الله تبارڪ وتعاليٰ انهن ٻارن جي ڪري انهن جي پيءُ ماءُ جي مٿان رحمت ۽ شفقت ڪندي انهن کي جنت ۾ داخل ڪندو. صحابه ڪرام عرض ڪيو تہ جنهن جا بہ ٻار مري ويا؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ انهن جي والدين کي بہ جنت ۾ داخل ڪندو. صحابه ڪرام عرض ڪيو تہ جنهن جو هڪ ٻار مري وڃي؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو: تہ ان جي والدين کي بہ الله تعاليٰ جنت ۾ داخل ڪندو. ان کان پوءِ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضي ۽ قدرت ۾ منهنجي جان آهي تہ ڪريل ڪچو ڄاول ٻار پنهنجي امڙ کي جنت ڏانهن ڇڪيندو (رواه احمد وابن ماجه)

حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ڪچي ڄاول ٻار جي والدين کي دوزخ ۾ داخل ڪيو ويندو تہ اهو ٻار والدين جي باري ۾ الله تعاليٰ سان جهڳڙو ڪندو ۽ پنهنجي ناڙي سان ڇڪي

انهن کي جنت ۾ داخل ڪندو. (رواه ابن ماجه)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو ته صغير ٻار (وفات ڪري ويل) جنت جا بلبل آهن جڏهن انهن جي والدين کي جهنم ڏانهن گهليو ويندو ته هي انهن کي ڪپڙي جي دامن کي چنبڙي پوندا تان ته انهن کي جنت ۾ داخل ڪندا. (رواه مسلم واحمد)

اتان معلوم ٿيو ته گنهگار مؤمنن جي صغير اولاد پنهنجي والدين کي جنت ۾ وٺي وڃڻ جو سبب آهي. اهڙي طرح صالح اولاد پنهنجي والدين جي لاءِ نافع آهي. والدين جي سٺي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ جي ڪري صالح اولاد جيڪي نيڪ عمل ڪندي، انهن عملن جو ثواب والدين کي به ملندو ۽ هنن جي اجر مان به نه ڪٽندو ۽ والدين جي مري وڃڻ کان پوءِ نيڪ صالح اولاد انهن جي لاءِ صدقه جاريه بڻجندي ۽ انهن لاءِ دعائون گهرندي رهندي ۽ انهن کي فائدو پهچندو رهندو. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو:

مؤمن کي مرڻ کان پوءِ جن عملن ۾ نيڪين جو ثواب ملندو آهي، انهن مان هڪ اهو عمل آهي، جنهن (قرآن) کي هن سکيو ۽ ٻين کي سيکاريائين ۽ صالح اولاد جيڪا هن پنهنجي پويان ڇڏي ۽ قرآن مجيد، جيڪو وارثن لاءِ ڇڏيائين ۽ اها مسجد، جيڪا هن پنهنجي زندگيءَ ۾ تعمير ڪرائي هئي ۽ مسافر خانو جيڪو مسافرن لاءِ ٺهرايو هئائين ۽ نهر جيڪا جاري ڪرائي هئائين ۽ اهو صدقو، جيڪو پنهنجي صحت [155] زندگيءَ ۾ پنهنجي مال مان ڪڍيو هئائين. انهن سڀني شين جو ثواب هن کي ان جي مرڻ کان پوءِ به ملندو. (رواه ابن ماجه والبيهقي في شعب الايمان)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو:

جڏهن انسان مري ويندو آهي ته ان جي ثواب جو سلسلو به ختم ٿي ويندو آهي. مگر ٽن شين جو ثواب ان کي ان جي موت کان پوءِ به ملندو رهندو آهي: (1) صدقه جاريه (2) اهڙو علم جنهن مان نفعو ورتو وڃي (3) اهڙي صالح اولاد جيڪا ان لاءِ دعائون گهري. (رواه مسلم)

علامه جلال الدين سيوطيؒ حديث شريف مان ڏهن شين جو استخراج ڪيو آهي جن جو مرڻ کان پوءِ به ثواب ملندو. انهن ڏهن مان هڪ اولاد صالح آهي ۽ ظاهر آهي ته اولاد نڪاح کان سواءِ حاصل نه ٿيندي. ۽ صالح اولاد جي حصول جي لاءِ هڪ طريقو حديث شريف ۾ به بيان ڪيو ويو آهي. اهو هي آهي ته گهر واريءَ سان همبستري ڪرڻ وقت اوگهڙ کولڻ کان پهريان الله تبارڪ وتعاليٰ کان شيطان جي شر کان پناهه وٺجي. اميد آهي ته الله تبارڪ وتعاليٰ ان کي صالح اولاد عطا ڪندو. حديث شريف ۾ آهي ته حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو ته جڏهن اوهان مان ڪو پنهنجي گهر واري وٽ همبستري لاءِ اچي ته هيءَ دعا پڙهي:

بسم الله اللهم جنبنا الشيطان وجنب الشيطان ما رزقتنا

ترجمو: الله جي نالي سان شروع اي منهنجا الله! تون شيطان کان اسان کي پري ڪر ۽ تون اسان کي جيڪا اولاد عطا ڪرين ان کان به شيطان کي پري ڪر.

فرمايائون: جيڪڏهن سندس انهيءَ صحبت ۾ اولاد ٿي ته شيطان ڪڏهن به ان کي نقصان پهچائي نه سگهندو. (رواه بخاري ومسلم)

سڄاڻپ جي خوف کان شادي نه ڪرڻ،انهن ماڻهن جو ڪم آهي جيڪي رزق بابت الله تبارڪ وتعاليٰ تي يقين نه ٿا رکن. حالانڪ الله تبارڪ وتعاليٰ نڪاح جي ڪري آسودائپ جو وعدو فرمايو آهي. قرآن مجيد ۾ آهي:

وَأَنْكِحُوا الْأَيَامٰى مِنْكُمْ وَالصّٰلِحِيْنَ مِنْ عِبَادِكُمْ وَإِمَآئِكُمْ اِنْ يَّكُوْنُوْا فُقَرَآءَ يُغْنِهِمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ (النور:32)

ترجمو: "۽ پنهنجيءَ (قوم) مان رنن زالن کي پرڻايو ۽ پنهنجن ٻانهن ۽ پنهنجين ٻانهين کي (بہ پرڻايو) جيڪڏهن (هو) غريب هوندا تہ الله پنهنجي فضل سان کين آسودو ڪندو ۽ الله (مهرباني ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي."

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ ٽن قسمن جي ماڻهن جي مدد ضرور فرمائيندو هڪ اهڙو مڪاتب ٻانهو جيڪو بدل الڪتابت ادا ڪري آزاديءَ جو ارادو رکي ٿو ۽ ٻيو شادي ڪندڙ جيڪو گناهن کان بچڻ جو ارادو رکي ٿو ۽ ٽيون الله تعاليٰ جي راهہ ۾ جهاد ڪندڙ. (رواه ترمذي والنسائي وابن ماجه)

۴ پاڪ دامن عيالدار الله تبارڪ وتعاليٰ جو محبوب آهي. حديث شريف ۾ آهي، حضرت عمران بن حصين رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: الله تبارڪ وتعاليٰ سوال کان بچندڙ غريب عيالدار مؤمن ٻانهن سان محبت رکي ٿو. (رواه ابن ماجه)

"اسرار النڪاح" واري نڪاح ٻڌي عورت سان جماع ڪرڻ کي جامع عبادت قرار ڏنو آهي. ان جو چوڻ آهي تہ مخلوق ۾ سڀ کان وڏيڪ عبادتگذار ملائڪ آهن ۽ ملائڪن جي هڪ جماعت قيام واري حالت ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول آهي، جو انهن کي الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان قيام جو حڪم ٿيل آهي ۽ ملائڪن جي اها جماعت قيامت تائين قيام واري حالت ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول هوندي ۽ انهن جي دائمي عبادت قيام ئي آهي ۽ اهڙي طرح ملائڪن جي هڪ جماعت رڪوع واري صورت ۾ ۽ هڪ جماعت سجدي واري صورت ۾ عبادت ۾ مشغول آهي. قيامت تائين اهي ان ۾ ئي مشغول رهندا. مطلب تہ هر هڪ جي پنهنجي عبادت آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ مؤمنن کي نماز جي صورت ۾ هڪ عبادت ڏني آهي، جيڪا ملائڪن جي سمورين عبادتن جي جامع آهي جو تہ ملائڪن جي عبادت جا جيڪي بہ جز آهن اهي سڀ نماز ۾ شامل آهن. تنهن ڪري نماز صورتًا ۽ معنًا عبادتن جو جامع آهي. اهڙي طرح منڪوحه عورت سان جماع بہ جامع عبادت آهي ۽ جيڪي شيون نماز ۾ موجود آهن اهي معنوي طور تي جماع ۾ بہ موجود آهن.

نڪاح ٻڌي عورت سان جماع ڪرڻ کان پوءِ جنابت کان غسل ڪرڻ جو ثواب ۽ فضيلت وعظ ۽ نصيحت جي ڪتابن ۾ لکيل آهي. باقي حديث جي ڪتابن ۾ ان جي ثبوت بابت معلوم نہ آهي. (والله اعلم بالصواب)

فصل چوٿون

صحبت ۽ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ جي بيان ۾

ڄاڻڻ گهرجي ته مشائخ جو هن ڳالهه ۾ اختلاف آهي ته ماڻهن سان ميل جول افضل آهي يا اڪيلائپ. جمهور فقيهن، محدثن ۽ صوفين جو چوڻ آهي ته ماڻهن سان ميل جول افضل آهي، انهن جو سڀ کان وڏو دليل اهي حديثون آهن، جن ۾ جماعت سان گڏجي رهڻ جو حڪم آهي. انهن مان ڪجهه حديثون هتي ذڪر ڪجن ٿيون. حديث شريف ۾ آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو:[156]

"يد الله علي الجماعة ومن شذ شذ في النار" (رواه الترمذي)

ترجمو: "جماعت تي الله تعالىٰ جو هٿ (مدد) آهي ۽ جيڪو جماعت کان جدا ٿيو، جهنم ۾ داخل ڪيو ويندو." (رواه ترمذي)

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي. پاڻ ﷺ جن فرمايو: (مسلمانن جي) وڏي جماعت جي ڪڍ لڳو ڇو ته جيڪو جماعت کان الڳ ٿيو ان کي جهنم ۾ داخل ڪيو ويندو. (رواه ترمذي)

هڪ حديث شريف ۾ آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"شيطان انسان جي لاءِ بگهڙ آهي، جيئن ٻڪرين جي لاءِ بگهڙ هوندو آهي ۽ اهو ان ٻڪريءَ کي وٺندو آهي، جيڪا ڌڻ کان جدا ۽ پري هجي، تنهن ڪري اوهان جماعت سان چنبڙي رهو." (رواه احمد)

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"جيڪو شخص جماعت کان هڪ گرانٺ جيترو جدا رهيو جڻ ته ان پنهنجي گردن تان اسلام جو رسو لاهي ڇڏيو."

هڪ حديث شريف ۾ آهي ته جيڪو هڪ گرانٺ جيترو جماعت کان جدا رهيو ۽ مري ويو ته اهو جاهليت جي موت تي مري ويو. (رواه بخاري ومسلم)

جماعت سان گڏ رهڻ ٻن قسمن جو آهي. هڪ صوري ٻيو معنوي. صوري ملازمت هي آهي جو ماڻهو ڪنهن اسلامي شهر ۾ جماعت سان گڏ رهي ان ۾ ڪيترائي فائدا آهن. مثال طور جماعت سان شريڪ ٿيڻ جو ثواب جمعة المبارڪ جي جماعت جو حصول، ديني تعليم جو حصول ۽ ذڪر جي مجلس وغيره ۾ شرڪت جو ثواب. ڇو ته ذڪر گناهن کان مغفرت ۽ بخشش جو ذريعو آهي.

ڪن ضروري سببن ڪان سواءِ اڪيلائپ اختيار ڪرڻ جائز نہ آهي، ان جي پوري تحقيق ڇهين باب ۾ گذري آئي.

معنوي التزام هي آهي تہ اصول ۽ فروع ۾ جماعت جي تابعداري ۽ اتباع ڪجي. تنهن ڪري جماعت سان چنبڙي رهڻ جون ڪي حديثون باب الاعتصام بالڪتاب والسنة ۾ آيل آهن ۽ علماءِ جو چوڻ آهي تہ اصول الشرع ٽي آهن "ڪتاب الله" يعني قرآن مجيد، سنت ۽ اجماع ۽ انهن ٽن تي مجتهدن جو قياس جي دارو مدار آهي ۽ ڪي حديثون امير جي اطاعت جي باب ۾ آيل آهن.

ڪن زاهدن جو چوڻ آهي تہ مخلوق ڪان اڪيلائپ اختيار ڪرڻ بهتر آهي. ڇو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي محبت ۽ معيت حضور دل سان ٿي حاصل ٿيندي آهي ۽ حضور دل تڏهن حاصل ٿيندو، جڏهن ماڻهو اڪيلائپ اختيار ڪندو، ڇو تہ دل هڪ آهي، جيستائين اها ڪنهن هڪ شيءِ ۾ مشغول هوندي، ٻئي ڏانهن مشغول ٿي نہ سگهندي ۽ هي ڳالهہ معلوم آهي تہ الله تعاليٰ جي ذات ۾ مشغول رهڻ مخلوق ۾ مشغول رهڻ ڪان بهتر ۽ افضل آهي، تنهن ڪري اڪيلائپ اختيار ڪرڻ ماڻهن جي صحبت ڪان وڌيڪ بهتر آهي.

انهن لاءِ جواب آهي تہ مخلوق جي صحبت اختيار ڪرڻ ۾ جيتوڻيڪ دل جو پورو حضور حاصل نہ ٿيندو، پر الله تبارڪ وتعاليٰ جي حڪمن جي اطاعت ڪرڻ ۽ مخلوق کي نفعو پهچائڻ اهو اڪيلائپ اختيار ڪرڻ ڪان ۽ پاڻ کي ذڪر ۾ مشغول رکڻ ڪان ڪيترائي حصا وڌيڪ آهي ۽ ان جو ثواب ان ڪان گهٽو آهي، تنهن ڪري نبوت کي ولايت تي فضيلت حاصل آهي ۽ نُبوت مخلوق کي خدائي دعوت ڏيڻ جو نالو آهي. اهڙيءَ طرح شادي ڪرڻ ڇڙائپ اختيار ڪرڻ ڪان بهتر آهي ۽ علم حاصل ڪرڻ عبادت ڪرڻ ڪان وڌيڪ بهتر آهي، جيئن حديث شريف ۾ آهي:

فضل العالم على العابد كفضلي على ادناكم

ترجمو: "عالم جي عابد تي فضيلت ائين آهي، جيئن منهنجي فضيلت اوهان مان ادنيٰ تي."

هتي صحبت مان مرادعلماءِ ۽ صلحاءِ جون مجلسون آهن. ڇو تہ ان ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ جو فائدو ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات کي سڃاڻڻ جو فائدو رکيل آهي ۽ انهن مجلسن ۾ دنيا ۽ آخرت جو[157] فائدو رکيل آهي ۽ اهي مجلسون گناهن ڪان بخشش جو ذريعو ۽ درجات جي بلنديءَ جو سبب آهن. نيڪن جي صحبت ۽ ذڪر جي مجلسن جي فضيلت جو بيان پنجين باب ۾ گذري آيو اتي ڏسڻ گهرجي ۽ نيڪن ۽ سچارن سان گڏ رهڻ جو الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن مجيد ۾ هن ريت حڪم ڏنو آهي:

يَا ايها الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللهَ وَ كُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ (التوبة:119)

ترجمو: "اي ايمان وارؤ! الله ڪان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ هجو."

يعني پنهنجن دنيا جي سمورن معاملن ۾ صورتاً ۽ معنًا عملاً ۽ اعتقاداً انهن سان گڏ هجو.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ صحبت جا ٽي قسم آهن، هڪ صحبت شيخ، ان جا ظاهري ۽ معنوي آداب آهن. انهن جو بيان ڇهين باب جي ٽئين فصل ۾ گذري آيو. ٻيو علماءِ، صلحاءِ ۽ مشائخ جي صحبت اختيار ڪرڻ، ان جا بہ ڪي آداب آهن، اهي ڇهين باب جي چوٿين فصل ۾ گذري آيا ۽ صالحن ۽ عالمن جي صحبت اختيار ڪرڻ

هڪ سٺي عادت آهي ۽ تواضع ۽ مروت اختيار ڪرڻ ۽ وڏن جي عزت ڪرڻ ۽ ننڍن تي شفقت ڪرڻ ۽ هر مسلمان جو ڏک ۾ غم ۾ ساٿ ڏيڻ ۽ همدردي ڪرڻ هڪ سٺي ڳالهہ آهي ۽ ان جي ڪري انسان ٻين جو دوست ۽ خير خواه ليکبو آهي.

صحبت جو ٽيون قسم آهي صحبت حق ۽ اها عبادتن ۾ ٻانهي جو پنهنجي رب سان حضور قلب جو نالو آهي ۽ حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت ابوهريره رضی الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلی الله علیه وسلم جن فرمايو: تہ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمائي ٿو:

انا عند ظن عبدی وانا معه اذا ذکرنی.

ترجمو: "آءٌ ٻانهي سان ان جي گمان مطابق ورتاءُ رکندو آهيان ۽ جنهن وقت مون کي ياد ڪندو آهي تہ مان ان سان گڏ هوندو آهيان."

صحبت حق کي صحبت مشائخ تي قياس ڪرڻ گهرجي ۽ صحبت جا ظاهري ۽ معنوي آد ب آهن. معنوي آداب جو مطلب هي آهي تہ هر عمل ۾ اخلاص هجي ۽ پنهنجي دل نفساني وسوسن کان پاڪ ۽ صاف رکجي ۽ ظاهري آداب جو مطلب هي آهي تہ دنيا جي ڪمن ڪارين کان خالي ٿي ذڪر ۾ مشغول ٿجي. جسم حدث ۽ جنابت کان پاڪ هجي، ڪپڙا پاڪ ۽ صاف هجن. قبلي ڏانهن منهن ڪري التحيات ۾ ويهڻ جيان باادب ٿي ويهجي. هيڏانهن هوڏانهن نہ نهارجي ۽ ان وقت الله تعاليٰ جي ذڪر کان سواءِ ٻيو ڪو بہ فڪر نہ هجي، ڪاڏي، پيتي ۾ احتياط ڪرڻ گهرجي ۽ ٿورو ڪائجي ۽ معاملات ۾ تقويٰ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪرڻ گهرجي. هي ان وقت آهي جڏهن ذڪر لاءِ فارغ ٿي ويهي ٿو. باقي هر وقت ويهڻ ۽ قبلہ ڏانهن منهن ڪرڻ مقصود نہ آهي. جهڙي حال ۾ هجي، بيٺو هجي يا ويٺو هجي يا ليٽيل هجي، هر حال ۾ ذڪر ڪندو رهي. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

الَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِهِمْ (آل عمران: 191)

ترجمو:"جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجن پاسن ڀر الله کي ياد ڪندا آهن."

۽ ٻي جڳهہ تي الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي:

فَاِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِكُمْ (النساء:103)

ترجمو: "پوءِ جڏهن نماز پوري ڪريو (تڏهن) بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجن پاسن ڀر الله کي ياد ڪريو."

باقي تقويٰ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪرڻ هر وقت ضروري آهي، ذڪر لاءِ مخصوص نہ آهي.

ان دعويٰ جو ٻيو دليل هي آهي تہ مشائخ اهل طريقت وٽ هي ڳالهہ يقين سان ثابت آهي تہ پاڻ صلی الله علیه وسلم جن هميشہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذڪر ۾ مشغول هوندا هئا ۽ رسول الله صلی الله علیه وسلم جن جي مٿان ڪڏهن بہ غفلت نہ هوندي هئي، توڻيجو ماڻهن کي خدائي دين جي دعوت ڏيندا هجن. حديث شريف ۾ پاڻ صلی الله علیه وسلم جن جو فرمان آهي:

تنام عینای ولا ینام قلبی

ترجمو: "منهنجيون اکيون ننڊ ڪنديون آهن ۽ دل جاڳندي آهي."[158]

مشائخ جو چوڻ آهي تہ الله تبارک وتعالىٰ جي ڪن عاشقن ۽ محبوبن جي اها صفت آهي ۽ پاڻ ﷺ جن الله جي سمورن عاشقن جا سردار ۽ اڳواڻ آهن. تنهن ڪري اهي ان صفت جا سڀ کان وڌيڪ حقدار آهن. چو تہ الله تعالىٰ جو ذڪر ڪڏهن لساني هوندو آهي ۽ ڪڏهن قلبي. اتان معلوم ٿيو تہ ذڪر عام آهي ۽ هتي اهو ئي مراد آهي ۽ اهو ذڪر بين ڪمن جي ابتڙ نہ آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ اوڪڙون ويهڻ کان علاوه رسول الله ﷺ جن کان ويهڻ جو هر طريقو ثابت آهي ۽ انهن مان سڀ کان وڌيڪ پلو گوڏن پر ويهڻ آهي ۽ پلٿي ماري ويهڻ جو طريقو پڻ ثابت آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت جابر بن شمره رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائي ٿو:

كان رسول الله ﷺ اذا صلى الفجر تربع في مجلسه حتى تطلع الشمس حسناءَ (رواه ابودائود)

ترجمو: "رسول الله ﷺ جن صبح جي نماز کان پوءِ پنهنجي مجلس ۾ سج جي روشن ٿيڻ تائين پلٿي ماري ويهندا هئا."

پلٿي ماري ويهڻ جو هڪ طريقو هي آهي تہ ساڄو پير کاٻي ران جي هيٺان رکجي ۽ کاٻو پير ساڄي ران جي هيٺان رکجي ۽ پلٿي ماري ويهڻ جو ٻيو طريقو هي آهي جو هڪ پير هڪ ران جي مٿان رکجي ۽ ٻيو پير ٻي ران جي هيٺان رکجي. ويهڻ جو اهو طريقو پڻ جائز آهي. حضرت عمر رضي الله عنه ائين ئي ويهندو هو. باقي جيڪي چون ٿا تہ ويهڻ جو اهو طريقو متڪبرن جو آهي، اهو مطلق نہ آهي. بلڪ ان وقت آهي جنهن وقت ٻيا سمورا ماڻهو ڪنهن ٻي طريقي تي ويٺل هجن ۽ هي ان طريقي تي ويٺل هجي. ان وقت اها تڪبر جي نشاني آهي.

احتباءَ واري طريقي تي ويهڻ پڻ ثابت آهي. احتباءَ جو طريقو هي آهي تہ ٻئي گوڏا اُڀا ڪري حلقه ٺاهي پٺيءَ کان ڪپڙو مثال طور رومال، چادر وغيره ڦيرائي پٺيءَ کي ٻڌجي. شيخ عبدالحق شرح مشڪواة ۾ ائين لکيو آهي.

حديث شريف ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن اڪثر ائين ويهندا هئا ۽ اڪثر طور تي پاڻ ﷺ جن پنهنجن هٿن مبارڪن سان احتباءَ ڪندا هئا ۽ هڪ حديث شريف ۾ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه فرمائي ٿو:

"رئيت رسول الله ﷺ بفناءِ الكعبة محتيبا بيديه (رواه البخاري)

ترجمو: "رسول الله ﷺ جن کي ڪعبة الله جي صحن ۾ پنهنجن هٿن جي ذريعي احتباءَ واري صورت ۾ ويٺل ڏٺو."

حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائي ٿو تہ جڏهن پاڻ ﷺ جن مسجد ۾ ويهندا هئا تہ پنهنجا ٻئي گوڏا اُڀا ڪندا هئا ۽ پنهنجن هٿن سان حلقو ٺاهيندا هئا. (رواه رزين)[159]

اهڙي طرح ان طريقي تي ويهڻ ڪيترين ئي حديثن مان ثابت آهي. البته مون استادن کان ٻڌو آهي تہ عورتن لاءِ احتباءَ ممنوع ۽ مڪروه آهي.

ويهڻ جو هڪ طريقو قرفصاءَ آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ ان جو طريقو هي آهي تہ گوڏا اُڀا ڪري هٿن جي ذريعي پنهنجين پنين تي حلقو ٻڌجي. ڪن جو چوڻ آهي تہ ان جو طريقو هي آهي تہ ٻئي رانون زمين تي رکجن ۽ پيٽ رانن سان ملائجي ۽ ٻنهي هٿن سان حلقو ٺاهجي ۽ ٻانهو زمين تي رکجن. حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت قيلة بنت مخرمة فرمائي ٿي:

انها رئيت رسول الله ﷺ فى المسجد وهو قاعد القرفصاءَ قالت فلما رايت رسول الله ﷺ المتخشع ارعدت من الفرق (رواه ابودائود)

ترجمو: "مون رسول الله ﷺ جن کي مسجد ۾ قرفصاءَ طريقي تي ويٺل ڏٺو. فرمائي ٿي تہ جڏهن مون رسول الله ﷺ جن کي ان طريقي سان خشوع ۽ خضوع ۾ ويٺل ڏٺو تہ آئون خوف وچان ڏڪي ويس."

حضرت قيلة رسول الله ﷺ جن کي ننڊ ۾ ڏٺو هوندو ۽ ان طريقي تي شينهن ويهندو آهي ليڪن عام طور تي ڳوڻاٽا ۽ ٻهراڙي جا ماڻهو ويهندا هئا.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ ليٽڻ جي وقت قرآن مجيد جي تلاوت ڪرڻ ۽ ٻيا ذڪر اذڪار ڪرڻ جائز آهن. احاديث شريف ۾ ليٽڻ جي وقت ڪن سورتن ۽ ڪن آيتن جي تلاوت ڪرڻ جي فضيلت آيل آهي. انهن مان ترمذي شريف ۾ هڪ حديث آهي. حضرت شداد بن اوس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ڪو بہ مسلمان بستري تي اچي ننڊ ڪرڻ کان پهريان قرآن مجيد جي ڪا سورة پڙهندو آهي تہ الله تبارڪ وتعالىٰ ان جي حفاظت جي لاءِ هڪ ملائڪ مقرر ڪري ڇڏيندو آهي. جيستائين ننڊ مان اٿندو. تيستائين ان کي ڪا بہ شيءِ تڪليف ڏئي نہ سگهندي.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اوهان مان ڪو ننڊ جو ارادو ڪري تہ پنهنجي ساڄي پاسي تي ننڊ ڪري ۽ ننڊ کان پهريان هڪ سؤ ڀيرا "قل هو الله احد" پڙهي تہ قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ ان کي فرمائيندو: "اي ٻانها! پنهنجي ساڄي پاسي کان جنت ۾ داخل ٿيءُ" (رواه ترمذي) ليڪن هيءَ حديث غريب آهي- والله اعلم بالصواب.

فصل پنجون

هن بيان ۾ تہ مئل جيئرن جو احوال ڄاڻن ٿا ۽ انهن جو ڳالهائڻ ٻڌن ٿا يا نہ ۽ قبرن جي زيارت جو بيان

ڄاڻڻ گهرجي تہ شيخ عبدالحق محدث دهلوي مشڪوٰة جي شرح ۾ باب حڪم الاسراء ۾ لکيو آهي تہ اڪثر حنفي فقيهن جو چوڻ آهي تہ مردا ڪلام نہ ٻڌندا آهن ۽ فقهاءَ باب الايمان ۾ لکيو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص قسم ڪنيو تہ مان فلاڻي ماڻهوءَ سان نہ ڳالهائيندس ۽ ان جي مري وڃڻ کان پوءِ هن ان سان ڳالهايو تہ هو پنهنجي قسم ۾ ڀڄندڙ نہ ٿيندو. ڇو تہ قسم تڏهن ثابت ٿيندو جڏهن ان سان مخاطب ٿي ڪلام ڪري ۽ خطاب تڏهن ثابت ٿيندو جڏهن مخاطب سمجهي ۽ ميت ڪا ڳالهہ نہ سمجهندو آهي ۽ ڪلام نہ ٻڌندو آهي. تنهن ڪري اهو سمجهڻ ۽ ٻڌڻ جي قابل نہ آهي. ان بابت الله تبارڪ وتعاليٰ جو قرآن مجيد ۾ هن ريت ارشاد آهي:

وَمَا يَسْتَوِى الْاَحْيَآءُ وَلَا الْاَمْوَاتُ اِنَّ اللهَ يُسْمِعُ مَنْ يَّشَآءُ وَمَآ اَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِى الْقُبُوْرِ (فاطر:22)

ترجمو: "۽ نڪي جيئرا ۽ نڪي مئا برابر ٿين ٿا. بيشڪ **الله** جنهن کي گهري تنهن کي ٻڌائيندو آهي ۽ تون کو قبر وارن کي ٻڌائيندڙ نہ آهين."

هڪ ٻي جڳهہ تي **الله** تبارڪ وتعاليٰ جو ارشاد آهي:

فَاِنَّكَ لَا تُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَلَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ (الروم :53)

ترجمو: "پوءِ (اي پيغمبرا) تون سڏ نڪي مئن کي ٻڌائي سگهندين ۽ نڪي ٻوڙن کي ٻڌائي سگهندين."

قرآن مجيد جي هي آيت ٻہ دفعا آيل آهي . سورة نمل ۾ بغير "فا" جي اِنَّكَ لَا تُسْمِعُ آيل آهي ۽ سورة روم ۾ "ف" سان آيل آهي.

هن آيت ۾ **الله** تبارڪ وتعاليٰ ڪافرن کي ڪلام جي نہ ٻڌڻ ۾ مردن سان تشبيه ڏني آهي ۽ انهن جي ٻوڙي سان تشبيہ ڏني اٿائين جو اهو ڪلام ٻڌي نہ سگهندو آهي. اتان مردن جو عدم سماع ثابت ٿئي ٿو. ڇو تہ مشبه به تشبيهہ ۾ مشبه کان وڌيڪ هوندو آهي.

حضرت عائشه رضي الله عنها جو مسلک بہ اهو ئي آهي تہ مردا ڪلام نہ ٻڌندا آهن. جڏهن حضرت عائشه رضي الله عنها مقتولين بدر سان رسول الله ﷺ جن جي ڪلام ڪرڻ واري حديث ٻڌي تہ حضرت عائشه رضي الله عنها فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن مردن کي پنهنجو ڪلام ڪيئن ٻڌائي سگهن ٿا؟ حالانڪ الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي:

وَمَآ اَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِي الْقُبُوْرِ (فاطر:22)

ترجمو: "۽ تون ڪو قبرن وارن کي ٻڌائيندڙ نہ آهين"

ان آيت جي ڪري حضرت عائشه رضي الله عنها مردن جي ڪلام ٻڌڻ جي نفي ۽ انڪار ڪري ڇڏيو. اهڙو ذڪر شيخ ابن همام ڪيو آهي، مواهب ۾ آهي جتان شيخ عبدالحق آندو آهي.

باقي محدثن، صوفين ۽ ڪن فقيهن جو چوڻ آهي تہ "مردا سمجهہ ۽ تميز رکن ٿا ۽ قسم جي بنا عرف تي آهي شريعت ۽ لغت تي نہ آهي عرف ۾ ڪلام جيئرن سان ڪيو ويندو آهي نہ مردن سان.[161]

هن آيت مان مردن جي عدم سماع جو دليل وٺڻ صحيح نہ آهي، ڇو تہ هن آيت مان مراد نفعو نہ ملڻ آهي، ڇو تہ ڪافر رسول الله ﷺ جن جو ڪلام ٻڌندا هئا. اتان معلوم ٿيو تہ تشبيہ عدم سماع ۾ نہ آهي، بلڪ فائدي نہ ملڻ ۾ آهي. يعني جهڙي طرح ڪافر رسول الله ﷺ جي ڪلام مان فائدو حاصل نہ ڪندا آهن، اهڙي طرح مردا جيئرن جي ڪلام مان فائدو حاصل نہ ڪندا آهن. ڪافرن کي فائدو نہ ملڻ انهن جي دلين تي تالا لڳڻ جي ڪري آهي. ان بابت قرآن مجيد ۾ آهي:

خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰى سَمْعِهِمْ وَعَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ (البقره:7)

ترجمو: "الله سندن دلين تي ۽ سندن ڪنن تي مهر هنئي آهي ۽ سندن اکين تي ڇوڙ (ڇڙهيل) آهي."

مئلن جو عدم انتفاع انهن جي حياتي ختم ٿي وڃڻ جي ڪري آهي. ڇو تہ حياتي زندگي ئي اڪتساب ۽ نفعي حاصل ڪرڻ جو سبب آهي. توڙيجو مرڻ کان پوءِ انهن کي نفعو نہ حاصل ڪرڻ جي ڪري پشيماني ۽ حسرت حاصل ٿيندي. قرآن مجيد ۾ آهي:

حَتّٰٓى اِذَا جَآءَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ رَبِّ ارْجِعُوْنِ ۝ لَعَلِّيْٓ اَعْمَلُ صَالِحًا (المؤمنون آيت: 99-100)

ترجمو: تانجو جنهن مهل منجهائن ڪنهن کي موت ايندو (تنهن مهل) چوندو تہ اي منهنجا پالڻهار! مون کي دنيا ۾ موٽاءِ تہ جيئن چڱا عمل ڪريان.

حضرت عائشه رضي الله عنها جو انهن آيتن مان عدم سماع جو دليل وٺڻ خطا آهي ۽ حضرت عائشه رضي الله عنها کان ڪي ڳالهيون اهڙيون ثابت ٿيل آهن، جن مان خبر پوي ٿي تہ حضرت عائشه رضي الله عنها پنهنجي ان عقيدي کان رجوع ڪيو آهي. فرمائي ٿي تہ جيستائين روضه رسول ﷺ ۾ رسول الله ﷺ جن ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آرامي هئا، تيستائين مان بنا پردي جي اتي داخل ٿيندي هيس ڇو تہ هڪ منهنجو مڙس ۽ ٻيو پيءُ هو. جڏهن حضرت عمر رضي الله عنه اتي آرامي ٿيا تہ آئون حضرت عمر رضي الله عنه جي حياءَ کان ڪپڙو ويڙهي ويندي هيس.

هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت عائشہ رضي الله عنها جي ڀاءُ حضرت عبدالرحمٰن ﷛ جي حبشي (مڪہ جي قريب هڪ جڳهہ) تي وفات ٿي تہ حضرت عبدالرحمٰن ﷛ کي اتان کڻي مڪي جي اندر دفن ڪيو ويو. جڏهن حضرت عائشہ رضي الله عنها مديني کان مڪي آئي تہ پنهنجي ڀاءُ جي قبر تي وئي ۽ چيائين:

جيڪڏهن مان تنهنجي وفات جي وقت هجان ها تہ تو کي اتي ئي دفن ڪرايان ها. جتي تنهنجي وفات ٿي هئي ۽ جيڪڏهن آئون ان وقت اتي هجان ها تہ هينئر تنهنجي قبر جي زيارت ڪرڻ نہ اچان ها. هن حديث مان معلوم ٿيو تہ ميت کي بنا ڪنهن سبب جي هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ تي منتقل ڪرڻ صحيح نہ آهي.[162] اهڙي طرح حضرت عائشہ رضي الله عنها جو پنهنجي ڀاءُ سان ڪلام ڪرڻ ۽ متين حديث ٻڌي ڏس ڏين ٿيون تہ حضرت عائشہ رضي الله عنها پنهنجي قول کان رجوع ڪيو آهي ۽ سماع موتيٰ جي قائل ٿي آهي. (شيخ عبدالحق)

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ اهل تحقيق وٽ انسان سميع، بصير ۽ عليم روح کان سواءِ ٿي نہ ٿو سگهي. پوءِ جيستائين انسان زندهہ آهي، تيستائين اهو روح جي ڪري ٻڌندڙ، ڏسندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي ۽ جسم ۽ حواس خمسہ روح جا آلات آهن. پوءِ انسان جيستائين زندهہ آهي، اهو آلات جو محتاج آهي ۽ جڏهن وفات ڪري ويو ۽ روح جسم مان نڪري ويو تہ انهن آلات جي گهرج بہ ختم ٿي ويس.

جسم کان ڌاريان روح ڏسندڙ، ڄاڻيندڙ ۽ ٻڌندڙ هو، پر الله تبارڪ وتعاليٰ آزمائش خاطر جسم کان اڳ جيڪي روح تي حالتون جاري ٿيون هيون مثال طور ميثاق وغيره انسان جي دل تان وساري ۽ ميٽي ڇڏيون تہ جيئن ايمان بالغيب واجب ٿئي. شرح حساميءَ جي تحقيق ۾ائين آهي.

بهرحال ڪيتريون حديثون ۽ سلف صالحين جا اقوال سماع موتيٰ تي ڏس ڏين ٿا. ان بابت ڪيتريون ئي روايتون آهن. انهن مان هتي ڪجهہ ذڪر ڪجن ٿيون. بخاري ۽ مسلم ۾ عذاب القبر ۾ هڪ حديث شريف آيل آهي. پاڻ ﷺ جن فرمايو:

جڏهن ٻانهي کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي، ۽ ان جا سنگتي ان کي دفن ڪري موٽندا آهن تہ هو انهن جي جتين جو آواز ٻڌندو آهي.

ٻيو جنگ بدر جي موقعي تي رسول الله ﷺ جن جي طرفان مشرڪن جي مقتولين سان ڪلام ڪرڻ بہ ان ڳالهہ جي شاهدي ڏئي ٿو. جڏهن حضرت عائشہ رضي الله عنها گهڻن اصحابن کان اها روايت ٻڌي تہ پاڻ اڳين قول کان رجوع ڪيائين، جو تہ حضرت عائشہ رضي الله عنها جنگ بدر جي موقعي تي موجود نہ هئي.

شيخ جلال الدين سيوطيؒ هڪ رسالو لکيو آهي، ان ۾ حديثون ۽ اثر آندا اٿائين. حديثون سَنَدن کان سواءِ صرف متن آندو اٿائين. اهي حديثون هتي ذڪر ڪجن ٿيون:

حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ جي قبر جي زيارت ڪندو آهي ۽ ان جي مٿان هو سلام ڪندو آهي تہ ميت ان جي سلام جو جواب ڏيندي آهي ۽ جيستائين هو ان جي قبر تي ويٺو هوندو آهي، تيستائين ميت ان مان وڌيڪ انس حاصل ڪندي آهي." (رواه ابن ابي الدنيا في ڪتاب القبور)

هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ "جڏهن ڪو مسلمان ڀاءُ جي قبر وٽان گذر ڪندو آهي ۽ هو دنيا ۾ ان جو ڄاڻو هو[163] جڏهن هي ان تي سلام ڪندو آهي تہ ميت سلام جو جواب ڏيندو آهي ۽ ان کي سڃاڻندو آهي."
(رواه ابن عبدالبر في الاستذڪار والتمهيد)

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ جڏهن ڪو ماڻهو ڄاڻ سڃاڻ واري جي قبر جي مٿان گذر ڪندو آهي ۽ ان تي سلام ورائيندو آهي تہ هو ان ڪي سلام جو جواب ڏيندو آهي ۽ ان ڪي سڃاڻيندو آهي ۽ جڏهن اڻ واقف جي ڀيو تان گذرندو آهي ۽ ان ڪي سلام ڪندو آهي تہ هو ان ڪي سلام جو جواب ڏيندو آهي. (رواه ابن ابي الدنيا في ڪتاب التبور)

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ توهان جا عمل توهان جي رشتيدارن تي پيش ڪيا ويندا آهن. پوءِ جيڪڏهن سٺا هوندا آهن تہ خوش ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن برا هوندا آهن تہ چوندا آهن اي الله! هنن کي تيستائين نہ موت ڏجانءِ جيستائين هنن کي هدايت نہ ڏئين.

ڪيترين ئي حديثن ۾ آيل آهي تہ مٽن مائٽن ۽ رشتيدارن جي نيڪين ۽ عملن جو ثواب ميتن کي ملندو آهي ۽ ميت ان تي خوش ٿيندا آهن ۽ ڪن حديثن ۾ آهي تہ سومر ۽ خميس جي ڏينهن انهن کي وارثن جي نيڪين ۽ عملن جو ثواب پهچندو آهي.

هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ ميت کي جيڪو غسل ڏيندو آهي ۽ جيڪو ان کي ڪلهو ڏيندو آهي ۽ جيڪو ان کي قبر ۾ لاهيندو آهي، ان کي سڃاڻيندو آهي.

اهڙي قسم جون ڪيتريون حديثون آهن ۽ صحيح مذهب بہ اهوئي آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ معتزلہ ۽ بعض رافضي باوجود هن جي جو اهي عذاب قبر جا قائل نہ آهن، انهن جو چوڻ آهي تہ ميت محض جماد آهي، حس ۽ ادراڪ نہ ٿو رکي، تنهن ڪري ان کي عذاب نہ ٿيندو پر پوءِ بہ اهي عدم سماع جا قائل نہ آهن.

اهي احناف جيڪي عدم سماع جا قائل آهن ۽ سماع جا منڪر آهن، انهن جو چوڻ آهي تہ ميت دنيا جي جهان کان بي خبر ۽ هن جهان کان باخبر آهي. هن جهان کان هو ٻوڙو، گونگو ۽ انڌو آهي ۽ هن جهان کان هو سميع، بصير ۽ متڪلم آهي، تنهن ڪري هو سڪرات جي وقت ملائڪ ڏسندو آهي ۽ هن جهان کان بي خبر هوندو آهي ۽ ماڻهو نہ سڃاڻيندو آهي، توڻيجو هو هن جهان ۾ موجود هوندو آهي ۽ راحت ۽ تڪليف محسوس ڪندو آهي. تنهن ڪري ميت جماد جيان بي جان شيءِ نہ آهي.

ڪي احناف وري ميت جي حقيقي حياتيءَ جا قائل آهن. فارسيءَ جي ڪن رسالن ۾ ڪن عالمن جو اهو عقيدو لکيل آهي، جئن تحفہ نصائح ۾ آهي درگور باشد زندگي چون زندگي امر نورما. يعني قبر ۾ بہ اهڙي زندگي آهي جهڙي اڄ اسان جي زندگي آهي. پر اهو عقيدو صحيح نہ آهي ۽ صحيح مذهب هي آهي تہ زندگيءَ جيان حقيقي حياتي انبياءَ ڪرام لاءِ آهي ٻين لاءِ نہ آهي ۽ معنوي حياتي اولياءَ ڪرام ۽ شهداءَ لاءِ آهي.

باقي عام ميتن کي روح جو موٽڻ کان پوءِ حياتي ملندي ۽ اها حياتي، دنياوي ۽ اخروي حياتيءَ جي مشابہ هوندي.[164]

انبياءَ ڪرام جي حياتي ڪن حديثن مان پڻ ثابت آهي.

ڪتاب عدة الخليل ۾ آهي تہ انبياءِ ڪرام پنهنجين قبرن ۾ زندہ آهن. ۽ علامہ سيوطيؒ "الانموذجة" ۾ لکيو آهي تہ مضطر لاءِ ڪنهن نبيءَ جو ميتہ کائڻ جائز نہ آهي ڇو تہ اهي زنده آهن.

اسان جو نبي ڪريم ﷺ بہ قبر ۾ زندہ آهي. نبيءَ قبر ۾ اذان ۽ اقامت سان نماز پڙهن ٿا. تنهن ڪري

چيو ويو آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي گهر وارين جي مٿان عدت لازم نہ آهي ۽ اهڙي طرح ٻين نبين جي گهر وارين جي مٿان عدت لازم نہ هئي.

مجمع البحار واري لکيو آهي تہ ڪجهہ حديثون ڏس ڏين ٿيون تہ انبياءَ ڪرام پنهنجين قبرن ۾ زندهہ آهن ۽ پنهنجي ربّ جي عبادت ۾ مشغول آهن.

بيهقيءَ جي هڪ حديث ۾ آهي تہ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: انبياءَ پنهنجين قبرن ۾ زندهہ هوندا آهن ۽ نماز پڙهندا آهن.

هڪ حديث شريف ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ منهنجو (حضرت) موسيٰ عليه السلام جي قبر وٽان گذر ٿيو ۽ اهو قبر ۾ نماز پڙهي رهيو هو.

شيخ عبدالحق "غاية المرام في فضل الصلوٰة علي سيد الانام" ۾ حضرت ابودرداءَ رضي الله عنه کان روايت آخري آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ: "جمعي جي ڏينهن منهنجي مٿان گهڻو درود پڙهندا ڪريو. ڇو تہ جمعي جو ڏينهن حاضر ڪيل آهي ۽ ان ڏينهن ملائڪ حاضر ٿيندا آهن ۽ جڏهن ڪو منهنجي مٿان درود پڙهندو آهي تہ ملائڪ اهو درود مون تائين پهچائيندا آهن. مون عرض ڪيو تہ اوهان جي وفات کان پوءِ بہ اوهان تائين ملائڪ درود پهچائيندا؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ منهنجي وفات کان پوءِ بہ ملائڪ مون تائين اوهان جو درود پهچائيندا. الله تبارڪ وتعاليٰ زمين لاءِ انبياءَ جي جسمن کي کائڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. الله جا نبي زندهہ هوندا آهن، انهن کي رزق ڏنو ويندو آهي."

شمائل محمديه عن مواهب اللدنيه ۾ ابن زبالة ۽ ابن نجار کان روايت آيل آهي تہ واقعه حره ۾ ٽي ڏينهن مسجد نبوي ۾ اذان نہ آئي ۽ ماڻهو مسجد نبوي مان نڪري ويا. البتہ سعيد بن المسيب مسجد ۾ ٿي رهيو. فرمائي ٿو تہ جڏهن مون اهو وحشت ناڪ منظر ڏٺو تہ مان گهبرائجي ويس. ان گهبراهٽ واري حالت ۾ مون روضه رسول ﷺ جي اوٽ ۾ وڃي ويٺس. جڏهن ظهر جي نماز جو وقت ٿيو تہ مون رسول الله ﷺ جن جي اذان جو آواز ٻڌو ۽ مون اهي ٽي ڏينهن هر نماز جي وقت اذان جو آواز ٻڌندو رهيس.

هڪ روايت ۾ آهي تہ واقعي حره جي موقعي تي جڏهن مسجد نبويءَ ۾ اذان بند هئي تہ حضرت سعيد بن المسيب روضه رسول ﷺ مان ٻڌل اذان جي ذريعي ئي نماز جو وقت سڃاڻندو هو.

سعيد بن المسيب وڏن تابعين مان هڪ آهي ۽ يوم الحره ان ڏينهن کي چوندا آهن. جنهن ڏينهن يزيد مديني منوره تي ڪاهہ ڪئي هئي[165] ۽ اتي خون خرابو ڪيو هيائين. انهن حديثن مان معلوم ٿيو تہ انبياءَ ڪرام پنهنجين قبرن ۾ زندهہ آهن.

مٿي ذڪر ٿي چڪو تہ اڪثر عالم حياة انبياءَ جا قائل آهن. اتان معلوم ٿيو تہ ڪجهہ عالم ان جا قائل نہ آهن. البتہ ڪن ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ حياة انبياءَ تي امت جو اجماع آهي، ڪنهن جو بہ اختلاف نہ آهي.

باقي حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان هڪ روايت آيل آهي، جيڪا حياة انبياءَ جي خلاف ڏس ڏئي ٿي. حديث جا الفاظ هن ريت آهن:

ما من احد يسلم علي الارد الله علي روحي حتي ارد عليه السلام (ابودائود)

ترجمو: "جڏهن ڪو منهنجي مٿان سلام ڏيندو تہ الله تعاليٰ منهنجي روح کي موٽائيندو تانجو آءٌ ان کي سلام جو جواب ڏيندس."

هن حديث جو جواب هي ڏنو اٿائون تہ روح جي موٽڻ مان مراد عالم ملڪوت جي مشاهده ۽ استغراق ۽ عبادة جي لذت کان سلام ڏانهن متوجه ٿيڻ آهي، ڇو تہ انبياءَ تي صرف هڪ دفعو موت ايندو آهي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ (سورة آل عمران:185)

ترجمو: "سڀ ڪو جي موت (جو مزو) چکيندڙ آهي.

ان کان پوءِ انهن جا روح جسم ۾ موٽي ايندا آهن. پوءِ انهن جي اها حياتي هن حياتي جيان آهي، کاڌي پيتي وغيره ۾. پر دنيا جي حياتي کاڌي پيتي تي موقوف آهي ۽ اها حياتي کاڌي پيتي تي موقوف نہ آهي ۽ هن حياتي ۾ بيماري وغيره لاحق ٿي سگهي ٿي ۽ ان حياتي ۾ بيماري لاحق نہ ٿيندي. اهڙي طرح عبادة جي حق ۾ پڻ اها حياتي هن حياتي جيان آهي، پر فرق هي آهي تہ اتي ڪا عبادت فرض يا واجب نہ آهي ۽ اتان جي سموري عبادت مثال طور نماز، روزه وغيره سڀ ڪجهہ صرف عبادت جي لذت ۽ ميٺاج حاصل ڪرڻ جي لاءِ هوندي.

توڙي جو اها حياتي هن حياتيءَ وانگر آهي. پر پوءِ بہ اڪين سان ان جو مشاهدو ٿي نہ ٿو سگهي. جيڪڏهن ڪنهن نبيءَ جي ڪا قبر کوٽي ڏسجي تہ اُن حياتيءَ جو مشاهدو نہ ٿو ڪري سگهي. تنهن ڪري جلال الدين سيوطي رح چيو آهي تہ نبيءَ جو ميتہ کائڻ جائز نہ آهي. جيئن مٿي گذري آيو. ڇو تہ ظاهر ۾ هر حس ميته جيان هوندي آهي. ان جي حقيقت مڪاشفه وارن تي ئي کلندي ۽ ان کان سواءِ ٻيا معلوم ڪري نہ سگهندا، ڇو تہ اها حياتي هن جهان جي آهي، هن جهان جي نہ آهي. قبر وارو دور هن جهان مان آهي، تنهن ڪري هن جهان ۾ ان جو مشاهدو ڪري نہ ٿو سگهجي. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪنهن راحت ۽ انعام ۾ رهندڙ جي قبر کوٽي بہ تہ ان جا انعام ۽ اڪرام ڏسي نہ سگهبا. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن عذاب ۾ ورتل ماڻهوءَ جي قبر کوٽبي تہ ان جو عذاب ۽ تڪليف بہ ڏسي نہ سگهبي.

ننڊ عالم مثال آهي، تنهن ڪري ننڊ ۾ انبياءَ کي ڏسڻ صحيح آهي. ان جو پورو تفصيل عالم مثال جي بيان ۾ گذري آيو.[166]

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ وفات کان پوءِ انبياءَ جا روح هميشہ انهن جي جسمن سان گڏ نہ رهندا آهن، پر جڏهن هو عبادت ڪرڻ گهرندا آهن تہ انهن جا روح جسم ڏانهن موٽي ايندا آهن. ائين اهي جسم ۽ روح سان گڏ الله تعاليٰ جي عبادت ڪندا آهن ۽ ڪڏهن انهن جا ارواح جسم مان نڪري ويندا آهن. پوءِ اهي روح انهن جي جسمن جي صورت يا ڪا ٻي صورت وٺندا آهن ۽ جنتن جا سير ڪندا آهن. ۽ اتان غذا کائيندا آهن ۽ قناديل جيڪي عرش جي هيٺان لٽڪيل آهن، انهن ۾ داخل ٿي ويندا آهن ۽ اهو تناسخ نہ آهي، بلڪ ڪمال آهي. ڇو تہ تناسخ چئبو آهي هڪ جسم جو روح ٻي جسم ۾ داخل ٿي وڃي. هتي ٻيو جسم جيڪو پکيءَ جي صورت ۾ آهي، اهو جسم نہ آهي، بلڪ عين روح آهي، جيڪو پکيءَ جي صورت ۾ آهي. جن حديثن ۾ چيل آهي تہ روح پکين جي پيٽن ۾ داخل ٿي ويندا آهن، انهن حديثن جي اها ئي تاويل آهي، جنهن جو ذڪر مٿي گذري چڪو. شيخ عبدالحق شرح مشڪواة ۾ ائين لکيو آهي. بلڪ اها حالت تہ فنا جي درجي تي پهتلن کي بہ حاصل ٿيندي آهي ۽ جيڪڏهن ائين آهي، تہ پوءِ انبيا لاءِ ايئن ڇو نہ هوندو. عين الحياة ۾ علامہ قصيري رح جو چوڻ آهي تہ قوة انسلاخ (روح جي ٻي جسم ۾ منتقل ٿيڻ جي صلاحيت) جيڪري ڪامل انسانن جا روح محسوس شڪل

ڪانسواءِ ٻيون شڪليون بہ وٺندا رهندا آهن ۽ وفات ڪانپوءِ پڻ اهي شڪليون وٺندا رهندا آهن. ڇو تہ روح جي بدن کان جدا ٿيڻ جيڪري انهن ۾ اها صلاحيت وڌيڪ وڌندي آهي. اهي ملڪوتي عالم ۾ ائين داخل ٿيندا آهن جيئن هن جهان ۾ ملائڪ داخل ٿيندا رهندا آهن. ان جو پورو تفصيل "طائفہ اويسہ" ۾ گذري آيو.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ علماءِ حق جي جماعت جو چوڻ آهي تہ شهداءِ ۽ اولياءَ الله تعاليٰ هن دنيا جي حياتيءَ کان پوءِ انهن کي بہ قبرن ۾ زندگي ملندي آهي، ۽ اهي قبرن ۾ انبياءَ جيان عبادت ۾ مشغول هوندا آهن ۽ انهن جا ارواح سبز پکين جي پيٽ ۾ وڌا ويندا آهن. ۽ جنت جو سير ڪندا آهن ۽ جنت ۾ ڪائيندا پيئندا آهن. ۽ رات جو عرش جي هيٺان لٽڪيل قنديل، وٽ ايندا آهن. ان بابت الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي:

وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ اَمْوَاتٌ بَلْ اَحْيَآءٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ (البقره: 154) [167]

ترجمو: "۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُسن تن کي مئل نہ چئو بلڪ (اهي) جيئرا آهن، پر اوهين نہ ٿا پروڙيو."

وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللهِ اَمْوَاتًا بَلْ اَحْيَآءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ (آل عمران: 169)

ترجمو: "۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُٺا ويا تن کي مئل پٽيءَ نہ ڀانءِ بلڪ (اهي) جيئرا آهن، ۽ پنهنجي پالڻهار وٽ روزي ڏنل آهن."

ڪن جو چوڻ آهي تہ هي ظاهري نصوص اهڙي شهيدن جي باري ۾ آهن، جن کي ڪافرن قتل ڪيو آهي. البتہ هن ۾ اهڙا شهيد بہ اشارتاً شامل آهن، جيڪي محبت جي ترار جي اثر ۾ فنا ٿي ويا آهن. جيئن ارشاد باري تعاليٰ آهي. ان الله يحول بين المرو قلبه...... (الانفال: 24)

ترجمو: "بيشڪ الله تعاليٰ ماڻهوءَ ۽ سندس دل جي وچ ۾ اوٽ آهي."

الا ان اولياءَ الله لا يموتون ولكن ينتقلون من دار الٰى دار اخرىٰ

ولين جي باري ۾ آيل آهي تہ ولي مرندا نہ آهن، بلڪ هڪ جهان کان ٻئي جهان ڏانهن منتقل ٿيندا آهن. ۽ جڏهن شهيدن کي اهو مرتبو حاصل آهي تہ پوءِ ولين کي اهڙو درجو حاصل ڇو نہ ٿيندو، ڇو تہ ولين جو درجو صديقن جهڙو آهي ۽ صديق شهيد کان مٿي آهن. قرآن مجيد ۾ اڳ ۾ صديقن جو مرتبو بيان ڪيو ويو آهي، قرآن مجيد ۾ آهي:

فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالصّٰلِحِيْنَ وَحَسُنَ اُولٰٓئِكَ رَفِيْقًا (النساء:69)

ترجمو: "انهن سان گڏ رهندڙ آهن، جن تي الله فضل ڪيو (يعني) پيغمبر ۽ صديق ۽ شهيد ۽ صالح ۽ اهي چڱا سنگتي آهن."

اهو ان ڪري چاڪاڻ تہ هنن کي امر ڪيو ويو آهي ۽ هنن پنهنجي لاءِ محبت جي تلوار سان مرڻ جو اختيار قبول ڪيو آهي "موتوا قبل ان تموتوا!"

۽ جمهور جو چوڻ آهي تہ شهيدن ۽ ولين جي حياتي معنوي آهي، اهي جنت جون نعمتون ۽ نفعا حاصل ڪن ٿا ۽ جنت جا ميوا کائن ٿا ۽ انهن جا روح سبز پکين جي گجن ۾ رهن ٿا. حديثن مان اهو ئي ثابت آهي.

باقي انبياءَ جيان انهن جي حقيقي حياتي ثابت نہ آهي. جيڪي پنهنجي قبرن ۾ زنده آهن ۽ نماز ۽ اذان ادا ڪن ٿا ۽ عبادت ۾ مشغول آهن. عقيده معينيہ ۽ درهم الڪيس ۾ آهي تہ شهيدن جا روح انهن جي جسمن مان نڪري جنت جي ساون پکين جي پيٽ ۾ وڃن ٿا ۽ اتي ڪائن پيئن ٿا.

رسالة المعراجية ۾ هڪ حديث آيل آهي تہ پاڻ ﷺ جن جو فرمان آهي تہ جڏهن مان ارواح جي مقام ڏانهن آيس تہ مون اتي آسمان جي ستارن جيترا قنديل لٽڪيل ڏٺا. مون پڇا ڪئي تہ هي قنديل ڇا جا آهن؟ مون کي چيو ويو تہ اي الله جا رسول ﷺ! هي نبين، ولين ۽ مؤمنن جا روح آهن.

حضرت مسروق فرمائي ٿو تہ هڪ ڀيري اسين حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان هن آيت: "وَلَا تَحۡسَبَنَّ الَّذِيۡنَ قُتِلُوۡا فِيۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ اَمۡوَاتًا ؕ بَلۡ اَحۡيَآءٌ" بابت پڇا ڪئي تہ ان جو مطلب ڇا آهي؟ تنهن تي حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمايو تہ اسين ان بابت رسول الله ﷺ جن کان پڇا ڪئي هئي. پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ شهيدن جا روح ساون پکين جي گجيءَ ۾ هوندا آهن. جيڪي عرش جي هيٺان قنديلن ۾ لٽڪيل هوندا آهن. جنت ۾ جتي چاهيندا آهن، اتي سير ڪندا آهن. پوءِ انهن قنديلن ۾ ايندا آهن. پوءِ الله تبارڪ وتعاليٰ انهن ڏانهن متوجه ٿيندو آهي ۽ انهن کي فرمائيندو آهي تہ ڇا اوهان کي ڪنهن شيءِ جي طلب آهي؟ اهي چوندا آهن تہ اسان کي اڃان ٻيو ڇا گهرجي؟ جنت ۾ جتي چاهيون اتي گهمي رهيا آهيون. ٽي ڀيرا انهن کي ائين چيو ويندو. جڏهن هو محسوس ڪندا تہ اسان کي ڪنهن شيءِ جي طلب ڪرڻ کان سواءِ نہ ڇڏيو ويندو تہ اهي چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان جو ارادو آهي تہ اسان جي روحن کي ٻيهر جسم ۾ وڌو وڃي تہ جيئن ٻيهر تنهنجي راهہ ۾ وڙهي شهيد ٿيون. ان کان سواءِ جڏهن ٻي ڪنهن بہ شيءِ جي تمنا نہ ڪندا تہ انهن کي پنهنجي حال تي ڇڏيو ويندو (رواه مسلم)

شهيدن جو هي چوڻ تہ اسان جا روح اسان جي جسم ۾ ٻيهر وڌا وڃن. اهو ڏس ڏئي ٿو تہ انهن کي حقيقي حياتي ميسر نہ هوندي.[168]

حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: تہ احد جي ڏينهن جڏهن اوهان جا ساٿي شهيد ٿي ويا تہ الله تبارڪ وتعاليٰ انهن جا روح سبز پکين جي گجن ۾ وڌا ۽ اهي جنت جا ميوا کائي رهيا آهن. اهي سون جي قنديلن ۾ جيڪي عرش جي ڇانو ۾ لٽڪيل آهن، انهن ۾ رهن ٿا. جڏهن انهن جنت ۾ عمدو کاڌو پيتو حاصل ڪيو تہ اهي تمنا ڪرڻ لڳا تہ جيڪر ڪو اسان جي ڀائرن کي ٻڌائي تہ اسين جنت ۾ زنده آهيون. تان تہ اهي بہ جنت جي تڙپ رکن ۽ لڙائيءَ سان شوق ۽ رغبت رکن. تنهن تي الله تعاليٰ فرمايو: آئون پاڻ اوهان جي طرفان انهن تائين اهو پيغام پهچايان ٿو ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي:

وَلَا تَحۡسَبَنَّ الَّذِيۡنَ قُتِلُوۡا فِيۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ اَمۡوَاتًا ؕ بَلۡ اَحۡيَآءٌ - الخ (رواه ابودائود)

اهي ٻئي حديثون معنوي حياتيءَ تي ڏس ڏين ٿيون.

ان بابت شيخ جلال الدين سيوطيؒ پڻ رساله الارواح ۾ سندن سان ڪجهہ حديثون آنديون آهن ۽ اهي صحيح سندن سان صحيح حديثن مان ثابت آهن ۽ هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ شهيد جنت جي دروازي تي سبز خيمي ۾ رهندا آهن. انهن کي صبح ۽ شام جنت مان رزق ڏنو ويندو آهي.

ڪن هنن حديثن مان تناسخ ثابت ڪرڻ جو دليل ورتو آهي، انهن جو اهو دليل وٺڻ صحيح نہ آهي، ڇو تہ تناسخ ڇئبو آهي روح جو ٻئي جسم ۾ منتقل ٿيڻ کي ۽ هتي اهو روح ۽ پکيءَ جو جسم جدا هوندو آهي. الله تبارڪ وتعالىٰ جنهن وقت بہ چاهي، انهن کي جدا ڪري سگهي ٿو، جيئن موتي سپ ۾ بند هوندو آهي. اهڙي طرح شهيدن جا روح بہ پکيءَ ۾ بند هوندا آهن.

ڪن چيو آهي تہ شهيدن جا روح خود پکيءَ جي شڪل وٺندا آهن. پر اهو ظاهر حديث جي خلاف آهي، ڇو تہ حديث جو ظاهر ڏس ڏئي ٿو تہ انهن جا روح پکين جي گجن ۾ هوندا آهن.

شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي تہ جيتوڻيڪ اهي ظاهر ۾ پکي هوندا. پر انهن جون صفتون انسانن جهڙيون هونديون.

شهيد ۽ ولي حقيقي حياتي نہ ٿا رکن. تنهن ڪري انهن جون گهر واريون انهن جي وڃڻ کان پوءِ عدة گذرڻ کان پوءِ سمورن مسلمانن لاءِ حلال آهن.[169] بخلاف انبياء ڪرام جي گهر وارين جي جو نبيءَ جي وڃڻ کان پوءِ اهي ڪنهن جي لاءِ حلال نہ آهن.

باقي صحيح مسلم شريف ۾ جيڪا حديث آيل آهي تہ مجاهدن جون گهر واريون پوين تي ائين حرام آهن، جيئن انهن جون مائرون انهن تي حرام آهن. هن حديث جو مطلب مجاهدن جي گهر وارين کان پاسو ڪرڻ لاءِ مبالغو مقصود آهي. يعني انهن سان انهن جي نڪاح ۾ هوندي ڪنهن بہ قسم جي هٿ چراند نہ ڪيو. باقي اها حديث ابدي حرمت تي ڏس نہ ٿي ڏي.

باقي جيڪي ماڻهو چوندا آهن تہ فلاڻي شهيد جي گهر واريءَ کي ان جي شهيد ٿي وڃڻ کان پوءِ ان مان پيٽ ٿيو. يا فلاڻي شهيد جي قبر مان آواز اچي رهيو آهي، اهو هڪ قسم جو تاهيل ڪوڙ آهي.

باقي مطيع مؤمنن جا روح جنت جي احاطي ۾ هوندا آهن، ۽ هو جنت جو نظارو ڪندا آهن، پر اهي جنت جون نعمتون واپرائي نہ سگهندا ۽ نہ ڪائي پي سگهندا ۽ نہ نفعو حاصل ڪري سگهندا. مؤطا امام مالڪ ۾ هڪ حديث آهي تہ مؤمنن جا روح پکيءَ جي صورت ۾ جنت جي وڻن ۾ ٽنگيل هوندا آهن، تان تہ قيامت جي ڏهاڙي الله تعالىٰ انهن کي جسمن ڏانهن موٽائيندو. ان کي روايت ڪيو آهي شافعي امام مالڪ کان ۽ بنهاني وغيره کان ۽ طبراني معجم الڪبير ۾ حسن سند سان انهيءَ معني ۾.

بيهقيءَ جي هڪ روايت ۾ آهي تہ مؤمن جو روح جنت ۾ جتي چاهيندو آهي اتي سير ڪندو آهي.

هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ مؤمن جو روح سبز پکيءَ جي گجيءَ ۾ هوندو آهي ۽ جنت ۾ جتي چاهيندو آهي، اتي ڪائيندو پيئندو آهي.

هنن حديثن مان انهن جو جنت ۾ سير ڪرڻ ۽ کاڌو پيتو وغيره ڪائڻ پڻ ثابت ٿيو.

هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ مؤمنن جا روح ستين آسمان تي هوندا آهن. ۽ جنت ۾ پنهنجي جڳهہ ۽ مقام ڏسندا آهن. (رواه ابونعيم)

ڪن حديثن ۾ جنت جي ميون ڪائڻ جو بہ ذڪر ٿيل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ان مان مراد شهيدن ۽ ولين جا روح هجن.

ڪن روايتن ۾ آهي تہ چوٿين آسمان تي هڪ جڳهہ آهي جنهن کي "البيضاء" چيو وڃي ٿو. ان ۾

مؤمنن جا روح گڏ ٿيندا. هي سڀ حديثون مرفوع آهن ۽ سيوطي پنهنجي رسالي ۾ ائين آڻي ٿو تہ. هن کي ٻيون موقوف حديثون بہ آنديون آهن.

بيهقي دلائل النبوة ۾ هڪ مرفوع حديث آندي آهي تہ مؤمنن جا روح عليين ۾ هوندا.

عرف ۾ عليين جون چند معنائون آهن، صالحن جي اعمال نامي کي بہ عليين چئبو آهي. هن جڳهہ تي اها مراد نہ آهي ۽ ستين آسمان ۽ ڪرسيءَ کان مٿي فوق العرش تائين کي بہ عليين چئبو آهي.

باقي نافرمان مؤمنن جا روح زمين ۽ آسمان جي درميان فضا ۾ هوندا. درهم الڪيس ۽ جلال الدين سيوطي رسالہ ارواح ۾ هنن جو الڳ ذڪر نہ ڪيو آهي. [170]عقيده معينيه ۾ پڻ ائين ئي آيل آهي.

ڪافرن ۽ منافقن جا روح سياه پکين جي پيٽ ۾ داخل ٿي ويندا ۽ اهي سجين ۾ هوندا ۽ سجين ستن زمينن کان هيٺان آهي. درهم الڪيس ۽ عقيدة المعينيه ۾ ائين ئي آيل آهي. بيهقي ۽ طبرانيءَ جي حديث ۾ بہ ائين ئي آيل آهي. پر سجين جو تعين ان حديث ۾ آيل نہ آهي.

حضرت علي ﷺ ۽ ابن عباس ﷺ جو فرمان آهي تہ الله تعاليٰ وٽ زمين مان سڀ کان وڌيڪ مبغوض ٽڪرو هڪ وادي آهي، جنهن جو نالو "برهوت" آهي. ڪافرن جا روح اتي هوندا. (رواه ابن ابي الدنيا)

۽ حضرت عبدالله بن عمر ﷺ کان منقول آهي تہ ڪافرن جا روح حضرموت ۾ برهوت جڳهہ تي گڏ ٿيندا.

باقي مؤمنن جي ٻارن جا روح ڪٿي هوندا؟ ان بابت ڪتابن ۾ ڪو تفصيل آيل نہ آهي. البتہ امام احمد بن حنبل ۾ حضرت ابوهريره ﷺ کان هڪ روايت آيل آهي، تہ مؤمنن جي اولاد جا روح جنت جي هڪ جبل ۾ هوندا. حضرت ابراهيم ۽ ساره انهن جي ڪفالت ڪندا تان تہ قيامت جي ڏينهن والدين کي واپس ڪيا ويندا.

هڪ روايت ۾ آيل آهي تہ مسلمانن جي ٻارن جا روح جنت جي پکين ۾ هوندا.

هن سڄي بحث مان معلوم ٿي چڪو تہ وفات کان پوءِ انبياءَ کي حقيقي حياتي ۽ شهيدن ۽ ولين کي معنوي حياتي ملندي آهي ۽ باقي مؤمنن کي وفات کان پوءِ قيامت کان پهريان حياتي نہ ملندي. توڙيجو انهن جا روح شعور ۽ حس رؤيت ۽ سماع رکن ٿا.

ڪن سوال اٿاريو آهي تہ جيڪڏهن مؤمن مطيع ۽ نافرمان مؤمن ۽ ڪافر کي ڪا حياتي نہ ملندي تہ پوءِ اهي راحت ۽ نعمت ۽ عذاب ۽ تڪليف ڪيئن محسوس ڪندا ۽ منڪر نڪير جو جواب ڪيئن ڏيندا ۽ عذاب قبر جيڪو نص قطعي سان ثابت آهي، اهو بنا حياتيءَ جي ڪيئن ثابت ٿيندو؟ انهن لاءِ جواب آهي تہ اهو الله تبارڪ وتعاليٰ جي قدرت جي آڏو بعيد ۽ محال نہ آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ هن ڳالهہ تي قادر آهي جو پٿر ۽ وڻ کي حياتي عطا ڪري ۽ اهو رنج ۽ راحت محسوس ڪري ۽ اسرار الٰهيءَ ۾ عرف ۽ عادت کي اعتبار نہ آهي. جو تہ اسين ظاهر ۾ ڏسي نہ ٿا سگهون تہ هر موجود شيءِ ڪنهن نہ ڪنهن طرح حياتي رکي ٿي ۽ هر شيءِ الله تعاليٰ جي تسبيح بيان ڪري ٿي حالانڪ قرآن مجيد ۾ آهي:

وَاِنۡ مِّنۡ شَیۡءٍ اِلَّا یُسَبِّحُ بِحَمۡدِهٖ وَلٰـكِنۡ لَّا تَفۡقَهُوۡنَ تَسۡبِيۡحَهُمۡ(بني اسرائيل:44)

ترجمو: "۽ ڪا (بہ) شيءِ سندس ساراهہ سان گڏ پاڪائي بيان ڪرڻ کان سواءِ نہ آهي، پر (اوهين) سندس تسبيح نہ سمجهندا آهيو."

هي بيان نفس طبعي ۽ نفس نباتي جي سلسلي ۾ واضح طور بيان ٿي چڪو[171]

انهيءَ ڪري اهو جائز آهي تہ الله تبارڪ تعالىٰ بغير روح جي ان جي جسم ۾ حياتيءَ جو ڪو بہ قسم پيدا ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري اهو هن حياتيءَ ڪان سواءِ منڪر نڪير جي سوالن جا جواب ڏيندو ۽ رنج ۽ راحت محسوس ڪندو ۽ صحيح حديثن مان ثابت آهي تہ جنن ۽ انسانن ڪان سواءِ ٻي هر شيءِ عذاب قبر ٻڌندي آهي. تنهن ڪري ان تي ايمان آڻڻ واجب آهي ۽ ان جو انڪار بدعت ۽ ڪفر ڏانهن پهچائيندڙ آهي. تنهن ڪري اسان کي آمنا وصدقنا چوڻ گهرجي.

پر اها زندگي حقيقت ۾ مماتي آهي ۽ هتي اسان جو مقصد حقيقي زندگي آهي. جيڪا انبياءَ عليهم السلام کي ملندي تان تہ اهي جسم سان الله تعالىٰ جي عبادت ڪندا ۽ معنوي زندگي، جيڪا اولياءَ ۽ شهداءَ کي ملندي تان تہ اهي جسماني طور جنت جون نعمتون ۽ لذتون ماڻيندا. شايد اولياءَ مان مراد عام ولايت آهي، تنهن ڪري مطيع مؤمن بہ ان ۾ شامل ٿي ويندا. تنهن ڪري معنوي زندگيءَ جو مقام مطيع مؤمنن کي بہ ماندو ۽ اهي بہ جنت جي ڪاڻ مان لطف اندوز ٿيندا. ڪي حديثون پڻ ان ڳالهہ جو ڏس ڏين ٿيون. پوءِ ان اعتبار سان معنوي زندگي نافرمان مؤمنن ۽ ڪافرن کي نہ ملندي. توڙيجو انهن کي هڪ قسم جي حياتي ميسر ٿيندي. اها ڪهڙي قسم جي حياتي هوندي. ان جي حقيقت الله ۽ سندس رسول ﷺ ئي ڄاڻي ٿو. ٻيو ڪو ان جي حقيقت ڄاڻي نہ ٿو سگهي ۽ اها حياتي دنياوي حياتي ۽ اخروي حياتي ۽ انبياءَ ڪرام ۽ اولياءَ ڪرام جي حياتي جي اعتبار سان عين مماتي هوندي. ان اعتبار سان اها حياتي نہ هوندي.

باقي انهن کي قبر جو عذاب صرف جسم کي ٿيندو يا صرف روح کي ٿيندو يا ٻنهي کي گڏي ٿيندو يا انهن جي روح کي سجين ۾ ٿيندو يا برهون ۾ ٿيندو يا زمين ۽ آسمان واري فضا ۾ ٿيندو. اهڙي طرح منڪر نڪير جي سوال ڪرڻ وقت ميت جو روح موٽي ايندو يا نہ يا روح ان ۾ حلول ڪندو يا ان جي سامهون ايندو. ان بابت تمام ڊگهو بحث آهي. جيڪو علم ڪلام ۽ حديث جي شرحن ۾ تفصيل سان آيل آهي ۽ ان بابت مستقل ڪتاب لکيل آهن. اهو بحث اتي ڏسڻ گهرجي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪي سماع موتىٰ جا منڪر آهن، انهن جو چوڻ آهي تہ قبر وارن ڪان ڪنهن بہ قسم جو نفعو وٺڻ ممڪن نہ آهي، البتہ انهن مان ڪن جو چوڻ آهي تہ انبياءَ ڪرام جي قبرن مان نفعو وٺڻ ممڪن آهي.

محقق محدثن ۽ صوفين جو چوڻ آهي تہ علماءَ، صلحاءَ، زاهد ۽ عابدن جي روحن جو وسيلو[172] وجهڻ دعا جي قبوليت جي لاءِ ترياق آهي ۽ انهن جي روحن جي توسط سان دعا گهرڻ مقصود ۽ حصول جو موجب آهي ۽ انهن جا دليل پنهنجا ذاتي تجربا آهن. شيخ عبدالحق مشڪوٰة جي شرح باب زيارة القبور ۽ باب اسراءِ ۾ ان جي پوري تحقيق ڪئي آهي. هتي اسان ان مان ٿورو بيان ڪنداسين.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪو دنيا ۾ مستجاب الدعوات هيو. ۽ ان حال تي هن دنيا ڪان رحلت ڪري دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو. هينئر ان جي واسطي سان وڏيڪ دعا قبول ٿيندي. ڇو تہ اها قوة روح جي آهي، جسم جي نہ آهي. جڏهن روح جسم مان نڪتو تہ وڌيڪ طاقتور ٿي ويندو. صوفين جي ڪتابن ۾ اهڙو ذڪر ملي ٿو تہ اهو سمورو تصرف روح کي حاصل آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گھرجي تہ اولياءَ جون سڀ ڪرامتون ٻنهي حالتن ۾ هڪ جھڙيون آهن. ڇو تہ ڪرامتن ۽ معجزن جو فاعل حقيقي الله تعاليٰ آهي ۽ انهن جي ٻانهن ڏانهن نسبت مجازي آهي ۽ اهي ٻين اختياري فعلن جيان نہ آهن، جو انهن فعلن جو فاعل الله تعاليٰ هجي ۽ ٻانهو ڪاسب هجي. هتي ٻانهي جي ڪسب کي ڪو بہ دخل نہ هوندو آهي. اهي محض الله تعاليٰ جي طرفان هوندا آهن. الله تعاليٰ ٻانهي جي ارادي يا ان جي ارادي کان سواءِ ان جي هٿ تي معجزا ۽ ڪرامتون جاري ڪندو آهي. جيئن ان کي هڪ جڳھ کان ٻي جڳھ تي منتقل ڪرڻ. پوءِ ان ۾ هن جي مرضي هجي يا نہ ۽ اويسي صوفين جي سلسلي ۾ اڳ ۾ بيان ٿي چڪوآهي تہ ڪامل ارواح وجودي جسم کان اڳ يا ان جي ختم ٿيڻ بعد مختلف شڪلين ۾ هن جهان ۾ ايندا رهن ٿا. بلڪ خدا جي ٻين ٻانهن کي خدا جا فرمان پهچائين ٿا ۽ مدد ڪن ٿا ۽ طالبن کي هدايت بہ جاري ڪن ٿا. پير يا مرشد سان تعلق ڳنڍڻ جي سلسلي ۾ بہ اهو بيان ٿي چڪو ۽ اهو اتي ڏسڻ کپي.

الله تعاليٰ جون مهربانيون ۽ لطف جيڪي گلزار نبوت جي واسطي سان بزرگن ۽ اوليائن جي دلين تي نازل ٿيندا آهن ۽ انهن جي خوشبوءِ سالڪن، سندن قبرن جي زيارت ڪندڙ "اهل دل" (بزرگن) تائين بہ رسنديون آهن ۽ بزرگن کي اهي فيض "عين اليقين" سان ڏسڻ ۾ ايندا آهن. تصوف جي ڪتابن ۾ بزرگن جون لکيل تحريرون ان ڳالھ جي شاهدي ڏين ٿيون ۽ اها ڳالھ بزرگن وٽ "اظهر من الشمس" آهي. تنهن ڪري ڪجھ ماڻهن جي طرفان ان ڳالھ کي نہ مڃڻ نقصان نہ رسائيندو. جيڪڏهن ڪدڙو جماع جي لذت جو انڪار ڪري تہ اهو اجايو آهي. جيڪڏهن ڄائي ڄم کان انڌو رنگن جو انڪار ڪري تہ ان کي ضدي چئبو.

شيخ عبدالحق محدث دهلوي مشڪوات شريف جي شرح ۾ فرمايو آهي تہ: امام شافعي رحمة الله جيڪو شافعي مسلڪ جو باني آهي، سو فرمائي ٿو تہ حضرت موسيٰ ڪاظم رحمة الله عليه جي قبر دعا جي قبوليت لاءِ ترياق آهي. ڪنهن وڏي شيخ جو چوڻ آهي تہ مون پاڻ ڏٺو آهي تہ چار مشائخ اهڙا آهن جيڪي قبر ۾ وڃڻ کان پوءِ بہ اهڙو تصرف رکن ٿا جهڙو زندگيءَ ۾. انهن مان بہ آهن هڪ شيخ معروف[173] ڪرخي ۽ ٻيو سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني ﷺ باقي ٻين جا نالا معلوم نہ آهن. هتي پورو تفصيل نٿو ڏئي سگهجي. جنهن جيترو ڏٺو اوترو بيان ڪيو آهي. تڪميل الايمان ۾ بہ چئن جو ذڪر آهي. بہ اهي مٿيان ذڪر ڪيا اٿائين ۽ بہ ٻيا آهن جن جا نالا ذڪر نہ ڪيا اٿائين ۽ مشڪواة جي شرح جي حاشيہ ۾ لکيل آهي تہ هڪ عقيل منجي ٻيو شيخ حيات حراني آهي، مشڪواة جي شرح ۾ آهي، سيد احمد بن ذوق جيڪو وڏو فقيهہ ۽ اڪابر مشائخ مان هو چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن اسان وٽ شيخ ابوالعباس آيو جنهن پڇا ڪئي تہ جيئرن جي مدد وڌيڪ آهي يا مئلن جي مون چيو تہ هڪڙا چون ٿا تہ جيئرن جي مدد وڌيڪ آهي ۽ منهنجو خيال آهي تہ مئلن جي امداد وڌيڪ آهي هن چيو: بلڪل مئلن جي امداد وڌيڪ آهي. ڇو تہ انهن کي قرب حاصل آهي ۽ اهي الله وٽ موجود آهن. ان ڳالھ جي قائلن وٽ ان جا ڪيترائي تجربا ۽ ثبوت آهن. خزانہ ۾ آهي تہ حديث شريف ۾ آيو آهي تہ جڏهن اوهان معاملن ۾ منجهي پئو تہ قبر وارن کان مدد وٺو.

هي بہ ڄاڻڻ گھرجي تہ قبرن جي زيارت ۾ ڪيترائي فائدا آهن ۽ جيڪو ميت جي نيت سان پڙهندو، ان کي ان جو ثواب ملندو. توڙيجو ان جي قبر هن کان پري هجي پر زيارة ڪرڻ سان ، ڏيڪ فائدو حاصل ٿيندو. مثال طور دل جو نرم ۽ صاف ٿيڻ ۽ موت ۽ آخرت جي يادگيري حاصل ٿيندي ۽ اهي سڀ فائدا عام

مسلمانن جي قبرن جي زيارت ڪرڻ سان بہ حاصل ٿيندا. زاد المسلمين ۾ زادلليب تان ورتل آهي ۽ فيروز شاهي پڻ قبرن جي زيارت جي باري ۾ ائين چيو آهي.

هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ هڪ شخص رسول الله ﷺ جن کي دل جي سخت هئڻ جي شڪايت ڪئي. پاڻ ﷺ جن ان کي حڪم ڏنو تہ قبرن جي زيارت ڪندو ڪر.

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مان اوهان کي قبرن جي زيارت کان روڪيو هئو، هينئر قبرن جي زيارت ڪندا ڪريو ڇو تہ اهي دنيا کان بي رغبتي ۽ آخرت جي ياد ڏيارينديون آهن. (رواه ابن ماجه)

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا! هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ علم ڪلام ۾ هي ڳالهہ ثابت ٿيل آهي تہ جيڪو شخص غيب جي دعويٰ ڪندو يا هي عقيدو رکندو تہ فلاڻو غيب جو علم ڄاڻي ٿو تہ اهو ڪافر ٿي ويندو (نعوذ بالله منها) ان تي امت جو اجماع آهي ۽ قرآني نص پڻ ان ڳالهہ تي گواهہ آهي. قرآن مجيد ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جو پنهنجي رسول ﷺ جن کي فرمان آهي:

قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا اِلَّا مَا شَآءَ اللهُ وَلَوْ كُنْتُ اَعْلَمُ الْغَيْبَ لَاسْتَكْثَرْتُ مِنَ الْخَيْرِ ۚ وَمَا مَسَّنِيَ السُّوْٓءُ ۚ (الاعراف:188)

ترجمو: "چئو تہ الله جي گهر ڏاران آءٌ پاڻ کي، نڪي فائدو ۽ نڪي نقصان پهچائي سگهان ٿو ۽ جيڪڏهن ڳجهہ ڄاڻان ها تہ گهڻيون چڱايون گڏ ڪريان ها ۽ مون کي ڪو ڏک نہ پهچي ها."

ٻي جڳهہ تي الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي:

قُلْ لَّآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللهِ وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَلَآ اَقُوْلُ لَكُمْ اِنِّيْ مَلَكٌ ۚ (الانعام:50)[174]

ترجمو: "اي (پيغمبر ڪين) چئو تہ آءٌ اوهان کي نہ ٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نڪي (آءٌ) ڳجهہ ڄاڻندڙ آهيان ۽ نڪي آءٌ اوهان کي چوان ٿو تہ آءٌ ملڪ آهيان"

حضرت نوح عليه السلام جو قصو بيان ڪندي الله تعاليٰ فرمايو:

وَلَآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللهِ وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ (هود آيت:31)

ترجمو: "۽ آءٌ اوهان کي نہ ٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نڪي (ڪو) ڳجهہ ڄاڻيندو آهيان."

هڪ جڳهہ تي الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي:

وَعِنْدَهٗ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ لَا يَعْلَمُهَآ اِلَّا هُوَ (الانعام:59)

ترجمو: "۽ وٽس ڳجهہ جون ڪنجيون آهن، ان کي الله کان سواءِ ڪو نہ ڄاڻيندو آهي."

ٻي جڳهہ تي الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

قُلْ لَّا يَعْلَمُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ الْغَيْبَ اِلَّا اللهُ (النمل:65)

ترجمو: "(اي پيغمبر ڪين) چئو تہ آسمانن ۽ زمينن ۾ جيڪي بہ آهن سي الله کان سواءِ ڳجهہ نہ ڄاڻيندا آهن."

ان بابت ڪيترين ئي حديثون آيل آهن، ۽ غيب جي دعويٰ ڪندڙ ۽ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي جي لاءِ غيب جي علم جو اعتقاد رکڻ واري جي ڪفر لاءِ پڻ حديثون آيل آهن. تنهن ڪري غيب جوعلم الله تعاليٰ سان خاص آهي ۽ اهو ئي غيب جو علم ڄاڻي ٿو.

عقائد سنيه ۽ فتاويٰ برهنه ۾ آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص ڪنهن عورت سان نڪاح ڪيو ۽ ان جا شاهد موجود نه هئا. بلڪ هو چوي ٿو ته منهنجو شاهد الله ۽ ان جو رسول ﷺ ۽ ملائڪ آهن ۽ مان انهن کي پنهنجي نڪاح ۾ گواهه بڻايو آهي ته اهو ڪافر ٿي ويندو. نعوذ بالله من ذالک. ڇو ته هن اهو اعتقاد رکيو آهي ته نبي ۽ ملائڪ غيب جو علم ڄاڻن ٿا. پر جيڪڏهن چيائين ته مان پنهنجي ساڄي ۽ کابي پاسي کان ويندڙ ملائڪن کي شاهد بڻايو ته ان سان ڪافر نه ٿيندو ڇو ته اهي هر وقت موجود هوندا آهن. ڪنهن وقت به غائب نه ٿيندا آهن.

هي به ڄاڻڻ گهرجي ته جيڪڏهن ڪو پنهنجي دعا ۾ غائبانه طور تي ڪنهن نبيءَ يا وليءَ کي سڏي ٿو مثال طور پري کان چوي ٿو "يا حبيب الله خذ بيدي يا المدد يا شيخ عبدالقادر" ۽ هن جو هي اعتقاد آهي ته مخاطب اهو خطاب ٻڌي ٿو باوجود هن جي جو ان جي قبر مخاطب کان گهڻو پري آهي ۽ ان جو هي عقيدو آهي ته مخاطب غيب جو علم ڄاڻي ٿو ۽ منهنجو سڏ ٻڌي ٿو ته اهو شخص ڪافر ٿي ويندو ۽ اڪثر ماڻهو ان ڳالهه کان غافل آهن.

تنهن ڪري اهو عقيدو رکڻ نه گهرجي بلڪ هي عقيدو رکڻ گهرجي ته الله تبارڪ وتعاليٰ مخاطب تائين منهنجو سڏ پهچائيندو ۽ ان کي اها منهنجي مناجات ٻڌائيندو ته اهو عقيدو رکڻ صحيح آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي قدرت ڪامله سان ان جو اهو سڏ ۽ دعا ان تائين پهچائيندو ۽ اهو الله تعاليٰ جي قدرت جي آڏو بعيد نه آهي.

يا الله جا ملائڪ ان جو اهو آواز الله تعاليٰ جي حڪم سان ان تائين پهچائيندا. ۽ ان ڳالهه جا ڪيترائي دليل آهن. انهن مان هڪ دليل حضرت عثمان بن حنيف رضي الله عنه واري حديث آهي. جيڪا ابن ماجه ۽ ترمذيءَ ۾ آيل آهي. ۽ هن ۾ هي دعا آيل آهي:

اللهم اسالک واتوجه اليک نبيک محمد نبي الرحمة يا محمد اني اتوجه بک اليٰ ربي.

ترجمو: "اي الله! آئون توکان گهران ٿو ۽ توڏي تنهنجي نبي ﷺ جي ذريعي متوجه ٿيان ٿو جيڪو رحمت وارو نبي آهي، اي محمد ﷺ آئون تنهنجي ذريعي پنهنجي رب ڏانهن متوجه ٿيان ٿو."

اها پوري حديث نفلي نمازن جي بيان ۾ گذري آئي، پر جيڪڏهن ڪو چوي ته اهو انبياءِ ڪرامٰ لاءِ مخصوص آهي ته الله تبارڪ وتعاليٰ جي هن قول جي ڪري جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

﴿وَمَا كَانَ اللهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَى الْغَيْبِ وَلٰكِنَّ اللهَ يَجْتَبِيْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَآءُ﴾ (آل عمران:179)

ترجمو: "۽ الله کي نه جڳائيندو آهي جو اوهان کي ڳجهه تي واقف ڪري پر الله پنهنجن پيغمبرن مان جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي چونڊيندو آهي."

رسول الله ﷺ جن جي هن فرمان جي ڪري ته زمين ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جا سير ڪندڙ ملائڪ آهن. جيڪي مون تائين امت جا سلام پهچائيندا آهن. (رواه نسائي والدارمي)

يا نبي اکرم ﷺ جن جي هن قول جي ڪري جنهن ۾ پاڻ ﷺ جن فرمايو آهي تہ جڏهن ڪو بہ مسلمان منهنجي مٿان سلام ڏيندو آهي تہ الله تبارڪ وتعالىٰ ان ڪي منهنجي روح ڏانهن موٽائيندو آهي ۽ مان ان کي سلام جو جواب ڏيندو آهيان. (رواه ابوداءود. والبيهقي)[175]

رسول الله ﷺ جن جي هن فرمان جي ڪري تہ جيڪو شخص منهنجي قبر تي درود پڙهندو تہ مان اهو ٻڌندس ۽ جيڪو پري کان درود پڙهندو تہ ملائڪ اهو درود مون تائين پهچائيندا. (رواه بيهقي)

ان لاءِ جواب هي آهي تہ جڏهن ڪو شخص ڪنهن ميت لاءِ نيت ڪري ڪا دعا يا سلام يا صدقي جو طعام يا قرآن مجيد جي تلاوت ڪندو آهي تہ الله تبارڪ وتعالىٰ جا ملائڪ ان تائين ان جي دعا يا تلاوت وغيره پهچائيندا آهن. اهو عام حڪم آهي جيڪو انبياءَ لاءِ مخصوص نہ آهي ۽ ميتن تائين مٿن مائٽن جا عمل پهچندا آهن. جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ توهان جا عمل قبر وارن تائين پهچايا ويندا آهن ۽ اولياءَ ڪرام جي ارواح جي توسط سان دعا گهرڻ ۽ انهن کان مدد وٺڻ پڻ ثابت آهي. جيئن "حصن حصين" واري سفر جي دعائن ۾ ابي بکر بن شيبہ ۽ ابن مردويہ کان آندو آهي تہ جڏهن سواريءَ تي سوار ٿيو تہ الله تعالىٰ جي نيڪ ٻانهن جي مدد وٺو الله تعالىٰ اوهان تي رحم ڪندو. ان بابت ايتريون حڪايتون آهن، جيڪي قلم ۾ بند نہ ٿيون ڪري سگهجن.

ان جي باوجود غيب جو علم صرف الله تعالىٰ لاءِ مخصوص آهي ۽ ان جي توجيه اها ٿي آهي جيڪا هينئر مٿي گذري آئي تہ الله تعالىٰ جا ملائڪ اهي سڀ ۽ دعائون انهن تائين پهچائين ٿا ۽ الله تعالىٰ انهن جي توسط سان مدد فرمائي ٿو.

باب نائون

سرود ۽ سماع ۽ ساز وڄائڻ جي بيان ۾

هن باب ۾ ست فصل آهن.

فصل پهريون

راڳ جي تعريف جي بيان ۾

ڄاڻڻ گهرجي تہ عربي ٻوليءَ ۾ راڳ کي "غناء" چيو ويندو آهي ۽ اهو اسم آهي، ان جي مصدر تفعل باب کان تغني ايندي آهي ۽ تفعيل باب کان تغنيہ ايندي آهي ۽ غنا مصدر جي معنيٰ بي نيازي آهي ۽ غناء غ جي فتح ۽ الف جي مد سان نفعي ۽ ڪفايت جي معنيٰ ۾ آهي ۽ غناء غ جي ڪسره ۽ الف ممدوده سان فارسي ۾ "سرود" راڳ ۽ ڳائڻ جي معنيٰ ۾ آهي، صوفين جي هڪ جماعت جي عرف ۾ راڳ کي سماع بہ چيو ويندو آهي. توڙي جو لغت ۾ سماع ٻڌڻ جي معنيٰ ۾ ايندو آهي ۽ ڪشف اللغات ۾ آهي تہ سماع فتح سان ٻڌڻ ۽ قبول ڪرڻ جي معنيٰ ۾ آهي ۽ عرف ۾ سماع رقص کي چئبو آهي. [176]

مجمع البحار جي مصنف جي هڪ رسالي جيڪو پڻ مجمع البحار جي طرز تي آهي تنهن ۾ لکيل آهي تہ لفظ "الغناءُ" غين جي زير ۽ الف جي مد سان راڳ کي چئبو آهي ۽ مد کان سواءِ آسودائپ کي چئبو آهي ۽ غين جي زير ۽ الف جي مد "الغناءُ" نفعي ۽ ڪفايت کي چئبو آهي. هن"سمع" جي مادي ۾ چيو آهي تہ (صوفين جي اصطلاح ۾) سماع جي مشهور معنيٰ راڳ آهي. اتان خبر پئي تہ عربي ٻولي ۾ سماع ۽ غناء، فارسي ۾ سرود ۽ سنڌي ۾ راڳ سيئي هڪ ئي معنيٰ ۾ آهن، پر سماع راڳ جي معنيٰ ۾ (عربي ٻولي جي) اصل لغت ۾ آيل نہ آهي. باقي لفظ "حداءُ" ح، جي پيش ۽ دال سان سو اهڙي راڳ کي چئبو آهي جيڪو اٺن کي هڪلڻ مهل ڳايو ويندو آهي. عام راڳ کي "حداءُ نہ چئبو آهي. "حداءُ" اسم آهي. ان جي مصدر "حدو" ح جي زبر دال جي ساڪن ۽ پڇاڙي ۾ واو سان، جنهن جي معنيٰ آهي "اٺن کي سرود (منڙي لوليءَ) سان هڪلڻ. هن جو باب نصر ينصر آهي.

هينئر ڄاڻڻ گهرجي تہ ڳائڻ ٻن قسمن جو هوندو آهي، هڪ غناءُ العرب ٻيو غناءُ العجم.

غناءُ العرب ڪلام جي مضمون تي نظر ڪرڻ کان سواءِ بلند آواز سان گيت ڳائڻ کي چئبو آهي. ڪشف اللغات واري جو چوڻ آهي تہ سهڻي آواز سان گيت ڳائڻ کي ڪلام چئبو آهي ۽ لغت وارن جو چوڻ آهي تہ سهڻي آواز سان ڪلام چوڻ کي ڳائڻ چئبو آهي، جيڪو طبيعت کي وڻندڙ هجي. جيڪڏهن ان ڪلام ۾ فحش گوئي، بيهوده ڳالهيون ۽ عشقيہ داستان نہ آهي، بلڪ الله تعاليٰ جي تعريف يا وعظ ۽ نصيحت جون ڳالهيون آهن تہ ان جو ٻڌڻ جائز آهي. هتي هي ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ جيتوڻيڪ عرب ان کي غناءُ چوندا آهن پر عجمي ٻوليءَ

(هندي ۾) ان کي راڳ ۽ ڳائڻ نہ چئبو ۽ عجمين جي عرف ۾ غناءُ چئبو آهي اهڙو ڪلام ڳائڻ جيڪو فحش گوئي يا ڪوڙ يا عشقيہ داستان تي مبني هجي. جيڪو فاسقن ۽ گناهگارن جي طبيعت کي مرغوب هجي ۽ مجازي عشق واري طبيعت رکندڙن کي وڻندڙ هجي. يعني اهڙو ڪلام ڳائڻ جنهن ۾ فحش ڳالهين جو ذڪر هجي. مثال طور چمي، پاڪر، چپ ڳل وغيره جو ذڪر يا وصال ۽ فراق جو ذڪر يا جنهن ۾ منڪرات جو ذڪر هجي. مثال طور شراب، زنا يا ڪفريہ ڪلام وغيره يا مجازي عشق رکندڙن جي وصال ۽ فراق جو ذڪر هجي. مثال طور ليليٰ مجنون سعاد ۽ ڪعب بن زهير، شيرين فرهاد، عذرا وامق، هير رانجها وغيره جو ذڪر هجي. اهي سڀ شيون فاسقن ۽ مجازي عاشقن جي طبيعت لاءِ مرغوب آهن. ان راڳ جا ٻہ رڪن آهن:

هڪ ان ڪلام جو متي بيان ڪيل اهڙي قسم جي عشقيہ شين تي مبني هئڻ ٻيو ڳائيندڙ جو آواز سٺو ۽ دلڪش هئڻ، پوءِ اهو ڳائڻ علم موسيقيءَ جي قاعدن مطابق هجي يا نہ! ڇوتہ اڪثر ڳائڻا علم موسيقيءَ جي قاعدن کان اڻواقف هوندا آهن ۽ راڳ علم تي موقوف نہ آهي.[177] اهڙي قسم جي ڳائڻ بابت اختلاف آهي. ڪن وٽ اهو مطلق حرام آهي ۽ ڪن وٽ مڪروهہ آهي ۽ ڪن وٽ مباح آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو ڪن ماڻهن جي لاءِ حرام آهي ۽ ڪن جي لاءِ مباح آهي. ان جو پورو بحث اڳتي ايندو انشاءَ الله تعاليٰ.

ڳائڻ جو پهريون قسم يعني غناءُ العرب مباح ۽ جائز آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

ما اذن الله لشي ما اذن للنبي يتغنيٰ بالقرآن (بخاري و مسلم)

ترجمو: "الله تعاليٰ نبيءَ کي سهڻي آواز سان قرآن مجيد پڙهڻ جي جيتري اجازت ڏني، اوتري ٻي ڪنهن بہ شيءِ جي نہ ڏني."

هڪ ٻي حديث شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

ليس منا من لم يتغن بالقرآن (رواه بخاري)

ترجمو: "جيڪو سهڻي آواز سان قرآن مجيد نہ ٿو پڙهي، اهو مسلمان مان نہ آهي."

هتي غناءُ مان مراد سهڻي آواز سان پڙهڻ آهي. پر شرط آهي تہ قرآن مجيد جي حرفن ۽ حرڪتن ۾ تبديلي نہ اچي.

حضرت حذيفه رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

اقرءوا القرآن بلحون العرب واصواتها واياكم ولحون اهل العشق ولحون اهل الكتابين وسيجئي بعدي قوم يرجعون بالقرآن ترجيع الغناءُ والنوح لا يجاوز حناجرهم مفتونة قلوبهن وقلوب الذين يعجبهم شانهم (رواه البيهقي في شعب الايمان)

ترجمو: "قرآن جي تلاوت عربن جي لحن ۽ آواز ۾ ڪريو ۽ پاڻ کي اهل عشق ۽ اهل ڪتاب جي لحن کان بچايو. مون کان پوءِ اهڙا ماڻهو ايندا، جيڪي قرآن کي راڳن ۽ نوحن جيان پڙهندا ۽ قرآن انهن جي نڙگهٽ کان هيٺ نہ لهندو. اهي ۽ جيڪي انهن کي پسند ڪندڙ هوندا، تن جون دليون فتني ۾ پوندڙ هونديون."

مجمع البحار ۾ آهي تہ لحون، لحن ۽ الحان جو جمع آهي، جنهن جي معنيٰ آهي آواز جو سهڻي ۽ منڙي نموني ڪڍڻ ۽ سهڻي طريقي سان شعر پڙهڻ ۽ قراءت سان پڙهڻ. تنهن ڪري عربي لحن ۾ پڙهڻ سان ڪلام ۾

تغير نه ايندو اهل عشق ۽ اهل ڪتاب جي لحن ۾ پڙهڻ سان ڪلام ۾ تغير اچي ويندو.

حضرت براءَ بن عازب رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو:

حسنوا القرآن باصواتكم فان صوت الحسن يزيد القران حسنا (رواه الدارمي)

ترجمو: "سينگاريو قرآن کي پنهنجي آواز سان، ڇوته سهڻو آواز قرآن کي حسن ۾ وڌائيندڙ آهي."

مجمع البحار ۾ آهي ته الله تبارڪ وتعالیٰ رسول الله ﷺ جن کي ترنم ۾ قرآن مجيد پڙهڻ جي اجازت عطا ڪئي هئي ۽ ترنم وڻندڙ آواز کي چئبو آهي.[178]

ڪتاب سراج منير ۾ ڳائڻ ۽ باجن جي حرمت بابت شيخ ابي الفضل کان نقل آهي ته سهڻي آواز ۽ ترنم سان پڙهندڙ ۽ حداءَ (اٺن کي سهڻي آواز سان هڪليندڙ) کي ڳائڻو نه چئبو. بلڪ انهن کي مترنم ۽ حادي يا حدي خوان چئبو.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن وٽ سهڻي آواز وارو هڪ حادي هو. پاڻ ﷺ جن ان کي فرمايو:

"رويدک يا انجشة لا تكسر القوارير قال القتادة يعني ضعفة النساءِ (بخاري و مسلم)

ترجمو: "اي انجشه! آهستي هل، شيشن کي نه ٽوڙ. قتادة رضي الله عنه جو چوڻ آهي ته ان مان مراد ضعيف عورتون آهن."

ان حديث جون ٻه توجيهون ڪيون اٿائون. هڪ ته اٺن تي عورتون سوار هونديون هيون. انهن جي تيز هلڻ جي ڪري عورتن کي خوف ۽ تڪليف ٿيندي، ڇوته اهي مردن جي پيٽ ۾ نازڪ هونديون آهن. ان جو ٻيو مطلب هي آهي ته عورتون نرم ۽ نازڪ مزاج هونديون آهن ۽ جلدي اثر قبول ڪندڙ هونديون آهن. سهڻي آواز جي ڪري متان انهن جي دل مضطرب ۽ پريشان ٿي پوي: تنهن ڪري ان کي ان کان روڪيو ويو.

حداءَ جي ڪلام ۾ ڪنهن به قسم جي فحش گوئي، ڪوڙ ۽ برن شين جو ذڪر نه هوندو آهي. بلڪ همت ۽ حوصلي وارن جي مدح ۽ پهلوانن جي تعريف ۽ بي همتن جي لاءِ ترغيب وارا ڪلما هوندا آهن ته جيئن طبيعت ۾ چستي ۽ همت پيدا ٿئي. اٺن جي حال آثار حدي خوان اهو ڪلام پاڻ ناهيندا آهن.

حُداءُ (منڙي ٻولي) ٻڌڻ سان عربن کي دل جي فرحت ۽ سڪون نصيب ٿيندو آهي، جيڪا دل ڏکن ڏوجهرن ۽ پريشانين جي سمنڊ ۾ وڪوڙيل هجي. ان جي باوجود عربن جي حداءَ (لولي) ۾ نه بيهوديون ڳالهيون هونديون آهن ۽ نڪي ڪوڙ. جيئن اڄ ڪلهه جي مسلمان سڏائڻ وارن جي راڳ ۾ هوندو آهي. بلڪ ان ۾ اهڙيون ڳالهيون هونديون هيون. جيڪي دليرن ۽ بهادرن جي ساراهه ۽ ٻڌڻ ۽ بي همتن کي همٿائڻ لاءِ هوندو هو ته جيئن اهي همت ڪن ۽ دل ٻڌي جان جي بازي لڳائن. تنهنڪري اٺن جي ڪاهڻ وارن جي آثار تي ان ٻوليءَ جو مضمون هوندو هو.

توڪلين جو مرشد ابراهيم متوڪل خواص قدس سره فرمايو آهي ته آئون هڪ ڏينهن عربن جي قبيلي وٽ مهمان ٿي ويس، اتي هڪ اوطاق تي وڃي ٽڪيس ۽ اتي ڏٺم ته هڪ حبشي غلام ٺاڪ منجهند جي[179] گرمي ۾ هڪ وڻ سان ٻڌل هو ۽ گرمي ۾ سڙي رهيو هو. جڏهن ان جي مالڪ منهجي آڌو ماني ڪٽي آٽي رکي ته مون ماني کي هٿ ئي نه لاتو. عربن کي ان کان وڌيڪ ڏکي ٻي ڪابه ڳالهه نه لڳندي آهي ته ڪو ماڻهو انهن جي

ماني نہ کائي. مون کي چيائين، اي پير مرد تون اسان جي ماني چو نٿو کائين؟ چيم، تو هن ٻانهي کي هن ذلت ۽ خواري ۾ چوڪڙي رکيو آهي؟ چيائين: مون هن ٻانهي کي هڪ سؤ اٺ حوالي ڪيا هئا تہ جيئن اٺن تي اناج خريد ڪري ڪٽي اچي. جڏهن هن اناج خريد ڪيو ۽ اهو اٺن تي ستي ۽ واپس موٽي اچڻ جي سنبت ڪيائين ۽ هڪ لولي پڙهڻ وارو مانٿهو پئسن تي ڪنيائين تہ جيئن اٺ تيز رفتاري سان هتي پهچن ۽ ڏورانهون پنڌ جلدي ۾ پورو ڪن. ليڪن جڏهن اٺن ني بار رکي هلڻ لڳو تہ سڀ اٺ هڪ منو ئي مري ويا. اها ڳالهہ ٻڌي منهنجا ٽپ نري ويا ۽ عرب کي چيم تہ تون پنهنجي ان ڳالهہ تي شاهد پيش ڪر. اجا اسين ويٺا اها ڳالهہ ڪريون پيا تہ اوچتو ئي هڪڙا ٻيا اٺ جن ٽن ڏينهن کان وٺي پاڻي جو ڦڙو بہ نہ چکيو هو. سي ان پاڻي تي آيا. جڏهن انهن پاڻي ڏٺو اٺ پاڻي ڏي ڊوڙيا تڏهن هن ٻانهي کي چيو تہ تون "حداء" لولي پڙهہ. هن جيئن ان لولي جي شروعات ڪئي تہ انهن مان هڪ بہ اٺ پاڻي ڏي نہ ويو ۽ هڪ هڪ تي هن لولي پڙهڻ واري ڏي ايندا ويا ۽ پاڻي وساري ڇڏيائون. اهو ڏسي هن ان ٻانهي کي آجو ڪري ڇڏيو ۽ ان کي معاف ڪري منهنجي حوالي ڪري ڇڏيائين. کشف المحجوب بہ ائين لکيل آهي.

سيده عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن سيدنا ابوبڪر رضي الله عنه اسان وٽ آيو. ان وقت انصارين جون ڇوڪريون ڳيچ ڳائي رهيون هيون ۽ دف وڄائي رهيون هيون. پاڻ ﷺ جن چادر ويڙهي ستا پيا هئا. سيدنا ابوبڪر رضي الله عنه انهن کي روڪڻ ۽ جهلڻ لڳو. تنهن تي پاڻ ﷺ جن منهن مبارڪ کولي فرمايو: اي ابوبڪر! انهن کي ڇڏي ڏي، ڇوتہ هي عيد جا ڏهاڙا آهن ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ هر قوم جي لاءِ عيد هوندي آهي ۽ هي اسان جي عيد آهي. (بخاري و مسلم)

شيخ عبدالحق دهلوي قدس سره هن حديث جي شرح ۾ فرمايو آهي تہ صحيح بخاري شريف جي هڪ روايت ۾ "تغيان" جي پويان هيءُ لفظ بہ آيل آهن

وَلَيْسَتَا بِمُغَنِّيَتَيْنِ

ترجمو: "اهي ٻئي ڇوڪريون ڳائڻيون نہ هيون" ۽ "بلاغ مبين" ۾ صحيح بخاري شريف جي حديث هنن لفظن سان آيل آهي:

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا قَالَتْ دَخَلَ اَبُوْ بَكْرٍ وَعِنْدِي جَارِيَتَانِ مِنْ جَوَارِي الْاَنْصَارِ تُغَنِّيَانِ بِمَا تَقَاوَلَتِ الْاَنْصَارُ يَوْمَ بُعَاثَ قَالَتْ وَلَيْسَتَا بِمُغَنِّيَتَيْنِ فَقَالَ اَبُوْ بَكْرٍ اَمَزَامِيرُ الشَّيْطَانِ فِي بَيْتِ رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَذٰلِكَ فِي يَوْمِ عِيدٍ فَقَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَا اَبَا بَكْرٍ اِنَّ لِكُلِّ قَوْمٍ عِيدًا وَهٰذَا عِيدُنَا.

ترجمو: ام المؤمنين حضرت سيده بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ چيائين تہ هڪ ڏينهن سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه اسان وٽ آيو ۽ تنهن مهل مون وٽ ٻہ ڇوڪريون، انصارين جو "بعاث" واري لڙائي جو قبائلي ڳيچ ڳائي رهيو هيون ۽ اهي ٻئي ڇوڪريون ڳائڻيون هرگز نہ هيون. اهو ڏسي سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه چيو: ڇا رسول الله ﷺ جن جي گهر ۾ شيطان جا باجا وڄڻ لڳا آهن؟ اهو ٻڌي رسول الله ﷺ فرمايو: "اي ابوبڪر! تون انهن ٻنهي ڇوڪرين کي ڇڏي ڏي، ڇو جو هر قوم لاءِ هڪ عيد ٿيندي آهي ۽ هي اسان جي عيد آهي."

منىٰ جا ڏينهن تشريق وارا چار ڏينهن 10،11،12،13 ذوالحج جا آهن ۽ اهي ڏينهن مسلمانن لاءِ الله تعاليٰ جي مهماني جا ڏينهن آهن. انهن ڏينهن ۾ روزا رکڻ ناجائز آهن. تنهنڪري چڻ ته هي چار ئي ڏينهن عيد جا آهن ۽ کائڻ پيئڻ جا ڏينهن آهن. تدفيف معنيٰ دف وڄائڻ ۽ تضربان ان جو تاعيد آهي. ڪن عالمن چيو آهي ته "تصربان" "ترقصان" جي معنيٰ ۾ آهي يعني "قومي گيت ڳائڻ پيون. "تقاول" چئبو آهي "هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ" ۽ لفظ "بعاث" ب جي پيش ۽ ع ۽ ث سان هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو مديني شريف جي ويجهو ٻن منزلن جي پنڌ تي آهي. يا وري هڪ قلعي جو نالو آهي، جتي انصارين جي ٻن قبيلن اوس ۽ خزرج جي پاڻ ۾ لڙائي لڳي هئي ۽ اها جنگ انهن ۾ هڪ سؤ ويهن سالن تائين جاري رهي هئي.[180]

هڪ روايت موجب اهي "ايام تشريق" وارا ڏهاڙا هئا. جيڪي الله تعاليٰ جي طرفان مسلمانن جي لاءِ مهمانيءَ جا ڏهاڙا آهن ۽ انهن ڏينهن ۾ روزي رکڻ کان منع ڪئي ويئي آهي.

هڪ ٻي روايت موجب هي اهو ڏينهن هو، جنهن ڏينهن انصار جي، ٻن قبيلن اوس ۽ خزرج ۾ هڪ سؤ ويهه سالن جي هلندڙ جنگ اسلام قبولڻ جي ڪري ختم ٿي وئي هئي ۽ اهي پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي ويا هئا. قرآن مجيد ۾ پڻ ان ڏانهن اشارو آهي.

وَاعْتَصِمُوا بِحَبْلِ اللهِ جَمِيعًا وَّلَا تَفَرَّقُوا وَاذْكُرُوا نِعْمَتَ اللهِ عَلَيْكُمْ إِذْ كُنتُمْ أَعْدَاءً فَأَلَّفَ بَيْنَ قُلُوبِكُمْ فَأَصْبَحْتُم بِنِعْمَتِهِ إِخْوَانًا وَكُنتُمْ عَلَىٰ شَفَا حُفْرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَأَنقَذَكُم مِّنْهَا (آل عمران: 103)

ترجمو: "۽ الله جي رسيءَ (يعني قرآن) کي سڀئي چنبڙي وٺو ۽ ڌار ڌار نه ٿيو ۽ پاڻ تي الله جي نعمت کي ياد ڪريو، جو جڏهن پاڻ ۾ ويري هئو . پوءِ اوهان جي دلين ۾ ميلاپ وڌائين، پوءِ سندس فضل سان هڪ ٻئي جي ڀائر ٿيو ۽ اوهين دوزخ جي کڏ جي ڀر تي هو، پوءِ اوهان کي کانئس ڇڏايائين."

اوس ۽ خزرج ٻئي پاڻ ۾ مائٽا ڀائر هئا انهن جي ماءُ جو نالو "قيله" هو. تنهنڪري ٻنهي ڀائرن جي اولاد سندن نالي تي سڏجڻ لڳي. جهڙوڪ قريشي تعليم، ثقفي، انهن کي ڪڏهن بنو تميم ۽ بنو ثقيف به چوندا آهن.

انصار جون اهي ڇوڪريون پاڻ ﷺ جن جي موجودگيءَ ۾ اهي گيچ ڳائي رهيون هيون. پاڻ ﷺ جن انهن کي منع نه فرمائي. محدثن جي اصطلاح ۾ ان کي تقرير چئبو آهي. حديث جا ٽي قسم آهن، تقرير، قول ۽ فعل. فعل تخصيص جو احتمال رکندو آهي. قول ۽ تقرير تخصيص جو احتمال نه رکندا آهن. اتان معلوم ٿيو ته عيد ۽ خوشيءَ وارن ڏهاڙن ۾ دف وڄائڻ مباح آهي. مثال طور نڪاح وغيره جي خوشيءَ ۾. ٻين موقعن تي وڄائڻ صحيح نه آهي، چو ته رسول الله ﷺ جن جو مڪي جي فتح کان پوءِ صحيح سالم واپس موٽڻ سڀ کان وڏي عيد ۽ سڀ کان وڏي خوشي آهي ۽ رسول الله ﷺ جن اتان موٽڻ کان پوءِ دف نه وڄرايو.

باقي انصارين جون هي ٻه ڇوڪريون، جيڪي فخر وارا گيت ڳائي رهيون هيون. عرب ۾ پهلوانن ۽ بهادرن جي تعريف ۽ مدح محمود ۽ مرغوب هئي. تنهن ڪري رسول الله ﷺ جن انهن کي منع نه ڪئي. بهادري عربن جو گڻ آهي. جيڪا ٻين ۾ گهٽ آهي ۽ لڙائيءَ ۾ فخر سان هلڻ ۽ فخريه شعر چوڻ وڻن محمود آهي. جيئن مسند احمد بن حنبل ۽ سنن نسائيءَ جي حديثن ۾ پڻ اها ڳالهه آيل آهي. ان مان مقصود دشمن کي گهٽ ڏيکارڻ هوندو هو. مڪي شريف جي فتح مهل رسول الله ﷺ جن قريشين بابت فرمايو: "اڄ کان پوءِ ڪنهن به قريشيءَ کي ٻڌي ڪري قتل نه ڪيو ويندو، قيامت تائين معاملو ائين هلندو رهندو."

اهڙيءَ طرح الله تبارڪ وتعاليٰ پاڻ ﷺ جن کي پڻ شجاعت ۽ رعب عطا ڪيو هو. جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

اعطيت خمسًا لم يعطهن احد قبلي نصرت بالرعب مسيرة شهر وجعلت لي الارض مسجد[181] وطهورا فايما رجل ادركته الصلوٰة فليصل واحلت لي الغنائم ولم يحل لاحد من قبلي واعطيت الشفاعة وكان النبي يبعث الي قومه خاصة وبعثت الي الناس عامة (بخاري و مسلم)

ترجمو: ”مون کي اهڙيون پنج شيون عطا ڪيون ويون آهن، جيڪي مون کان اڳ ڪنهن کي بہ نہ ڏنيون ويون هيون. مهيني جي پنڌ تي رعب سان منهنجي مدد ڪئي ويئي آهي. سڄي زمين منهنجي لاءِ مسجد ۽ پاڪ بنائي ويئي آهي. غنيمت جو مال حلال تي مليو آهي، جيڪو مون کان اڳ ڪنهن لاءِ بہ حلال نہ ٿيو هو ۽ مون کي شفاعت جو حق ڏنو ويو آهي. مون کان اڳ نبين کي خاص پنهنجي قوم ڏانهن موڪليو ويندو هو. مون کي سڀني ڏانهن موڪليو ويو آهي.“

ڪافرن سان جهاد ڪرڻ دين جي اهم رڪنن مان هڪ اهم رڪن آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

فَاقْتُلُوا الْمُشْرِكِيْنَ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ (التوبة: 5)

ترجمو: ”پوءِ مشرڪن کي جتي لهو، اُتي انهن کي ماريو.“

۽ حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

من مات ولم يغز ولم يحدث به نفسه مات علي شعبة من نفاق.

ترجمو: ”جيڪو شخص اهڙي حال ۾ مري ويو، جو نہ جهاد ڪيائين ۽ نہ جهاد جي تمنا رکيائين تہ اهو منافق ٿي مئو.“

هن قاعدي مطابق جيڪو جنهن شيءِ سان محبت رکندو آهي، ان جو بار بار ذڪر ڪندو آهي. پاڻ ﷺ ۽ صحابہ ڪرام کي ڪافرن سان لڙائي ۽ جهاد ڪرڻ محبوب هو، تنهن ڪري انهن جو ذڪر بہ انهن لاءِ محبوب هو. چوتہ ان ۾ مؤمنن کي جهاد جي لاءِ اڀارڻ آهي ۽ ان جي ٻڌڻ سان ماڻهو جلدي جهاد جي لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. تنهن ڪري هن حديث مان ڳائڻ جي مباح هئڻ جو دليل وٺي نٿو سگهجي. ڇوتہ ڳائڻ ممنوع آهي ليڪن اهڙي قسم جا شعر چوڻ مباح آهن. ممنوع کي مباح تي قياس ڪري نہ ٿو سگهجي.

سڄي ڳالهہ جو خلاصو ۽ نچوڙ وچي هيءُ بيٺو تہ سُرَ سان قرآن شريف جي تلاوت ڪرڻ، الله تعاليٰ جي ثنا ۽ ساراهہ، وعظ ۽ نصيحت ۾ سُر ڪڍڻ ۽ دلير ۽ بهادر مجاهدن جي تعريف ۾ مجاهدن کي جوش ۽ جذبي ڏيارڻ لاءِ سُرَ سان شعر پڙهن تہ جيئن انهن ۾ جهاد جو جذبو جاڳي پوي. اهي سڀ ڪم جائز آهن ۽ مٿي چئي آياسون تہ جيڪو ماڻهو اهڙي قسم جا شعر چوي، ان کي ڳائڻو نہ چئبو. خود حديث شريف ۾ حضرت عائشہ رضي الله عنها جا الفاظ آهن تہ اهي ڳائڻيون نہ هيون، اهي لفظ پڻ ان ڳالهہ جا گواهہ آهن تہ ان کي ڳائڻ وڄائڻ نہ چئبو. ڇوتہ ڳائڻ جي عادت هوندي آهي تہ اهي فحش ۽ منڪر ڳالهين جو ذڪر ڪندا آهن ۽ پاڻ ﷺ جن فحش ۽ منڪر ڳالهين کي حرام قرار ڏنو آهي ۽ پاڻ ﷺ جن ڪڏهن بہ اهڙي قسم جون ڳالهيون ٻڌي نہ ٿي سگهيا، ڇوتہ پاڻ ﷺ جن صغيرن ۽ ڪبيرن گناهن کان معصوم آهن ۽ منڪر ڳالهيون منهيات مان آهن، جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

إِنَّ اللهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْإِحْسَانِ وَإِيْتَآئِ ذِي الْقُرْبٰى وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ (النحل: 90)

ترجمو: "بيشڪ الله انصاف ۽ ڀلائي (ڪرڻ) ۽ مائٽي وارن کي ڏيڻ جو حڪم ڪري ٿو ۽ بي حيائي ۽ مدائي ۽ زبردستيءَ کان جهلي ٿو."

باقي اجنبي عورتن جو آواز ٻڌڻ، اهو ان وقت منع آهي، جڏهن فتني جو خوف هجي. پاڻ ﷺ جن اهڙي قسم جي فتني کان محفوظ ۽ مامون آهن.

حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جو روڪڻ ان بناء تي هو ته ان وقت دف وڄائڻ جي حرمت ثابت هئي ۽ هو سمجهي رهيو هو ته پاڻ ﷺ جن ننڊ ۾ آهن ۽ پاڻ ﷺ جن کي ان جي خبر نه آهي. تنهن ڪري حضرت ابوبڪر رضي الله عنه انهن کي روڪيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن جو هي فرمان ته اهو اسان جي عيد جو ڏهاڙو آهي،[182] جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته ان جو مباح هئڻ ان وقت سان مقيد آهي. بلڪ ان جي توجيهه اهائي آهي، جيڪا اسان مٿي بيان ڪري آياسون.

باقي شادي جي موقعي تي جن ڳيچن جي چوڻ ۽ ٻڌڻ جي اجازت آهي، ان مان مراد اهڙا شعر ۽ گيت آهن، جيڪي خوشي ۽ مزاح تي ڏس ڏين. اهڙي ڏينهن عورتون پنهنجي خاندان ۾ شادي بابت سهرا چونديون آهن ۽ انهن کي ڳائڻيون نه چئبو آهي. درحقيقت اها عورتن ۽ ٻارڙن جي هڪ قسم جي خوشي ۽ راند آهي. جيڪڏهن ان ۾ فحش ۽ منڪر ڳالهين جو ذڪر نه هجي ته مباح آهن. رسول الله ﷺ جن. اهڙن گيتن جي ٻڌڻ کان منع نه فرمائي آهي، يا جن جي ٻڌڻ جو حڪم ڏنو اٿائون، ان مان مراد اهڙي قسم جا گيت آهن، جن ۾ فحش ۽ منڪر ڳالهين جو ذڪر نه هجي، جيئن حديث شريف ۾ آهي ته حضرت عائشه رضي الله عنها فرمائي ٿي ته هڪ عورت پنهنجي انصاري مڙس ڏانهن هار سينگار ڪري ويئي، پاڻ ﷺ جن فرمايو: ڇا تو وٽ ڪو گيت چوڻ وارو نه هو. ڇوته انصار گيت کي پسند ڪندا آهن. (رواه بخاري)

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته حضرت عائشه رضي الله عنها انصار مان پنهنجي ڪنهن رشتيدار جو نڪاح ڪرايو. جڏهن پاڻ ﷺ جن آيا ته فرمايائون: ڇا اوهان ڪنوار کي رخصت ڪيو؟ ماڻهن چيو: هائو! پاڻ ﷺ جن فرمايو: ڇا اوهان ان سان گڏ ڪنهن ڳيچ واريءَ کي موڪليو. حضرت عائشه رضي الله عنها عرض ڪيو ته نه! پاڻ ﷺ جن فرمايو: انصار اهڙي قوم آهي، جيڪا غزل کي پسند ڪندي آهي. ان سان گڏ ڪنهن کي موڪليو ها جيڪو چوي ها: آتيناكم آتيناكم فحيانا وحياكم (ابن ماجه) يعني اسين اوهان وٽ آيا آهيون، اسين اوهان وٽ آيا آهيون. الله تعاليٰ اسان ۽ اوهان کي زنده رکي.)

هي غزل جا بند آهن. انصار جون عورتون شاديءَ جي موقعي تي اهو غزل چونديون هيون. پورو غزل هن ريت آهي:

آتيناكم آتيناكم فحيانا وحياكم
ولا لو الحنطة السمراء لم تسمن عذراكم
ولولا الذهب الاحمر لم بجلل لواياكم

ترجمو: "اسين اوهان وٽ آياسين اسين اوهان وٽ آياسين پوءِ اسان لاءِ به سوکڙيون هجن ۽ توهان لاءِ به. جيڪڏهن ڳاڙهسري ڪڻڪ نه هجي ها ته اوهان جون ڪنواريون ڇوڪريون ٿلهيون ڪونه ٿين ها ۽ جيڪڏهن ڳاڙهو سون نه هجي ها ته اوهان جا جهنڊا ڇمڪن ڪونه ها."

حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي، فرمائي ٿي تہ مون وٽ انصار جي هڪ ڇوڪري رهندي هئي، جڏهن مون ان جو نڪاح ڪيو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو: اي عائشه! تون ڳيچ ڇونہ ٿي ڳارائين، ڇوتہ انصار جي ان محلي وارا ڳيچ پسند ڪندا آهن. (رواه ابن حبان)

حضرت عامر بن سعيد رضي الله عنه کان روايت آهي فرمائي ٿو تہ آءُ هڪ ڏينهن قرظہ بن ڪعب رضي الله عنه ۽ حضرت ابو مسعود انصاري رضي الله عنه وٽ هڪ شاديءَ جي موقعي تي ويس. اتي ڇوڪريون گيت ڳائي رهيون هيون.[183] مون چيو: اي رسول الله ﷺ جا اصحابيو! ۽ جنگ بدر ۾ شريڪ ٿيندڙؤ! ڇا اوهان وٽ بہ گيت ڳايا وڃن ٿا، تنهن تي انهن چيو: جيڪڏهن گهرين تہ اسان سان گڏ ويهي اهي ٻڌ، جيڪڏهن گهرين تہ هليو وڃ، ڇوتہ شاديءَ جي موقعي تي اسان کي انهن جي اجازت ڏني وئي آهي. (رواه نسائي)

شاديءَ جي موقعي تي گيت ڳائڻ جي اجازت ان موقعي لاءِ ئي مخصوص هئي. ان بابت ڪن اصحابين کي ڄاڻ نہ هئي. تنهن ڪري حضرت عامر رضي الله عنه انهن تي پهريان اعتراض ڪيو ۽ هتي شاديءَ وارو وليمو مراد آهي.

حضرت ربيع بنت معوذ بن عفراءُ کان روايت آهي. فرمائي ٿي تہ منهنجي رخصتيءَ جي وقت رسول الله ﷺ جن تشريف فرما ٿيا ۽ منهنجي بستري تي ويٺا. اسان جي ڇوڪرين دف وڄائڻ شروع ڪيو ۽ بدر ۾ شهيد ٿيل اسان جي وڏڙن جا مرثيہ چوڻ لڳيون. انهن مان هڪ ڇوڪري چوڻ لڳي، اسان وٽ اهو نبي آهي، جيڪو سڀاڻي جون ڳالهيون ڄاڻندو آهن. تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو: ان کي ڇڏ ۽ اهوئي چئو، جيڪو اڳ ۾ چئو پيئون. (رواه بخاري)

شارحن مطابق اهي گيت ڇوندڙ صغير ڇوڪريون هيون. والله اعلم بالصواب.

فصل ٻيو

عام بازاري راڳ جي بيان ۾

اهو فاسقن، مجازي عاشقن ۽ نفساني خواهشن جي پيروي ڪندڙن جو شعار (نشاني) آهي، ان قسم جو راڳ نہ رسول الله ﷺ جن ٻڌو آهي ۽ نہ ان جي اجازت ڏني اٿائون. بلڪ ان کي حرام قرار ڏنو اٿائون. اهڙي قسم جي راڳ جا چار قسم آهن:

پهريون قسم: اهڙو ڪلام ڳائڻ، جنهن ۾ اسلام ۽ مسلمانن جي مذمت ۽ هجوِ (گلا) هجي يا ان ۾ ڪافرن جي تعريف يا انهن جي ڪنهن رسم جي تعريف هجي يا اهو ڪلام محض ڪوڙ ۽ بيهوده ڳالهين تي مشتمل هجي. راڳ جو اهڙو قسم باجماع امت حرام ۽ ناجائز آهي. ان جو ٻڌڻ ۽ چوڻ حرام آهي ۽ ان کي جائز سمجهندڙ ڪافر ٿي ويندو. نصوص قطعي ان ڳالهہ جا شاهد آهن، اسين ديگهہ کان بچڻ خاطر اهي دليل نہ ٿا دهرايون.

راڳ جو ٻيو قسم: اهڙو ڪلام آهي، جنهن ۾ جماع جي دعوت ڏيندڙ شين جو ذڪر هجي، مثال طور چمي، ڀاڪر وغيره جو ذڪر يا ان ۾ عورتن جون وصفون ذڪر ٿيل هجن يا عورتن جي چهري جو ذڪر هجي، مثال طور عورتن جي چپ، ڳل، اک، زلف، رنگ، قد وغيره جو ذڪر.

ٽيون قسم: اهڙو ڪلام، جنهن ۾ شراب يا شراب جي محفل وغيره جو ذڪر هجي.

چوٿون قسم: اهڙو ڪلام، جنهن ۾ عشق ۽ محبت جي معاملن، وعدن ۽ دلاسن جي وصال ۽ فراق جو ذڪر هجي يا انهن جي محبت وغيره جو ذڪر هجي. مثال طور ليلي مجنون، عذراءَ ۽ وامق جو ذڪر. انهن چئن قسمن کي فارسيءَ ۾ سرود، هنديءَ ۾ راڳ ۽ عربيءَ ۾ غناءَ چئبو آهي. اهو ذڪر پهرئين فصل ۾ ٿي چڪو. انهن مان پهريون قسم بالاتفاق حرام آهي. باقي صرف ۽ نحو وغيره ۾ ڪٿي ڪٿي جيڪي جاهليت واري دور جي شاعرن مثال طور امرءالقيس وغيره جا شعر ايندا آهن، اهي صرف مسئلي جي دليل جي لاءِ ايندا آهن، ان ۾ اسلام جي مذمت ۽ ڪفر جي مدح ٿيل نہ هوندي آهي، تنهن ڪري اهي ان کان استثنيٰ آهن. باقي ٽن پوين ۾ اختلاف آهي، اڪثر فقيهن ۽ محدثن جو چوڻ آهي تہ اهي حرام مطلق آهن. ڪن فقيهن جو چوڻ آهي تہ اهي مڪروهہ آهن. ابو حامد غزالي ۽ شيخ ابو عبدالرحمٰن السلمي جو چوڻ آهي تہ اهي مباح آهن ۽ ڪي صوفي تفصيل جا قائل آهن، يعني انهن وٽ ڪن ماڻهن جي لاءِ حرام آهن ۽ ڪن لاءِ مڪروهہ آهن ۽ ڪن لاءِ مباح آهن ۽ ڪن لاءِ مستحب آهن. صوفين جو مذهب انشاءَ الله تعاليٰ جدا فصل ۾ ذڪر ڪبو. هتي فقهاءَ جو مذهب ذڪر ڪجي ٿو، جن وٽ راڳ حرام ۽ مڪروهہ آهي.

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا! ڄاڻڻ گهرجي تہ فقهاءَ وٽ راڳ ممنوع آهي ۽ اڪثر فقيهہ ۽ محدث ان جي حرمت جا قائل آهن ۽ راڳ جي حرمت بابت فقيهن مستقل ڪتاب لکيا آهن. جيئن رسالہ مانعة الغناءِ[185] ۽

سراج المنير في تحريم الغناء والمذامير وغيره ۾ امام محمد زيات ۾ لکيو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص اهڙي شيءِ جي وصيت ڪئي، جيڪا مسلمانن ۽ اهل ڪتاب وٽ گناهہ آهي، ان ۾ ڳائڻي لاءِ وصيت بہ شمار ڪئي اٿائين.

شيخ ابوالقاسم شافعي معالم التنزيل ۾ لکيو آهي تہ راڳ سمورن مذهبن ۾ حرام آهي ۽ حديث شريف ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ عليه السلام جن فرمايو:

"الغناء ينبت النفاق في القلب كما ينبت الماءُ البقل والزرع."

ترجمو: راڳ دل ۾ ائين نفاق پيدا ڪندو آهي، جيئن پاڻي پوک کي ڦٽائيندو آهي.

شيخ عبدالحق محدث دهلويءَ مشڪواة شريف جي شرح ۾ حضرت انس رضي الله عنه جي روايت جا هي الفاظ آندا آهن تہ پاڻ عليه السلام جن جو فرمان آهي:

"ان الغناءَ واللهو ينبتان النفاق في القلب كما ينبت الماءُ العشب والذي نفس محمد بيده ان القرآن والذكر ينبتان الايمان في القلب كما ينبت الماءُ العشب."

ترجمو: راڳ ۽ اجائي راند دل ۾ نفاق کي ائين پيدا ڪندا آهن، جيئن پاڻي گاهہ کي پيدا ڪندو آهي ۽ مون کي ان ذات جو قسم! جنهن جي هٿ ۾ محمد عليه السلام جي جان آهي، قرآن ۽ ذڪر دل ۾ ايئن ايمان پيدا ڪندا آهن، جيئن پاڻي گاهہ کي پيدا ڪندو آهي.

شيخ فضيل بن عياض جو فرمان آهي تہ "الغناءُ رقية الزناء" راڳ زنا جو منڊ آهي.

ڪي ماڻهو ان کي مرفوع حديث شمار ڪندا آهن. پر اهو غلط آهي ۽ بلاغ مبين ۾ آهي تہ شيخ ابوالعباس مالڪي مسلم جي شرح ۾ لکيو آهي تہ راڳ جي حرمت بابت ڪنهن جو بہ اختلاف نہ آهي. سيني وٽ اهو حرام ۽ لهو و لعب آهي ۽ امام ابو حنيفہ ۽ امام مالڪ ان جي حرمت جا قائل آهن ۽ شرح منهاج ۾ آهي تہ امام شافعي رحمة الله عليه جو فرمان آهي تہ راڳ ٻڌڻ گناهہ آهي ۽ شرح مبري ۾ آهي تہ امام شافعي جي آخري راءِ ان جي حرمت بابت آهي ۽ امام احمد بن حنبل کان ان بابت ٻہ روايتون آيل آهن. هڪ روايت موجب راڳ مڪروهہ آهي ۽ ٻي روايت موجب حرام آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ راڳ جي حرمت نص قرآن مان ثابت آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَشْتَرِىْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللهِ (لقمان آيت: 6)

ترجمو: "۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي، جو بيهودي ڳالهہ کي ڳنهندو آهي. تہ جيئن الله جي واٽ کان ڀلائي."

هتي لهو الحديث مان مراد راڳ آهي ۽ اهو حرام آهي. مبسوط ۾ بہ ائين ئي آهي تہ امام ثعلبيءَ جي تفسير ۾ بہ ائين آهي. راڳ کي حلال سمجهندڙ ڪافر آهي، جامع الفتاويٰ ۽ فتاويٰ بيهقيءَ ۾ بہ ائين ئي لکيل آهي ۽ محيط ۾ آهي تہ اهوئي مذهب صحيح آهي، ڇوتہ ان جي حرمت نص سان ثابت ٿيل آهي ۽ مبسوط ۾ امام ابي نصردبوسي ۽ امام الخوارزمي کان نقل آهي تہ راڳ کي حلال سمجهڻ جي ڪري مرتد ٿي ويندو ۽ ان جي قتل جو خون بيڪار ٿي ويندو. پر ان کي توبہ پيش ڪرڻ کان پهريان قتل ڪرڻ مڪروهہ آهي.[186] متاخرين عالمن جو اهوئي مسلڪ آهي ۽ ان تي فتويٰ آهي ۽ نوادر البرهانيہ ۾ ائين آهي.

عالمن جو چوڻ آهي تہ راڳ ڇوڻ ۽ ان جو ٻڌڻ ٻئي ڪبيرہ گناهن مان آهن ۽ شيخ ابن الهمام جو چوڻ آهي

تہ مونکي معلوم آهي. علماءِ ڪرام ڪنهن بہ شيءِ کي تيستائين حرام قرار نہ ڏيندا آهن، جيستائين ان بابت نص قطعي آيل نہ هجي. صاحب البلاغ المبين ائين لکيو آهي.

فتاويٰ برهنہ واري جو چوڻ آهي تہ راڳ جو ٻڌڻ سمورن دينن ۾ حرام آهي، تنهن ڪري•ڪافرن کي بہ دارالسلام ۾ راڳ ٻڌڻ کان روڪبو.

وقائع البدعات ۾ آهي تہ امام ابو حنيفہ ۽ ان جي ساٿين وٽ حرام مطلق آهي ۽ ان جو ڳائڻ ۽ ٻڌڻ ٻئي حرام آهن. عوارف ۾ آهي تہ راڳ جي ٻڌڻ جي حرمت بابت علماءَ جو اجماع آهي ۽ ان ڪتاب مغني کان نقل ڪيو آهي تہ الله تعاليٰ جي قول "لهو الحديث" مان مراد راڳ آهي ۽ ان کي حلال سمجهندڙ ڪافر آهي ۽ راڳ کي پسند ڪندڙ منافق آهي. فتاويٰ برهنہ توڙي مواهب لدنيہ ۽ ملا علي قاري جي شرح عين العلم ۾ چوي ٿو تہ ابو طيب طبري، امام شافعي، امام مالڪ، ابو حنيفہ ڪوفي ۽ سفيان ٻين وٽ اهو حرام آهي.

امام شافعي رحمة الله ڪتاب آداب قضاءِ ۾ چيو آهي تہ راڳ لهو ۽ لعب آهي ۽ باطل سان مشابهت رکي ٿو. جيڪو شخص گهڻو ڳائيندو يا راڳ گهڻو ٻڌندو، ان جي شاهدي قبول نہ ڪبي ۽ امام مالڪ جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص ڪا ٻانهي خريد ڪئي ۽ اها ڳائڻي نڪتي تہ ان کي واپس ڪري پنهنجا پئسا موٽائي وٺندو.امام ابو حنيفہ راڳ کي گناہ شمار ڪري ٿو. ائين ڪوفي جا سڀ امام ۽ سفيان ثوري، حماد بن سليمان، ابراهيم نخعي ۽ شعبي وغيره ۽ اهو معارف العلوم ۾ آهي ۽ ڪشف المحجوب ۾ آهي تہ حضرت عمر رضي الله عنه راڳ چوندڙ هڪ شخص کي درا هنيا هئا.

حضرت معايہؓ، حضرت عليؓ منع ڪئي چو تہ وٽس ڳائڻيون عورتون هيون. اهڙيءَ طرح حضرت عليؓ امام حسنؓ کي ان حبشي عورت جي ڳائڻ کان منع ڪئي تہ اهو شيطاني فعل آهي.[187]

شيخ ابوالحارث نسائي جيڪو پنهنجي وقت جو قطب هو ٻڌائي ٿو تہ مان پاڻ راڳ جو قائل هوس. هڪ رات هڪ شخص منهنجي حجريٰ تي آيو ۽ چوڻ لڳو تہ ڪيترا طالب اچي گڏ ٿيا آهن ۽ توهان جي ديدار جا مشتاق آهن مهرباني ڪري اوڏانهن اچو ۽ انهن کي پنهنجي ديدار سان شرف بخشيو. اهو ٻڌي آءٌ انهن وٽ هليو آيس. مون ڏٺو تہ اهي حلقو ٻڌي ويٺا هئا ۽ هڪ بزرگ سندن وچ ۾ ويٺو هو. مونکي ڏاڍي عزت سان پيش آيا. هنن جي شيخ مون کان پڇيو تہ جيڪڏهن اجازت هجي تہ هو سرود شروع ڪن. مون هائو ڪار ڪئي. ايتري ۾ بہ ڄڻا ڏاڍي سوز ۽ فراق سان ڳائڻ لڳا. ويرم نہ گذري تہ مٿن حال پئجي ويو ۽ هو نعرا هڻڻ لڳا ۽ عجيب اشارا ڪرڻ لڳا. آخر انهيءَ راڳ ۾ صبح ٿي ويو. ان تي ويٺل شيخ مون کي چوڻ لڳو: تون چو نہ ٿو پڇين تہ آءٌ ڪير آهيان ۽ هي ماڻهو ڪير آهن. مون کيس چيو مهرباني ڪري ٻڌايو. هو چوڻ لڳو تہ آءٌ عزازيل آهيان يعني ابليس ۽ هي سڀ منهنجا پوئلڳ فرزند آهن. هن ڪم ۾ مون کي بہ فائدا آهن. پهريون تہ مونکي پنهنجا چڱا ڏينهن ياد ٿا اچن. ٻيو تہ پرهيزگارن کي ائين گمراہ ٿو ڪريان. اهو ٻڌڻ ڪانپوءِ سماع تان دل ڪچي وئي ۽ توبہ تائب ٿيس.

ڪشف المحجوب واري پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ مان علي بن عثمان جلابي شيخ ابو العباس شقانيءَ کان ٻڌو. فرمائي پيو تہ هڪ ڏينهن هڪ ٽولو راڳ ٻڌي رهيو هو ۽ هڪ پاڳل ان ٽولي ۾ ننگو ڪيڏي رهيو هو ۽ پورو ٽولو ان کان بي خبر هو ۽ اهڙي قسم جي هڪ حڪايت غوث الثقلين شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني جي هڪ ڪتاب مانعة الفناء ۾ بہ آيل آهي.

فقه جي ڪتابن لکيو آهي تہ راڳ مان لذت حاصل ڪرڻ گناھ آهي. باقي جيڪو ڪن ماڻهن کي راڳ ٻڌڻ سان انهن جي دل ۾ خوف الاهي ۽ شوق الاهي پيدا ٿيندو آهي، اهو استدراج آهي، ڪرامت نہ آهي، ڇوتہ جنهن ماڻهوءَ کي معصيت مان نعمت حاصل ٿي، اها ان لاءِ استدراج آهي.

شوق الاهي جيڪو نعمت عظميٰ آهي، جڏهن هي ان جي حصول کي راڳ جي عوض سمجهندو تہ معصيت ۾ مبتلا ٿي ويندو ۽ معصيت کي طاعت سمجهندو، ڇوتہ جيڪا شيءِ طاعت جو ذريعو بڻجي اها طاعت آهي، تنهن ڪري ان شيطاني مغالطي جي ڪري ڪافر ٿي ويندو. نعوذ بالله منه.

ڪن فقيهن ۽ محدثن جو چوڻ آهي تہ راڳ چوڻ ۽ ان جو ٻڌڻ مڪروھ آهي، حرام نہ آهي. ڇوتہ حرمت ۽ فرضيت نص قطعي ڪان سواءِ ثابت نہ ٿيندي آهي. حرمت نهي قطعي سان ثابت ٿيندي آهي ۽ فرضيت امر قطعي سان ثابت ٿيندي آهي. اهڙي قسم جي قطعي دليل ڪان پوءِ ان جي حرمت ۽ فرضيت جو منڪر ڪافر آهي، ڇوتہ ان جو انڪار نص قطعي جو انڪار آهي. بخلاف واجب ۽ مڪروھ جي جو اهي ٻئي دليل ظنيءَ سان ثابت ٿيندا آهن، تنهن ڪري واجب ۽ مڪروھ جي منڪر کي ڪافر قرار نہ ڏبو، بلڪ ان کي گمراھ ۽ گنهگار قرار ڏبو ڇوتہ واجب يا مڪروھ جو انڪار خبر واحد جو انڪار آهي ۽ اهو ڪفر نہ آهي.[188] اهائي تحقيق آهي ۽ راڳ جي حرمت جو دليل ظني آهي، قطعي نہ آهي، محدثن ان جي صراحت ڪئي آهي، تنهن ڪري يقيني طور راڳ مڪروھ هوندو ۽ راڳ جي حرمت جو سڀ ڪان وڏو دليل ترمذي شريف جي حديث آهي ۽ اها حديث ضعيف آهي. حديث هن ريت آهي:

حضرت ابو امامه رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

لا تبيعوا القينات ولا تشتروهن ولا تعلموهن اي الغنا وعلم الموسيقي وثمنهن حرام وفي مثل هٰذا انزلت ومن الناس من يشتري لهو الحديث (رواه احمد والترمذي، وابن ماجه)

ترجمو: "ڳائيندڙ ٻانهيءَ جي خريد ۽ فروخت نہ ڪريو ۽ انهن کي ڳائڻ ۽ موسيقيءَ جو علم نہ سيکاريو ۽ انهن جي قيمت حرام آهي هن حديث جي هڪ راوي علي بن يزيد جي باري ۾ خود امام ترمذي جو چوڻ آهي تہ اهو ضعيف آهي. انهن بابت ٿي الله تعاليٰ جو هي قول وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِىْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ (لقمان آيت: 6) نازل ٿيل آهي."

ترجمو: "۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي، جو بيهودي ڳالھ کي ڳنهندو(خريد ڪندو) آهي.

"قينات" قينة جو جمع آهي.قينة ڳائڻي ٻانهيءَ يا عورت کي چوندا آهن ۽ "لهو الهديث" ۾ اضافت بياني آهي، جيئن "خاتم فضة" ۽ "جبة صوف" ۾ آهي.

لهو الحديث بابت پنج قول آهن، هڪ قول هي آهي تہ لهو الحديث جو مطلب آهي اهڙي من گهڙت ڳالھ، جنهن جو ڪوئي اصل ۽ سند نہ هجي. اڪثر تفسيرن ۾ اهوئي قول آيل آهي. ٻيو قول هي آهي تہ لهو الحديث جو مطلب آهي تہ واهيات ۽ فضول ڪلام، تفسير بيضاويءَ ۾ ائين آهي. ٽيون قول آهي تہ لهو الحديث مان مراد راڳ آهي. مدارڪ ۽ مختصر التبيان ۾ ائين آيل آهي ۽ اشتراء "استعاره" آهي اختيار ڪان پوءِ آيت جو مطلب ٿيندو: "ومن الناس من يختار لهو الحديث علي حديث الحق" جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ اشْتَرَوُا الضَّلَالَةَ بِالْهُدَىٰ وَالْعَذَابَ بِالْمَغْفِرَةِ

ترجمو: اهي ئي ماڻهو آهن، جن هدايت جي بدلي ۾ گمراهيءَ کي ۽ مغفرت جي بدلي ۾ عذاب کي خريد ڪيو."

چوٿون قول هي آهي تہ ان مان مراد عجم جا اهي ڪتاب آهن، جيڪي نضر بن حارث فارس مان خريد ڪيا هيا جن ۾ انهن جا قصا لکيل هوندا هئا. نضر بن حارث قريش کي اهي قصا ٻڌائي چوندو هو (حضرت) محمد ﷺ بن عبدالله اوهان کي عاد ۽ ثمود جا قصا ٻڌائي ٿو ۽ مان اوهان کي رستم ۽ ايراني بادشاهن جا قصا ٻڌايان ٿو ۽ ماڻهن کي اسلام کان روڪيندو هو. تفسير بيضاويءَ ۾ ايئن آهي ۽ ڪن جوجوڻ آهي تہ انهن مان هڪڙو ڪتاب شاهنامہ (بادشاهن جون ڳالهيون) آهي.

پنجون قول هي آهي تہ نضربن حارث ڳائڻيون خريد ڪري آيو هو. ماڻهن کي راڳ ٻڌڻ ۾ مشغول رکندو هو تہ جيئن قرآن ۽ اسلامي تعليم نہ ٻڌن. ان بابت الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيلِ اللَّهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ (سورة لقمان آيت:6)

ترجمو: "جيئن (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان بغير علم جي گمراهہ ڪن."

انهن احتمالي معنائن جي ڪري راڳ جي پڪي حرمت ثابت نہ ٿيندي ۽ اها حديث حجت ٿي نہ ٿي سگهندي، چوتہ ان جو هڪ راوي علي بن يزيد ضعيف آهي.

شيخ عبدالحق محدث دهلوي فرمايو آهي تہ وڏن وڏن محدثن جهڙوڪ امام احمد بن حنبل، يحيٰ بن معين، ابو زرعة ۽ نسائي وغيره علي بن يزيد راوي تي جرح ڪئي آهي ۽ کيس ضعيف قرار ڏنو اٿن.[189] مشڪوٰة جي شرح ۾ ٻن جاين تي ائين لکيو اٿس. هڪ دفعو هن حديث جي شرح ۾ ۽ ٻيو "باب العيدين" ۾ تہ ڪجهہ محدثن وضاحت ڪئي آهي تہ راڳ جي حرام هئڻ يا ان جي جائز هئڻ بابت ڪابہ حديث صحت جي درجي تي رسيل نہ آهي ۽ انصاف جي ڳالهہ هي آهي تہ راڳ جي حرام هئڻ تي اهڙو نص قطعي جهڙو زنا ۽ شراب جي حرام هئڻ بابت آهي سو ثابت نہ آهي. فقيهن هن (راڳ) بابت تمام گهڻي سختي ڪئي آهي. راڳ جي حرام هئڻ بابت انهن جو سڀ کان طاقتور دليل ۽ حجت اهائي حديث آهي جيڪي مٿي گذري آئي، جنهن ۾ ان آيت سڳوري مطابق تفسير بيان ٿيل آهي. جڏهن تہ محدثن وٽ مٿيون ٻہ حديثون هڪ حضرت جابر رضي الله عنه جي جيڪا بيهقي جي روايت سان مٿي گذري آئي ۽ ٻي حضرت انس ﷺ جي حديث جيڪا ديلمي جي روايت سان گذري آئي، سي محدثن وٽ (صحيح) ثابت ٿيل نہ آهن.

تنهن ڪري اها حديث ضعيف شمار ٿيندي ۽ احڪام ۾ ضعيف حديث متروڪ هوندي آهي. ان تي سيني جو اجماع آهي. پر جي ان حديث کي صحيح مڃجي پوءِ بہ ان مان قطعي حرمت ثابت نہ ٿيندي، چوتہ خبر واحد مان يقين ثابت نہ ٿيندو آهي، بلڪ ظن ثابت ٿيندو آهي. شرح حسامي جي اها تحقيق آهي.

خبر واحد جو حڪم هي آهي تہ جڏهن خبر واحد شرائط سان ثابت ٿي تہ ان تي عمل واجب ٿيندو. يقين واجب نہ ٿيندو ۽ ڪي ان تي عمل جي جواز جا منڪر آهن ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن منهي عنه قطعي دليل سان ثابت ٿيل هجي، جيئن مثال مردار کائڻ ۽ شراب پيئڻ تہ ان جو ڇڏڻ فرض آهي. پر جي ان ۾ ڪنهن قسم جو شبهو اچي ويو تہ ان جو ڇڏڻ واجب آهي. مثال طور ڳوهہ ۽ شطرنج سان راند ڪيڏڻ وغيره، اتان معلوم

ٿيو تہ جڏهن حرمت جي لاءِ دليل قطعي هجي تہ ان جو ڇڏڻ فرض آهي. پر جڏهن دليل ظني هجي تہ ان جو ڇڏڻ واجب آهي ۽ ان صورت ۾ ممنوع جو ڇڏڻ واجب آهي ۽ واجب جو ڇڏڻ مڪروھ تحريمي آهي ۽ سنت جو ڇڏڻ مڪروھ تنزيهي آهي. ليڪن منهيات ۾ مڪروھ تنزيهي گهٽ هوندو آهي، البتہ جڏهن نهي بطور شفقت جي هجي، مثال طور وصال جي روزن جي نهي وغيره، ۽ جيڪڏهن حديث ڪي صحيح مڃجي تہ پوءِ راڳ جو مڪروھ هئڻ ثابت ٿيندو. جيئن قرآن جي آيت

لَا تَمُدَّنَّ عَيۡنَيۡكَ اِلٰى مَا مَتَّعۡنَا بِهٖۤ (حجر آيت88)

ترجمو: هرگز نہ ڪر پنهنجون نگاهون ان ڏانهن جنهن جو نفعو ڏنوسون ڪيترن کي.

صحابه ڪرام جو ان ڪان روڪڻ ۽ ان تي سختي ڪرڻ، ان جي ڪري هو جو اهو فاسقن ۽ عاشقن جو شعار هو ۽ پاڻ ﷺ جن ان کي نہ پنهنجي قول ۽ نہ پنهنجي تقرير سان مباح قرار ڏنو. جو فاسقن سان مشابهت رکڻ ممنوع آهي. باقي بدوين جا سرسان گيت ڳائڻ، سو جائز آهي ۽ اهو راڳ نہ آهي، جيئن مٿي پنهنجي جاءِ تي گذري آيو. عربن جي گيتن ڳائڻ ۽ فاسقن فاجرن ۽ (مجازي) عشق وارن جي راڳ ڳائڻ ۾ جيڪو فرق آهي سو ڪي فقيهہ سمجهي نہ سگهيا. تنهنڪري انهن ٻنهي قسمن کي ساڳيو سمجهيو، جيڪا هڪ وڏي غلطي آهي. بلاغ مبين سراج منير ۽ مانعة الغناء وغيره فقه جي ڪتابن ۾ راڳ ۽ باجن وڄائڻ جي حرام هئڻ بابت فتوائون لکيل آهن، سي هن لحاظ ڪان آهن تہ جن حديثن.مان راڳ جي جائز هئڻ جو اشارو ملي ٿو سي حديثون راڳ جي حرام ٿيڻ ڪان اڳ جون آهن. ان ڪان پوءِ الله تعاليٰ جي هن ارشاد:

وَمِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّشۡتَرِىۡ لَهۡوَ الۡحَدِيۡثِ (لقمان:6)

ترجمو: "۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو بيهودي ڳالهہ کي ڳنهندو آهي تہ (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان ڀلائي."[190]

سان منسوخ ٿيل آهن. "نصاب الاحتساب" ڪتاب ۾ چيو اٿس تہ حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها جي اها حديث جنهن ۾ عيد جي ڏينهن ٻن ڇوڪرين جي گيت ڇوڻ بابت آيل آهي، سا الله تعاليٰ جي هن قول:

وَمِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّشۡتَرِىۡ لَهۡوَ الۡحَدِيۡثِ (لقمان:6)

ترجمو: "ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو بيهوده ڳالهہ کي ڳنهندو آهي."

سان متروڪ (ڦٽي ڪيل) آهي.

بهرحال انهن سڀني ڪان هي غلطيون ٿي ويون آهن: (1) هڪ تہ عربن جي مخصوص گيتن ڳائڻ ۽ فاسقن فاجرن جي راڳ ۾ فرق نہ ڪري سگهيا ۽ ٻنهي کي هڪ ئي شيءِ سمجهي ويٺا ۽ ڪين اها خبر پئجي نہ سگهي تہ فاسقن فاجرن وارو راڳ، جنهن جي هر هڪ کي خبر آهي، سو رسول الله ﷺ هرگز نہ ٻڌو هو ۽ نڪي ان جي جائز هئڻ لاءِ فرمايو هيائون. الله تعاليٰ جي پناهہ جو رسول الله ﷺ هڪ ناجائز ڪم کي جائز چون. يا پاڻ ائين ڪن يا ٻڌن. (2) ٻي غلطي هي ڪئي اٿن تہ اها آيت مڪي آهي ۽ سوره لقمان سڄي مڪي آهي. مگر ان جون ٽي آيتون:

وَلَوۡ اَنَّ مَا فِى الۡاَرۡضِ مِنۡ شَجَرَةٍ اَقۡلَامٌ (لقمان:27)

ترجمو: "۽ جيڪي وڻ زمين ۾ آهن، سي جيڪڏهن قلم ٿين."

ڪان اڳتي ٿي آيتون (لقمان: 27 تا 30) سي مدني آهن.

۽ ڪن عالمن چيو آهي تہ هي آيت:

الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ (لقمان:3)

ترجمو: "جيڪي نماز پڙهندا آهن ۽ زڪواة ڏيندا آهن ۽ اهي آخرت جو ويساهہ بہ رکندا آهن."

تفسير بيضاوي واري چيو آهي تہ اهو قول ضعيف آهي. باقي سڄي سورة لقمان مفسرن جي اتفاق ۽ اجماع سان مڪي آهي. جڏهن تہ حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها جي شادي مديني شريف ۾ ٿي آهي. جيتوڻيڪ ان جو نڪاح مڪي شريف ۾ پيل هو ۽ عيدن جي نماز جي شروعات بہ مديني شريف ۾ ٿي جيئن سيرت گازروني ۾ آيو آهي. تنهنڪري حضرت عائشه رضي الله عنها جي اها حديث ۽ ٻہ ٻيون حديثون جيڪي اڳتي اچڻ واريون آهن يا شادي جي موقعي تي گيت چوڻ واريون حديثون، جيڪي مٿي گذري آيون ۽ انهيءَ شيدڻ ٻانهي جي روايت جنهن دف وڄائڻ جي باس باسي هئي تہ رسول الله ﷺ جن جنگ تان صحيح سلامت موٽي آيا تہ دف وڄائينديس ۽ اها حديث جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن جي مديني شريف هجرت ڪري اچڻ مهل ڇوڪرين طرفان رسول الله ﷺ جن جي سامهون بہ خوشي جا سهرا چيا هئا. "مولود عفيفي ۽ جامع المعجزات" ۽ سيرت جي ٻين ڪتابن ۾ بہ انئين آيل آهي. اهي سڀ واقعا هجرت کان پوءِ جا آهن ۽ مٿي ذڪر ٿيل آيت سڳوري اڳ جي آهي، اڳيون حڪم پوئين لاءِ ناسخ نہ ٿيندو آهي. تنهن هوندي بہ آيت سڳوري راڳ جي حرام هئڻ جي مستقل حڪم ثابت ٿيڻ مان هن خاڪي (ابو الحسن ڏاهريءَ) کي ڪوبہ اعتراض نہ آهي جيئن مٿي معلوم ٿي آيو.

هينئر انهن عالمن جو بيان ٻڌو جيڪي راڳ جي مڪروهہ هئڻ جا قائل آهن. "مجمع البحار" جي مادي "نرد" ۽ عبدالحق جي شرح مشڪوٰة ۾ آيل آهي تہ:

فقيه چون ٿا تہ راڳ ۽ راڳ جا سيئي اوزار حرام آهن ۽ رڳو خالي آواز سان راڳ ڳائڻ مڪروهہ آهي ۽ ڌارين عورتن جو راڳ ٻڌڻ سخت مڪروهہ آهي. هتي فقيهن مان مراد امام ابو حنيفه، امام احمد بن حنبل، امام شافعي ۽ هڪ قول موجب امام مالڪ آهن. ان ڪان سواءِ باقي ٻين فقيهن راڳ کي هر حال ۾ حرام قرار ڏنو آهي. شيخ عبدالحق مشڪواة جي شرح ۾ "باب العيدين" ۾ چيو آهي تہ امام اعظم جو صحيح قول راڳ ۽ دف وڄائڻ جي مڪروهہ هئڻ جو آهي، مطلق حرام جو نہ آهي ۽ امام احمد بن حنبل جو مسلڪ سخت مڪروهہ وارو آهي. ان ڳالهہ تي حنبلي مسلڪ جا ڪتاب شاهدي ڏين ٿا، ۽ ٻين فقيهن کان راڳ جو حرام هئڻ ثابت آهي.[191] شيخ عبدالقادر جيلاني قدس سره جي ڪتاب غنية الطالبين ۾ جيڪو پاڻ حنبلي آهي. تنهن امام احمد کان راڳ ۽ سرود جو مڪروهہ هئڻ بيان ڪيو آهي.

جيڪي راڳ جي مڪروهہ هئڻ جا قائل آهن، انهن جو چوڻ آهي تہ ساز وغيره سان راڳ ٻڌڻ حرام ۽ ساز کان سواءِ راڳ ٻڌڻ مڪروهہ آهي ۽ ڌارين عورتن سان گڏ راڳ ٻڌڻ سخت مڪروهہ آهي ۽ انهن جو چوڻ آهي تہ راڳ ٻڌڻ جي ڪري طبيعت ۾ جوش ۽ عورتن ڏانهن ميلان ۽ نفس ۾ سستي پيدا ٿيندي آهي، تنهن ڪري ان کي مڪروهہ شمار ڪبو.

بلاغ مبين ۾ آهي تہ امام شافعي رحمة الله ۽ امام مالڪ رحمة الله جو هڪ قول ان جي حرمت ۽ هڪ قول ان جي مڪروهہ هئڻ جو آهي.

هي به ڄاڻڻ گهرجي ته جيڪڏهن راڳ نص قطعي سان حرام هجي ها ته امام ابو حامد محمد غزالي ان جي جواز جو قائل نه ٿئي ها ۽ هتي هيءَ ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته: مَنۡ يَّشۡتَرِىۡ لَهۡوَ الۡحَدِيۡثِ مان مراد هر اجائي راند جي حرمت ۽ نهي آهي. جيڪا ضلالت ۽ گمراهي جي طرف پهچائيندڙ هجي ۽ راڳ جي باري ۾ اها آيت مخفي آهي. ڇوته راڳ ٻئي نالي سان موسوم آهي، جيئن چور جي هٿ ڪٽڻ واري آيت چور جي هٿ ڪٽڻ ۾ ظاهر آهي ۽ ڪفن چورائيندڙ ۽ کيسو ڪٽيندڙ جي باري ۾ مخفي آهي. اسين جڏهن راڳ ڏانهن ڏٺوسين ته کهڙي سبب جي ڪري ان کي ٻئي نالي سان موسوم ڪيو ويو آهي. سوچ ويچار کان پوءِ معلوم ٿيو ته ترنم ۽ آواز جي زيادتيءَ جي ڪري ان کي ٻئي نالي سان موسوم ڪيو ويو آهي. باوجود هن جي جو راڳ به اجائي لهو ۽ لعب ۾ شامل آهي. جڏهن اجائي راند روند گمراهيءَ جو سبب آهي ته راڳ بطريق اوليٰ گمراهيءَ جو سبب بڻجندو. جيئن چوريءَ واري آيت ۾ ڪفن چورائيندڙ ۽ ڳنڍي ڪپ جو هٿ ڪاٽيو ويندو آهي. باوجود هن جي جو ڪفن چورائيندڙ ۽ جيب ڪترڻ جو نالو جدا آهي. پر چوريءَ واري معنيٰ ۾ زيادتيءَ جي ڪري انهن جو هٿ ڪاٽيو ويندو آهي. هتي به اها آيت راڳ جي حرمت تي شامل ٿيندي. باوجود هن جي جو اها آيت نضر بن حارث بابت لٿي هئي، پر ان لاءِ مخصوص نه آهي، بلڪ عام آهي. جيئن:

لَا تَقۡتُلُوا الصَّيۡدَ وَاَنۡتُمۡ حُرُمٌ (المائدة آيت95)

ترجمو: اي ايمان وارو احرام جي حالت ۾ شڪار نه ڪريو.

هيءَ آيت جيتوڻيڪ ابو البشير بابت نازل ٿي هئي، جنهن جنگلي گڏهه شڪار ڪيو هو پر ان لاءِ مخصوص نه آهي، بلڪ هر شڪاريءَ تي لاڳو آهي.

حسامي جي شرح "تحقيق" ۾ آندو اٿائين ته جڏهن ظاهر يا نص بعض احتمال تي حملا ڪيا وڃن ته بنا ڪنهن اختلاف جي مؤل تي ويندا. ان مطابق مٿين آيت "اشتراء لهوالحديث" ۾ نص آهي. ماڻهن جي گمراهه ڪرڻ ۾ ظاهر آهي. "لهو الحديث" سان يا ظاهر آهي انهن ٻنهي ۾ ۽ نص آهي لهو الحديث جي تحريم ۾ ڇو ته نص ان کي چئبو آهي، جنهن جي لاءِ ڪلام کي آندو وڃي يا جيڪو ظاهر کان وڌيڪ بيان ڪري. قريني جي ڪري جيڪو قرينو متڪلم جي طرفان لفظ سان مليل هجي ۽ غير لفظي هجي. نص بابت جيڪي به اختلافي قول آيا آهن، انهن موجب جنهن خبر واحد يا قياس سان لهو الحديث مان مراد راڳ يا ڳائيڻيون ورتي وڃي حڪم تاويل جو هي آهي ته ان تي عمل ڪرڻ واجب آهي. پرغلطيءَ جو احتمال به هوندو اٿس. قطعي نه آهي ظني آهي. ان صورت ۾ راڳ مڪروهه تحريمي آهي. راڳ جي حرمت جو انڪاري ڪافر نه ٿيندو. مؤل جي سيني قسمن جو اهوئي حڪم آهي. جڏهن مشترڪ جي بعض معنائن کي ترجيح ڏني وڃي. دليل ظني سان ته تاويل ٿي ويندو. خفي، مشڪل محمل مان جڏهن خفاء هر هڪ مان ختم ٿي دليل ظني سان جيئن خبر واحد ۽ قياس ته اهو به تاويل ٿيندو. جڏهن ظاهر يا نص پنهنجي بعض معنائن تي حمل ڪيو وڃي. دليل ظنيءَ سان ته تاويل ٿيندو. تاويل جي سيني قسمن جو حڪم جيڪو ان سان ثابت ٿيندو آهي، ان تي عمل ڪرڻ واجب آهي. ان جي انڪاريءَ کي ڪافر نه چئبو. ان مسئلي جي تحقيق حساميءَ جي شرح "التحقيق" ۾ آهي. پهرين صورت موجب راڳ جي حرمت دليل قطعي سان آهي. ان جو انڪاري ڪافر آهي. اهو سمورو اصول فقه جي قاعدن موجب آهي "والله تعاليٰ اعلم بالصواب"

فصل ٽيون

بانسري ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي ٻين سازن جي بيان ۾

اي حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا! ڄاڻ گهرجي ته جهڙيءَ طرح راڳ جي حرام هئڻ ۽ مڪروهه هئڻ ۾ اختلاف آهي. اهڙيءَ طرح راڳ جي سازن بابت پڻ اختلاف آهي. جيڪي راڳ جي حرام هئڻ جا قائل آهن، انهن وٽ راڳ جا ساز به حرام آهن. پوءِ اهي راڳ سان گڏ وڄايا وڃن يا بنا راڳ جي. ٻنهي صورتن ۾ حرام آهن ۽ جيڪي راڳ جي مڪروهه هئڻ جا قائل آهن، انهن وٽ راڳ کان سواءِ مڪروهه ۽ راڳ سان گڏ حرام آهن.

يعني ان ۾ ٻه ڪراهيتون گڏ ٿي ويون آهن. (1) راڳ جي ڪراهيت (2) راڳ جي سازن کي وڄائڻ جي ڪراهيت. تنهنڪري اهڙو راڳ ته حرام ٿي ويو شيخ عبدالحق جي شرح مشڪواة مان ٻه ائين سمجهه ۾ اچي ٿو "مجمع البحار" ۾ هڪ جاءِ تي لکيل آهي ته راڳ جي اوزارن کي فارسي ۾ "ساز" چوندا آهن. سي سڀ ٻه قسم آهن. (1) هڪ قسم جي سازن کي وات تي رکي وڄائيندا آهن (2) ٻيو قسم سازن جو اهو آهي، جيڪو هٿن سان وڄائيندا آهن. هي وري پڻ ٻه قسم آهي. (1) ڪنهن ڌاتوءَ وغيره جي تار سان، جيڪا ڪنهن شيءِ تي ٻڌل هوندي آهي تنهن سان وڄائيندا آهن. (2) ٻيو قسم ڪن جانورن جي کلن مان ٺاهيندا آهن. جيڪو اندران خالي هوندو آهي. (جهڙوڪ دهل وغيره) ۽ باجا راڳ جي اوزارن جي ٻنهي قسمن ۾ شامل آهن. حديثن ۾ جتي ٻه لفظ "باجا" آيل آهي اتي راڳ جا اهي سيئي اوزار مراد آهن. پلي اهي اوزار جيڪي هٿ سان وڄائجن يا وات سان. محدثن انهيءَ ڳالهه جي چٽي وضاحت ڪئي آهي "معازف" "معزف" ميم جي ڪسر عين ساڪن ۽ زا جي زير سان جمع آهي. اهڙي ساز کي چئبو آهي جنهن سان راڳ ڳائيندا آهن.[193]

لغت جي ڪتاب "قاموس" ۾ چيو اٿس "معزف" بروزن "منبر" آهي. يا وري اهو لفظ قياس جي ابتڙ "عزف" جو جمع آهي. جيئين "حسن" جو جمع "محاسن" ۽ "سوءُ" جو جمع "مساوي" ايندو آهي. تنهنڪري "عزف" ٻه "معزف جي معنيٰ ۾ آهي. جيئن "وصف" جي معنيٰ اهڙي ٿئي جنهن سان ڪنهن شيءِ جي وصف (تعريف) ڪجي ۽ جيئن اسان جي جملي "رجل عالم" ۾ لفظ "عالم" ان صورت ۾ ان جو جمع "معازف" آهي ۽ پڻ "عزف" سازن وڄائڻ سان راند ڪرڻ کي چئبو آهي ۽ "راند ڪيڏڻ" کي ٻه عزف، چوندا آهن ۽ پڻ "معازف"ان مشهور ساز کي چوندا آهن جنهن کي فارسي ۾ "چغافه " ۽ هندي ٻولي ۾ "مندل" چوندا آهن. مشڪوٰة جي شرح ۽ ڪشف اللغات ۾ ٻه ائين لکيل آهي. "فرهنگ رشيديءَ" ۾ چيو اٿس ته "چغانه

" ڪپهہ پجڻ وارن جي هڪ اوزار وانگر هڪ ڪاٺي ٺيندي آهي. جنهن جو منهن ۽ مٿو چڙين سان ٻڌل هوندو آهي ۽ ان جو هيٺيون حصو ۽ ان جي هيٺين حصي کي اُهي پاڻ نظر ۾ رکندا آهن ۽ چغانہ جو پردو موسيقي جو هڪ پردو آهي.

مطلب تہ هتي "معازف"مطلق راڳ جي اوزارن بابت آيل آهي جيتوڻيڪ ٻين جاين تي "معازف" "چغانن" ۽ راند روند ۽ راڳ جي اوزار جي معنيٰ ۾ بہ آيل آهي ۽ پڻ راڳ جي انهن اوزارن جي معنيٰ ۾ بہ آيل آهي، جيڪي هٿ سان وڄائيندا آهن. قاموس ۾ چيو اٿس تہ "معازف" چپڙي بربط ۽ طنبوري وانگر راڳ ڳائڻ جو هڪ اوزار آهي.

باقي "مزامير" مزمار جو جمع آهي، اهي ٻئي لفظ مصدر آهن جنهن جي معنيٰ آهي "راڳ جو اوزار وڄائڻ. "قراح" ۾ چيو اٿس تہ عرب چوندا آهن "رجل زمار" باجن وڄائڻ وارو مرد، ائين نہ چوندا آهن "امرءة زمارة" ۽ شد ڪان سواءِ "زمارة" پڻ مصدر آهي.

شيخ عبدالحق چيو آهي تہ اهو لفظ "زمار" "مزمار" جي معنيٰ ۾ بہ ايندو آهي. مجمع البحار ۾ بہ "زمار" ۽ "مزمار" ٻنهي کي ساڳي معنيٰ وارو چيو اٿس.

جاڻڻ گهرجي تہ "مزمار" فارسي ۾ هر ان شيءِ کي چئبو آهي جيڪا ڏگهي هجي ۽ اندران خالي ۽ پوري هجي. جنهن کي فارسي ۾ "ناوُ" ۽ "نايُ" چوندا آهن.

پر اهو ان ڪانهہ کي چئبو آهي جيڪا پنهنجو پاڻ ڦٽي پوندي آهي ماڻهو ان کي پوڪيندا نہ آهن ۽ ان جي معنيٰ "جيئر" ۽ تڏي وغيره کي چوندا آهن ۽ ان جي معنيٰ "ڪلڪ" ۽ قلم بہ ايندي آهي. هتي ان مان مراد پهرين معنيٰ ئي آهي.

باقي لفظ "ناوُ" ۽ "نايُ" سو هر اهڙي شيءِ کي چوندا آهن جيڪا اندران خالي هجي ۽ وات سان وڄائجي. ڀلي ڪٿي اها ڪاٺي مان هجي يا ڪنهن ٻي شيءِ مان. اصل پيدائشي لحاظ ڪان اندران پوري هجي يا هٿ سان ان کي اندران پورو ڪيو ويو هجي.

"بوق" شرناءِ کي چون ٿا ۽ "ناوُ" پاڻي جي نيساري کي بہ چوندا آهن ۽ پاڻي جي سوڙهي ۽ تنگ نالي کي بہ "ناوُ" چون ٿا. اهڙي ريت ننڍڙي ٻيڙي کي بہ "ناو" چون ٿا. واو کي همزه سان مٽائي "نائي" ڪنڌ ۽ نڙي کي بہ چون ٿا. ان جون ٻيون معنائون بہ ايندون آهن ان جي يا ء کي همزه سان مٽائيندا آهن. هتي اها معنيٰ مراد نہ آهي.

باقي "چنگ" کي مزمار نٿا چون جيتوڻيڪ اهو پڻ وات سان وڄائيندا آهن. پر ان ۾ تار هوندي آهي جنهن کي هٿ سان وڄائيندا آهن.

مطلب تہ لفظ "معازف" باجن ۽ سازن جي سيني قسمن کي شامل آهي[194] جيڪي وات يا هٿ سان وڄائيندا آهن ۽ اهي آواز ڪندا آهن.

چڙن جي جهونگار بہ هڪ مشهور قسم آهي جيڪو اصل لغت ۾ ان اوزارکي چئبو آهي جيڪو رات جو بيابان ۽ ريگستان مان ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ۽ پڻ جنن جي آواز ۽ هوا جي زوڪٽ کي بہ "جرس" چوندا آهن.

هينئر ڪجهہ حديثون بيان ڪجن ٿيون. جن ۾ ڳائڻ وڄائڻ جي سامان رکڻ ڪان منع ڪئي وئي آهي. هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت ابو عامر رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: منهنجي امت ۾ اهڙا ماڻهو بہ هوندا، جيڪي ريشم، شراب ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي سامان کي حلال سمجهندا. (رواه بخاري).

هي هڪ ٻگهي حديث آهي. امام بخاري کي پنهنجي ڪيل روايت ۾ شڪ آهي ته اها روايت حضرت ابو عامر رضي الله عنه ڪئي آهي يا حضرت ابو مالڪ رضي الله عنه. اهي ٻئي اصحابي اشعري آهن. شيخ عبدالحق به ائين چيو آهي. "خزا" پهرين ۽ ٻئي دور ۾ پشم ۽ ريشم مان ناهيل ڪپڙي کي چوندا هئا. پشم (اوني) ڪپڙو پائڻ جائز آهي. اصحابي سڳورا ۽ تابعي اهڙو ڪپڙو پائيندا هئا ۽ اڄ ڪلهه "خز" رڳو ريشمي ڪپڙي کي چون ٿا. اهو اڄ ڪلهه به قسم آهي. حرير جو عطف خز تي عام جو خاص تي عطف جي قسم مان آهي.

حديث شريف جو مطلب آهي ته انهن چئن حرام ۽ منهي عنه ڪمن کي ڪي ماڻهو نفس ۽ شيطان جي ڪري لڳندي ان کي حلال سمجهندا ۽ حرام کي حلال سمجهڻ ڪفر آهي.

هڪ حديث شريف ۾ آهي ته حضرت ابو امامه رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: الله تبارڪ وتعاليٰ مون کي جهان وارن لاءِ رحمت ۽ هدايت بڻائي موڪليو آهي ۽ مون کي بانسري ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي سازن کي مٽائڻ جو حڪم مليل آهي. (رواه احمد)

چئني امامن جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته ڳائڻ وڄائڻ جي سازن کي ڀڃڻ جي ڪري ڀڃندڙ جي مٿان ضمان ۽ جنايت لازم نه ايندي.

حضرت نافع رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائي ٿو ته مان هڪ دفعي حضرت ابن عمر رضي الله عنهما سان گڏ ڪنهن رستي تان گذري رهيو هيس ته حضرت ابن عمر رضي الله عنهما بانسريءَ جو آواز ٻڌو ته پنهنجن ڪنن ۾ آڱريون وڌائين ۽ رستو تبديل ڪيائين. ڪجهه پنڌ ڪرڻ کان پوءِ مون کي چيائين ته ڇا اجان آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو؟ مون عرض ڪيو ته نه. ان کان پوءِ پنهنجن ڪنن مان آڱريون هٽايائين ۽ فرمايائين ته هڪ دفعي آئون پاڻ صلي الله عليه وسلم جن سان گڏ هيس، جڏهن پاڻ صلي الله عليه وسلم جن ڌنار جي بانسري جو آواز ٻڌو ته ائين ئي ڪيو هيائون. حضرت نافع رضي الله عنه فرمائي ٿو ته ان وقت مان صغير ٻار هيس. (رواه احمد و ابوداؤد)

ڪتاب مناقب اهل بيت ۾ آهي ته امام علي رضا جڏهن پنهنجي مريدن کي ساز وڄائيندي ڏسندو هو ته انهن کي ان کان منع فرمائيندو هو. مريد چوندا هئا ته ان آواز ٻڌڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي؟ حضرت امام علي رضا فرمائيندو هو ته ڇا اوهان الله تعاليٰ جو هي فرمان نه ٻڌو آهي:

وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهِ عِلْمٌ ۚ إِنَّ السَّمْعَ وَالْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ كُلُّ أُولَٰئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْئُولًا (بني اسرائيل: 36)

ترجمو: "۽ (اي ٻانها) جنهن شيءِ جي توکي ڪا سڌ نه آهي، ان جي پويان نه لڳ، ڇو ته ڪن، اک ۽ دل انهن سيني (عضون) کان ان بابت بلڪل پڇا ٿيندي."

انهن کي فرمائيندو هو. جيڪڏهن اوهان ان حالت ۾ مري ويو ته جاهليت واري موت تي مرندؤ ۽ اسين ڪنهن به صورت ۾ اوهان جي جنازي نماز نه پڙهنداسون.[195]

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: الله تبارڪ وتعاليٰ شراب، هر قسم جي نشي ۽ طبلي وڄائڻ کي حرام قرار ڏنو آهي. (رواه بيهقي في شعب الايمان)

"غبيراءُ" ان شراب کي چوندا هئا جيڪو حبشي جوئر مان ناهيندا هئا. ان کي "السڪرة" به چوندا هئا. "الڪوبة" ڪاف جي پيش سان طبلي کي چوندا آهن. جيئن مشڪوٰة شريف واري پنهنجي ڪن راوين کان اها معنيٰ آندي آهي. ڪن عالمن چيو آهي ان جي معنيٰ آهي "بربط". ڪن عالمن چيو آهي ان جي معنيٰ

آهي "ڳوٽ". جامع الاصول جي شرح ۾ چيو اٿس ته "الكوبة" ان ننڍڙي طبلي کي چوندا آهن جنهن کي ٻه مٿا هجن. عبدالحق دهلوي ائين چيو آهي ۽ تي سگهي ٿو ته "الكوبة" اصل ۾ فارسي ٻولي جو لفظ هجي. جناب رسول الله ﷺ جن جي زبان مبارڪ تي مختلف وقتن تي فارسي ٻولي جا ڪجهه لفظ جاري ٿيا آهن. ٿي سگهي ٿو ته انهن مان هڪ "ڪوبه " به هجي. اهو هڪ ڪاٺي آهي جنهن سان طبلي، دف ۽ نغاري کي وڄائيندا آهن. ان کي "ڪوس" به چون ٿا. حديث جو مطلب آهي ته انهن سيني اوزارن جو آواز ٻڌڻ حرام آهي. (فارسي ٻولي ۾) ڪوس نغاري، ڪوبه ۽ ڪوفتن جي معنيٰ ۾ به آيل آهي.

حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن شراب، نشي، طبلي ۽ نغاره وڄائڻ کان منع فرمائي آهي. (رواه ابو داؤد)

حضرت ابوهرير ﷺ کان روايت آهي، فرمائي ٿو ته پاڻ ﷺ جن ڪتي جي قيمت ۽ ڳائڻيءَ جي ڪمائي کان منع فرمائي آهي. (رواه في شرح السنة)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو: جنهن ٽولي ۾ ڪتو ۽ گهنڊڙي هوندي آهي، اتي ملائڪ نه ايندا آهن. (رواه مسلم)

حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو: گهنڊڙي شيطان جي بانسري آهي. (رواه مسلم)

هي به ڄاڻڻ گهرجي ته دارالاسلام ۾ ڳائڻن ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي سازن جي ڪثرت ۽ شراب جي ڪثرت قيامت جي نشانين مان آهي. ترمذي شريف جي هڪ ڊگهي حديث ان ڳالهه تي ڏس ڏئي ٿي، جنهن سان دنيا ۾ تڪليفن ۽ مصيبتن جي شروعات ٿيندي. ان جي آخر ۾ هي الفاظ به آيل آهن ته جڏهن ڳائڻيون، ڳائڻ وڄائڻ جا ساز، شراب واپرائڻ ۽ اسلاف تي طعن ۽ تنقيد گهڻي ٿيندي ته پوءِ ان وقت زلزلن، ڳاڙهي طوفان، زمين جي ڌڏڻ ۽ شڪليون تبديل ٿيڻ جو انتظار ڪريو ۽ هڪ ٻئي پويان قيامت جي نشانين جي اچڻ جو انتظار ڪريو. ڪنزالعمال ۾ اهڙيون ٻيون حديثون به آهن.

حديث. "ما انا من د دولا الدد مني."

ترجمو: نڪي آئون راند ڪيڏڻ وارن مان آهيان ۽ نڪي راند ڪيڏڻ منهنجي مصروفيت مان آهي.

اها حديث فقه جي ڪتابن جهڙوڪ هدايه، ڪافي ۽ شرحن ۽ فتويٰ جي ٻين ڪتابن ۾ گهڻي آيل آهي. لفظ "ددِ" ٻن دالن سان راند روند ڪيڏندڙ کي چئبو آهي. "دَدٌ" ۾ ٽيون حرف آهي ۽ اهو محذوف آهي. تنهنڪري هي لفظ "يَدٌ" ۽ "دمٌ" وانگر ٿي پيو ۽ ڪڏهن اهو لفظ عصا وانگر ايندو آهي. لغت جي ڪتاب "قراح" ۾ چيو اٿس ته عرب چوندا آهن "هٰذا دوا" هي رانديگر آهي. لفظ "دوا" عصا وانگر پڙهبو ۽ دمٌ وانگر "دَدٌ" به ايندو آهي. "مجمع البحار" ۾ چيو اٿس "دَدٌ" اصل ۾ "دديٌ" هو "فديٌ" وانگر يا وري "بدن" وانگر "ددنٌ" هو. تنهنڪري هن جو پڇاڙي وارو حرف محذوف آهي[196] ۽ ڪڏهن اصلي حالت ۾ "ددنٌ" به استعمال ڪندا آهن. حديث ۾ هن کان پوءِ به مضاف مقدر ٿيل آهن. هڪ لفظ "اهل" پهرين هن کان پوءِ ۽ ٻيو ٻي هن کان پوءِ لفظ "اشتغال" تنهنڪري حديث جي اصلي صورت هن گهنڊڙي ريت آهي:

"ما انا من اهل دَد ولاالدد من اشتغالي"

ترجمو: "نه آئون راند ڪيڏندڙن مان آهيان ۽ نڪي راند ڪيڏڻ منهنجي مصروفيت آهي."

فقيهن هن حديث کي راڳ، سرود، باجن ۽ سازن جي سيني قسمن جي حرام هئڻ لاءِ آندو آهي. فتويٰ برهنه ۾ راڳ ۽ سلزن جو ٻڌڻ حرام ڪمن مان ڳڻيو اٿس ۽ "جامع الرموز کان نقل ڪيو اٿس تہ نچڻ، تاڙيون وڄائڻ، دهل وڄائڻ، طنبورو، بربط، باجو رباب، ساز، چنگ، طبلو شير وغيره وڄائڻ سڀ حرام آهن. "نصاب الاحتساب" ۾ آهي باجن، سازن ۽ راڳ جي سيني قسمن جي اوزارن جي ساڙڻ لاءِ عيدگاهہ ۾ هڪ جڳهہ هجي، ڇو جو عيد جي ڏينهن عام ۽ خاص سيني ماڻهن جو وڏو مجموعو هوندو آهي. ان ڳالهہ کي ڪجهہ دليلن سان جائز ثابت ڪيو اٿس. عيد جي ڏينهن راڳ جي اوزارن کي ساڙڻ مان مقصد ماڻهن ۾ هن ڳالهہ جو اعلان ڪرڻو آهي تہ راڳ رنگ جي محفلن مچائڻ وارن کي ملامت تئي فقه جا اصلي ڪتابن توڻي شرحن جا ڪتاب ان بحث سان ڀريا پيا آهن، جن ۾ راڳ رنگ جي فسق ۽ فجور ۾ شمار ڪيو آهي ۽ پڻ اهڙي قسم جي سازن کي حرام قرار ڏنو آهي.

(والله اعلم بالصواب)

فصل چوٿون

اهڙي ڳائڻ وڄائڻ جي بيان ۾ جيڪو ڪراهيت ۽ حرمت ۾ نٿو اچي

انهن مان هڪڙو قسم متي بيان ٿيل عربن جا گيت آهن. پر شرط آهي ته انهن ۾ فحش گوئي ۽ منڪرات جو ذڪر نه هجي ۽ وصال ۽ فراق جو ذڪر نه هجي، ڇوته ان کي عرف ۾ ڳائڻ نه چئبو آهي. پر جن مطلق ڳائڻ کي حرام قرار ڏنو آهي، انهن فاسقن ۽ مجازي عاشقن سان مشابهت جي ڪري ان کي حرام قرار ڏنو آهي، ڇوته مباح جي حرام سان تشبيهه مباح کي حرام ڪري ڇڏيندي آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي ته حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"من تشبه بقوم فهو منهم" (رواه احمد و ابوداؤد)[197]

ترجمو: "جيڪو جنهن قوم سان مشابهت رکندو، اهو انهن مان آهي."

حديث شريف ۾ آيو آهي ته "تهمت وارين جڳهن کان بچو." هي حديث ۽ متين حديث انهن حديثن جي ابتڙ آهي، جن حديثن مان عربي گيتن جو ٻڌڻ جائز ثابت ٿئي ٿي ۽ فقهي قاعدو آهي ته جڏهن اباحت ۽ حرمت جا دليل هڪ ٻئي آڏو اچن ته حرمت وارو دليل مقدم هوندو آهي، البته وجه تشبيهه ۾ اعتراض ڪري سگهجي ٿو ته هتي معنيٰ جي اعتبار سان ڪنهن به قسم جي تشبيهه نه آهي. ڇوته اهو ڳائڻ جيڪو فاسقن جي طبيعت لاءِ مرغوب آهي، ان ۾ فحش ۽ منڪرات جو ذڪر هوندو آهي ۽ مجازي عاشقن جا قصا هوندا آهن ۽ هوڏانهن بدوين جي ڪلام ۾ الله تعاليٰ جي تعريف، ان جي نعمتن جو ذڪر ۽ بهادرن جا قصا ذڪر ٿيل هوندا آهن. تنهن ڪري هنن ۾ ڪنهن به قسم جي تشبيهه نه هوندي، جيئن هي شعر آهي:

ولولا الحنظة اسراءَ لم يسمعن عذا لا كم
ولولا الذهب الاحمر لم يحالل لوايا كم

پر جي وجهه تشبيهه ترنم ۽ آواز کي قرار ڏجي ته اهو به صحيح نه آهي. ڇوته ٻنهي جي آوازسر ۽ ترنم ۾ فرق هوندو آهي، البته انصاف هي آهي ته سلامتي، تقويٰ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪرڻ ۽ شبهن کان بچڻ ۾ آهي، ڇوته راڳ جي ٻڌڻ ۾ ڪوبه ديني فائدو نه آهي. بهرحال دين جو ڪو به مقصد راڳ ۽ سرود تي منحصر ناهي.

هتي هي ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن ترنم سان آواز بلند ڪرڻ جيتري تشبيهه ڪافي هجي ها ته پاڻ ﷺ جن ان جي ٻڌڻ کان ضرور منع ڪن ها. جيئن يهودين سان مشابهت جي ڪري عاشوري جي اڪيلي روزي رکڻ کان منع فرمايائون ۽ فرمايائون ته ان سان گڏ ٻيو به روزو رکڻ گهرجي ته جيئن يهودين سان مشابهت نه ٿئي. [198]

ليڪن جيڪي پوئين دور جا فقيهہ ماڻهن کي اهڙي قسم جي ڳائڻ کان روڪيندا آهن، اهو ان ڪري جو اهي دنياوي لذت حاصل ڪرڻ ۽ موسيقيءَ جي طرز تي ڳائيندا آهن ۽ ان ۾ دنيا وارن جي بهادريءَ جي قصن ڪهاڻين ۽ لذتن جو ذڪر گهڻو هوندو آهي، ۽ ان ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر ۽ تعريف گهٽ يا نہ هئڻ برابر هوندي آهي.

باقي جيڪڏهن الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جي ثنا ۽ تعريف ۽ مجاهدن جا قصا ڳايا وڃن يا اهڙي قسم جا شعر چيا وڃن، جن ۾ ترغيب ۽ ترهيب هجي ۽ آخرت جو ذڪر هجي، انهن جي ٻڌڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جو اختلاف نہ آهي. پر شرط هي آهي تہ ان جو چوندڙ مرد هجي، اهڙي قسم جا شعر فقيهہ، محدث ۽ عالم ٻڌندا رهندا آهن ۽ مدرسن ۽ خانقاهن ۾ عيد براد جي موقعي تي چيا ويندا آهن. انهن کي ذڪر ۽ سنڌ ۾ مولود چيو ويندو آهي. اهڙي قسم جو ڳائڻ الله تعاليٰ جو ذڪر آهي، جيڪو دلين کي الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جي محبت طرف ڇڪيندو آهي. هڪ حديث شريف پڻ اهڙي قسم جي مفهوم تي ڏس ڏئي ٿي. حديث شريف ۾ آهي:

"بيشڪ راڳ ۽ راند روند دل تي منافقيءَ کي ائين ڦٽائيندا آهن، جيئن پاڻي گاهہ کي ڦٽائيندو آهي. مون کي ان ذات جو قسم، جنهن جي هٿ ۾ محمد (ﷺ) جي جان آهي، بيشڪ قرآن ۽ ذڪر دل ۾ ائين ايمان ڦٽائيندا آهن، جيئن پاڻي گاهہ ڦٽائيندو آهي."

اها حقيقت آهي تہ مواعظ حسنہ وارو ڪلام سهڻي آواز ۽ لهجي سان دل ۾ تاثير پيدا ڪندو آهي ۽ دل ۾ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ سان محبت پيدا ڪندو آهي ۽ ايمان جي تڪميل لاءِ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جن سان محبت جو هئڻ لازمي آهي ۽ هڪ حديث شريف ۾ آهي:

"ان من الشعر حكمة وان من البيان لسحر"

ترجمو: "بيشڪ ڪجهہ شعر حڪمت وارا آهن ۽ ڪي بيان جادو آهن."

سهڻي ڪلام جو سهڻي آواز ۾ جادوءَ جهڙو اثر آهي. اهي شبيهہ تڪڙي اثر ۾ آهي. ثابت ٿيڻ جادوءَ جو ۽ ان جو اثر برو آهي. سهڻي ڪلام جو اثر سهڻو آهي، حسن ۽ قبح ۾ تشبيهہ نہ آهي، چو تہ اڄ ڪالهہ وارو راڳ زنا جي لاءِ سبب آهي، جيئن گذري آيو تہ راڳ زنا جو منڊ آهي. ائين اهي شعر.

پر هن جڳهہ تي ٻيو اشڪال آهي، جيڪو تمام وڏو آهي. جنهن کي ختم نٿو ڪري سگهجي. اهو هي آهي تہ تنبيهہ جي ثابت ڪرڻ ۾ سر سان آواز کي بلند ڪرڻ ڪافي آهي. باوجود هن جي يا تہ سونهارن باوجود ڄاڻ جي ڀهراڙيءَ جي ماڻهن جو راڳ ڪيئن ٻڌو ۽ ثابت رکيو يا تہ سونهارن جو ثابت رهڻ هن ڳالهہ تي دلالت ڪري تہ ان صورت ۾ تشبيهہ نہ آهي ٻن شين جي وچ ۾. تشابهہ جي معنيٰ هي آهي تہ اهي ٻہ شيون ڪنهن صفت ۾ شريڪ آهن. ان صفت جي سيني پهلوئن ۾ هن جاءِ تي آواز بلند ڪرڻ ۾ شرڪت آهي. لهجي ۽ نغمي ۾ شرڪت نہ آهي. تنهن ڪري انهن ۾ مشابهت نہ رهي بلڪ مناسبت اٿن. تشابهہ ۽ تناسب ۾ فرق آهي. جيئن ان جي تحقيق باب اول جي ٻي فصل ۾ گذري آهي.

۽ مواعظ حسنہ وارو ڪلام تقويٰ ۽ پرهيزگاري رکڻ وارن جي دل ۾ محبت الاهي پيدا ڪندو آهي، قرآن مجيد ۾ آهي:[119]

فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا فَزَادَتۡهُمۡ اِيۡمَانًا (التوبة: 124)

ترجمو: "پوءِ جن ايمان آندو، تن جي ايمان کي وڌايو اٿس."

نفساني خواهشن جي پيروي ڪندڙن کي فساد ۾ وڌائيندو آهي.

وَاَمَّا الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ فَزَادَتْهُمْ رِجْسًا اِلٰى رِجْسِهِمْ (التوبة: 125)

ترجمو: "۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي، تن کي پليتي تي پليتي وڌائي اٿس."

نغمہ ۽ لحن ۾ فرق هي آهي تہ نغمہ اهڙي آواز کي چئبو آهي، جيڪو نرم ۽ سنو هجي ۽ اهو مد، قصره، وقف ۽ وصل وغيره جي اعتبار سان هوندو آهي ۽ لحن اهڙي آواز کي چئبو آهي، جنهن کي وڻندڙ بنائڻ لاءِ ان ۾ ترجيع ڪجي.

مشهور قول مطابق لحن موسيقي خسروانيءَ جا ٽيهہ آواز آهن ۽ هڪ قول مطابق اڪٽيهہ سر آهن. اهي موسيقيءَ جي ماهرن استخراج ڪيا آهن ۽ هر هڪ سر جو جدا جدا نالو آهي، جيئن آرائش خورشيد، آئينہ جمشيد، اورنگي باغ، شيرين تخت، طاقدسي، حقہ ڪاؤس، راح روح آرامش جان، آب درسبز فرحابستان، سروسهي، اشبديز اشب، فرخ انقل رومي، گنج باد، گائو گنج، سو ختہ گي، سپاوش، اتعاط برڪوهان، مشڪ دانہ، مرداءِ سمڪ، مشڪ حالي، امبر ڪافي، ناقوسي، نوبهاري، نوشين باده، ايزمروزه، نخچرگان. اهي ٽيهہ سُر فرهنگ رشيديءَ ۾ هڪ جاءِ تي گڏ بيان ڪيا اٿس ۽ مفردات لغات ۾ پڻ بيان ڪيا اٿس. ان ۾ چيو اٿس تہ شيخ نظامي جي مويد ۾ هنن مان ٽي سُر (1) آئين جمشيد (2) راهہ روح ۽ نو بهاري ۾ ذڪر ٿيل نہ آهن. انهن جي بجاءِ ٻيا چارسر آندا اٿس. (1) نوروزه (2) غنچہ ڪبڪ دري (3) فرخ روز (4) ڪيخسروي هن جي بيان موجب اڪٽيهون سُر "خسرواني" ٿيو هنن سُرن کي "سُرباريد" "نواها باربد" بہ چوندا آهن. سُر کي فارسي ۾ "نوا" چوندا آهن. سريلي آواز کي فارسي ۾ "خوش نوا" چوندا آهن ۽ موسيقي جا ٻارنهن قسم آهن. رشيدي ۾ چيو اٿس "پرده" ان ڌاڳي کي چوندا آهن جيڪو سازن جي دستن کي آگرين جي حفاظت لاءِ ٻڌندا آهن.

لحن کي فارسي ۾ "نوا" چوندا آهن، يعني سنو ۽ سريلو آواز ۽ علم موسيقيءَ جا ٻارنهن مقام آهن، جيئن راست، شباب، بوسليڪ، عشاق، ريزيزرڪ، زير خورد، نهاوند، عراق، باخري، حيسمي، رهاني وغيره.

علم موسيقي هڪ وسيع علم آهي، ان علم ۾ مهارت رکندڙ کان سواءِ ٻيو ڪو ان جي پوري تحقيق ڪري نہ ٿو سگهي ۽ موسيقي جي ڪري راڳ ۾ حظ پيدا ٿيندو آهي. تنهن ڪري اهڙو آواز يا راڳ ٻڌڻ نہ گهرجي، جنهن سان نفس ۾ حظ پيدا ٿئي.

موسيقي جا سُر گهڻا ئي آهن. انهن ٽيهن تي بند نہ آهن. جهڙوڪ (1) رازباز (2) رازبام (3) راهہ بقا (4) راهہ قلندر (5) دمويہ زال (6) ناردين (7) نارشيرين (8)ناز نور (9) نواءِ خاڪي (10) نواءِ[200] چابڪ (11) نواز خارڪن (12) نوروزه (13) نواءِ عنقا. باربد ٻن بائن سان ٻي باڪي زير آهي. "جهانگيري" ۾ ٻي باڪي پيش چيو اٿس پر اها غلطي آهي "باربد" خسروي سُر سان لاڳاپيل هڪ سُر جو نالو آهي. اهو سر تڪ بندي وارو آهي جيڪو خسرو پرويز جي درٻار ۾ ڳايو ويندو هو. اهو هڪ مرڪب نالو آهي "بار" معنيٰ "موڪل ۽ "بد" معنيٰ "خداوند" جو خسرو پرويز ان سُر ڳائڻ جي موڪل ڏني هئي جو جڏهن بہ گهرندو هو تہ خاص مجلس ۾ هليو ايندو هو ۽ اهو سُر ڳائڻ وارا سندس موڪل کان سواءِ ان مجلس ۾ هليا ايندا هئا. "فرهنگ ابراهيم شاهي مان خبر پوي ٿي تہ موسيقي جا ٽي سؤ سٺ 360 سُر آهن، جيڪي موسيقي جي آوازن مان ٺاهيندا آهن. ان ۾ چيواٿس

تہ "ققنوس" يا "ققنس" نالي هڪ پکي هڪ انتهائي رنگ برنگي ۽ بهترين آواز وارو راڳ ڳائڻ جو هڪ پکي آهي. ان جي چهنب ۾ ٽي سؤ سٺ سوراخ آهن ۽ اهو چيل جيڏو وڏو آهي ۽ تيز هوا جي ڪري بہ نہ ڪرندو آهي. ان جي آواز تي ڪڪڙ عاشق ٿي پوندا آهن ۽ ان جي چوڌاري ڦري ايندا آهن. جڏهن ان جي عمر هڪ هزار سال ٿيندي آهي تہ اهو پاڻ کي (ٻارڻ) وٽ گڏ ڪندو آهي ۽ ان تي ويهندو آهي، پوءِ راڳ ڳائيندو آهي ۽ مست ٿي ويندو آهي ۽ مستي وچان پنهنجا پر هيزم تي هڻندو آهي جنهنڪري ان جي جسم مان هڪ تيز باهہ نڪرندي آهي جنهنڪري اهو پاڻ بہ سڙي ويندو آهي ۽ هيزم کي بہ ساڙي ڇڏيندو آهي. ان جي خاڪ مان هڪ آنو ظاهر ٿيندو آهي ۽ ان جي آني مان وري ان جهڙو هڪ ٻيو پکي پيدا ٿيندو آهي. ان جو نسل ائين هلندو رهندو آهي، هي پکي ٻڌي عدد جو (يعني هڪ کان متي) نہ ٿيندو آهي هڪ زماني ۾ رڳو هڪ پکي هوندو آهي. موسيقي جا سڀ سُر ان جي آواز کان ورتل آهن. "ڪشف اللغات ۾ بہ ائين بيان ڪيل آهي ۽ چيو اٿس تہ ان جي ٽي سؤ سٺ سوراخن مان هر سوراخ مان هڪ دلفريب ۽ بهترين آواز نڪرندو آهي.

مطول جي شرح تلخيص المفتاح جي الحاشيہ تي الماتن جو هي شعر آهي والذي حارت البريہ فيہ حيوان مستحدث من جماد. "القفنس" هڪ تمام وڏو عظيم جسامت وارو پکي آهي جنهن جي گهٽي سفيد هڻڻ جا پهاڪا بيان ڪيا ويندا آهن. ان کي هڪ ڊگهي چهنب ٿيندي آهي. اللّٰہ تعاليٰ ان پکي کي هڪ هڪ ڪري پيدا ڪندو آهي. ڪشف اللغات مان خبر پوي ٿي تہ "ققنس" پکي کي موسيقارو بہ لکيو اٿس تہ "علم موسيقي" جي هڪ نسخي (ڪتاب) ۾ لکيل آهي تہ "موسيقار" هڪ پکي آهي ان جي چهنب ۾ سوراخ ٿيندا آهن. ان جي سوراخن مان گوناگون قسم جا آواز نڪرندا آهن ۽ علم موسيقي اتان ورتو اٿن. "ققنونس" پهرين قاف جي پيش ۽ ٻئي جي سڪون سان آهي. ڪڏهن ان جي واو کي حذف ڪري ڇڏيندا آهن. اهو ترڪي ٻولي جو لفظ آهي. فارسي ۾ ان کي "آتش افروز" چوندا آهن. جيئن فرهنگ رشيدي ۾ آهي. پر مادي "ققنس" ۽ "آتش افروز" ۾ چيو اٿس تہ "ققنس" يوناني ٻولي جو لفظ آهي ۽ عربي ٻولي ۾ هن پکي کي "بيضاءِ" چوندا آهن.[201] باقي خبر ناهي تہ ان کي "موسيقار" ڪهڙي ٻولي ۾ چوندا آهن؟ جنهن ساز جي آواز مان اهو سُر ورتل هجي تنهن کي پڻ "موسيقار" چوندا آهن. اها ڊيگهہ هن لاءِ ڪئي اٿن تہ علم موسيقي هڪ اهڙو علم آهي، جنهن جا مسئلا ۽ بحث تمام گهٽا آهن. موسيقي جا سُر هن فن جي ماهرن کان سواءِ ٻيا نٿا ڄاڻن.

تنهن ڪري اهڙو قاعدو جنهن سان خبر پوي تہ ناجائز ۽ جائز راڳ سو هي آهي تہ ناجائز سُر جنهن کي عرف عام ۾ راڳ ۽ سرود چوندا آهن سو ناجائز آهي. باقي ٻئي قسم جو گيت ۽ سُرود سو جائز آهي.

ڪن عالمن وٽ ڏارين مسافر لاءِ اڪيلائپ جي وحشت کي ختم ڪرڻ لاءِ گيت چوڻ جائز آهي ۽ ڪن وٽ مڪروهہ آهي ۽ هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ غازين جي لاءِ طبل وڄائڻ جائز آهي. شيخ عبدالحق مشڪواة شريف جي شرح ۾ باب تصاوير ۾ ان جي اباحت ذڪر ڪئي آهي.[202] اهڙيءَ طرح مسافرن جي لاءِ پڻ طبل جائز آهي جيئن شمس الائمہ سرخسي ۽ ان جي پوئلڳ عالمن چيو آهي. بلڪ جيڪڏهن اڪيلو مسافر پنهنجي اڪيلائپ دور ڪرڻ خاطر ڳائي تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي ۽ ان جي مباح هڻڻ جو ذڪر "فتاويٰ برهنہ" ۾ آيل آهي ۽ شيخ عبدالحق مشڪواة جي شرح ۾ دف وڄائڻ بابت عالمن جو اختلاف نقل ڪيو آهي تہ ڪن عالمن وٽ دف وڄائڻ حرام يا مڪروهہ مطلق آهي ۽ ڪن عالمن وٽ مطلقا مباح آهي ۽ ڪن وٽ ڪن وقتن مثال طور عيد ۽ شاديءَ

جي موقعي تي ۽ حاجين جي اچڻ وقت مباح آهي. باقي حرام آهي ۽ صحيح مذهب بہ اهوئي آهي. اگرچہ اڪثر فقيهہ ۽ عالم ان جي حرمت جا قائل آهن، تہ جيئن اهو بلڪل ختم ٿي وڃي.

البتہ اهڙن موقعن تي حديثن مبارڪن مان ان جو مباح هئڻ ثابت ٿئي ٿو. جيئن پهرين فصل ۾ حضرت عائشه رضي الله عنها جي حديث گذري آهي، جنهن مان عيد واري ڏينهن دف وڄائڻ مباح ثابت ٿئي ٿو. اهڙي طرح پاڻ ﷺ جن جي مڪي ڪان مديني هجرت ڪرڻ جي موقعي تي مدينہ منوره پهچڻ وقت. اهڙي طرح لڙائين کان صحيح سالم موٽڻ وقت پڻ دف وڄائڻ ثابت ٿئي ٿو جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت عمرو بن شعيب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ دفعي هڪ عورت پاڻ ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ مون باس باسي آهي تہ اوهان جي اڳيان "دف" وڄايان، تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو: پنهنجي باس پوري ڪر. (رواه ابوداؤد)

رسول الله ﷺ جن جو مديني شريف هجرت ڪري اچڻ مديني وارن لاءِ سڀ ڪان افضل عيد هئي. حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ جڏهن رسول الله ﷺ مديني شريف پهتا تہ حبشي اصحابن سڳورن رضي الله عنهم رسول الله ﷺ جن جي اچڻ جي خوشي ۾ پنهنجن تيرن (يعني هٿيارن) سان نمائش ڪئي. هن حديث کي ابودائود، روايت ڪيو آهي.

سنن الدارمي جي روايت ۾ حضرت انس رضي الله عنه جا هي لفظ مبارڪ آيل آهن: "جيائين مون ڪڏهن بہ اهڙو بهترين ۽ پلارو ۽ وڏيڪ روشن ڏينهن نہ ڏٺو جنهن ڏينهن رسول الله ﷺ جن هجرت ڪري مديني شريف آيا، ۽ مون ان ڏينهن ڪان وڏيڪ خراب ۽ اونداهو ڏينهن نہ ڏٺو، جنهن ڏينهن رسول الله ﷺ جن جي وفات ٿي."

جامع ترمذي جي روايت ۾ آهي:

جنهن ڏينهن رسول الله ﷺ (هجرت ڪري) مديني شريف ۾ آيا تہ مديني منوره جي هر شيءِ چمڪي پئي ۽ جنهن ڏينهن وفات ڪيائون تہ مديني شريف جي هر شيءِ اونداهي ٿي وئي.

"حرابُ" ح جي زير سان "حربة" جو جمع آهي معنيٰ "ننڍو نيزو" ۽ "دشنه " معنيٰ خنجر ۽ ڪاتي، ڇوڪرين جو رسول الله ﷺ جن جي سامهون دف وڄائڻ جامع المعجزات "مولود عفيفي" ۽ سيرت جي ٻين سيني ڪتابن ۾ بيان ٿيل آهي. اتي ڏسڻ گهرجي. رسول الله ﷺ جن جو سخت لڙاين تان پنهنجي اصحابن سميت صحيح سلامت موٽي اچڻ مسلمانن لاءِ افضل عيد هوندي هئي. تنهن ڪري سندن لڙاين تان موٽي اچڻ مهل دف وڄائيندا هئا.

حضرت بريده رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ هڪ دفعي پاڻ ﷺ جن ڪنهن لڙائيءَ ڪان واپس ٿيا تہ سانوري رنگ[203] جي هڪ ٻانهيءَ پاڻ ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ مان باس باسي هئي تہ جيڪڏهن اوهان صحيح سالم زنده موٽي يا تہ مان اوهان جي سامهون دف وڄائينديس. پاڻ ﷺ جن فرمايو: جيڪڏهن باس باسي اٿئي تہ وڄاءِ نہ تہ نہ وڄاءِ. ان دف وڄائڻ شروع ڪيو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه آيو، پوءِ بہ دف وڄائي رهي هئي. حضرت علي رضي الله عنه ۽ حضرت عثمان رضي الله عنه آيا، پوءِ بہ دف وڄائي رهي هئي. جڏهن حضرت عمر رضي الله عنه داخل ٿيو تہ ان پنهنجو دف هيٺان رکي ان تي ويهي رهي، تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو: اي عمر! توڪان شيطان ڊڄي ٿو. مان ويٺو هيس تہ هيءَ دف وڄائي رهي هئي. (حضرت) ابوبڪر رضي الله عنه داخل ٿيو، پوءِ بہ هيءَ دف وڄائي رهي هئي. (حضرت) علي رضي الله عنه ۽ (حضرت) عثمان رضي الله عنه داخل ٿيا تہ پوءِ بہ دف وڄائي رهي هئي ۽ جڏهن تون داخل ٿئين تہ هن دف اڇلي ڇڏيو. (رواه ترمذي)

هن حديث مبارڪ مان چند ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون. هڪ تہ دف وڄائڻ مباح آهي. ڇوتہ جيڪڏهن دف وڄائڻ مباح نہ هجي ها تہ ان جي نذر پوري ڪرڻ جائز نہ هجي ها، ڇوتہ ناجائز ڪم جي نذر پوري ڪرڻ ضروري نہ آهي. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن باس باسي تہ جيڪڏهن مان هن بيماريءَ مان چاڪ چڱو ٿيس تہ زنا ڪندس يا شراب پيئندس، تہ ان جو پورو ڪرڻ ضروري نہ آهي. احاديث مبارڪ ان ڳالهہ تي ڏس ڏين ٿيون. بخاري شريف جي هڪ حديث ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: جيڪڏهن ڪنهن.شخص باس باسي تہ مان الله تعاليٰ جي نافرماني ڪندس تہ ان کي الله تعاليٰ جي نافرماني نہ ڪرڻ گهرجي.

مسلم شريف جي حديث ۾ آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: گناهہ واري باس ۽ اهڙي باس، جنهن تي ٻانهو قادر نہ آهي، ان جو پورو ڪرڻ ضروري نہ آهي ۽ هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ الله تعاليٰ جي نافرماني ۾ باس نہ آهي ۽ ان بابت ڪيترين ئي حديثون آيل آهن. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن گناهہ جي باس باسي ويٺو تہ ان بابت علماءَ احناف جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن باس جو پورو ڪرڻ حرام هجي تہ ان جي جڳهہ تي ڪفارو يمين جو ادا ڪندو.

مٿين حديث جي شرح ۾ شيخ عبدالحق لکيو آهي تہ ڪن عالمن وٽ جيڪڏهن ڪنهن شخص باس باسي تہ جيڪڏهن منهنجو فلاڻو ڪم ٿيو تہ مان پنهنجو پٽ ذبح ڪندس، تہ اتي هڪ ٻڪري ذبح ڪري.

حديث شريف ۾ پڻ ڪفاره يمين جو ذڪر آيل آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: گناهہ واري نذر پوري ڪرڻ ضروري نہ آهي ۽ ان جو ڪفارو يمين جو ڪفارو آهي. (رواه ابوداؤد)

هن حديث مان معلوم ٿيو تہ گناهہ جي باس باسڻ صحيح آهي. تنهن ڪري تہ ان جو ڪفارو ادا ڪرڻ ضروري آهي. بعينه ان نذر جو پورو ڪرڻ حرام آهي، جيئن نذر ڪان پهريان حرام هو ۽ حضرت امام شافعي رحمة الله وٽ گناهہ جي نذر لغو آهي ۽ ان جو ڪفارو لازم نہ ايندو.

امام ابو حنيفہ صاحبين (امام ابو يوسف ۽ امام محمد) رحمهم الله جو مسلڪ جيڪو شرح وقايه هدايه "ڪافي" جي ڪتاب "الصوم" ۽ اصول فقه مان معلوم ٿئي ٿو سو هي آهي تہ ناجائز ڪمن کي پنهنجي مٿان واجب ڪرڻ کي باس چئبو آهي تنهن ڪري گناهن جي ڪمن جي باس پوري ڪرڻ جائز نہ آهي. [204]

پر باس جي هيءَ تعريف ان لاءِ آهي جنهن جو پورو ڪرڻ واجب آهي. نہ تہ گناهن جي ڪمن جي باس بہ امام ابو حنيفہ رحہ وٽ ٿي ويندي. (پر اها پوري نہ ڪندو بلڪہ ان جي جاءِ تي) مٿس ڪفارو لازم ٿيندو ۽ ان باس جو پورو ڪرڻ حرام آهي.

حموي جي شرح الاشباهہ والنظائر جي "ڪتاب الصوم" جي ٻئي فن ۾ لکيل آهي تہ:

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ زنا ڪرڻ يا شراب پيئڻ جي باس باسي تہ ان کي پورو ڪرڻ لازم نہ آهي، پر باس ٿي ويندي ۽ ان جو ڪفارو ڏيڻ مٿس لازم آهي، جيڪڏهن گناهہ جي ڪم جو قسم ڪنيائين ۽ اهو ڪم ڪيائين تہ گنهگار ٿيندو، پر مٿس ڪفارو نہ پوندو. اهو قسم ظاهري صورت ۾ باس آهي ۽ معنوي صورت ۾ قسم آهي. قسم کڻڻ جي لفظن سان قسم کڻڻ سان باس ٿي ويندي آهي. گناهن جي ڪمن جو قسم کڻڻ بہ قسم ٿي ويندو آهي. تنهنڪري هينئر باس جي تعريف جامع ٿي وئي تہ: "جائز ڪم کي واجب ڪرڻ کي باس چئبو آهي. تنهنڪري

گناهہ جي ڪم جي باس حنيفن وٽ قسم آهي ۽ شافعين وٽ اها باس ساقط (باطل) ٿي وئي ۽ واجب ڪمن جي باس ڪڏهن بہ واقع نہ ٿيندي ڇوتہ ان ۾ تحصيل حاصل جي آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ نذر ۽ شين مان ڪنهن هڪ سان لازمي ٿيندي هڪ تہ ٻن لفظن مان ڪنهن هڪ لفظ جي چوڻ سان منعقد (ثابت) ٿي ويندي. هڪ لله عليَّ (يعني الله خاطر منهنجي مٿان فلاڻو ڪم لازم آهي) جي چوڻ سان يا صرف عليَّ (يعني منهنجي مٿان فلاڻي شيءِ لازم آهي) جي چوڻ سان. ڇوتہ عبادت صرف الله تعاليٰ جي لاءِ هوندي آهي.

ٻيو ڪنهن شرط سان مشروط ڪرڻ مثال طور جيڪڏهن الله تعاليٰ دشمنن تي ڪاميابي ڏني يا الله تعاليٰ هن بيماري کان شفا ڏني تہ آئون الله خاطر حج ڪندس يا روزا رکندس يا منهنجي مٿان حج لازمي آهي يا ايترا روزا لازم آهن، جي چوڻ سان باس ثابت ٿي ويندي. پر جيڪڏهن لله عليَّ يا صرف عليَّ نہ چيائين تہ قياس مطابق ان جي مٿان ڪابہ شيءِ لازم نہ ٿيندي ۽ استحسان مطابق ان جي مٿان بہ نذر لازم ٿي ويندي. علامہ حمويءَ پڻ ان ڳالهہ جي تصريح ڪئي آهي. ڇوتہ خود نذر عبادت جو وعدو آهي. ڇوتہ ان ڪي شرط سان مشروط ڪيو اٿائين، توڙي جو لفظ عليَّ نہ چيو اٿائين. ڇوتہ تعليق ۾ الزام جي معنيٰ پئي آهي. پر جيڪڏهن بنا ڪنهن تعليق جي صرف وعدو ڪيائين، مثال طور چيائين تہ سڀاڻي مان روزو رکندس ۽ ڪجهہ نفل پڙهندس تہ ان جي مٿان ڪابہ شيءِ لازم نہ ٿيندي.

باقي مخلوق جي لاءِ باس (جهڙوڪ ڪنهن پير فقير لاءِ) باسڻ حرام آهي ڪنهن بہ صورت ۾ جائز نہ آهي. ڇو جو باس خالص عبادت آهي ۽ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ لاءِ عبادت ڪرڻ جائز نہ آهي. تنهنڪري باس رڳو الله تعاليٰ جي باسڻ گهرجي. بحرالرائق شرح ڪنزالدقائق جي باب الاضحية ۾ ان ڳالهہ جي وضاحت ڪئي اٿس.

باقي ماڻهن سان وعدو ڪرڻ جهڙوڪ هي چوڻ تہ جيڪڏهن تون سڀاڻي مون وٽ آئين تہ آئون تنهنجو احترام ڪندس. جڏهن سڀاڻي ٿيو ۽ اهو ماڻهو وٽس آيو تہ هينئر هن تي ان جو احترام لازم ٿي ويو. ديانت ۽ قضاء ٻنهي لحاظن کان هن ڪي پنهنجو وعدو پورو ڪرڻ ضروري آهي.

علامہ حمويءَ شرح الاشباہ ۾ لکيو آهي تہ ٻانهو جيڪي شيون پاڻ پنهنجي نفس جي مٿان لازم ڪري ٿو، اهي ٻن طريقن سان لازم ٿينديون آهن. هڪ باس سان ۽ ٻيو مشروط وعدي سان. اتان معلوم ٿيو تہ باس کي وعدو نہ چئبو، جيتوڻيڪ حقيقت ۾ وعدو آهي ۽ وعدي کي عرف ۾ باس نہ چئبو تنهن ڪري اهي ٻئي جدا جدا قسم شمار ٿيندا.[205]

جيتوڻيڪ وعدو اصل ۾ باس آهي، ڇو جو باس پڻ وعدو آهي. جڏهن چيائين تہ: لله علي-

ترجمو: "الله خاطر منهنجي مٿان فلاڻو ڪم لازم آهي، تہ ان ڪم جو واجب ٿي وڃڻ قياس موجب آهي ۽ استحسان موجب نہ آهي ۽ وعدي کي ڪنهن شرط سان مشروط ڪرڻ (۽ شرط ليڻ سان) ان جو واجب ٿي وڃڻ استحسان موجب آهي. قياس موجب نہ آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪي چون ٿا تہ نذر مباح کي واجب بنائڻ آهي، اها تعريف هر مباح تي شامل نہ آهي ۽ نہ ئي مباح غير عبادت تي شامل آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪنهن شخص چيو تہ الله خاطر منهنجي مٿان لذيذ

ڪاڏو ڪائڻ يا نوان ڪپڙا پائڻ لازم آهن تہ ان جي مٿان ڪا بہ شيءِ لازم نہ ٿيندي.

اهڙي طرح نہ غير مقصودي عبادت تي شامل ٿيندي، تنهن ڪري وضو، غسل ۽ ڪپڙن جي پاڪائي نذر جي ڪري واجب نہ ٿيندي ۽ اهي سڀ مباح ڪم نذر جي ڪري واجب نہ ٿيندا. توڻي جو اهي ڪنهن شيءِ سان مشروط ڪجن ۽ اهو شرط پورو ٿئي. ڇوتہ مباح جا اهي قسم متعلق نذر سان واجب نہ ٿيندا آهن تہ پوءِ مشروط نذر سان واجب ڪيئن ٿيندا. ڇوتہ عين وجوب ۾ تنجيز ۽ تعليق هڪ جهڙو حڪم رکن ٿيون. پر جيڪڏهن يمين جي نيت ڪندو تہ يمين ٿي ويندو ۽ اهو بطريق مجاز جي آهي ۽ قسم جي ارادي ڪرڻ وقت لله. باللہ جي معنيٰ ۾ ٿي ويندو.

نذر جو پورو ڪرڻ تڏهن لازم ايندو، جڏهن طاعت هجي ۽ مقصود بنفسہ هجي ۽ محض عبادت هجي ۽ واجب نہ هجي ۽ ان جي جنس واجب هجي ۽ ان کان سواءِ جيڪي طاعتون آهن، انهن جو پورو ڪرڻ لازم نہ آهي، مستحب آهي. اتان اهڙي نذر نڪري ويندي، جيڪا طاعت نہ هجي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ اعتاق يعني ٻانهو آزاد ڪرڻ بہ نڪري ويندو، ڇوتہ ڪافر ٻانهي جو آزاد ڪرڻ بہ صحيح آهي ۽ طاعت نہ آهي. مقصود مان اهڙيون عبادتون نڪري وينديون، جيڪي غير مقصود آهن ۽ ٻي عبادت جي لاءِ وسيلو آهن. جيئن وضو ۽ ڪپڙن جي پاڪائي وغيره.

محضتہ مان ميت جو ڪفنائڻ، جنازي نماز، بيمار جي طبع پرسي، سلام جو جواب وغيره نڪري ويندا، ڇوتہ اهي محض اللہ تعاليٰ جو حق نہ آهن. بلڪ انهن ۾ ٻانهن جا حق بہ شامل آهن ۽ نذر عبادت آهي ۽ اللہ تعاليٰ جي عبادت ۾ ان سان گڏ ڪو ڀائيوار ٿي نہ ٿو سگهي ۽ واجب نہ هجي. ان مان سڀ واجب نڪري ويندا ۽ فرض بہ واجب ۾ شامل آهي. ڇوتہ واجب جي باس باسڻ سان تحصيل حاصل جي لازم ايندي.[206]

جڏهن نذر صحيح ٿي وئي تہ ان جو پورو ڪرڻ لازم ٿي ويندو، پوءِ جيڪڏهن اها ڪنهن شرط سان مشروط هجي تہ شرط جي پوري ٿيڻ سان نذر جو پورو ڪرڻ لازم ٿيندو، پر جيڪڏهن اها ڪنهن گناهہ واري ڪم سان مشروط ٿيل هجي. مثال طور چوي تہ جيڪڏهن مان زنا ڪيم، يا شراب پيتم تہ منهنجي مٿان حج لازم آهي يا هيترا روزا لازم آهن. ان کان پوءِ ان شخص زنا ڪئي يا شراب پيتو تہ هاڻي هن کي اختيار آهي تہ پنهنجي نذر پوري ڪري يعني حج ڪري يا روزا رکي يا ڪفارو ادا ڪري. فتاويٰ "برهنہ" واري جو چوڻ آهي تہ اهوئي صحيح آهي ۽ ان کان پوءِ چيو اٿائين تہ صغريٰ ۾ آهي تہ امام نذر جي پوري ڪرڻ کان ڪفاره جي طرف رجوع ڪيو آهي ۽ امام سرخسيءَ پڻ ان کي پسند ڪيو آهي.

مٿي معلوم ٿي چڪو تہ مشروط وعدي جو پورو ڪرڻ استحسان جي اعتبار سان آهي، قياس جي اعتبار سان نہ آهي ۽ جڏهن ان جي پوري ڪرڻ کان عاجز ٿي ويندو تہ ڪفارو يمين جو ادا ڪندو. مشڪواة جي شرح ۾ بہ ائين ئي آيل آهي. نذر جي باري ۾ اهو تفصيلي بيان آهي، ٻيا ڪتاب ان بحث کان خالي آهن.

ان ڏيگهہ جو سبب هي آهي تہ عوام ڄاڻي ٿو تہ نذر مباح کي واجب بڻائڻ واري ۽ ممنوع ۾ نذر منعقد نہ ٿيندي آهي ۽ دف واري نذر مباح هئي، تنهن ڪري پاڻ ﷺ جن ان کي پوري ڪرڻ جو حڪم ڏنو. حالانڪ اها خطا آهي، ڇوتہ نڪاح، وليمہ، عيد ۽ مسلمانن جي لشڪر جو جنگ کان صحيح سالم موٽڻ کان سواءِ ٻين وقتن تي دف وڄائڻ حرام آهي. تنهن ڪري پاڻ ﷺ جن ان عورت کي چيو تہ جيڪڏهن تو باس باسي آهي تہ وڄاءِ ۽ اهو دف وڄائڻ

رسول الله ﷺ جن جو سلامتيءَ سان موٽڻ جي خوشيءَ ۾ هو. تنهن ڪري ان علت جي ڪري اهو ان سان خاص رهندو ۽ ٻين جڳهن تي پنهنجي اصل حرمت تي برقرار رهندو. باقي پاڻ ﷺ جن پهريان ان کي اجازت ڏنائون ۽ آخر ۾ ان کي شيطان چيائون. ان جو جواب هي آهي تہ عرب هر نتني واري شيءِ کي شيطان چوندا آهن. جيئن قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي: "شياطين الانس و والجن."

جيتوڻيڪ پاڻ ﷺ جن جي سامهون دف وڄائڻ فتني جو سبب نہ هو" پر مردن جي سامهون دف وڄائڻ ڳائڻين جي صفت آهي تنهن ڪري ان کي شيطان چيو ويو يا تي سگهي ٿو پاڻ ﷺ جن ان کي ٿورڙي وڄائڻ جي اجازت ڏني هجي ۽ ان ايترو گهڻو وڄايو هجي جو طبيعت کي ناپسند آيو هجي، ان ڪري ان کي شيطان چيو ويو.

باقي ان عورت حضرت عمر رضي الله عنه کي ڏسي دف ڇو لڪايو؟ ان جو سبب هي آهي تہ حضرت عمر رضي الله عنه جاهليت واري زماني ۽ اسلام واري زماني ۾ رعبدار ۽ جلال وارا هئا، تنهن ڪري حضرت عمر رضي الله عنه جي هيبت کي ڏسي، ان عورت دف لڪائي ڇڏيو ۽ صحيح حديثن مان ثابت آهي تہ حضرت عمر رضي الله عنه ايتري رعبدار شخصيت هو. جو شيطان بہ حضرت عمر رضي الله عنه کان ٿهندو هو.

هينئر اهي حديثون ذکر ڪجن ٿيون. جيڪي نڪاح جي وقت دف وڄائڻ جي مباح هئڻ کي ثابت ڪن ٿيون. ان بابت سڀ کان صحيح حديث حضرت ربيع بنت معوذ واري آهي، جيڪا پهرين فصل ۾ گذري آهي ۽ هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

اعلنوا هٰذا النكاح وجعلوه في المساجد واضربوا عليه بالدف (رواه ترمذي)

ترجمو: "نڪاح ظاهر ظهور ڪريو ۽ مسجدن ۾ ڪريو ۽ انهن تي دف وڄايو."

حضرت محمد بن حاطب جحمي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: نڪاح ۾ حلال ۽ حرام جو فرق آواز ۽ مدف وڄائڻ آهي. (رواه احمد)

شارحن جو هن حديث جي شرح ۾ چوڻ آهي تہ آواز مان مراد گيت ۽ سهرا چوڻ آهن. والله اعلم بالصواب.

فصل پنجون

ڪن صوفين جو راڳ جي باري ۾ عجيب مسلڪ

هنن جو چوڻ آهي تہ ڪن ماڻهن جي لاءِ راڳ ٻڌڻ حرام آهي ۽ ڪن جي لاءِ مڪروهہ ۽ ڪن لاءِ مباح آهي ۽ ڪن جي لاءِ طاعت آهي. انهن جو چوڻ آهي تہ اهڙي راڳ جي ٻڌڻ کان منع آهي، جيڪو دل جي وسوسن ۽ فساد جو سبب بڻجي، ۽ جيڪي ماڻهن جو ڌيان بيهوده ڳالهين ڏانهن ڇڪائي، نظر جي فساد جو سبب بنجي ۽ برن خيالن کي اپاري ۽ ان کي اڪين جي زنا تي اپاري ۽ اڪسائي ۽ انهن جي دل ۾ لذت پيدا ڪري ۽ انهن کي ان مان اُنس اچي، تہ اهو لعب آهي ۽ لعب حرام آهي يا مڪروهہ آهي يا ان جو ٻڌڻ فساد ڏانهن پهچڻ جو سبب بڻجي، ڇوتہ راڳ جو ٻڌڻ دل ۾ نفاق پيدا ڪندو آهي، جيئن حديث شريف ۾ آهي:

ان الغناء ينبت النفاق كما ينبت الماء النبات.

ترجمو: ”راڳ ائين نفاق کي پيدا ڪندو آهي، جيئن پاڻي فصل کي ڦٽائيندو آهي“

هڪ ٻي حديث شريف جا الفاظ آهن:

ان الغناء واللهو ينبتان النفاق فى القلب كما ينبت الماء العشب.

ترجمو: ”راڳ ۽ اجائي راند نفاق کي ائين پيدا ڪندا آهن، جيئن پاڻي گاهہ کي ڦٽائيندو آهي.“

حضرت فضيل بن عياض رحمة الله جو قول آهي تہ: ”الغنا رقيه الزناء“ راڳ زنا جي لاءِ منڊ آهي.

غوث الثقلين ﷺ جو فرمان آهي تہ راڳ طبيعت ۾ جوش پيدا ڪندو آهي ۽ شهوت کي اپاريندو آهي ۽ عورتن ڏانهن مائل ڪندو آهي ۽ نفس کي مست بڻائيندو آهي. تنهن ڪري راڳ ٻڌڻ کان منع جي علت غفلت ۾ پوڻ ۽ فساد جي ڪري آهي. منع جو ٻيو ڪو سبب نہ آهي. جڏهن منع واري علت ختم ٿي ويندي، منع ڪيل مباح ٿي ويندو، جيئن شراب جي حرمت جي علت نشو آهي. جڏهن ان مان نشو ختم ٿي ويندو تہ ان جو پيئڻ مباح ٿي ويندو، پوءِ جنهن دل ۾ راڳ ٻڌڻ جي ڪري فتنو پيدا ٿئي ٿو[210] ان کي راڳ ٻڌڻ ائين حرام آهي، جيئن شراب جو پيئڻ حرام آهي، ڇوتہ جيڪا شيءِ گناهہ جو ذريعو هجي، اها گناهہ آهي ۽ جنهن شخص کي فتني جو خوف هجي، ان کي راڳ ٻڌڻ مڪروهہ آهي ۽ جنهن ماڻهوءَ کي راڳ ٻڌڻ مان ڪنهن بہ قسم جو خطرو نہ هجي ۽ ان کي راڳ ٻڌڻ مان ڪي ديني فائدا حاصل ٿين، مثال طور هو انهن الفاظن کي الٰهي وضع تي حمل

ڪري ٿو. انھن الفاظن مان الاهي عشق مراد وٺي ٿو ۽ ان جي دل ۾ ان جو تاثير پيدا ٿئي ٿو، تہ اهڙي ماڻھوءَ ڪي راڳ ٻڌڻ مباح آهي، جيئن شراب مان ٺهيل سرڪي جو واپرائڻ مباح آهي.

پر جنھن ماڻھوءَ جي ذهن ۾ ڏينھن رات اهي الاهي وضع واريون معنائون ملحوظ آهن، ۽ ان ڪان سواءِ هو ٻي ڪنھن بہ معنيٰ سان انس نہ ٿو رکي ۽ انهيءَ عشق ۾ هو ايڏو غرق آهي. جو جيڪڏهن هو اهڙين معنائن ڪان منقطع ٿئي ٿو تہ مضطرب ٿي وڃي ٿو، اهڙي ماڻھوءَ لاءِ راڳ جو ٻڌڻ طاعت آهي. جيئن اهڙي ماڻھوءَ لاءِ جيڪو سرڪي جي ملائڻ ڪان سواءِ شفاياب نہ ٿو ٿئي ۽ ان جي هلاڪ ٿيڻ جو خطرو آهي. ان لاءِ دوا ۾ سرڪو ملائڻ مستحب آهي.

حسن، جمال، عشق، محبت، رخسار، زلف، اکين ۽ قد جي تعبير، جيڪا ڪئي وڃي ٿي ۽ هر هڪ لفظ جون ڪيترين ئي معنيٰ ايجاد ڪيون ويون آهن ۽ هر هڪ ان مان پنھنجي معنيٰ مراد وٺندو آهي، پر انھن جي اصلي وضع الاهي ٻي آهي ۽ اهي الفاظ ازلي معنيٰ جي لاءِ وضع ٿيل هئا، ڇوتہ اهي انساني مفھوم موجب ازل ۾ نہ هئا.

"كان الله ولم يكن معه شيء"

ترجمو: ازل ۾ الله هو ۽ ان سان گڏ ٻي ڪابہ شيءِ نہ هئي.

ليڪن اهي ازلي معنائون ٿي نہ ٿيون سگھن، ڇوتہ اهي وجداني آهن ۽ وجداني معنائون ظاهر بيان ڪري نہ سگھبيون آهن.

اسرار حقيقت نشود حل بسوال
حاصل نشُد هيچ ازين محض محال

حقيقت جا راز سوال جواب سان حل نہ ٿيندا. ان سان ڪا هڙ حاصل نہ ٿيندي ڇو تہ اهو محال آهي.

تنھن ڪري انھن لفظن جي جيڪا معنيٰ ڪئي وڃي ٿي اها انھن جو عين نہ آهي بلڪہ اهي معنائون ذات الٰهي جي ڪمال يا شيونات تي ڏس ڏين ٿيون. صوفي ان جو اهو مطلب وٺن ٿا. ماوراء النھر جي عالمن وٽ اهي سڀ صفتون اضافي ازلي آهن، اهي انھن اصطلاحن جي ان لحاظ سان معنيٰ ۾ تعبير ڪن ٿا. هنن وٽ ازلي صفتن ۾ تعبير جائز نہ آهي، عالم محسوس وارا ان جي معنائن ڪان بي خبر آهن. هن جو ٿورو بيان معرفت جي فصل ۾ ۽ ڪجھہ علم حقيقت جي بيان ۾ ٿي گذريو.

جيئن تہ انھن الفاظن جي ازلي معنيٰ جو اهو موضوع هئو تنھن ڪري انھن جو سمجھڻ هر ماڻھوءَ جي سندس فھم مطابق آهي. ان ڪري صوفين وٽ انھن جي معنيٰ مختلف آهي. ڪسن راز ڪشف اللغات ۽ ڪشف المحجوب [211] ۾ اها ڳالھہ واضح آهي ان ڪري انھن وٽ راڳ شراب جي هڪ سرڪي وانگر آهن، جنھن ڪان ڪي پرهيز ڪن ٿا پر ڪي ان مان چسڪو وٺن ٿا ۽ مست ٿي وڃن ٿا تنھن ڪري ان شراب کي مورڳو بدلائي سرڪو ڪري ڇڏين ٿا ۽ ان ڪي پنھنجي ضرورت مطابق ڪم آڻن ٿا، ڪي درويشن اهو پين ٿا ۽ صافي ڪان پري رهن ٿا.

مطلب تہ اهو عجيب معاملو آهي جو هڪ "جام" مان پاڪ ارادي وارا پاڪائي حاصل ڪن ٿا. ۽ ان مان ئي بدبخت بدبختي ۾ وڃي پون ٿا. والله علي كل شيء قدير (الحشر: 4)

۽ الله هر شئي تي قادر آهي.

ان ڳالھہ جي شاهدي قبطي ۽ سبطي جي قصي مان ملي ٿي مثنوي ۾ آهي.

من شنيدم چون درآمد قبطی
از عطش اندر وثاق سبطی
گفت هستم یار خویشا وند تو
گشته ام امروز حاجتمند تو
زانکه موسی جادوی گردو فسوں
تاکه آب نیل مارا کردخوں
سبطیاں زآں آب صافی میخورند
پیش قبطی گشت خون از چشمه بند
بهر خودیک طست را پر آب کن
تا خورم زآں آب ای یا رکهن
چوں کنی یک طاس را از آب پر
خون نبا شد آب باشد پاک و در
طاسرا از نیل او پر آب کرد
بردہاں بنهاد یمنی را بخورد
طاس راکج کرد سوئی داد خواه
تا خورد زآں درد مرشد چوں سیاه
بعد ازآں چوں کرد کج سوئی خوش
پاک گشته صاف بیشک آب خوش
باز سویش کرد کج آں خیرخواه
گشت خوں زشت و بدبوی و تباه

ترجمو: مون ٻڌو آهي تہ هڪ قبطي سخت اڃ سبب هڪ سبطي وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو مان تنهنجو دوست آهيان. تو وٽ هڪ ضرورت لاءِ آيو آهيان. حضرت موسيٰ عليہ السلام اهڙو منڊ هڻي ويو آهي جو نيل نديءَ جو پاڻي اسان لاءِ رت بڻجي پوي ٿو. سبطين لاءِ اهو پاڻي صاف ۽ شفاف آهي پر قبطين لاءِ رت جهڙو تنهن ڪري تون پنهنجي لاءِ پاڻيءَ جو پيالو جيڪو تون پنهنجي لاءِ ڀري ايندين اهو رت نہ ٿيندو بلڪ پاڪ صاف ئي رهندو قبطي هڪ پيالو ڀري نيل مان پيئڻ لڳو. ان جو اڌ بچائي قبطيءَ کي ڏنائين تہ اهو اتي ئي رت بڻجي ويو. جيئن ئي ان ڪان واپس ورتائين تہ ساڳيو پاڻي صاف ٿي ويو. ان سان همدردي ڪندي هڪ دفعو ٻيهر پيالو ان ڏانهن ڪيائين تہ اهو ساڳو خراب خون جي شڪل ۾ ٿي ويو.

عجيب مقام آهي. هڪ ڳالهہ. هڪ زبان هڪ شعر هڪ ئي زماني ۾ هڪڙن جي لاءِ آب حيات آهي ۽ ٻين جي لاءِ زهر قاتل، ان جي حڪمت هي آهي تہ راڳ دل ۾ حرڪت پيدا ڪندو آهي، ان تي حرڪت سمورين دلين ۾ هڪ جهڙي هوندي آهي دلين جا زخم ان راڳ جي حرڪت تي ظاهر ٿي پوندا آهن. پوءِ اهي ڀلا هجن يا برا جيئن نحو جو استاد نحو جي بيان ۾ چوڻ لڳو: "ڪان" ڪڏهن تام هوندي آهي، ڪڏهن ناقص جڏهن تام هوندي آهي تہ، خبر ڪان سواءِ هوندي آهي، جڏهن ناقص هوندي آهي تہ خبر سان هوندي. ملاح اها ڳالهہ ٻڌي چوڻ لڳو! اي مولوي! نشو ڪيو اٿئي؟ يا چريو آهين ڇا؟ جو چوين ٿو تہ خبر ڪانسواءِ تام هوندي آهي ۽ خبر سان ناقص. ملاح نحو جا قاعدا نہ پيو ڄاڻي نحوي ڪيترن بہ مثالن سان هن کي سمجهائي پيو تہ هو نہ پيو سمجهي ۽ چوي پيو تہ هن نشو پيتو آهي. اتي هڪ صوفي ويٺو هو، ملاح ۽ مولوي جو مناظرو ٻڌي رهيو هو. اٿي ملاح کي ورتائين ۽ چيائينس تہ نحوي حق تي آهي پر تون نہ ٿو سمجهين. آءُ ٿو توکي سمجهايان تام (پورو) اهو آهي جيڪو الله تعاليٰ جي محبت ۾ اهڙو محو ۽ فنا هجي جو غير الله جي خبر ئي نہ رکي، ناقص (اڻ پورو) اهو آهي، جيڪو الله ڪانسواءِ غير الله جي بہ خبر رکي.[212] نحويءَ جي دل ۾ نحو جا مسئلا هئا. اهي بيان ڪري رهيو هو ۽ صوفي سمجهي پيو تہ نحويءَ جي مراد آهي جيڪو الله تعاليٰ جي ذات ۾ فنا آهي اهو تام آهي باقي سڄي دنيا ناقص آهي، جيڪو جيڪا شئي دل ۾ رکي پيو لفظن کي ان تي مل ڪري پيو. راڳ جو مثال بہ ائين ئي آهي.

جيئن صاف دل ماڻهو وصال مان مراد الله جو ديدار وٺن ٿا فراق مان مراد ان جو حجاب وٺن ٿا، ان جي اک جي نظر مان مراد الله تعاليٰ جي رحمت ۽ انهجو لطف وٺن ٿا، زلف مان مرادات جو قرب وٺن ٿا. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

ليقربونا الى الله زلفا (الزمر:6)

ترجمو: تہ جيئن اسان کي الله ڏي درجي ۾ ويجهو ڪن

۽ ڪڏهن زلف مان مراد الوهيت جي اشڪال جو سلسلو وٺندا آهن. ڪفر ۽ ڪفر جي اونده مان مراد پنهنجي وجود ۽ عملن جو مخفي هئڻ وٺندا آهن ۽ ارتداد مان مراد احوال جي گردش وٺندا آهن هڪ بزرگ هي بيت ٻڌو:

کافر نشدی عشق خریدار تو نیست

مرتد نشدی قلندری کار تونیست

اهو ٻڌڻ سان ئي نعرو هنيائين ۽ ان کي چوڻ لڳو تو بلڪل سچ چيو: ائين ئي آهي. ماڻهن چيس ان بيت جو مطلب ڇا آهي چيائين: جيستائين پنهنجي هستي ۽ پنهنجن عملن کي ماڻهن کان مخفي نہ ڪندين تنهنجو عشق پورو نہ آهي، تنهنجي عشق جي دعوي باطل آهي. جيستائين بشري صفتن کان نہ ڦرندين ۽ پنهنجو پاڻ کي تبديل نہ ڪندين تيستائين قلندريءَ جي لباڙ اجائي آهي.

هڪ ماڻهو عرب ملڪ ۾ ونگا ڪپائي رهيو هو، هو "هوڪو" ڏيندي چوي پيو "الخيار عشرة بدرهم" (ڏه ونگا هڪ درهم ۾ آهن) اهو ٻڌي هڪ بزرگ بيهوش ٿي ڪري پيو. جڏهن هوش ۾ آيو چوڻ لڳو ڪيڏو نہ برو وعيد آهي، جڏهن ڏه ڀلا ماڻهو هڪ درهم ۾ آهن تہ پوءِ برن جو ڇا حال هوندو مڪتوبات منيريہ ۾ ائين ئي آهي.

هڪ بزرگ ڪپهہ ستيندڙ جي ڪپهہ سٽڻ جو آواز ٻڌو ۽ روئڻ لڳو. ماڻهن چيس: روئين ڇو ٿو؟ چوڻ لڳو! اي غافلو! ڇا نٿا ٻڌو هو ڇا چئي رهيو آهي.

اين هم رفت و آن هم رفت
از پئ جاناں جان هم رفت
رفتم ده رفتم ده
رفتم رفتم رفت رفت

ترجمو: هي بہ هليا ويا ۽ اهي بہ هليا ويا (يعني سڀ فاني آهن) ۽ ٻي ساهن کان ساهہ بہ هليو ويو.

چون ٿا تہ انهن معنائن جون حقيقتون انهن تي ظاهر ٿينديون جن جو ڪشف عالم "اعيان ثابت" تائين پهتل هوندو. باقي ٻين جي دل جي خوشي رڳو ٻڌڻ سان آهي. چو تہ سمورن انسانن جي روحن جنت ۾ سرود ٻڌو هو. جڏهن حضرت آدم عليہ السلام جنت ۾ هو، سمورن انسانن جا روح حضرت آدم عليہ السلام جي ذات ۾ داخل هئا. اهڙي طرح "حورعين" جنت ۾ سرود ٻڌن ٿيون. الله تعاليٰ پنهنجي حڪمت تحت اهي سڀ ڳالهيون دلين تان ميٽائي ڇڏيون، جيئن ماڻهن ميثاق وساري ڇڏيو آهي، پوءِ جڏهن هو انهن احوالن جي بوءِ هتي ٻڌن ٿا تہ آهستي آهستي دلين کي اهو ياد اچي ٿو ۽ هو انهن احوالن کي ڳڌ ڪرڻ جو خيال ڪن ٿا جيئن مثنوي ۾ آيل آهي:

ماهمہ اجزاء آدم بوده ايم
دربهشت آن لحنها بشنيده ايم
گرچہ برما ريخت آب گل شگی
ياد مارا ماند آنها اندکی

ترجمو: اسين سڀ آدم عليہ السلام جي اولاد آهيون. اسين جنت ۾ اهو آواز ٻڌو هو. توڻي جو اسان تي پاڻي ۽ مٽي هاريو ويو آهي پر اسان کي ان مان ٿورو ياد آهي.

چون ٿا تہ سماع لوهو ڪوٽ آهي، جنهن جي پيچڻ کان سواءِ سنگدل انسان تي عشق جي باهہ نہ پهچندي [213] ۽ سماع اهڙو ڏوبي آهي، جو ان جي هٿ کان سواءِ صوفين جا ڪپڙا رنج ۽ رياضت جي صابڻ لهڻ کان پوءِ عشق جي باهہ ۾ صفائي حاصل نہ ڪندا.

مڪتوبات منيريہ ۾ آهي تہ سماع محبت وارن کي شوق ۽ وجد ۾ وڌائيندو آهي، انهن جي سينن ۾ لڪيل عشق جي آڙاهہ کي ظاهر ڪندو آهي، چو تہ انهن جون دليون حقائق جا خزانا آهن. دقائق جي کاڻ موتن جهڙن معنائن جي رازن جي معاون آهي.

چون ٿا تہ سماع عاشقن کي الله تعاليٰ جي دربار ڏانهن پهچائيندڙ آهي. سماع ٻڌڻ کانسواءِ لڪيل حقيقتون ۽ معنائن جا راز انهن جي نوراني دلين جي کاڻ مان ظاهر نہ ٿيندا.

ملا حسين ڪاشفيءَ مثنويءَ جي لب لباب ۾چيو آهي تہ سماع جنت کان پري رهندڙ ۽ دنيا ۾ پريشان رهندڙن کي پنهنجي اصلي وطن جنت کان آگاه ڪري ٿو. هو دنيا جي قيد ۾ اصل وطن جو انتظار ڪن ٿا ۽ انهن جو خيال اوڏانهن وڃي ٿو.

بيت

دل وقت سماع بوئی دلدار برد

جان را بسرا پرده اسرار برد

این زمزمه مرکب ست مر روح ترا

بر دارد خوش بعالم یار برد

ترجمو: سماع جي وقت دل دلدار وٽ پهچي ٿي ۽ ساهه راز جون ڳالهيون جاڻي ٿو هي تنهنجي روح جي بيماريءَ لاءِ زم زم آهي. دوست جي جهان ۾ پهچائيندڙ آهي.

خلاصو ڪلام جو تہ سماع عاشقن جي دل جو آرام سچن جي سينن جو سرور، سيني جي ساهه جي غذا ۽ سالڪن جي ... جي دوا آهي. انسان جي وجود ۾ چار شيون آهن. نفس، خواهشون، عقل ۽ روح. انهن چئن مان هر هڪ جي غذا جدا جدا آهي. جيڪا راڳ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن بہ هڪ شئي ۾ نہ ٿي لڌي وڃي. انهن چئن جي غذا راڳ ۾ موجود آهي. نفس، نظم ۽ نثر جي تيزائي ۽ سڏائيءَ ۽ عجيب نڪتن ۾ مشغول ٿئي ٿو خواهشون، موسيقيءَ جي اصولن ۽ نغمن جي ترتيب ڏانهن مشغول ٿين ٿيون. عقل، ڳالهہ جي اصل معنيٰ ڏانهن وڃي ٿو. روح، پلي آواز ڏانهن متوجہ ٿئي ٿو. جيڪو عالم ارواح جي نشاني آهي ۽ قدسي ملڪ جي سوکڙي آهي.

اهي سڀ شيون سماع ڪانسواءِ ٻي ڪنهن بہ شئي مان حاصل نہ ٿينديون.

چون ٿا تہ فلسفي اهو سر اسمان جي گردش مان ورتن ٿا جو آسمان پنهنجي گردش ۾ آواز ڪندو آهي، جيئن احمد، ترمذي، ابن ماجہ ابو ذر رضي الله تعاليٰ عنہ کان مرفوع حديث آندي آهي ۽ حديث شفاء ۾ ابوذرؓ کان موقوف آيل آهي.

اطت اسماء وحق لها ان تاط

آسمان چيڪٽ پيو ڪري ۽ ان کي چيڪٽ ڪرڻ جو حق آهي.

اطيط پالاڻ جي آواز کي چوندا آهن. طيبي قدس سره ائين ئي چيو آهي مثنويءَ ۾ آهي.

پس حکیمان گفته اند این لحنها

از دوار چرخ بگر فتیم ما

فلسفين جو چوڻ آهي تہ اسين اهو سر آسمان جي گردش مان ورتو آهي.

دور ۽ دوار ٻئي مصدر آهن. [214] "طوطي نامي" ۾ چيل آهي تہ فيسا غورس نالي حڪيم پنهنجي اندر جي صفائيءَ جيڪري آسمان جو آواز ٻڌي ان مان علم موسيقي ٺاهيائين ۽ اهو پهريون ماڻهو هو جنهن علم موسيقي ايجاد ڪيو.

جسماني وجود کان پهريان روح آسمانن جو آواز ٻڌندا هئا صاف دل انسانن کي سهڻو آواز ٻڌڻ سان اها اصلي حالت اچي ٿي جسم جي پڃري ۾ بند روح کي سهڻو آواز ٻڌڻ سان بي قراري ٿئي ٿي ۽ هو ان آواز لاءِ تپ ڏئي ٿو. پر بدن جو پڃرو ان جي نڪرڻ کان مانع آهي. چو تہ روح لطيف آهي ۽ آواز ۾ بہ لطافت آهي. لطيف

شئي جو لطيف شئي سان انس هوندو آهي. هو كثيف سان مناسبت نہ ٿو رکي. جنس، جنس ڏانهن ئي لاڙو رکندي آهي. سرن جي باري ۾ کيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن ڪشف المحجوب ۾ ائين ئي آهي

چون ٿا تہ سماع ٻڌڻ مان اهل حقائق کي وڏو حظ حاصل ٿئي ٿو ان کي زبان بيان نٿي ڪري سگهي ڇو تہ اهو حال آهي، حال بيان ۾ نہ ايندو آهي. ان دعويٰ تي سڀ کان وڏو دليل مشاهدو ۽ معائنو آهي جو ڪيترن ئي کي سماع جي ڪري وجد ٿئي ٿو، هو پريشان ۽ سرگردان رهن ٿا. ڪائڻ، پيئڻ ڇڏي ڏين ٿا. جڏهن انهن کان ان جي حقيقت پڇي وڃي ٿي تہ هو ان جو جواب نٿا ڏئي سگهن.

بيت

عشق پنهان ست و پيدا حيرت است

من ندانم حيرت است يا غيرت است

عشق لڪل آهي ظاهر حيراني آهي مان نہ ٿو ڄاڻان تہ حيراني آهي يا غيرت.

سماع ٻڌڻ سان کي تہ دم ڏٿيءَ حوالي ڪن ٿا. ساهہ قربان ڪرڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ قرباني نہ آهي، ان تي سيني حڪيمن ۽ عقل وارن جو اتفاق آهي. تون پاڻ ئي انصاف ڪر تہ آخر اها ڪهڙي شئي آهي، جنهن جي ٻڌڻ سان هنن جو ساهہ نڪري وڃي ٿو. الله تعاليٰ جي شوق ۾ ساهہ ڏيڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي عشق جي باهہ ۾ ساڙڻ سڀ کان وڏي سعادت آهي.

بيت

سرائے سوختگان بيوسيله ميسوزد

چراغ شان هميشہ بي فتيلہ ميسوزد

ترجمو: عشق ۾ سڙندڙن جون جانيون سدائين بنا ڪنهن سبب جي سڙنديون رهنديون آهن ۽ انهن جو ڏيئو هميشہ وٽ کان سواءِ ئي ٻرندو رهيو آهي.

ڪشف المحجوب ۾ لکيل آهي شيخ جنيد جو هڪڙو مريد سماع جي وقت اضطراب ڪندو هو. ان کي شيخ جنيد چيو: جيڪڏهن تو ٻيهر اضطراب ڪيو تہ آءٌ توسان محبت نہ رکندس. شيخ ابو محمد حريري فرمائي ٿو تہ ان کان پوءِ مون ان ڏانهن ڏٺو تہ هو سماع جي وقت وات بند ڪري ويٺو هو تہ جيئن آواز نہ نڪري مون محسوس ڪيو تہ ان جي هر وار مان رت جو چشمو جاري ٿي رهيو هو.

بيت

مرا سوزي ست در سينہ اگر گويم زبان سوزد

وگروم در کشم ترسم کہ مغز استخوان سوزد

ترجمو: مون کي سيني ۾ باهہ آهي، جيڪڏهن بيان ڪيان تہ زبان سڙي ويندي، جيڪڏهن اندر ڇڪيان تہ دماغ ۽ هڏا سڙي ويندا.

ان ڪانپوءِ هو بيهوش ٿي ويو. پورو ڏينهن بيهوش رهيو خبر نه آهي ته هو سماع جي اضطراب ڪي لڪائڻ جي ڪري بيهوش ٿيو، يا مرشد جي ان حڪم جي تعميل جي ڪري.

هڪ مريد سماع ٻڌندي نعرو هنيو ان تي ان جي مرشد هن ڪي چپ رهڻ جو حڪم ڏنو. تنهن تي هن ڪنڌ گوڏن ۾ وڌو دم ڏٽيءَ حوالي ڪيو.

شيخ ابو سلمه بن غالب فارسيءَ چيو آهي ته هڪ درويش سماع ۾ تڙپي رهيو هو ۽ نعرا هڻي پيو. ان کي ويهارڻ لاءِ مٿي تي هٿ رکيم. مٿي تي هٿ رکڻ سان هو ويهي رهيو پر ان وقت ئي لاڏاڻو ڪري ويو. شيخ جنيد جو فرمان آهي ته مون هڪ درويش ڏٺو سماع ٻڌي رهيو هو ۽ سماع ۾ ئي ساهه ڏنائين.

وقيع دراج ڪان نقل ڪري ٿو ته ان چيو: آءُ سفر ۾ ابن قربطيءَ سان گڏ هئس دجله جو ڪنارو ڏئي وڃون پيا. جڏهن آبله ۽ بصره جي وچ تي پهتاسون ته هڪ وڏي جهوپڙي ڏٺي سون اتي هڪ نيڪ ماڻهو وينو هو هڪ ٻانڌي ان آڏو ڳائي رهي هئي. [215] اتي هڪ نوجوان بيٺو هو. جيڪو راڳ ٻڌي رهيو هو. اهو نوجوان ان ٻانڌي کي چئي رهيو هو. فلاڻو بيت بيهر چئو! تنهن ته هن اهو بيت بيهر ڳايو. تنهن تي ان نوجوان نعرو هنيو ۽ مري ويو. گهر جي مالڪ ان جي ڪفن جو بندوبست ڪيو. بصري وارن کي گڏ ڪيائين ته جيئن هو ان جي جنازي نماز پڙهن ۽ ان کي پنهنجي ماڳ پهچائن. ۽ ان گهر مالڪ پنهنجو سڀ ڪجهه خيرات ڪري ان جو ثواب ان نوجوان کي بخشي، پاڻ روئيندو رڙندوجهنگ جو منهن ڪيائين. ان ڪان پوءِ ڪنهن کي به خبر نه آهي ته ڪيڏانهن ويو.

هڪ بزرگ جو چوڻ آهي ته آءُ بغداد ۾ هيس، هڪ درويش ڏٺم جيڪو راڳ ٻڌي رهيو. راڳ ٻڌندي نعرو هنيائين ۽ اتي ئي مري ويو. اهڙي قسم جي هڪ ڳالهه ابو علي رود باري قدس سره کان منقول آهي. اهي سموريون ڳالهيون ڪشف المحجوب ۾ لکيل آهي. ان جهڙيون ٻيون عجيب ڳالهيون ڪشف المحجوب ۽ ٻين ڪتابن ۾ آيل آهن.

پروسي جوڳن درويش کان ٻڌل آهي، ته لاهور جي پسگردائي ۾ هڪ بزرگ عبدالخالق نالي هو. شايد هو هينئر (ڪتاب جي تاليف وقت) به زنده هجي. هن ان کي 1150هه ۾ زنده ڏٺو هو. اهو بزرگ ڏينهن ۽ رات اهڙي طرح مراقبي ۾ محو هوندو هو جو ڪيترائي ڏينهن لڳاتار بک ۽ اڃ تي گذري ويندا هئس. جڏهن مريد گهرن پيا ته هو هوش ۾ اچي ۽ ڪاڌو کائي ته هو ان جي ويجهو سرود هلائڻ پيا. جڏهن ان جي ڪنن تي سرود جو آواز پوي پيو ته هو آهستي آهستي هوش سنڀالي پيو ۽ ان جا عضوا طاقت وٺن پيا. ڪنيرن جي چڪ جيان گردش ۾ اچي پيو. جيڪڏهن چار طاقتور انسان ان کي جهلڻ گهرن ته نه پيا جهلي سگهن. جڏهن سرود بند ڪن پيا ته هو به ماٺ ٿي وڃي پيو ۽ کائڻ پيئڻ لڳي پيو. ڪجهه وقت هوش ۾ رهڻ کان پوءِ ساڳي ريت بي هوش ٿي وڃي پيو وري ساڳي طريقي سان ان کي هوش ۾ آڻن پيا:

جاڻ ته سمورن جانورن ۾ به آواز جو اثر ٿيندو آهي اهو اثر رڳو انسانن تي موقوف نه آهي، جيئن "ققنوس" جو قصو چوٿين فصل ۾ گذري آيو. ان کي سرود جي لئي تي تيز هلائڻ ۽ ان جو ان ۾ اثر جو قصو پهرين فصل ۾ گذريو. ڪشف المحجوب ۾ آهي ته اسحاق موصلي هڪ باغ ۾ سماع ٻڌي رهيو هو. باغ ۾ بلبل ٻولي رهيو هو. سرود جو آواز ٻڌڻ سان هو ماٺ ٿي ويو وڻ جي لام تان هيٺ ڪريو ۽ مري ويو.

خراسان ۽ عراق ۾ هي رواج آهي ته هرڻ جا شڪاري رات جو هڪ ٿاونءَ وڄائيندا آهن. ان آواز تي هرڻ گڏ ٿيندا آهن ۽ شڪاري انهن کي پڪڙي وٺندا آهن.

هڪ ڏينهن آءُ "شفاخانہ" ۾ ويس "روديءَ" جهڙي هڪ عجيب شئي ڏٺم. بيمارن کي هفتي ۾ ٻہ ڀيرا اتي وٺي وڃن پيا، ان کي وڄائن پيا تہ جيئن بيمار اهو آواز ٻڌن ۽ صحت مند ٿين. ان کي انگليون چون پيا. همزه کي فتح نون ساڪن گان کي زير لام ساڪن يا کي ضمہ ان کان پوءِ واو ۽ نون آهي فرنگي ان کي انگليون چوندا آهن. ان معنيٰ تي فرنگن جو هڪ ڪتاب پڻ آهي، جيڪو عجيب شين تي مشتمل آهي. [216] ان کان پوءِ ان جو استعمال مذڪوره ساز ۾ ٿيو. جيڪو روديءَ وانگر آهي. فرهنگ رشيديءَ ۾ چيل آهي تہ اهو هڪ ارغنون نالي ساز آهي جيڪو افلاطون ايجاد ڪيو هو. والله اعلم

هندستان ۾ مشهور آهي تہ ڳائڻ جو هڪ ٽولو رات جي اونداهيءَ ۾ ٻاهر نڪري ميدان ۾ ڳائيندا آهن تہ انهن جي آواز تي هرڻ مست ٿي ويندا آهن ۽ انهن جي ايترو ويجهو ايندا آهن، جو اهي ڳائڻا انهن کي پڪڙي وٺندا آهن اهو سچو قصو ڪشف المحجوب ۾ لکيل آهي.

ان بابت هندستان ۾ هن دور ۾ ٻہ شيون مشهور آهن هڪ ڪدوءَ کي سوراخ ڪري، ان ۾ سنهو ڏاڱو ملائي ان کي وڄائيندا آهن. نانگ ان جي آواز تي مست ٿيندا آهن ۽ انهن کي هٿ سان پڪڙيندا آهن، جنهن کي هنديءَ ۾ مرلي ميم جي ضمي سان چوندا آهن. ڄاڻ کي ڇڙيون هڪ ڪانيءَ تي ٻڌندا آهن. ڪانيءَ جا ٻئي پاسا ڪنهن ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ڏيندا آهن ۽ مٽيءَ جي ٻن وڏن پيالن ۾ مشعل ٻاري ڪنهن جي مٿي تي رکندا آهن ۽ انڌيري رات ۾ ميدان ۾ ايندا آهن، جنهن جي مٿي تي مشعل آهي اهو آڏو هلندو آهي ۽ ڪانيءَ وارو همراهہ ان جي پويان هلندو آهي هو ان ڪانيءَ کي تيزيءَ سان هلائيندو آهي، جيڪڏهن هو ٽڪجي پوندو آهي تہ اها ڪاني ٻي جي حوالي ڪندو آهي، ان مٿاسٽا ۾ ايتري تڪڙ ڪندا آهن جو ڪنهن ذري جو ٻہ وقفو نہ ٿئي، جيڪو ٻہ حيوان اهو آواز ٻڌندو آهي، مست ٿي ويندو آهي ۽ ان آواز ۽ مشعل ڏانهن ڊوڙندو آهي. جڏهن ويجهو پهچندو آهي تہ ان جون اکيون آسمان ڏي ان شعاع تي هونديون آهن. شعاع جو رخ آسمان ڏانهن هوندو آهي، باقي هيٺ سڀ اونده هوندي آهي، ائين جيڪو جانور ويجهو ايندو ان جي نظر آسمان ڏانهن هوندي، تان جو شڪاري ان کي تلوار هڻي ڪيرندا آهن. جيڪڏهن حلال هوندو تہ ذبح ڪندا نہ تہ ڇڏي ڏيندا. چون ٿا تہ ان آواز تي هر جانور مست ۽ فريفتہ ٿيندو آهي سواءِ گدڙ جي جو هو ويجهو اچي شعاع جي هيٺ نظر ڪندوءِ ماڻهو ڏسي ڀڄي ويندو. ان کي هنديءَ ۾ کهاندار چوندا آهن. [217]

هي ٻہ ڄاڻ گهرجي تہ جيڪي راڳ جي مباح هئڻ جا قائل آهن، انهن وٽ ٻہ ان جي مباح هئڻ لاءِ ڪي شرط آهن، جيڪڏهن انهن شرطن جو لحاظ نہ رکيو ويو تہ پوءِ انهن وٽ ٻہ ٻين جيان حرام آهي.

هڪ شرط هي آهي تہ اهو ڪنهن مخصوص جڳهہ تي ٻڌو وڃي، جتي عام ماڻهو اچي نہ سگهي ۽ اها جڳهہ پاڪ، ڪشادي ۽ روشن هجي، تنگ ۽ انڌيري جڳهہ نہ هجي.

ٻيو سالڪن جي دل لهو ۽ لعب ۽ بڇڙي خيال کان پاڪ هجي تہ جيئن پوري تعظيم حاصل ٿئي. ٽيون شرط آهي تہ اتي موجود سڀ ماڻهو انهن الفاظن جون ازلي معنائون ۽ رموز ڄاڻندڙ هجن. اهڙا نہ هجن جو صرف آواز ۽ ڌن تي فريفتہ ٿي پون. چوٿون شرط آهي تہ اتي ڪوئي ٻي ڏاڙهي ڇوڪرو، عورت، فاسق ۽ ڪوئي دنيا پرست نہ هجي.

پنجون شرط آهي تہ قوالي چوندڙ جي نيت صاف هجي، مزدوري ڪاڏي يا ٻي ڪنهن قسم جي ان کي لالچ نہ هجي، اهڙي طرح ٻڌندڙن جي دل ٻہ صاف هجي.

جهڙن سرط آهي تہ انهن مان ڪوبہ شخص ڪوڙو وجد ظاهر نہ ڪري. مگر اهو شخص جنهن کي واقعي وجد اچي.

۽ سماع جا ڪيترائي آداب آهن. انهن جو پورو تفصيل ڪشف المحجوب ۽ مڪتوبات منيريہ ۾ آيل آهي.

اها جماعت جيڪا اهل سماع لاءِ سماع مباح هجڻ جي قائل آهي انهن ۾ اصحاب مان عبدالله بن جابرؓ عبدالله بن زبيرؓ مغيره بن شعبہؓ معاويہ بن ابي سفيانؓ ۽ مشائخ مان سيد طائفہ جنيد. سري سقطي ذولنون مصري ابو حامد غزالي. معارف العلوم واري مواهب لدنيہ ڪان ائين آندو آهي ۽ شيخ ابو طالب مڪيءَ جي قوت القلوب ۾ بہ ائين ئي آهي ۽ غزالي جي "احياء" ڪان پڻ ائين تي نقل ڪيو اٿن. ڪي محدث بہ مباح جا قائل آهن ان جي صراحت شيخ عبدالحق مشڪواة جي شرح ۾ ڪئي آهي ڪشف المحجوب ۾ ائين ئي آهي.

باقي جيڪو ڪي فقيهہ چون ٿا تہ امام غزالي اباحت جو قائل نہ آهي بلڪہ حشو ين ان تي ڪوڙ ٺاهي ان جي ڪتاب ۾ اباحت داخل ڪري ڇڏي آهي. بلاغ مبين جي صراحت مطابق اهو خيال باطل ۽ محض گمان آهي ڇو تہ پروسي جوڳا عالم غزالي جي زماني ڪان وٺي هينئر تائين غزالي ڪان سماع جي اباحت نقل ڪن ٿا. جيڪڏهن ان جو مذهب ان جي ابتڙ هجي ها ان جي روايت ان جي ڪتابن مان ملي ها يا ان جا شاگرد يا مريد اهڙي قسم جي روايت ڪن ها.

روايت ڪن ٿا تہ سيد طائفہ سماع ڪان توبہ ڪئي آهي. بلاغ مبين ڪتاب جي عبارة ان تي شاهدي ڏئي ٿي. "نصاب الاحتساب" ۾ آهي تہ سيد طائفہ پڻ پنهنجي دور ۾ سماع جا شرط نہ ليڻ ڪري سماع واري قول ڪان توبہ تائب ٿيو هو. حضرت عائشہؓ جو قول [218] بہ سماع جي اباحت جو آهي. جيئن ڪن حديثن مان معلوم ٿئي ٿو. حضرت عائشہؓ ڪان روايت آهي فرمائي ٿي تہ:

كان رسول الله صلى الله عليه وسلم جالسا فسمعنا لفظا وصوت صبيان فاذا حبشية تذفن والصبيان حولها فقال يا عائشة تعالى فانظرئ فجئة فوضعت لحى على منكب رسول الله صلى الله عليه وسلم فجلعت انظر اليها مابين المنكب الى راسه فقال له اما شبعت فجلعت اقول لا لانظرئ منزلتى عنده اذ طلع عمر فارفض الناس عنها فقال رسول الله صلى الله على وسلم انى لانظر الى شياطين لانس والجن قدفرو من عمر قالت نرجعت روا ترمذى وقال هٰذا حديث حسن صحيح غريب

پاڻ ڪريم ﷺ جن وينا هئا اسان لڙ. شور ۽ ٻارن جو آواز ٻڌو. هڪ حبشڻ ڳائي رهي هئي ۽ ٻار ان کي وڪوڙيو بيٺا هئا پاڻ سڳورن فرمايو. اي عائشہؓ اچي ڏس! آءٌ پنهنجي ڪاڏي پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ڪلهي تي رکي ڏسڻ لڳس. آءٌ پاڻ سڳورن جي ڪلهي ۽ مٿي جي درميان انهن ڏانهن نهاري رهي هيس جو مون کي فرمايائون. ڍئو ٿيئي مون چيو نہ! جيئن آءٌ پاڻ سڳورن وٽ پنهنجو مرتبو معلوم ڪيان. اوچتو (حضرت) عمرؓ ظاهر ٿيو تہ ماڻهو ٽڙي پکڙجي ويا پاڻ سڳورن فرمايو: آءٌ شيطان. انسانن ۽ جنن کي ڏسي رهيو هيس تہ هو ڀڄي رهيا هئا. فرمائي ٿي تہ پوءِ اسين بہ موٽياسون. رواه ترمذي ليڪن هيءَ حديث حسن صحيح غريب آهي.

لام جي فتح سان غين جي فتح ۽ سڪون سان. ان جي پڇاڙيءَ ۾ ط. آواز. لڙ. شور وغيره باب فتح ڪان. تزفن. سمع باب ڪان رقص (نچڻ) جي معنيٰ ۾. لغت ۾ زفن چئبو آهي. پير زمين تي لوڏڻ. ما بين..... الى راسہ. جو قول انظر فعل جي ظرف آهي ان جو مفعول نہ آهي.

ڪشف المحجوب ۾ حضرت عائشہؓ کان روايت آهي فرمائي ٿي تہ اسان وٽ هڪ ٻانهي ڳائي رهي هئي. حضرت عمرؓ اندر اچڻ جي اجازت گهري. حضرت عمرؓ جو آواز ٻڌي اها ڀڄي ويئي، جڏهن حضرت عمرؓ اندر داخل ٿيو تہ پاڻ سونهارا مرڪيا. حضرت عمرؓ چيو: ڪهڙي ڳالهہ تي مرڪي رهيا آهيو پاڻ سڳورن فرمايو: اسان وٽ ٻانهي ڳائي رهي هئي، توهان جو آواز ٻڌي ڀڄي وئي، تنهن تي عمرؓ چيو: آءُ بہ اهو ٻڌڻ گهران ٿو جيڪو الله جو رسول ٻڌي رهيو هو. پاڻ سڳورن ان ٻانهيءَ کي گهرايو جيڪا ڳائي پئي ۽ پوءِ پاڻ سڳورا ۽ حضرت عمرؓ اهو ٻڌڻ لڳا.

هي بہ حديثون ۽ ٻن ٻانهن واري حديث عيد جي بيان ۾ فصل پهرين ۾ گذري آيون. جيڪي سماع جي متعلق حضرت عائشہؓ جي مذهب کي ثابت ڪن ٿيون.

جيڪي عائشہؓ جي مذهب تي سماع جو مباح ثابت ڪن ٿا انهن غلطي ڪئي آهي ڇو تہ عائشہؓ پاڻ سڳورن جي موجودگيءَ کان سواءِ ڪڏهن بہ راڳ نہ ٻڌو آهي ۽ شيخ عبدالحق صراحت ڪئي آهي تہ پاڻ سڳورن ڪڏهن بہ ارادي ۽ رغبت سان فواهش ۽ منڪر جو ذڪر نہ ٻڌو آهي. پوءِ اهو راڳ جي صورت ۾ هجي يا ڪنهن ٻي صورت ۾. جيئن مٿي گذري آيو. [219]

باقي جيڪو پاڻ سڳورن ٻڌو آهي اهو مباح سماع جو هڪ قسم آهي اهو هي مشهور راڳ نہ آهي، جيئن پهرين فصل ۾ گذري آيو.

جمهور علماء راڳ جي حرمت جا قائل آهن. انهن جو چوڻ آهي تہ معروف راڳ، جيڪو فحش ڳالهين ۽ منڪر ڳالهين تي مشتمل آهي، اهو هر هڪ جي لاءِ ناجائز آهي، پوءِ اهو اهل هجي يا نہ! ڇوتہ دنيا دار مڪاسب يعني ڪمائڻ جو جهان آهي ۽ آخرت بدلي ملڻ جو جهان آهي.

هاڻي جيڪو ماڻهو دنيا ۾ ئي پنهنجي ڪمائيءَ جو اجر حاصل ڪندو، اهو قيامت جي ڏهاڙي ان کان محروم رهندو ۽ جيڪو پنهنجو اناج ڪاٽي ڇڏيندو، اهو ذخيرو ڪري نہ سگهندو ۽ دنيا آخرت جي ڪيتي آهي. دنيا، دنيا جي جهان لاءِ پوک نہ آهي ۽ قرآن مجيد ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ ۚ وَمَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ نَّصِيْبٍ

(الشوريٰ آيت: 20)

ترجمو: "جيڪو آخرت جي پوک گهرندو آهي، تنهن لاءِ سندس پوک ۾ واڌارو ڪندا آهيون ۽ جيڪو دنيا جي پوک جو ارادو ڪندو آهي، تنهن کي منجهانئس ڏيندا آهيون ۽ آخرت ۾ ان جو ڪو حصو نہ آهي."

دنيا ۾ انسان لاءِ لذت ۽ راحت مقصود نہ آهي. بلڪ انسان جو مقصود رب جي بندگي آهي. الله جو فرمان آهي:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ (الذاريات: 56)

ترجمو: "جنن ۽ ماڻهن کي رڳو پنهنجي عبادت ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيوسون."

لذت ۽ راحت ۽ وجد ۽ حال بالذات مقصود نہ آهي. بلڪ اهو ڪڏهن ڪڏهن رياضت وارن کي نتيجي طور حاصل ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن اهو معصيت هوندو آهي. جيئن مجازي عاشقن ۽ ڳائڻن کي ڳائڻ مان لطف ۽ لذت ايندي آهي. تنهن ڪري اتان معلوم ٿيو تہ اها عبادت نہ آهي ۽ نہ ئي عبادت جو نتيجو آهي، ڇوتہ ڪڏهن ان مان معصيت پيدا ٿيندي آهي ۽ جن کي ان مان لذت ۽ وجد ايندو آهي، اهي ان کي مقصود ڪلي سمجهندا آهن. تنهن ڪري اهي طاعت حق تعاليٰ کان رڪجي پوندا آهن.

جيڪو پنهنجين عبادتن مان لذت، وجد، حال ۽ شوق ماڻيندو يا اهو انهن کي پنهنجو مقصود ڄاڻندو ۽ اهو ان کي دنيا ۾ ئي حاصل ٿيندو تہ اهو آخرت ۾ پنهنجي عبادت جي ثواب کان محروم رهندو. جيئن ڏيکاءَ جي لاءِ عبادت ڪندڙ جيئن تہ اهو عبادت جي نتيجي حاصل ڪرڻ ۾ تکڙ ڪندڙ آهي، تنهن ڪري قيامت جي ڏينهن اهو ان جي ثواب کان محروم رهندو. ڇوتہ هن دنيا ۾ عبادت کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ مقصود نہ آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي:

وَمَآ اُمِرُوٓا اِلَّا لِيَعۡبُدُوا اللّٰهَ مُخۡلِصِيۡنَ لَهُ الدِّيۡنَ (البينة:5)

ترجمو: "۽ هن کان سواءِ (ٻيو) ڪو حڪم نہ ڪيو ويو آهي تہ هو الله جي عبادت ڪن ۽ دين کي خالص رکن."

رسول الله ﷺ جن ۽ سندس امت کي صراط مستقيم تي استقامت اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنل آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

فَاسۡتَقِمۡ كَمَآ اُمِرۡتَ وَمَنۡ تَابَ مَعَكَ (هود: 112)

ترجمو: "پوءِ جيڪو توکي حڪم ڪيو ويو آهي، تيئن تون محڪم رهہ ۽ جن توسان توبہ ڪئي." ان ڪري پاڻ فرمايائون مون کي هود سورت پوڙهو ڪري ڇڏيو.

واقعي صراط مستقيم دين محمدي آهي. جيئن رب ذوالجلال جو فرمان آهي:

وَاَنَّ هٰذَا صِرَاطِيۡ مُسۡتَقِيۡمًا فَاتَّبِعُوۡهُ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمۡ عَنۡ سَبِيۡلِهٖ (الانعام: 154)

ترجمو: "۽ هي تہ اها منهنجي سڌي واٽ آهي. تنهن ڪري ان تي هلو ۽ ٻين واٽن تي نہ هلو جو اهي واٽون اوهان کي سندس واٽ کان جدا ڪنديون."

هيءَ ڳالهہ چڱيءَ طرح معلوم هجي تہ سرود راڳ جو دين محمدي سان ڪو واسطو ڪونهي ۽ دين محمدي کان سواءِ الله تبارڪ وتعاليٰ وٽ ٻيو ڪوبہ دين قبول نہ آهي. جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَمَنۡ يَّبۡتَغِ غَيۡرَ الۡاِسۡلَامِ دِيۡنًا فَلَنۡ يُّقۡبَلَ مِنۡهُ وَهُوَ فِي الۡاٰخِرَةِ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ (آل عمران آيت: 85)

ترجمو: "۽ جيڪو اسلام ڌاران ٻيو دين طلبيندو، تنهن کان اهو ڪڏهن بہ قبول نہ ڪبو ۽ اهو آخرت ۾ ڇيهي وارن مان آهي."

الله تعاليٰ جو هر هبو جيڪو الله تعاليٰ جي عبادت جو نتيجو آهي ۽ شڪر ۽ گهٽي عبادت جو سبب ٿئي اها الله جي طرفان ٻانهي تي ڪرامت آهي ۽ هر الله جو هبو جيڪو عبادت کانسواءِ حاصل ٿي ۽ وڏائي ۽ غرور جو سبب ٿئي اهو استدراج آهي ڪرامت نہ آهي. اهو ڏمر آهي، نعمت نہ آهي.[220] اهڙيءَ طرح ڪشف ڪڏهن رحماني هوندو آهي ۽ ڪڏهن شيطاني ۽ ڪڏهن لدني علم رحماني هوندو آهي ۽ ڪڏهن شيطاني هوندو آهي ۽ ان جو پورو بحث مٿي گذري آيو.

راڳ جي حرمت جو ٻيو سبب فحش ۽ منڪر شين جو ذڪر آهي ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ ان کان روڪيو آهي. جيئن تر ۽ ڳلن، قدوقامت، لب ۽ زلف، خم ۽ صراحي يا پيالي جو ذڪر الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

اِنَّ اللّٰهَ يَاۡمُرُ بِالۡعَدۡلِ وَالۡاِحۡسَانِ وَاِيۡتَآئِ ذِي الۡقُرۡبٰى وَيَنۡهٰى عَنِ الۡفَحۡشَآءِ وَالۡمُنۡكَرِ وَالۡبَغۡيِ (النحل: 90)

ترجمو: "بيشڪ الله انصاف ۽ ڀلائي (ڪرڻ) ۽ مائٽيءَ وارن کي ڏيڻ جو حڪم ڪري ٿو ۽ بي حيائيءَ ۽ مدائيءَ ۽ زبردستيءَ کان جهلي ٿو."

پر جيڪڏهن ڪو چوي تہ انهن الفاظن مان راڳ چوندڙ ۽ ٻڌندڙ جي ظاهري معنيٰ مراد نہ آهي، بلڪ اهڙي

معنيٰ مراد آهي، جيڪا صحيح ۽ مصلح آهي، تنهن ڪري اهو فحش ۽ منڪر نہ ٿيو. ان لاءِ جواب آهي تہ بنا ڪنهن ضرورت جي لغوي ۽ عرفي معنيٰ کان سواءِ ٻي معنيٰ مراد وٺڻ صحيح نہ آهي. بلڪ اها فتني جو باعث آهي. هر ڪو ان مان اها معنيٰ نہ وٺندو. بلڪ ڪي ٻڌندڙ ان مان ظاهري معنيٰ مراد وٺندا ۽ ان سان گڏ اها فاسقن ۽ مجازي عاشقن ڪي تشبيهہ پڻ آهي ۽ فاسقن سان مشابهت رکڻ کان روڪيو ويو آهي. حديث شريف ۾ آهي:

"من تشبه بقوم فهو منهم"

ترجمو: جيڪو جنهن قوم سان مشابهت رکندو، اهو انهن مان آهي.

اهڙي طرح اهڙي قسم جي محفل ۾ ويٺل ڏسي ماڻهو تهمتون هڻندا. توڙي جو هن جي دل صاف هجي. حديث شريف ۾ تهمت وارن جڳهين کان بچڻ جو تاڪيد آيل آهي. حديث شريف ۾ آهي:

"اتقوا مواضع التهم"

ترجمو: پاڻ کي تهمت وارين جڳهن کان بچايو.

ڪن عالمن وجد ۽ شوق وارن جي حق ۾ سماع لاءِ توقف ڪيو آهي. انهن لاءِ نہ مباح نہ حرام ۽ نہ مڪروهہ چيو اٿائون. خواجہ بهاؤالدين والملة والدين نقشبند قدس سره کان ائين ئي نقل ڪيل آهي. جڏهن ان کان سوال ڪيائون تہ سماع جو حڪم ڇا آهي فرمايائون: نہ آءٌ سماع ٻڌان ٿو ۽ نہ ان کان انڪار ڪريان ٿو. منهنجو مرشد چوندو هو تہ نہ آءٌ ان جي ٻڌڻ جو حڪم ڪريان ٿو نہ ان جي ٻڌڻ کان روڪيان ٿو. نہ ان ۾ مشغلو رکان ٿو. ايترو سو ضرور ڄاڻان ٿو تہ اهو طريقو خاتم النبين صلي الله عليہ وسلم وارو نہ آهي. ان ۾ ڪو خير ۽ ڀلائي نہ آهي. جيڪڏهن ان ۾ڪا ڀلائي هجي ها تہ پاڻ سڳورا ان جي عادت بنائن ها ڇو تہ پاڻ سڳورا ڀلائيءَ جون سڀ خصلتون پاڻ ۾ رکندڙ هئا. سيني نيڪين تي حاوي هوندا هئا. ان جي باوجود عرب ۾ ان دؤر ۾ ان جو رواج عام جام هو. شيخ عبدالحق مشڪواة جي شرح ۾ ان تي توقف ڪيو آهي [221] ۽ شبهات کان بچڻ ۾ ئي تقويٰ ۽ پرهيزگاري آهي ۽ اختلاف کان بچڻ ۽ احتياط ڪرڻ ئي گناهن کان بچڻ جو سبب آهي ۽ اهڙي ڳالهہ تي عمل ڪرڻ، جنهن ۾ فتنو ۽ فساد نہ هجي، صوفين جو مسلڪ آهي. ڇوتہ صوفي پنهنجي صاف پاڻيءَ کي ميرو نہ ڪندو آهي ۽ حق کي باطل سان نہ وڇڙائيندو آهي ۽ پنهنجي سون کي ڪوٽو نہ ڪندو آهي ۽ پنهنجي بخشش کي گهٽائيندو نہ آهي.

هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت ابو امامہ رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائي ٿو تہ هڪ دفعي ڪنهن شخص پاڻ سڳورن عليہ السلام کان پڇا ڪئي تہ گناهہ ڇا آهي؟ تنهن تي پاڻ سڳورن عليہ السلام جن فرمايو: جڏهن ڪا شيءِ تنهنجي دل ۾ ڪٽڪي تہ ان کي ڇڏي ڏي. (رواه احمد)

ڪٽڪي جو مطلب هي آهي تہ دل ۾ تردد پيدا ٿئي تہ هيءَ شيءِ جائز آهي يا ناجائز تہ ان تردد جي ڪري ان شيءِ کي ڇڏي ڏجي.

صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم شريف جي هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ جيڪو شخص شبهات ۾ گرفتار ٿيو. اهو حرام ۾ ڦاسي ويندو. جيئن ڪو ڌنار چراگاهہ جي چوگرد مال چاري ٿو. قريب آهي جو اهو چراگاهہ ۾ وڃي پوي.

حضرت حسن بن علي رضي الله عنهما کان روايت آهي، فرمائي ٿو تہ مون پاڻ سڳورن عليہ السلام کان هيءَ حديث مبارڪ ياد ڪئي:

دع ما يريبک الي مالا يريبک فان الصدق طمانية وان الكذب ريبة (رواه احمد والترمذي)

ترجمو: "شڪ ۾ وجهندڙ شيءِ کي ڇڏي ان شيءِ ڏي وڃ، جيڪا شڪ ۾ نہ وجهي، ڇوتہ سچ اطمينان جو سبب ۽ ڪوڙ شبهي ۾ وجهندڙ آهي." (والله اعلم بالصواب والصدق).

فصل ڇهون

ڪن باطل مذهب ۽ جاهل صوفين جي رد جي بيان ۾

هو راڳ، رقص ۽ وجد جي مباح هئڻ جا قائل آهن ۽ ڏينهن ۽ رات انهن جو اهوئي مشغلو آهي. بلڪ انهن جي مذهب جو مدار ئي ان تي آهي. شايد اهي ان کي سڀ کان افضل عبادت شمار ڪن ٿا. انهن جو عقيدو ٽئين ۽ چوٿين فصل ۾ باب پهرين ۾ گذري آيو.

انهن مان شمراخيہ، حوريہ حلوليہ ۽ اباحيہ وارن جو چوڻ آهي تہ عورتون ۽ بي ريش خوبصورت ڇوڪرا الله تعاليٰ جا خوشبودار گل آهن. تنهن ڪري نڪاح واري تعلق کان سواءِ انهن کي ڏسڻ جائز آهي ۽ انهن جو چوڻ آهي تہ راڳ ۽ رقص ان ڏانهن اپاريندڙ آهي، تنهن ڪري اهو مقصود ڪلي آهي.

باقي حاليہ ۽ حوريہ مسلڪ وارن جو مدار اهڙي وجد تي آهي، جيڪو رقص ۽ سماع مان حاصل ٿئي ۽ اهڙي طرح حشويہ مسلڪ جا پيروڪار پڻ ان ڳالهہ جا قائل آهن. تنهن ڪري اهي سمورا مسلڪ باطل آهن ۽ انهن جا پيروڪار ملحد آهن ۽ انهن جون اهي ڳالهيون فاسد آهن ۽ انهن ان بابت ڪتاب پڻ تصنيف ڪيا آهن، جيڪي گمراهي، ضلالت ۽ بدعت سان ڀريل آهن ۽ انهن ۾ باطل ۽ ڪوڙا دليل ڏنا ويا آهن. جيڪي اجائي بڪواس ۽ واهيات ڳالهيون آهن. انهن مان هڪ ڪتاب "ڪشف السماع" آهي، جيڪو ابو عبدالرحمٰن سلميءَ جو لکيل آهي. ان بابت علماءِ ڪرام جو چوڻ آهي تہ ڪتاب "ڪشف السماع" گمراهي ۽ ضلالت جو ڦندو آهي ۽ ان ۾ نفساني خواهشن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. ان ڪانسواءِ هن ڪتاب ۾ اوليا الله تي گهڻا ڪوڙ شامل آهن. مثلاً شيخ ابو سعيد خراز جو اهو فرمان تہ تاڙيون وڄائڻ سان هٿن ۾ جيڪا شهوت آهي اها زائل ٿئي ٿي يا جڏهن صوفي زمين تي پير سان رقص ڪري ٿو تہ سندس[222] پيرن جي شهوت ختم ٿئي ٿي يا وري جڏهن هو نعرو هڻي ٿو تہ سندس اندرين شهوت جو خاتمو ٿئي ٿو اهي سڀ بهتان ۽ اجايون ڳالهيون آهن، جيڪي شيخ ڏانهن غلط طور گهڙي منسوب ڪيون ويون آهن. تنهن ڪري ان جي مطالعي کان بچڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح انهن جا ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب آهن، جن ۾ اولياءُ الله تي افتراءُ بازي ۽ بهتان بازي ڪئي وئي آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ شيخ ابو سعيد خراز شريعت جو پابند ۽ زاهد صوفي هو، جيڪو گناهن کان پري پاڪ صاف زندگي گذاريندو هو. هو صوفي باصفا هو ۽ اهلسنت و الجماعت مان هو معلوم ٿئي ٿو تہ شيخ عبدالرحمان جي ٻين ڪتابن ۾ پڻ ڪفر ۽ بدعت فساد ۽ گمراهيءَ جون ڳالهيون ڀريون پيون آهن. تنهن ڪري اهڙي قسم جي ڪتابن کان بچڻ گهرجي. ڇوتہ انهن جا ڪتاب ڪفر، بدعت، فساد ۽ عناد سان ڀريل آهن ۽ ابو عبدالرحمٰن سلمي جي تفسير جي متعلق

علامہ جلال الدين سيوطيءَ جو چوڻ آهي تہ جيڪو شخص ابو عبدالرحمٰن جي تفسير کي صحيح سمجهندو اهو ڪافر ٿي ويندو. نعوذ بالله منه. ڇوتہ ان ظاهري نصوص کان منهن موڙيو آهي.

اهل سنت والجماعت جو چوڻ آهي تہ جنهن جي مٿان نظر ڪرڻ حرام آهي، ان ڏانهن نظر ڪرڻ کي شرعي عرف ۾ زنا العين. يعني اکين جي زنا چيو ويو آهي ۽ جنهن جي مٿان نظر ڪرڻ حرام آهي، ان کي ڇهڻ حرام آهي ۽ ان جي ڇهڻ کي شرعي اصطلاح ۾ زنا اليد. يعني هٿن جي زنا چيو ويو آهي ۽ جنهن شيءِ کي ڇهڻ حرام آهي، ان ڏانهن ڏسڻ يا ڇهڻ جي نيت سان هلڻ کي شرعي اصطلاح ۾ زنا الرجلين. يعني پيرن جي زنا چيو ويو آهي ۽ ان کي ڏسڻ جو يا ڇهڻ جو يا هلڻ جو ذڪر ڪرڻ پڻ حرام آهي. ان جي اهڙي ذڪر کي زنا اللسان يعني زبان جي زنا چيو ويو آهي ۽ اهڙي قسم جو تذڪره ٻڌڻ کي زنا الاذن. يعني ڪنن جي زنا چيو ويو آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت ابوهريره ﷠ کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

ان الله كتب علي ابن آدم حظه من الزنا ادرک ذالک لامحالة فزنا العين النظر وزنا اللسان المنطق والنفس تشتهي وتتمنيٰ والفرج يصدق ذٰلک ويكذبه (رواه بخاري و مسلم)

ترجمو: "الله تعاليٰ انسان جو زنا مان حصو لکي ڇڏيو آهي، جيڪو هر حال ۾ ڪندو. پوءِ اکين جي زنا ڏسڻ آهي ۽ زبان جي زنا ڳالهائڻ آهي ۽ نفس آرزو ۽ تمنا ڪندو آهي ۽ اگهڙ ان کي سچو ۽ ڪوڙو ڪندي آهي."[223]

۽ مسلم جي هڪ روايت آهي تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو انسان جو زنا مان حصو لکيو ويو آهي، جنهن کي هو حاصل ڪندو. اکيون زنا ڪنديون آهن. انهن جي زنا ڏسڻ آهي، ڪن زنا ڪندا آهن. انهن جي زنا ٻڌڻ آهي، زبان زنا ڪندي آهي ان جي زنا ڳالهائڻ آهي ۽ هٿ زنا ڪندا آهن. انهن جي زنا پڪڙڻ آهي ۽ پير زنا ڪندا آهن تہ انهن جي زنا هلڻ آهي ۽ دل خواهش تمنا ڪندي آهي ان کي ڪوڙو يا سچو اُگهڙ ڪندي آهي

شهوت دل جي خواهش ۽ دل جي رغبت جي معنيٰ ۾ آهي. باقي اکين، ڪنن، زبان، هٿن، پيرن، نظر ۽ ڪلام ۽ ٻڌڻ، وڃڻ هلڻ اهو سڀ دل جي خواهش جي ڪري آهي.

ڪن سببن جي ڪري شريعت ۾ اهي شيون جائز آهن. مثال طور نڪاح کان پوءِ گهر واريءَ ڏانهن ڏسڻ، يا طبيب جو مريض عورت ڏانهن ڏسڻ ۽ قاضيءَ جو شاهدي ڏيندڙ عورت ڏانهن ڏسڻ. جنهن جو تفصيل فقهہ جي ڪتابن ۾ آيل آهي. ان کان سواءِ ڪنهن ڌاري عورت ڏانهن ڏسڻ جائز نہ آهي. تنهن ڪري اهي شيون جن جو ڏسڻ جائز نہ آهي، شهوت ۽ رغبت جي ارادي سان انهن جو تذڪرو ڪرڻ بہ جائز نہ آهي. خاص طور تي شعرن ۾ سريلي آواز ۽ باجن سان گڏ ٻڌڻ انتهائي خطرناڪ آهي.

جهڙيءَ طرح شراب جو واپرائڻ حرام آهي، اهڙي طرح ان جي آلات ۽ سببن کان بچڻ ضروري آهي. تنهن ڪري انهن چئن قسمن جي ٿانون کان روڪيو ويو آهي، جن ۾ شراب واپرايو ويندو هو يا تيار ڪيو ويندو هو. حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ هنن چئن قسمن جي ٿانون جي واپرائڻ کان منع فرمائي: حنتم، دباء، نقير ۽ مزفت. حنتم معنيٰ سائو مٽ جيڪو گهڻي استعمال ۽ گهڻي عرصي گذرڻ ڪري سائو ٿي وڃي. الدباء ڪدوءَ کي ڪوري ان مان پيئڻ جو ٿانءُ ٺاهيندا هئا. نقير کجيءَ جي ٿڙ کي ڪوري گنڊڙي نما هڪ ٿانو ٺاهيندا

هئا. مزفت مٽيءَ جو تيل لڳل روغني ٿانوَ. اهي چارئي ٿانوَ شراب لاءِ استعمال ٿيندا هئا.[224]

شراب جي حرمت کان پهريان اهي چئن قسمن جا ٿانو هئا، جن ۾ شراب واپرايو ويندو هو. جڏهن شراب حرام ٿيو ته پاڻ سڳورن ﷺ انهن چئن قسمن جي ٿانون جي واپراڻ کان به منع فرمائي، ته جيئن مسلمانن کي شراب کان نفرت پيدا ٿئي. جڏهن مسلمانن جي دلين ۾ شراب کان نفرت پيدا ٿي وئي ته انهن ٿانون جو واپراڻ به مباح ٿي ويو. جيئن حديث شريف ۾ آهي ته حضرت بريده رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو: "مون توهان کي (چئن قسمن جي) ٿانون جي واپراڻ کان منع ڪئي هئي، سو ٿانءُ ڪنهن شيءِ کي حلال نه ڪندو آهي ۽ نه حرام، (خبردار!) هر نشي واري شيءِ حرام آهي." (رواه مسلم)

هن حديث مان معلوم ٿيو ته انهن ٿانون جي واپراڻ کان جيڪا منع ڪئي ويئي هئي، اها حڪمت تحت هئي ۽ هينئر اهو حڪم منسوخ آهي.

هتان معلوم ٿيو ته جيڪي شيون حرام آهن، انهن جي آلات ۽ اسباب سان رغبت ۽ محبت رکڻ حرام آهي. تنهن ڪري ڊاڙي عورت جو تذڪرو ٻڌڻ پڻ حرام ٿيندو، ڇوته ان ڏانهن نهارڻ وغيره حرام آهي.

راڳ ٻڌڻ جي حرمت جو ٻيو سبب فحش ۽ منڪر ڳالهين جو ذڪر آهي. جيڪي ڪلمات شر يعني برا ڪلما آهن ۽ خراب ڳالهين جو ٻڌڻ حرام آهي. حديث شريف ۾ آهي ته حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

ان العبد ليتكلم بالكلمة من رضوان الله لا يلقي لها بالا يرفع الله بها درجات وان العبد ليتكلم بالكلمة من سخط الله لا يلقي لها بالا يهوي بها في جهنم (رواه بخاري)

ترجمو: "ٻانهو الله تعاليٰ جي رضامندي وارو ڪلمو زبان مان ڪڍندو آهي، هن کي ان جي اهميت جي خبر نه هوندي آهي. پر الله تعاليٰ ان جي ڪري ان جا درجا بلند ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ٻانهو زبان مان الله تعاليٰ جي ناراضپي وارو ڪلمو ڪڍندو آهي ۽ هن کي ان جي اهميت جي خبر نه هوندي آهي، پو الله تعاليٰ ان جي ڪري ان کي جهنم ۾ داخل ڪندو آهي."

حضرت بلال بن حارث رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن فرمايو:

ان الرجل ليتكلم بكلمة من الخير ما يعلم مبلغها يكتب الله له بها رضوانه الىٰ يوم يلقاه وان الرجل ليتكلم من بكلمة من الشر ما يعلم مبلغها يكتب الله بها عليه سخطه الي يوم يلقاءَ (رواه في شرح السنه) ترمذي ۽ ابن ماجه وغيره.

ترجمو: "انسان ڪڏهن ڀلائيءَ جو اهڙو ڪلام زبان مان ڪڍندو آهي ۽ هي ان جو مرتبو نه ڄاڻندو آهي. الله تعاليٰ ان جي ڪري ملاقات واري ڏينهن تائين رضامندو لکي ڇڏيندو آهي ۽ ڪڏهن انسان برائيءَ جو اهڙو ڪلمي ڪڍي وجهندو آهي، جنهن جي اهميت کان هو واقف نه هوندو آهي. الله تعاليٰ ان جي ڪري ملاقات واري ڏينهن تائين ناراضگي لکي ڇڏيندو آهي."

رسالي "الامر والنهواهي" ۾ آهي يحيي بن سعيد کان روايت آهي ته (حضرت) عيسي بن سريم عليه السلام رستي تي سوئر ڏٺو ان کي چيائين، پري ٿي وڃ سلامتيءَ سان. ڪنهن چيس: سوئر کي ائين چئو تا چئو. تنهن تي

حضرت عيسيٰ عليہ السلام چيو. آءُ ان ڳالهہ کي برو ٿو سمجهان جو منهنجي زبان مان کو برو لفظ نڪري اهو امام مالڪ موطا ۾ روايت ڪيو آهي.

اتان معلوم ٿيو تہ حضرت عيسيٰ جي شريعت ۾ سوئر حرام هو ۽ شراب بہ ان جي شريعت ۾ حرام هو. ڇو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جو فرمان آهي تہ هر نبيءَ شراب کي حرام ڪيو آهي، جڏهن اها حديث مولانا شيخ نور الدين محمد[225] آرمينا قوم جي هڪ عيسائي عالم کي ٻڌائي تہ ان چيو: توهان جي نبيءَ جو قول اسان تي حجت نہ آهي. تنهن تي مولانا چيس! ڇا اوهان جي ڪتاب انجيل ۾ شراب جي اباحت ذڪر ٿيل آهي ان چيو! نہ مولانا چيس تہ پوءِ ان جي اباحت تو ڪٿان معلوم ڪئي، ڇيائين پنهنجي رسول عيسي ع جي قول مان. مولانا چيس اهو ڪوڙ آهي، ڇو تہ اوهان وٽ ۽ اسان مسلمانن وٽ بہ اهو طئي آهي تہ حضرت عيسي الله جو رسول هو. تہ پوءِ هو عقل جيڪو قيمتي جوهر آهي. الله تعاليٰ جلشانه جي معرفت جو ڏيئو آهي ۽ ان جي رسول جي معرفت جو ذريعو آهي ان کي خراب ڪيئن ڪندو؟ ۽ ان جي خراب ڪرڻ کي ڪيئن جائز قرار ڏيندو؟ ڇو تہ شراب سيني وٽ عقل کي خراب ڪندڙ آهي تہ پوءِ الله جو نبي عقل کي خراب ڪندڙ شئي کي جائز ڪيئن قرار ڏيندو. تنهن تي هو حيران ٿي ويو. ڪن شراب جي حق ۾ هي شعر چيو آهي.

وان حرمت يوما على دين احمد
فخذها على دين مسيح بن مريم

جيڪڏهن شراب محمدي دين ۾ حرام آهي تہ پوءِ ابن مريم جي دين تي وٺنس.

جيڪو فقيهن چيو آهي تہ شراب ۽ سوئر اهل ڪتاب وٽ جائز آهي اهو انهن جو ان ڪوڙي قول تي آهي، جنهن ۾ هو دعويٰ ڪندا آهن تہ هنن جي مذهب ۾ سوئر ۽ شراب حلال آهي ڇو تہ اهي دين حق ۾ تحريف ڪندا آهن. ان بابت الله تعاليٰ جو فرمان آهي.

يحرفون الكلم عن مواضعه و نسو حظاً معاذ كرو به (النساءِ 46)

ترجمو: ڪي اهڙا آهن، جيڪي لفظن کي پنهنجي اصلي جاءِ تان ڦيرائي ٿا ڇڏين.

شراب ۽ سوئر سمورن نبين جي شريعت ۾ حرام آهي مولانا قدس سره ايئن ئي چيو آهي.

ڄاڻ تہ اهل سنت والجماعة وٽ رقص (نچڻ) حرام آهي ان تي اهل سنت والجماعة جو اجماع آهي، امام غزالي ۽ ان جي پيروي ڪندڙن ڪانسواءِ ڪنهن جو بہ ان ۾ اختلاف نہ آهي.

رقص جي معنيٰ آهي نچڻ، ڪڏڻ ۽ زمين تي پير هڻڻ، نصر باب ڪان آهي. ڪن صوفين جي اصطلاح ۾ رقص کي سماع بہ چوندا آهن جيئن غناءَ کي بہ سماع چوندا آهن. جيئن پهرين فصل ۾ گذريو نچڻ، ڪڏڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ جي حرمت بابت فقيهن جون ڪافي روايتون آهن. تاڙيون وڄائڻ، نچڻ ۽ ڪڏڻ کي وڏن گناهن مان شمار ڪيو اٿائون، جيئن نصاب الاحتساب ۽ مانعة الغناءَ ۾ آيل آهي، جيڪڏهن انهن سيني روايتن کي گڏ ڪجي تہ ڪيترائي پنا ڪارا ٿي ويندا.

خلاصو ڪلام جو تہ نچڻ، ڪڏڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ ٻئي ڪم ٻچڙا ۽ حرام بدعت آهن ان کي حلال چوڻ گمراهي فساد ۽ بدعت آهي.

باقي وجد الضطراري جيڪو بيهوش ڪندڙ يا خوف ڏياريندڙ يا شوق ڏياريندڙ ڪلام ٻڌڻ جي ڪري سالڪ جي دل تي ٿئي ٿو ۽ اهو بنا ارادي جي هجي ته اهو محمود آهي. ڇو ته اهو رقص نه آهي توڙين جو رقص جي صورت ۾ ظاهر ٿيو آهي ڇو ته رقص اختيار ۽ ارادي سان هوندو آهي ۽ وجد بنا اختيار ۽ ارادي جي ٿيندو آهي.

انهن جي اصطلاح ۾ وجد هڪ اهڙو حقاني وار آهي جيڪو خوف يا شوق جي ڪري سالڪ جي دل تي پيدا ٿيندو آهي ان جي دل کي ڏڪيندو ۽ مغلوب ڪندو آهي. تنهن ڪري هو پنهنجي دل ني ضبط ڪري نه سگهندو آهي ۽ اضطراب ۾ اچي ويندو آهي ڪشف اللغات ۾ ايئن ئي آهي.[226]

مرغ وجد از آشیاں حق پرد

ہم چوبرق آید بزودی بگذرد

بلبلاں جان در قفص گویاں شود

گہ بخندد مرد گہ گریاں شود

گہ جمال دوست بردارد نقاب

گہ جلال عزتش گردو حجاب

ترجمو: وجد جو پکي الله تعاليٰ جي آکيري مان اڏريو ڪوڻ جيان آيو تڪڙ ۾ هليو ويو. ساهه جا بلبل ڳائيندڙن جي پڃري ۾ ڳائيندڙ ٿيا. ڪڏهن مرد کلي ٿو ڪڏهن روئي ٿو. ڪڏهن دوست جي سونهن جو پردو هٽائي ڪڏهن ان جي عزت ۽ جلال پردو تي پوي ٿو.

چون ٿا ته هن جڳهه تي ٻه شيون آهن هڪ وجد ٻيو وجود. وجد فتح سان معنيٰ ڏک وارو ٿيڻ. ضرب جي باب کان. گهٽڻ جي اصطلاح ۾ محبوب جي جدائي جي ڪري غمگين ٿيڻ. محبوب شيءِ جي فوت ٿيڻ ۽ فراق جي ڏک جي ڪري پنهنجي نفس تي ڪنٽرول نه ڪري سگهڻ ۽ هستي جي وجود ۽ مطلوب کي لهڻ. اصطلاح ۾ مطلوب جي لهڻ ۽ محبوب کي حاصل ڪرڻ جي ڪري دل ۾ گهڻي خوشي ۽ شوق جي حاصل ڪرڻ جي ڪري اضطراري حالت جو پيدا ٿيڻ تنهنڪري محب ان مان مراد فراق کان پوءِ وصال وارو وقت وٺندا آهن.

وجدان لغت ۾ گم ٿيل شيءِ کي لهڻ آهي ۽ تواجد تفاعل باب کان هڪ ٻئي کي لهڻ آهي. تواجد پاڻ کي وجد وارو ڏيکارڻ جي لاءِ به ايندو آهي. جيئن تجاهل پاڻ کي جاهل ڏيکارڻ جي لاءِ ايندو آهي. اصطلاح ۾ تواجد چئبو آهي. پاڻ تي تڪليف سان وجد آڻڻ. يعني هو پاڻ تي. الله تعاليٰ جا انعام يا عقاب يا وعيد پيش ڪندو ته جيئن هن جي دل تي وجد واري ڪيفيت پيدا ٿي يا هو ان لاءِ رقص ڪندو يا راڳ ٻڌندو يا ٻيو ڪو ڪلام ٻڌندو ته جيئن وجد طاري ٿئي. اهڙي تڪليف سان وجد حاصل ڪرڻ کي تواجد چوندا آهن. تقويٰ ۽ پرهيزگارن وٽ شهرت جي لاءِ اهڙي قسم جو فعل ڪرڻ مذموم آهي ۽ ان ماڻهوءَ لاءِ پڻ برو آهي. جيڪو وجد کي مقصود سمجهي ٿو.

باقي جيڪڏهن وعظ ٻڌائين يا قبرن وارن جو بيان ٻڌائين يا قيامت جي منظرن جو دل ۾ ان نيت سان خيال ڪيائين ته جيئن نفس کي غرور کان بچائجي ۽ ان کي گناهن کان بچائي الله تعاليٰ جي فرمانبرداريءَ ڏانهن

منوجهه ڪجي ۽ هن ڪي وجد جو ارادو نہ هو. بنا ارادي جي هن ڪي وجد اچي ويو ۽ اضطراري حالتون پيدا ٿي ويون نہ اهو بالاجماع محمود آهي. وجد جي تعريف ۾ جيڪو صحابہ کان ۽ تابعين کان نقل ڪڻ تا اهو اهڙي وجد بابت آهي.[227]

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪي چون ٿا تہ سماع ۽ رقص جي ڪري وجد پيدا ٿيندو آهي، اهو وجد معتبر نہ آهي. بلڪ حقيقي ۽ ڪامل وجد اهو آهي، جيڪو الله تبارڪ وتعاليٰ جي خوف کان پيدا ٿئي ۽ اهو بي اختياري هوندو آهي ۽ اهوئي محمود ۽ مقصود آهي. ان بابت الله جو فرمان آهي:

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ (الانفال آيت: 2) [227]

ترجمو:"مؤمن اهي ئي آهن، جن جون دليون جڏهن الله ڪي ياد ڪيو ويندو آهي (تہ) ڊڄنديون آهن."

ٻي جڳهہ تي الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي:

اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُوْدُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ ثُمَّ تَلِيْنُ جُلُوْدُهُمْ وَقُلُوْبُهُمْ اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ (الزمر: 23)

ترجمو: "الله تمام چڱي ڳالهہ (يعني) اهڙو ڪتاب نازل ڪيو، جو هڪ ٻئي جهڙا (سندس مضمون دهرايل آهن ان جي ٻڌڻ) کان انهن (ماڻهن) جون کلون ڪانداربيون آهن، جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊڄندا آهن. وري سندن کلون ۽ سندن دليون الله جي ياد ڪرڻ تي ڪنئريون ٿينديون آهن. اها الله جي هدايت آهي جنهن کي گهري (تنهن کي) ان سان واٽ ڏيکاري ٿو."

حقيقي وجد ۾ عقل ۽ تميز سلب نہ ٿيندي آهي. ڇوتہ عقل ۽ تميز ئي معرفت جو سبب آهي ۽ حق ۽ باطل کي سڃاڻڻ جو سبب آهي. ۽ عبادت جي صحت ان تي موقوف آهي. تنهن ڪري ان جي ختم ٿيڻ سان حق ۽ باطل ۾ تميز نہ رهندي. تنهن ڪَري عقل ۽ تميز جو سالم رهڻ ضروري آهي.

مطلب تہ بتڪلف اختياري طور تي وجد ڪرڻ نہ گهرجي، جيڪي ماڻهو وجد کي مقصود بالذات سمجهن ٿا، اهي بدعتي آهن. البتہ امام غزالي رحمة الله ڪن حالتن ۾ رقص جي جواز جو قائل آهي. جيئن مڪتوبات منيريہ ۾ آهي تہ امام غزالي رحمة الله جو چوڻ آهي تہ رقص ٽي قسم آهي: محمود، مذموم ۽ مباح. جيڪڏهن رقص جو سبب محمود هوندو تہ رقص بہ محمود هوندو. جي ان جو سبب مذموم هوندو تہ رقص بہ مذموم هوندو ۽ جي ان جو سبب مباح هوندو تہ رقص بہ مباح هوندو.

امام غزاليءَ جي قول مان رقص اختياري مراد آهي. وجد مراد نہ آهي، ڇوتہ وجد اختياري نہ هوندو آهي. مڪتوبات منيريہ ۾ آهي تہ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائي ٿو تہ آءٌ هڪ ڏينهن رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر هيس تہ جبرائيل عليه السلام پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ چيائين تہ اي الله جا رسول صلى الله عليه وسلم! توکي ۽ تنهنجي غريب امت کي خوشخبري هجي، ڇوتہ اُهي آسودن کان پنج سؤ سال پهريان جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ اهي پنج سؤ سال آخرت جو اڌ ڏينهن هوندا. پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم غريبن کي اها خوشخبري ڏني. ان کان پوءِ فرمايائون تہ ڇا اوهان ۾ ڪو شعر چوندڙ آهي. تنهن تي هڪ ڳوناڻو اٿي بيٺو ۽ بہ بيت چيائين:

قد سعت حية الهویٰ كبدی فلاطبيب لها

ولا راقی الاالحبيب الذی شعفت به فعنده رقيتی و ترياقی.

تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ تواجد فرمايو ۽ صحابه ڪرام بہ وجد ڪيو. ايتريقدر جو پاڻ سڳورن ﷺ جي چادر مبارڪ لهي وئي. جڏهن ان ڪان فارغ ٿيا ۽ هرهڪ اطمينان ۾ آيو تہ معاويہ بن ابي سفيان چيو اي الله جا رسول ﷺ توهان جي راند ڏاڍي ڀلي آهي. فرمايائون: اي معاويہ اهو ماڻهو سڳورو نہ آهي، جيڪو محبوب جي ذڪر ٻڌڻ مهل نہ جهومي. پاڻ ﷺ جن پنهنجي چادر مبارڪ ٽڪرا ٽڪرا ڪري تقسيم ڪري ڇڏي.

وجد اختياريءَ جا قائل هن مان ثابت ڪن ٿا تہ جيڪڏهن مجلس مان ڪو وجد ڪري ٿو تہ ٻين ڪي بہ ان جي متابعت ۾ وجد ڪرڻ گهرجي ۽ ڪپڙو جيڪو مٿان ڀيل هجي، اهو ٽڪرا ٽڪرا ڪري تقسيم ڪري ڇڏجي. يا ان قوال کي ڏئي ڇڏجي ۽ اهو مرشد کي اختيار آهي تہ اهو قوال کي ڏي يا حاضرين ۾ تقسيم ڪري ڇڏي.[228] جيئن غنيمت جي مال ۾ ڪن فقهين وٽ امام کي اختيار آهي تہ اهو مقتول جو مال مجاهدن کي ڏي، يا سمورن ۾ تقسيم ڪري.

انهن جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ رقص اختياري بہ قسم آهي. صرف ٻئي جي تقليد ۾ ڪجي، ۽ محض لهو ۽ لعب هجي. اهو انهن وٽ بہ حرام آهي ۽ ٻيو وجد ۾ ايندڙن سان تشبيهہ رکڻ خاطر انهن جي طور طريقي مطابق وجد ڪري ۽ نيت اها ڪري تہ جيئن انهن سان مشابهت پيدا ٿئي. ها جيتوڻيڪ تقليد آهي، پر سچي نيت هئڻ جي ڪري انهن وٽ ان کي ثواب ملندو، چوتہ حديث شريف ۾ آهي تہ جيڪو جنهن سان مشابهت رکندو، اهو انهن مان آهي. هي انهن جو مسلڪ آهي، البتہ جمهور علماءَ ان جي حرمت جا قائل آهن ۽ انهن جو چوڻ آهي تہ حديث جو پويون ٽڪرو جنهن ۾ هڪ اعرابيءَ جي شعرن جو ذڪر آهي، اهو موضوع ۽ پاڻ ﷺ جن تي نسورو بهتان آهي. جيئن البلاغ المبين جي صاحب مبسوط ۽ امام ثعلبيءَ جي تفسير جي حوالي سان اها صراحت ڪئي آهي.

حديث جو پهريون حصو جنهن ۾ غريبن کي خوشخبري ڏني وئي آهي، اهو ثابت آهي، باقي سڄي حديث موضوع آهي. هڪ ٻي حديث شريف پڻ آهي، جيڪا هن حديث جي پهرين حصي سان موافقت رکي ٿي. حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه ڪان روايت آهي. فرمائي ٿو تہ آئون غريب مجاهدن جي جماعت ۾ ويٺو هيس، اُهي اگهڙ ڪان بچڻ جي لاءِ هڪ ٻئي ۾ لڪي رهيا هئا ۽ هڪڙو شخص قراءت ڪري رهيو هو تہ پاڻ ﷺ جن آيا. پاڻ سڳورن ﷺ کي بيٺل ڏسي ان شخص قراءت بند ڪئي. پاڻ سڳورن ﷺ سلام ڪيو ۽ فرمايائون تہ ڇا ڪري رهيا هئو؟ اسان عرض ڪيو تہ الله تعاليٰ جو ڪلام ٻڌي رهيا هئاسون. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: ان الله جي تعريف، جنهن منهنجي امت ۾ اهڙا ماڻهو پيدا فرمايا آهن، جن لاءِ مون کي حڪم آهي تہ مان پنهنجي نفس کي انهن وٽ روڪي رکان. فرمائي ٿو تہ ان ڪان پوءِ پاڻ ﷺ جن اسان جي وچ ۾ ٿي ويٺا ۽ صحابہ ڪرام پاڻ سڳورن ﷺ جي چوڌاري گرد حلقو ٻڌو. ان ڪان پوءِ فرمايائون: اي غريب مجاهدن جي جماعت، خوشخبري قبول ڪيو چوتہ اوهان کي آسودن ڪان اڌ ڏينهن پهريان جنت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ اهو اڌ ڏينهن پنج سؤ سالن جو هوندو. (رواه ابو داؤد) هيءَ حديث اصحاب صفہ جي مناقب هيٺ بيان ٿيل آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ ڪپڙن جو ڦاڙڻ مال جو ضايع ڪرڻ آهي[229] ۽ مال جو ضايع ڪرڻ بالاجماع

حرام آهي ۽ ان جي حرمت صحيح حديثن مان ثابت آهي ۽ صحيح حديثن جي موجودگيءَ ۾ ضعيف حديث جو ڪوبہ اعتبار نہ آهي ۽ اها حديث جيڪا مٿي گذري آئي، جنهن ۾ چادر مبارڪ ڦاڙڻ جو ذڪر آهي، اها من گهڙت ۽ نسورو بهتان آهي. تنهن ڪري ان جو ڪوبہ اعتبار نہ آهي.

ان ڪان سواءِ رقص هڪ فضول قسم جي راند آهي ۽ اهو لعب ۾ شامل آهي ۽ لعب حرام آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت ابوهريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن هڪ شخص کي ڏٺو، جيڪو ڪبوتر جي پويان ڊوڙي رهيو هو، تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: شيطان، شيطانڙيءَ جي پويان ڊوڙي رهيو آهي. (رواه احمد و ابوداؤد ابن ماجہ ۽ بيهقي شعب الايمان)

يعني اهو شخص هڪ فضول ۽ لايعني ڪم ڪري رهيو هو، تنهن ڪري ان کي شيطان چيو ويو ۽ ڪبوتر ان جو سبب بڻجي رهيو هو، تنهن ڪري ان کي بہ شيطان چيو ويو ۽ معلوم هئڻ گهرجي تہ رقص ڪرڻ ڪبوتر اڏائڻ کان بہ وڌيڪ قبيح ۽ برو آهي. تنهن ڪري اهو لعب ۾ شامل آهي ۽ حرام آهي.

باقي ڪي رانديون مباح آهن، جيئن شادي ۽ وليمي ۾ دف وڄائڻ، تيراندازي ڪرڻ، گهوڙن جي ڊوڙ، مڙس جي گهرواري سان راند روند ڪرڻ، پاڻيءَ ۾ ترڻ ۽ ان جهڙيون ٻيون رانديون، جن جي اباحت حديثن مان ثابت آهي، ان ڪان سواءِ باقي رانديون ڪي حرام ۽ ڪي مکروه آهن. اڪثر رانديون حرام آهن رقص بہ حرام راندين مان آهي. ان کي ڪبيرن گناهن مان شمار ڪيو ائائون. فقيهن ان ڳالهہ جي صراحت ڪئي آهي. چون ٿا تہ رقص نرد ۽ شطرنج (ڳوٽن) جيان آهي. فتاوي برهنہ ۽ بلاغ مبين موجب حديث ۾ آيو آهي تہ جڏهن ڪو ماڻهو رقص ڪندو آهي تہ شيطان لعين ان جي مقعد ۾ آگر وجهندو آهي تہ جيئن هو لذت حاصل ڪري ۽ زور سان ڪڏي هو ان کان بي خبر هوندو آهي. ان حديث جو مصداق مشاهدي وارن جي مشاهدي ۾ آيو آهي.

جيئن صاحب ڪشف المحجوب جو چوڻ آهي تہ آءُ شيخ ابوالعباس ڪان ٻڌو فرمائي پيو تہ آءُ هڪ ڏينهن هڪ اهڙي جماعت وٽان گذر ڪيو جيڪي رقص ڪن پيا، انهن جي وچ تي اگهاڙا ماڻهو نچي رهيا ها، هي انهن کي آگريون هڻن پيا هو ان تي جوش وٺن پيا.

ڄاڻ تہ رسالي معنة الغناءَ ۾ آيل آهي تہ هڪ ڏينهن غوث ثقلين شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني قدس سره مريدن جي جماعت سان گڏ رستي تان وڃي پيو، وچ رستي تي ماڻهن جو ميڙ ڏٺائين، اڳتي وڌي ڏٺائون تہ هڪ صوفي جيڪو ان زماني جي بزرگن مان ليکيو ويندو هو زمين ۽ آسمان جي وچ تي هوا ۾ رقص ڪري رهيو ۽ زمين تي نہ پيو ڪري، ماڻهو اهو عجيب منظر ڏسي رهيا هئا. غوث ثقلين جي پهچڻ تي هو زمين تي ڪري پيو. غوث ثقلين مرڪندو روانو ٿي ويو.[230] مريدن پڇا ڪئي ان جي حڪمت ڇا هئي چيائين: مون ڏٺو تہ شيطان لعين ان جي مقعد ۾ آگر وڌي هئي هو شيطان جي آگر تي بيٺو هو، شيطان ان کي حرڪت ڏئي رهيو هو ۽ هو ان مان لذت حاصل ڪري رهيو هو ۽ ان کي الله تعالىٰ جي طرفان سمجهي پيو، ٻيا ماڻهو بہ ان کي ڪرامت سمجهن پيا، ان ڪري هو ان ڪان متاثر ٿي رهيا هئا. اهو ڏسي مون "لاحول" پڙهي، اهو ٻڌي شيطان ڀڄي ويو ۽ هو زمين تي ڪري پيو. غوث ثقلين مريدن کي مخاطب ٿي چيو: هي لڪل معاملو مون تي ان ڪري ظاهر ٿيو تہ جيئن اوهان تي ظاهر ٿئي تہ هو اهڙن حيلن بهانن سان ماڻهن کي ٺڳيندو آهي ۽ ماڻهن کي پنهنجي چار ۾ ڦاسائيندو آهي. ۽ انهن کي سڌي رستي کان گمراهہ ڪندو آهي، ان قصي جهڙيون ٻيون حڪايتون بہ ڪن رسالن ۾ ملن ٿيون. هن جهڙي هڪ ٻي حڪايت شيخ ابو الحارث بنيا ني قدس سره جي آهي جيڪا مٿي ذڪر ٿي چڪي والله اعلم بالصواب.

فصل ستون

شعر ۽ ان بابت حڪم جي بيان ۾

ڄاڻڻ گهرجي تہ شعر اصطلاح ۾ موزون ۽ مقفيٰ ڪلام کي چئبو آهي. پر شرط هي آهي تہ متڪلم ان جي موزنيت جو ارادو ڪري ۽ ان جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ بيت آهي. تنهن ڪري مصراع کي شعر نہ چئبو آهي، اگرچہ اهو نظم آهي ۽ نظم جي معنيٰ آهي لڙيءَ ۾ موتي پروئڻ. تنهن ڪري قرآن مجيد کي نظم چيو ويندو آهي.

اصول جي ڪتاب حساميءَ ۾ آهي تہ قرآن لفظ ۽ معنيٰ ٻنهي کي چئبو آهي "تحقيق، ۾ چيائون تہ نظم مان مراد عبارتون ۽ معنيٰ مان مراد انهن جي مد لولات آهن. لفظ، ذڪر نہ ڪيائين چو تہ ان جي معنيٰ رمي (سٽڻ) آهي بلڪہ نظم، چيائين چو تہ ان جي معنيٰ موتين جو پوئڻ آهي. "اهو ان ڪري جو قرآن جا ڪلما موتيءَ جي لڙهن جيان پويل آهن. تنهنڪري ادب جي رعايت رکيائين. هي ان جي ڪلام جو خلاصو آهي.

اتان معلوم ٿيو تہ ڪلام جو نظم عروضي وزن تي موقوف نہ آهي بلڪہ سهڻي ترتيب جو جوهر نظم ۾ آهي. ان جو ٻيو رڪن قافيہ آهي، ان مان مراد قافيہ جي حرفن جو تڪرار آهي، جيڪي روي ۽ روي جا متعلقات آهن. جيڪڏهن مثنوي آهي تہ ٻنهي مصرعن جي پڇاڙي ۽ جيڪڏهن مثنوي نہ آهي تہ سيني بيتن جي پڇاڙي، ان باب ۾ پلو روي آهي غير روي فضلو آهي جيڪڏهن رويءَ سان گهٽجي. ان ڪري روي سان تڪرار ۾ ان جي رعايت واجب آهي. باقي جيڪڏهن رڳو روي آهي تہ تڪرار ۾ روي تي اڪتفا ۽ غيررويٰ کان احتراز واجب آهي نہ تہ قافيہ نہ رهندو جيئن: [231]

خيزازين بزم يکي جام - گير
پخته ايام همه خام گير
هرکه زتجريد شرابي چشيد
هردو جهاں رايکي دم کشيد

ترجمو: اٿ ان مجلس مان هڪ پيالو پيءُ ۽ پنهنجي پڇاڙيءَ کي وري جوان ڪر. جيڪو تجريد جي شراب مان چکندو اهو ٻئي جهان هڪ دم ۾ ماڻيندو.

مثنوي، ميم جي فتح سان "ث" ساڪن نون ڪي فتح پڇاڙي واري يا الف سان منجي وئي، مثنيٰ ڏانهن منصوب آهي ان جي معنيٰ آهي ٻہ ٻہ. شعر جو اهو قسم هر ٻہ ٻہ مصراع قافيہ جي حق ۾ جدا ۽ مستقل حڪم رکن ٿا. ان ڪي مثنوي چوندا آهن. توڻي جو سمورا بيت وزن ۾ برابر هجن. غيرمثنوي جا اٺ قسم آهن. غزل، قصيدو، تشبيب، قطعہ، رباعي، ترجيح، مسمط، مستزاد. مثنوي سميت اهي نَو قسم ٿيا. بحرن جي اڻويهہ قسمن واري شعر ۾ جاري ٿيندا، ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ انهن قسمن منجهان هر هڪ قسم بحر جي اڻويهن قسمن مان هرهڪ ۾ جاري ٿيندو بلڪہ ڪي انهن نَون قسمن مان سيني بحرن جي شعر ۾ ايندا ۽ ڪي ڪن ۾ ايندا.

قافيہ جي حسن ۽ قبح جو پورو تفصيل علم قافيہ ۾ آهي شعر جي قسمن، مثنوي، غزل، قصيدي، تشبيب، قطعي، رباعي، ترجيح، مسمط ۽ مستزاد جو تفصيل علم، "قرض شعر" ۾ شامل آهي. اڻويهن بحرن جو تفصيل، انهن جي ضربن ۽ زحافن جو علم "عروض" ۾ اڻويهہ بحر هي آهن، طويل، مديد، بسيط، دافر، ڪامل، هزج، زجر، لعل، منسرح، مضارع، مقتسب، مجتث، سريع، جديد، قريب، خفيف، مشاڪل، متقارب، متدارڪ، انهن جون ضربون ۽ ذحاف بي شمار آهن.

ڇاڻ تہ اڪيلو بيت جيڪڏهن ان جا ٻئي مصرعا قافيہ وارا آهن تہ مثنوي آهي نہ تہ شعر نہ آهي جيئن مثال:

آسائش دوگيتی تفسير اين دو حرف است

با دوستان مروت با دشمنان مدارا

ترجمو: دنيا جي آسائش جي سمجهاڻي هي ٻہ حرف آهن دوستن سان نرمي دشمنن سان رواداري.

جيڪڏهن ٻن مصرعن جي وچ ۾ قافيہ جي رعايت نہ آهي تہ شعر نہ آهي، پر غزل جي ٻين بيتن جي بنسبت ان کي شعر چئبو. جيئن ذهن مان هڪ ذهن جو عين نہ آهي ۽ ذهن جو غير بہ نہ آهي پر ذهن منجهان آهي. بيت ۽ شعر جو فرق بہ ائين آهي، جو بيت مذڪوره مصرعي ۾ نہ ذهن جو عين آهي ۽ نہ ذهن جو غير پر ذهن مان آهي.

بيت ۽ شعر ۾ فرق هن ريت آهي تہ جيڪڏهن ٻہ مصرعا هڪ وزن تي آهن تہ بيت آهي پوءِ قافيہ جو بندوبست هجي يا نہ! شعر ۾ قافيہ جي رعايت ضروري آهي، ڇو تہ قافيہ ان لاءِ رڪن آهي قافيہ ڪانسواءِ ان کي شعر نہ چئبو پر بنسبت ان جي غزل جا بيت شعر جو جزو آهن. عين شعر نہ آهي بلڪہ شعر کان آهي. جيڪڏهن اهو بيت فرد غير مثنوي غزل کان نہ آهي، ان مان ٻيو بيت وزن ۾ شريڪ ۽ قافيہ ۾ بہ اصل ۾ نہ آهي. بلڪہ شعر اهو هڪ بيت چيو ويندو جيئن

بيت

همہ عالم درين ديجور سرگردان بی حاصل

خوش آن کوگيرد ازوی توشہء راهش می صافی

ان صورت ۾ هي بيت، بيت آهي جي نظم پڻ پر شعر نہ آهي ۽ نہ شعر مان آهي، بلڪہ اڪيلي مصرع نظم جي آهي. بيت نہ آهي. شعر بہ نہ آهي. بيت فرد اصلي غير مثنوي ڪي ۽ مصراع منفرد ڪي نظم مرجز چوندا آهن. [232] ڪي ان ڪي نثر ۾ شمار ڪن ٿا اهو غلط آهي. ڇو تہ مرجز ان ڪي چوندا آهن جيڪو وزن تي هجي پر

ٿانيہ نہ هجي، نظم جيٰ تعريف ان تي صحيح اچي ٿي، توڙي جو شعر نہ آهي. مرجز جي مقابلي ۾ مسجع آهي. مسجع ان کي چوندا آهن جنهن ۾ قافيہ هجي ۽ وزن نہ هجي ان کي نثر مسجع چوندا آهن. سئو هي آهي تہ مرجز کي نظم مرجز چون، يعني اهڙو مصرعو جيڪو عروضي وزن تي هجي يا ٻہ مصرعا هڪ وزن تي قافيہ کان بغير هجن تہ ان کي نظم مرجز چوڻ گهرجي. اتان معلوم ٿيو تہ نظم بيت کان عام آهي ۽ بيت شعر کان عام آهي معلوم ٿيو تہ شعر جا ٻہ رکن آهن هڪ وزن عروضي ۽ ٻيو قافيہ.

شعر ۾ متڪلم جي طرفان موزون ۽ مقفيٰ رکڻ جو قصد ضروري آهي. جيڪڏهن بنا ارادي جي ڪنهن جو ڪلام موزون ۽ مقفيٰ واقع ٿيو تہ ان کي شعر نہ چئبو پوءِ ان جو چوندڙ شاعريءَ جو ملڪو رکندڙ هجي يا نہ! تنهن ڪري جمهور علماءِ اهل سنت جو چوڻ آهي تہ قرآن مجيد ۽ حديث شريف ۾ جيڪو شعرن جي طرز تي ڪلام آيل آهي، اهو ان قسم مان آهي. يعني ان کي شعر نہ چئبو ڇوتہ اهي بنا ارادي جي اتفاقي طور تي موزون آهن. قرآن مجيد ۾ شعر جي طرز تي جيڪي آيتون آيل آهن، انهن مان ڪجهہ هي آهن:

ثُمَّ اَقْرَرْتُمْ وَاَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ (البقره آيت: 84)

ثُمَّ اَنْتُمْ هٰؤُلَاۤءِ تَقْتُلُوْنَ (البقره آيت: 85)

فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكَ تَتَمَارٰی (النجم آيت:55)

هٰذَا نَذِيْرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْاُوْلٰی (النجم آيت:56)

الَّذِیْ جَمَعَ مَالًا وَّعَدَّدَهٗ (الهمزة آيت:2)

يَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗۤ اَخْلَدَهٗ (الهمزة آيت:2)

قرآن مجيد ۾ اهڙي طرز جا ڪيترا مثال آيل آهن ۽ اهڙي طرح رسول الله ﷺ جن جي ڪلام ۾ پڻ شعرن جي صورت تي گهڻو ڪلام آيل آهي. هتي نموني خاطر ڪجهہ مثال ذڪر ڪجن ٿا.

حضرت جندب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ موقعي تي پاڻ ﷺ جن جي آڱر مبارڪ مان رت اچڻ لڳو، تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو:

هل انت الا اصبع دميت وفی سبيل الله ما لقيت (رواه بخاري و مسلم)

ترجمو: "تون هڪ آڱر آهين جو رت واري تي ويئي آهين ۽ جيڪو ڪجهہ توکي ٿيو آهي، اهو الله جي رستي ۾ ٿيو آهي."

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ جنگ خندق جي موقعي تي اصحابي سڳورا خندق کوٽي رهيا هيا ۽ مٽي ڍوئي رهيا هيا، ان سان گڏ هي الفاظ جهونگاري رهيا هئا:

نحن الذين بايعوا محمدا على الجهاد ما بقينا ابدا.[233]

ترجمو: "اسين اهي آهيون، جن مرڻ تائين (حضرت) محمد ﷺ جن سان جهاد لاءِ بيعت ڪئي آهي."

پاڻ ﷺ جن جواب ۾ هي الفاظ چئي رهيا هئا:

اللهم لاعيش الاعيش الأخرة فاغفر الانصار والمهاجرة (رواه البخاري)

ترجمو: "اي پالڻهار! نه آهي عيش مگر آخرت جو، پوءِ انصار ۽ مهاجرن کي بخش."

حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته هڪ موقعي تي پاڻ ﷺ جن هي الفاظ فرمايا:

الكريم بن الكريم بن الكريم يوسف بن يعقوب بن اسحاق بن ابراهيم

ترجمو: "سڳورو پٽ سڳوري جو پٽ سڳوري جو پٽ يوسف بن يعقوب بن اسحاق بن ابراهيم عليهم السلام"

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ ﷺ جن اسان وٽ ايندا هئا ۽ گهر جي ڀاتين سان حال احوال اوريندا هئا. هڪ موقعي تي جڏهن منهنجي ننڍڙي ڀاءُ جو هڪ پکي مري ويو، جنهن سان هو کيڏندو هو، ان تي منهنجي ننڍڙي ڀاءُ کي فرمايائون: يا ابا عمير ما فعل نغير (رواه البخاري) "اي ابو عمير تنهنجي نغير (پکي) جو ڇا ٿيو؟ (ڏيکارڻ ۾ نٿو اچي)."

حضرت براءَ بن عازب رضي الله عنه کان روايت آهي ته جنگ حنين ۾ سفيان بن حارث پاڻ ﷺ جن جي ڏاچيءَ جي مهار جهليو بيٺو هو، جڏهن مشرڪن حملو ڪيو ته پاڻ ﷺ جن ڏاچيءَ تان لٿا ۽ هي شعر چوڻ لڳا:

انا النبي لا كذب انا ابن عبدالمطلب (رواه بخاري و مسلم)

ترجمو: "آئون الله جو نبي آهيان، ان ۾ ڪو ڪوڙ (شڪ) نه آهي. آئون عبدالمطلب جو پٽ (پُٽ مان) آهيان."

حضرت براءَ رضي الله عنه کان روايت آهي ته خندق جي موقعي تي پاڻ ﷺ جن بلند آواز سان هي اشعار پڙهي رهيا هئا:

والله لو لا الله ما اهتدينا ولا تصدقنا ولا صلينا

فانزلن سكينة علينا، وثبت الاقدام ان لا قينا

ان الاولي قد بغوا علينا، اذا ارادوا فتنة ابينا

ترجمو: "الله جو قسم! جيڪڏهن الله جي هدايت نه هجي ها ته نه اسان صدقو ڏئي سگهون ها ۽ نه نماز پڙهي سگهون ها. پوءِ اي الله! اسان تي سڪينت نازل فرماءِ ۽ اسان کي دشمنن سان مقابلي جي وقت ثابت قدم رک. بيشڪ انهن اسان تي ان جي ڪري حملو ڪيو آهي جو اسان فتني (ڪفر) ۾ پوڻ کان انڪار ڪيو."

هي به ڄاڻڻ گهرجي ته ڪن ٻين نبين کان پڻ شعرن جي مثل ڪلام نقل ٿيل آهي. جيئن حضرت آدم عليه السلام کان مرثيه نقل آهي، جيڪو ان پنهنجي پٽ هابيل جي شهادت تي چيو هو جنهن کي قابيل قتل ڪيو هو. شعر جا الفاظ هن ريت آهن:

تغيرت البلاد ومن عليها ووجه الارض مغبر قبيح

تغير كل ذي طعم ولون وقل بشاشة الوجه الصبيح

فيا اسفيُ علي هابيل ابني قتيلا قل تضمنه الضريح

وجاوزنا عدوا ليس يغني لعين لا يموت فتستريح

ترجمو: "شهر مٽجي ويا ۽ انهن جا رهواسي به مٽجي ويا. زمين جو چهرو مٽي لڳل ۽ خراب (ٿي ويو) آهي. هر ذائقي ۽ رنگ واري شيءِ مٽجي وئي آهي ۽ (هر) روشن چهري جي ٻهڪ ۽ مهڪ گهٽجي وئي آهي. اي افسوس

پنهنجي پٽ هابيل جي قتل تي جنهن کي قبر ڍڪي ڇڏيو آهي. اسان دشمن کان لنگهياسين. جيڪو ڪنهن ڪم جو ناهي، لعنتي آهي، مري به نٿو جو اسان کي راحت رسي."[روضة الاحباب]

عالمن جو چوڻ آهي ته حضرت آدم عليه السلام جي ٻولي سرياني هئي ۽ هي انهن شعرن جو ترجمو آهي، جيڪي حضرت آدم عليه السلام سرياني ٻوليءَ ۾ چيا هئا ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته حضرت آدم عليه السلام جو مرثيه سرياني ٻوليءَ ۾ نثر ۾ هو ۽ حضرت آدم عليه السلام حضرت شيث عليه السلام کي ان جي ياد ڪرڻ جي وصيت ڪئي هئي. حضرت شيث عليه السلام جي اولاد ان کي نسل در نسل ياد ڪندي آئي. تانجو اهي الفاظ يعرب بن قحطان تائين پهتا. يعرب بن قحطان سرياني ٻوليءَ سان گڏ عربي ٻولي به ڄاڻندو هو.[234] جنهن ان کي عربي نظم ۾ آندو. امام محي الدين نوويءَ جو اهوئي چوڻ آهي. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان پڻ ائين ئي منقول آهي. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو فرمان آهي ته جيڪو شخص چوي ٿو ته حضرت آدم عليه السلام شعر ناهيو آهي، هو ڪوڙو آهي.

تنهن ڪري حق ۽ سچ جا پانڌيئڙا! توکي معلوم هئڻ گهرجي ته پاڻ ﷺ جن جي شعرن جي ناهڻ کان عصمت نص الاهيءَ سان ثابت آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي: وَمَا عَلَّمْنَٰهُ ٱلشِّعْرَ وَمَا يَنۢبَغِى لَهُۥٓ (يٰس: 69) "۽ اسان ان (پيغمبر) کي نکي شعر سيکاريو آهي ۽ نکي (شعر) ان جي لائق آهي."

علماءَ ڪرام جو چوڻ آهي ته سمورا نبي شعر ناهڻ کان معصوم آهن. امام نوويءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان اهوئي نقل ڪيو آهي. صاحب ڪشاف ۽ نووي اها روايت آندي آهي.

باقي شعرن جي ناهڻ کان بچڻ ۾ ڪهڙي حڪمت آهي، ان بابت علماءَ ڪرام جو چوڻ آهي ته انبياءَ ڪرام کي ڪوڙ جي تهمت کان بچائڻو هو ڇوته اڪثر طور تي شاعرن جو ڪلام حقيقت جي برعڪس، ڪوڙ تي مبني هوندو آهي ۽ ان ۾ مبالغو ۽ افراط ۽ تفريط هوندي آهي ۽ ان ۾ اجائي تعريف ۽ هجوَ هوندي آهي. تنهن ڪري الله تبارڪ وتعاليٰ انبياءَ ڪرام کي شاعريءَ وارو ملڪو ئي عطا نه فرمايو ته جيئن ماڻهو انهن ڏانهن ڪوڙ جي نسبت نه ڪن ۽ خاص طور تي عرب شاعر کي "ڪوڙي" سان تعبيرڪندا هئا. تنهن ڪري شاعر کي شاعر چوڻ بجاءِ ان کي ڪوڙو چوندا هئا. تنهن ڪري مڪي جا ڪافر پاڻ ﷺ جن کي (نعوذ بالله) شاعر چوندا هئا. ان ڪري پاڻ ﷺ جن يا ٻين انبياءَ ڪرام کان شعرن جي طرز تي جيڪو ڪلام نقل ٿيل آهي، ان کي شعر نه چئبو، ڇوته مٿي چئي آيا آهيون ته شعر جي لاءِ شرط آهي ته ان ۾ موزون ۽ مقفيٰ ڪلام جو ارادو ڪيو وڃي. انبياءَ ڪرام جي ان ڪلام ۾ موزون ۽ مقفيٰ جو ارادو نه آهي، جئين هن مثال "هل انت الا اصبع دميت في سبيل الله مالقيت ۾ ت جي اشباع جي ڪسر ٿيل آهي. ائين انا النبي لا كذب انا ابن عبدالمطلب ۾ ي تي سڪون آهي. تنهن ڪري ان کي شعر به نه چئبو. ان جي علامت هيءَ آهي ته ان کي پڙهندڙ نثر ئي سمجهندو آهي ۽ اهڙي طرح ٻڌندڙ ان کي نثر پائيندو آهي. ڇوته انهن ۾ وزن ۽ مقفيٰ ڪلام جو لحاظ نه هوندو آهي. پاڻ سڳورن جي ڪلام ۾ جيڪو شعرن جي صورت ۾ آيل آهي اهو سمورو بحر رجز جي زحاف ۾ آيو آهي. بحر رجز خليل بن احمدي بصري وٽ جيڪو علم عروض جو واضع ۽ ناهيندڙ آهي ان وٽ شعر نه آهي. بلڪ قافيه ۽ سجع وارو نثر آهي.[235] ابوالليث سمر قندي بستان ۾ چيو آهي رجز شعر نه آهي. اهو ڪلام ۾ سجع جيان آهي علامه حمويءَ اشباه جي شرح ۾ چيو آهي، رجز ڪن وٽ شعر آهي ۽ ڪن وٽ شعر نه آهي. تفسير بيضاويءَ ۾ الله تعاليٰ جي

هن فرمان "وعلمنا الشعر" جي تفسير ۾ آندو اٿائين تہ خليل رجز کي شعرن ۾ شمار نہ ڪيو آهي، جيڪو مسطور آهي بحر رجز ڪان شعر ۾ مسطور جو شرح معلوم نہ آهي تہ عروض وارا مسطور ڪنهن کي چوندا آهن.

باقي الله تبارڪ وتعاليٰ جي ڪلام ۾ اها توجيه ڪري نہ ٿي سگهجي، ڇوتہ الله تبارڪ وتعاليٰ جو ڪوبہ فعل ارادي ڪان خالي نہ هوندو آهي. تنهن ڪري علامہ حمويءَ جو چوڻ آهي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي حڪمت تحت اهڙي قسم جو ڪلام آندو آهي، ڇوتہ الله تبارڪ وتعاليٰ جو ڪوبہ فعل حڪمت ڪان خالي نہ هوندو آهي.

هن فقير جو خيال آهي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جو ڪلام جيڪو شعرن جي صورت ۾ آيل آهي، ان کي ٻنهي طريقن تي پڙهي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ان کي ڪو نثر جي طرز تي پڙهندو تہ ٻڌندڙ ان کي نثر ئي سمجهندو ۽ جيڪڏهن ڪو ان کي نظم جي طرز تي پڙهندو تہ ٻڌندڙ ان کي نظم خيال ڪندو. پوءِ ٿي سگهي ٿو تہ هن ۾ نثر جو خيال رکيو ويو هجي. (والله اعلم بالصواب)

هينئر شعرن جو حڪم ذڪر ڪجي ٿو. ڄاڻڻ گهرجي تہ فقيهن جي هڪ جماعت وٽ شعر مطلق مڪروھ آهن، ڇوتہ انهن ۾ ڪوبہ خير نہ آهي. تنهن ڪري الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جن کي ان ڪان معصوم بنايو آهي ۽ فرمايو آهي تہ شاعري پاڻ ﷺ جن جي شان وٽان نہ آهي. الله تعاليٰ جو پاڻ ﷺ جن بابت فرمان آهي:

وَمَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لَهٗ (سوره ياسين آيت:69)

ترجمو: "۽ اسان ان (پيغمبر) کي نڪي شعر سيکاريو آهي ۽ نڪي (شعر) ان جي لائق آهي."

۽ فرمايائين:

وَالشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ (الشعراءِ آيت: 224)

ترجمو: "۽ گمراھ (ماڻهو) ئي شاعرن جي تابعداري ڪندا آهن."

حديث شريف ۾ پاڻ ﷺ جن جو فرمان آهي تہ ڪو شخص پنهنجي پيٽ کي پونءِ سان ڀري، اها ڳالھ هن ڪان وڌيڪ ڀلي آهي جو ان کي شعرن سان ڀري." (بخاري و مسلم)

پونءِ وهندڙ گندي رت کي چئبو آهي ۽ اهو جهنمين جو کاڌو آهي.[236] تنهن ڪري عالمن جو چوڻ آهي تہ متبرڪ مجلسن مثال طور وعظ ۽ نصيحت جي مجلس ۾ شعر چوڻ ممنوع آهن.

ابو داؤد ۽ ترمذي ۾ مسجدن ۾ شعر چوڻ ڪان نفي آيل آهي ۽ "بستان" ۾ آهي تہ امام شعبي جو چوڻ آهي تہ سلف صالحين اهڙي لکت کي مڪروھ ۽ ناپسند سمجهندا هئا، جنهن جي منڍ ۾ شعر لکيل هجن. ابراهيم بن يوسف ڪثير بن هشام ڪان روايت ڪئي آهي تہ شيخ عبدالڪريم جو چوڻ آهي تہ الله تعاليٰ جي فرمان: " وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ" ۾ لهو الحديث مان مراد ڳائڻ وڄائڻ ۽ شعر آهن ۽ حضرت عطاءَ ڪان منقول آهي تہ ابليس الله تبارڪ وتعاليٰ کي چيو: "اي منهنجا الله! تو آدم عليه السلام جي ڪري مون کي جنت ڪان ڪڍيو، هاڻي منهنجي رهڻ جي جڳھ ڪٿي آهي؟ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمايو: حمام. ابليس چيو: منهنجي مجلس ڪٿي آهي؟ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمايو: بازار ۾. ابليس چيو: منهنجي پڙهڻ واري شيءِ ڪهڙي آهي؟ الله تعاليٰ فرمايو: شعر.

ان بناء تي فقيهن جو چوڻ آهي تہ شعر مطلق مڪروهہ آهي. باقي صحابہ ڪرام جيڪي شعر چيا آهن ۽ پاڻ ﷺ جن انهن کي ان ڪان نہ روڪيو آهي يا انهن جي تعريف ڪئي آهي يا انهن کي شعر چوڻ جو حڪم ڏنو آهي اهو سڀ ضرورت جي بنا تي هو، ڇوتہ مشرڪن جي شاعرن سان مقابلو ڪرڻ مقصود هو ۽ مسلمانن کي جهاد جي لاءِ اڀارڻ هو ۽ هي فقهي قاعدو آهي تہ ضرورت ممنوع ڪم کي مباح بنائيندي آهي. تنهن ڪري بغير ضرورت کي ان جي مٿان قياس نہ ٿو ڪري سگهجي.

جمهور عالمن وٽ جن شين جو ذڪر نثر ۾ حرام آهي، انهن شين جو ذڪر شعر ۾ بہ حرام آهي ۽ جن شين جو ذڪر نثر ۾ مباح آهي، انهن شين جو ذڪر شعر ۾ بہ مباح آهي. مدار مفهوم ۽ ڪلام تي آهي ۽ شعر چوندڙ ۽ ٻاهيندڙ جو بہ اهوئي حڪم آهي ۽ اهوئي مذهب صحيح آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي، فرمائي ٿي تہ هڪ موقعي تي پاڻ ﷺ جن جي مجلس ۾ شعرن جو ذڪر نڪتو تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو: اهو هڪ ڪلام آهي، تنهن ڪري ڀلو شعر ڀلو ڪلام آهي ۽ برو شعر برو ڪلام آهي. (رواہ دارقطني)

تنهن ڪري ان ۾ وڌيڪ تفصيل آهي. ڪي شعر مستحب ۽ مباح آهن تہ ڪي مڪروهہ ۽ حرام آهن.

مستحب اهي شعر آهن جن ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي تعريف ۽ ان جي نعمتن جو ذڪر هجي، ڇو تہ مؤمنن کي الله تبارڪ وتعاليٰ جي نعمتن جي بيان ڪرڻ جو حڪم آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ(الضحيٰ آيت: 11)[237]

ترجمو: " ۽ باقي رهي تنهنجي رب جي نعمت تہ ان کي بيان ڪر."

يا وري شعر ۾ نصيحت جا نڪتا هجن ۽ ديني وعظ هجي. يا الله تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن ۽ مجاهدن جي تعريف هجي ۽ ڪافرن ۽ فاسقن ۽ منافقن جي مذمت هجي. ان قسم جا شعر پاڻ ﷺ جن جي اصحابن سڳورن پڻ چيا آهن ۽ پاڻ ﷺ جن انهن کي اهڙي قسمن جي شعرن چوڻ جي ترغيب ڏني آهي. حديث شريف ۾ آهي. حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

ان من الشعر حكمة (رواہ بخاري)

ترجمو: "ڪي شعر حڪمت هوندا آهن."

حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ سڀ کان سچي ڳالهہ جيڪا ڪنهن شاعر چئي هجي، لبيد جو هي ڪلام آهي:

الا كل شي ما خلا الله باطل (رواہ بخاري ومسلم)

ترجمو: "خبردار! الله کان سواءِ هر شيءِ باطل آهي."

تفسير حسينيءَ ۾ ٻي مصرع هن ريت آهي، و ان فضل الله غير حاطل. شيخ عبدالحق چوي ٿو تہ، ترمذي جي ڪن روايتن موجب تہ پهرين مصرع کان بعد پاڻ ڪريم جن جي زبان تي ٻي مصرع هيءَ هئي.

وكل نعيم لا محالة زائل سوي جنة الفردوس ان نعيمها سيبقي و ان الموت لابد نازل.

هن شعر جو چوندڙ لبيد عامري بني عامر قبيلي جو هو.

حضرت عمرو بن شريد پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو تہ فرمايائين تہ هڪ ڏينهن مان رسول الله ﷺ جن سان گڏ سواريءَ تي پيلهہ سوار ٿيس. پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ ڇا تو کي اميہ بن ابي صلت جا ڪي شعر ياد آهن؟ مون عرض ڪيو تہ هائو! اي الله جا رسول ﷺ. پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ ٻڌاءِ مون پاڻ ﷺ جن کي هڪ شعر ٻڌايو. پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ وري بہ ٻڌاءِ تان تہ مون پاڻ ﷺ جن کي هڪ سئو شعر ٻڌايا. (رواه مسلم)

شيخ طيبيءَ جو چوڻ آهي تہ امية بن ابي صلت بني ثقيف قبيلي جو ۽ جاهليت جي دؤر جو شاعر آهي.

شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي تہ ان آخر ۾ اهل ڪتاب جو دين قبول ڪيو هو ۽ اسلام جي شروعات واري دؤر ڪي پهتو هو ۽ ان تائين رسول الله ﷺ جن جي بعثت جي خبر بہ پهتي هئي. پر اسلام جي شرف ۽ ايمان جي سعادت کان محروم رهيو. ۽ ان جي شعرن ۾ حقيقت تي مبني ڳالهيون هونديون هيون. تنهن ڪري پاڻ ﷺ جن ان جا شعر ٻڌندا هئا. شرح قصّيده بانت سعاد ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن ڪعب بن زهير جو اهو قصيدو جنهن جو مطلع آهي. بانت سعاد قولي اليوم متبول ٻڌو آهي ۽ ان ڪانپوءِ ڪعب اسلام تي ايمان آندو

اهي سڀ شيون ڏس ڏين ٿيون تہ پهرين فقهين جو قول جن جو چوڻ آهي تہ صحابہ ڪرام جا شعر ضرورت جي بنا تي هئا، سوباطل آهي.

ڇو تہ هنن حديثن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ان ضرورت کان سواءِ بہ صحابہ ڪرام شعر چيا آهن.

پاڻ ﷺ جن جا ني اصحابي سڳورا هئا. جيڪي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي حڪم سان ڪافرن جي مذمت ۽ مسلمانن جي مداح بيان ڪندا هئا، ۽ اسلام ۽ مجاهدن تي فخريہ اشعار چوندا هئا.[238] تہ جيئن مسلمانن جو ديني جذبو بيدار ٿئي ۽ ڪافرن جي هجو ۽ مذمت ڪندا هئا تہ جيئن اهي دل شڪستہ ٿي پون ۽ انهن جي دلين ۾ مسلمانن جو رعب ويهجي وڃي. ۽ اهو بہ جهاد جو هڪ قسم آهي ۽ اهي شعر تلوار جهڙو ڪم ڏياريندا هئا جو ڪي مشرڪ دل شڪستہ ٿي پڇي ويندا هئا، ۽ ڪي هڪ ٻئي سان پاڻ ۾ لڙائيءَ ۾ مشغول ٿي ويندا هئا ۽ ڪي اسلام آڻيندا هئا. ۽ ڪي پنهنجي نفس جي باهہ ۾ پچندا ۽ خوار ٿيندا هئا. ڇو تہ شعرن ۾ بہ وڏو اثر رکيل آهي. حضرت علي ﷺ جو فرمان آهي:

جراحات السنان لها التيام و لايلتام ما جرح اللسان.

ترجمو: "تيزن جا زخم ڇٽي ويندا آهن ۽ زبان جا زخم نہ ڇٽندا آهن."

حضرت براءَ بن عازب ﷺ کان روايت آهي تہ جنگ قريظہ جي موقعي تي پاڻ سڳورن حضرت حسان بن ثابت ﷺ کي چيو: مشرڪن جي مذمت بيان ڪر. (حضرت) جبرئيل توسان گڏ آهي. ۽ رسول الله ﷺ جن حضرت حسان ﷺ کي فرمائيندا هئا: تون منهنجي طرفان (مشرڪن کي انهن جي شعرن جو) جواب ڏي. اي الله! جبرئيل عليہ السلام جي ذريعي حسان ﷺ جي مدد فرماءِ (رواه البخاري، مسلم)

حضرت عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ قريشن جي مذمت بيان ڪريو، ڇو تہ اها انهن جي لاءِ تيرن کان بہ وڌيڪ سخت آهي. (رواه مسلم)

جن حديثن ۾ زبان سان جهاد ڪرڻ جو حڪم ڏنل آهي، اهو جهاد بہ قسم آهي. هڪ نيڪين جو حڪم ڪرڻ ۽ برائين کان روڪڻ ۽ ٻيو سرڪشن ۽ نافرمانن جي هجو ۽ مذمت بيان ڪرڻ، هي پهرين کان بہ وڌيڪ اهم آهي.

پاڻ ﷺ جن جا ٽي اصحابي سگهورا جيڪي اسلام جي دفاع ۾ شعر چوندا هئا. اهي هي آهن:

هڪ ابو عبدالرحمٰن حسان بن ثابت بن المنذر بن حرام انصاري رضي الله عنه، خزرجي. هي مسلمانن جو سڀ کان وڏيڪ فصيح شاعر هو. جبرئيل عليه السلام شعرن ۾ ان جو مددگار ۽ تائيد ڪندڙ هو. ان جي عمر هڪ سؤ ويهه سال هئي. سٺ سال جاهليت واري دور ۾ گذاريائين ۽ ان دور ۾ فصيح بليغ شاعر شمار ٿيندو هو ۽ سٺ سال اسلام ۾ گذاريائين ۽ حضرت امير معاويه رضي الله عنه جي دور ۾ پنجونجاهه هجريءَ ۾ وفات ڪيائين.

ٻيو حضرت ابورواحه عبدالله بن رواحه بن ثعلبه انصاري رضي الله عنه ان جا سڀ شعر اسلام واري دور ۾ چيل آهن ۽ اهو جنگ موتيٰ ۾ مسلمانن جو امير مقرر ٿيو هو ۽ ان ئي جنگ ۾ شهيد ٿيو هو.

ٽيون ابو عبدالله ڪعب بن مالڪ بن عمرو انصاري خزرجي سلمي رضي الله عنه. سن پنجاهه هجري ۾ مديني ۾ وفات ڪئي هيائين.

انهن ٽن مان حضرت حسان رضي الله عنه مشرڪن جي نسبن جي مذمت[239] ۽ اهانت ڪندو هو ۽ حضرت عبدالله بن رواحه رضي الله عنه انهن جي ڪفر جي مذمت ۽ اهانت بيان ڪندو هو ۽ حضرت ڪعب رضي الله عنه انهن کي خوفزده ڪرڻ جي لاءِ لڙائيءَ جا شعر چوندو هو.

تفسير حسيني ۽ ٻين تفسيرن ۾ آهي ته جڏهن قرآن مجيد جي هيءَ آيت نازل ٿي:

وَالشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ (الشعراء آيت:224)

ترجمو: ۽ گمراهه ماڻهو ئي شاعرن جي پيروي ڪندا آهن.

صحابه ڪرام جي هڪ جماعت پاڻ ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو ته اي الله جا رسول ﷺ! الله تبارڪ وتعاليٰ شاعرن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي آهي ۽ انهن جي مذمت ڪئي آهي. تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو ته مؤمن پنهنجي تلوار ۽ زبان سان جهاد ڪندو آهي ۽ توهان جا اشعار انهن لاءِ تيرن کان به وڌيڪ سخت آهن. ۽ ان کان پوءِ هيءَ آيت نازل ٿي:

اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ (الشعراء آيت: 227)

ترجمو: "پر جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا."

شعرن ۾ تلوارن ۽ نيزن کان وڌيڪ اثر ان جي ڪري آهي، جو تير ۽ تلوار ظاهري جسم تي زخم ڪندا آهن ۽ شعر دل تي اثر ڪندو آهي.

طيبيءَ جو چوڻ آهي ته اوس قبيلي ڪعب بن مالڪ رضي الله عنه جا شعر ٻڌي اسلام آندو هو.

عالمن جو چوڻ آهي ته جهڙيءَ طرح نثر ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي تعريف ڪرڻ ۽ ان جي انعامن تي ان جو شڪر ادا ڪرڻ ۽ نافرمانن ۽ ڪافرن جي مذمت بيان ڪرڻ مستحب آهي. اهڙي طرح شعرن ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي تعريف ۽ ان جي انعامن تي شڪريه بيان ڪرڻ مستحب آهي ۽ اهڙي قسم جا اشعار متبرڪ جڳهن مثال طور مسجدن ۽ وعظ ۽ نصيحت جي جاين تي چوڻ مستحب آهن.

مسجدن مان مسجد الحرام کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ درجو مسجد نبويءَ جو آهي ۽ اهڙي طرح پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مجلس سڀ کان پلي مجلس آهي. جڏهن اهڙي بابرڪت مجلس ۾ اشعار چيا ويندا هئا ته پوءِ ٻين جاين ۽ مجلسن ۾ شعرن کان منع ڪرڻ صحيح نه آهي ۽ پاڻ ﷺ جن جي مجلس مبارڪ ۾ اشعار ثابت آهن.[240]

حضرت جابر بن سمره ﷺ کان روايت آهي، فرمائي ٿو تہ مون هڪ سؤ ڀيرن کان وڌيڪ صحابہ ڪرام کي شعر پڙهندي ۽ جاهليت جو ذڪر ڪندي ڏٺو ۽ پاڻ ﷺ جن خاموش هوندا هئا. ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن سان گڏ مُرڪندا هئا. (رواه ترمذي)

تفسير حسيني مطابق حضرت جابر ﷺ کان روايت آهي، فرمائي ٿو تہ پاڻ ﷺ جن صبح جي نماز کان پوءِ سج اڀرڻ تائين اتي ئي ويٺا هوندا هئا ۽ سج اڀرڻ کان پوءِ اٿي ويندا هئا. (ان دوران صحابہ ڪرام پاڻ ۾) جاهليت جو تذڪرو ڪندا هئا ۽ انهن ڳالهين تي کلندا هئا ۽ پاڻ ﷺ جن رڳو مُرڪندا هئا (رواه مسلم) ۽ ترمذيءَ جي روايت ۾ آهي تہ اصحابي شعر پڙهندا هئا.

حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي، فرمائي ٿي تہ پاڻ ﷺ جن مسجد نبوي ۾ (حضرت) حسان ﷺ جي لاءِ منبر رکرائيندا هئا. حضرت حسان ﷺ منبر تي بيهي پاڻ ﷺ جن جي لاءِ فخر بيان ڪندا هئا يا پاڻ ﷺ جن جي طرفان ڪافرن سان مقابلو ڪندا هئا ۽ پاڻ ﷺ جن فرمائيندا هئا تہ الله تبارڪ وتعالىٰ (حضرت) جبرئيل عليه السلام جي ذريعي (حضرت) حسان ﷺ جي تائيد فرمائيندو آهي. (رواه بخاري)

حديث جو مطلب آهي تہ حضرت حسان ﷺ پاڻ ﷺ جن جا سهڻا اخلاق ۽ اوصاف بيان ڪندو هو ۽ مشرڪن جي شعرن جا جواب ڏيندو هو ۽ انهن جي مذمت ۽ برائي بيان ڪندو هو.

باقي جن حديثن ۾ مسجدن ۾ شعرن جي چوڻ کان نهي آيل آهي، جيئن حضرت عمروبن شعيب ﷺ کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن مسجد ۾ شعر چوڻ کان منع فرمائي آهي. اها اهڙن شعرن کان منع آهي، جيڪي مڪروه ۽ حرام آهن. مستحب شعرن کان منع نہ آهي.

تنهن ڪري علامه حمويءَ جو چوڻ آهي تہ غلط قسم جو شعر چوڻ حرام آهي. باقي اهڙو شعر، جيڪو رسول الله ﷺ جن جي تعريف يا اسلام جي تعريف تي مشتمل آهي. يا ان ۾ مواعظه حسنه جو ذڪر آهي يا اهڙين ڳالهين جو ذڪر آهي. جيڪي زهد ۽ تقويٰ جي لاءِ اُڀاريندڙ آهن تہ اهڙي قسم جو شعر مسجد ۾ چوڻ ۾ ڪوئي حرج نہ آهي.

شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي تہ اهڙا اشعار، جيڪي الله تعالىٰ جي توحيد ۽ رسول الله ﷺ جن جي مدح تي مشتمل آهن، يا صحابہ ڪرام جي تعريف تي مشتمل آهن، يا مواعظه حسنہ تي مشتمل آهن تہ انهن جو هر جڳهہ تي چوڻ محمود ۽ مستحب آهي.

باقي اهڙا مباح شعر جن ۾ گذريل واقعات جو ذڪر آهي ۽ انهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪوڙ شامل نہ آهي، جيتوڻيڪ اهي اشعار مباح آهن، پر انهن جو مسجد ۾ چوڻ مڪروهہ آهي. ڇو تہ مباح ڪلام مسجد ۾ مڪروهہ آهي. تنهن ڪري اهڙي قسم جا اشعار چوڻ بہ مڪروهہ آهن.[241]

مسجد ۾ مباح ڪلام بابت ٽي قول آهن. هڪڙن جو چوڻ آهي تہ مسجد ۾ مباح ڪلام ڪرڻ حرام آهي. "خزانة الفقه" جي عبارة ان ڳالهہ تي دلالت ڪري ٿي، جنهن ۾ آهي تہ دنياوي ڪلام بنا ڪنهن ضرورت جي مسجد ۾ ڪرڻ حرام آهي ۽ جيڪو بنا ضرورت جي مسجد ۾ دنياوي ڳالهيون ڪندو، ان جون چاليهن سالن جون نيڪيون ختم ٿي وينديون ۽ "متن اشباه" ۾ آهي تہ مسجد ۾ ڳالهائڻ، نيڪين کي ائين کائيندو آهي، جيئن باهہ ڪاٺين کي کائيندي آهي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ مسجد ۾ دنياوي ڪلام ڪرڻ مڪروهہ آهي. "فتاويٰ برهنہ" واري جو اهو ئي چوڻ آهي ۽ اهڙي طرح مشڪوٰة جي شرحن مان ان جي ڪراهية معلوم ٿئي ٿي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ مباح آهي. ڇو تہ اصحاب صفه وارا مسجد ۾ ئي رهندا هئا ۽ اتي ئي کائيندا پيئندا ۽ سمهندا هئا ۽ پاڻ ۾ گفتگو ڪندا هئا. تنهن ڪري ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ مسجد ۾ ڳالهائڻ جائز آهي. جيتوڻيڪ نہ ڳالهائڻ ۽ ذڪر ۾ مشغول رهڻ بهتر آهي.

باقي مسجد ۾ لڙ ڪرڻ اها قيامت جي نشاني آهي. ترمذي شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان اهڙي قسم جي روايت آيل آهي.

شعر جو ٽيون قسم مڪروهہ آهي. اهو اهڙي قسم جو شعر آهي، جنهن ۾ شراب، نشي، ساغر ۽ صراحي وغيره يا فسق جو ذڪر هجي، جيئن چمي، ڀاڪر پائڻ وغيره يا سهڻن جي صفت جو ذڪر هجي، جيئن عورتن جون صفتون ۽ سهڻن ڇوڪرن جون صفتون فقيهن ان جي صراحت ڪئي آهي. فتاوي برهنہ ۾ مطالب المؤمنين کان ۽ معارف العلوم ۾ محيط برهاني کان آندل آهي تہ اهڙي عورت جيڪا فوت ٿي وئي آهي يا ان جو مڙس فوت ٿي ويو آهي يا ان کي طلاق ڏني اٿائين اهڙي عورت جي صفتن ذڪر ڪرڻ ۾ ڪو بہ حرج نہ آهي. ان جي توجيهہ اها ٿي سگهي تہ فوت ٿيل عورت جي صفت ذڪر ڪرڻ ۾ ڪو فتنو ۽ فساد نہ آهي اهڙي طرح اها عورت جنهن جو مڙس فوت ٿي ويو آهي يا ان کي طلاق ڏني اٿائين تہ ان جي صفتن ذڪر ڪرڻ ۾ ان سان نڪاح ڪرڻ جي ترغيب آهي ۽ غير متعين عورتن جي صفتن بيان ڪرڻ ۾ مردن کي سهڻن عورتن سان نڪاح ڪرڻ جي ترغيب آهي اهو سبب سهڻن ڇوڪرن ۾ نہ آهي.

اهڙن قسمن جي شعرن بابت هن ڪتاب ۾ ڇئن جاين تي بحث آيل آهي. هڪ هن باب ۾ ٻيو آيات متشابهات ۽ احاديث متشابهات ۽ شطيحات مشائخ جي فصل ۾ ٽيون ڪلمات ڪفر جي فصل ۾ چوٿون اسماء الله تعالیٰ جي فصل ۾.[242]

هينئر اهڙي شعر جو بيان ڪجي ٿو جيڪو بالاجماع مطلق حرام آهي. اهي اهڙا شعر آهن. جن ۾ مسلمانن ۽ اسلام جي هجوَ بيان ٿيل هجي. يا ان ۾ ڪوڙ ۽ مسلمانن جي گلا بيان ٿيل هجي. يا ڪافرن ۽ منافقن جي مدح بيان ٿيل هجي يا ان ۾ فسق ۽ فجور جو ذڪر ٿيل هجي. پوءِ جهڙيءَ طرح اهي شيون نثر ۾ حرام آهن. اهڙي طرح نظم ۾ بہ حرام آهن ۽ شعر جا اهي ٻئي قسم يعني مڪروهہ ۽ حرام ٻئي قبيح آهن ۽ اهو مشرڪن جو مشغلو هوندو هو ۽ قرآن مجيد جي هي آيت: وَالشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ (الشعراء آيت: 224)

ترجمو: "۽ گمراهہ (ماڻهو) ئي شاعرن جي تابعداري ڪندا آهن."

انهن بابت نازل ٿيل آهي ۽ انهن شاعرن جي مذمت ٿيل آهي، جيڪي گمراهي ۽ ضلالت جي پيروي ڪندڙ آهن. گمراهہ ماڻهو انشا ۽ اشعار ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي هجو نعوذ بالله من ذالک. مسلمانن جي هجو ۽ ڪفر ۽ گمراهيءَ جي تعريف ڪندا هئا. قرآن مجيد ۾ آهي:

الم ترانهم فی کل واد يهيون (الشعراء:225)

تو ڏٺو ناهي ڇا تہ اهي (شاعر) هر ماٿريءَ ۾ حيران رهندا آهن.

پنهنجي قوة ڪلاميءَ جا سڀ فن گمراهي ۽ ضلالت جي لاءِ استعمال ڪندا هئا ڇو تہ هنن جي ذهنن ۾ اهوئي گند ڀريل هو ۽ اهو طريقو جنهن ۾ پيغمبر اسلام ۽ مسلمانن جي هجو پنهنجي باطل دين جي تعريف، جيڪو ڪفر

نفاق، شرڪ ۽ بت پرستي آهي. اهڙي طرح حرام آهي شراب ۽ ان جي لوازمات جو ذڪر هزل، بيهوده ڪلام جو ذڪر، نسب ۾ طعن، افتراء ۽ تهمت بيان ڪرڻ نااهل جي تعريف ڪرڻ، ڪنهن جي تعريف ۾ حد کان وڌي وڃڻ، ڪنهن جي مذمت ۾ حد کان وڌڻ، برائيءَ جي مذمت ان ۾ شامل نہ آهي. جوانيءَ جا ڏينهن ۽ عاشقن ۽ معشوقن جي سونهن جو ذڪر ۽ انهن جي عشقي داستان وارن قصن جو ذڪر عورتن جي صحبت عزيز رکڻ، انهن سان لباڙيون هڻڻ ۽ ڪوڙا واعدا ڪرڻ اهي سڀ انهن جي ذهني بڪواس آهن. قرآن مجيد ۾ آهي:

و انهم يقولون مالا يفعلون (الشعراء: 226)

ترجمو: ۽ هو اهڙيون ڳالهيون چوندا آهن جن تي پاڻ ئي عمل نہ ڪندا آهن.

چو تہ اهي پنهنجن شعرن ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪندا هئا، جن تي پاڻ عمل نہ ڪندا هئا، جيئن وعدو پاڙڻ، ڪوڙ نہ ڳالهائڻ، برن اخلاقن کان بچڻ وغيره. تفسير حسينيءَ ۾ آهي تہ اهي اهڙي ڳالهہ ڪن ٿا[243] جنهن تي پاڻ عمل نہ ٿا ڪن، پنهنجن گناهن جوپاڻ اظهار ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪو مسلمان جاهليت وارن شعرن ڪي پرکي ڏسندو ان کي اهو سڀ معلوم ٿي ويندو تنهنڪري انهن جي مذمت ڪئي وئي آهي. باقي مطلق شاعرن جي مذمت ٿيل نہ آهي. چو تہ پاڻ ﷺ جن جا اصحابي سگهورا پڻ شعر چوندا هئا. جيئن امام شعبي رحمة الله عليه جو فرمان آهي تہ (حضرت) ابوبڪر رضي الله عنه شعر چوندو هو ۽ حضرت عمر رضي الله عنه پڻ شعر ڄاڻندو هو ۽ حضرت علي رضي الله عنه انهن ٻنهي کان وڌيڪ شاعر هو ۽ هڪ دفعي حضرت ابودرداءَ رضي الله عنه کي ڪنهن شخص چيو تہ تو کان سواءِ سڀ انصاري سگهورا شعر چوندا آهن، ۽ تون نہ چوندو آهين، تنهن تي حضرت ابودرداءَ رضي الله عنه فرمايو تہ مان بہ اشعار چوندو آهيان ۽ چيائين "يريد المره ان يعطي مناه و يابي الله الا ماراد" ماڻهو گهري ٿو تہ ان جو سڀ اميدون پوريون ٿين ۽ الله تعاليٰ تہ اهو ڪندو، جنهن جو پاڻ ارادو رکندو مرد گهري ٿو تہ مون کي فائدو حاصل ٿئي پر الله جي تقويٰ ان کان بهتر آهي. عبدالله بن عباس عقبہ بن عامر معاويہ بن ابي سفيان شعر چوندا هئا. "الرياض" وغيره ۾ ائين آهي. باقي ڪي صحابہ گهڻا شعر چوندا هئا ۽ ڪي ٿورا ٽي ڄڻا حضرت حسان رضہ حضرت ڪعب رضہ ابن رواحہ رضہ وڏا شاعر هئا. تنهن ڪري اهڙي قسم جا شاعر جيڪي اسلام جي حقانيت بيان ڪن ٿا، اهي مٿين حڪم کان مستثنيٰ آهن. جيئن هن آيت مبارڪ ۾ استثنيٰ ٿيل آهي:

إِلَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ وَذَكَرُوا اللَّهَ كَثِيرًا (الشعراء: 228)

ترجمو: "پر جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا ۽ الله کي گهڻو ساريائون."

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ اصل حق جي نثر ۽ نظم ۾ تعريف ڪرڻ اجر ۽ ثواب جو سبب آهي ۽ فاسقن ۽ ظالمن جي تعريف ڪرڻ گناهہ جو سبب آهي. هينئر ظالمن ۽ فاسقن ۽ دنيا وارن جي دنياداريءَ جي ڪري تعريف ڪرڻ مذمت ۽ حرمت بابت ڪجهہ حديثون بيان ڪجن ٿيون.

حضرت ابراهيم بن ميسره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

من وقر صاحب بدعة فقہ اعان علي هدم الاسلام (رواه بيهقي في شعب الايمان)

ترجمو: "جنهن بدعتيءَ جي عزت ڪئي، تنهن اسلام جي ڊاهڻ تي مدد ڪئي."

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن فاسق جي تعريف ڪئي ويندي آهي تہ الله تعاليٰ ناراض ٿيندو آهي ۽ عرش ڏڪي ويندو آهي. (رواه بيهقي في شعب الايمان)

حضرت ابي بکر رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ ھڪ ڀيري ھڪ شخص رسول اللہ صلي الله عليه وسلم جن جي موجودگيءَ ۾ ڪنھن جي (سامھون) تعريف ڪئي. تنھن تي پاڻ عليه السلام جن فرمايو تہ افسوس تنھنجي لاءِ، تو پنھنجي (مسلمان) ڀاءُ جي ڪِڇي ڪپي ڇڏي. پاڻ صلي الله عليه وسلم جن اھي الفاظ ٽي ڀيرا دھرايا. (ان ڪان پوءِ فرمايائون) جيڪڏھن توھان مان ڪو ڪنھن جي تعريف ڪرڻ ضروري سمجھي ٿو تہ پوءِ ھينئن چوي تہ مان فلاڻي جي باري ۾ ھي گمان رکان ٿو ۽ الله تعاليٰ بابت ان جي باري ۾ يقين سان ڪا ڳالھہ نہ چوي. (رواه بخاري ومسلم)[244]

حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آھي. فرمائي ٿو تہ اسين سفر ۾ پاڻ صلي الله عليه وسلم جن سان "عرج" (ڳوٺ) ۾ ھياسون تہ اوچتو ھڪ شاعر ظاھر ٿيو. جيڪو شعر پڙھي رھيو ھو . پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ ان شيطان کي پڪڙيو، يا فرمايائون تہ ان شيطان کي بند ڪريو. انسان جو پنھنجي پيٽ کي پونءِ سان ڀرڻ ان کان وڌيڪ ڀلو آھي، جو ان کي شعرن سان ڀريو وڃي. (رواه مسلم)

حضرت سعيد بن ابي وقاص رضي الله عنه کان روايت آھي تہ پاڻ عليه السلام جن فرمايو: تيستائين قيامت قائم نہ ٿيندي، جيستائين اھڙي قوم پيدا نہ ٿئي جيڪا پنھنجين زبانن جي ذريعي ائين ڪائيندي، جيئن ڳئون پنھنجي زبان سان ڪائيندي آھي. (رواه احمد)

حديث جو مطلب آھي تہ قيامت جي قريب اھڙا ماڻھو پيدا ٿيندا، جيڪي ماڻھن جي خوشامد ۽ چاپلوسي ڪري انھن مان ڪائيندا.

حضرت ابوھريره رضي الله عنه کان روايت آھي تہ پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ جنھن شخص ان نيت سان ڳالھائڻ جو طريقو سکيو تہ جيئن ھو ماڻھن جي دلين تي قابض ٿئي تہ قيامت جي ڏينھن الله تعاليٰ نہ ان جي نفلي عبادت قبول ڪندو ۽ نہ فرضي. (رواه ابوداؤد)

اھڙي قسم جون ڪيتريون حديثون آيل آھن، جيڪي حديث جي ڪتابن ۾ ڏسي سگھجن ٿيون. ھتي نموني خاطر ڪجھہ حديثون ذڪر ڪيون ويون. (والله اعلم بالصواب)

خاتمو

علم حديث جي اصولن جي بيان ۾

جيڪي شرح مشڪواة شيخ عبدالحق ۽ محمد طاهر پٽني جي ڪتاب مجمع البحار تان ورتا آهن.
ڄاڻڻ گهرجي تہ جمهور محدثن جي اصطلاح ۾ پاڻ ﷺ جن جي قول، فعل ۽ تقرير کي حديث چئبو آهي ۽ تقرير جي معنيٰ آهي مثال طور ڪنهن شخص پاڻ ﷺ جن جي سامهون ڪوئي ڪم ڪيو يا ڪا ڳالهہ ڪئي. پاڻ ﷺ جن ان کي اهو ڪم يا ڳالهہ ڪندي ڏٺو ۽ ان کي منع نہ ڪيائون ۽ ان جو انڪار نہ ڪيائون ۽ خاموشي اختيار ڪيائون ۽ ان کي ثابت رکيائون تہ ان کي تقرير چئبو آهي ۽ اها حديث ۾ داخل آهي ۽ ڪن وٽ صحابيءَ ۽ تابعيءَ جو قول، فعل ۽ تقرير بہ حديث ۾ شامل آهي. اهڙي حديث جنهن جي سَنَدَ پاڻ ﷺ جن تائين پهتل هجي. ان کي مرفوع حديث چوندا آهن ۽ اها حديث جنهن جي سَنَدَ ڪنهن صحابيءَ تائين پهتل هجي. ان کي موقوف حديث چوندا اهن ۽ جنهن حديث جي سَنَدَ ڪنهن تابعيءَ تائين پهتل هجي. ان کي مقطوع حديث چوندا اهن ۽ مشهور جمهور مطابق موقوف ۽ مقطوع کي اثر چوندا آهن. جيئن چوندا آهن آثار ۾ هيئن آيل آهي ۽ کي حديث مرفوع کي بہ اثر چوندا آهن. جيئن چوندا آهن: ادعيہ ماثوره يا چوندا آهن دعاءِ ماثوره.
حديث جو مرفوع هئڻ ڪڏهن صريح لفظن ۾ هوندو آهي، جيئن چوندا آهن: قال النبي ﷺ ۽ قال رسول الله ﷺ ۽ ڪڏهن غير صريح معنيٰ ۾ هوندو آهي ۽ اهو بہ قسم آهي. هڪ مثال طور صحابي يا تابعي اهڙو قول يا ڪم نقل ڪري، [245] جيڪو فڪر ۽ قياس سان معلوم ٿي نہ سگهي ۽ بڌڻ کان سواءِ معلوم ٿي نہ سگهي. جيئن گذريل يا ايندڙ واقعات جو ذڪر يا آخرت ۽ اهل القبور جو ذڪر ۽ فعل جو مثال جيئن حضرت سعيد بن المسيبؒ کان روايت آهي، فرمائي ٿو تہ مون حضرت ابوهريره رضي الله عنه جي پويان هڪ اهڙي ٻار جي جنازه نماز پڙهي، جنهن ڪڏهن بہ ڪو گناهہ نہ ڪيو هو. حضرت ابوهريره رضي الله عنه ان جي جنازه نماز ۾ هيءَ دعا پڙهي: اللّٰهم اعذه من عذاب القبر (اي الله! هن کي قبر جي عذاب کان بچاءِ) [246]حسن بصري، سعيد بن المسيب، ابراهيم نخعي، شعبي، شريح، مسروق، علقمہ.
اشاعره، معتزلہ ۽ امام شافعي جي هڪ قول مطابق اهي سڀ اصحابن ۽ تابعين جي تقليد جا قائل آهن.

توڻي جو صحابي يا تابعي جو قول اهڙو هجي جيکو فکر ۽ قياس سان معلوم ٿي نہ سگهي ۽ ان ۾ اجتهاد جو دخل نہ هجي ۽ امام ابوالحسن ڪرخي ۽ بعض احناف، صحابي ۽ تابعي جي اهڙن قولن ۾ جيڪي فکر ۽ قياس سان معلوم ٿي نہ سگهن ۽ انهن ۾ اجتهاد جو دخل نہ هجي، تنهن جي تقليد جا قائل آهن. ابوبکر رازي، ابوسعيد بردعي ۽ ٻيا ڪجهہ محدث ان ڳالهہ جا قائل آهن تہ صحابيءَ جو قول ۽ فعل ٻئي حجت آهن. ۽ انهن جو قول مجتهد جي قياس کان مقدم آهي.

شيخين جو پسنديده مذهب بہ اهوئي آهي. امام مالک ۽ احمد بن حنبل جو مسلک بہ اهوئي آهي ۽ امام شافعي جو پڻ هڪ قول اهو آهي. باقي بالاجماع تابعي جي تقليد واجب نہ آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪو صحابي سڳورو چوي تہ اسان هينئن ڪندا هئاسون. يا رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ هينئن چوندا هئاسون يا پاڻ ﷺ جن جا اصحابي سڳورا هينئن ڪندا هئا يا ڪو صحابي چوي تہ هيءَ سنت آهي تہ انهن سيني جو حڪم مرفوع حديث وارو آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ڪو صحابي چوي تہ هيءَ سنت آهي تہ ان مان مراد خلفاءِ راشدين جي سنت آهي.

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ حديث ۽ خبر هڪ ئي معنىٰ ۾ آهن.

البتہ ڪن محدثن وٽ حديث ان کي چئبو آهي جيڪا پاڻ ﷺ جن کان يا صحابيءَ کان يا تابعيءَ کان منقول هجي ۽ خبر بادشاهن کان منقول ۽ قصن ۽ ڳالهين کي چئبو آهي.

متن، حديث جي اصل عبارت کي چئبو آهي. مثال طور "انما الاعمال بالنيات" حديث جو متن آهي ۽ روايت ڪندڙن جو سلسلو جيڪو[246] راويءَ کان پاڻ ﷺ جن تائين آهي، ان کي سَنَدَ ۽ اسناد چئبو آهي. هينئر مرفوع حديث جا قسم بيان ڪجن ٿا:

جيڪڏهن راويءَ کان وٺي پاڻ ﷺ جن تائين ڪو راوي ڇڏيل نہ هجي تہ ان کي حديث مرفوع متصل چوندا آهن، پر جيڪڏهن ڪو راوي ڇڏيل هجي تہ ان کي حديث منقطع چوندا آهن. پوءِ جيڪڏهن منڍ سَنَدَ مان راوي ڇڏيل آهن تہ ان کي حديث مشروط چوندا آهن. جيڪڏهن سڄي سَنَدَ ڇڏيل هجي، تہ ان کي بہ مشروط چئبو آهي. جيئن مصنفن جي عادت آهي تہ اختصار لاءِ سَنَدَ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ قال رسول الله ﷺ کان شروع ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن وچ سَنَدَ مان راوي ڇڏيل هجن تہ ان کي حديث معضل چوندا آهن. پر جيڪڏهن متفرق جڳهن تان راوي ڇڏيل آهن تہ ان کي حديث منقطع چوندا آهن ۽ جيڪڏهن راوي پنهنجي استاد جو نالو نہ وٺي، بلڪ استاد جي استاد جو نالو وٺي، پر اهڙو لفظ استعمال ڪري جنهن مان سماع جو وهم ٿيندو هجي ۽ حقيقت ۾ سماع نہ ٿيو هجي يا ان سان ملاقات ئي نہ ٿي هجي تہ ان کي حديث مدلس چوندا آهن. [247] تدليس ان صورت ۾ مذموم آهي، جڏهن ان راويءَ جو استاد ثقہ نہ هجي ۽ جيڪڏهن تابعي صحابيءَ جو نالو ڇڏي جيئن قال سعيد بن المسيب قال رسول الله ﷺ ان حديث کي حديث مرسل چئبو آهي.

جيڪڏهن راوي سَنَدَ يا متن ۾ تقديم ۽ تاخير ڪري يا وڌائي يا گهٽائي يا راوين جي مٽا سٽا ڪري. هڪ جي جڳهہ تي ٻيو ذڪر ڪري تہ ان کي حديث مضطرب چوندا آهن ۽ جيڪڏهن راوي پنهنجو ڪلام حديث ۾ داخل ڪري، يا ٻن متنن کي هڪ اسناد سان هڪ متن بڻائي تہ ان کي حديث مندرج چوندا آهن.

جيڪڏهن سَنَدَ جا سڀ راوي هڪ قسم جو ذڪر ڪن. جيئن ڪو چوي والله اخبرنا فلان وهو يقول والله اخبرنا فلان سڀ راوي حضور ﷺ جن تائين اهڙي قسم جو ذڪر ڪن. يا سڀ راوي لفظ سمعت جو ذڪر ڪن. جيئن ڪو چوي سمعت فلانا وهو يقول سمعت فلانا ائين رسول الله ﷺ جن تائين سڀ راوي لفظ سمعت ذڪر ڪن. يا سڀ راوي ڪنهن مخصوص حالت جو ذڪر ڪن. مثال طور ڪو تشبيڪ (منڊي ملائڻ واري صورت بيان ڪندي) چوي حدثنا فلان هٰكذا وشبک بين اصابعه ۽ حضور ﷺ جن تائين ان حالت جو ذڪر ڪري ته ان ڪي حديث مسلسل چوندا آهن. [248]

جيڪڏهن سڀ راوي لفظ عن سان حديث بيان ڪن. جيئن ڪو چوي عن زيد بن فلان عن عمرو بن فلان عن فلان ۽ ائين حضور ﷺ جن تائين نقل ڪن ته ان ڪي حديث عنعنه چوندا آهن.

جيڪڏهن ڪو اهڙي حديث روايت ڪري، جيڪا اهڙي حديث جي مخالف آهي، جنهن ڪي ثقن راوين نقل ڪيو آهي پوءِ ڏسنداسون ته جيڪڏهن ان حديث جا سڀ راوي ثقه آهن ته پوءِ ان ۾ ڪثرت عدد، حفظ وغيره ۽ ترجيح جا سڀ وجوه ڏسنداسون. پوءِ راجح حديث ڪي محفوظ ۽ مرجوح ڪي شاذ حديث چئبو. پر جي راوي ثقه نه آهن ته پوءِ اها مردود آهي، ان جو ڪو به اعتبار نه آهي.

جيڪڏهن هڪڙا ضعيف راوي اهڙي حديث نقل ڪن ٿا، جيڪا ان حديث جي مخالف آهي، جيڪي هنن ڪان گهٽ ضعيف آهن ته پهرين ڪي حديث منڪر ۽ پوئين ڪي حديث معروف چئبو.

جيڪڏهن اسناد ۾ اهڙا سبب هجن، جو انهن جي ڪري صحت ۾ نقص پيدا ٿئي ته اهو نقص حديث جي ماهرن ڪي معلوم ٿي ويندو آهي ته ان ڪي حديث معضل چوندا آهن.

حديث جا مٿيان سڀ قسم هنن ٽن قسمن، صحيح، حسن ۽ ضعيف ۾ داخل آهن.

صحيح حديث اها آهي، جنهن جي سَنَدَ متصل هجي ۽ ان جا روايت ڪندڙ سڀ راوي عادل ۽ صاحب ضبط هجن ۽ حديث جي روايت ڪرڻ وقت عاقل بالغ مسلمان هجن.

جنهن حديث جي سَنَدَ متصل نه هوندي، ان ڪي صحيح حديث نه چئبو.

عادل جو مطلب آهي ته متقي ۽ پرهيزگار هجي. ڪوڙ ڳالهائيندڙ نه هجي. ڪبيرن گناهن ڪان بچندڙ هجي ۽ صغيرن گناهن تي دوام ڪندڙ نه هجي. صاحب مروت هجي، يعني اهڙا ڪم ڪندڙ نه هجي، جيڪي اسلامي معاشري ۾ معيوب سمجهيا وڃن. جيئن ڪبوتر اڏائڻ، ۽ رستي تي پيشاب ڪرڻ ۽ بازار ۾ ڪاڌو کائڻ.

علماءَ جو چوڻ آهي ته پنج شيون موجب طعن ۽ عدالت جي منافي آهن. هڪ حديث جي روايت ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ. ٻيو جو اهو هڪ پيرو هجي ۽ ان ڪان توبه ڪئي هجائين. ٻيو ان جو ڪوڙ سان متهم هجڻ. ٽيون فسق چوٿون راويءَ جو جاهل هجڻ. يعني راوي حديث جي علم ڪان جاهل هجي. پنجون راويءَ جو بدعتي هجڻ.

هينئر صاحب ضبط جي تشريح ڪجي ٿي. ڄاڻڻ گهرجي ته ضبط جا ٻه قسم آهن. هڪ ضبط صدر ۽ ٻيو ضبط ڪتاب. ضبط صدر حفظ قلبيءَ جو نالو آهي ۽ ضبط ڪتاب حديث جو لکڻ آهي. ۽ ضبط جو مطلب آهي ته حديث جي ٻڌڻ ڪان وٺي ٻئي ڪي ٻڌائڻ تائين محفوظ رکي. ۽ ان جي ٻڌائڻ ۾ ۽ لکڻ ۾ ڪنهن به قسم جو نسيان نه ڪري.

پنج شيون ضبط جي منافي آهن. هڪ غفلت جي زيادتي، ٻيو غلطيءَ جو ڪثرت سان واقع ٿيڻ. ٽيون ثقن راوين جي مخالفت، چوٿون وهم ۾ مبتلا ٿيڻ، پنجون حافظي جو گهٽ هجڻ.

۽ هي به ڄاڻڻ گهرجي ته جنهن شخص ۾ عدالت، ضبط، عقل ۽ اسلام اتم ۽ اڪمل هوندو ته اهو اقويٰ (وڏ پروڙ) ثقه آهي ۽ جن ۾ اهي صفتون گهٽ هونديون اهو ناقص (گهٽ) ثقه هوندو. حديث صحيح لذاته اها آهي، جنهن ڪي ڀهرين قسم جا راوي روايت ڪن. پر جي اهڙي قسم جا راوي حديث روايت ڪن ٿا جن ۾ اهي پوريون صفتون موجود نه آهن، پر اهو نقص ڪنهن ٻئي طريقي سان پورو ٿئي ٿو. ان ڪي صحيح لغيره چئبو آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن ٻئي قسم سان به ان جو نقص پورو نه ٿو ٿئي نه ان ڪي حديث حسن چئبو آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن راويءَ ۾ انهن مان هڪ شرط يا هڪ کان وڌيڪ شرط گم آهن ته ان جي روايت ڪيل حديث کي حديث ضعيف چئبو آهي ۽ ضعيف حديث تي عملن جي فضائل ۾ عمل ڪرڻ جائز آهي. عملن مان مراد اهڙا عمل آهن، جن جي ذات ۽ حسن ثابت هجي، جيئن نماز، روزو، قرآن مجيد جي تلاوت وغيره.

هي به ڄاڻڻ گهرجي ته معتمد ڪتاب کان سواءِ حديث ۽ فقه نقل ڪرڻ جائز نه آهي ۽ شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي ته صحيح حديثون بخاري ۽ مسلم ۾ منحصر نه آهن ۽ انهن سمورين صحيح حديثن نه آنديون آهن ۽ ٻين امامن به صحاح ۾ ڪتاب تصنيف ڪيا آهن، جيئن صحيح ابن حبان ۽ صحيح ابن خزيمه وغيره ۽ صحاح سته جيڪي مشهور آهن، اهي هي آهن: صحيح بخاري، صحيح مسلم، جامع ترمذي، سنن ابي دائود، سنن نسائي، سنن ابن ماجه ۽ ڪن سنن ابن ماجه جي جڳهه تي مؤطا امام مالڪ آندو آهي ۽ جامع الاصول واري به مؤطا کي پسند ڪيو آهي.

انهن ڇهن ڪتابن ۾ سواءِ صحيحين جي صحيح حديثن جا قسم حسن ضعيف اهي سڀ انهن ۾ موجود آهن، انهن جو صحاح ۾ نالو رکڻ بطور تغليب جي آهي. مصابيح واري بخاري ۽ مسلم جي روايتن کان سواءِ ٻين روايتن جو نالو حسن رکيو آهي. ان جو به تقريبن اهوئي سبب آهي، حقيقت ۾ مصابيح واري جو اهو هڪ نئون اصطلاح آهي.

جلال الدين سيوطيءَ، جمع الجوامع ۾ حديث جي پنجاهه ڪتابن مان حديثون جمع ڪيون آهن، جيڪي، صحيح، حسن ۽ضعيف تي شامل آهن. اهو سمورو عبدالحق جو ڪلام آهي.

ڄاڻڻ گهرجي ته صحيحين ۾ غير صحيح نه آهي، جيڪو رسالي ۾ آيل آهي ته حسن به صحت ۾ صحيح وانگر آهي، ان ڪري حسن کي صحيح ۾ داخل ڪيو ويو آهي. ان مان مراد اهو حسن آهي، جنهن جا ٻيا به ساهد ملن ۽ صحيح لغيره آهي. توڙين جو باعتبار ذات جي حسن آهي. جيئن مٿي گذريو.

چون ٿا ته ابن صلاح فرمايو آهي ته محي الدين جو سنن اربع کي حسن چوڻ تساهل آهي. ڇو ته ان ۾ صحيح، حسن ۽ ضعيف آهن. ترمذيءَ جو هذا حديث حسن صحيح غريب چوڻ باعتبار طريقي جي آهي، جو ڪن طريقن جي کهر حسن. ۽ ڪن ٻين جي صحيح ۽ غريب آهي جيڪي صحيح جا قسم آهن. اهو بحث انشاءَ الله اڳتي ايندو

شيخ عبدالحق جو چوڻ آهي ته بخاريءَ کان منقول آهي ته ان کي چار لک صحيح حديثون ۽ ٻه لک غير صحيح حديثون ياد آهن، اهي ڪل ڇهه لک ٿين ٿيون. ظاهر آهي ته هن صحيح پنهنجن شرطن مطابق چيون

هو...يون

رسالي ۾ چيل آهي تہ ابن جوزيءَ جو فرمان آهي تہ حديثن جو ڳاڻاٽو ممڪن نہ آهي. امام احمد بن حنبل جو چوڻ آهي تہ ستن لکن کان وڌيڪ صحيح حديثون آهن. انهن مان اٺ پنهنجي مسند جي چونڊ ڪئي آهي. ان مان مراد حديثن جون روايتون ۽ طرق آهن. متن حديث مراد نہ آهي. شيخ ابو علي بن شهاب الدين صديقي چيو آهي اٺ شيخ ذهبي کان ٻڌو تہ اڄڪلهہ لک تائين حديث جا متن موجود آهن. ٿي سگهي ٿو تہ مراد بہ متن هجي پوءِ حديث جي محافظن جي وفات جي ڪري اهي متن ختم ٿي ويا هجن. پر جيڪڏهن طريقا مراد وٺن تہ پوءِ اهي ستن لکن کان وڌيڪ آهن. هي رسالي جوخلاصو ڪلام جو آهي.

اهي صحابہ جيڪي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن کان روايت ڪن ٿا. انهن جو تعداد هڪ لک چوڏنهن هزار آهي. مڪہ. مدينہ حجتہ الوداع ۽ سمورن علائقن جا ان ۾ شامل آهن. رسالہ رياض المستطابہ الصواعق المحرقہ ۽ مشڪواة جي شرحن ۾ ائين ئي آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ حديث متواتر اها حديث آهي. جنهن کي هر دور ۾ ايترا راوي نقل ڪن. جو انهن جو ڪوڙ تي متفق ٿيڻ عقلاً محال هجي. باقي ڪيترا گهٽا هجن تعين عدد بابت اختلاف آهي ۽ مشهور حديث اها آهي. جنهن کي پهرين دور ۾ هڪ يا ٻہ شخص نقل ڪن. ان کان پوءِ ان کي ايترا گهٽا ماڻهو نقل ڪن. جو انهن جو ڪوڙ تي اتفاق عقلًا محال هجي ۽ اها حديث جيڪا ٽئين دور کان پوءِ مشهور ٿي هجي. يا مشهور ئي نہ ٿي هجي تہ ان کي خبر واحد چئبو آهي. خبر واحد جو مطلب اهو نہ آهي تہ ان کي هڪ شخص نقل ڪيو. بلڪ هي محدثن جو هڪ اصطلاح آهي. پوءِ ان کي ٻہ ماڻهو نقل ڪن يا ٽي. يا ان کان بہ وڌيڪ ماڻهو نقل ڪن.

محدثن جي اصطلاح ۾ جيڪڏهن حديث جو راوي هڪ هوندو تہ ان کي حديث غريب چوندا آهن ۽ جيڪڏهن حديث جا راوي ٻہ يا ڪٿي ٻن کان وڌيڪ هوندا تہ ان کي حديث عزيز چوندا آهن. حديث جا اهي سمورا قسم صحيح آهن ۽غريب بمعني شاذ جي بہ آيو آهي. ان ۾ طعن ڪيل آهي ۽ اها غير صحيح آهي. جتي بہ بطريقي طعن جي چون تہ هذا حديث غريب تہ صاحب مصابيح جي مراد ان مان اهائي هوندي ۽ ترمذيءَ جي مراد پهرين هوندي. فرد کي ڪڏهن شاذ جي معنيٰ ۾ آڻيندا آهن. هن شرط سان تہ راوي سڪو هجي ۽ سڪن جي مخالفت ۾ نقل نہ ڪري. شاذ جو اهو قسم صحيح ۾ داخل آهي. محدثن جي اصطلاح ۾ صحيح حديث کي مستفيظ بہ چيو ويندو آهي. اهو اصطلاح عبدالحق جي مشڪواة جي شرح مان معلوم ٿئي ٿو.

ڄاڻڻ گهرجي تہ جيئن صحيح جا صحت ۾ درجا آهن ائين ضعيف جا بہ ضعف ۾ درجا آهن. بااعتبار راوين ۽ ٻين سببن جي جيئن راوي جي فسق جيترو وڌيڪ هوندو ان جي حديث اوترو وڌيڪ ضعيف هوندي. ضعيف حديث جي هڪ قسم کي موضوع چوندا آهن. موضوع جا ٽي قسم آهن. هڪ صحيح يا حسن ٻيو ضعيف ٽيون باطل ۽ ڪوڙ.

محدثن جي اصطلاح ۾ موضوع حديث اها آهي جنهن کي اهڙي قسم جو راوي نقل ڪري جنهن جو هڪ ٻيرو حديث ۾ ڪوڙ ثابت ٿيو هجي پوءِ ان جون سڀ حديثون اڳيون ۽ پويون موضوع ۽ غير مقبول آهن توڙين جو هو توبہ تائب ٿيو هجي. ان جي ڪا بہ حديث قبول نہ آهي ڪوڙي شاهديءَ جو اهو حڪم نہ آهي ان جي هرحديث کي ٻين حديثن تي پيش ڪبو. جيڪڏهن صحيح جي مطابق آهي تہ ان کي صحيح ۽ جيڪڏهن حسن جي مطابق

آهي تہ ان کي حسن ۾ شمار ڪبو. جيڪڏهن انهن جي مخالف هجي يا ان جو ڪوڙو هجڻ، يقين سان يا گمان سان ثابت ٿئي تہ ان کي باطل قرار ڏبو ۽ ان جو اعتبار نہ ڪبو پر جي نہ مطابق معلوم ٿئي ۽ نہ مخالفت معلوم ٿئي تہ ان کي باطل قرار نہ ڏبو بلڪہ ان کي اضعف الضعاف شمار ڪبو. اها صدق ۽ ڪذب جو احتمال رکي ٿي. پر ڪذب وارو پاسو غالب آهي. اها حديث متروڪ آهي. توڙيجو ان جو نالو ضعيف رکيو وڃي. جڏهن راويءَ تي ڪوڙ جي تهمت هجي ۽ ان جو ڪوڙ نبوي حديث ۾ ظاهر نہ ٿيو هجي تہ ان کي متروڪ چوندا آهن.

چون ٿا تہ حديث حسن يا صحيح جيڪا موضوع حديث جو شاهد بڻجي، موضوع حديث ان جي تابع بڻجندي اعتبار ان حسن حديث کي آهي ان موضوع حديث جو اعتبار نہ آهي توڙيجو ان جي مطابق هجي.

خلاصو ڪلام جو هي آهي تہ ڪوڙيون حديثون گهڙيندڙ جون سڀ روايتون مردود نامقبول ۽ باطل آهن، توڙيجو هن هڪ ڀيرو ڪوڙ ڳالهايو آهي، اهڙي طرح متهم جون روايتون پڻ مردود آهن. پر متهم جي توبہ قبول آهي. جڏهن ان کان توبہ ڪري ۽ تهمت جو سبب ڇڏي ڏي ۽ ان جي ڳالهائڻ مان صدق ۽ صداقت ظاهر ٿئي تہ ان جون روايتون قبول ڪيون وينديون. شيخ عبدالحق وغيره ان جي صراحت ڪئي آهي.

رسالي ۾ آيل آهي تہ حديث موضوع جي يا تہ تصديق واجب آهي اها هي آهي تہ حديث جا امام ان جي صحت ۽ ثبوت جي تصديق ڪن يا ان جي تڪذيب واجب آهي اهو هي آهي جو حديث جا امام ان جي وضع ۽ افتراء جي صراحت ڪن. يا ان ۾ توقف ڪرڻ گهرجي. صريح تڪذيب نہ ڪجي ڇو تہ صدق جو احتمال آهي. طعن جي ارادي کانسواءِ موضوع حديث کي روايت ڪرڻ جائز نہ آهي. لفظن جي ڪمزوري ۽ غلطين تي واقف ٿيڻ سان موضوع حديث کي سڃاتو ويندو آهي. هڪ محدث شاگردن کي حديث پڙهائي رهيو هو تہ تہ اتي هڪ خوبصورت انسان اچي ويو. ان محدث حديث پڙهائڻ جي دوران ان جي تعريف ۾ هي جملا چيا: جيڪو ماڻهو رات جو گهڻي نماز پڙهندو آهي ان ماڻهوءَ جو منهن ڏينهن جو روشن هوندو آهي" ثابت بن موسيٰ انهن لفظن کي حديث سمجهي ويٺو ۽ روايت ڪرڻ لڳو.

حديث جا وضع ڪندڙ ڪافي هئا. محدثن انهن سڀني جي نشاندهي ڪئي آهي. ڪي طوائف بہ حديثون گهڙينديون هيون. ڪلاميہ ٽولي ۽ ڪي بدعتي ترهيب ۽ ترغيب ۾ وضع حديث جائز سمجهن ٿا. "خذلهم الله تعالیٰ" قرآن مجيد ۾ هر سورة جي فضيلت ۾ جيڪي حديثون آيل آهن اهي بہ ان مان آهن. انهن حديثن جو واضح ابي عصمة نوح بن ابي مريم آهي. هو عڪرمہ ۽ ابن عباس رضہ ڏانهن منسوب ڪري ٿو. جڏهن ان کان سوال ڪيو ويو تہ سورتن جي فضيلت ۾ تو هيڏيون حديثون ڪٿان آنديون؟ تہ چوڻ لڳو: مون ماڻهن کي ڏٺو ھو. قرآن مجيد ياد نہ پيا ڪن، ابو حنيفہ جي فقہ ۾ مشغول ٿي رهيا هئا ۽ محمد بن اسحاق جي مغازيءَ ۾ رغبت رکي رهيا هئا تہ مون اهي حديثون واضح ڪيون تہ جيئن الله تعاليٰ جي رضا حاصل ٿئي. تفسير وارن وڏي غلطي ڪندي انهن کي پنهنجي تفسير ۾ داخل ڪيو آهي، جيئن قاضي بيضاوي وغيره.

خطابيءَ جو چوڻ آهي تہ هينئين حديث، زنديقن وضع ڪئي آهي، جنهن ۾ چيل آهي تہ جڏهن مون کان ڪا روايت ٻڌو تہ ان کي ڪتاب الله تي پيش ڪيو. جيڪڏهن ان جي موافق هجي تہ قبول ڪيو جي مخالف هجي تہ رد ڪيو"

۽ جنهن حديث ۾ چيل آهي تہ مون کي ڪتاب ڏنو ويو ۽ ان جيترو ٻيو هڪ روايت ۾ ان جيترو ان سان گڏ جا لفظ آهن. اهي بہ زيديقن جون وضع آهن.

ابن جوزيءَ موضوعات تي ڪافي جلدن ۾ ڪتاب لکيو آهي، ابن صلاح جو چوڻ آهي تہ ابن جوزيءَ ڪافي حديثن کي موضوع قرار ڏنو آهي حالانڪہ انهن جي وضع تي ڪو دليل نہ آهي درحقيقت اهي ضعيف آهن ۽ شيخ حسن بن محمد صفائي الدر الملتقط في تعين الغلط تصنيف ڪيو آهي. اهو رسالي جو خلاصو ڪلام جو آهي.

مجمع البحار جي ذيل ۾ چيو ويو آهي تہ علي ابن ابي طالب واري نماز ۾ سوڙهي منديءَ واري حديث جنهن لاءِ چيل آهي تہ ان تي هي آيت نازل ٿي "آنصاً وليكم الله ورسوله" موضوع آهي. محدثن جي اتفاق سان.

هنن حرفن جو لکندڙ چوي ٿو تہ اها حديث موضوع ڪيئن ٿي سگهي ٿي. حالانڪہ شيخ جلال الدين سيوطي "بذل العسجد في السوال في المسجد" ۾ ان دعويٰ تي پنج حديثون صراحت سان آنديون آهن. هڪ حديث طبرانيءَ اوسط ۾ عمار رضہ بن ياسر کان ٻي حديث ابن مردويہ جي ان جي تفسير ۾ ابن عباس رضہ کان ٽئين حديث ابن حريج جي ان جي تفسير ۾چوٿين حديث ابن حبان جي ان جي تفسير ۾ ۽ ابن الشيخ جي ان جي ڪتاب ۾ علي ابن ابي طالب کان پنجين حديث ابن ابي هاتم پنهنجي تفسير ۾ ۽ ابن عساڪر پنهنجي تاريخ ۾ سلمہ بن ڪهيل کان. مٿي جيڪو بالاتفاق المحدثين گذري آيو شايد اهو ڪنهن ناسخ داخل ڪيو آهي. اهي مصنف جا لفظ نہ آهن.

ذيل ۾چيل آهي تہ المقاصد ۾ آهي "اختلاف امتي رحمة" اسان جي شيخ چيو تہ اهو ماڻهن ۾ مشهور آهي، گهڻن ماڻهن وٽ اها صحيح نہ آهي، خطابيءَ چيو تہ ان جي صحيح هئڻ بابت ڪو دليل نہ آهي. بيضاويءَ جي حاشيي ۾ آهي تہ محدثن وٽ اها مشهور نہ آهي، ڪشف المحجوب ۾ آهي تہ سلطان العارفين ابويزيد بسطاميءَ فرمايو "احلاف العلماء راحة الي في التجريد التوحيد"[260]ڪن ماڻهن ان کي حديث سمجهيو ٿوري گهڻي فرق سان ان ۾ ٻيا لفظ بہ آيل آهن اهو سچو ڪلام سلطان العارفين جو آهي.

ذيل ۾ آهي تہ "من عرف نفسہ فقد عرف ربہ و من عرف رب كل لسانہ" امام نوويءَ جو چوڻ آهي تہ اها حديث ثابت نہ آهي ۽ ابن قيحہ بہ ائين چيو آهي، ٻين محدثن جو بہ اهو رايو آهي. مقاصد ۾ آهي تہ روايت ۾ آيو آهي تہ اهو قول يحيي بن معاذ رازيءَ جو آهي. ذيل جو ڪلام پورو ٿيو.

"صواعق محرقہ" جي ترجمي ۾ آيل اهي تہ اهو علي بن ابي طالب جو قول آهي. ان ڪان پوءِ چيائين تہ مشهور هي آهي تہ اهو يحييٰ بن معاذ رازيءَ جو قول آهي.

ذيل ۾ آهي تہ حديث "كنت كنزامخفيالا اعرف فخلقت الخلائق فعرفت هم فعرفوني" ابن تيميہ؟ چيو تہ اها حديث نہ آهي ان جي سند معلوم نہ آهي. نہ صحيح نہ ضعيف. زرڪشي ايئن ئي چيو آهي ۽ اسان جي شيخ پڻ ائين چيو آهي.[261]

سلوڪ جي ڪتابن ۾ جيڪو آيل آهي تہ حضرت دائود عليہ السلام الله تعاليٰ جي دربار ۾ عرض ڪيو تہ اي رب نو مخلوق چو پيدا ڪئي الله تعاليٰ فرمايو. اي داؤد آءُ لڪل خزانو هئس چاهيم تہ سڃاتو وڃان پوءِ مخلوق پيدا ڪيم. انهن وانگر سڃاڻو اها بہ بنا سند جي آهي. آسماني ڪتابن ڪانسواءِ اڳين امتن جي سند قبول نہ آهي، چو تہ سند هن امت جو خاصو آهي محدثن ان ڳالهہ جي صراحت ڪئي آهي. تنهنڪري اها ٻراٽي ڳالهہ جيڪا اهڙن ماڻهن نقل ڪئي آهي، جيڪي جنن ۽انسانن جي سردار صلي الله عليہ وسلم جو انڪار ڪن ٿا قابل قبول نہ آهي، مجمع البحارجي ديباچي ۾ ائين ئي آيل آهي

حديث "حب الوطن من الايمان" تي آءٌ واقف نہ ٿيو آهيان. ۽ "حب الهرة من الايمان" موضوع آهي. "اطلبو العلم ولو بالصين" واري حديث جون سندون ضعيف آهن. ابن حبان چيو ان جو ڪو اصل نہ آهي.

مقاصد ۾ آهي "ما اتخذ الله ولياً جاهلاً ولواتخذہ لعلمہ" اسان جي شيخ چيو تہ اها ثابت نہ آهي. پر ان جي معنيٰ صحيح آهي، يعني "الله تعاليٰ جاهل کي پنهنجو دوست نہ رکندو آهي. جيڪڏهن ان کي دوست رکي ها تہ ان کي علم سان نوازي ها" ۽ جيڪي حديثون عقل جي فضيلت بابت آيل آهن اهي بہ ثابت نہ آهن. حارث بن اسامہ پنهنجي مسند ۾ داؤد بن محبر کان ٽيهن کان وڌيڪ حديثون عقل جي فضيلت ۾ آنديون آهن. ابن حجر جو چوڻ آهي تہ اهي سڀ موضوع آهن. "الوضوع علي الوضوع نور علي نور، حديث جي ڪتابن ۾ نہ ٿي ملي ۽ حديث "من تكلم بكلام الدنيا فى المسجد احبط الله عملہ اربعين سنة" صغانيءَ جو چوڻ آهي تہ اها موضوع آهي. صلاة الاسبوع، بابت بہ حديث مان ڪا شئي ثابت نہ آهي صلاة الرغائب پڻ موضوع آهي محدثن جو ان تي اتفاق آهي. اهڙي طرح هر مهيني جي پهرين خميس جي روزي بابت حديثون موضوع آهن. حديث "لولاک لما خلقت الافلاک" باب ضعانيءَ جو چوڻ آهي تہ اها موضوع آهي. اهڙي طرح سموريون حديثون جيڪي چانورن، گدري، ونگي ۽ واڱڻ [261] جي فضيلت ۾ آيل آهن سڀ موضوع آهن. شيخ عبدالحق ڪتاب "سفر السعادة، ۽ شرح صراط المستقيم، ۾ انهن سڀني کي موضوع قرار ڏنو آهي.

ستاويهہ رمضان جي رات جيڪا جمهور وٽ ليلة القدر آهي ان بابت مٺا چانور ڪائڻ بابت آيل حديث موضوع آهي. "حسنات الابرار سيات المقربين" ابو سعيد خراز جو قول آهي، حديث نہ آهي. "اتقوا مواضع التهم" حديث جي ڪتابن ۾ نٿي لڀي. حديث، "العلما يحشرون مع الانبياء والقضاء يحشرون مع السلاطين" موضوع آهي. حديث، "رجعنا من جهادلاصفر الي جهاد الاكبر" ضعيف آهي. حديث "اعدا عدوک الذي بين جنبک" جي سند گهڙيل آهي. اهو سڄو بحث مجمع البحار جي ديباچي ۾ آهي، ان جهڙيون ڪوڙ حديثون آنديون اٿس. محدثن جو چوڻ آهي تہ امام غزاليءَ جيڪي "احياء العلوم" ۾ آنديون آهن انهن مان اڪثر ثابت نہ آهن. ان ڳالهہ جي صراحت شيخ عبدالحق وغيره ڪئي آهي.

محدثن جي قول "لم يوجد"، لم يثبت" هٰذاليث بثابت، ليس له اصل ۽ ان جهڙا ٻيا قول ۽ هٰذا باطل، كذب، مفتراء ۾ فرق آهي تہ پهرين صورت ۾ اجا صدق جو احتمال باقي آهي، جيتوڻيڪ ڪذب جو احتمال غالب آهي. چو تہ پهرين صورت ۾ ڪذب ثابت ٿيل نہ آهي. ٻي صورت ۾ صدق جو احتمال ئي نہ آهي. باطل محض آهي.

اها حديث جيڪا ڪنهن پاڻ سونهارن ﷺ جن کان خواب ۾ ڪشف ۾ يا الهام ۾ ٻڌي هجي تہ ان کي ڪتاب الله، حديث ۽ اجماع امت تي پيش ڪبو جيڪڏهن ان مطابق هوندي تہ ان تي عمل ڪبو نہ تہ عمل نہ ڪبو ان مسئلي جي پوري تحقيق طائفہ اويسيہ جي بيان ۾ گذري چڪي ۽ رويا، واقعات ۽ مڪاشفات جي بيان ۾ گذري آئي اتي ڏسڻ گهرجي. ان کي حديث چوڻ جائز نہ آهي ۽ نہ ان کي حديث جيان نقل ڪبو بلڪ چوندو تہ مون ننڊ ۾ ڏٺو يا ڪشف ۾ مون کي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن هيئنئن فرمايو: يا الله تعاليٰ جلشانہ مونکي هي الهام فرمايو: ان جا راوي بہ ائين بيان ڪندا تہ مون فلاڻي کان ٻڌو اهو چوي پيو تہ مون ننڊ ۾ ڏٺو يا ڪشف ٿيو يا الهام ٿيو. چو تہ جيڪڏهن ان کي حديث چوندا ۽ تعليق ۽ ارسال سان روايت ڪندا تہ اشتباهہ ۽ التباس پوندو هن قسم جي بيان ۾ ۽ مرفوع حديثن ۾ تنهنڪري ان کي ائين نقل ڪرڻ گهرجي.

چاڻ تہ مون جيڪي هن ڪتاب ۾ حديثون آنديون آهن، اهي مشڪواة المصابيح مان ورتل آهن. پوءِ ڪن جڳهين تي اها صراحت ڪئي اٿم ۽ ڪٿي اها صراحت نہ ڪئي اٿم. جيڪا حديث ٻئي ڪتاب مان آندي اٿم نہ ان جو حوالو ڏنو اٿم، حديث آڻڻ مان منهنجو مقصد نبوي ڪلام مان برڪت حاصل ڪرڻ آهي.[262] توڻي جو ٻي ڪلام جي بنسبت حديثون گهڻ آهن پر برڪت ۽ تبرڪ حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٿوري شئي بہ ڪافي آهي ۽ جنهن شئي ۾ برڪت واري شئي پوندي آهي اها بہ مبرڪ ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن پاڻيءَ جي پريل مٽ ۾ آب زم زم جو ڍڪ پوندو تہ سڄي مٽ جو حڪم آب زم زم جو آهي ۽ ان جي ضد ۾ بہ ائين ئي آهي جيڪڏهن پاڻيءَ جي مٽ ۾ پيشاب جو ڍُڪ پوندو تہ سڄي جو حڪم پيشاب وارو آهي. باقي قسم ڪٺندڙ جو حانث نہ ٿيڻ ٻنهي صورتن ۾ جڏهن قسم ڪنيائين تہ آب زم زم نہ پيئندم ۽ پيشاب نہ پيئندم عرف ۽ عادت مطابق آهي. ڇو تہ قسمن جو مدارعرف تي آهي. منهنجي ان دعويٰ جودليل پاڻ سڳورن ﷺ جن جي حديث آهي. طلق بن عليؓ کان روايت آهي. چيائين تہ اسين وفد جي صورت ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿياسون. پاڻ سڳورن سان بيعت ڪئي سون. پاڻ سونهارن سان گڏ نماز پڙهي سون ان کان پوءِ پاڻ سڳورن کي ٻڌايو تہ اسان وٽ گرجا گهر آهن، اسان کي وضوءَ جي پاڻيءَ مان بچت ڏيو. تنهن تي پاڻ سڳورن پاڻي گهرايو وضوءَ فرمايائون ۽ اسان لاءِ هڪ ٿانو ۾ وضوءَ جي بچت وارو پاڻي رکيائوون. اسان کي حڪم ڏنائون تہ جڏهن اوهان پنهنجي ڳوٺ وڃو تہ پوءِ اهي گرجا گهر ڊاهي ان جڳهہ تي هي پاڻي هاري اتي مسجد ٺاهيو اسان چيو اسان جو شهر پري آهي ۽ سخت گرمي آهي پاڻي تہ سڪي ويندو فرمايائون تہ ان ۾ ٻيو پاڻي ملائيندا رهو اهو هن کي پلائيءَ ۾ ئي وڌائيندو. هيءَ روايت نسائي جي آهي. والله اعلم.

طلق بن علي ۽ ان جي قوم عيسائي هئا الله تعاليٰ انهن کي اسلام جي توفيق عطا فرمائي، هو پاڻ سڳورن جي وضوءَ جي بچت سان پنهنجين پراڻن عبادتن گاهن کي شيطان جي نحوست کان پاڪ ڪرڻ گهرن پيا. پاڻ سڳورن جو قول "مدوه من الماء انّ من الماء الآخر" قانون آهي تہ جڏهن اسم معرفو دهرايو وڃي تہ ثاني اول جو عين هوندو آهي، هتي ائين نہ آهي. قوله "لايزيده الاطيبا" يعني مگر ان کي پاڪائي ۾ وڌائيندو توڻي جو اهو ٻيو پاڻي گهڻو ۽ غالب آهي ڏسڻ ۾ پر معنوي لحاظ کان مغلوب آهي.

بيت

شمع نورانی بھرجائی کہ گردو شعلہ ور

عین نور آں جائی گردو نور اونورالبصر

شمع نوراني جتي بہ روشن هوندي ان جڳهہ تي عين نور هوندو اهو نور بصر جو هوندو.

ان حديث مان برڪت وارين شين مان تبرڪ حاصل ڪرڻ جي محبت ۽ ان جو پري وارن شهرن ڏانهن نقل ڪرڻ ثابت ڪن ٿا. شارحن ان جي صراحت ڪئي آهي. والله اعلم بالصواب.[263]

ضميمو

ربع مسڪون(آباد دنيا) ۽ اهڙين شين جي بيان ۾ جيڪي انسان ته نه آهن، پر صورت انسانن جهڙي اٿن.

ڄاڻڻ گهرجي ته علم هيئت وارن جو چوڻ آهي ته زمين هڪ آهي ۽ اها گول آهي اها پاڻيءَ تي بيٺل آهي[263] ۽ ان جي هيٺين اڌ کي پاڻي محيط آهي مٿين اڌ جا ٻه حصا آهن. هڪ حصي ۾ پاڻي آهي، جيڪو زمين جي مٿان آهي، ۽ اهو سمنڊ وغيره جي صورت ۾ آهي، ٻيو جيڪو زمين جو ڪل چوٿون حصو آهي. خشڪ ۽ جهنگل آهي، جتي انسان ۽ ٻيا جانور رهن ٿا. اهي خيال انهن هيئت جي ماهرن جا آهن. جيڪي ڪنهن مٿاهين جبل تي رصد گاهه ٺاهي اهي ڳالهيون ڪن ٿا. ڪشف اللغات ۾ ان جي سمجهاڻي ڏنل آهي اهو هڪ منارو آهي، جيڪو اونچائيءَ ۾ ست سئو گزن کان به وڌيڪ آهي. اتان ويهي اهي ماهر تارن ۽ برجن کي ڏسن ٿا ۽ انهن جي ايرڻ ۽ لهڻ جو معائنو ڪن ٿا. اهي آسمان ۽ زمين جي حالتن کان واقف هوندا آهن. تنهنڪري رصد جي ڄاڻڻ کي علم نجوم جي قانونن جو ٺاهيندڙ چوندا آهن. هيئت دان چون ٿا ته زمين بال جي شڪل جيان گول آهي، زمين جي سيني طرفن جا ٽي سؤسٺ درجا ڪيا اٿائون. انسان جي سنڌن جي عدد جيترا جو اهي به ٽي سؤسٺ سنڌ آهن. انهن ٽي سؤ سٺ درجن مان هڪ سؤ اسي درجا جيڪو مجموع جو اڌ آهن هيٺين درياءَ جي پاڻي ۾ ٻڏل آهن. جو زمين ان درياءَ جي پاڻي تي بيٺل آهي، جيئن ليمبوءَ کي پاڻيءَ ۾ وڌائون ته اهو ڇيلهه تائين .جيڪو ان جو منطيق وسطي اعتبار ڪيل آهي پاڻيءَ ۾ ٻڏو ۽ باقي مٿيون اڌ جيڪو ڇيلهه کان مٿي آهي پاڻيءَ کان مٿي پاڻيءَ کان خالي رهيو. زمين به ائين اڌ پاڻيءَ ۾ ٻڏل آهي ۽ اڌ پاڻي کان خالي آهي. ان مان نوي درجا جيڪي ان اڌ جو اڌ آهن مٿين درياءَ جي هيٺان آهي، جيڪي ڪارو پاڻي ۽ ندين جي صورت ۾ آهي. يعني زمين جا ٽي حصا ٻه هيٺيان حصا ۽ مٿين جو اڌ پاڻيءَ ۾ آهن، باقي هڪ حصو جيڪو نوي درجا آهي خشڪ آهي ۽ خشڪيءَ تي رهڻ وارن جي قابل آهي. ان کي ”ربع مسڪون“ چوندا آهن. اهو خطئہ استويٰ کان ڇاهٺ درجا اتر ۾ آهي. اهي ڇاهٺ درجا ستن ولايتن (ڪندن) تي شامل آهن. خشڪيءَ جا سڀ حيوان انهن ڇاهٺ درجن ۾ رهن ٿا. باقي خشڪيءَ جا چوويهه درجا سرد آهن اتي هميشه برف پوي ٿي سخت سرديءَ جي ڪري اتي حيوان نٿا رهي سگهن. ڏکڻ ۾ ”ڪوهه قاف“ ۽ ڪاري درياءَ جي وچ تي ڪجهه ٽڪرو خشڪ آهي، اتي سخت گرمي آهي، سخت گرميءَ جي ڪري اتي به حيوان نٿا رهي سگهن. توڙي جو ٽي سؤ سٺ مان نوي درجا زمين خشڪ آهي پر رهڻ جي لائق رڳو ڇاهٺ درجا آهن [264] اهو بااعتبار مجموع جي ڇهه ۽ ڏهه ڀاڱي تي آهي. اهو سمورو تفصيل فرهنگ ابراهيم شاهي مان ورتل آهي. ڪشف اللغات ۾ آهي ته نوي درجا جيڪا خشڪ آهن ۽ زمين جي چوٿين پتي آهن. ان مان ٻاهٺ درجا برف جا جبل آهن اتي هميشه برف پوي ٿي. اهي شمالي درجا آهن، اتي آبادي ممڪن نه آهي. باقي خشڪيءَ جي نوي درجن مان اناويهه درجا آباد آهن ست ڪنڊ انهن اناويهن درجن ۾ آهن. اهي اناويهه درجا ڪاري سمنڊ ۽ برف جي جبلن جي وچ ۾ آهن. ۽ آباد آهن اهي اناويهه درجا بنسبت مجموع جي اٺويهه سجا تي ڀاڱي پنج آهن، اها وضاحت ڪشف اللغات جي آهي. ٻي هئيت جي ڄاڻن جي مطابق آهي ليڪن اهو سمورو

باطل ڪوڙ ۽ وڏي غلطي آهي. صاحب وحي ان جي باطل هئڻ تي گواهي ڏئي ٿو. پهريون تہ هو زمين ڪي گول چون ٿا ۽ اهو شرعي عالمن وٽ ثابت نہ آهي. [265]

۽ قرآني نص جي ظاهري معنيٰ جي خلاف آهن جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

وَإِلَى الْأَرْضِ كَيْفَ سُطِحَتْ (الغاشيہ آيت :20)

ترجمو: "۽ (ڏسو) زمين ڏانهن تہ ڪيئن وڇائي وئي آهي."

وَالْأَرْضَ بَعْدَ ذَٰلِكَ دَحَاهَا (النازعات آيت :30)

ترجمو: "۽ ان کان پوءِ زمين کي وڇايائين ."

الَّذِي جَعَلَ لَكُمُ الْأَرْضَ فِرَاشًا (البقره آيت :22)

ترجمو: "جنهن اوهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻايو."

قرآن مجيد جون اهي آيتون ظاهري معنيٰ جي اعتبار سان ڏس ڏين ٿيون تہ زمين سڌي سنئين يعني پٽراٽي جيان آهي.

ليڪن هو چون ٿا تہ زمين هڪ آهي جيتوڻيڪ شريعت ۾ ست زمينون ثابت آهن. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

اللَّهُ الَّذِي خَلَقَ سَبْعَ سَمَاوَاتٍ وَمِنَ الْأَرْضِ مِثْلَهُنَّ (الطلاق آيت :12)

ترجمو: " الله اهو آهي، جنهن ستن آسمانن کي بڻايو ۽ اوترين زمينون بہ."

زمين جو بنياد آسمان جيان فضا تي آهي. پاڻي تي نہ آهي. جيئن احمد بن حنبل ۽ ترمذيءَ ۾ حضرت ابو هريره کان روايت ٿيل حديث شريف ۾ آهي تہ هڪ دفعي پاڻ ﷺ جن صحابہ ڪرام کي فرمايو: [265] ڇا اوهان کي معلوم آهي تہ اوهان جي هيٺان ڇا آهي؟ صحابہ ڪرام عرض ڪيو الله ۽ ان جو رسول ﷺ وڌيڪ بهتر ڄاڻن ٿا. تنهن تي پاڻ ﷺ جن فرمايو تہ اوهان جي هيٺان ہي زمين آهي ۽ ان جي هيٺان هڪ ہي زمين آهي ۽ هر هڪ زمين جي درميان پنج سؤ سالن جو پنڌ آهي. پاڻ ﷺ جن ستن زمينن جو ذڪر فرمايو ۽ فرمايائون تہ هر هڪ زمين جي درميان پنج سؤ سالن جو پنڌ آهي. (رواه احمد بن حنبل ۽ ترمذي)

باقي جيڪو چوندا آهن تہ الله تبارڪ وتعاليٰ هڪ جوهر پيدا فرمايو ۽ ان تي پنهنجي هيبت جي نظر وڌائين تہ ڳري پاڻي ٿي ويو ۽ ان پاڻيءَ مان بخارات نڪتا ۽ انهن بخارات مان آسمان پيدا ڪيائين ۽ پاڻي جي گج مان زمين پيدا ٿي. ٿي سگهي ٿو تہ زمين جي پهرين خلقت ائين هجي ليڪن ان مان اهو معلوم نہ ٿو ٿئي تہ هينئر بہ زمين پاڻيءَ تي بيٺل آهي ۽ ان بابت ٻيا بہ قول آهن. انهن مان هڪ قول هي بہ آهي تہ زمين مڇيءَ جي پٺيءَ تي بيٺل آهي، جنهن کي "مهموت الارض" چوندا آهن. سورة نون ۾ "ن وَالْقَلَمِ وَمَا يَسْطُرُونَ" ۾ نون مان مراد اها مڇي آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ زمين ڪاري نانگ جي مٿي تي بيٺل آهي ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ ست ئي زمينون هڪ ٻئي سان مليل آهن. انهن ۾ فاصلو نہ آهي. والله اعلم بالصواب.

هاڻي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ اڪثر لطيف جسم انسان جي شڪل ۾ آهن ۽ آهن ۽ انهن مان اڪثر ملائڪ آهن ۽ ڪي ملائڪ ٻين جانورن جي شڪل ۾ آهن. ملائڪن جا اٺاويهہ گروهہ عربيءَ جي اٺاويهہ حروف تهجي جي اٺاويهہ شڪلين جيترا آهن. چوندا آهن تہ الف جو ملائڪ با جو ملائڪ تا جو ملائڪ "جام جهان نما" ۾ ائين ئي آهي ۽

عين الحياة ۾ ٻہ ائين آهي ۽ شيطان، جن، حورن ۽ غلمان پڻ انسان جي شڪل ۾ آهن ۽ فيلسوف، ملائڪن کي لطيف شيءِ مڃن ٿا پر شيطانن، جنن، حورن ۽ غلمانن جي وجود جا منڪر آهن.

دنيا جي حيوانن مان جيڪي حيوان بهشت ۾ داخل ٿيندا، اڪثر وٽ اهي پڻ انساني صورت ۾ هوندا. باقي اهي جانور ڪيترا آهن، ان بابت علماءِ ڪرام جا مختلف قول آهن، ڪن وٽ اهي پنج آهن، ۽ هر هڪ جدا جدا مختلف جانور لکيا آهن. انهن سڀني روايتن کي ملائڻ سان ڪل چوڏنهن جانور بيهن ٿا: شارع حموي اهي ڪل ڏهہ چوي ٿو. هڪ پاڻ ﷺ جن جي ڏاچي "قصويٰ"[266] ٻيو پاڻ ﷺ جن جو "براق" جنهن تي پاڻ سڳورا ﷺ معراج واري رات سوار ٿيا هئا. ٽيون پاڻ سڳورن ﷺ جن جو خچر، جنهن جو نالو "دلدل" هو. چوٿين صالح عليه السلام واري ڏاچي. پنجون ابراهيم عليه السلام جو گابو. ڇهون اسماعيل عليه السلام وارو گهٽو. ستون يعقوب عليه السلام وارو بگهڙ. اٺون حضرت عزير عليه السلام وارو گڏهہ. نائون حضرت موسيٰ عليه السلام واري ڳئون. ڏهين حضرت سليمان عليه السلام واري ڪول. يارهين حضرت يونس عليه السلام واري مڇي. ٻارنهون اهو هدهد پکي، جنهن حضرت سليمان عليه السلام کي بيبي بلقيس جي خبر آڻي ڏني هئي. تيرهون اصحاب ڪهف وارو ڪتو. چوڏهين جانور بابت مختلف قول آهن. ڪن وٽ ابرهہ بادشاهہ وارو هاٿي. جنهن جو نالو "محمود" هو ۽ ڪن وٽ پاڻ ﷺ جن جو گڏهہ شامل آهي. جنهن جي پاڻ ﷺ جن سان ايتري محبت هئي جو پاڻ ﷺ جن جي وفات کان پوءِ ان ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو. ان گڏهہ جو نالو يعفور هو ۽ ڪشف اللغات ۾ آهي تہ ان جانور ۾ ايتري صلاحيت هئي جو مؤمن ۽ منافق کي سڃاڻي وٺندو هو .

ياد رکڻ گهرجي تہ انهن جانورن بابت ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ اهي انساني صورت وٺي جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ پنهنجي اصلي صورت ۾ جنت ۾ داخل ٿيندا.

دنيا ۾ هڪڙيون اهڙيون شيون آهن، جيڪي انساني صورت رکنديون آهن. انهن مان هڪ "استرنگ" ٻوٽي آهي، اُجيڪا چين جي حدن ۾ پيدا ٿئي ٿي ۽ ها انساني صورت جيان آهي. چون ٿا تہ جيڪو ان کي پٽيندو، تہ اهو پاڻ مري ويندو[267] ۽ ان مان هن ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ جڏهن بي روح انسان جو قصاص آهي تہ انسان جي قتل ۾ قصاص ڇو نہ هئڻ گهرجي.

چون ٿا تہ جڏهن استرنگ ۾ ڪم هجي تہ ان جي پاڙ ۾ رسو ٻڌجي ان رسي جو ٻيو پاسو ڪتي جي ڪنڌ سان ٻڌجي، ڪتي کي پري کان گوشت ڏيکارجي، ڪتو گوشت ڏانهن ڇتو ٿيندو. اوڏانهن زور سان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو. استرنگ پاڙ کان پٽجي ويندو ۽ ڪتو مري ويندو. اهو ڪشف اللغات ۽ ابراهيم شاهي وغيره ۾ ذڪر ٿيل آهي. فرهنگ رشيديہ ۾ آهي تہ استرنگ ۽سترنگ ماڻهوءَ واري ٻوٽي ان جي پاڙ انسان جي صورت جيان آهي عربيءَ ۾ ان کي بيروج چون ٿا. ديروج جي وزن تي قاموس ۾چيل آهي تہ اها جنگلي صوف جي پاڙ آهي، جيڪا انساني صورت جيان آهي. باقي جيڪو چون ٿا تہ ان جو پٽيندڙ مري ويندو اهو غلط آهي شرف نامي ۾ آهي تہ ان کي هنديءَ ۾ "لڪمنان" چوندا آهن. اهو سمورو بيان فرهنگ جو آهي. ابراهيم شاهيءَ ۾ ائين ذڪر ٿيل آهي.

بيروج، "ب" کي ڪسره "يا" ساڪن "را" کي ضمہ "واو" ساڪن پڇاڙيءَ ۾ جيم، پورب ملڪ ۾ اوير واري پاسي کان ان ملڪ جا انسان جنگلي جانورن جو شڪار ڪرڻ ايندا آهن. ڪن کي سڀني عضون تي ڏکيا وار هوندا آهن، ۽ ڪن کي پيرن جي پيڏي اڳيان آهي ۽ پيرن جون آڱريون پويان آهن. اعتماد وارا ڏسي آيا آهن ۽ ائين ٻڌائن ٿا. والله اعلم:

چون ٿا تہ مشرق ۾ هڪ ٻيٽ آهي، جتان جا اڪثر جبل خالص سون جا آهن. چون ٿا تہ هڪ دفعي ان ٻيٽ

تي ڪتان جا سياح وچي نڪتا. اتان جا ٻار سون جي انهن ٽڪرن سان کيڏي رهيا هئا. اهو لقاءُ ڏسي سياحن چيو تہ جيڪڏهن اوهان ۾ ڪو عقل مند هجي ها تہ اوهان کي انهن سان راند ڪرڻ کان روڪي ها. تنهن تي انهن چيو تہ اوهان ۾ جيڪڏهن ڪو عقل مند هجي ها تہ اسان کي هن راند کان نہ روڪي ها. ان مان قرآن مجيد جي هن آيت ڏانهن اشارو ٿئي ٿو:

اِعْلَمُوٓا اَنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ وَّزِيْنَةٌ وَّتَفَاخُرٌ بَيْنَكُمْ وَتَكَاثُرٌ فِي الْاَمْوَالِ وَالْاَوْلَادِ (الحديد آيت:20)

ترجمو: "ڄاڻو تہ دنيا جي حياتي رڳو هڪ راند ۽ بي فائدي ۽ سينگار ۽ پاڻ ۾ فخر ڪرڻ ۽ مالن ۽ اولادن ۾ (هڪ ٻئي کان) گهڻائي طلبڻ آهي."

ٻيو هڪ اهڙو بيت بہ آهي جنهن ۾ اهڙا وڻ آهن، جنهن جو ميوو انساني شڪل جهڙو آهي ۽ اتان جا جانور پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا آهن ۽ اهي وڻ پڻ ڳالهائيندا آهن. ۽ جڏهن اها ٽاري وڻ مان پڇندي آهي تہ اها صورت مري ويندي آهي اهو ابراهيم شاهي ۾ بيروج لفظ جي تحقيق ۾ آيل آهي. ڪشف اللغات ۾ آهي تہ هڪ وڻ جو نالو واق آهي. ان جو ميوو انسان وانگر آهي، ڪي مرد جي شڪل ۾ آهن ۽ڪي عورتن جي شڪل ۾ ۽ اهوئي ڪمال حسن ۽ خوبي رکن ٿا. جڏهن ماڻهو انهن کي پهريون ڀيرو ڏسندو تہ هو سمجهندو تہ اهي سمورا ماڻهو اگهاڙا ڪري ٽنگيا ويا آهن. جڏهن عورتن جي سونهن ڏسندو تہ ان تي شهوت غلبو ڪندي. ان صورت سان جماع ڪندو. ڪشف اللغات جي قول ۽ ابراهيم شاهي جي قول ۾ فرق آهي. ان ۾ چيل آهي تہ ان وڻ جو نالو واق آهي ۽ هن ۾ آهي تہ واق ان سون جي جبل جو نالو آهي خاقانيءَ چيو آهي:

بس نماند کہ بيروج درزمين ختن

سخن سراى ستود چون درخت درو قواق

گهڻو وقت نہ ٿيو جو بيروج ختن جي زمين ۾ ڪچهري جوموضوع رهيو جيئن وقواق جوڙڻ

خلاصو ڪلام جو تہ واق ٻنهي ۾ ذڪر ٿيل آهي. وقواق ڪشف اللغات ۾ ذڪر ٿيل نہ آهي.

هن بيت مان معلوم ٿيو تہ استرنگ جهڙي طرح چين ۾ آهي ائين ختن ۾ بہ آهي ڪشف ۾ چيل آهي تہ ان وڻ جي ميووي جي شڪل ماڻهوءَ واري آهي، سمورا عضوا ماڻهوءَ وارا اٿس رڳوحس ۽ حرڪت نہ اٿس، چيائين تہ پروسي جوڳا ماڻهو ڏسي آيا آهن. ابراهيم شاهيءَ ۾چيائين تہ ان وڻ جو ميوو انسان جي صورت ۽ سمورن جانورن جي صورت ۾ ٿيندو آهي ۽ ڳالهائيندو آهي ۽ آواز ڪندو آهي. جڏهن وڻ کان جدا ٿيندو ان وقت ئي مري ويندو. فرهنگ رشيديہ ۾ چيل آهي تہ وقواق اهڙو وڻ آهي جو ان وڻ جو ميوو انسان ۽ ٻين جانورن جي شڪل ۾ آهي ۽ جيستائين وڻ ۾ هوندو آهي ڳالهائيندو آهي. ڪي چون ٿا تہ ان جزيري جو نالو "ڪوه جزيره" آهي. جنهن ۾ اهو وڻ ٿيندو آهي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ انهن وڻن مان "واق" جو لفظ ٻڌو ويو آهي، تنهن ڪري ان جو نالو وقواق آهي ۽ ڪي ان کي "دانا" جي نالي سان سڏيندا آهن.[268]

هي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ ڪن ٻيٽن ۾ اهڙا جانور رهن ٿا، جيڪي انساني صورت رکن ٿا، پر انهن کي هڪ پير آهي. جنهن کي "نسناس" چيو وڃي ٿو. ڪي ان کي انسانن مان شمار ڪن ٿا ۽ ڪي ان کي انسان شمار نہ ٿا ڪن. والله اعلم بالصواب.

اهي انسان، جيکي پاڻي ۾ رهن ٿا. انهن جا مختلف قسم آهن. انهن مان ڪي هڪ هٿ جيترا ۽ ڪي انساني قد جيترا آهن. چون ٿا تہ چين ولايت ۾ هڪ درياءَ آهي، اهي اتي رهن ٿا ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ ان درياءَ جو نالو "بحر اخضر" آهي ۽ اهي رات جي وقت ٻاهر اچي راند ڪندا آهن ۽ ڏينهن جو پاڻيءَ ۾ هليا ويندا آهن. اهڙي قسم جون حڪايتون ڪوڙ ڪتابن ۾ آيل آهن. والله اعلم بالصواب.

الله تبارڪ وتعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان هن ڪتاب بنام "ينابيع الحيواة الابديہ في طريق الطلاب النقشبنديہ" جي تاليف ڪان سنہ 1156ھ ۾ فراغت حاصل ٿي.

جمل جي حساب سان هي تاريخ هن مصرع مان ڪڍيم "ڪتابم همہ داد خوبي براده"

اللّٰهم لک الحمد علي التمام ولک الشکر علي غاية هٰذا المرام اللّٰهم متعنا بہ وسائر الطالبين واجعلنا من الذين يستمعون القول فيتبعون احسنہ! آمين يا رب العالمين.

کتاب

(الف)

ابوداؤد: 17، 27، 28، 29، 30، 31، 32، 40، 63، 64، 66، 77، 94، 108، 110، 111، 116، 127، 131، 135، 170، 178، 179، 194، 209، 211، 212، 213، 224، 231، 236، 245، 265، 266، 268، 272، 273، 296، 297، 303، 310، 317

ابن ماجہ: 27، 28، 40، 51، 57، 59، 89، 94، 126، 130، 132، 133، 138، 141، 142، 151، 160، 175، 200، 220، 223، 224، 225، 226، 244، 245، 253، 258، 282، 292، 297

الاشباه والنظائر: 39، 130، 157، 212، 216، 302، 307

احیاء العلوم: 96، 286، 318

ابن سیرین: 45

ابن حبان: 132، 254

الکلم الطیب: 148

الحظر والا باحة: 42

البعث والنشور: 51

المعجم الاوسط للطبراني: 213

اسرار النکاح: 222، 226

الانموذجة: 235

ابراهیم شاهي: 322، 323

البلاغ المبین: 257، 296، 297

آداب القضا: 257

انجیل: 293

الریاض: 309

(ب)

بخاري: 29، 30، 37، 44، 55، 58، 65، 74، 75، 76، 77، 84، 90، 94، 98، 103، 105، 106، 107، 115، 118، 120، 124، 125، 126، 128، 136، 137، 138، 139، 143، 150، 151، 158، 159، 160، 161، 166، 167، 170، 171، 176، 178، 180، 213، 221، 222، 223، 225، 227، 230، 234، 248، 249، 250، 252، 254، 264، 265، 273، 289، 291، 292، 301، 303، 304، 305، 310، 314

بیهقي: 29، 30، 31، 32، 51، 69، 71، 77، 78، 89، 98، 116، 140، 145، 161، 169، 175، 176، 177، 181، 202، 219، 222، 223، 225، 240، 241، 245، 248، 256، 259، 265، 297، 309، 310

بستان: 40، 206

بسطاميؒ: 110

برهنہ: 206، 275

بلاغ المبین: 260

بحرالرائق: 274

بلاغ مبین: 286

(ت)

تفسیر بیضاوي: 143، 258، 259، 261، 302، 316، 317

ترمذي: 17، 26، 27، 28، 29، 31، 32، 47، 52، 57، 58، 72، 85، 88، 99، 111، 112، 113، 115، 116، 120، 128، 132، 141، 144، 145، 151، 154، 155، 160، 166، 167، 175، 178، 181، 186، 194، 202، 208، 209، 211، 212، 213، 214، 219، 220، 226، 227، 231، 245، 258، 266، 272، 276، 282، 286، 289، 292، 303، 304، 307، 308، 314، 315، 321

تمیم داري: 25

تفتازان: 24، 54، 193

تلخیص المفتاح: 24

تجلیة القلوب عن سواءِ الذنوب: 147

تنبیه الغافلین: 28، 46، 86، 88، 156

تفسير درمنشور: 150
تفسير بيضاوي: 48، 51
تفسير مدارك: 51، 144
تحليه القلوب عن سواد الذنوب: 53
تفسير مختصر البيان: 54
تكميل الايمان: 56
توريت: 163
تفسير حسيني: 100، 185، 304، 306، 307، 309
تكميل الايمان: 243

(ج)

جامع الاصول: 29، 266، 314
جامع العلوم: 30
جامع المعجزات: 90، 272
جامع الفتاوىٰ: 256
جامع الرموز: 267
جمع الجوامع: 314

(ح)

حاشيہ مظهرين: 104
حصن حصين: 122، 132، 135، 151، 213، 214
حيرة الفقهاء: 137

(خ)

خلاصة: 65، 93
خزانة: 65، 307

(د)

دارمي: 62، 78، 99، 126، 138، 209، 219، 245، 248، 249،
دارقطني: 146، 304
درهم الكيس: 238، 241

(ر)

رزين: 29، 99، 105، 134، 175، 222، 230
ردع الرغائب عن صلوٰة الرغائب: 157
رياض الصالحين: 170
رسالہ تاج الدين بن مهدي زمان: 187
رسالہ شطاريہ: 199
رسالہ الارواح: 239، 241
رسالة المعراجية: 239
رسالہ مانعة الغناء: 292
روضة الاحباب: 302
رسالہ رياض المستطابہ: 315

(ز)

زواجر: 79
زاد المسلمين: 243
زاد لليب: 243

(س)

سيرة: 103
سراج المنير: 249، 256، 260
سيرت گازروني: 261
سنن الدارمي: 272
سنن ابي داؤد: 314
سنن نسائي: 314
سنن ابن ماجہ: 314
سفر السعادة: 318

(ش)

شرح السنة: 27، 28، 29، 30، 46، 52، 127، 160، 181، 228، 266، 292
شرح شمائل ترمذي: 125
شرح الطيبي: 125
شرح الاشباه: 38، 67، 87، 88، 91، 92، 93، 95، 96، 103، 129، 273، 274
شرح حسامي: 87، 234، 259
شرح وقايه: 41، 87، 91، 123، 273
شرح مشكواة: 99، 135، 263، 286
شرح عقائد نسفيه: 42، 54، 55، 57، 88، 209
شرح عقائد جلالي: 48
شمائل محمديہ: 68، 76، 162
شرح متون الفقہ: 83

شرح حصن حصين: 146
شرح ام البراهين: 193
شرح مبري: 256
شرح منهاج: 256
شاهنامہ: 259
شرح التحقيق: 262

(ط)

طوطي نامہ: 282

(ص)

صوامق محرقہ: 317
صراط المستقيم: 318

(ع)

عقائد سنيه: 42، 47، 48، 56، 93، 245
عقائد نسفيہ: 69
عوارف المعارف: 129، 170، 179، 182، 220، 257
عمدة الاسلام: 206
عدت الجليل من مواهب الخليل: 216، 235
عقيده معينيہ: 238، 241
عين الحياة: 321

(غ)

غنية الطالبين: 46، 57، 58، 59، 63، 64، 65، 81، 85، 186، 261
غاية المرام في فضل صلوٰة عليٰ سيدالانام: 90، 236
غنية المتصلي شرح منية المصلي: 92، 93، 123، 129، 151، 154، 157

(ف)

فتويٰ قنيه: 38، 124
فوائد الفواد: 122
فتويٰ برهنه: 46، 47، 56، 65، 79، 93، 122، 127، 135، 137، 148، 151، 160، 206، 207، 213، 214، 221، 245، 257، 263، 271، 297، 308
فتويٰ نسفيه: 148
فيروزشاهي: 243
فرهنگ رشيدي: 263، 270، 271، 322، 323
فرهنگ ابراهيم شاهي: 270، 320

(ق)

قوة القلوب: 13، 15، 19، 129، 170، 178، 179، 180، 181، 182، 207، 220، 286
قصيده برده: 161
قاموس: 263، 264

(ک)

كنزالعمال: 150، 266
كنزالدقائق: 38، 274
كشف اللغات: 83، 143، 247، 263، 271، 278، 294، 320، 322، 323
كنزالعرفان: 93، 95، 96، 100، 163
كشف المحجوب: 111، 162، 163، 204، 205، 220، 250، 257، 278، 282، 283، 284، 285، 286، 297، 317
كيمياءِ سعادت: 179
كتاب القبور: 234
كافي: 266، 273
كشاف: 302

(گ)

گلشن راز: 278

(م)

مجمع البحار: 12، 14، 122، 125، 128، 143، 145، 157، 206، 211، 220، 235، 247، 261، 263، 264، 266، 311، 317، 318
مواهب لدنيہ: 68، 233، 236، 285
معدن المعاني: 122
مسند امام احمد: 50، 89، 166، 220، 224، 251
مقام شرح بخاري: 12
مكتوبات منيريہ: 58، 59، 60، 65، 81، 110، 128، 156، 174، 182، 280، 281، 285، 295

مسلم شريف: 14، 15، 25، 26، 29، 30، 31، 34، 37، 49، 55، 58، 74، 75، 76، 77، 81، 84، 89، 90، 98، 102، 103، 105، 106، 107، 108، 115، 120، 122، 125، 126، 128، 136، 137، 138، 139، 143، 145، 151، 156، 158، 159، 161، 166، 169، 170، 171، 178، 213، 222، 223، 225، 227، 234، 233، 256، 266، 289، 291، 292، 301، 303، 304، 305، 307، 310، 314

مثنوي: 16، 34، 56، 47، 96، 99، 160، 164، 172، 177، 178، 202، 205، 209، 249، 250، 252، 275، 278، 280، 282

معارف العلوم: 105، 148، 257، 285، 308

مشكواة: 25، 31، 32، 38، 57، 70، 71، 81، 127، 151، 159، 164، 214، 220، 232، 256، 261، 265، 271، 275، 289، 315، 319

موطا امام مالكؒ: 83، 292، 314

منية المصلي: 127، 147

مصابيح: 30، 314

مسبوط: 131، 256، 296

معجم: 132، 240

مستدرك حاكم: 153

مظهرالانوار في صلواة علي سيد الابرار ﷺ: 155

محيط: 256، 308

مواعظ الاتقياء: 163، 164

معراجيه: 190

مطول شرح تلخيص المتاح: 193، 271

مغني: 257

مانعة الغناء: 257، 260، 293، 297

مدارك: 258

مختصر التبيان: 258

مولود عفيفي: 261

جامع المعجزات: 261

مناقب اهل بيت: 265

مطالب المؤمنين: 308

(ن)

نسائي: 40، 63، 95، 106، 111، 132، 151، 171، 194، 224، 226، 245، 251، 254، 257، 319

نفحات السالكين: 81

نوادر البرهانيه: 256

نصاب الاحتساب: 260، 267، 286، 293

(و)

وقائع البدعات: 257

(هـ)

هدايه: 123، 266، 275

شخصيات

(الف)

ابوبکر صدیقؓ: 47، 124، 131، 174، 233، 250، 253، 272، 309، 310
ابوهريره ﷺ: 14، 34، 35، 49، 55، 65، 73، 74، 76، 88، 89، 90، 98، 101، 106، 107، 108، 127، 130، 133، 135، 136، 137، 138، 139، 158، 159، 160، 161، 166، 167، 168، 170، 175، 178، 181، 202، 208، 211، 212، 213، 223، 225، 226، 229، 236، 241، 248، 291، 292، 304، 308، 310، 311، 321، 397
ابوسعید خراز: 290
ابن عباس: 159
ابوعمير: 301
ابوذرؓ: 282
ابوعلي رودباري: 284
امام احمد: 159، 175، 241
اسحاق موصلي: 284
ابوطيب طبري: 257
ابو عبدالرحمٰن سلمي: 290
امام سرخسي: 275
افلاطون: 284
ابن عبدالمطلب: 301، 302
آدم عليه السلام: 281، 301، 302، 303
ابراهيم بن يوسف: 303
اميہ بن ابي صلت: 305
امام شعبيؒ: 309
ابن رواحہ: 309
امام ابوالحسن کرخي: 312
ابوبکر رازي: 312
ابوسعيد بردعي: 312
امام نووي: 317
ابن حريج: 317
ابن حبان: 317، 318
ابن ابي حاتم: 317
ابن قيحہ: 317
ابن تيمہ: 317
ابرھہ: 322
ابن سيرين: 15
ابن مبارک: 65، 147
ابوسعيد خدريؓ: 66، 106، 141، 169، 171، 219، 310
انسؓ: 25، 26، 56، 68، 69، 71، 83، 111، 125، 130، 141، 144، 151، 175، 178، 211، 223، 224، 231، 236، 219، 256، 259، 272، 295، 300، 301، 309
ابوثعلبه: 28، 174، 296
ابن عباس: 26، 30، 79، 131، 143، 145، 146، 147، 170، 225، 239، 241، 253، 265، 302، 316، 317
ابومحمد عبدالوهاب: 79
ابي سعيد الخدريؓ: 26، 230، 296، 318
ابن حجر مکي: 79، 318
ابوالليث سمرقندي: 28، 71، 91، 157، 162، 206
ابن عمرؓ: 124، 128، 146، 167، 175، 178، 265، 268، 301، 302، 309
ابو ذرؓ: 29، 32، 93، 132، 144، 177، 181
ابن اسحاق: 103
احمد: 29، 32، 73، 76، 78، 85، 101، 103، 104، 108، 111، 126، 132، 140، 170، 222، 224، 225، 227، 268، 276، 212، 289، 297، 310

ابو درداءؓ: 29، 110، 256، 309
ابو نعیم: 110، 240
ابویوسفؒ: 39، 135
ابو امامہ باهلیؓ: 95، 103، 141، 180، 223، 258، 265، 289
ابوحنیفہؒ: 39، 41، 57، 62، 123، 135، 138، 144، 207، 217، 256، 257، 261، 273
ابو فاطمۃ: 171
ابو خلادؓ: 175
ابو عامر: 264، 265
ابی بن کعبؓ: 213، 214، 304
ابن ابی سعدؓ: 218
ابن ابی دینا: 234، 241
ابن عبدالبر: 234
ابو زرعۃ: 259
ابو حامد غزالیؒ: 255، 262، 285، 292، 295، 318
ابو مسعود انصاری: 254
ابن نجار: 236
ابن زبالۃ: 236
ابو علی سینا: 190
ابو صالح: 120
امام حسن بصریؒ: 46
ابن قربطیء: 284
ابوموسیٰ: 124، 166، 218
ابورمثہؓ: 131، 133
ابن وهب: 147
امام محمدؒ: 62، 131، 135، 179، 256
امام شافعیؒ: 62، 135، 217، 240، 243، 256، 257، 261، 311، 312
ام سلمہؓ: 120، 138
ابن مردویہ: 317
اومانی: 143
امام غزالیؒ: 70
ابراهیم علیہ السلام: 144، 146، 218، 241، 322
ابراهیم بن میسره: 71، 309
ابن جوزی: 146، 315، 317
الاغرالعزنیؓ: 81
ابوالفضل: 148
ابن عساکر: 317
اصمعی: 81، 148
ابوالجهیم بن حارثؓ: 127
ابراهیم خواص: 127
ارزق بن قیس: 131
امام احمد بن حنبل: 148، 217، 256، 258، 259، 261، 265، 312، 315، 321
اسماء بنت یزیدؓ: 140
اسماعیل علیہ السلام: 141، 322
ابراهیم حلبی: 157
ابراهیم نخعی: 257، 311
ابراهیم تیمی: 159
ابراهیم متوکل: 249
ابراهیم بن ادهم: 162
ابن همام: 233
ابو یزید بسطامی: 163، 317
ابو مالکؓ: 265، 312
امام مالکؒ: 169، 217، 240، 256، 257، 261، 292
امرءالقیس: 255
امام علی رضاؒ: 265

(ب)

بزازه: 41
بلالؓ: 128، 162، 292
براء بن عازب: 144، 249، 301، 305

بريدةؓ: 272، 292
بهاءالدين نقشبند: 289
بي بي بلقيس: 322

(ث)

ثوبانؓ: 50، 138، 213
ثابت بن موسیٰ: 316

(ج)

جرير بن عبدالله: 26، 182
جابرؓ: 28، 74، 106، 150، 202، 222، 230، 252، 259، 307
جندب بن عبداللهؓ: 125، 300
جنيد بغدادي: 126، 285
جامي: 185
جبرئيل عليه السلام: 218، 295، 305، 306، 307
جلال الدين سيوطي: 290

(ح)

حارث بن اسامہ: 318
حسن بصري: 311
حسان بن ثابت: 305، 306، 309
حذيفةؓ: 14، 73، 134، 169، 222، 248
حفصةؓ: 104
حفص بن عاصمہ: 124
حارث بن وهب: 30
حسن بن زياد: 123
حسينؓ: 37
حسنؓ: 37، 85، 223، 257، 289
حموي: 38، 41، 42، 65، 67، 87، 92، 93، 103، 129، 157، 216، 273، 274، 302، 303، 307، 322
حضرت مالکؓ: 175
حسين كرد: 185
حماد بن سليمان: 257
حسامي: 262، 298

(خ)

خضر عليه السلام: 22
خديجةؓ: 170، 182
خواجہ عبدالحق غجدواني: 183
خواجہ بهاءُالدين: 289
خليل بن احمدي بصري: 302

(د)

داؤد عليه السلام: 28، 33، 105، 136، 146، 202
داؤد بن محبر: 318
دراج: 284
ديلمي: 259

(ذ)

ذوالنون مصري: 81، 163، 164، 185

(ر)

رافع بن خديجؓ: 108
ربيع: 105، 254، 276

(ز)

زيد بن ارقمؓ: 145
زيد بن اسلمؓ: 36
زيد بن خالد: 137
زبير بن عوامؓ: 38
زينت بنت جحشؓ: 168
زرقشي: 317

(س)

سهل بن عبدالله تستري: 13، 95
سيوطي: 129، 146، 147، 234، 235، 237، 239، 240، 241
سهل بن حنظله: 39
سعدؓ: 112

سيده فاطمةؓ: 162
سلمان فارسيؓ: 208
سعيد بن المسيب: 211، 236، 312
ساده: 241
سماد ۓ كعب: 248
سفيان ثوري: 257
سري سقطي: 285
سفيان بن حارث: 301
سعيد بن ابي وقاص: 310
سليمان عليه السلام: 322

(ش)

شيخ شهاب الدين سهروردي رحمة الله عليه: 12، 142
شيخ نورالدين محمد: 53، 120، 155
شيخ ابوالعباس مرسي: 99، 297
شيخ ابوالعباس مالكي: 256
شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني قدس سره: 13، 46، 57، 62، 186، 243، 257، 261، 297
شيخ نورالدين علي المقدسي: 157، 207
شيخ ابن جوزي: 55
شيخ جنيد بغداديؒ: 13، 283
شيخ نورالدين: 134
شيخ جلال الدين سيوطي: 40، 148، 150، 225، 314، 317
شيخ ابي سعيد خراز: 13، 82
شيخ عبدالوهاب شعراني: 42
شيخ نووي: 13، 124، 302
شيخ عبدالحق: 26، 27، 32، 38، 81، 86، 90، 95، 99، 127، 131، 132، 135، 138، 141، 142، 144، 146، 148، 151، 157، 159، 182، 220، 230، 232، 233، 234، 236، 237، 240، 242، 243، 250، 256، 258، 261، 264، 265، 266، 271، 273، 286، 287، 289، 304، 305، 307، 311، 314، 315، 316، 318
شداد بن اوسؓ: 89، 231
شيخ ابوالرحمٰن سليمي: 255
شيخ ابي فضل: 249
شيرين فرهاد: 248
شيخ عبدالله: 162
شيخ ابوالقاسم: 204، 256
شيخ ابن الهمام: 256
شيخ ابوالحارث نسائي: 257
شيخ ابوالعباس شفاني: 257
شعبي: 257، 303، 311
شمس الائمہ سرخي: 271
شيخ ابومحمد حريري: 283
شيخ ابوسلمہ بن غالب: 283
شيخ ابوطالب مكي: 285
شيخ ابوالحارث بنياني: 297
شيث عليه السلام: 302
شيخ عبدالكريم: 303
شريح: 311
شيخ ابوعلي بن شهاب الدين صديقي: 315
شيخ ذهبي: 315
شيخ فضيل بن عياض: 256
شيخ ابونصر سراج: 162
شيخ عبدالعزيز بن عمر نسفي: 199
شيخ عبدالله بن سحل اصفهاني: 201، 204
سيخ حيات حراني: 243
شيخ ابن سعيدؓ: 254
شمس الائمه حلوائي: 131
شيخ ابوبكر شبلي: 203
شيخ طيفور بسطامي: 173

(ص)

صديق اكبرؓ: 52، 140
صفوان بن عسالؓ: 49
صحيح ابن حبان: 314
صحيح ابن خزيمه: 314
صالح عليه السلام: 322

(ط)

طيبي: 25، 27، 50، 70، 168، 305، 306
طبراني: 317
طحاوي: 218
طلق بن عليؓ: 319
طبراني: 132، 143

(ع)

عثمانؓ: 124، 181، 272
عثمان بن مظغونؓ: 181
عياض بن صمار المجاشعيؓ: 15
عبدالله بن عمروؓ: 63، 102، 168
عقبه بن عامرؓ: 128، 141، 169، 309
عبدالله بن مسعودؓ: 26، 27، 39، 46، 56، 58، 76، 113، 168، 186، 211، 239، 244
عبدالله بن عباسؓ: 52، 94، 102، 104، 166، 171، 181، 213، 309
عيسىٰ عليه السلام: 28، 146، 168، 171، 212، 224، 292، 293
عبدالله: 98
عبدالله بن عمرؓ: 29، 39، 47، 74، 78، 89، 102، 110، 124، 136، 160، 168، 221، 230، 240
عباس ابن مرداس: 51، 54، 68
عكرمه بن وهب: 30
عباده بن صامتؓ: 94
عائشةؓ: 36، 57، 64، 77، 103، 114، 118، 120، 125، 133، 136، 138، 144، 166، 182، 212، 224، 232، 233، 234، 250، 252، 253، 254، 260، 261، 272، 273، 276، 286، 287، 304، 305، 309
عمرو بن شعيب: 98، 272
عمرؓ: 36، 37، 89، 99، 108، 124، 127، 131، 132، 213، 233، 257، 272، 276، 286
عليؓ: 40، 57، 66، 67، 213، 224، 241، 257، 272، 305، 309، 317
عطا: 131، 303
عبدالرحمٰن بن غنم: 132
عبدالله ابن مبارك: 147
عثمان بن حنيفؓ: 155، 245
عبدالله بن ابي اوفيٰ: 154، 212
عبدالله بن ابي يعمر: 159
عبدالرحمٰن: 233
عامر بن سعيدؓ: 254
علي بن عثمان جلابي: 257
علي بن يزيد: 258، 259
عاد ء ثمود: 259
عبدالخالق: 284
عبدالله بن جابر: 285
عبدالله بن زبيرؓ: 258
عمر بن شريف: 304
عمر بن شعيبؓ: 307
عامر بن عبدالله بن زبير: 159، 254
علامه قصيري: 237
علي بن حسينؓ: 175
عقبه بن غزوانؓ: 162
عكرمهؓ: 213، 316
عقيل منجي: 243

عمران بن حصينؓ: 162، 177، 226
عذرا وامق: 248، 255
علي بن عثمان جلابي: 257
علي بن يزيد: 258، 259
عاد ؑ ثمود: 259
عبدالخالق: 284
عبدالله بن جابرؓ: 285
عبدالله بن زبيرؓ: 285
عمرو بن شريف: 304
عمرو بن شعيبؓ: 307
عبدالله بن رواه: 306
عقلمه: 311
عصمة نوح بن ابي مريم: 316
عمارؓ بن ياسر: 317
عزيز عليه السلام: 322

(ف)

فقيه ابوالليث: 40
فاروق اعظمؓ: 52
فرعون: 78، 163، 181
فضيل بن عياضؓ: 277

(ق)

قاضي ابوبكر: 149
قتادهؓ: 105، 249
قارون: 78، 163
قاضي ناصرالدين: 158، 159
قاضي تاج الدين: 218
قيلة بنت مخرمة: 230، 231، 251
قرظ بن كعبؓ: 254
قابيل: 301

(ک)

كعبؓ: 99، 309
كرخي: 123
كبشة انصاريؓ: 98
فضالة بن عبيدؓ: 102
كثير بن مره: 171
كتب الزهد: 175
كثير بن هشام: 303
كعب بن زهير: 305
كعب بن مالک: 306

(ل)

لقمان: 137
لبيد عاموي: 304

(م)

مالک: 175
مالک بن انس رضی اللہ عنہ: 12
ملا علي قاري: 120، 146، 157، 185، 257
ملا عصام: 48
ملا تفتازاني: 48
محمد بن خالد اسلميؓ: 111
مكحولؒ: 133
ماعز بن مالک اسلمي: 63
موسیٰ عليه السلام: 146، 181، 182، 279، 322
مرزا محمد خليل بدخشاني: 157
محمد طاهر فتني: 157، 311
معاذ بن انسؓ: 32
مقداد: 33، 160
معاذ: 115
معاذ بن جبلؓ: 46، 52، 53، 224
مولانا محمد هاشم نتويؒ: 90
مسروقؒ: 136، 239، 311
مرداس اسلميؓ: 167
محمد بن حاطب جحمي: 276

معاويہؓ: 170، 178، 257، 285، 296، 306، 309
مرزا خليل: 216
مولانا نورالدين: 216
مقاتل بن سليمان: 221
معقل بن يسارؓ: 224
موسيٰ كاظمؒ: 243
ملا حسين كاشفي: 281
محي الدين: 314

(ن)

نورالدين محمد: 124، 293
نافعؒ: 127، 265
نوح عليه السلام: 146
نعمان بن بشيرؓ: 210
نضر بن سهيل: 212
نسائي: 259

(و)

وقيع: 258

(هـ)

هزال بن نعيم: 63
هامان: 78
هير رانجها: 248
هابيل: 301

(ي)

يحييٰ بن معاذ رازي: 46، 317
يحييٰ بن معين: 259
يحييٰ بن سعيد: 292
يعرب بن قحطان: 302
يعقوب عليه السلام: 322
يونس عليه السلام: 322

[illegible]

فقیہ ابواللیث: 40
فاروق اعظمؓ: 42
فرعون: 78، 105، 181
فضیل بن عیاضؒ: 277

[illegible]

قاضی ابوبکر: 149
قتادہؓ: 104، 249
[illegible]
قاضی ثناء اللہ: 158، 159
قاضی تاج الدین: 216
قیلہ بنت مخرمہ: 206، 231، 251
قرظہ بن کعبؓ: 251
قابیل: 301

[illegible]

[illegible] 99، 109

[illegible]

ملا علی قاری: 120، 146، 171، 183، 259
ملا حسن: 88
ملا تفتازانی: 44
محمد بن خالد اسلمیؓ: 113
مکحولؒ: 133
ماعز بن مالک اسلمیؓ: 63
موسیٰ علیہ السلام: 146، 181، 183، 279، 323
مرزا محمد جان جاناں: 157
محمد طاہر فتنی: 169، 314
معاذ بن انسؓ: 32
مقداد: 33، 160
معاذ: 115
معاذ بن جبلؓ: 44، 49، 81، 216
مولانا محمد هاشم [illegible]: 99
مسروقؒ: 124، 239، 311
مرداس اسلمیؓ: 167
محمد بن حاطب جمحی: 276

سنڌي ادبي بورڊ



سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيل ڪجهه ڪتاب











